سچل جو ڪلام

عرف

عاشقي الهام

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

DONATED BY:
Syeda Fareeda Shah
D/o Syed Ali Anwar Shah

اين سخن ني شعر و طامي
اين همه ذكر ست و آيات وخبر
(آشكار)

(اي منهنجا پٽ، هي منهنجي ڳالهه نه شاعري ۽ نه افسانو آهي. هي سمورو ذكر الله تعالي ۽ الله جون آيتون ۽ رسول پاڪ جون حديثون آهن.)

سچل سرمست جو ڪلام

عرف

عاشقي الهام

مُحرر بنده
درگاه عرش اشتباه حضرت شاه دراز
علي گوهر ابن مرحوم قاضي علي اڪبر درازي

سچل چيئر
شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور سنڌ

سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام

چاپو: پهريون

سال: **1995**

ڇاڻيتو: هڪ هزار

ڇپائيندڙ: سچل چيئر- شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور سنڌ

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: عبيدالله انور ميمڻ

ڊزائين ۽ ڇپيندڙ: انڊس ڊيلٽا ڪميونيڪيشن، ڪراچي سنڌ

فون: 5682384 (021)

قيمت 300 رپيا

(اوچي پني ۽ پڪي جلد سان 350 رپيا)

SACHAL-JO-KALAM Urf ASHQUI ILHAM

First Edition: 1995
Copies: 1000
Publisher: Sachal Chair,
Shah Abdul Latif University, Khairpur Sindhi.
Computer Composing: Ubaidullah Anwar Memon
Design & Printing: Indus Delta Communication,
Karachi, Sindh.
Phone: (021) 5682384

Price: Rs. 300/= per copy

(Special copy Rs: 350/=)

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

DONATED BY:
Syeda Fareeda Shah
D/o Syed Ali Anwar Shah

پيش گفتار

سچل سرمست جي فڪر جي تحقيق ۽ ترتيب لاءِ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ۾ سچل چيئر جو قيام ٿيو. سچل سرمست اهو عظيم شاعر آهي جنهن جي شاعري تصوف جي بنياد تي بيٺل هڪ عظيم شه پارو آهي، جنهن جو مثال دنيا ۾ گهٽ ملي ٿو.

سنڌ جي تهذيب، ثقافت، تمدن ۽ لسانيات جي قديم خصوصيات تي مبني سچل سرمست جي رسالي کي مڪمل ۽ مستند طور پيش ڪرڻ لاءِ ڪنهن به هڪ ماڻهوءَ جي ڪوشش ڪافي نه آهي. انهيءَ سلسلي ۾ يونيورسٽين جو هڪ مثالي ڪردار گهڻ پاسائين هئڻ سان گڏوگڏ اصولي طور تي اهو به آهي ته اهي تعليم ۽ تحقيق کي فروغ ڏيارين.

سچل چيئر انهيءَ مقصد کي پورو ڪرڻ لاءِ نهايت محنت سان نيٽ انهيءَ ڪم کي سرانجام ڏنو آهي، جيڪو هن عظيم شاعر جي لافاني ۽ آفاقي شاعري کي سهيڙي ۽ پيٽي پيش ڪري رهي آهي.

مون لاءِ اهو نهايت خوشي جو موقعو آهي ته سنڌ جي هن صوفي شاعر جي باڪمال شاعري جو مڪمل سنڌي ڪلام شاهه عبداللطيف يونيورسٽي طرفان چپجي پڌرو ٿي رهيو آهي، جيڪو نه صرف سنڌ بلڪ سنڌ کان ٻاهر به سچل جي فڪر ۽ پيغام پهچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو.

هن رسالي کي پايه تڪميل تائين پهچائڻ لاءِ مان خاص طور تي سچل چيئر جي ڊائريڪٽر پروفيسر سخي قبول محمد فاروقي صاحب ۽ انهن سڀني محققن کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو جن هن عظيم ورثي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪاوش ڪئي آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر بشير احمد شيخ

وائيس چانسلر

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور سنڌ

چيئر ياران

شاعري پيغمبرانہ صفت آهي جنهن ۾ هڪ رواني، موسيقي ۽ لفظن جون ڪڙيون هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هجن ٿيون. شاعر نہ صرف پنهنجي دور جي عڪاسي پنهنجي شاعري ذريعي ڪن ٿا پر هو وقت کان اڳ پيدا ٿي مستقبل بابت سچائي جو تصور بہ پيش ڪرڻ جي سگهہ رکن ٿا.

سچل سرمست جي شاعري، صوفي شاعرن جي فڪر، درس ۽ پيغام جو اعليٰ نمونو آهي جنهن ۾ خالق ۽ مخلوق جي لاڳاپي جي حقيقت کي بنياد بڻائي خود اعتمادي ۽ خودشناسي جو پيغام ڏنو ويو آهي.

وحدت الوجود جي فلسفي ڏانهن اڄ پوري دنيا جو لاڙو اپريو آهي. اهوئي فلسفو سچل سرمست ارڙهين صدي جي ابتدا ۾ ائين پيش ڪيو جو اڄ بہ سندس شاعري ماڻهن کي وجد ۾ آڻي جهومايو ڇڏي.

سچل سرمست سنڌ جو اهو واحد شاعر آهي جنهن مشرق جي مروج مختلف هولين ۾ ڪامياب شاعري ڪئي آهي ۽ سندس شاعري کنهن بہ هڪ خاص طبقي ۽ هولي تائين محدود نہ رهي آهي. پر ان جو پڙاڏو دور دور تائين هولي جي حدن کان مٿانهون ٿي گونجندو رهيو آهي.

سچل سرمست جي شاعري، ڪائنات، انسان، مذهبي رواداري، عشق ۽ ٻين اهڙن عالمي آفاقي موضوعن بابت موسيقيت جو نادر نمونو آهي.

سچل چيئر شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي پنهنجي عرصي جي تحقيق کان پوءِ سچل سرمست جي مڪمل سنڌي ڪلام پيش ڪري رهي آهي جيڪو قاضي عل ڪوهر جي ڪاوشن سان مرتب ڪيل آهي. هن رسالي کي قديم ۽ مستند ماخذن سان ٻيڻڻ ڪانپوءِ توهان جي آڏو پيش ڪريون ٿا. هن رسالي جي وڏي خصوصيت اها آهي تہ هن کي الف ب وار ترتيب سان پيش ڪيو ويو آهي.

ته جيئن ڪو به شعر ڪنهن به وقت آساني سان ڳولهي سگهجي.

سچل سائين جو هي مڪمل سنڌي رسالو جيڪو اڄ اوهان جي هٿن ۾ موجود آهي. ان منزل تائين پهچائڻ ۾ اسان جي محترم وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر بشير احمد شيخ صاحب جن جي رهنمائي ۽ ذاتي دلچسپي جو وڏو هٿ رهيو آهي.

هن سلسلي ۾ پروفيسر عبدالحميد ميمڻ اڳوڻي وائيس چانسلر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جون ڪاوشون به ساراهه جوڳيون آهن.

ان کان سواءِ ان سڄي محنت ۽ جاکوڙ ۾ اسان جا تحقيقي معاون خاص طور تي ريسرچ آفيسر محمد يوسف خشڪ صاحب ۽ ريسرچ اسسٽنٽ وقار حسين ڀانڀڻ پڻ ڀانهن ٻيلي رهيا.

رسالي جي قديم ورقن جي تحقيق کان وٺي ڇپائي تائين اسان پنهنجي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي ته انهيءَ ۾ ڪنهن به قسم جو نقص نه رهجي ويجي. پر ان جي باوجود به ڪٿي ڪا ڪمي بيشي محسوس ڪئي وجي ته اداري کي ضرور آگاهه ڪيو وجي ته جيئن ٻي ايڊيشن لاءِ اسان جي رهنمائي ٿي سگهي.

پروفيسر سخي قبول محمد فاروقي،

ڊائريڪٽر،

سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور سنڌ.

وچور

- انتساب 5
- ٻه اکر 7
- پنهنجي پاران 9
- تصوف 11
- ڏٺيءَ در وينتي 15
- التجا 17
- حيات سرمست 21
- وحدت نامو 29
- ڪافيون (الف ب وار فهرست ۽ متن) 37
- بيت (سُر وار)، جهولڻا، ابيات متفرق ۽ سرءُ نامو 274
- صوفي اصطلاح 383
- معنيٰ ۽ شرح 396

حق مؤجُودُ

يادگار

هيءُ رسالو مبارڪ مرشدنا سخي قبول محمد چهارم
موجوده سجاده نشين درگاهه عاليه صوفيه قادريه درازا شريف
جي الطاف فقيرانه عنايت عارفانه سبب سندن مبارڪ نام نامي اسم
گرامي سان معنون ڪريان ٿو.

برگ سبز است تحفهٔ درويش
گر قبول افتد زهي عز و شرف

خادم الفقراء
علي گوهر قاضي
سگِ درِ شاه دراز
٣جون١٩٩٠ع

پہ اکر

مين تان اِک خيـــــال هان
ليـــســـان نال خيـــال دي
(سچل)

سچل جي ديس ۾ ويهي سچل جي "خيال" جو خيال لِيڻ منهنجي لاءِ ڪو سولو نہ هو. ڊاڪٽر تنوير (ائڊوائيزر سچل چيئر) جي همٿائڻ تي سچل کي پڙهڻ شروع ڪيم. کي مضمون لکيم، کي تقريرون ڪيم. اِيئن "آري اچين شال" واري ڪتاب جنم ورتو. سچل چيئر وٽان ڪو خاص ڪتاب يا مواد نڪري نروار نہ ٿيو هو. تنوير کي چيم ۽ گڏجي رشيد پٽي جو "سچل جو مڪتب"، آغا سليم جو اُردو ترجمي وارو ڪتاب، "آشڪار" جا ٻہ ٽي پرچا ۽ گرد ليوپکي جي "سچل سرمست جو عشق نامو" سان گڏ اٺ نَو ڪتاب ڪڍي نروار ڪياسين.

وقت هڪ جهڙو نہ ٿو رهي، ڪتابن نڪرڻ جي رفتار سُست ٿي وئي. تنوير ڪشالا ڪڍي سچل جو مستند ڪلام گڏ ڪيو پر اُهو ٻہ نڪري نہ سگهيو. سخي قبول محمد، سچل جي گادي نشين ۽ موجوده ڊائريڪٽر جڏهن کان ۾ هٽ وڏو تہ سردار محمد بخش "ڪوجهي" جو ڪلام چڀي پڌرو ٿيو. وٽانئس ئي سچل سائين جي ڪلام جو هيءَ نسخو مليو ۽ سخي سائين جي ڪوشش ۽ سهڪار سان هيءَ نسخو اڄ ڇپجي پڌرو ٿي رهيو آهي. هن نسخي تي خاص طرح سان منهنجي دوستن ۽ پراڻن سائين ناصر مورائيءَ ۽ خواجا سليم جنهن نموني سان ڏينهن رات ڪري هن نسخي کي سنواري سهٽو ڪري ڇاپيو آهي تنهن لاءِ دل مان دعا نڪري ٿي.

سچل سائين جي خيال کي ڪو روپ ڏئي سيني آڏو پيش ڪرڻ هڪ اهڙو ڪر آهي جنهن جو جواب مون وٽ نہ آهي. هر خيال ۾ سوچ جا مختلف رنگ آهن. ڪي رنگ روشن، ڪي هلڪا، خاڪن مثل. مون پنهنجي جاءِ تي سچل سائين وٽان مليل رنگن کي چٽي بيهارڻ لاءِ سچل چيئر کي وڌيڪ فعال ڪيو. آن سان گڏ سائين سخي قبول محمد بحيثيت ڊائريڪٽر سچل چيئر جي پڻ پتوڙيندو رهيو آهي. ڪيس جس هجي جو هي نادر نسخو ڇپائي هيٺ آڻي اسان سيني جو مانُ مٽاهون ڪيو اٿائين.

سچل سائين جو هي ڪلام بيخودي وارو ڪلام آهي. آن ۾ جيڪا به ڪيفيت آهي يا خيال، مون لاءِ تہ هيئن آهي:

نڪو آدم اتهين، نڪو جسر جان
نڪا جزا جاءِ تهين، نا رت جو سامان
نڪو قدر نڪو جبر، نا خوشي نا ارمان
بيخبري جو بيان سچل ڪندين ڪيترو
(سچل)

پروفيسر عبدالحميد ميمڻ
وائيس چانسلر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي

10- 12- 1995

پنهنجي پاران

حضرت سچل سرمست رح جن جو ڪلام سرڪواسڻ نماڻي فقير سال ۱۹۵۲ ۾ ٻڙودا (هندستان) مان شايع ڪرايو. جو هن وقت دستياب نہ آهي. انهيءَ کوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ ٻيهر شايع ڪرائڻ جو خيال پيدا ٿيو تہ جيئن نماڻي فقير جي ياد ۾ قائم رهي ۽ ڪارج ۾ پورو ٿئي.

نماڻي فقير واري رسالي ۾ اٽڪل ۷۰۰ سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ڪلام ڏنل آهن ۽ سمورو ڪلام سنڌي رسم الخط ۾ ڏنل آهي. هن رسالي ۾ ٻيا ڪافي ڪلام گڏ ڪري ڏجن ٿا، جي گهٽو ڪري اڳ شايع ٿيل نہ آهن. رسالي کي ٽن ڀاگن ۾ ورهايو ويو آهي يعني سنڌي، سرائڪي ۽ اردو، رسالي جي سونهن وڌائڻ لاءِ هرهڪ ڪلام پنهنجي رسم الخط ۾ لکيو ويو آهي، ليڪن سڀني جي فهرست رديف وار ساڳي رکيل آهي. هي رسالي جو سنڌي ڀاگو آهي.

هن رسالي ۾ حيات سرمست اڳين رسالي کان مختلف ڏنل آهي. اڳين رسالي ۾ محڪم الدين سيلانيءَ جي ڏنل روايت بلڪل غلط ۽ هٽ جي گهڙيل آهي، جا هن رسالي مان خارج ڪئي ويئي آهي. باقي پڙهڻيون نماڻي فقير واريون ساڳيون رکيل آهن جي سرمست سائينءَ جي فارسي ديوان يا مثنوين جو ترجمو آهن.

اميد تہ مراد برصواب ٿيندي.

خادم الفقراء

علي گوهر قاضي

روهڙي سنڌ

تصوف

تصوف هڪڙو باطني علم آهي، جو سيني علمن سان لاڳو ٿي سگهي ٿو. تصوف آهي سيني علمن جو مغز. تصوف جا ٻه طرف آهن. هڪڙو خيالي ٻيو عملي. جيئن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن ڳالهه يا شي جو علم چگو هجي مگر اهو هن پاڻ عمل ۾ نه آندو هجي تہ انکي انهيءَ جي حقيقت يا لذت جي خبر پئجي نہ سگهندي، تيئن تصوف جي حقيقت معلوم ڪرڻ ٻي شي آهي ۽ صوفي ٿيڻ ٻي شي آهي. سڀ شي ۾ خدا سچاڻ هڪڙي ڳالهه آهي ۽ خدا ۾ محو ٿي وڃڻ يا فنا في الله ٿيڻ ٻي ڳالهه آهي. هڪڙو قال آهي ۽ ٻيو حال آهي.

تصوف انهن اصولن جو علم آهي، جن موجب هلڻ ڪري ماڻهو ڪامل انسان ٿي ٿو سگهي ۽ پنهنجي نفس کي سچاڻ ڪانپوءِ خدا کي سچائي نيٺ انهي سان واصل ٿي سگهي ٿو. تصوف آهي پنهنجا اخلاق سڌاري خدا جهڙا ڪرڻ. سچل سرمست صاحب فرمايو آهي :

"سوئي ڪر ڪريجي جس وچ الله آپ بٹيجي."

تصوف آهي صحيح خيال ڪرڻ، جنهن ڪري پنهنجي ذات کان فاني ٿجي ۽ خدا جي ذات سان باقي ٿجي، نفساني خواهشن کان پري ۽ شين جي حقيقت سان ويجهو ٿجي. تصوف آهي نفس مارڻ، حواسي لڌتون ڇڏڻ، ترڪ اختيار ڪرڻ، خدا کانسواءِ ٻئي غير ڏي توجهه نہ ڪرڻ، دمن ۽ پساهن جي حفاظت ڪرڻ. تصوف آهي خدا جو قرب يا خدا کي ويجهو ٿيڻ ۽ صوفي آهي خدا جو مقرب يا اهل قرب جو.

تصوف ايڏو جهونو آهي، جنهن کي ڪا آدئي ڪانہ آهي. جيئن پرماتما کي آد ڪانہ آهي، تيئن تصوف کي بہ آد ڪانہ آهي. آتما ۽ گيان ٻئي هڪ شي جا ٻہ نالا آهن. جنهن کي هندو "برهم" ٿا چون، تنهن کي صوفي "مطلق هستي" ٿا چون. جنهن کي هندو "اوم" ٿا چون، تنهن کي صوفي "هُو"

ٿا چون. صوفي اهو شبد اهڙي ته عمدي نموني پڙهندا آهن جو ٻڌڻ سان اندر ۾ گهر ڪيو وڃي. هندو "ايڪو اونڪار" ٿا چون، صوفي "وحدت" ٿا چون. هندو "ستگورو" ٿا چون، صوفي "مرشد" ٿا چون. هندو "آتر ودیا" ٿا چون، صوفي "تصوف" ٿا چون. هندو "ست" ٿا چون، صوفي "حق" ٿا چون. ويدانتي "مايا" ٿا چون، صوفي "طلسم" ٿا چون. ويدانتي "ست ۽ است" ٿا چون، صوفي "بقا ۽ فنا" ٿا چون. ويدانتي "نرگڻ ۽ سرگڻ" ٿا چون، صوفي "نفي ۽ اثبات" ٿا چون. ويدانتي چون ٿا ته آتر وديا جي پنڌ ۾ چار اوستائون جاڳرت، سُپن، سُشو پتي، ۽ تريا آهن. صوفي چون ٿا ته چار منزلون آهن: شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت. اهڙي طرح ڪوبہ ماڻهو جو هن جي بلڪ باهرين جاچ ۾ ٽورو اندر ويندو ته معلوم ٿيندس ته ڳالهہ ساڳي آهي. ويدانتي چون ٿا ته اڏڪاري پوئين اوستا تي جڏهن اچي ٿو تڏهن چوي ٿو "اهم برهم آسمي". صوفي چون ٿا ته طالب آخري منزل تي ٿو چوي اناالحق "آءٌ حق آهيان". اهڙي طرح جيڪڏهن باريڪ ويجهو ته خبر پوندي ته ڳالهہ مڙيئي ساڳي آهي. رڳو اجايو انسان اچي پليو آهي جو پير وير ورود رکي، مگر سائين هڪڙو آهي. ويدانتي چون ٿا "واسديو سروم." صوفي چون ٿا "همہ اوست" يعني سڀ هُو پاڻ آهي، ته جدايون ڇا جون؟

تصوف جو خاص اصول ۽ عقيدو آهي ته انسانن جا روح خدائي روح جا جزا آهن. تنهن ڪري انهن ۾ ذات جو ڪو تفاوت ڪونهي ليڪن درجي جو آهي. اهي جزا آخر موتي وڃي روح ڪُل يعني حق ۾ گڏبا، جيئن پاڻي جو ڦڙو درياهہ ۾ گم ٿئي. دنيا جي حياتي پاڻيءَ جي ڦوٽي وانگر آهي جو لحظي کان پوءِ وري درياهہ ۾ گم ٿيو وڃي. خدائي روح ساري عالم ۾ پکڙيل آهي ۽ صفت ۾ موجود آهي. انهيءَ طرح وحدت ۾ ڪثرت آهي ۽ ڪثرت ۾ وحدت آهي. قدرتي نماءُ يا شيون خدائي حسن جو عڪس آهن. انهي ڪامل حسن جو عشق سچو ۽ حقيقي آهي ۽ ٻين دنيوي شين جو عشق ڪوڙو ۽ مجازي آهي. انهي عشق يا محبت ۾ هردم محو رهڻ گهرجي ۽ انهي محويت ۾ عجيب لذت ۽ خوشي آهي ۽ انهي جي وسيلي نيٺ ماڻهو وڃي خدا سان واصل ٿئي ٿو.

تصوف

سچل سرمست جو

(ديوان آشڪار ۽ رهبر نامہ ۽ فرمان)

صوفيءَ کي گهرجي تہ هڪڙي حرف جوئي تصور يا خيال پچائي، ڇاڪاڻ تہ هڪڙي الف مان ئي معنيٰ جا سوين نقطا نڪرن ٿا. جيڪو پنهنجي اصلوڪي ذات کي سڃاڻي ٿو، سوئي انهي ڳجهہ کان واقف ٿي سگهي ٿو.

صوفي لفظ جي اصليت آهي اها جماعت يا صف جا هميشہ عبادت ۽ بندگي ۾ رهي يعني صوفي لفظ جي معنيٰ صاف يا صفا آهي.

جزگم شدن آشکارا، آن صوفي با صفا نہ باشد (سرمست)

(اي آشڪار، جيڪو پنهنجو پاڻ ۾ گم نہ ٿو ٿئي، سو صفائي وارو صوفي نہ ٿو ٿئي)

سرمست جن جو زبردست طالب نانڪ يوسف پنهنجي ستگر جي مٺين فارسي بيت کي سنڌي ۾ هيئن ٿو دهرائي :

"گم هوڪي ويڪ نظارا، آپ سارا، محبوب ڪِي صورت ۾."

تصور

سچل سرمست صاحب فرمائي ٿو:

"جيڪڏهن چاهين تہ ڪمال حاصل ڪريان تہ هيءَ تصور ڪر تہ دنيا ۽ دنيا وارا ۽ جيڪي بہ دنيا ۾ آهي سو سڀ ظهورو هن هڪڙيءَ حقيقي ذات پاڪ جو آهي. پوءِ تون جتي بہ هجين تہ ان حقيقت سان ڪنو هج ۽ ڪابہ جاءِ هن ڪان سواءِ خالي نہ سمجهہ. پنهنجي دل ۾ انهي تصور کي اهڙو قائم ڪر جو تنهنجي دل يقين سان ڄاڻي تہ جيڪا بہ صورت آهي سا ان جوئي مظهر آهي بلڪ سڀ ان جوئي عين آهي. ڪوبہ ڪر ڪار ڪرين تہ ائين سمجهہ تہ سڀ ڪنهن ڪار ۽ وهنوار ۾ هُو (ڏٺي) پلپل موجود آهي. ڏسندڙ بہ هُو آهي، ٻڌندڙ بہ هُو

آهي ۽ چوندڙ ٻه هُو آهي يعني هر ڪنهن ڪار ۽ ڪريا ۾ هو ئي ڄاڻ ۽ سمجهه ڏيئي رهيو آهي. دم بدم هر ڪنهن ساعت ۽ هر ڪنهن گهڙيءَ ۾ سائي ٽيو ساڻ سمايو پيو آهي. هُو سڀني ڪانسواءِ ٻه آهي ۽ سڀني سان گڏ ٻه آهي. هُن بنا نہ نالو آهي نہ نالي رکيل شي. اهڙي ڪابہ شي ڏرتي تي ڪانهي جنهن ۾ سندس نور جو ظهور نہ آهي. زمين ٻہ پاڻ آهي تہ آسمان ٻہ پاڻ آهي. حُور پري ٻہ پاڻ آهي تہ سرير ۽ آتما ٻہ پاڻ آهي. ڪابہ شي هُن ڪان سواءِ نہ آهي. اهڙو ڪوبہ ذرو نہ آهي جو ڏٺي جي حڪم کان سواءِ چرندو هجي. جڏهن تون پنهنجي فڪر کي اها مشق پچارائيندين تہ پوءِ توکي دنيا ۽ دنيا وارن کان نجات يعني آزادگي حاصل ٿيندي ۽ هر جاءِ هڪ ئي حقيقت ڏسڻ ۾ ايندي. جڏهن توتي اها حقيقت جلوه گر ٿيندي تڏهن تو وٽان سڀ اختلاف اٿي ويندا. پوءِ تون سمجهي ويندين تہ آلان ڪَما ڪَانَ يعني جيڪي اڳي هو سو هاڻي آهي. جڏهن توکي هيءَ معرفت هٿ اچي ويئي، تڏهن پوءِ توکي يقين ٿيندو تہ جملي عالم ۾ هُن جوئي نُور آهي ۽ هن جوئي ظهور آهي. سڀ صورتون هُن دلبر جو ديدار ۽ جلوه ٿيون پسائن. هُو هڪ حقيقت آهي ۽ سواءِ رنگ جي آهي. هُن ئي سڀني رنگن روپن ۾ جلوه گري ڏيکاري آهي. بي مثال ٻہ هوئي آهي. فاعل، حقيقي، پيدا ڪندڙ دنيا جو سڀيئي هُو آهي.

"دم بدم اصليت واري حالت جو تصور ڪر ۽ سڀني غير جي منزلن کي ڇيڪي ڇڏ. پنهنجي اصليت واري حالت جي فڪر ۾ تون اهڙي نموني هج جو پنهنجي نظر هيڏانهن هوڏانهن نہ ڪر، جيئن تون نيٺ پنهنجي اصلي جاءِ تي وڃي نعرو هڻين. تون پنهنجي خودي کي ڇيڪي ڇڏ. رنگ کان تون لنگهي وڃ. سواءِ رنگ جي هج. هن مٽيءَ واري جسم کي تون هٽ زمين تي ڇڏ. پنهنجي خيال يعني فڪر يا تصور کي پنهنجي جسم کان چار ميل پري رک يعني پنهنجي جسم جي خيرخواهي کي ڇڏي روح جي فڪر ۾ رهہ. بيرنگ درياهہ ۾ ٽپي هڻ. پنهنجي هستي کي مِٽائي ڇڏ تہ تنهنجي فڪر جو پڪي حقيقت کي وڃي رسي. تون پنهنجي خيال کي اهڙي مٿاهين بلند مڪان تي مضبوط رک جو جا، جسم ۽ ننگ ناموس کان ڇٽي پوين."

ڏٹي ۽ در وينتي

اي ڏٹي منهنجا ! مون تي رحم ڪر ۽ "مان ۽ تون" واري قيد کان مونکي آزادگي ڏي. مونکي هيڪڙائي جي ڳجهه جو امرت پيار جيئن اي پاتشاه مان توکي سڃاڻي سگهان.

ڪٿي آهيان مان؟ دنيا ۾ ظاهر ظهور رڳو تون ئي موجود آهين. سڀ ڪنهن جاءِ تي پنهنجو پاڻ ظاهر ڪيو اٿيئي. اسانکي پنهنجي ڳجهه کان واقف ڪر يعني اهڙو رستو بتاءِ جنهن ۾ سمجهون تہ تون ظهور آهين.

تون ئي آهين جو لوڪ ۽ پرلوڪ جو مالڪ آهين ۽ سڀني شين جو اپائٿهار آهين ۽ انهن سڀني شين جي ڳجهن کان واقف ڪندين. ظاهر توڙي لڪل هرهنڌ تون هڪ آهين. توکان سواءِ ٻيو ڪوليندڙ ڪونهي. تنهنجي ذات پاڪ ٻيان کان ٻاهر آهي. ٻئي لوڪ تنهنجي حقيقت جو روپ آهن. تون لامڪان آهين ۽ هِڪُ ئي هِڪُ آهين پر ڪثرت جي ڪري سڀ ڪنهن هنڌ ٻيو نظر اچين. جڏهن پنهنجي سونهن کي ڏيکارڻ ٿو چاهين، تڏهن بيابان واري ميدان ۾ اچيو تنبو کوڙين يعني هيءَ دنيا پنهنجي سر ويران آهي، آتي ۽ تون اچي ظاهر ٿيو آهين.

جڏهن تنهنجي روپ پنهنجي سونهن ظاهر ڪرڻ چاهي، تڏهن هڪ کن اندر ٻئي لوڪ پڌرا ٿيا. جڏهن تو پنهنجي منهن تان هڪ وار پردو هٽايو تہ عاشقن جي وچ ۾ هڪ وڏو شور مچي ويو يعني سڀيئي تنهنجي سونهن ڏسي عجيب عجيب گيت ڳائڻ لڳا.

عاشق مستيءَ وچان نچڻ ٿا لڳن ۽ پوءِ اناالحق جو نعرو ٿا هڻن. ڪڏهن اُهي سبحانيءَ جو نعرو ٿا هڻن ته ڪڏهن چون ٿا ته تحقيق مان ئي آهيان اُهو ڏٺي تعالي. ڪڏهن پيا حُب وچان چون ته اسين ڏٺيءَ ڏي ٿا وڃون ۽ مولي جا مست انهيءَ ڳالهه کي چڱي طرح ٿا ڄاڻن.

تنهنجي ذات پاڪ جي خيال ۾ اُهي پاڻ کي اهڙو ٿا گهٽ ڪن يعني پنهنجي هستي ٿا وڃائن جو خود پنهنجي به خبر ڪانه ٿي پوين. پوءِ ڪير ٿو چوي ۽ ڪير ٿو ڳولهي لهي. ڦڙو ڦڙو نه ٿو رهي، رڳو درياه ئي وڃي ٿو قائم رهي. تنهنجو بيان هڻن ٻن لفظن ۾ ٿي ٿو سگهي ته نون سيني سان به آهين ۽ تون سيني کان سواءِ به آهين. تو بنا نه نالو آهي ۽ نه نالي رکيل شي.

آشڪارا وچ ۾ آهيئي ڪونه.

اي ڏٺيا تون ئي ٻنهي جهانن ۾ آهين

نمائو فقير

التجا

اي حضرت محمد صلعم، اي چوندڀيل رسول، تون جو هدايت جو نور آهين، تون مونکي پنهنجو منهن ڏيکار. توکي خبر آهي ته مان غريب ۽ مسڪين آهيان ۽ نهايت عاجز آهيان.

تون بادشاهه آهين ۽ مان تنهنجو بندو. پنهنجي بدڪاريءَ کان نهايت شرمندو آهيان. مون مسڪين تي رحم ڪر. اي نبيا منهنجي دل کي آڻت ڏي. تنهنجي در تي عاجز ۽ شرمسار ٿي آيو آهيان. نهايت ڏوهه ۽ گناهه ڪيا اٿر. مان فقير تنهنجي در تي اِها اميد رکي آيو آهيان ته اي منهنجا مالڪا تون مونکي پنهنجو ديدار بخشيدين. اي مومن جا آخرت جي وقت وڪالت ڪندڙا تون منهنجي دانهن ٻڌ. تون ئي آهين جو لوڪ ۽ پرلوڪ ۾ مهر جو باعث آهين.

تون ئي سرشتي جي سونهن ۽ سردار آهين. هن سَرگُني دنيا جي اندر تون ڏٺيءَ جو خاص مظهر آهين ۽ ٻنهي لوڪن ۾ تون شاهن جو شاهه آهين ۽ انسانن ۾ ڏٺيءَ جو خاص مظهر آهين.

تون آحد مان احمد يا محمد جي صورت ۾ ظاهر ٿئين. مان وري وري ٻه ٽو چوان ته تون اهائي پاڪ ذات هستي آهين. مان پنهنجين بدڪارين سبب نهايت پشيمان آهيان. مونڏي نظر ڪر. مان سخت پريشان حالت ۾ آهيان. توکان سواءِ منهنجو ٻيو ڪوبه يار يا منهنجو مددگار آهي ئي ڪونه ۽ دنيا جي اندر مون جهڙو ڪو ٻيو بدڪار آهي ئي ڪونه. ڏوهن سبب مون پنهنجو رنگ ڪارو ڪٽي ڪيو آهي. تون مونتي رحم ڪر ۽ منهنجا گناهه معاف ڪر.

تنهنجي درگاهہ ۾ مان هيءُ عرض ۽ آزي ڪٽي آيو آهيان تہ منهنجا سيد! اي منهنجا مالڪ! تون منهنجو مالڪ ٿيءُ. تنهنجي در تي مان گهٽيون اميدون ڪٽي آيو آهيان. مان هڪ لاچار آهيان ۽ تون سخا جو صاحب.

منهنجي روح کي پنهنجي نور جي روشني ڏي. منهنجو منهن روشن ڪر ۽ ڪارنهن هٽاءِ. مونکي پنهنجي ڏوهن تي شرم ٿو اچي. مون بدڪار کي پنهنجي مهرباني سان معاف ڪر. منهنجي ڪاري دل کي نور سان چمڪاءِ. اها ڳالهہ سڀان يا قيامت جي ڏينهن تي نہ ڇڏ پر اڄ ئي ڪر. ڪنهن ڏارئي کي منهنجي دل جي گهٽ ۾ گهڙڻ نہ ڏي. مان تنهنجي در تي سوالي آهيان ۽ منهنجي دل جو پيالو هيڪڙائيءَ جي شراب سان پري ڇڏ.

مان ڄاڻان ٿو تہ تنهنجي ذات پاڪ آهي ۽ ڏينهن رات تنهنجي نانو جو پيو جاپ جپيان. تون مونکي عشق جو درجو ٿي ڏي ۽ سوال جواب جي اجائي بحث کان ڇڏاءِ. ٻئي ڪنهن بہ خيال کان منهنجي جند آزاد ڪر ۽ مونکي عشق جو خزانو بخش.

اي رسولن جا سردار! تون منهنجي دانهن ٻڌ ۽ مون جو توکي عرض ڪيو آهي، سو اوناءِ. منهنجي اکين کي برسات واري طاقت ڏي. ڳوڙها تہ ڳاڙين ٽيون، پر منجهن طوفان واري اڇل يعني جهلڪ پيدا ڪر. منهنجي پريشان دل کي سڙڻ ۽ ڳرڻ سيکار ۽ انهي ڳجهي راز کان واقف ڪر.

تنهنجو لقب ٿي آهي ٻنهي لوڪن جو رهبر ۽ هڪڙو هڪڙو فرشتو تنهنجي اڳيان ادب ۾ ٿو رهي. مون لاچار تي پنهنجي ديا درشٽي ڪر، ڇاڪاڻ تہ ڏوهن سبب منهنجي دل ٻڏڪي رهي آهي، مان گناهن ۾ غرق ٿيو پيو آهيان. منهجو وسيلو واهرو ٿيءُ ۽ منهنجي دل پنهنجي زلفن جي ورن وڪڙن ۾ ڪٽي قابو ڪر.

پنهنجي توجهہ ۽ نگاهہ سان منهنجي آخرت سرهي ڪج ۽ ڪميٽي دنيا کان مونکي سلامت رکج.

عشق جو جامو ڪٽي مونکي ڏيکاءِ ۽ هيڪڙائي جو شراب پيار. مونکي اهو شراب ڪٽي پيار، جو مونکي پنهنجو پاڻ وسارائي وهي ۽ ٽوري ۽ گهٽي جي حساب ڪتاب کان بيخود ڪري وجهي.

مونکي اندروني ڳجهه کان واقف ڪر ۽ مون ڏليل کي هدايت ڏي. مون کي اُوهو شراب جو پيالو پيار جو خمار چاڙهي ڇڏي ۽ نه اُوهو جو آپو قائم رکي.

مان ۽ اسين جي چڪرن کان مونکي ڇوٽڪارو ڏي، جيئن مونکي فنا ۽ بقا جو پورو پتو پوي. مونکي اهو مستيءَ جو پيالو ڏي جو هستي ۽ خودي مٽجي وڃي ۽ جيئن مان اندروني دنيا يا عالم کان واقف ٿيان.

بنسريءَ وانگر پاڻ سڃاڻان يعني حق سڃاڻان، ظاهر ۽ باطن هڪ ٿي پوان. اي عزت پريا ۽ ہاجهارا ! منهنجو هيءُ عرض ہُڏُ ۽ انکي پنهنجي حضور ۾ قبول ڪر. هيءُ ہانهو ہ تنهنجن ہانهن مان ئي هڪڙو آهي ۽ توتي صلواتون ۽ سلام ٿو پڙهي. هيءُ خدائي يعني سچل تنهنجي راهه جي خاڪ يا مٽي آهي ۽ تنهنجي مٽيءَ جي ڪري سچو يا نيڪ ٻٽبو.

عباس گهراٹي تان قربان ٿو وڃي ۽ هيءُ نوڪر ڇڻ ته سندس دروازي جو ڪتو آهي.

نمائو فقير

حيات سرمست

حضرت سچل سرمست جنهن توحيد ۽ معرفت، عشق ۽ عرفان الاهي جا درياهه وهائي اسان جي سونهاريءَ سنڌ کي روحانيت جو سبزه زار بڻائي حقيقي نور سان منور کيو. تنهن جو جنم ۱۱۵۲ هجري مطابق ۱۷۳۹ عيسوي رياست خيرپور جي حد اندر راڻي پور شهر جي اتر طرف هڪ ميل جي مفاصلي تي کبڙن ۽ کرڙن جي بستي درازا شريف ۾ ٿيو. هو خواجه پير عبدالحق جي وڏي پاڻ ميان صلاح الدين جو نور نظر ۽ چشم اميد هو. سندس چئيءَ جو نالو عبدالوهاب رکيو ويو پر سندس نندپڻ ۾ راست گوئي ڪري کيس سچو، سچل (بيباڪ ۽ سچار) ۽ سچيڏنو (سچي مالڪ جي سوغات) سان سڏيو ويندو هو، جنهن نالي سان اڄ تائين مشهور آهي. قرآن شريف جي ڪنڌ ڪرڻ ڪري کيس حافظ عبدالوهاب جي نالي سان پڻ ياد کيو وڃي ٿو.

هيءَ خاندان سن ۹۳هه مطابق ۷۱۱ع ۾ سنڌ ۾ وارد ٿيو. جڏهن محمد بن قاسم سنڌ ملڪ تي چڙهائي ڪئي، تڏهن هن سان گڏ شيخ شهاب الدين بن شيخ عبدالعزيز بن شيخ عبدالله بن حضرت عمر فاروق مشير اعليٰ جي حيثيت ۾ اسلامي حڪومت طرفان موڪليو ويو. سنڌ جي فتح بعد کيس سنڌ جو گورنر مقرر کيو ويو. شيخ جي وفات بعد شيخ محمد فاروقي سنڌ جو حاڪم ٿيو ۽ شيخ محمد فاروقي جي اٺويهين پيڙهي مان مخدوم نورالدين بن رضي الدين جا به فرزند مخدوم ابو سعيد ۽ مخدوم بدرالدين ڳاڙي رياست خيرپور ۾ سڪونت پذير ٿيا. مخدوم ابو سعيد جي نائين پيڙهيءَ مان حضرت

خواجہ محمد حافظ عرف سائين صاحبڏنو (اول) درگاھ شريف جي سلسلي جو باني آھي، جو سچل سائين جو ڏاڏو ھو.

سچل سائين ايا ننڍو ھالڪ ھيو تہ زماني جي انقلاب ھن سعادتمند جي سر تان تاج پدري ھٽايو. جنھن بعد ھو پنھنجي ڏاڏي خواجہ محمد حافظ ۽ پوءِ چاچي خواجہ عبدالحق جي زير شفقت ۽ عنايت پرورش پائڻ لڳو، جنھن جي زير نگراني نہ فقط جسماني پرورش پاتي پر روحاني فيض پڻ حاصل ڪيو. سچل سائين طلب جي وادي طئي ڪرڻ لاءِ خواجہ پير عبدالحق جي دست تي بيعت ڪئي، جنھن ڪيس سمورو لدني علم عطا فرمايو ۽ ھن سچي سڪ واري طالب جي وجود کي اھڙو تہ واسي ڇڏيو، جنھن جي تاثير کان اڄ ساري سنڌ معطر آھي. جيئن چوي ٿو:

ھڪ ڏھاڑي مرشد مين نون ست پريت دي پاڑھي،
سا مين دل تي تختي اُتي چاھ ڪنون لڪ چاڑھي،
سچل عشق ھيڪا نہ ٽيوي توڙي ھووي چٽي ڏاڑھي.

لا نفي جو ڪلمو مونکي مرشد پاڻ پڑھايو،
نابودي جي نشي اندر ستگر سير ڪرايو،
ھٿيو ڏيئي ھمت وارو سارو بار کٽايو،
صدق سچل مان ستگر تان جنھن جانب جوش جڳايو.

اسان جو حافظ درازي نہ رڳو قرآن شريف جو حافظ ھو پر قرآن شريف جي معنيٰ مان بہ واقف ھو. چون ٿا تہ پريان پريان جا ملان مولوي قرآن شريف جا منجھيل مسئلا ھن وٽان حل ڪرائڻ ايندا ھئا. قرآن شريف جو تفسير مطالع ڪندي چوي ٿو:

من ھمہ تفسير قران خوانده ايم
مغز قران را ازآن برخوانده ايم

(مون قرآن جا سڀيئي تفسير پڑھيا آھن ۽ ان جو تات پرج پروڙيو اٿم)

سچل سائين ستن زبانن جو شاعر هو، جهڙوڪ سنڌي، عربي، سرائڪي، هندي، پنجابي، اردو ۽ فارسي، جن ۾ چوڪو ڪلام ڇيو آٿس. انهي مان ثابت آهي ته سرمست سائين نہ رڳو اهي ٻوليون ڄاڻندو هو پر سندس ڪلام ۾ فلاسافي، منطق ۽ سائنس وغيره جي علمن جو پورو پورو ذخيرو نظر اچي ٿو. حافظ درازي جي ظاهري ۽ باطني علم جي پروڙ، پروڙ وارن کي سندس پروڙيل پيرولين ۽ آلاپيل آوازن جي اپياس ڪرڻ مان پوري پر پڄي سگهي ٿي.

سرمست سائين جي سيرت جو ته ڪلام ئي شاهد آهي. باقي رهي سندس صورت، فقير نانڪ يوسف اجهو هيٺن تصوير نگاري ڪري ٿو:

مُک مُصحَفُ سڄڻ تيڏي صورت،
مورت الله بسم الله حمد لله.

سرمست سائين جو چهرو نوراني، صاف ۽ سفيد رنگ جو هو. خط ۽ خال دلڪش، اکيون آهُو مثل مشعل جيان پرندڙ، وار ڊگها، جن جو مٿي جي وچ تي چوٽو ڪري ٻڌي ڇڏيندو هو. ليڪن جلال ۽ مستي جي حالت ۾ جڏهن هو شعر چوندو هو ته سندس اهي ڊگها وار آپا ئي ويندا هئا. قد درمياني مگر موڪرو، هٿ پير نرم، نازڪ ۽ لنبا هوندا هئا. تصوير هميشه اداس ۽ نماڻي ڇڪ ڪنهن ڳولها ۾ محو آهي. هو هميشه سادي پوشاڪ پهريندو هو. هيٺ تي ليري سٽڻ ۽ بدن تي سفيد چولو پائيندو هو. سياري جو ٿري ڏورو اوڍيندو هو. سر تي سبز رنگ جو فقيراڻو ڪلاه رکندو هو. پيرن ۾ چهنب واري جتي ۽ هٿ ۾ عصا کڻندو هو. گهٽو ڪري ڏٺ تي گذران ڪندو هو. لسيءَ ۾ ڳاڙها مرچ وجهي ماني پوري کائيندو هو. ۾ پوءِ اهو به کائڻ ڇڏي ڏنائين. اڪثر روزي ۾ گذاريندو هو. منجهند جو ٿورو وقت ڪاٽ جي صندل يا ڏرتيءَ تي آرام ڪندو هو. ڏينهن جو گهٽو حصو آواز ڪلام ٻڌڻ ۾ گذرندو هوس. مطلب ته سرمست سائين جي رهڻي ڪهڻي زماني کان بلڪل الڳ ۽ نرالي هئي. گوڙ سان پوندي ڪانہ هيس. چوي ٿو:

جتي ماڻهن ميڙ، آءُ تتي ناهيان،
سسي سنياپان، پٽي شاهه حلاج جي.

سرمست سائينءَ جا وڏا عالم، فاضل ۽ شرع جا پورا پابند هئا ۽ سندن طريقو قادري هو. ساڳي طرح سچل سائين شروعات ۾ وڏن جو پيروڪار هو. شرع جو پابند ۽ روزو نماز باقاعدگيءَ سان ادا ڪندو هو. جيئن چوي ٿو:

پنج ئي وقت نماز پڙهه، تون سر نوائي ڪج سلام.

پر وجداني ڪيفيت طاري هجڻ جي حالت ۾ اها پابندي قائم نه رهندي هيس ۽ الاهي عشق جي لهرن ۾ ايترو ته غرق ۽ مست ٿي ويندو هو جو ڪلام گوئي وقت بي خوديءَ جي عالم ۾ هن کي خدا نظر ايندو هو ۽ نه مخلوق، نه احد نه عبد، ۽ سموري ڪائنات وحدت جو عڪس نظر ايندي هيس. ديوان آشڪار ۾ چوي ٿو ته:

"مان زهد، علم ۽ تقويٰ ڏيئي ڪري عشق ورتو آهي ۽ جڏهن مان حقيقي حسن ڏٺو، تڏهن دل جي تختي تان حرفن کي مٽائي ڇڏيو. مان پنهنجي محبوب حقيقي جو جلوو هرهنڌ ڏسان ٿو. اهوئي سبب آهي جو مان دنيا وارن اڪيان ملحد سڏجان ٿو. پر مان ثابت قدم آهيان ۽ انهي حق واري راهه تان هٽي نه ٿو سگهان ۽ انهي سبب ڪري مان مطمئن ۽ خوش آهيان."

پاڻ نشي ڪان پري ۽ بيزار هو. ديوان آشڪار ۾ شراب بابت واضح چوي ٿو ته:

ساقيا اين شراب انگوري مانمي خواهم ڪزوست صد دوري
لا زوال است آن مئي وحدت، آن بنوشان رهم ز مهجوري

(اي ساقي، مونکي اهو انگوري شراب نه گهرجي، جنهن مان دوري ٿئي ٿي. مونکي وحدت جو شراب بخش، جيئن جدائي کان آزاد ٿيان.)

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

سرمست سائين جا مذهبي خيال نرالا هئا. سندس تعليم ۽ تلقين مان ائين پيو معلوم ٿئي تہ سندس نگاھہ ۾ انسان ذات سڀ ھڪ آھي. سندس ايمان ھو تہ مذھب الله جي ھيڪڙائي حاصل ڪرڻ جو وسيلو، ڏڻي کي رسڻ جي راھہ آھي. انسان ذات بلڪ ڪُلُ ڪائنات ان خالق جي اپايل آھي. ھرھڪ مذھب جي ڳڙکيءَ مان دلبر جو ديدار پسي سگھجي ٿو. جيئن شاھہ صاحب چيو آھي:

ايڪُ قصر در لک، کوڙين ڪَٽسِ ڳڙکيون،
جيڏانهن کريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

الف مان آدم ٿيو کري هنگامو هُل،
هندو مومن هک ٿيو، پول نہ ھي کنهن پُل،
"خلق الاشياءَ فهو عينها" اهو آڻ عمل،
ٿج گلابي گل، مر مارني منصور جان.

حافظ شيرازي چيو آھي تہ:

جنگ هفتاد دو ملت همہ را عذربند،
چون نہ ديدند حقيقت سر افسانہ زدند.

(ٻاھتر فرقن جي جھگڑي کي ختم ڪر. حقيقت نہ ڏٺائون سو آکاٹيون کٹڻ ويٺا.)

اھڙي طرح وحدانيت جي قائل ھيءُ مٿير مرد شيعا، سني ۽ ٻين فرقن کان پاڻ کي پاسي ڪري چوي ٿو:

مذھب مور نہ مڃيان، مان مشرب منجھہ مدام.

ھو پنھنجي ڪلام دوران اسان کي ھر ھر ھدايت ٿو ڪري تہ دنيا جي سڀني مذھبن جو بنياد تصوف آھي ۽ تصوف جي عمارت آھي "عشق". سندس ڪلام ۾ اھڙا گھڻائي بيت آھن، جن ۾ تصوف ۽ عشق الاھي کي خدا سان ھڪ ٿيڻ جو وسيلو ڄاڻايو اٿس. چي:

ڏسو عشق جو انصاف، سڀئي مذهب ڪيائين معاف.

ان ڪري انهيءَ ۾ پيد ڇا جو، ويڑ وروڙ يا جهيڑو جهڳڙو ڪنهن سان؛

تو برائي وصل ڪردن آمدي، ني برائي فصل ڪردن آمدي.

(تون ميلاپ لاءِ آيو آهين ۽ نه جدائي لاءِ.)

سرمست سائين بلند پايه ۽ اعليٰ مرتبت شاعر، رند بي باڪ ۽ عاشق صادق آهي. سندس شعر رواجي نه آهي، بلڪ هڪ الهامي حيثيت رکي ٿو، جو انسان کي هن عالم رنگ ۽ بُو کان آزادي بخشي خالق ڏانهن رجوع ڪري ٿو. سندس ڪلام جو هر لفظ قرآن ۽ حديث جو درس ڏئي ٿو. جيئن چوي ٿو؛

این سخن کئي شعر باشد، اي پسر،
این همه ذکر است آيات و خبر.

(اي پٽ، هي مجازي شعر نه آهي پر توحيد، قرآني آيات ۽ حديث تي ٻڌل آهي.)

وڌيڪ چوي ٿو ته هي منهنجا ڪلمات شاعر جا نه بلڪ عشق جا سخن آهن ۽ جيڪي جاهل آهن، اهي منهنجي شعر کي ڇا سمجهندا؛

این سخن عشق است، ني از شاعر يست،
کئي فسان دانند این اشعارها.

سرمست سائين جو ڪلام سڪ، سوز، درد، گداز، جوش، جولان، موج، مستي، عبرت، حقيقت ۽ معرفت سان پرپور ٻڌار آهي، جو بيخودي، موج مستي، وجد ۽ حال جي حالت ۾ چيل آهي، جنهن حالت ۾ سندن ڏگهار وار مبارڪ اُڀا ٿي ويندا هئا ۽ نيٺن مان سانوڻ جي برسات مثل نار جاري ٿي ويندا هئا، جنهن جا ڳلن تي گهارا لهي ويندا هئا. سندس ڪلام جي روانی تيز هوندي هئي، گويا درياهه اللي پوندا هئا. ڪلام جي لکڻ لاءِ مير جا ڪاتب موجود

هوندا هئا، جي چون ٿا ته لکندي ٽکجي پوندا هئا ۽ انهي جوش ۽ مستي ۽ وجد جي حالت ۾ اناالحق جو سُر آلاپيندا هئا، جيئن ديوان آشکار ۾ ڏيکاريل آهي:

هر کـــــجايم، جابجايم، من خدايم، من خدا،
تاچه شـد پوشـيـده ام از درد اين خاکي قـبـا.

(هر جاءِ، هرهنڌ ته مان ئي موجود آهيان. مان خود خدا آهيان. پوءِ ڇا ٿي پيو جي درد کان هي خاکي جامو پاتو آٿم.)

عام طرح مشهور آهي ته پاڻ پنهنجي ڪلام جو گهٽو ذخيرو لوڙهائي يا ساڙائي ڇڏيو هئائين. هن وقت جيڪو ڪلام دستياب ٿي سگهيو آهي سو فقط اهو آهي، جو ڪن لڪائي ڇڏيو هو يا ڪن کي ياد هو ۽ ان جو ڪاٽو نو لک ڇٽيهه هزار ڇهه سو ڇٽيهه هو. شمار ۾ ڪنهن جو هڏڻ يا ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي.

حقيقي عشق جي آخري منزل سرمستي آهي ۽ سرمست سائين پنهنجي سرمستي واري ڪيفيت هيئن بيان ڪري ٿو : "هن سرمستي جي حالت مونکي امڪان جي اعليٰ ترين درجي تي پهچايو آهي. سوين بادشاه منهنجي در تي غلام آهن. اي دل، تون ڇا ٿي سمجهين ته مان گدا آهيان؟ مان انهيءَ گدائيءَ ۾ ٻنهي جهانن جي بادشاهي ٿو ڪريان. اي زاهد، توکي هن مسڪيني حال جي ڪهڙي خبر؟ انهي مسڪيني حال ۾ منهنجي سر تي شهنشاهي تاج ڏريو ويو آهي. مان وحدت جو شراب پي مست ٿيو آهيان. مان جهان جو بادشاهه آهيان. گرچه مان خلق جي نظر ۾ خراب آهيان."

هي صداقت ۽ سچ جو پيڪر عرفان الاهي جي موج ماڻي، پنهنجي رائي نوي ورهيه نروار رهي، فيض ۽ هدايت جاري ڪري، تاريخ ۱۴ ماه رمضان ۱۲۴۲ هـ مطابق ۱۸۱۷ع جي ابدي وصال ماڻيو. پاڻ کان جڏهن سندن عمر بابت پڇا ڪندو هو ته فرمائيندو هو ته اسان جي عمر ۱۰۵ ورهيه آهي پر ۱۵ سال اڳ سرڪار جي سلامي تي ويندا سون ۽ ٿيو به ائين.

اس حال اپني کي خبر کس کو سنائون، اي سجن،
جنجال هي يہ زندگي مرني مين ميرا کام هي.

هن سرتاج الشعرا ۽ بزرگ هستيءَ جو عرس مبارڪ هر سال ماهہ رمضان جي تاريخ ۱۲،۱۳ ۽ ۱۴ تي سندس ابدي آرامگاهہ ڳوٺ درازا شريف ۾ نهايت احترام ۽ عقيدت سان ملهايو وڃي ٿو ۽ اڄ بہ ايندڙن لاءِ هدايت جو سرچشمو آهي ۽ لکين عقيدتمندن ۽ زائرين جو هجوم اسانکي ياد ٿو ڏياري تہ الله جون نيڪ ۽ برگزيدهہ هستيون، جي سچ ۽ سچائي لاءِ جيئن ۽ مرن ٿيون، انهن جي عظيم ڪارنامن جي بهار چمن جي راز هستي ۾ هميشہ قائم ۽ دائم رهي ٿي.

علي گوهر درازي

وحدت نامون

اَوّلِ ساراهہ ڪَرِ سُبحانَ جي، مَولي جو مُلڪَنِ
مڙيائي مَحفُوظ ڪيا، ڏسو ڏيهہ ڏَڏيَنِ
ڪي ڪاملَ ڪُرسيءَ تي ڇڙهي وُهہ وَهہ واعظُ ڪَنِ
ڪي ڪاتبَ ڪتابَنِ جا، سَوين سَبَقَ ڏيَنِ
ڪي پڙهيا پاڻ پُرجهہ سان، پڙهيو پڙهائنِ
ڪي مسئلا ڪيوُن، نا ميا نبيرَن
ڪي وِردَنِ وَظيفَنِ ۾، شاغلُ روز رهَنِ
ڏسيو وائسيو وَرَقَ ڪي، وَريو وَرائنِ
سڪَ سچيءَ ڪانہ ڪونہ ڪو، سَبَقُ سُور سِکَنِ
اَکَرُ لِکَنِ نہ دِلِ تي، ڪاغَذَ کارا ڪَنِ
مُدّعا ٿئي جنهن ڳالهہ ۾ . تنهن ويجهو ڪين وڃنِ
جو فَرمودُو فائقَ جو، تاڏي ڪَنُ نہ ڪَنِ
"وفي اَنفُسڪُم اَفَلا تُبصِرون"، هن ويسهَہ نہ وِسهَنِ
هين هين معنائن ۾، ڪاهت ڪيون ڪَهَن
اهو فِڪرُ فائدو، توڙُون ڪري نہ تن
فڪر ڪن نہ فنا جو، بقا ڪي نہ پُڇن
هي اتي حيران ٿيا، اوگا منجهہ اکرن
معنيِ تن جي طرح سا، هڪڙي ٻي چوَنَ
پڙهيون سمجهون علم تي، عمل نہ آڻن
"مَن تَعلم العِلمُ لِلمناظرهہ والمکابرهہ"، اهي مُنافق مَرن
هيٺُون مٿيءَ جي پَسي، ٿا پاڻِئي لِکائن
آهي آفتاب ابر ۾، پر لائق ڪين لَهن
منجهايو ماڻهن کي، ماضن مذهبن
محڪُم ماڻهن کي ڪيو، تن جي زنجيرن
هُوُن حديثن ڪين کي، نہ ۾ آيتن
مڃن تن کي ڪين کي، ٿيو مُلا ٿا مَڃن

سي سوگهائي ڪيائين، نامُرادن نيرن
اکيائين اکين اوڏڙا، توڙيون ڏسُ تن
برهه جي بئبانَ کان، پاسي اوءِ پَون
سي پسڻ کان پري ٿيا، کَين پساءِ پَسن
محبت جي مهراڻ مئون، جي مُلا چاش چکن
تہ "کنزَ قَدوري" کافيا، لهرن ۾ لوڙهنِ
کن سلام "صرف" کي، هوند "نحو" نہ نهارن
پرک لاءِ تنهن ڳالهه جي، باسَ نہ ٿا باسِن
اهي رهيا اتهين، مئي کين چڙهن
کيئي آهن قال ۾، باتيون بس نہ کن
کي وڃي رسيا حال کي، کي بينا ٻاڌائن
کي لنگهي هليا حال کئون، نکي قال کَهن
کي دنيا جي طلب ۾، هنيا حِرص هَجن
"طالب الدنيا مُخنثُ"، مُحبت ناهه تن
کي کوڏيا عقبليِ جا ٿيا، هنيا لاءِ حورن
"طَالبُ العقبليِ مُؤنثُ"، مڙسَ نہ سي ڇڄن
عاشق جي الله جا، سي سائين سيبائن
"لا موجود الا الله"، حاضر کيو وتن
"طالبُ المولىِ مُذکرُ"، هن رسيا رمزن
ٻئي جهان ڦٽا کيو، ٿا ٽئين جهانَ وڃن
اصلئون اختيار کيو، فقر فقيرن
"الفقر خزينه مِن خَزائن الله"، بعضن کي بخشن
"الفقر لا يحتاجُ الا الله"، ٻيو ڏنائون ٻَن
"الفقر فخري والفقر مِني"، اي اي اتو عجيبن
وتن ويڳاڻا ورهه ۾، نيٽين نند نہ کن
راتيان ڏينهان روح ۾، چَپُ نہ کو چورن
"من عَرفَ ربه کلِ لسانه"، ٻَڌي زبان انهن
نيستي تن کي ناهه کيو، مُورئون "مان" نہ چون
"قُل کل من عندالله"، اهو کيائون کن
"والقدر خير و شر مِن الله"، سڀ اوڏهون ڄاڻن
مولىِ جي محبت ۾، کِيا ٿيا وتن

سُڌ ڪا سيئي سوز جا، پنيءَ رات پرن
آديسي ارمان ۾، گهوماتيا گهمن
ڪين روئڻ کان ان جيون، اکين اوکارن
هر آن سري، که با محبوب دارند خبر نه بود
"ڪراما ڪاتبين را"، سرُ اهو سانين
هيهات! هيهات! اها عادت اداسن
پنهنجيءَ پر ۾ پاڻ کي ٽا پريتئون پچائن
نهائينءَ کان نينهڑو، سکيو سامينڑن
مچُ مَچايو من ۾، ٻاڦَ نه باهر وڃهن
عاشقَ مٽئون آگ جي، اولارا ڏين
طالب جيئي حق جا، طلب نه ٻي ڇڏن
عينا سندين اوجاريون، اچن اوجاڳن
الئي پَهرَ عجيب کي، ڪنڌ اونڌي اورن
ڪا ساعتَ هڏ نه سَنرا، انهيءَ ري آهن
طاهر سيئي زبان سان، ٻبو ٽا ڪين ڪهن
مامَن سان ماڻهن کي، سالڪَ سمجهائن
"صُم بُکم" سڪون ۾، اڳيون پئي عامن
"عينها باکيه و ڦلوبها ذاکرٌ"، اهو ذڪر چون
"عينها نَيامَ وَ لا نَيامَ ڦلوبها"، دل طرف دوستن
آئي آڏو عام جي، اڳهين ڪانه ڪهن
"ان اوْليا تحت قبائي"، لائق لعل لکن
"الصبر مفتاح الفرح"، صبر صابرن
بعضي موحد وحدتي، اهڙا ٻي آهن
مست ڪيئن منصور جان، سوريءَ سر سڻن
محبت ۾ مخمور ٽيا، ڪامل ڪوڏ ڪُسن
ڪُرکن ڪِنجهن کين کي، جڙ پار وهاءِ وجن
رت منجهارئون پنهنجي، وضو ويرَ ڪرن
اي نماز عشق جي، تنهن پوءِ پڙهن
جي محبت وڏا مامري، سي ڪيئن مُڙس مُڙن
سوريءَ اتي صابري، ڪيون ڇيجَ ڇڙهن

تختئون تريءَ تي رکي، صادقَ سِرَ ڏين
کن سر صدقي دوست تئون، ٻيا پَهه کين پُڇن
نينهن نهوڙيا نڪتا، جنهن پر ڪاپڙين
هٽي درد ڏهيون ڪيا، سندي سُپرين
ڪڏهن اچا ڪپڙا، ڏار نه ڪنهن ڏکن
منهن مهرا مٽي ٽهڙا، اهڙيون طرحان تن
ڪائي تن جي ڪانه ڪا جُڙي لٽي لِڳن
مٽي پيرين برهنه، ايڏا سُور سهن
پَرٽيو پروانن جيان، ڪاهيون تت پون
ٻنيڙ باهه عشق جي، سپورن سڙن
آوڙي عامرُ نه انکي، جي سينڊائي سڃڻن
اچو پون آڙاهه ۾، سر جو سانگ نه ڪن
ڏجو ڪنهن جَس جهوپڙا، آڏا ڪين اڏن
اوڏنهن وڃُ متان پوي، ڳهنگهَرئي گهارن
ري پريان تن ڪين ٻيون، ڳالهيون ڪَسُ لڳن
ڏاڍا ڦٽ فراق جا، تن جي چِتِ چاڪن
ورهه وڏي واڍوڙ ڪيا، رويو رت روئن
"مَوتَوا قبل انت مَوتَوا"، ائين مَنُ مارن
اهي مرڻ کان اڳي مئا، "مان" کي کين مڃن
دشمن دوست هِڪُ ڪيون، گودڙيا گڏجن
ان جي اکين آگر سٽيا، ٻوندون بس نه ڪن
سِر ڏيو سَٽوپرا، وٽي وره ولٽن
"ترک الدُنيا سُنّهَ طلب مؤلي فرضُ"، اهو دل ڏرن
سوين ڇڏيو سُکڙا، گونڊرَ گذارن
جوڳي جانبَ کاڻ ٽيا، مثل مستانن
ابترُ ڪائون پاڻ کي، پسڻ لاء پرين
هاڻ ويڃائي حالڙو، ويتر ويچارن
هو "مُشتاق اِلي لقاء الله"، ائين محفوظ رهن
کي فنا فراق کيا، کي مليا محبوبن
محبت جي مڪان ڪئون، ڇڏي لاهوتي لنگهن
واديءَ ۾ وحدت جي، دانهن پير ڏرن

"تون ـ مان" وچي وچ مان، تہ ڪي ماڻ پسن
شڪ يقين اٽي ويو، برابر چون
هادي مُريد هڪ ٿيو، تفاوتُ نہ ڪن
پاڻ مڙيوئي پاڻ ٿيو، نِوڙي نِوڙت ڪن
پاڻ اٽي پاڻ ويهي، پاڻ رَموز رکن
دائرن پرجهي مڙيوئي پاڻ، غير نہ پَسائن
ڪافر مومن هڪ ٿيو، پلا ٿا پائن
سوئي فَلڪ سوئي مَلڪ، سوئي آدمن
آهي لقاءِ لطيف جو، عَبدون عاشقن
سوئي احمد سوئي علي، سوئي هڪ سمجهن
نانءِ ڪنن اکين جا، وچون ٿي ويچن
بازيون بازيگرُ ڏسي، اِلهيءِ پَتِ پُلن
تان اکيون ڪن زبان سي، هوليون ٿيون هولن
اسين آهيون آدمي، بيحد مئون بَشرن
نا تہ مڙيوئي پاڻ ٿيو، سَميعُ بَصيرُ ڏسن
"عين عَليمُ ڪَليمُ ٿيو"، قادِر قدرتن
هي مڙيوئي وصفان، الدر آدمِن
هِت آدم مئون الله ٿيو، ٻيا سڀ شڪ پچن
اصل الله مئون آدمي، ثابت صورتن
مورت صورت هڪ ٿئي، ڏسج دل ليٽن
سوئي ڏسڻ وارو، سو منظورُ مڃن
خالي ڪانہ جاءِ ٿي، بنا محبوبن
سيڪنهن هنڌنِ سپرين، ڇا جي جاءِ حُسن
ڪاٿهين پٽرڻيون پٽ جون، ڪاٿهين دَلقا ڪن
ڪاٿهين جاما زر جا، ڪاٿهين پشم پهرن
ڪاٿهين سناسن ۾، ڪاٿهين منجهه مُلن
ڪاٿهين رهن تقويٰ ۾، ڪاٿهين منجهه ناچن
ڪاٿهين تماشن ۾، ڪاٿهين ساجن ۾ سيرَنِ
خَلق الاشياءَ فَهوَ عينها، منجهه عربيءِ ائين چون
پاڻ چوندڙ پاڻ ٻڌندڙ، پاڻئي ۾ بولن
سموند سرگِردانَ ٿيو، پيو ۾ عَجبَن

آءُ اصل پاڻي آهيان، سموند ڪيئن سڏن
نانءُ مٿم ناحق جا، رکيا الائي ڪن؟
جي رسيا وڃي وصال کي، سي چؤرنگ پار پسن
اول ڪفر پوءِ مَڃجُ، پوءِ تان منجهه ڪُفرن
پر ڪفر مسلماني هڪ ٿي، مڙيوئي مڃن
نفي مئون اثبات ٿي، ٻيا سي "لا" ٿين
مرشد ڪامل هادي منهنجو، دائم درازن
عَارفُ عبدالحق آهي، صوفي صاف سين
هئي شال چراغ سو، روز شبان روشن
عَارفُ جي اولاد کي، دعا سي ڪرن
حيرت ۾ هميشه سي، غازي سي هئن
عشق منجهه الوٽ هئن، سيئي صاحبن
گهرين تڙين تانورا، مٿي شهر ڪن
ڏيئو روشن تن جو، تائين قيامتن
أجرا ٿي آفتاب کان، هادي شال هئن
اظهر هئن دارين ۾، ساڻ برڪت پنج تنن
هُئنِ خليفا غوثَ جا، روشن کانءُ هئن
قائم مسند تن جي، حرمت خير سندن
نبي علي عمر عثمان پٽ ۾، تنهين جيئي ٿين
سچل سگ انهن جو، سندن دروازن
ڪلمو چئي نبي تي، تان ڇٽو کانءُ ڇيهن

لا الہ الا اللہ محمد الرسول اللہ
لا الہ الا اللہ محمد الرسول اللہ

كافيون

فهرست

(الف ب وار)

الف

اڏوَ عبديت عذاب، آهيوَ هزارن حجاب	71
اڏئي انهيءَ ۾ حالت، نہ تصديع نہ راحت	71
اڄ اڳڙ اجهي آيم، پرديسي گڏيم ميان	71
اڄ اهو ساڻي مون سڃاتو، آهي ٻڙيون ٻاروڇو	72
اڄ اوڏاهين سي آيون، مونڊي خبران خير جون	72
اڄ جو جوڳي آيو، نانءُ تنهن جو نہ ٿي ڄاڻان	72
اڄ هوتن ريءَ هت هاڻ، ٻيا ڪير لهن مون ساران	72
اديون اڄ اهي آيا، جن ڪاريو مونکي الله الله	73
اديون اهي اڄ آيا، ڏيهه جنين لئي ٿي ڏوريان	73
اديون ڏي اڄ آءِ، اسان محبن جو ميلو	73
اسان ٿيو اڄ اسان ٿيو، نڏا ڄاڻو ڇا اسان ٿيو وي	73
اسين آهيون ڇا اسين آهيون، ٻيلي نہ ڏا ڄاڻون ڇا اسين آهيون	74
اسين پاڻ ڪٿون وياسين، ڪنهن جاءِ ٻڌي تي پياسين	74
اسين ساڻي خود آهيون، عام چوي ائين ناهي	74
اصل اسانجڙو آهي، ننگ ٻاروڇل تو تي	75
اصل آهيان اسرار، ظاهر ڳالهه زبانون ناهي	75
اڳنان وجهه نگاهه، ڳالهه نہ ڪوتاهيءَ جيهي	75
اول ڪاءُ غوطو ٿيءُ گهر، پڇي مار شاهي دا دم	75
اوهين پنهنجو پاڻ آهيو ننگ نباهڻ وارا	76
اوهين سيئي ڇو نہ ڄاڻو، نانءُ مٽم آهي ڪُهڙو	76

آڏو مانَ اچن وو، ڏسي هن جو حال ڀلا 76
آکو ڙي آءُ ڪير آهيان، ذات نہ ڄاڻان ڪير وي 77
آهہ علاج نہ ڪوئي، هن اکين ماري آهيان 77
آهي بي نام نشان، سِرَ انهيءَ جو ناهي امڪان 77
آهي انهن اکين کي، خاصو خمار تنهنجو 77
آهي منهنجو سڳ، تا پنهل توئي ساڻ 78
آهي ويچاري ڪا وس، توکي معلوم مڙيوئي 78
آهي هڙو حال ويچاريءَ جو، سهٽا ڪرڪو ڪرم ستاريءَ جو 78
آهيان آءُ اسرار جيڏيون، مونکي ڪير ڀانيو ٿيون 78
آهيان آهيان تہ پي چئو ناهيان، ناهيان ڪين آهيان آءُ 79
آهين ڪونہ جو ٿو ٿئين، آهين ڪونہ جو ٿو ٿئين 79
آءُ ادا سالڪ، سهي ڪر، تون تہ طلسمات کي 79
آءُ اصل ڪؤن آهيان، گولو غلام تنهنجو 80
آءُ اڳڙ منهنجي آري، توکي صاحب ساريان ٿي 80
آءُ اوهان تئون گهوري، اڙي ڪيچيو ساڻ نجو 80
آءُ آرياڻي اوري، تنهنجي دامن لڳڙي آهيان 81
آءُ باروچل ٻيلي، مونجهہ تنهنجي ماري آهيان 81
آءُ ٻانهي تون سائين، پاتم پاند ڳچيءَ ۾ ڪپڙو 81
آءُ ٻانهن جي ٻانهي، آهيان عبيدار سڄڻ 81
آءُ تا تنهجڙي آهيان، ڪانڌ مونکي ڇو ٿو ڇڏين 82
آءُ تا صدقي ان تئون، جي آيا پنهل جي پار 82
آءُ تا ڪالهہ اڏامي، وڃي پيس پرين وٽ 82
آءُ تو پاڻ سڃاڻي، مون وٽ يار پيارا 82
آءُ پنهون پاڻ آهيان، ڪاکيون منجان قاصد ڪاڏي 83
آءُ ڪانگا پرينءَ جي ڳالهہ ڪر، واعدو ڪيئي ڪالهہ سو برحال ڪر 83

آءُ کا رهندي هوتن ريءَ، هوندس سانول ساڻ	83
آءُ ڪيچ ڪندي، وڃي پورهيو پرين سان ڙي جيڏيون	84
آءُ ڪوڙين ٽيان قربان، جوڳيڙن جي جات تئون	84
آئين قاصد ڪالهه پرين جي پار ڏانهن آندئي جي سنيها سَل اهيئي	84
آيم رات عتاب، ڏاڍا سخت سنگهارن ڏانهن	84
آيو منهنجي گهر يار جنهن جي ڪارڻ مون ٽي ساڻي سنڀايا	85
اجهي آيا ڪلي گڏياسين، جن جي ڪارڻ پانڊي پچاسين	85
اها ڳالهه سڄڻ تنهنجي، ڪنهن سان آءُ تا ڪريان	85
اهو اٿم ارمان، ڇا منجهان هت ڇا ٽي آيس	85
اهو ڏاهيون ڏس آءِ، جيڏيون سانول اتي وسي ٿو	86
اهو ويو هاڻي ڪاڏي، جنهن سچو نانءُ سڏايو	86
اهي اولانيا آيا، مون ڏي مارن جا	86
اهي نياڻا ڪو نيئي، منهنجا مارن کي ڏي	86
ائين لِکيو مون ائين لکيو مون پنهنجو پاڻ کي ائين لکيو مون	87
اتي وڃي پيو خيال منهنجو، جتي دم قدم جي جاءِ ناءِ	87
اتي ڪفر نہ اسلام ائين لِکيو مون، آهي سيني کي سلام	87
انهن جادوگر اکين، ٻيران ڪيو سين	87
اهو آهي آهي، يار ساڳي ساڳي	88
اهو بر پي بازر آءِ، جتي ديرو دوست جو	88
اهي اڳڻ منهنجي آيا، جن ڪاڻ سي پير پڇايم ٽي	88
اهي شال اچن، وو واقف هن جي هڻا حال جا جيڏيون	89
اهي ڪهڙي طرف ويام، آءُ ڳوٺ رهيس سڀ ڳولي	89
اهي ڪاڪيون ڪوهيارا، اڄ اڳڻ منهنجي آيا	89
اوڏانهون آئين ڪانگل ادا، لنؤ تون چڳي اڄ لات کا	90

اوڏانهون آيا مون ڏي عتاب اباڻن جا	90
اسان جال پري جام، پيون آب حياتي	90
آهي معلوم ٿوڪي حال، اسان نماڻن جو	91
آئين سو ڳالهه سڀائين، وَهيان ڪانگل تون ٻلي آئين	91
اهو ڏونگر ڏيهارين مون ڏوارپو ٿو ڏئي	91
اچي لايو ڪيئن، سڄڻ تو نينهن نماڻيءَ سان	91
آءٌ تنهنجي سارو عالم ڄاڻي، يار چڱي تو تا لائي وو	91
الله اُهي اڄ آندا، پرين جي هٿا پرڏيهي	92
اوري آڻ سي اوري ڙي، الله جنين ڪاڻ سڪيس سالَ	92
اچي ڪونہ ايڏانهون، ماڻهو شهر ٻنيور ۾	92
اڙي اَلو اَلو، رانول آيو راڄ ۾	92
آءٌ ڪانگاڪر ڙي مون سان هَر هَر، پيو ڪَر مٿي ڳالهه پرين جي	93
احوال عشق لائي، "سرَ سِرَهه" بلائي	93
آءٌ ڪانگا ڪر ڳالِ پريان سندي پارَ جي	93
آءٌ ڪوهيارل ڪائين، وَري ويڙهو وسائج ميان	93
آيَسِ آءٌ ڪي اوڏي، جهاڳيا مون تان جبل جالَ	94
آءٌ ويندي ٻنهل جي پارِ ميان، ٽڪيس ڪين ٽرن ۾	94
اديون ڙي آهيان ٻانهي پاروچن جي	94
آءٌ ويجان تو تئون گهوري، گهوري گهوري ميان	94
آهي ڪوچ بڪوچ يار، ڪيڏي ڳولهيو ٽيون ائين سرتيون	95
اکڙين اسرار، مون ڪي ڪو جو ڪيو ميان	95
آءٌ وري تون تان ويهه، سڄڻ آءٌ تان تنهنجڙي آهيان	95
آءٌ هلي ڏس حال، منهنجو ٻاروچا ڙي ميان	95
اوڏانهون جي اچن، ڙي جيڏيون، انهن آءٌ ڪيئن نہ سڃاڻان	96
اڙي اَلو اَلو، منهنجي يار سڄڻ جو سات سلامت آئيو	96
اڙي مهر پئي مون ڪي يار سڄڻ، دارون ڪو دل جو ڏئي	96
آهي صبح انجام، پرين تنهنجي ٻلا پار ڏي	96

اُهي ڏوراپا ڏيئي، موتي مُکا يارَ مُون ڏي	97
اڏر پکيڙا پار پرين جي، خبر آڻي مون ڏئين	97
اي اچي ڏس حال منهنجو، آءُ اچي سڻ عرض هي	97
آهيان اوهانجڙو آئين، ڪچ نہ پائين، دوست چوي ڪير آهين	97
اڄ جو اوڏنهون آيا، گڏيا سي قاصد مونکي، اُهي ڏنائون واڌايون	98
آءُ اسانجهڙي ديري، توکي گهٽو ساريان ٿي، نا تہ محب مران ٿي	98
آءُ اسان وٽ يار تون، اُهي هت اسان جو حال هي	98
آيا ڏنوَ آيا ڏنو، چئو ڪي پانڌي آيا	99
اوڏاهون قاصد جي آيا، تن هُلائي هيءَ وائي	99
آيو بحر جوش ۾، تڏهن موجو پئي ٻاهار ميان	99
اَلا باري برهہ ڊولڙ جي، دل ديواني منهنجي ڪيئي	100
اڄ لنگهدين واٽ ويندي، يارُ ماريندو ويو	100
اچن ٿا پرين اچن ٿا، سل ڪي ساڻي اچن ٿا	100
اڄ ڪي صبح اچن ٿا، نروار چئو نجومي	100
اڄ اڳڙ اجهي ايندم، سُکيا سانگي گڏيم شالَ	101
آءُ ادا ڙي پانڌي، دوست دلاسو ڪو ڏنو	101
اهو نياپو آندو، پانڌيءَ پرين جي پارَ ڏنهن	101
اڳڙ اسانجڙي سائين، ڪر ٻلا تون ٻيرو	101
آءُ تہ گڏ گذاريون، ڏکيا سکيا ڏينهڙا	102
اي پرين تون پاڻ سان، هي گداگر نئين گڏيون	102
اُهي ماروئڙا مونکي، ٻيهر مانَ ملنِ	102
اُهي ٻڙيون ٻاروچا، اڄ اڳڙ منهنجي ايندا	103
آءُ اوهانجڙو آهيان، مونکي ڪير وسارج ميان	103
اڙي جيڏيون منهنجو جيئڙو، ونيو سڃڙ وڃي	104
آءُ تان ڏيهاڙيون زار و زار	104
آءُ تا روز رُڳان ساريون	104

اڄ سڄڻ پاڻ ايندءِ، جنهن لَئي نهاريئي ٽي واٽان 104
اوري ڪانگل آءِ، ڪين جي خبر ڏي ڪاءِ 105
آئين هلي هِنَ جاءِ وي، هڪ ساعت ڪارڻ تون سانگيئڙا 105
اي پرين تون پاڙ پنهنجا، قول جي تو ڪالهه ڪيا 105
آءِ تہ "مان" "تون" وڃي يار، ٻي ڳالهه ڪر مَ ڪائي 105
آهيان آءِ تا اُها ئي، هيٺ مون لوئي 106
اڄ اسان وٽ آءِ ميان، تون مجهين والا ميهار ميان 106
آءِ تا اچي پيڙس اُتي، جتي جاءِ ادب جي ناهه وو 106
اکيون اڙايم ڏاڍي جاءِ، ڏي جيڏيون ڪيئن ڪريان 106
آءِ وڃي ڪنهن کي چوان، هي يار جو احوال جي 107
آءِ ڪيئن آَتڻ وڃان ڏي جيڏيون، چرخو چيو منهنجو نا ڪري 107
اڏي ٻِلوِ يار ڪيڏي تنهنجي، ماريو مون کي اکين 107
آءِ اچي رهه رات، ٻلو منهنجا يار ڏي 107
آءِ ويڙهي تون تا وس ڏي، ٻلو ٻنهل يار ميان 108
اديون ڏي اُهي اچن، جن ڳاريو مونکي الله الله 108
اڏي جيڏيون مون کي ڇو ٽيون، پرين ڏُنهن جهليو 108
آءِ صبح اسان جو، پرين ٻلا تنهنجي پار ڏي 108

ب

بحر برهه جي موج ڪڙي ٽي، ناگهه تنهن سر آيا سي 109
برهه بيراڳي ڪيو ڏي جيڏيون، مونکي درد ديوانو ڪيو 109
برهه جي بازار، جيڪا ڏسڻ ايندي 109
بيرنگيءَ سڄڻ رنگ لايو، ڏسو ڪيهو ڪيهو ڏي ميان 110

پ

پاروچا پئيوَ پاجهه، ڇپر مُئيءَ کي هيئن نہ ڇڏيجو 110

ھاروچا ھيڻن نہ ڇڏيو، هيءَ نيو نماڻي ساڻ 110
ھانھن جي آءٌ ھانھي آھيان، ھاروچي جي ذات جي 110
ھانھي آھيان گولي آھيان، آءٌ تہ يار سڃڻ جي 111
ھانھي ھاروچل جي آھيان، وي آھيان وي آھيان 111
ھانھو ڀاءِ مَ ڀاڻ، تونھين مالڪ ملڪ جو 111
ھيو ڪير ڀڄي ٿو حال منھنجو، خان ھاروچل ھاجھون 111
ھيو ڪير حامي منھنجو ٿيندو، لکي ھاروچل ھانھون 112
ھاروچي لَنوَ لائي وو ميان، ڪوھيارِي لَنوَ لائي 112

ڀ

ڀلي ڪري آئين آئين، ھت تون گھرجين يار 112
ڀُلُ وڃي ٿو، ڀُلُ وڃي ٿو، لوڪ سارو ئي ڀُلُ وڃي ٿو 112
ڀينرڙي ٻيوس، وڃي آءٌ ڀيان 113
ڀينر هيءُ ٻيور، اسين ڇڏي وينداسون 113
ڀول نہ ٻي ڪنھن ڀُل، تون تہ آدم ناھئين 113
ڀڄي ڀاھَڙَ ٿي پاسي، متان ڏاڍو ڏک پويئي 114
ڀلي ٿيو ڀينر، منھنجو هي سڳ عربي ڄام سان، مرسل مير سان 114
ڀينر هيئن نہ ڀانيون، تہ ڪي ھوت ڪندا ھھڙي مون سان 114

ت

تاڏي مُنھن نہ ٻيو ڙي منھنجو، جاڏي لوڪ لڙي ٿو 114
تنھنجي آھيان آءٌ، ٻنھنجي ڪري ڄاڻ 115
تنھنجي اچڻ جون واڙيون، نت نت ايي نھاريان 115
تنھنجي پاڏي پيغامن، الله منھنجو جيءُ جياريو 115
تنھنجو درد اصل ڪٿون اختيار ڪيوسي، 115
تون آءٌ اسان وڏ يار، تنھنجي ڪارڻ جيڙو ڇڪي ٿو 116

تون آهين صاحب صورت جو، هي آهي غلام تنهنجو	116
تون ته پنهنجو پاڻ پساءِ، شوق تنهنجو مونکي يا شفيع	116
تون ته پاڻهي ٿو سائين ڇاڻي، ڪيهو حال چوان توکي هاڻي	117
تون تا ڪڏهن ايندين وي يار، تنهنجي روز نهاريان راهه	117
تون نا وسين منهنجي من، توکي ڇئي ٻڌايان ڇا	117
تون رب ڏاڍو بي پرواهه، آءٌ تا ڏڃان تنهنجي ڏاءِ	118
توڏي هَيَنِ ڪا تياري، اجهي اڃ سي ايندءِ ميان	118
تو ريءَ ڳالهڙيون ڪنهن سان ڪنديس، آءٌ وَرَ واڳ ورائي	118
تو سان يار عاشق، منهنجي پرت اصل ڪئون پيئي	118
تو سان منهنجي يار، رهجي اچي شال	119
تو ڪيئن اهي وسري ويا، جن ٿي ڪارون توسان ڪيا	119
تو ڪين وڃايو پاڻ، ڳولهي لهج پاڻ کي	119
توکي پيڙو ڇا ڏي يار، جو ائين درد جي دامان ۾	119
توکي جاني نه جڳائي، رَسڻُ نماڻن سان	120
توکي عاشق پنهنجو ڄاڻان، توکي سوَن ۾ سڃاڻان	120
تو ۾ تند تنوار، ٻڌين نه ٿي ٻوڙي الا	120
تَنِ رويُون حال چوان، الا جي اولي آيم اوڏهون	121
تنهنجي چشمن چيٽڪ لايو، هاڻي آءٌ ڪيئن ڪريان	121
تنهنجو ديس وسي، ميان پري نه وڃ پرديسي	121
تنهنجو ديسڙو وسي، پلا ڏي ني پرديسي	121
تنهنجي حسن ماريا، سوريءَ سي سنياريا،	122
تهين ڏينهن ڏنائون، ساهه منهنجو ساهڙ کي سرتيون	123
تنهنجي محبت موهيو موهيو، رمزن ريهو ريهو تا هي ساهه آٽيئي الله	123
تنهنجي ڪارڻ ڪاريو، هوءِ هوءِ هوليڙو	123
تون آءٌ ڏي قاصد آءٌ ميان، ڪا خبر ڏينهون ڪينءَ جي	123

تون آءُ آرياڻي اوري، تنهنجي دامن لڳڙي آهيان 124
تيز تبر انداز، چشمان، يار جون خوني خطاب 124
تن قال کي ڪوتاهه ڪئي، حاصل جن ٿيو حال هي 124
تنهنجي حسن ڪيو حيران مونکي، انهن چشمن ڪيو مستان مونکي 125

ٽ

ٽبون ورڻ جون وايون، يار سانگيڙي جيون 125
ٽي تون رهبر راهي، پريان سندي پار ڏي 125
ٽو دوستيءَ جو دم هڻين، پر کين ڪُسي قربان ٽئين 125
ٽورا کيڏا مون سان لايا، يار سانگيڙي 126
ٽئين متان تون ماندي، نال وڃي توکي ايندا 126

پ

پري ٽين نہ شال، پرين پاڙيچا پرڏيهي 126
پسڻ کارڻ پرينءَ جي، ڪيا آگم اکڙين 126
پنهنجي ذات لکائي، ڪيئن پي ذات سڏايان 127
پنهنجي نظر ۾ پيهي، وڃون هاءِ هاءِ سالڪ 127
پنهنجو ڪيو هي تا پنهنجو ڪيو، مونکي يار پنهل ڪوٺي 127
پئي پيش پرين کي پاڻ، آءُ چوندیس حال هلي 127
پانڌي اوڏانهون اڄ آيو، پريان سندي پار ڏنهن 128
پانڌي پيغام پهچاءِ، منهنجا محبن کي ميان 128
پانڌي منهنجي يار کي، ساري ڇڀيج سلام 128
پانڌي نيئي پهچاءِ، هي نوان نياپا نينهن جا 128
پاڻ پرين اِهو آهي، متان پيٽر پولو پانيو 129

پاڻ پنهون آءٌ آهيان، اڙي پيئر پُلي ناهيان	129
پاڻ ته آهيان پاڪ، پر ڪي ڏينهن هت گذاريان ٿو	129
پاڻ سڃاڻڻ آيو سو پلي آيو، ڪر نہ هُيڙسُ ڪو ٻيو	129
پاڻ ڪي يار نہ ڄاتوم، پيئر پُلي آهيان	130
پاڻ منجهون ڪل پيئي ني پيئي، دوست جي وو ميان مونکي	130
پاڻ وچ ته نا آهيون، ٻڙي جيڏيون ڪيئن ٽيون ڄاڻو	130
پاڻهي پٽيوَ سڏ سورن جي، وو عشق لڳيوَ جي اديون	130
پائي ڏوهہ پنهنجي پاند ۾، آءٌ تا دوست تو در آئيان	131
پرين آهن پارُ، آءٌ هت ڏينهن گذاريان	131
پرين سان پت پري، ڙي جيڏيون منهنجي	131
پرين نہ ڇڏج ٻئي پار، ساريون تنهنجيون ڳالهيون روڻان آءٌ	131
پرين نا ٻئي پار، جانب تنهنجي جان ۾ (آخوند ري)	132
پرين هي پيغام، ساري ساڻيو ڏيجو	132
پڇي عشق نہ ٿو پوشاڪي، هاريا ڇڏ اها هوشناڪي	132
پڇو نہ منهنجي ذات، جوئي آهيان سوئي آهيان	132
پڇيون ڪي پرين، حال منهنجي جون خبران ساڻيو وي	133
پرجهي پاڻ نہ ڄاڻان، ڪير آهيان يار ڙي ميان	133
پور پرين جي هي ماريان، عشق سڃڻ جي ڇاڙهيان	133
پير اسان وٽ پاءِ، سڪندي سال اوهان کي گذريم	133
پير وڻي جي تون آئين يار، وَڻءِ وڻي سي پير سڃار	134
پاڻهين پاروڻ يار، قاصد مون ڏي آيو	134
پچن ڪوهہ طبيبَ، اوُ سوز واريون سرتيون پلا	134
پنهنجا وعدا پاريا، سانول سائين	134
پاندي دلاسو ڏي مون، ايندا آرياڻي ڪي اوڏا	134
پارئون پريُنِ، جيڏيون اچن اهي اولانيا	135

پوءِ هت کيئن کندي، ٻاجهون يار جي آءُ 135
ٻاهڙ ڙي پرڏيهي، ناهي واجب ادا ايذائڻ توکي 135
پرين اوهان کئون، پوءِ، هت راتيون رهنديس کا 135
پلپل پَوَنرَ پُور، عمر تن ماروئڙن جا 135
ٻاڙيچيُون ني پرين جو، مون کي پُورَ اڇ ني پيو 136
پرين منهنجي اگهڻ، الله توکي آڻيندو 136
پرديسي گڏيا دوست، لٿوَ هجر هلاکي 136
پلپل پرين جي پار جي، کانگا خبر کا مون ڏئين 136
پهري پوش جو ٿُرکي آيو، الله آدام نامَ سڏايو 137
پانڌي آيم اڇ پيهي، پريان سندي پار ڏنهن 137
پورهيت پاڻي ڏوئي، خان ٻاروچا تنهنجي 137
پنهل منهنجو ور، اٿم ساهم ٿمرُ 137

ج

جڏهن پرين پاتم جهاتي، تڏهن حاجت ناهي حج جي 138
جنهن جي آهيان عشق اندوهي، تنهن ٻاروچي کي ٻاجهه پوي 138
جنهن دل تي آهي جوش، سا دل سورن سان سَنرِي 138
جنهن ميهر ملايو، تنهن گهڙي تان گهوري آهيان 139
جنهن کي عشق مولي جو ناهي، سو جڙ جهنگ جناور آهي 139
جهڙو هي عجائب آهم، ناهم عجب کو ٻيو اهڙو 139
جا چوڙ جهڙي ناهم، سا ئي کيئن چوان جيڏيون 139
جاڻي تو نہ جڳائي، رسڻ نماڻيءَ سان 140
جن ڏوراپو پرينءَ جو، کيئن ڏرو سي جيئنديون 140
جن لائي توڙ نيائي، آءُ صدقي وڃان تن تئون 140
جيءُ آئين پلي آئين، کنهن منزل مون پهچائين تون 140

جيجان زلفن واري، انهين سامي من موهيو 141
جيئن سج آهي پريشان، سوئي ڳولهي سج کي 141
جيءَ نچ آيا پلي ڪري آيا، ساڻي سڃڻ جي ڏيهه ڏانهن 141
جيڏيون ڪائي مَ جهلي، مونکي پارئون پرين جي 142
جيڏيون مونکي ڇو ٽيون جهليو، ويندي پرين جي پار 142
جي اوهين ڄاڻو ڙي جيڏيون، آهي الله لوڪ سارو 142
جي مون پڇو ڙي جيڏيون، آهي بره بيقراري 142
جي مون وٽ دوست اچي، آءُ ڦيريون ڙي لک پايان 143
جيڏيون آءُ ڪا رهندي هوتن ريءَ، هوندیس سانول ساڻ 143
جي وڻي حب وجن، انهن کي ڪيئن نہ سجاڻان 143
جي هُئين عاشق تہ برسر، مينهن محبت جو وساءِ 143
جو اگڙ پيهي اڄ آيو، سو سامي مون تا صحيح سجاتو 144
جو تون پيرا پري آئين، تنهنجي ٽوري هڪ نڙي پجان 144
جو ٽو ڳولين يار، سو تا تو ۾ آءِ 144
جو جوڳي زلفن وارو، سو سامي مون تا ڪين سجاتو 144
جوئي آهيان سوئي آهيان، هندو مومن ناهيان 145
جوئي آهيان سوئي آهيان، غير خدا جو ناهيان ناهيان 145
جوڳي آهيان جوڳي ٽيندس، جوڳي جنگ جوانُ 145
جو هوم ورونهن وارو جيجان، گڏيم سو تا جوڳيڙو 146
جيءَ جون ڳالهڙيون هُيون جَنِ سان 146
جاني جدائيءَ ماريو، ڏينهن ڏهيلا گهوريا 146
جائي وٽيئي ڪيئي سائي، هن ڏکيءَ کي ڏوهه ڪيهو ڪيهو 146
جيءَ آئين پلي آئين، ڪيچي ڏنوَ ڪالهه ڪاڻي 147
جاليئي جن سان ڙي وو، تا مارون ڪيڙ ويا 147
جاني آءُ ڙي جاني ميان، آءُ تان روز پجان ٽي پانڌيون 147

جھ

جُھلبو جن تي حال، انهن کي آءُ ڪيئن نہ سڃاڻان 148

جھانگيڙن ڪئون جدا ٿيڙس جيلاهون 148

چ

چرڙ پرڙ وارو ڪير، هيءَ ڳجھارت ڪوئي پڄي 149

چشمن يار جي مون تي، چئو جا چوٽ چکائي 149

چرخو چوريو ڙي، اِيندوَ ڪم نہ ڪَتڙ 149

چئو ميان عشقا ڪيئن ڪيئن، تون سوين سيل بنائين ٿو 150

چيم آخر ٻڌي هٿڑا، اڳيون دلبر تو ايناسون 150

چ

چپر تا نہ ڇڏيندين، پلو پنهل يار 151

ڇڏي هوت حجت، ڙي آءُ ٽيس نانءَ نماڻي 151

ڇاکي ڏونگر ڏوريان، منِ وسي يار منهنجو 151

ڇو ڪرين ٿو ارمان، جيڪي آهين سوئي ٽيندين 151

ڇڏ غصو غمناک سان، اچي مِلُ تہ ماندائي لَهي 152

ڇو ٿو ڇڏين ڇو ٿو ڇڏين، آءُ تا تنهنجڙي آهيان 152

ڇو ٿو ڇنين ڇو ٿو ڇنين، محبت لائي جڙيا جاني مون سان 152

ح

حق اناالحق ٿي چيو، پر منجھ نظر منصور هو 152

حاجي حج اڄ ڪيوسي، ڪعبي منهن محبوب جي 153

حال اچي ڏس هاڻي، وهي ٿو پنبڻين پاڻي، پاڻ ڄاڻي 153

حال منهنجو ڪونہ هو جيڏيون، پنهنجو ڪرم ڪيائون 153

حال هلڻ جو مون ناهي، آءٌ تا ڪيچ پهچان ڪيئن 153
حيلا ڪيم هزارين، مانَ ٽڪن مون وٽ رات 154
حج ڦٽي ڪيم هاڻي، ماريس تنهنجي ماڻي الله ڄاڻي 154
حسن تنهنجو ٿو اچي، طرحون طرح ڏيکار ۾ 154
حُڪم تنهنجو ٿو هلي، پر ڏوهه پاڻ ئي کي ڏيان 154
حالَ منهنجي هاءِ هاءِ، تون رِيءَ لَهنِ هي ڏينهڙا 155
حال معلوم توکي هيئي، آءٌ تا وَسِ نه ويئياس 155

خ

خبر ڪا مون ڏيو ساڻيو، عجيين جي اچڻ جي 155

د

دَع نَفسَکَ وَ تَعال، اٽي ڳجهي ڳال 156
دم دم جا ديدار، اپر اسان جي نار تي 156
دارون نه پيو ڏئين، آهي طبيب عشق منهنجو 156
دِل اُتي وڃي پيئي، جاءِ جتي دم ناهي 157
دل جون ڳالهيون، آءٌ تا توسان اوريان 157
دل چپن سان جي چُمين، پير مُغان جي آستان 157
دل ناهي منهنجي وس، ڏي جيڏيون ڪيئن ڪريان 158
ديس اسانجڙي آيو، ڀڙيون ڀاروچو مولِ سو آڻ ملايو 158
ديس ڇڏي پرديس ويو، هاڻي هوت مونکي هيئن ماري 158
ديواني هن جي دل ڪَيوَ، کو دوست دلاسو ڏيو 158
دوست دلاسو ڏجي، ڏاها ڏکوين کي ميان 159
دوست دلاسو ڏيئي، ڏک ڏوڙو وري ڏيندءِ 159
دوست کي دانهون سٽي، مانَ مهر ڪا مون ڏِنهن پوي 159

دل جا دلبر يارَ، سگهو سگهو ايندو رهين 159
دوست تنهنجي درد جي، هيءَ ڳالهه آءٌ ڪنهن سان ڪريان 160
دردمند جي دل جو ميان، شوقي يارُ شڪاري 160

ڈ

ڈسو عشق جو انصاف، سڀيئي مذهب ڪيائين معاف 160
ڈس ڪهڙيون ڦيريون پائي، اهو لڪ لکوٽي يار سڃڻ 160
ڈنو هيءَ پانڌي پيغام، تنهنجي اڳڻ اڄ يار اچي ٿو 161
ڈيئي مون ڈيکاري، اڙي وريو ويو در تئون دلبر 161
ڈينديسِ ڈوراپو، آءٌ وڃي وراڻو روبرو 161
ڈونگر آهي ني ڈسُ ميان، هاريو منهنجي هوت جو 161
ڈاڍو جدائي جَلُ، ووءِ ووءِ مون وٽون هوت نہ هَلُ 162
ڈونگر ڇو ٿو ڈکائين، پير پيادن جا ميان 162
ڈک وڏو وئين ڈيئي ڈيئي، يار سڃڻ اڄ مونکي 162
ڈينهن پڃاڻون آئين، پلي آئين يارَ منهنجا 162
ڈني ڈيکاري ڙي، ميان صورت سپرين جو لو 163
ڈوڻين ڪئون نہ ڈور، آهيان عمر اوڏي انکي 163
ڈوراپا ڈيئي ڪنهن هٿ منجان مارئين 163
ڈوڙو ڈک پيو دوست اسان تي، محب جڏهن موڪلايو تو 163
ڈي دلاسو دوست هن کي، جو اصل تنهنجو آءٌ 164

ذ

ذاتيءَ منجهه ذات ڇپائي، بازي هيءَ يار بنائي 164
ذري ذري ڪَنِ چشمان چُورُ، نين اسان کي ٿيون وهلورُ 164

ر

رکين يار جو خيال، ڪوڙا ڇو ٿو ميڙين مال 165
رمزان سي هاديءَ جون ميان جيڪي چيائون مون 165
رات مڪر روئي، ساري سلام سنگهارن ڏي 166
رانجهو چاڪ ٿي آيو، نہ ڄاڻان ڪهڙيءَ ڳالهہ کون 166
راڻي سندو راز، مون سان ڪيڏو ئي آهہ 166
رات رهبر مون ڏي آيا، خان هاروچي جا ميان 166
رات پرين ڪاڻي پيئي، اڙي ساڻيو سُڌِ ڏيجو 167
رڻان زارو زار، مانَ مارن کي ملان آءٌ 167
رويو حال چوان آَلا، جي اونهي آيم اوڏاهون 167
رهبر اِئين چون، اڄ اڳڻ تنهنجي ايندا 167
رهبر روز بروز، اچن مون ڏي يار جا 168
رهو مون وٽ رات، اڙي پانڌيو پرين جا 168
ريءَ ڪجل تڪبير وجهن ٿيون، سي ڪيئن سرمو پائن 168

ڑ

ڑي جيڏيون آءٌ تہ حال پنهل سان ڪندي 168
ڑي جيڏيون منهنجي سائينءَ سڃڻ سان زاري زاري 169
ڑي جيڏيون هاڻي شال ٿيئي، منهنجو پاڑو پرين سان 169
ڑي جيڏيون هاڻي هوت ويا جي سي موي مانَ اچن 169
ڑي جيڏيون آءٌ تا ٻيو نہ ڪندي، منهنجو پيڃ پنهونءَ سان آهي 169
ڑي ساڻيو منهنجي يار جي، ڪا ڳالهہ اچي مونسان ڪريو 170
ڑي جيڏيون مون کي ڇو ٿيون پرين کان جهلبو 170
ڑي جيڏيون هاڻي ڪهوريو هوتن رِيءَ، سارو شهر ڏيوڙ 170

ڙي جيڏيون هِت هوتن رِيءَ آءُ ڪنديس ڪوهه رهي 170
ڙي جيڏيون آءُ تا ڪيچ ڪندي، وڃي پورهيو پرين سان 171

ز

زاري پيئر زاري، اڳيون عجين جي آهي اسانجي 171
زار روئي ڪير زاري، دوست ڙي تو ريءَ تا نه سري 171
زاريون ڪيون زار زار ميان، ويٺي روئان ٻڙي جيڏيون 172

س

سيڪنهن پار پرينءَ جو پرتو، خوابون عين ڪلايو 172
سيڪنهن صورت ۾ سپرين، سرتيون ساري ڳالهه سليائون 172
سيڪنهن ويڙهي تون وسين، تو ريءَ آهي ڪونه ٻيو 172
سچا سي سخن هاديءَ جا، يارو اڄ ياد آيا سي 173
سڄ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نه وٽي 174
سڄو نانءُ ٿو سڏائين، ڇئو ته ڪاڻي تون آهين 174
سرتيون ڏين صلاحان، چت تون چرخي لائين 174
سرتيون منهنجو ساهه، هاڙهي سي هوت ونڻي ويا 175
سل ڙي سوداگر، تون آئين ونڻي هٿ سودو ڪهڙو 175
ڪنهن سان ڪيم نه ڪَلَ، جو سودو آندم پاڻ سان 175
سل سوداگر يار ڙي ميان، ڪهڙي ديسئون آئين آئين 176
سمجهي پرجهي نال سڃڻ دي، نينهن نسورو لايو ڙي 176
سهسين رنگن ۾ سهڻو، بي رنگي بن آيو 176
ساڻي تون يار منهنجي کي، نيهي پهچاءِ سنيهو هي 177
ساروئي سِرُ آهي، ڪاڻي سچل ڪاڻي ذات سچل جي 177
ساريو ڏينهن روئان ري، هيس جيڪي هوت پنهونءَ سان 177

ساڳين مون تا سڃاتو، اهو جيڏيون يار منهنجو	178
سانگ ڇري سيئي آيا، ڏينهن لايا هٿا جن اوڏهين الو الو	178
سالڪ راهه سڃاڻي، پاڻ نظر ۾ آڻين	178
سانول سوين ڳڻ، تنهنجا ڏي ساريان	178
سر ڏيئن تون سر ڏئين، جي عشق ۾ تون سر ڏئين	179
سڪ ڪيها سڃڻ ريءَ، ٻن جڻين منهنجو جيڏيون	179
سڻ منهنجڙو حال، ديس وسيئي گهوريو پرڏيهه تو تئون	179
سهڻي سڃڻ سان نينهڙو لايوسي	180
سو ڏاڍن جو ڏيهه، جاتي نيهڙو وو نين لايو	180
سگهڙي لهج سنياڻ، هادي هن جي حال جي	180
سڪ هئي جنهن جي سر، دوست آيو اسان جي درِ	180
ساجن انهين سير، ايندئي ڏي ايان	181
ساريان آءٌ تالوءِ پانهنجي جو لويون، عمر گهوريا هي پٽ پٽيهر ميان	181
سگهڙي پرين جي پارَ جي، ڪانگا خبر ڪا مون ڏئين	181
ساڻي ري ديس دلبر جي، سگهو وڃ پار پرين جي	182
سنديو سارَسنياڻ، يار مون کي آهي منهنجا	182
سومرا سائين توکي وو، ڳالهيون چوندیس آءٌ حال جون هوءِ هو	182
سڃڻ تنهنجو برهه باري، اسان جي ساڻ تو ياري	183
ساها ايندا سِگها ايندا، پانڌي پرين جا کي تا	183
سونهون سگ ٿيو ڪاکيون ڏي	183
سُڻُ تون منهنجڙو حال، واقف سائين، مرشد سائين وو حال ميان	183
سهڻا توکي ڪيهو هاڻي هاڻي، ڏوراپو ڏيان پلو من موهڻا	184
ساڻي ساري سنيها چئج، پنهون کي ببراڳي آهيان وو	184
ساري ڏيهه نہ ڏي ڏي، پانهنجي دل سمجهه سنياڻين	184
سپڪنهن سڃڻ پئي عيد ڪئي، مون کي ريءَ پرين ماتام آ	184

ساقي آهيو شراب جا، اسين ڪامل ڪلاتي 185
سج آهي پريشان سوئي، ڪولهي سج ڪي الو الو 185

ش

شخص ڪو جامو ڪري، جامو نہ نالو سو سڏاء 185
شهر هڪ آهي عجب، الملڪ تنهن نالو ٿيو 186
شال نہ وسارين، مارو مونکي شال نہ وسارين 186
شاهہ ٿيو سيلاني، نہ جاڻان ڪيهيءَ ڳالهہ ڪئون 186
شال مون سان وريون وريون، ڪانگا ڪرين ڪي ڳالهڙيون 186
شال اوڏانهون ايندا، ولي خاطي خبران خير جون 187
شان سيد تنهنجو شهنشاهي، آهيان مان آهيڙياٽي 187
شوريدن ڪئون حال، پڇج وڃي پوءِ هُوءِ ہر 187
شئي آهيان ڪاڪيون ڪهڙي، جا سمجهي نہ جاڻان 188
شه درياهہ تي وڃي پياسي 188
شوق پڇي شڪ شير، پيارل ماري آهيان 188

ص

صحيح سڃاتو سين هاڻي، اصل اسان جو تون آهين 189
صحيح سڃاڻج ساري، خود آهين وي خدائي 189
صورت سپ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو 189
صدقي صدقي هي سر ميان، آهي ڪوهيارل تئون صدقي 190

ط

طعنا سر تي سهندي هان، سرتيون ساري لوڪ جا 190
طلسم افلاطون بنائي، ڏسي سا سينگار جي 190

ع

عاشق اکيون اپڻي ڏسين، آهي مڙيوئي يار ميان 191
عاشق جي احوال جي، تون کوهه نہ پڇين کل 191
عاشق ڏسڻ ۾ آيو، محبوب گل سناسي 191
عاشق کر آرام، آءٌ تا توکي اوڏو آهيان 192
عاشق کر آرام، پرينءَ گهٽو پڇيو تنهنجو خوشيءَ ۾ رهه 192
عاشق کيڏئيءِ اداسي، واه واه ڳالهه خاصي 192
عاشق مرندا کينکي، رهندا کين مکان ۾ 192
عشق آهي ارباب، تقويٰ طاعت رعيت تنهنجي 193
عشق تنهنجي ماري آهيان، آءٌ اچي ڏي دوست دلاسو دل کي 193
عشق لڳئي تہ کر آمين، نا منجهه کفر نا منجهه دين 193
عشق اول آزمائي کاکُيون کيڇين جو پير تهان پوءِ پائي 193
عشق اکين نيئي لايو، مستانن محبن سان 194
عشق اسان وٽ آءٌ، اچي تو تا سانوڻ لايا 194
عمر گهوريا هي پٽ پٽيهر، ساريان تا لوءِ پنهنجي جون لويون 194
عين اٿو انسان، پول متان پُلي کائي 194
عشق وڏي مَرُ تنهنجو، وي ڊولڻ تيلهان طعنا کير توکي 195
عشق نہ توکان ڏار، سمجهه صحيح پنهنجو پاڻ سڃاڻج 195

غ

غافل ٿي نہ گذار، عاشق روز ازل جا، واحد کي نہ وسار 195
غم ۾ کٽين نہ گذاريان، ڏوٽين وڇئون مونکي ڏينهن پيا 196

ک

کانگل ساري سنيها هي، چئج مارن کي ويراڳي آهيان 196

ڪاڻ اچڻ تنهنجي ڪندي، آءٌ هت حيلا هزارين وي	196
ڪالهه اسان سان تو ڪيون ڪيون، يار سڃڻ ڳجهيون ڳالهيون	197
ڪالهه اسان وٽ ويهي ويهي، يار سڃڻ ڪيوَ ڳالهيون	197
ڪالهه قاصد اوڏهون آيا، اها ڪيائون آڳاهي	197
ڪانگي قربين ڏنهن، خبر آندي ونِي وهندي وري	197
ڪالهه جو ڪانگل اڏاڻي، پلو ڪيئن وئين پرين وٽ	197
ڪالهه قاصد اوڏهون آيا، چي جاني ابتداءِ اڄ جائي	198
ڪانگڑا قربن جا، توکي ڪالهه اڏايو ڪن وٺون ويڑيچن	198
ڪاڪيون مونڊي ڪالهه، دلبر لکيا دلاسا	198
ڪاڏي ويڑا وو، پرين پاڑيچا	198
ڪجو ايئن ويساهه، سرتيون منهنجي ڳالهه سچيءَ تي	199
ڪڏهن الا جي ايندا، يار سانگيڑا ميان	199
ڪاڏهن الاجي ايندين، پيهي پڃڻ پنهور يار	199
ڪڏهن ايندين هڪ ٽيندين، نت نهاريون سندين واٽڑيون	199
ڪڏهن عيسيٰ ڪڏهن موسيٰ، فرعون تي حڪم هلايم ٽي	200
ڪڏهن قاصد وري ويندين، ديس ٻاروچل جي ميان	200
ڪڏهين اسانوٽ ايندا، ڪَهڙ ڪانگا پرڏيهي	200
ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن، مون سان تون آهين آهين	201
ڪر پاڻ کي سجود، تون آهين جاءِ سجود جي	201
ڪرن مڑيئي قتلام، پاڻ ڪريان جي پڌرو	201
ڪر نينهن سندو ندان وو، جلدي آءٌ چڑهه سوليءَ تي	201
ڪر ياد يا هُو ياالله، دل ۾ ڏرين صورت الله	201
ڪريان اسرار مان ظاهر، هئي حيرت ۾ حيراني	202
ڪريان يارو مسلمانو، عشق جي ڳالهه اڄ ڪيهي	202

ڪري سانگ پرين وري آيو اُهي، ديس اساڏڻي اَلو اَلو	202
ڪل نہ پوندي ڪائي، عجب جيهي اسرار اُنهين جي	203
ڪر نہ عاشق سو ڪرين، جنهن ۾ تنهنجي تعريف ٿئي	203
ڪندي آءٌ ڪوهہ رهي رهي، جيڏيون هت هوتن ريءَ	203
ڪندي سان ڪيئن قرار، جيڏيون جنهن جو جيڻو جڻ سان	203
ڪنهن سان ڪيم نہ ڪل، جو سودو آندوم پاڻ سان	204
ڪنهن لڳ ڏونگر ڏوريان، محب آهي منهنجي من	204
ڪنهن کي ڳالهہ سڻايان، ميهر سندي موج جي	204
ڪنهنکي مان چوندیس حال ڏي جيڏيون،	204
ڪنهن ويل نہ ٿا وسارن، عاشق نہ ٿج تون ماندو	205
ڪنهن کي حال چوان هي، اديون ڏي واويلا	205
ڪهڏي ڳالهيئون يار، ووءِ ووءِ ڪُيئي بيراڳي اسان کي	205
ڪو دم اسان جي درد ڪئون، عاشق متان ڪاهل ٿئين	205
ڪون آهيان ڪون آهيان، جوئي آهيان سوئي آهيان وي	205
ڪُوڏي ڪيئي ڳالهہ پنهنجي، ڪالهہ ڪانگل جا چيئي مونکي	206
ڪو ڪئين چوي ڪو ڪيئن چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان	206
ڪِيڻو مست پرين جي ڪٹي ناز مونکي	207
کي ايندا هيڏي ايندا، اَلو وهينئان هاروچا	207
ڪيئن چوين ٿو ڪيئن چوين ٿو، لوڪ ناهي ٻيو ڪيئن چوي ٿو	207
ڪيئن ڏي اديون آتڻ اچان، مون کي پُور پرين جو ٻيو	207
ڪيچ منهنجڻو ڪم ني، آهي ٻلو ٻينر ڏي	208
ڪيچن جي ڪيِ ڪاهہ، متان وِهين ڪين وساري	208
ڪيچيئڻن جي ڪاڻ، جيڏيون منهنجو جيڻو جهجي ٿو	208

ڪيڏي ڳولیو ٿيون ڏي ايئن سرتيون آهي ڪوڇ بہ ڪوچ يار	208
ڪيرآهيان الا جي آءٌ، نہ ڄاڻان سڄاڻان آءٌ	209
ڪير هُيڙس ڪير ٿي آيس نرالي نامَ ہر	209
ڪيهي جدائي ٿو پائين، اسين پري تو ڪئون ناهيون	209
ڪيهي چال چلي ٿو، اڏي جيڏيون يار منهنجو	210
ڪيئن وساري تو ويهون ويهون، آهن ڪيهون اسان جون ڳالهيون	210
ڪيچي ڏنم اڄ اتي، اوهين تا ڇا ٿا پانيو	210
ڪيچي ويڙهر ڪال، آءٌ ٿي وِرهہ وسايان	210
ڪيئي ڏک جا ڏينهڙا لنگهايم ٿي، سُڻ تون منهنجا سائين	211
ڪيچون آيم ڪالَ، سي تا سڻو سنيها	211
ڪيهي ڪريان مهماني، يار اڳڻ منهنجي آيو	211

ک

کنيون نيڻ نهار ڏي ميان، پلو منهنجا يار ڏي وو	211

گ

گولن جي آءٌ گولي، خان ہاروچا تنهنجي	212
گولن جي آءٌ گولي، ہاروچاڻي ذات جي	212
گوليءَ جي گفتار ہُڏيَو، ہاروچن ہر کا	212
گولي مانَ سڏينِ، انهن جي ني آهيان جيڏيون ڏي	212

ڳ

ڳالهہ پنهنجي حال جي، توريءَ وچي ڪنهن کي چوان	213
ڳالهہ ڪريان آءٌ ڪيهي، حال پنهنجي جي ڏي جيڏيون	213

ڳالهه ڪريان ٻي ڪيهي، تنهنجي مزڪن ماري آهيان 213
ڳالهه سهي ڪير ساري، يار جي وو ٻلو جيڏيون هوء هوء هوء 213
ڳالهيون ڳڻ تنهنجا يار سڃڻ، مونکي روز رٽارن ٿا 214
ڳالهيون ڳارن ٿيون دل کي دوستن جون مَنَ کي محبن جون 214
ڳلي ڳلي مون ٿي ڳولي ڳولي، يار سڃڻ تنهنجي ڪارڻ 214
ڳوٺ ساري جون ڳليون ڳليون، نت ڏسڻ مونکي آئيون 214
ڳالهه ساري ڏيهه نه ڏي ڙي، پانهنجي دل سمجهه سنپالين وو 215

گهه

گهٽا وجي ڏينهڙا لايا، يار پياري ميان 215
گهوري جانيءَ ري جدائي، گڏ گهاريون هوء هوء 215
گهوري گهوري وي جندڙي، سڃڻ توتان گهوري 215
گهوڙيا ڇڏ عيش عالم جا، بنا ديدار دوستن جي 216
گهوري هيءَ جدائي اڙي ميان پنهوارن ٻاجهون پور پيا 216
گهوريو هي پنپور، مون سڳ ٻاروچن سان 216
گهٽا ڏينهن اِتي لايو پلا سانول سي ٿا چاهون چاهون 217

ل

لٽي هلاکي هاڻي، دوست وسي منهنجي ويڙهي 217
لڄايان نه لوئي وو، عمر آنديم جا اوڏاهون 217
لک ڪريان شڪرانا، راضي ٿيو يار مون تي 217
لک ڪريان توڙي زاري وو، دوست چوي تون ڪهڙو 218
لنگهي ويون ڪالهه قطارون، ڪونجڙين جون ڪيچ وٽن ڏنهن 218
لهندا سارسنپال، منهنجي منهنجا وو ميان 218

لڳيءِ دل جو داروں، نامہ ڪو ڏولڻ پيارا 219
لَنوَ اچي پاڻ لايو، نا تہ مونکي ڪل نہ هوئي 219
لَنوَ وڃي ڪيئن لايَو، پرين ڇاتوَ پرديسي 219
لَنوَ مون سان لايَوَ، يار ويڙهي هن ويهي 220
لڙُ وهي لوهاڻو، يار وي 220
لوڏا ڏيان ڪاڪيون ڪيڏا، ويٺو سو هوت هندوري الله 220
ليکي "لا" جي ڪٿون جي لنگهيا، تاڪي وحدت جي ٻر سي ونگيا 220

م

ماري ويو ڪالهہ رات، سونهن پريو سو تا ساميڙو 221
ماريو هوت وڃن لا، ڪنهن در ڏيان دانهڙي 221
مارُو ٿر ٽيامر وو ميان، ڏيان ڏوراپا آهي ڪَنِ ڪي 221
مارون مون کي نہ وسارين، آهيان اُنهن جي ميان 221
مارو آهي سي مليام ميان، طلب جنين جي آءِ تَنَ کي 222
مان اچن اُهي ڪائون، مُئي ويا جي ماري 222
مارُنِ ڏيءِ آءِ وڃان وڃان، هادي الله آلو يَلو 222
مان پِرينَ پهچائي، هي نياپو ڪي نيئي 222
مان پرين کي پوي، ڪن فرياد اسان جي 223
متان ڏوراپو ڪو ڏيو، ڙي ساڻيو مونکي 223
متان تون مونکي ڇڏين، سونهان سڃڻن جا 223
متان مُنڌ مارُنِ تئون، وهين آسرولاهي 223
محبت جي مَي ماريو ڙي مونکي، ڪاڪيون ڪنهن سان وِرهہ وراهيان 223
محبت عشق مولي جي، گهٽا سي گهوٽ گهايا ها 224
محبت مست مجنون ڪيا، ڪئين خاصا خماري لو 224

محبن مُکا مون ڈي وري، اڄ ڏوٽ ڏوراپا ڏيئي 224
محبوب ڳولي ڏِسُ مَنَ ۾، مَنَ ۾ تون ڏس دل ۾ تون 225
محبوب مٺو آهي مَنَ ۾، معشوق مِٺو آهي مَنَ ۾ 225
مڙس ٿي منصور چئو، نہ تہ ڪير چئو منصور آءٌ 225
مُکا دلاسا ڏيئي، ري سڄڻ مونڊي 225
مُکاسين قاصد ڪال، اجهي جاڻج آيا آيا 226
مُلان تہ ڪارڻ مانين جي، ختما پڙهن ٿا خاصا الله 226
مُلان مارِ مَ مون، سڄڻ ڏسان ڪين سبق پڙهان 226
مُلڪ جا مالڪ ٻيا هن، تون وڃڻون بيئين ٻٽي 226
منصور سُوريءَ تي چڙهيو، هر ڪنهن چيو ٿي واهہ واهہ 227
مَنُ موهي منهنجا جاني، گهٽا لايَئي ڏينهڙا 227
منهنجا واقف يار، سدائين تون جيئندين 227
منهنجي اڳهين لڳي ناتا هاٿي لڳي، دل اَلو اَلو تنهن يار سان 227
منهنجي اصل آء، ميان دل دست دوستن جي 228
منهنجي حجت توسان ناء، توکي مول ميڙي يار 228
منهنجي زاري زاري، سهٽا سائين توسان 228
منهنجي ساهہَ سڄڻ کي ساريو، مونکي ڳالهہ تنهنجيءَ ڳاريو 228
منهنجو پنڌڙو پَهہُ آهي، پلو سرتيون سانول ساڻ 228
منهنجو سگُ نہ سياپو، ڪاڪيُون ڪيڇ ڏٽين سان 229
منهنجو هينڙو پيو، وڃي پرين جي پار 229
منهنجو هينڙو هوتن ساڻ، ڪهڙي ڪريان هي آءٌ تا ڳالهڙي ڳالهڙي 229
منهنجو هوت پنهونءَ سان، جيڏيون نينهڙو لڳو 229
منهنجو ناهہ ڪوئي اختيار، هئي يار وي 230
منهنجي اڳڻ اڄ آءٌ پرديسيڙا يار 230

منهنجو پانڌيئڙا پرينءَ کي، ڏيج هي نياپو 230
منهنجو سوڍل ساريئي ساهه، راڻا رُسامن سانڀ ماريو يار ڏي 230
منهنجو هاڻي مون وٽ ايندو، هاريون واقف حال جو 230
منهنجو شرم سهوئي آهي، جيڏيون تان ستگر تي 231
منهنجو ڪي هُتِ پڇياڻين، سچ چئو ادا ڙي سائبو 231
منهنجو نينهن وڌايو ناز، نيڻن نيڻن ميان 231
منجهون نيڪيءَ ۽ گناهه، پوندي ڪلَ نه سندي الله 231
مون کي تہ ميهر يار جا، ٽا پَل پَل پُور پونِ 232
مون کي تنهنجڙو آءِ اچڻ جو وڌو آسرو 232
مون کي تنهنجي سارسنيار وو، ڇڏ رسامان تون آءِ منهنجا يار 232
مونکي عبرت آهي اهڙي حال جي، هاريون حيرت آهي انهيءَ ڳالهه جي 232
مون کي ڪانڌ بنا هيءَ ڪاڪ ڪٽوڙي آهي ڪاڪيُون 233
مون کي ڪير وسارج ميان، آءِ اوهانجڙي آهيان 233
مون کي نہ وسار، وو ڍولينا، آءِ تا تنهنجهڙي آهيان 233
مون کي هوتن هاڻي، ڪوئي پنهنجو ڪيو 233
مون کي ياد، مٺيون تنهنجيون ڳالهيون ڳالهيون 234
مون کي يار ملیو، جيءَ جان جنهين سان جار لڳو 234
مٺن ڳڏي هان عشق اياڻي، هيڏي هوڏي گهمن نہ ڏيندا 234
مون سان تون آهين آهين، ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن 234
مون سان ڪيون ميهار، ڳجهيون ڳالهيون وو دوستيءَ جون 235
مون ساري سڃاتي، بازي باريگر جي 235
مون ۾ عيب آپارَ، سڃڻ تنهنجي ٻانهڙي آهيان 235
موج مستيءَ جي چڑهي، واديءَ وحدت جي منجهاءِ 235
مون ڪَرَ تان ڪين پڇياڻون، هاڻي ڪانگل ڪل ڏي 236

مون کي هيئن نہ ڇپر ڇڏِ، پلو پنهل يار 236
مون وٽ هو مهمان، پلو جيڏيون ايا ڪالهہ قافلو 236
مون کي مٺا ڏيئي، مَرُ ڪا پارئون پرين جي 236
مون کي نيٺ ٿا نِبَنِ، هر هر حبيب ڏي 237
مونکي ڏور ڇو ڏسن سرتيون ديرو دوست جو 237
مون سان تو ڪيون ڪيون، سهٽا اهي ڳالهيون ڳالهيون 237
مون کي آڌارڏي ميان، سهٽا ساڻيڙا ڙي 237
مون ڏي واڳ ورائيندا، سرتيون سگهڙا ٻيلڙا ڪوهيارا 237
مون کي ميڙين الله، سگهو آڻي الله وو ميان ٻاروچا 238
مونکي ماريو مونجهاري ووء، سانگي مون سين ڪيا 238
مونکي مُرڪڻ سان تون، ڪيئن ماري وئين 238
مونکي محب ويو ماري، ڪنهن دَرِ ڏيان هيءَ دانهڙي 238
مون تان چيو تو اڳهين، نہ تون دل ڦاساء 239
مونکي دوست ڏنيون دلداريون، جِيَس آءُ تا ني وو جيڏيون 239
ميلو ٿيندءِ ميلو ٿيندءِ، نينهڙو لايو، جڙيا جاني مون سان 239
ميندرا آءُ ميان، هت ويڻي ڪانگل اڏايان 239
مئن ماري ماري، محبت تنهنجي ميان 240
مونکي تايو طبيبن ميان، بَنِ ڦڪيون وجهان تن جيون 240
موتي ڏندِ محبوب جا، هيرا لال جواهر ها 240
مون منهن ٿيو اوڏاهين ميان، جاڏي منهن نہ ماڻهن جو ميان 240
مون اکين کي پرجهايو سمجهايو، پر جهليو پليون نہ رهنديون وي ميان 240

ن

نانوَن حق ڇپايو، پلو جيڏيون وو هوءِ هوءِ هوءِ 241
ناهي ٻاروچو ڪو ٻيو، آهي اهو جو مان روز ڏسان ٿي 241

ناهي ويچاري سا وس، هيءَ تا بيوس آهي 241
ناهي ڏوراپو ڪو ڏيئ اوهانکي، يار توسان منهنجي زاري 241
ناهي هن درد جو دارون، توئي وٺ طبيبا 242
ناهي مينا ۾ مطلب، توڙي پٽيءَ لڳئي جگ تا پي ڇا ٿيو 242
ناهي ويچاريءَ جو وَسُ ني، توکي معلوم مڙيوئي ميان 242
نانءَ اهوئي نانوَن وارو، صورت مورت سائي وو 242
نانون حق ڇپايو، پلو جيڏيون وو هوءَ هوءَ هوءَ 243
نہ مان مُريد نہ مان پير، ساري فقر جو فقير 243
نٽي وٽي ڳالهہ ٻي، ڏي جيڏيون مونکي نٽي وٽي 243
نِتُ اهي مونکي ميان ڳالهيون، اورڻ آيون وي آيون 243
نوان نياپا آيا، مونڊي محبن جا ميان 244
نينهن ڏاڍي سان لايو سي، آءٌ تا هاڻي ڪيئن ڪريان 244
نِئين ڪو گوش گذاري وو، هي نياپا منهنجي پرينءَ کي هوءَ هوءَ 244
نينهن نهوڙي آهيان، هاڻي جيڏيون ڪاڏي ويان 244

و

وات مونکي آهي وائي، خان ٻاروچا تنهنجي 245
واهہ واهہ سڄڻ سائين عيد ڪرايئي، نيڻن خوب نظاري جي 245
واڳان ڦيري آءٌ هيڏي آءٌ، تا اوريون پاڻ ۾ مٽيون ڳالهيون 245
واٽ وندر جي ڪو ڏَسي وو ڏسي، مونکي جيڏيون 245
وٽي خبر خاطي آيو، خير صلاح جي مون ڏي 246
وجي اکيون ڪاڻي لايئي، حال حقيقت جي سان 246
وجي ڪا منت ڪري، منهنجي يار کي وو 246
وجڻ آءٌ وجڻ وو، ڪيئن ڏيان جڙيا جاني توکي 246
وجي پڪا پڇائج، تون ساڻي ڏي سڄڻ يار جا 247

وڃي شال ڏسان، پنهون تنهنجو ڪيچ واليءَ وسايو 247
وڃي ڏيهه پرين، ڏي سائيو منهنجو ڏيجو سنيهو 247
وري آءُ وطن منهنجا ساريو نيڻ سڪن، موٽ سلامت سپرين 247
وسئون تا نه وسار، پلو يار ري، آءُ اوهانجڙي آهيان پلو ميان 248
وَسِ ڪا آهي ويچاري هڻڻ هن جو هٿ ريءَ ناهي 248
وعدا اهي اڄ ياد پيا، مون سان قريين جي ڪيا 248
وعدو ڪيئن وساريو، پلا سائين ڪيهي ڳالهيون ڳالهيون 248
وٽي ٻاروچي ٻولي، سدا تا ساهه منهنجي ڪي 249
وٽيوسين وهه واهه، پڙهندي پروانو پرينءَ جو 249
ولها وري آءُ، مون ڪئون موت نه مينڊرا 249
وندر آءُ ويندياس، وٽي سوز سڃڻ جو وٽي پُور پرين جو 249
ووڙيان ڇو وڻڪار، جيڏيون آهي جيءَ ۾ 250
ويجها شال رهن، ڏور لايا جن ڏينهڙا 250
ويندي تا وڻڪار، جيڏيون هيءَ لڳ هوت بلوچ جي 250
ويهي هت ڪيئن وسارين، پرين توکي پاڻ پچن ٿا 250
ويڙا جي وڻڪار، اڃان وري ايندا سي 251
ويٺا منهنجيون ڳالهيون ڪَنِ، هَتِ ماروئڙا مليو ۾ 251
ويهي آءُ ڪوهه ڪندي، جيڏيون ڙي پنيور ۾ 251
وَهيان وساريان ڪيئن، جيڏيون جي لَنوَ لائي ويا 251

هه

هاڻي مونکي پرين پوءِ، جيڏيون جيئڻ جنجال ٿيو 252
هار چنبيسر جام، ليلان کسايو دستڙون پنهنجي 252
هادي ويڙهي آيو، هاڻي سائين هيئن سمجهايو، والي ويڙهي آيو 253

هاري سو پاتئي هار، تا آءٌ جام چنيسر آوڙان 253
هاءِ مي حَلاج جان، ڪيئي لعل هن لڙ ۾ لڙهيا 253
هُت تا ڪير هياس، هِت ٿي ڪير آيس نہ جاڻان 254
هتئون هلي هت آئين، ڪرڙ واپار ڪي تون وڻجارا 254
هِتئون آئي تنهنجا هوت ويا، تون تان پي نہ ڪوشش ڪرين 254
هُتئون هوت هلي، ڪي عاشق دلاسو ڏيندو 254
هتئون پيتو مون تا، پير مغان جي جام شرابون شوري 255
هر جاءِ آهي جاني، جلوو جمال تنهنجو 255
هڪ ڏ هاڙي پير مغان، مون کي ڪالهہ ڪجهي فرمائي 255
هڪو ڏوهہ ٻيو ثواب، اٽئي عشق جو صحاب 256
هڪ آهيان پوءِ هاڻي وو ميان، چئو ٻيو آهي ڪهڙو 256
هلان پنهل تو ساڻ، ساڻ هلي تنهنجي گولي ٿي گذاريندس 256
هلي هڙي حال ميان، وڃي ڏوٽين کي ڏسان آءٌ 256
هلي آءٌ دلدل جا هَسوار، سهٽا حيدر پير ڪَرار 257
هن جو شرم سيوئي آهي، جيڏيون تا ستگر تي 257
هن غريب جو حال، توکي معلوم آهي 257
هينڙي ڪالهيون ياد، مونکي هاروچي جون 257
هوت اچڻ جي ڪا ڪر ميان، پانڌي روز پچايان ٿي 258
هوت اچي هٿ ڏيندا، جيڏيون مون هن نماڻيءَ کي 258
هوت اسان وٽ ايندا، وڻي نال پي نيندا 258
هوت اوهان تي آءٌ، سارو ننگ نماڻيءَ جو 259
هوت پرين هڪواري، مونکي اچي ملج ميان 259
هوت جي گولي، آهيان دوست جي گولي 259
هوت ڪڏهن هت ايندو، ڪهہ ڪانگا کل ڏي ڪا 259
هوت اچج هت هاڻي، پنهنجا ڏک ڏسيندس 260

هوت اوهان تي آهي، سارو ننگ نماڻيءَ جو 260
هو اسان وٽ يار تون، آهي هت اسانجو حال هي 260
هٿان ٻاروچي نال وو نال، پلڪ نہ پري پرين کٹون 261
هو سڃڻ مون سانڻ، جنهن جي ڪارڻ مون تي پوڻيون پٽايون 261
هو ڪهڙي واٽ ويا، آءٌ ڳوٽ رهيس سڀ ڳولهي 261
هوت ڏهون هاڻي آيُون، مون ڏي خوش خبران هي 261
هوندي سڀ پَرِ سائين سانڻ، هيءَ پورهيو بندي وڃي ڪيڇ ڪندي 262
هوت وئين ڪيئن ماري، پلو هن نماڻيءَ ڇو 262
هوت پارئون مونکي هاڻي، ڏنا نينهن نياپا هي 262
هوت ڪڏهن نہ هلايوَ، پانڌي پنهنجي پار ڏنهن اسان ڏي 262
هوت اسانجڙو حال، تون تہ پاڻهين ٿو ڄاڻين 263
هوت ڏئي هيڏي ايندا، ڪيئن ساڻي مونکي سڄ ڇڻو 263
هو جي ماروئڙا، ٻيهر مانَ ملن 263
هوت غريب نماڻي، اِتي ڪيئن وساريئي ميان 264
هيءَ تا خبر ڪنهن سان ڪريان، هئي هئي ني ههڙي حال جي 264
هي تون مٽان ٽئين ميان 264
هي ڇڏيج هو وٺيج، متان ڪا ٻي ڳالهہ پڇيج 265
هيءَ طلسم گهڙي جا، جارئون جوڙيائون 265
هي غريب نماڻي ڪيئن بيراڳڻ ڪيئي 265
هُئي نہ مون ڪل ڪائي، سر انهيءَ جي ڙي جيڏيون 266
هيڏي هوڏي نہ نهار، تنهنجي ويڙهي سو تا يار وسي ٿو 266
هئي هئي هن حال دي، سڳر ٽيس نہ سميڙن جي 266
هيئن نہ مونکي ماريو، اوڙڪ اوهانجڙي آهيان 266

هيءَ پورهيت پاڻي ڏوئي، خان ٻاروچا تنهنجي 267
هيئن اڄ ڇڻي مڪائون، عاشق اچون ٿا ايڏانهين 267
هيءَ نماڻي نالِ، نجو ادا ڏي اولين 267
هيڏي اچڻ جي آءِ ڏي، پانڌي يار پرين کي 267
هئين ڪانگ اڄ ڪهي ويو، ايندئي صبح سويلي 268
هيئن مڃن ٿا چوايون، مون ڏي ماورئڙا ميان 268
هيئن مڃن ٿا چيون، مونڏي ماورئڙا 268
هوئي هڏ شال منصوري، جريدهم راهم جاري لو 268
هيئن مَ وَڃَ تون ماريون، هوت نماڻيءَ کي ميان 269

ي

يار توتا مون سان ڪيهي، ڪيهي ڪيهي لنوَ لَنو لائي 269
يار توسان منهنجي زاري، آهي سو لک واري ميان 269
يا رسول الله جي روضي جو مقرر ڪر سلام 270
يار منهنجي کي ڪريو، منت ويجي ڪائي 270
يارو منهنجو يارُ، ڪيئي ڪيئي صورت سير ڪري ڏو 270
يار اسان کي ڏيون مارين، تنهنجيون الغرضايون 270
يار چڱي تو تا مون سان لائي، ري دلبر لائي 271
يار ٻڌا هُڻا لوءِ بہ لوءِ پي، تنهنجي هاجا حسن جا وو 271
يار سائيو يار پانڌيو ڏي، ڪيچين جي ڪَلَ مونکي ڪائي ڏيجو 271
يار لايو رنگ ڏس تون، جي هئين ڪنهن خيال ۾ 271
يار سڃڻ ڪيئن سري، توکي اسان ٻاجهون 272
يار پنهل پيغامي، ڪڏين مکو ڪونہ مونڏي 272
يار توسان کي، تا ڏينهڙا لنگهايم 272

يا امام حسين، تو قدمن أتون قربان وڃان	272
ياد مونکي اڄ پيون مٺيون ڳالهيون سهڻا تنهنجيون	273
ياد مونکي اُهي آيُون وو، يار ڪيئي ڳجهيون ڳالهڙيون	273
ياڪي ٽئين يار اسان ڪئون، دل نماڻيءَ جي ڪسي	273
ياد وو ياد رانجها سائين، ڳالهڙيون تنهنجيون مونکي ياد	273

کافيون

الف

(سربلاولي-جهنگلو)

ٹلهه: اٽو عَبديت عذاب، آهيو هزاران حجابُ
۱. هک هئڻ حساب ۾، ٻئي هنڌ هئڻ نواب
۲. ٻئي ڳالهيون هٿ تهانجي، ڏي جانب مون جواب
۳. ربوبيت جي راز ۾، آهي ڪونہ حساب
۴. جاتي نقطو نينهن جو، تاتي عقل نہ القاب
۵. سچل زير زبر ۾، رکين نہ اعراب

(سربلاولي)

ٹلهه: اٽئي انهيءَ ۾ حالت، نہ تصديع نہ راحت
۱. نہ ڪو هِيءُ نہ ڪو هُو، نڪا صفت نہ صنعت
۲. نہ ڪو ذڪر نہ ڪو فڪر، نڪو ڪشف ڪرامت
۳. نہ ڪو دم نہ ڪو غم، نڪنو درد نہ محنت
۴. نہ ڪو ڏسڻ نہ ڪو پسڻ، نڪو عيش نہ عشرت
۵. نہ ڪو جيءُ نہ ڪو روح، نڪا جان جميعت
۶. نہ ڪو سڪ نہ ڪو دڪ، نڪو هوش نہ حسرت
۶. سچل سچ آهي نہ ڪچ، آهي رڳو ئي راحت

(سريپيروي)

ٹلهه: اج اڳئ اجهي آيم، پرديسي گڏيم ميان
۱. پيهي پڪي آئيا، لنو جنين سان لايم
۲. ڪوڙين قاصد ڪيترا، هوتن پار هلايم
۳. پيچيم جن لئي پنڌڙا، سي واليءَ پوءِ ورايم
۴. انهن ڪارڻ سرتيون، سر تي سور سهايم
۵. سيئي سچل آئيا، جن لئي ڪانگ اڏايم

(سرسسئي)

ٽلهه: اڄ اهو ساڳي مون سڃاتو، آهي ٻڙيون ٻاروچو
١. اصل لاکون آهي انهن سان، هِن نماڻيءَ جو ناتو
٢. اچي ڏئم اوچتو ميان، پيچ جنهن مون سان پاتو
٣. ڦريس ڦيريدار جان، ڇاڻ نہ مون ڇاتو
٤. لٽيو لحظي هڪ ۾، اديون ڏي اوراتو
٥. صدقو سچل تنهن اتون، عشق جنهن تو سان لاتو

(سربروو)

ٽلهه: اڄ اوڏانهين سي آيون، مون ڏي خبران خير جون
١. ٻيو تا توسان دوست ري، ڪونہ برابر پايون
٢. لکئي مون معلوم ٿيو سائين، پير ايڏاهين ٿا پايون
٣. سيڪو توکي ڏيهه سنديوَ ميان، لک ٿورا ٿا لايون
٤. سورن واريون سيئي ساعتان، تو تا لک لنگهايون
٥. توکي ٽيندیون هاڻي حاصل، سچو وي سرهايون

ٽلهه: اڄ جو جوڳي آيو، نانڻ تنهن جو نہ ٽي ڇاڻان
١. صورت سهڻي آهہ اداسي، لڳين تنهن بَسمو لايو،
٢. ذري جوڳي ذري سناسي، تنهن سامي نانڻ سڏايو
٣. ذات انهيءَ جي وو نٽي ڇاڻان، ڇندين پاڻ ڇپايو
٤. ڪڍهن نہ ڏئم ڏيهه انهيءَ ۾، مولي سو آڻ ملايو
٥. ڏسڻ ساڻ تنهن جوڳيءَ جي، مون ڏاڍو پُور پرايو
٦. سيرين بازارين گهِڻ گهِڻ گهنگهرو، ڇر ڇر تنهن ڇمڪايو
٧. سوئي ساگو رانجهن هُيڙو، سچل سِرُ سڻايو

(سربروو)

ٽلهه: اڄ هوتن ريءَ هت هاڻ، ٻيا ڪير لهن مون ساران
١. قاصد ڪيچ وٽن ڏنهن، آغا سِگهڙو آڻِ ٽي روز وجهايان ڦاران
٢. وجهان وهاڻا ڪيترا، قريبن جي ڪاڻ يار ملن شل ياران
٣. آيون انهيءَ پار ڏنهن، اديون ڪَرَ اُڪاڻِ ڪونجڑين جيُون پي قطاران
٤. سَنجهي صبح سرتيون، ٻاروچي جي ٻاڻِ آهن سچل کي سنپاران

(سربرو)

ٹلهه: اديون اُهي اڄ آيا، جن ڪاريو مونکي الله الله
۱. سيئي گڏيا سپرين، ڏينهن گهٽا جن لايا
۲. ويٺا ويڑهي وچ ۾، جن لئي پنڌ پچايا
۳. ڏينهان راتيان ڏک جا، مٿي مون مينهن وسايا
۴. جن جي ڪارڻ جيڏيون، کوڙين مون ڪانگ اڏايا
۵. هيڏي هوڏي نہ ڏسين، سچو وچ سمايا

(سرسسئي)

ٹلهه: اديون اُهي اڄ آيا، ڏيهه جنين لئي ٿي ڏوريان
۱. ڏيو مبارڪ سرتيون مونکي، مولیٰ سي محب ملايا
چرخو ڪيهو آءٔ چوريان
۲. در پيهي سي آيا سائين، جن لئي مون ورهه وسايا
پاڻ مٽائن گهوريان
۳. پرڏيهه ويا ها مون پرين، واليءٔ سي پوءِ وَرايا
تَڪ ڪيها ٻيا توريان
۴. سچو اتي وو دوست گڏيوسين، ڏينهن گهٽا جنهن لايا
وندر ڪنهن لئي ووريان

(سرسسئي)

ٹلهه: اديون ڏي اڄ آهه، اسان محبن جو ميلو
۱. دلبر سڪندي سال ٿيا، سپيريان جي ساءِ
۲. فنا ڪيائون فراق کي، پُڏو جاءِ بجاءِ
۳. ڏک لنگهيا سک آيا، لڳڙي ٿڏڙي واءِ
۴. جنهن ساعت گڏيا سپرين، سا سچو ساعت سُهاءِ

(سربرو)

ٹلهه: اسان ٿيو اڄ اسان ٿيو، نہ ٿا ڄاڻون ڇا اسان ٿيو وي
۱. هيڏي هوڏي هينئون نہ باسي، سڃڻ اسان هت سهي ڪيو
۲. عقل علم تا شرم حيا مانُ، وڏي ويلي اهو آڻي ويو
۳. دين ڪفر اسلام مذاهب، ناز نيٺن جي پري نيو
۴. پارئون پرينءٔ جي پور اهوئي، مونکي اوچتو پيو
۵. سچو عشق سائينءٔ جو آهي، جيئن انڌاري ٻري ڏيو

(سربروو)

ٽلهہ: اسين آهيون ڇا اسين آهيون، ٻيلي نہ ٿا ڇاڻون ڇا اسين آهيون
١. ذري باران برساتيون لايون، ذري ٻرن ٽيون وڌيون باهيون
٢. ذري پڙهون ٿا نمازان روزا، ذري لوچ مٽي تئون لاهيون
٣. ذري چئون ٿا آهيون اسين ئي، ذري چئون ٿا اصل ناهيون
٤. ذري آرام آهي هن دل کي، ذري وهايون نيٽئون واهيون
٥. ذري چئون ٿا اسان پاڻ سڃاتو، ذري چئون ٿا اسين ڄاهيون
٦. سچل اصلئون سوئي آهين، ٻاهر هتي ٻيو ڪيهو ٻاهيون

(سربلاولي)

ٽلهہ: اسين پاڻ ڪئون وياسين، ڪنهن جاءِ ٻيءَ پياسين
١. پاڻ ڪئون پاڻ نڪري ڪري، ڪنهن راهہ ٻر رَلياسين
٢. سنهيا ٽلها سڦرا، سڀ ڇوليءَ هڪ ڇناسين
٣. اهي هوڪا حقيقت جا، اسان ڏيهہ منجهہ ڏناسين
٤. جيڪي هو سو ٽيو، اسين ساڳي سي ٽياسين
٥. ويندي انهيءَ واٽ تي، اسين جهنگن ڪين جهليا سين
٦. توڙي پليو پاڻيچن، تا پي رَتي ڪين رهياسين
٧. موتي موٽڻ جي سعي، اسان وڌا وس ڪياسين
٨. حاضر آهيون سڀ حاج ٻر، اسين گولن سان گڏياسين
٩. موج اڙهي مهراڻ ٻر، تنهن مٿون پار لنگهياسين
١٠. سچل نانءُ سڏائي، اسين لوڪن منجهہ لِکياسين

(سربروو)

ٽلهہ: اسين ساڳي خود آهيون، عام چوي ائين ناهي
١. ماڳ انهيءَ ٻر شاهہ منصور جون، ڏينهون لک گواهيون ڪيئن چڙهيو وِچي ڦاهي
٢. شاهہ شرف جي سر تي سمهيون، سَر وُڙهيون سَرواهيون عشق اوقات پي آهي
٣. بتخاني ڪئون رهي بيزاري، ڪيئن ڪعبي ڏي ڪاهيون دين ايمان پي ڇاهي
٤. ساعت هن ٻر سڀ ڇنيون سي، ڦڪل واريون ڦاهيون ڇاڙهہ انهيءَ تون ڪير لاهي
٥. زوران زوريءَ پون اوقاتان، ڏاڍيون برهہ جون باهيون سچو آهي ڪڏهن ناهي

(سربروو)

ٽلهه: اصل اسانجڙو آهي، ننگ ناروچل توتي
چڏڻ مناسب ناهي، ننگ ناروچل توتي
١. ذرڙو جنهن کي ذوق تنهنجي جو، چپر تنهن کي چاهي
٢. جاڏي گهمائين تاڏي گهمون ٽا، ڏور وڏي تو ڏاهي
٣. جيهو تيهو سائين اوهان جو، چڏڻ لائق ناهي
٤. ٽرين برين يار ٽڪيءَ کي، رسُ ڪوهيارل ڪاهي
٥. ساهه سچوءَ جو در تنهنجي ڏانهن، هَڏُ نه آسرو لاهي

(سرڏناسري)

ٽلهه: اصل آهيان اسرار، ظاهر ڳالهه زبانون ناهي
١. پهريون پاڻ نه ڄاتم هيئن ٿي، شوق پريم شُوکار
٢. مرشد رمز ڳجهي پرجهائي، آندم هِت اعتبار
٣. دين ڪفر اسلام مذاهب، اول چڏڻ درکار
٤. ٻوڙيم سپ اراد،ا آندم هڪ ارادي آرُ
٥. جائي ڳالهه سجاتم سائي، ساڳي آهيان سردار
٦. يُسمع يبصر ينطقُ هڪڙو، ناهي آڻ انڪار
٧. خلق الاشيا وَ هُوَ عَينهُا، ٿي خاصا خبردار
٨. سچو غير خدا جو ناهي، گوش ڪرڻ گفتار

(سرپيروي-بلاولي)

ٽلهه: اڳنا وجهه نگاه، ڳالهه نه ڪوتاهيءَ جيهي
١. جسم چڏي هل اتهين، ٿي رهبر مٿي راه
٢. پاڻ ڪٽي ني پاڻ کي، آڻج منجهه الله
٣. ناهي پجاڻي پند جي، آءُ لهج آگاهه
٤. توڙي مطلب کي رسين، مطلب پائن نه شاهه
٥. هيءُ وجود وسارئين، تڏهين دوست ٽئين داناهه
٦. سچو سارو سچ ٽيئين، هوش هلين هر گاهه

(سربلاولي)

ٽلهه: اول ڪاءُ غوطو ٿيءُ گهر، پڇي مار شاهي دا دم
١. اچڻ انهيءَ پڙ ۾، ڪچن ڪونهي ڪم
٢. شادي غمي عام کي، غازن ناهي غم
٣. پئو تصور ان ۾، شاغل سان دم دم
٤. سچل چوي اتهين، تون قابو رک قدم

(سرجهنگلو)

ٽلهه: اوهين پنهنجو پاڻ آهيو، ننگ نباهڻ وارا

۱. هيءَ نماڻي عيبن هاڻي، هٽ مَٽيون مون نہ لاهيو
نيڻ وهائن نارا

۲. عاشق سندوَ آهن اُداسي، چاهہ منجهيون سي چاهيو
ورهہ ڪيا ويچارا

۳. ميلائيءَ جو مشتاقن سان، ناهہ ڪو سگهڙو ناهيو
مَرُ تا ڪرن نظارا

۴. اصل لاڪون آهن اوهان تي، پاڻ پرين پُرجهايو
ڪر سچوءَ جا سارا

(سرسسئي)

ٽلهه: اوهين سيسئي چو نہ ڄاڻو، نانءُ مٽمِ آهي ڪهڙو

۱. اسم اصل ڪئون وره وڌايو، صورت هيءَ سڃاڻو

۲. پاڻيءَ منجهون پارو ٽيو پيدا، واءُ عجب ڪوئي واڻو

۳. شاه جهان جو ٻانهو ٿي ڪر، وائي هِن وکاڻو

۴. ڏسي تماشو اهو سو سارو، وتي تا پاڻ ويڳاڻو

۵. نانوَنِ وارو سُنو ري سرتيون، ٽيو هت ڪيئن نماڻو

۶. مستيءَ واري ساک نہ سلج، سچو تون ٿيءُ سياڻو

(سرسسئي)

ٽلهه: آڏو مانَ آڇن وو، ڏسي هن جو حال پلو

۱. هُو جي ڪيڙم ڪاف ۾، ڪُوڪان پَونِن ڪَنِ

۲. ڪيچڙين جا ڪاڪيون، تا رهبر واڌ رسن

۳. خبران ڏکن سنديون، اڳيون پاڻ پڇن

۴. ٻاروچا ٻاجهه پئي، چگي آءُ چون

۵. پنڌ ڪريندي پرينءَ ڏي، مَرُ پرزا پير ٽين

۶. سچو پنهنجي سات سان، نماڻي ٻہ نين

(سربرو)

ٹلهه: آکو ڙي آ، ڪير آهيان، ذات نہ ڄاڻان ڪير وي
١. سهي ڪري ڪينَ سکهان ٿو، پينر پنهنجو پير
٢. ڪاٽئون ٿي آ، ڪاڻي آيس، پرتئون پاتم پير
٣. ساڳوئي سو رانجهو آهيان، تنهن ۾ ڦند نہ ڦير
٤. پاٽئون ڄاڻي پير گهمايم، سُرهو ڪيڙم سير
٥. جوڳي ٿي ڪر جوڳ پچايم، ڏاڍو ڪيم انڌير
٦. مڪي ۾ مسيت بنايم، جٽيو جيسلمير
٧. سچو نانءَ تہ آهي منهنجو، هَڪِ نہ آهيان غير

(سربرو)

ٹلهه: آهه علاج نہ ڪوئي، هِن اکين ماري آهيان
١. ڪنهن کي سليمان سرتيون، حال اهو روئي
٢. ڦڪيون ٻُڪيون لکين هزارين، ڪيون طبيبان توئي
٣. ناحق ٻَڌين پٽيون، ڪَلَ نہ حاذق هوئي
٤. ويج وئي وڃ واٽ اهائي، سانولُ ايندم سوئي
٥. دست سڄڻ جي دارون آهي، سچو يار سپوئي

(سر ڪليان-سسئي)

ٹلهه: آهي بي نام نشان، سِرّ انهيءَ جو ناهي امکان
١. طرحين طرحين پوشاڪان پهرئين، ڪُلّ يَومٍ هُوَ في شانٍ
٢. ظاهر ذات صفات سهي ڪر، سِرّي سِرّهه الانسان
٣. منصوري آهي راهه اهوئي، جوش تنهين ۾ ۽ جولان
٤. غرض گداگر يار اچي ٿو، نا تہ سچو ساروئي سلطان

(سربرو)

ٹلهه: آهي انهن اکين کي، خاصو خمار تنهنجو
وينو وئي آهيان، هت ڪامل قرار تنهنجو
١. هن کي اوهان جي ٻاجهون، آهي نہ ماڙ ڪائي
هي تا غريب آهي، اميدوار تنهنجو
٢. "ٿي پاڻ ڪئون پري تون"، فرمائيو اوهان جو
آهي جميل اصل ڪئون، هي اعتبار تنهنجو
٣. هن تي ڪرم وڏو ڪيو، جو درد دل ٻڌايو
ساريان لطف سنپاريان، ني بي شمار تنهنجو
٤. چاهئون ٿيو اوهان جو، دامن لڳو جو آهي
سچو غلام ڄاڻي، جو داغدار تنهنجو

(سرجوگ)

ٹلهه: آهي منهنجو سڳ، تا پنهل توئي سان

۱. آءُ اوري تون وچ نه پري، ساهه وٽي وچ سان

۲. هوت جي ني هلن جو، کونه پيم اهجاڻ

۳. چلي بيٺس چپرين سڳ پنهل ٽنهنجي سان

۴. لڳو آهي دل کي، باروچل تنهنجو باڻ

۵. سر سچوءَ جو يار اوهان تئون، کوڙين ٽئي قربان

(سربروو)

ٹلهه آهي ويچاري کا وسِ، توکي معلوم ڪيوئي

۱. ويٺي آهيان واٽ تي، گولئ ڪجو گسِ

۲ سارو ونڊر ووڙيان، ڏاها تنهنجي ڏسِ

۳. ماڻهو شهر پنيور جا، روح نه اچن رسِ

۴. سچو پوءِ پرين کئون، آهي پنيوران بسِ

(سرجهنگلو)

ٹلهه: آهي هوڙو حال ويچاريءَ جو،
سڏا ڪر کو ڪرم ستاريءَ جو

۱. لئي پنهل جي ڪانگ اڏايان، کوٽيون پوٽيدار پٽايان
ورُ وري ورَ واري جو

۲. حال ڏسي پنهنجو پال پلائج، پرَ پچاڻون ورهه ورائج
ڪج ڊپ دارون دکواريءَ جو

۳. درد فراق جا دونهان دکن ٽا، مڇ منگرَ هِن منَ مچن ٽا
کو ورُ وري ويچاريءَ جو

۴. سڪ سچل جي توکي ساري، ڪيچي ايندم نِرتئون نهاري
ساهه سڪي سڪ واريءَ جو

(سربروو-پيروي)

ٹلهه: آهيان آءُ اسرار، جيڏيون مونکي ڪير پانيون ٽيون

۱. ڪَنُ نه ڏيان ڪيچ ڏي، پنيورئون بيزار

۲. چڏي پاتشاهي پانهنجي، ڪيڙم هت شڪار

۳. آيس هن عالم پر، باري چائي بار

۴. آڻيو صدق يقين سان، اديون ڏي اعتبار

۵. نوري ناري ناهيان، آهيان ربَ جبار

۶. ماريو آهي منصور جي، خونن هُنَ خمار

۷. مرشد ٻانهون نه چَيو، تون سچو آهين سردار

(سريپروي)

ٽلهه: آهيان آهيان تہ پي چئو ناهيان،
ناهيان کين آهيان آءُ
١. آهيان ناهيان جي خبر نہ پوندي،
موٽي چوان تا ڇاهيان
٢. باقي آهيان سڀ ري سرتيون،
فانيءَ ڏي کيئن کاهيان
٣. آهيان ۾ آهي خوف گهٽيرو،
سينو تہ نانهن جو ساهيان
۴. الله آهي اثبات اصل کئون،
"لا" کي کاڏي لاهيان
۵. سچو سچ اهوئي آهي، ٻاهہ نہ ٻيو کو ٻاهيان

(سربلاولي)

ٽلهه: آهي ڪَون جو ٽو ٽئين، آهي ڪون جو ٽو ٽئين
١. وس نہ آهين پانهنجي ميان، وڃي پرديس پئين
٢. جاڏي کاڏي آهي اهوئي، ڇا مرين ڇا جئين
٣. جان جٽو اهو جاني آهي، اهو لائج ساڻ هينئين
۴. وحدت واريءَ واديءَ جي ميان، ڳالهه اٽئي ائين
۵. نانءُ سڏائين کهڙو ميان، وچون پاڻ تون وئين
٦. نشان ڪج تون نينهن مون، ٻي ڪيهي نشاني نئين
٧. سچو سچي ڳالهه جو ميان، ڏسُ اهوئي ڏئين

(سرجهنگلو)

ٽلهه: آءُ ادا سالڪ سهي ڪر، تون تہ طلسمات کي
ٻيڄ دوئي تا ڪَل پويئي، دور ڪر درجات کي
١. ڪيئن وساري ويهي رهين، هر هر نفي اثبات کي
اثبات کئون اڳنان لنگهي، ڪر تَمرُ تون طاعات کي
٢. ڪيئن وٺي ويهي رهين، هئي هئي تون حڪايات کي
ڳالهين منجهون تا ڪين ٽيو ٻيڄ اوٽ عزالات کي
٣. غازي نہ ٻانڀج غير تون، هن محض موجودات کي
سِرُ گهور ڪر هن گهور ۾، ڏي منهن نہ ٻي مصلحات کي
۴. سِرُ سڃاڻج پانهنجو، ڏي ڪَنُ نہ ڪرامات کي
ذاتيءَ منجهون ظاهر ٽئين، تون سمجهہ هن صفات کي
۵. سچل روئين چو ايترو، بس ڪر هن برسات کي
تصديع تون چو ٽو ڏئين، محبوب جي محلات کي

(سربروو)

ٽلهه: آءُ اصل ڪئون جو آهيان، گولو غلام تنهنجو
١. مون سان واعدو ڪيڙءِ ويهي، ڪالهه پڪي هن پيهي
ناهيان ڏور اوهان ڪئون ڏيهي، ڪَنِ لايان ڪلام تنهنجو
٢. تهين ڏينهن لاکون تائين، منهنجو ساهه سڪي ٿو سائين
پيسو اوچتو هنڌائين، دل ڪي هادي دام تنهنجو
٣. چڏ سپ لاڳاپا لاهي، اهو وڃڻ ته واجب ناهي
اهو فرض اسان تي آهي، سجدو سلام تنهنجو
۴. ڏاڍا خوني نيڻ خماريئي، سي ڏاڙي ڪارڻ ڏاريئي
مُلڪ نيٽن سان ماريئي، هر جاءِ حڪام تنهنجو
۵. آئي سائينءَ ڏهون وراڻي، ٻيا خيال ويا اڪاڻي
"تون ته سرور نبي سڃاڻي، سچو آهي امام تنهنجو

(سربروو)

ٽلهه: آءُ اڳڻ منهنجي آري، توکي صاحب ساريان ٽي
١. وندر جي وٽن ٻر، هوت ملڄ هڪ واري
توکي گهٽو نهاريان ٽي
٢. پرين وڙڻ پانهنجي، دوست ڏيو دلداري
سارو ڏينهن سنپاريان ٽي
٣. دوست اوهان جي درد سان، ڳچيءَ پائي ڳاري
سارو روهه رُڳاريان ٽي
۴. ڪڏهن ايندين تون پرين، سچو ڪج ستاري
هت هنجون هاريان ٽي

(سرديسي)

ٽلهه: آءُ اوهان تئون گهوري، اڙي ڪيچيو ساڻ نجو
١. راتو ڏيهان روح ڪي، آهي اوهان جي جهوري
٢. دائم وِڏوَ دل ڪي، ڏکن جي ڏوري
٣. وهان وهڻ نه ٽئي، ڏاڍي سا لايوَ لوري
۴. ڪرڻ مناسب ناهي تان، سچو ساڻ ضعيفن زوري

(سربروو)

ٽلهه: آءُ آرياڻي اوري، تنهنجي دامن لڳڙي آهيان
١. سر پنهنجو سپرين، آءُ گهرئون آيس گهوري
٢. هيءَ ڪميٽي ڪين ڪي، ڏونگر سگهي ڏوري
٣. ڪا جا تند طلب جي، جِت وئين تون چوري
٤. نيو پاڃاڻي پاڻ سان، تِرُ نہ رهي تو ري
٥. سچو سڳ اصل جو، ڪيئن پڃي تنهنجي ٽوري

(سرجهنگلو)

ٽلهه: آءُ ياروچل ٻيلي، مونجهه تنهنجي ماري آهيان
١. ناهي واجب رسڻ توئي ڪي، تون گروُ آءُ چيلي سگهُ نہ ٽي کو ساهيان
٢. عشق اوهانجي ڪئون هوت ياروچا، ڪيئن ٽرن هيءَ ٽيلي نا تہ ڇپر اڳيون ڇاهيان
٣. سگهه نہ ساريان پنڌ ڪرڻ جي، تو بنا آهيان اڪيلي ڪيچ وٽن ڪيئن ڪاهيان
٤. وڃڻي آهيان ورهه تنهنجي ڪئون، توڙي ڪي پُورن پئيلي سچو نہ آسرُ لاهيان

(سرپهاڙي)

ٽلهه: آءُ ٻانهي تون سائين، پاتم پاند ڳچيءَ ۾ ڪپڑو
١. طرفئون تنهنجي ستگر سائين، ڪانگ اچن من ڪائين
٢. نانءَ ڏٽيءَ جي مهر پويئي ڪا، ٽورا مون تي لائين
٣. روز ازل ڪئون تنهنجڙي آهيان، غير نہ مونکي ٻائين
٤. هڪڙي ساعت اڳڻ سچوءَ جي، پيرُ مبارڪ پائين

(سرڪوهياري)

ٽلهه: آءُ ٻانهن جي ٻانهي، آهيان عبيدار سڄڻ
١. عمر سڄيائي ڪوڙ ڪمايم، بخش مونکي اهو جاني
٢. روز ازل ڪئون ابد تائين، آهه ڳچيءَ منهنجي ڳاني
٣. ڏوه ڏنگايون ڏس نہ منهنجيون، محب ڪرين مهرباني
٤. ڪيئن سچوءَ جي دِل سان دلبر، دوست ڪيو ديواني

(سرکلیاڻ)

ٽلهه : آءٌ تا تنهنجڙي آهيان، ڪانڌ مونکي ڇو ٽو ڇڏين
١. تون تا منهنجو آهين اصل ڪئون، ڪنهن نہ ٻي در ڪاهيان هوت ايندين هت ڪڏين
٢. آءٌ نماڻي عيبن هاڻي، سڪ نہ ساڻوَ ساهيان پَکا اوري آڻي اڏين
٣. توڙي سيجاڻين توڙي نہ ڄاڻين، لالچ تا ٻي نہ لاهيان ساڻ گولیءَ پاڻ گڏين
٤. آءٌ تا ٻانهي تون تا سائين، آءٌ غريب سا ڇاهيان نانءَ سچو ڪري سڏين

(سرجوگ)

ٽلهه: آءٌ تا صدقي ان تئون، جي آيا پنهل جي پار
١. مڪم نياپا نينهن جا، هوتن ڏنهن هزار
٢. محبت محبوبن جي، ڪئي هينڙي ۾ هُشڪار
٣. وڃي ڏسنديس اکڙين سان، وڻ سندا وڻڪار
٤. سڪ سچوءَ کي سرتيون، ڪيا اندر ۾ الغار

(سرکلیاڻ)

ٽلهه: آءٌ تا ڪالهه اڏامي، وڃي پيس پِرين وٽ
١. هُت قبوليت تنهنجي، حلقي بگوش غلامي
٢. مهر مٽوئي ناهه کو، عاشق ڄج تون آرامي
٣. اصل لاکون تنهنجو، هيءُ پاڃي آهي پيغامي
٤. ويس برابر اوڏهين، ويڙس کين وِسامي
٥. مونکي ڪيائون تنهنجو، سچو يار سلامي

(سرآسا)

ٽلهه: آءٌ تون پاڻ سيجاڻي، مون وٽ يار پيارا
١. حال مڙيوئي معلوم توکي، دنيا سا ڪوڙ ڪهاڻي
٢. سڪندي تو لئي سهٽل سائين، روئندي سا رات وهاڻي
٣. آءٌ اوهان کي ائين گهُران ٿي، اڄ گهُري جيئن پاڻي
٤. ٽيندیس گولي در در ڳولي، جانب ڪاڻ جوڳياڻي
٥. سچل آکي سهي کيتوسين، پرت جي ناهي پڃاڻي

(سرڪليان)

ٽلهه: آءٌ پنهون پاڻ آهيان، ڪاڪيون منجان قاصد ڪاڏي
١. اها صورت سمجهي ڏنيم، ساڻي ٻيا ڪيئن سنيايان
٢. ڳالهه پري هئي ٿي پئي اوري، ڪيڏي سي ڪانگ اڏايان
٣. مُدعا مطلب هُو مڙيوئي، پوڻيون سي ڪيهُون پڻايان
٤. سڏ پئي مون سرَ انهيءَ جي، ڪيچ پنيور کي پانيان
٥. سچوءَ منجهئون ٿيو سچ پيدا، ڪيهُون ڪوڙيون ڳالهيون ڳايان

(سرڪسوري)

ٽلهه: آءٌ ڪانگا ڪا پرينِ جي ڳالهه ڪر
واعدو ڪيئي ڪالهه سو برحال ڪر
١. ڪيئن ڏئو تو دوست منهنجو ديس ۾
خوش ڏئو هُيئي يار کهڙي ويس ۾
سا خبر مونسان ساري في الحال ڪر
٢. ڪي پچيائون خبر هِن جي حال جي
ڪي ڪيئي آگاهه هن احوال جي
سو مون سان ڏاها اهو احوال ڪر
٣. هِتِ فراق آهي ماريو مون ٻيو چا چوان
سور هِن جي ساهه ڪي نت نت نوان
آءٌ ادا خاطر منهنجي خوشحال ڪر
٤. ڪيئن اڏاٽو هُئين پرين جي پار ڏي
ڪِي نياپا هِي نيا هُيئي يار ڏي
ڪا مدد منهنجي ادا الحال ڪر
٥. دوست جي بحضور جي حاضر ٿئين
زاغ زاريءَ مون اهي نياپا نئين
لڳ سائينءَ سارو سچوءَ جو سوال ڪر

(سريپروي)

ٽلهه: آءٌ ڪا رهندي هوتن ريءَ، هوندیس سانول ساڻ
١. لونءَ لونءَ منجهه لڳي رهيو، پاروچي جو ٻاڻ
٢. ونڊر سندي واٽ تي، پرزا ڪنديس پاڻ
٣. ڏير ڏيئي ويا ڏڪ جو، هن ڏڪيءَ ڪي ڏاڻ
٤. دردمندي دانهون ڪري، چيٽڪ ڪيرس چاڻ
٥. مانَ اچي ٿئي ڪڏهين، هن مُئيءَ جو مهمان
٦. سچو سڳ اوهان جو، سو تا پنهنجو چاڻ

(سرڪوهياري)

ٽلهه: آءُ ڪيچ ڪندي، وڃي پورهيو پرين سان ڙي جيڏيون

١. جيهي تيهي يار سڃڻ جي، چڳي توڙي مندي
٢. آءٌ تنين جي آهيان، برهه جنين جي بندي
٣. چوندیس حال حبيب کي، ڪچيءَ پائي گندي
۴. اڻ ملهه بانهي آهي، سڀ پِر سائِنِ سندي
۵. سچو سارياڻي دلڙي، رمز تنين جي رندي

(سربروو)

ٽلهه: آءُ ڪوڙين ٽيان قربان، جوڳيڙن جي جات تئون

١. ڪاڪيون ڪاپڙيُن جو، ڏاڍو آهي مون ارمان
٢. آيل، آڏوتن جو، آهي گنگا پر گذران
٣. نانگن سندي ڳالهڙي، هت پورب پر پروان
۴. سچو ساڻ نهارين چو ٽو، ٻئي هنڌ تون مهمان

(سربروو)

ٽلهه: آئين قاصد ڪال، پرينءَ جي پار ڏانهن آندءِ جي سنيها سل اهيئي

١. هاريا هن جي حال جي، ڪا هئي هُت قيل مقال
٢. پاڃيءَ کي پرديس پر، سڪندي ٽيڙا سال
٣. پريُنِ کي مون پچيو، ڪا خبر ڏي خوشحال
٤. کي ڪيندا هجر فراق کي، کي ورندا واءُ وصال
۵. سچوءَ سندي ساهه جي، ڪا هئي هُت کين سنيهال

(سرجوڳ)

ٽلهه: آيم رات عتابَ، ڏاڍا سخت سنگهارن ڏانهن

١. مونکي عمر ماريو، جهانگيئڙن جي جواب
٢. ويڻينءَ اِتي مارئي، ڪائي خوب ڪباب
٣. هت سارو ڏيهه ڏکايو، عمر جي تک تاب
٤. مؤلي تا معافي ڪيا، سچوءَ سڀ حساب

(سربروو)

ٽلهہ: آيو منهنجي گهر يار، جنهي ڪارڻ مون ٽي ساڻي سنياياِ
١. در پيهي مون آيو، دوست مئو دلدار
٢. سوئي گڏيو سپرين، هو جنهن جو جيءَ کي جارُ
٣. بلڪل ڪيائون پنهنجو، ڏنائون قول قرار
۴. معاف ڪيائون مهر سان، مون تي هئي ميار
۵. سچو سرهائيءَ ٻر، چڏ روئڻ زارو زار

(سريهاڑي)

ٽلهہ اجهي آيا ڪلي گڏيا سي، جن جي ڪارڻ پانڊي پچياسي
١. فلڪ فراقي ڏينهن ڏهيلا، اهي سيئي وسري وياسي
٢. پاڻئون ڇاڻي سي پيهي آيا، جن جي ڪارڻ چلا ڪياسي
٣. اسان پانيو تا آرام ٽيوسي، ناز نيڻن جي ناگهہ نياسي
۴. جيئن وٽي کين تيئن ڪرن سي، وس پرينِ جي وڃي پياسي
۵. ويڑهي اسانجي سچو سي آيا، طرف جنهين جي قاصد ڪڍياسي.

(سربلاولي)

ٽلهہ: اها ڳالهہ سڃڻ تنهنجي، ڪنهن سان آءٌ تا ڪريان
١. اوهان ٻاجهون سپرين، ويڻي هت ڏڪڙا ڏريان
٢. هي سِرُ سارو ساهہ سان، آڏو تنهنجي دوست ڏريان
٣. وره اوهان جي هت وساريا، پاڇاڻن کي پنڌڙا پريان
۴. دوست اوهان ريءَ ڏيس انهيءَ ٻر، سُورن جا ٽي سڏڪا پريان
۵. سچو چوي سپرين، تنهنجي صورت ريءَ ويڻي سُور تريان

(سرڏناسري)

ٽلهہ: اهو اٽم ارمان، ڇا منجهان هِتِ ڇا ٽي آيس
١. ڇاڪر ٽيس نہ ڇاڻان ڇاڪئون، نا تہ هيس صحيح سلطان
٢. هوس داناءُ ڏيس انهيءَ ٻر، هت نانءَ ٽيس نادان
٣. ڪوئي ڇاڻي ڪوئي سيجاڻي، اهو مردِيءَ جو ميدان
۴. بحر اواڳهہ جو لهر لڪايو، ٽيو طرح نوين طوفان
۵. اصلئون ساڻ وڻي هت آيس، سورن جو سامان
٦. هڪ گهر ڪئون ٽي پي گهر آيس، محض آيس مهماڻ
٧. بحر اُتون جا لهر ايي ٽي، موٽي ٽيو مهران
٨. سچوءَ کي ڪيو ساعتَ ساعتَ، حيرت هن حيران

(سرتلنگ)

ٽلهه: اهو ڏاهيون ڏس آءِ، سانول اِتي وسي ٽو
١. قولي لهج پاڻ مَڙون، پري نہ پيرا پاءِ
٢. دائم آهي دوست جي، تنهنجي جيءَ ۾ جاءِ
٣. ڪنهن جي ڪارڻ ٽي ڪرين، هاري ڏي هاءِ هاءِ
٤. سوئي ڏسندڙ سوئي سڏندڙ، پاڻهين ڳالهيون ڳاءِ
٥. سارا ڏونگر ڏورئين، ڪاکي ڏي ڪنهن لاءِ
٦. سچل اوڏو ساهه ڪڙون، ڪير چوي تا ناءِ

(سر برووسسئي)

ٽلهه: اهو ويو هاڻي ڪاڏي، جنهن سچو سو نانءُ سڏايو
١. مکڙي منجهون وي ميان ٽيو گل پيدا، منهن ڪري ٻيٽو ماڏي
٢. سڌ نہ پئي وي ميان طرف انهيءَ جي، جان جٽو ويو جاڏي
٣. اُهو هلي ٽو اُهو چلي ٽو، گوشو ڪيو وڃي ڪاڏي
٤. ڏيهه ڏاڏاڻو وي ميان اڳ ڏٺوسي، پلڪ ڪئي پڙڏاڏي
٥. نانءُ سچوءَ جو وي ميان ويو اوڏانهين، طلب ويئي پي تاڏي

(سربلاولي)

ٽلهه: اهي اولانپا آيا، مون ڏي مارن جا
١. ڏيهه ڏاڏاڻو ڪيئن وساريئي، ڏينهن اتي تو لايا
٢. ڪهڙي ڳالهيون ويڙيچن ڏنهن، منهن ڦيرايئي مايا
٣. پهر پنوهارين ريءَ ڪيئن ٿي گهارين، عمر ساڻ اجايا
٤. تنهنجي ڪارڻ راتو ڏينهان، سانگي سي هت سڪايا
٥. وَسُ نہ منهنجو سُڻ سچو ڏي، ڏکيا مون ڏينهن لنگهايا

(سربلاولي)

ٽلهه: اهي نياپا ڪو نيئي، منهنجا مارن کي ڏي
١. اچڻ اوهان جي جا وس وڏا ئي، ڪوڙين سي ڪيڙم ڪيئي
٢. ڏک ڏوراپا ٿا مُنحو اسان ڏي، حال اسان هت هيئي
٣. قسمت کو جو قلم وهايو، پري اوهان ڪئون پيئي
٤. لوءِ اوهان جي ڏنهن لوئي جا آنديم، ليڙان سا هت ٿي ويئي
٥. ڳالهيون سڻگهارن جون سُڻ سچو ڏي، ساهه سيباڻيم سيئي

(سرپيروي)

ٽلهه: ائين لکيو مون ائين لکيو مون، پنهنجو پاڪي ائين لکيو مون
١. ورد وظائف کڏيم مراقبا، پرو پرين جو ڪونه پيو مون
٢. پڙهيم نمازان رکيم روزا، ذرو به حاصل ڪونه ٿيو مون
٣. سوين ڪلام جاري مون پڙهيا، اثر ڪلامن ڪونه ڪيو مون
٤. اول ڄاتم پوءِ سڃاتم، آهي تو ريءَ ڪونه ٻيو مون
٥. سچل سارو سِرُ حقاني، ڪيئن چوان آهي ڪير ٿيو مون

(سرسسئي)

ٽلهه: اتي پيو وڃي خيال منهنجو، جتي دم قدم جي جاءِ ناءِ
١. لا مڪان مئون لهر لڙهي، جنهن مٿي سچ هُوءِ هواءِ
٢. وحدت جي درياءَ منجهارون، تون پي وڃي موج مناءِ
٣. برهه توتي بادل آندو، اناالحق جي هڪل سواءِ
٤. قطرو پاڻ نہ پائنج عاشق، ساروئي تون بحر سڏاءِ
٥. ٻئي جهان هڪو ڪر ڄاڻين، جلوو تنهنجو جاءِ بجاءِ
٦. سچو آهين سِرُ سُبحاني، ظاهر جو تون نانءُ وجاءِ

(سر بلاولي-جهنگلو)

ٽلهه: اتي ڪفر نہ اسلام، آهي سيني ڪي سلام
١. ڪڏهن ڏئي ڪينَ ڪي، اهو آرانپو آرام
٢. مذهب مُور نہ مڃيان، آءٌ مشرب منجهه مدام
٣. قيد پيڃي ظاهر ٽيئان، آءٌ جاري پيان جام
٤. هادي سائينءَ پاڻ سڃوءَ ڪي، عشق ڪيو انعام

(سر ڪلياڻ-آسا)

ٽلهه: انهن جادوگرن اکين، بيران ڪيوسين
انهن نيٽن سندي نازن، حيران ڪيوسين
١. راتو ڏينهان دل ڪي، هيءَ آهي پريشاني
انهن غمزن ڪجهن رمزن، ديوان ڪيوسين
٢. هَئي هَئي هِي فرياد وي يارو، ڪنهن ڪي سٽايان
خونِ هِن خمارن، مستان ڪيوسين
٣. ميدان منجهه سچو، تهدلئون آيو آهي
انهن تارن سندن تبرن، نيشان ڪيوسين

(سربروو)

ٽلهه: اهُو آهي آهي، يار ساڻي ساڻي
١. اوهين ڇاڻو ساڻ يقيني، ٻيو سو ناهي ناهي
٢. ميخاني وچ مست همیشه، ڪيئن سو ڪعبي ڪاهي ڪاهي
٣. لوڪ ساروئي هِت جو آيو، سڀ حجابان لاهي لاهي
٤. ظاهر باطن آهي اُهوئي، جان جٹو وري ڇاهي ڇاهي
٥. نانءُ سچوءَ جو آيو صفت ۾، ڏانوُ ڪيو ڪيهو ڏاهي ڏاهي

(سربروو)

ٽلهه: اهو بَرُ ٻي بازر آءِ، جتي ديرو دوست جو
١. ڏونگر ڏولي ٻائيان، سُپيريان جي ساءِ
٢. چمنديس چپن سان، سندي جانب جاءِ
٣. محبت محبوبن جي ڪاري، هينڙي ڪي هاءِ هاءِ
٤. ويني ڪانگ اڏايان، لکين لعلن لاءِ
٥. مونکي ڪيچ وٹن ۾، نيئي پانڊيڙا پهچاءِ
٦. ساڻي سپيرين سان، هيءُ گداگر گڏاءِ
٦. سچو سجڻن کي ميان، پاند ڳچيءَ ۾ پاءِ

(سر پهاڑي)

ٽلهه: اهي اکڙ منهنجي آيا، جن جي ڪاڻ سي ٻير پچايم ٽي
١. پکي اسان جي ٻيهي آيا، ڏينهن گهٹا جن لايا
جن ڪاڻ پوٹيون پٹايم ٽي
٢. جن لئي روز نهاريم راهان، مولي سي محب ملايا
جن ڪاڻ سي ساڻي سنپايم ٽي
٣. هن غريب کي گڏ نِيَڻ جا، کيا سي سجڻ سعيا
جن ڪاڻ سي ڪانگ اڏايم ٽي
٤. ڏينهن فراقي لنگهيا اسان تٹون، روئندا دوست کلايا
جن ڪاڻ سي ڏکڙا لنگهايم ٽي
٥. رهيا آهن روح منهنجي تي، فائق جا فرمايا
جن عشق جا سبق پڙهايم ٽي
٦. دل سچيڏني جي تي اصلئون، هاديءَ حڪر هلايا
جن ڪاڻ سي ورهه وسايم ٽي

(سرتوڙي)

ٽلهه: اُهي شال اڇن، واقف هن جي هئا حال جا جيڏيون
۱. جيءُ وڏو جن جارَ ٻر، اهي موتي مانَ ملن
۲. پنڌ پراهين مون پرين، سگهه پوءِ ورن
۳. ساريو سنگهارن کي، پَلَ پَلَ پُور پَون
۴. مانَ مونکي سپرين، چڳي نانءَ چون
۵. جيهو تيهو آهي، سچو سڳ سندن

(سربروو)

ٽلهه: اُهي کهڙي طرف ويام، آءٌ ڳوٺ رهيس سپ ڳولي
۱. عشق نہ عاشقن جا ميان، اڳهين ٽي ٻڌام
هاڻي ٽولي مئون سو ٽولي
۲. ڪُوڪان چڙهي کوهہ تي ميان، ڪيچيئڙن ڪيام
هاڻي چولي مئون چولي
۳. ڏورينديِ مون ڏونگرين ميان، سرتيون سالَ ٽيام
هاڻي رمز لڌي مون رولي
۴. سچل آءٌ تا ناهيان ميان، ساري سڌ پيام
اتي پاڻ هاروچل ٻولي

(سُرسسئي)

ٽلهه: اُهي ڪاڪيون ڪوهيارا، اڄ اڳڙ منهنجي آيا
۱. پيهي پاڻ آيا، جن ڏور ٽي ڏَسايو
هٽئون جنين جي هِينڙو، اديون مون ٽي ڪسايو
جن جي ڪارڙ جيڏيون، مون ٽي پانڊي پچايا
۲. هيس جنين ڪاڻ، آءٌ آيل اُبائون
دل ٻر دردمندیءَ جي، ورهه وڏائون
پوٽيون پٽايم جن لئي، اُهي مولي ملايا
۳. واعدا پنهنجا سرتيون، اُهي پاڻهي پاڙيائون
نماڻيءَ جي نجهري، اچي پڪا اڏيائون
انهن ڪارڙ ڪاڪيُون مون ٽي ورهه وسايا
۴. ڪرم ڪيائون پنهنجو، هاڻي حال ڏسي هيئي
وائي فلڪ فراق جي هاڻي وچون ٽي ويئي
سچو گڏيو سڃڻا، جنهن ٽي ڪانگ اڏايا

(سريپروي)

ٽلهه: اوڏانهون آئين ڪانگل ادا، لَنوُ تون چڳي اڄ لات ڪا
ڪي هُت هئي محبوب کي مشتاق جي مصلحات ڪا
١. هيڏي اڇڻ جي ڪا هُيَن، ڏي تون مونکي تسلات ڪا
مون هن نماڻيءَ وٽ آهي، رهندا اچي هت رات ڪا
٢. پي تا هوندي هيٺي ادا، ظاهر نہ جَهڙيَم ذات ڪا
پيغام مونڏنهن پرت جا، ساڻي آندوَ سوغات ڪا
٣. شب روز عاشق روئڻ ۾، ڇاڻن نہ هڏ پي بات ڪا
جاني جدائيءَ جيهڙي، آهي نہ پي آفات ڪا
۴. هيڪند هڻ جي هوت سان، سائين ڪندُم ساعات ڪا
دلبر ٻاجهون هڪ دم سچو، ٻيهي اها برسات ڪا

(سرجوڳ)

ٽلهه: اوڏانهون آيا، مون ڏي عتاب اباڻن جا
١. هي ڏيهُ وِيڑئي وسري، تو ڏينهن اتي لايا
٢. ياد اسان نہ ڪرين، منجهائينءَ مايا
٣. ڏينهن اسان ريءَ گذري، ويڑئي اجايا
۴. گهٽا مينهن مليرُ ڏي، واليءَ وسايا
۵. تنهنجي ڏسڻ لَئي هت، سانگي سڪايا
٦. ڪاڻون ٻڌا ڪينَ ڪِي، جهانگي جهلايا
٧. سائينءَ سچو سگهرا، مون کي مارُو ملايا

(سربُروو)

ٽلهه: اسان جال پري جام، پيون آبِ حياتي
ساقي آهيون شراب جا، اسان ڪامل قلاتي
١. لاتي سين لولاڪ ۾، وڃي لا سندي ڪاتي
مان کي ماري مان، پروڙيم گهر هڪي پاتيَ
٢. همه اوست واري حال ۾، اسان آهيون اثباتي
نفي منجهون نابود، ٽياسي صاحب صفاتي
٣. مٽي ڪن ڪاپار لنگهي، ٽياسي ظلماتي
پاڻ سڃاڻي پانهنجو، ٽيون ذاتي ۾ ذاتي
۴. سچل سارو سچ ٽيو، جنهن مار سڃاتي
تصوير نظر نور، اندر جان پايان جهاتي

(سربروو)

ٹلهـــ: آهي مـــعلوم توکي حـــال، اســـان نماڻن جو
١. راتيـــان ڏينهـــان آهي اوهان جو، خاطر منجهـــ خيـــالُ
٢. نانءَ ڏڻيءَ جي اســـان غريبن ســـان، آءُ پـــلا ڪر پـــالُ
٣. آءُ اچي ڏس يار ســـيـــاڻا، ســـچل جو احـــوالُ

(سرپيلو)

ٹلهـ: آئين سو ڳالهـ سڻائين، وَهيان ڪانگل تون پلي آئين
١. خط جو آندُئي يار ســـچڙ ڏنهـــ، هلي ســـو نال پڙهائين
٢. آءُ تـ جوڙيون جـــاءِ اڪـــيـــن ۾، اڄ اوڏاهون آئيـــن
٣. سگهـڑو سگهـڑو آءُ اســـان ڏي، ڏينهن ڳـهـڻـا ڇو لائين
٤. اَڇُون اَڇُون تون ڇو نـ اَچين، ٽـــو مـــحـــرم راز رلائين
٥. نانءَ الله جي يار ســـچل ڪي، مـــحـــبـــن ســـاڻ مـــلائين

(سربروو)

ٹلهـــ: اهو ڏونگر ڏيهـــارين مـــون ڏوراپو ٽـــو ڏئي
١. هاري هـــڙا هوت تون، ٽي ويجهـــا وســـارين
٢. هيـــڏي هوڏي ٽي گـــهـــمين، تون نال نـ نهـــارين
٣. پنيـــورئون بيـــزار ٽي، جي ســـانولُ سنيـــارين
٤. پاڻ ســـچل تون پاڻهين، ويجي ســـاڻنِ سلهـــاڙين

(سربروو)

ٹلهـــ: اچي لايو ڪيـــئن، ســـچڙ تو نينهن نماڻيءَ ســـان
١. مـــاريُس انهيءَ مـــامـــري، هوت ڪندي هيـــئن
٢. ســـا تا ڪيـــئي پنهنجي، جاني وڃيـــئي جيـــئن
٣. جهـــڙي پنهل تو ڪئي، آءُ پڻ ڪريان تيـــئن
٤. ڪانـ وڃندي ڪڏهن، نالو سندو نينهن
٥. وري ويهـــاريو ويجهـــڙو، ســـچل پنهنجي ســـيـــئن

(سرپهاڙي)

ٹلهـــ: آءُ تنهنجي ســـارو عـــالم ڄاڻي، يار ڇڪي تو تا لائي وو
١. گهوريو پرين پرديس اوهان تئون، ڪر تون اچڻ جي ڪائي وو
٢. اندر اســـان جي يار ســـچڙ وي، سنديو سڪ ســـمـــائي وو
٣. طرف اســـان جي شـــال اوهان جي، ٽـــئي ورڻ جي وائي وو
٤. مـــهـــڻا ڏيئي ٽـــو لوڪ مڙيوئي، دوست تو تئون دل ڄائي وو
٥. شـــال ســـچل جي يار پيـــارا، لَهـــين تا سُڌِ ســـپـــائي وو

(سربروو)

ٽلهه: الله اُهي اڄ آندا، پرين جي هٿا پرڏيهي
١. فلڪ فراق جو معاف ٽيوسي، هادیءَ ڪيا هيڪاندا
ڳالهيون ڪيون سي گڏ ويهي
٢. اڳڻ پيهي سي آيا، هٿا سي جن لئي ماندا
ڳالهه ڪريان هي ڪيهي
٣. ٽيو آرامي روح اسان جو، لٽا سي سپ سياندا
خوش ڪيائون هي ويهي
٤. سڃل هٿا سي سال گهٽيرا، دوست ٻاجهون درماندا
ڏيهه گڏيا اُهي ڏيهي

(سرسسئي)

ٽلهه: اوري آڻ سي اوري ڙي، الله جنين ڪاڻ سڪيس سالَ
١. ڏسُ مونکي ڪو ڏئي، ڏيهه رهيس تا ڏوري
٢. واٽ جهين ڪئون لنگهيا، گهوري هي جند گهوري
٣. هيڪند ڪر تون هوت جي ميان، ساڻ ٽڪي ڪنهن ٽوري
٤. ساهُ سڃل جو تنهن ڏاڙي، ويا چاڪ وجهي ڇِتُ چوري.

ٽلهه: اچي ڪونه ايڏانهون، ماڻهو شهر پنيور ۾
١. منهن ڪري اُنهيءَ پار ڏي، ويئي ڪير الاهُون
٢. ڏسي حال حقير جو، اچن مانَ آگاهون
٣. ڪو پَلُ پاڃاڻين ڪئون، پري ٽيءُ نه پراهُون
٤. ڏَرَ ٽڪائي آهيان، پڪا آڏج اوراهون
٥. سُٽي موتُ سڃل جون، آرياڻي تون آهُون

(سرديسي)

ٽلهه: اڙي اَلو اَلو، رانول آيو راڄ ۾
١. ويڙا سورَ سَندو ڪري، اڄ پينر ٽيڙم پلو
٢. جنهن ساعت گڏيا سپرين، سا ساعَتَ ڪنهن نه سَلو
٣. ڳالهه نه ڪريو ڪا هي، هتئون هاريون اَوهين هَلو
٤. ڏهاڙي ڏسڻ ڪئون، وارُ نه پيڙو ولو
٥. اصل آهي انهن سان، روح منهنجي جو رَلو
٦. سڃل گڏيو سڃڻان، ڪَرنِ لڳو ڪلو

(سرسسئي)

ٽلهه: آءُ ڪانگا ڪر ڙي مون سان هَر هَر، پيو ڪَر مٿي ڳالهه پرين جي
١. ڏاهـا ڏنـــو ڪِي وڃي، اُهـي پـريـن ڪهـــڙي پِر
٢. ڪي حـــالُ پڇيـــائون هِنَ جو، ڪـا ڪـنـدا ويچاريءَ وِر
٣. مـحـبـن جي مـيـــلاپ جي، ڪـا ڪندا پـيـــئي پِر
٤. آءُ توئي تـئـــون صـــدقي، هوئين دوســـائي دِر
٥. پِريـان سـنـدي پـارَ جي، آهـي سـڪ ســـــچل ڪـي سَر

(سروهاڳ)

ٽلهـــه: احـــوال عـــشق لائي، "ســـرّ سِرّهُ" بلائي
١. سسـي شـــيخ عطار جي، ٽـــو چوٽـئـــين چلائي
٢. ڏَنـــو تماشـــو تيغ جو، ڪوپن ڪنڌ ڪپـــائي
٣. دين ڪفـــر مـــان نڪـــري، ٽـــو اناالحق الائي
٤. واديءَ پِر وحـــــدت جـي، ڪـوڙِيـن سِرَ ڳنوائي
٥. ســـچل ڪي تنهن صـــفت پِر، ســـائين مـــانَ سڏائي

(سرڪلياڻ)

ٽلهـــه: آءُ ڪانگا ڪر ڳالهـــه، پريان سندي پارَ جي
١. مـــون ســـان ڪري جو ڪالهـــه وئين، اُهي تان وعـــدا پالِ
٢. هن غريب ســـان پرين گـــڏج، برهه ڪيس بي حـــالِ
٣. هيـــڏي اچڻ جي هئي، اُنهن ڪي ڪا تان قـــيلَ مـــقـــال
٤. پـاجهـــــه پـويـئـي وي پـاروچـــا، هِي تـان نـج نـالِ
٥. يـاد ڪـرن ٽـــا هُت تـوئـي ڪـي، وجهُ نـه جيءُ جنجال
٦. "فَاذكُرونِي اَذكـــركُم"، پـئـــين تون ڪهـــڙي خيـــال
٧. قـــول پـريُن ڪيـــا جي توســـان، سي تان سڀ بحـــال
٨. دل بـدَل آهـي تـو ءِ پـريـن جي، ســـچل تون پاڻ سنيـــال

(سربروو)

ٽلهـــه: آءُ ڪوهيـــارل ڪائين، وَري ويڙهو وســـائج مـــيـــان
١. پـانـهُـون پانَهنِ جان بـدّي، پـانـد ڳچيءَ پِر ٽـي پـايـئـــين
مون تئون چت نہ چائج ميان
٢. مـــوُنهـــون مـــدايون ٽـــيـــڙيون، ٽـــيس ايلازڙ آئين
پرين پاڻ پسائج ميان
٣. آءُ ڪنيـــزڪ تهـــانجي، تون تہ منهنجڙو ســـائين
ٻيو عيب نہ لائج ميان
٤. ڏئي حـــال حَلاج جو، ســـچل ڪي ســـمـــجهـــائين

(سرديسي)

ٽلهه: آيَسِ آءُ ڪي اوڏي، جهاڳيا مون تان جبل جالَ
١. جي مون وِسهو جيڏيون، آميان ڪيڇِنِ جي آءُ ڪوڏي
٢. حُبّ جنهن کي هوت جي، درد نه ٻئي ڪنهن ڏوڏي
٣. ڪيئن ڪريان آءُ ڪاڪيُون، هوت منهنجو هوڏي
٤. دردِ جهين کي دوست جو، لَکُنِ سا تان لوڏي
٥. سيٽنِ خاطر سُڻُ سچل ڙي، گاهُ ڪنديَسِ ٻڏي گوڏي

(سرڪوهياري)

ٽلهه: آءُ ويندي پنهل جي پارِ ميان، ٽڪيس کين ٽرن ہر
١. مُون مَنُ گڏي گوندرين، ڪيچي ٽير قرارِ ميان
٢. ذات جتن جي جيڏيون، جيءُ وڏو آهي جارِ ميان
٣. ڪندي وڃي ڪيچ ڏي، ڪنيزاڻي ڪارِ ميان
٤. آهي ڪاڻ قريب جي، وڃڻ مُون وٽڪار ميان
٥. پوڻ اٽم پنڌ ہر، دوست پٽيءَ درڪارِ ميان
٦. سارو ڪر سچل جو، آهي اُنهن جي اختيار ميان

(سرسسئي)

ٽلهه: اديون ڙي آهيان ٻانهي ٻاروچن جي
١. ڏکيا سکيا ڏينهڑا، شال لالن سان لنگهايان
٢. هِينئڑي کي هن جيڏيون، کهڑا سُور سلايان
٣. وندر سندي واٽ تي، چاهون سِرُ چلايان
٤. ويهان آءُ ڪيئن ويسلي، ويندا ڇو نه ورايان
٥. ڪيهي پئي تان ڪيچ ڏٽين ڏي، سچل ميڙ سنپايان

(سرسسئي)

ٽلهه: آءُ وڃان تو تئون گهوري، گهوري گهوري ميان
١. ڏونگر رهيس ڏاکڑا، تنهنجي ڪارڻ ڏوري ڏوري
٢. تو ٽڪائي وي آهيان، آڇج آرياڻي اوري اوري
٣. ٻلا هن پنيور ہر، ترُ نه رهندس تو ري تو ري
٤. مونکي وڏو مون پرين، جهٽڪ اوهانجڙي جهوري جهوري
٥. سچل جو نِي سپرين، هِينئڑو نيو هِي هوري هوري

(سرگجري)

ٽلهه: آهي ڪوڇ بڪوڇ يار، ڪيڏي ڳولهيو ٽيون آئين سرتيون

١. ظاهر آهي ذات تنهين جي، هٽ شهر بازار
٢. "وَنَحنُ اَقرَب" ڄاڻو سپيئي، دور نه آهي دلدار
٣. احمد هيڪڙو، ناهي لک هزار
٤. مرشد هيئن فرمايو، آڻ اُت اعتبار
٥. ڳهيليون انهيءَ ڳالهه جو، خوني آهِ خمار
٦. آهي سپوئي ست جو، سچل هِي سينگار

(سرسسئي)

ٽلهه: اکڙين اسرار، مونکي ڪو جو ڪيو ميان

١. انهن تان ڏيکاريو، ڪاڪيون ڏي ڪوهيارُ
٢. تنهين ڏاڍي ڪيو، برهه بي اختيار
٣. ڏونگر ٽو ڏورائي، چشمن جو چمڪار
٤. ناز نيٽن جو سرتيون، ووڙائي وڪار
٥. سوز سڄڻن جو سرتيون، سچل کي سينگار

(سرسسئي)

ٽلهه: آءُ وري تون تان ويهه، سڄڻ آءُ تان تنهنجڏي آهيان

١. آهون عاشقن جون سُٽي، ڇڏ پرين پرڏيهه
٢. پکي پاڃاڻين جي ميان، آءُ پرين تون پيهُ
٣. اصل لاکُون آهي هي، ڏاها تنهنجڙو ڏيهُ
٤. سچل چوي سپرين، آءُ ساري ساڻيهه

(سرسسئي)

ٽلهه: آءُ هلي ڏس حال، منهنجو ٻاروچا ڏي ميان

١. راتيان ڏينهان روح ۾، تنهنجو خاص خيال
٢. اوهان ٻاجهون سپرين، ساعت يايان سال
٣. مون نماڻيءَ سان، ڪر ڀلائيءَ پال
٤. سارڻ سکڻ آنجو، مونکي مِلڪ آئون مال
٥. مرشد سارو ميجيو، سچل جو ته سوالُ

(سرسسئي)

ٽلهه: اوڏانهون جي اچن، ڏي جيڏيون، انهن آءٌ ڪيئن نہ سڃاڻان

١. پريان سندي پارَ جيون، ڪيهون ڳالهيون ڪَنِ
٢. مون هن نماڻيءَ کي، دلاسا ٿا ڏين
٣. ساهہُ منهنجو سرتيون، نيو نياپن
٤. هي بت بيراڳي ڪيو، ڪاڪيُون ڪيچيڙَنِ
٥. سچل چو نہ سُڌير ٿئين، هو هُتِ پاڻ پچن

(سر جوڳ-برووِ)

ٽلهه: اڏي اَلو اَلو، منهنجي يار سڃڻ جو سات سلامت آئيو

١. سيئي اڄ اڳڻ آيا، مون جن لَئي وِرهہ وَسايو
٢. اُهي گڏ مسافر هن گڏيا، مون جن لَئي پنڌ پچايو
٣. ڏيئي دلاسا دل کي، تن ريهي روح رُچايو
٤. حال پائي اَچي سي ٽيا، جن تا چيٽڪ لايو
٥. وريتيون وصال جو، واليءَ ورق ورايو
٦. سچل کي ڏي سرتيون، اُهو مولي محب ملايو

(سربروو)

ٽلهه: اڏي مهر پئي مون کي يار سڃڻ، دارون کو دل جو ڏُئي

١. قدر پيو مون کي ڪاڪيون، ني وو وو ويجن وَئي
٢. اثر منهنجي درد جو اديون، شال طبيبن ٿئي
٣. وِرهہُ وِهايم جيڏيون، پوءِ پرجهڻ پئي
٤. وَرهيو ويا گذري، هِنَ عاشق آهون ڪئي
٥. ٻُکي ڏين جي ٻاجهہ جي، جِيءُ سچل جو جِئي

(سربروو)

ٽلهه: آهي صبح انجام، پرين تنهنجي پلا پارَ ڏي

١. اسان ڪنيو تان تهانجو، سِرَ تي ڪُلّ ڪمام
٢. دانهون ڪري درد مَئون، برهہ نہ ڪر بدنام
٣. جي تون پچين ڳالهڙي، طلب نہ ڪج تمام
٤. اڳڻ اچن ٿا تهانجي عاشق ڪر آرام
٥. سچل سيو تهانجو، ڪيوسي قبول ڪلام

(سرسسئي)

ٽلهه: اُهي ڏوراپا ڏيئي، موتِي مُکا يارَ مُون ڏي
١. هُوءَ جا ڳالهڙي کالهه ڪئي سون، ڪيئن تو وسري ويئي
٢. اسان ٻاجهون سڻ ڏي عاشق، ڏينهن گذاريو ڪيئي
٣. کهڙين ڳالهيُن ۾ تون تا آهين، پرت منهنجي توسان پيئي
٤. چئي منجين ٿو هَٿ پاندين جي، ته حال اسان هِت هيئي
٥. ڏوهه گناهه وو تنهنجا بخشيا سي، سچل ڏي يار سپيئي

(سر جوڳ-ڪلياڻ)

ٽلهه: اڏر پکيئڙا پار پرين جي، خبر آڻي مون ڏئين
١. ڪين گڏيئي سي پرين، وات تا ڪنهن ٻيءَ وئين
٢. پاڙي ويهي پرين جي، وڃي تون واقف ٿئين
٣. سڏ سپائي مون ڏئين، جڏهن پاڻي اکين جو پئين
٤. سوز سچل جو پاڻ سان، ادا ڏي نازڪ نئين

(سربرووَ)

ٽلهه: اي اچي ڏس حال منهنجو، آءُ اچي سڻ عرض هي
١. نينهن تا مونکي نيو، طاقت نہ ڪا تَنَ ڪي رهي
مشتاق جي مارڻ سندو، آهي اوهان کي غرض هي
٢. ڏاها وڃي ٻيا ڇو پڇان، مون تا پروڙي ڳالهڙي
درد ٻيو مونکي نہ آهي، محبت تنهنجي، جو مرض هي
٣. دل کسي مون ڪئون وئين، موتي نہ آئين ڇا چوان
سڏ لهو ساجن اچي، آهي اوهان تي فرض هي
٤. آءُ اچي امام ٿيءُ، توتي اسان نِيَتي نماز
٥. سر ڪرڻ صدقي اوهان تئون، آهي سچل تي فرض هي

(سر جهنگلو-برووَ-پيروي)

ٽلهه: آهيان اوهانجڙو آئين، ڪچ نہ پائين، دوست چوي ڪير آهين
١. پرين ڏسج پاڻ ڏي، آءُ ٻانهو تون سائين، توڙ نيائين
٢. پنهنجي وڙئون سپرين، پير منهنجي در پائين، حمد آکائين
٣. ڳچي پائي ڪپڙو، پرينءَ کي پرچائين، ميڙ منائين
٤. آءُ اوهانجڙو آهيان، چت نہ هن تان چائين، قيامت تائين
٥. ديدان ڪڍ تون متي، الله لڳ ميان سچل کي سرچائين، ٿورا لائين

(سرجھنگلو)

ٽلھ: اڄ جو اوڏنھون آيا، گڏيا سي قاصد مونکي، اهي ڏنائون واڌايون
١. وري ورڻ جا هئا پنيور ڏي، سات ڏٽين جا سعيا
٢. اڄ صبح اچي ويجھا سي وهندئي، ڏور جنين ڏينھن لايا
٣. گوشي گڏجي کندئي سي ڳالھيون، جن جا تو پنڌ پچايا
۴. خيال سڄوئي هيڏي هُيڙُن، ڏکيا تو ڏينھن لنگھايا
۵. طرف تنھنجي اڳي پي رهبر، ڪيئن تنھن هوت هلايا
٦. نينھن جا نياپا ڏنا جنين هي، سڄل سي ساھ سيبايا

(سرجوڳ)

ٽلھ: آءُ اسانجڙي ديري، توکي گھٽو ساريان ٽي
نا تہ محب مران ٽي
١. تون تا ميڏا مين تا تيڏي، کھُ گھتان سڀ کيڙي
هت گھنگھرَ گھاريان ٽي
٢. اڳڻ ساڏي آءُ پيارل، لَھِ پَوَنِ سڀ جھيڙي
تو لَئي هنجون هاريان ٽي

(سرجوڳ)

ٽلھ: آءُ اسان وٽ يار تون، آهي هت اسان جو حال هي
١. اُباڻکو آهيان گھٽو، توريءَ پرين پرديس ۾
آءُ مڙيوئي معلوم کر، عاشق سندو احوال هي
٢. آهہ اوسيڙو اوهان جو، شب روز اکڙين ۾ ميان
جاني سندءِ مون جاڳندي، آهہ خواب ۾ بہ خيال هي
٣. دوست تنھنجي در اُتي، دونھي وجهي ويهي رهان
منھن ڏيکارج محب مونکي نہ تہ آهِ ويهڻ هت وبال هي
۴. دردمند جي در پيھي، آءُ دوست دل خوشحال کر
صدقي کريان سِرَ ساھ سان، ڇا مِلک ۽ ٻيو مال هِي
۵. ويڻي نھاريان واٽڙي، تنھنجي اچڻ لَئي ميان
لھہ سڌ سنديم ساجن اچي، نہ تہ آهِ جِيَڙُ جنجال هي
٦. پاڻون پري نہ کريو مونکي، کي دوست دلداريون ڏيو
هوءِ تون سڏائين ساڻ مون، آهي سڄل جو سوال هي

(سرڪلياڻ)

ٽلهه: آيا ڏنوَ آيا ڏنوَ، چئو ڪي پانڊي آيا
١. پرينءَ کي هن پارَ ڏي، سَلِ ڪِي ساڻي سعيا
٢. طرف اسان جي ڪَهُ ڏي ڪانگل، ها روح سندن جا رايا
٣. ڪينَ آئين ارمان هي، تو ڏينهن گهٽا ڪئين لايا
٤. وري سگهو وَنءَ اوڏاهين، جو سورن اسان ستايا
٥. سچل ساري گهٽو سنياري، سڃڻ پي ڪي سڪايا

(سربروو)

ٽلهه: اوڏاهون قاصد جي آيا، تن هُلائي هِيءَ وائي
١. هاڻي هوتيائن جي هئي، توڏي تياري
واٽان پڇي تهانجون، اصل ڪان آري
ڏاري سندِيوَ حال جي، هت معلوم سڀائي
٢. اهو رکج اجهو، اڄ تو ڏي ايندا
ڏيئي پانهون ڳل تو، وري پرين پرچائيندا
هيکند ٽيندئين هوت سان، جاڳندي جائي
٣. مارئي ماندي نہ ٽي، چو گوندر گذارين
واٽان اچڻ اُن جون، ٽي نِتَ نِتَ نهارين
جهڙي تون هت، آهين، آهين هُتِ پي اهائي
٤. ويو وڃوڙو، تون گڏين ائين ساڻ
توسان آهن سپرين، پري پاڻءَ نہ پاڻ
سچل ٽيندِيوَ سگهڙي، واڻي سوائي

(سرجهنگلو)

ٽلهه: آيو بحر جوش ۾، تڏهن موجو پئي ٻاهار ميان
هَئي هَئي آيو نانءَ ۾، سانوڻ جو سينگار ميان
١. لڙَ منجهون ٽيو اچو ڪارو، اصل سو درياه ميان
بيحد رنگ گهٽا ٽيا ٻاهر، ڪير ٽيو گمراهه ميان
٢. سانوڻ لٽو هڪ ٽي، تڏهن پاڻي موٽيو پوءِ ميان
ڪارو اچو لڙ ٽيو، اهو سارو سمنڊءِ ميان
٣. نانءَ لهي ويا ٻاهريان، اهو باقي رهيو نامُ ميان
ڪُوران ڪسان واهڙان، هت ڪُلي ٽيا گمنام ميان

(سربروو)

ٽلهه: آلا باري برهم ڊولڙ جي، دل ديواني منهنجي ڪيئي
۱. اورئين اٽڪ نه رهي، خاص پرين پڪيئي
۲. پياريائون پُرُ ڪري، هي سڀ وائي ويئي
۳. راتيان ڏينهان روح ۾، "ٽيا ٽيا" آهي ٽيئي
۴. اکيون دل سچل چوان، پاڻ سکيون ڪيئون ٻيئي

(سربروو)

ٽلهه: اڄ لنگهدين واٽ ويندي، يارُ مارينڊو ويو
ناز سان چشمن کي چوري، جان جهورينڊو ويو
۱. مسُ قلم ڪاغذ ڪٽي، محڪم رهيس پنهنجي يار ڏي
ايئن چئي نامون پڙهي، ورق ورائينڊو ويو
۲. اوچتي اڙجي وئي، دل اڙانگي يار سان
دُرُ ٻڌي دستار ٻڌي، زلف ڍارينڊو ويو
۳. ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان، ڪنهن کي سڌايان حال هي
لڙڪ چشمن مان ڏسي، نرمل نهارينڊو ويو
۴. سچل چوي سڪ سوز مان، صدقو ڪريان جند جان هي
من ملي منڌار مونکي، غم ٽارينڊو ويو

(سربلاولي)

ٽلهه: اچن ٽا پرين اچن ٽا، سل کي ساڻي اچن ٽا
۱. طرف اسانجي هُين تياري، پَهَ ايا کي پچن ٽا
۲. اديون آتش عشق جا، مَنَ ۾ کي مچ مچن ٽا
۳. پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، نينهن وارا هت نچن ٽا
۴. سچل سورهيه ڪيترا، رنگ انهيءَ ۾ رچن ٽا

(سرتوڏي)

ٽلهه: اڄ کي صبح اچن ٽا، نروار چئو نجومي
۱. مون هت نماڻيءَ جو، پرين حال کي پچن ٽا
۲. هن پار ڏي اچڻ جو، چئو کي سڃڻ چون ٽا
۳. پرين آهن پنڌ ۾، کي ويڙهي پانهنجي وسن ٽا
۴. سچل جي پي سڏ لهڻ لئي، قاصد هيڏي ڪين ٽا

(سرتوڙي)

ٽلهه: اڄ اکڻ اجهي ايندم، سُکيا سانگي گڏير شالَ
١. ڏسي حال حقير جو، سَوَ دلاسا ڏيندم
هو جي ڪُهي ويڙم ڪالَ
٢. پنهنجي وَڙئون سپرين، حال پائي اچي ٽيندم
جنِ لڳ وجهايم فالَ
٣. لِکي ساري لوڪ ڪئون، گوشي پاڻ گڏيندم
اُهي ڪندا پلائي پالَ
۴. سگهَ جنهن جو سڏجي، سچل سي سڏيندم
جيءَ جيءَ چونديس جالَ

(سرجهنگلو)

ٽلهه: آءُ ادا ڙي پانڌي، دوست دلاسو ڪو ڏنو
١. سڻ ڙي ساڻي آهيان اداسڻ، محب بنا هت ماندي
٢. اکڻ اسان جي ڪڏهن ايندا، اِها خبر تو کا آندي
٣. دل اسان جي دوست ٻاجهون، ناهي وِرهَ کان واندي
۴. سگهڙي ساڻي مانَ ٽيان، آءُ هوتن سان هيکاندي
۵. سارو سنيهارن سچل وي لهندئي، آهين جنين جي تون باندي

(سرجهنگلو)

ٽلهه: اهو نياپو آندو، پانڌيءَ پرين جي پارَ ڏنهن
١. آهي تياري ايڏنهن اسان جي، متان ٽئين تون ماندو
٢. عاشق توکي آڻي اسان سان، محبَ ڪندئي هيکاندو
٣. اسين بہ اوڙڪِ ايناسي ايڏانهن، ٽج نہ وِرهَ ڪئون واندو
۴. ملڻ محبن جو آهي اهوئي، پرت جو پاڃاندو
۵. طرفون اسان جي سڻ سچل وي، لاهين تون سڀ سياندو

(سرجهنگلو)

ٽلهه: اکڻ اسانجڙي سائين، ڪر پلا تون پيرو
١. نانءَ ڏٽيءَ جي دلبر سائين، پاند ڪچيءَ ۾ پائين، ڪج فقير ڏي ڦيرو
٢. سدا سو لڳ يار سڃڻ وي، جايون سي رنگ بنائين، وجهي منهنجي دَر ديرو
٣. حجت رکڻ ساڻ اوهان جي، ٻول اِهو ٻولائين، ناهير ايڏو سو جيرو
۴. واٽ اوهانجيءَ جو ڪنبو سچل ني، ڏينهن انهيءَ کان اڄ تائين، پيرائين جان پيرو

(سرجهنگلو)

ٽلهـــ: آءُ تہ گـــڏ گـــذاريون، ڏکـــيـــا سکيـــا ڏينهـــڙا

۱. ڳالهيون ڪيوَ جي ڪالهہ اسان سان، ڪيئن تو يار وساريون

۲. ڳچيءَ پائي ڪپـــڑو ســـائين، دوست ڪريان ٽي زارون

۳. راتيـــان ڏينهـــان توکي دلبـــر، ســـانول ويڙـــا ســـاريون

۴. اچڻ سنديون پانهنجيـــون، ســـائين واڻان نت نهـــاريون

۵. پرين پنهنجو پاڻ کـــان، ســـچل ســـو سگ سنپـــاريون

(سربروو)

ٽلهـــ: اي پرين تون پاڻ ســـان، هي گـــداگـــر نئين گـــڏيون

۱. هو هميـــشـــه مـــحب مـــون وٽ، وَئون منهن لوئون لڏيون

۲. محبت اوهان جي مون پرين، ڪئين مال هن ملڪ ۾ مَڏيون

۳. محب مهـــميـــزان اسان تي، ورهہ تنهنجي ڪيـــون وڏيون

۴. تنهنجي اچڻ جي ڪاڻ مـــون، جايون سي اکـــڑين ۾ اڏيون

۵. دوســـت دلـــداريـــون ڏجو، ڇو وڃو هـــن کـــي ڇڏيـــون

۶. ســـاڻ نيـــو ســـانول ســـائين، هي سگ ســـچل پنهنجو ســـڏيون

(سرڪيڏارو)

ٽلهـــ: اهي مـــاروئڙا مـــونکي، ٻيـــهـــر مـــانَ ملنِ

۱. مـــــديـــني جي ملـــڪ مـــــان، لڏيـــو لـــوءِ وڃن

۲. ويڙي آهيـــــان واٽ تي، مَنَ اچيـــــو حـــــال پڇن

۳. پـــکـــا پکـــن ســـامـــهـــان، اوري آڻـــي اڏن

۴. انـــهـــن ڪارڻ جيـــــڏيـــون، اکـــــڑيـــون رت روئـــن

۵. اصل لاکون آهي مـــيـــــان، ســـــچل سگ سندن

(سرسسئي)

ٽلهه: اهي ٻڙيون ٻاروچا، اج اڳئ منهنجي ايندا
١. هِيءَ شريعت کا ڪندي، اڙي سرتيون سائين ساڻ
ناهيان ثانيائي تن جي، جان پرجهي ڏئم پاڻ
ٻانهي ڪري پنهنجي، اهي صاحب سڏيندا
٢. آڻي ويڻي تهانجون، هن واتن ورونها
ڏين سرتيون مونکي، لکين ٽيون لوُهان
اهو اٿم آسرو، گولي گڏ پي گڏيندا
٣. سُٽي سچڙ موٽندا، هِنَ عاشق جون آهون
ويڻي ڏسان تن جون، آءٌ راتيان ڏينهان راهون
پکا پکن سامهان، آڻي اوڏو اڏيندا
٤. پاڙيچيون پرديس ۾، آءٌ محبن ريءَ ماندي
سگهڙو ساٿيئڙن سان، ڪندو هادي هيکاندي
سوين لکين سرتيون، مونکي دلاسا ڏيندا
٥. ڪَينِ جون مونکي خبران، آڻي پانڌيءَ پهچايون
هُيون هوتن سنديون، هيڏي ورڙ جون وايون
سچل جن جو آهين، سي جِنَ نہ چڏيندا

(سُرسسئي)

ٽلهه: آءٌ اوهانجڙو آهيان، مونکي ڪير وسارج ميان
١. دوست اوهان جي در تي ميان، مران تا نابر ناهيان،
پنهنجي ڪِ قطارج ميان
٢. ميلائي جي وو مون پرين، لالچ هَڏ نہ لاهيان،
ڪٽي نيڙ نهارج ميان
٣. هيءَ ڪميني وو ڪوڙي ميان، سگ ڪو سائوَ ساهيان،
پنهنجي وَٽِ وهارج
٤. سچو ٻڌي وو سندرو ميان، ڪيچ وٽن ڏي ڪاهيان،
اچي گڏ گذارج
٥. سوال سچل جو وو اِهو آهي، نينهن سندوَ نباهيان،
پنهنجو سگ سنپارج

(سرسسئي)

ٽلهه: اڙي جيڏيون منهنجو جيئڙو، ونيو سڃڻ وڃي
١. چرخي مُنا تاڙيون، پينر سيکائي پيڃي
٢. دردمندي جي دل اهائي، مت نہ ڪنهنجڙي ميڃي
٣. طرف تنهنجي يار سڃل ڙي، سوز تہ پنهنجڙو سيڃي

(سرمومل)

ٽلهه: آءٌ تا ڏيهاڙيون زار و زار،
ساريون رُئان ٽي هت ڳالهڙيون گهٽيون گهٽيون
١. ڪڏهن هُيڙو سپرين، پاڃاڻين سان پيارُ
٢. ڪامل آهيان ڪاڪ ڪئون تو بنا بيزار
٣. ايندو هئين اڌ رات جو، ڪاهي ڪرهُ سوارُ
٤. ماري مونکي مينڊرا، ولها هي ويچار
٥. وَسي تنهنجي وِرهہ جو، بادل هت بسيار
٦. ڏسي وَڏ وڙائي تهانجي، هو ڏکيءَ کي ڏهکار
٧. سڃل سگ اوهانجو، تنهن ڏي نيڙ ڪٽو نروار

(سرمومل)

ٽلهه: آءٌ تا روز رُئان ساريون،
سويا تنهنجو وو ڳالهڙيون ڪيتريون ڪيتريون
١. ٻُڌي وَرج ولها، زور منهنجيون زاريون
٢. سڪ سنديو ڪيون سي ڪيتريون، جِيءَ اندر جاريون
٣. راڻا رسڻ تهانجي، ڪُوڪان هِت ڪاريون
٤. ويڻي ڳرهيان ڳالهڙيون، هَنجون هت هاريون
٥. جيڪي جايون جيءَ ہر، وِرهہ تنهنجي واريون
٦. سڃل سهندا سپرين، عاجز جون آريون

(سرڪلياڻ)

ٽلهه: اڄ سڃڻ پاڻ ايندءِ، جنهن لَئي نهاريئي ٽي واٽان
١. متان لاهين آسرو، حال پائي اچي ٽيندءِ
٢. عجيين جي اچڻ جون، ماٺهو مبارڪان ڏيندءِ
٣. پڪا پڪن سامهان، آڻي دوست اڏيندءِ
٤. متان ماندي تون ٽئين، گوشي پاڻ گڏيندءِ
٥. توکي ڄاڻي پانهنجو، سڃل يار سڏيندءِ

(سرڪليات)

ٽلهه: اوري ڪانگل آءٌ، ڪِيَن جي خبر ڏي ڪاءُ
١. پريان سندي پار جو، لهي سو اچ سماءُ
٢. ڳالهين تنهنجين مٺون، سرير ڪي اچي سو منهنجي ساءُ
٣. منهنجو ٽئي هت ڪين ڪي، ٻاجهون سو هوت هلاءُ
۴. سورن ڪارڻ سڙ ڙي سائي، جيئڪس ڇٽيم ماءُ
۵. سچل دوستن جي دَرَ جو، اصلئون آهي غريب گداءُ

(سرڪليات)

ٽلهه: آئين هلي هِنَ جاءِ وي، هڪ ساعت ڪارڻ تون سانگيئڙا
١. ڪا گهڙي نيباهه نه ڇاڇ، پيچ نه تنهن سان پاءِ وي
٢. الدّنيا ساعتن اهو نقطو دل سان لاءِ وي
٣. جاڏنهن آئين تون وڃارا، وري وڃڻ اوڏنهنَ آءِ وي
۴. دنيا ۾ دم ڪيئي گذاريئي، سچل سڃڻ جي ساءِ وي

(سرڪئونسيو)

ٽلهه: اي پرين تون پاڙ پنهنجا، قول جي تو ڪالهه ڪيا
١. منجهه جدائي تهانجي، هت اسان هي حال ٽيا
٢. مون تان ملڻ لئي تهانجي، ڪوڙين ڪهڙا ٽي خيال ڪيا
٣. حال منهنجي ڪي ڏسي، ڪيئن ٻلا تو ٻال ڪيا
۴. سڏَ سچل سڪ سوز مَٽون، جاني اوهان ڪي جال ڪيا

(سربلاولي)

ٽلهه: آءٌ ته "مان" "تون" وجي يار، ٻي ڳالهه ڪر مَ ڪائي
١. ڳجهي ڳالهه هاديءَ واري دل تي دائمر، فراموش ٽي ٻي ورونهن وائي
٢. بحر اُتون جا لهر لڳي ٽي، اسان پاڻون ڇاڻي بازي اصل ڪٽون بنائي
٣. آهي هُو حيرت هُو جي جسم تي، حرف حق جو آهي صورت سيائي
۴. لٽو جهڙ جو هو نظر ۾ ظاهر سج ٽيو، ٽي اڄ سراسر سَهائي
۵. آهي سچل جو سخن تحقيق سچو تون طالب ڇاڻين، جنهن مست ماريو آ دمرُ خدائي

(سربلاولي)

ٽلهـــــ: آهيـــــان آءُ تا اُهائي، هيٺ مـــــون لوئي
١. مالڪ منهنجو سو ٿو ڄاڻي، تنهن کي سڏ سڀائي
٢. ٻولي ٻيءَ تي مَٽي ناهيـــــان، اها اٿم اڳيون وائي
٣. گلم غاليچا اوهان ٻاجهون، ڇارَ پـــانيـــان سڀ ڇائي
٤. جيـــهي تيـــهي آهيـــان اوهانجي، ڪريو اڇڻ جي ڪائي
٥. ظلم جي جايئـــون سڻ ســـچل ري، الله ڪندم آڄائي

(سر توڏي)

ٽلهـ: اڄ اسان وٽ آءُ ميان، تون مجهين والا ميهار ميان
١. پاڻي اپرڻ نہ ڏئي، هڪ ويريون ٻيـــو واءُ مـــيـــان
٢. ڪاري ڪُنَ لهـــريُون لســـان، دَورُ وڏي درياءُ مـــيـــان
٣. ساهڙ سَببـئون تهانجي، سرتيـون ڏين نہ ساءُ ميان
٤. سيٽاهيو تان سينئون وڃي، هن ڪُنِ ڪئون ڪاءُ ميان
٥. پرين وڙون پانهنجي، ســچل لَهـــُ ســمـــاءُ مـــيـــان

(سرجوڳ)

ٽلهـــــ: آءُ تا اچي پيـــــڙس اُتي، جتي جاءِ ادب جي ناهہ وو
١. نـادانـن نـادانـي آهـي، بيـــــهن اِتـــي هُـتي
٢. وحـدت جو پيـــو باز جتي، مـئـــو مـــرغ ادب جو تتي
٣. وهـم خيـــال وڃايا غيـــري، خيـــال هڪـــڙي ڪتي
٤. سِرُ ڪنّـايو ســو ڪيـئن مـــوٽي، ويڙو جو شـــرطِ اُتي
٥. ســـــچل سچ اهوئي آهي، وســـــريئي پنج سَتي

(سرجوڳ)

ٽلهـ: اڪيـون اڙايم ڏاڍي جاءِ، ڏي جيڏيون ڪيـئن ڪريان
١. ســـــڇڻ ڇَون سِسي ڏي آڻي، پلئي اســـان جي پاءِ ڏي
٢. پـــرت واري پـــوک جو، تـــا ڏَنُ اهـــوئـــي آءِ ڏي
٣. سَـــتِ ۾ ڏيـئ سِـــرَ ڪي، آءِ انهـــــيـــن لالن لاءِ ڏي
٤. راتو ڏينهـــان روح ڪي، ســـچل هـو ليـــڙو هاءِ هاءِ ڏي

(سر جوگ-پيروي)

ٽلهه: آءُ وڃي ڪنهن کي چوان، هي يار جو احوال جي
سڌ تنين کي سِر جي، هوندو جنين تي حالُ جي
١. حال سر جن جي جهليو، ڪوته تنين ٽيو قال جي
ماضي تنين تئون محو ٽيو، آئون نه ڪر نه استقبال جي
٢. پاڻ پروڙي ڳالهه جن، تن خبر خاصي خيال جي
جي سُرڪ ڪئون صافي ٽيا، ڪَلَ ناءِ تن ڪلال جي
٣. شاهي جن جو شان ٽيو، تن ناءِ سڌ سوال جي
ميخاني مئون مخمور ٽيا، منجهه بي خودي بي حال جي
٤. "يسمع و بي يبصر" آئٽي، ويڌن اها وصال جي
ڪر واقف وهم سين، سچل قرب ڪمال جي

(سريپروي)

ٽلهه: آءُ ڪيئن آٽڻ وڃان ڏي جيڏيون، چرخو چيو منهنجو نا ڪري
١. چرخو چندن عاج جو، پورا ڪيون ٽي پيڃان
٢. جيڏين سرتين جوڙيون اٽايون، آءُ ويٺي پوٽيون پيڃان
٣. هٿ ڪرايون آگريون، پينر سپ مروڙي پيڃان
٤. سڪ سچل کي محب ملڻ جي، آهي اميد اڃان

(سربروو)

ٽلهه: اڙي پِلو يار ڪيفي تنهنجي، ماريو مونکي اکين
١. شوري مٽ شراب مَئون، تنهنجن چکيو ڪين چشمن
٢. هوءِ جي عاشق تنهنجا، سي قهريون قتل ڪن
٣. ڪنوتا گل گلاب جا، تن هنيو پاڻ پنهن
٤. هَرڻ تا حيران ٽيا، سي ڏسيون پو پيڃن
٥. هٿي نيزا لڳن نينهن، مٽي تا مستن
٦. بڙڇا تنهنجي برهه جا، اهي پارون پار لنگهن
٧. نرگس کي تن نيست ڪيو، ٽيو سچل ترس سِين

(سربروو)

ٽلهه: آءُ اچي رهه رات، پلو منهنجا يار ڏي
١. راتو ڏينهان روح کي، آءِ اوهانجڙي تات
٢. مَشَرُ آءِ مُلڪَن هِر، سنديو ڏاڍي جات
٣. اَڇڻ ريءَ اوهانجي، آءِ هينئڙي کي هيهات
٤. سچل کي تنهن سِرَ جي، ڪاڏهون ٽيندي ڏات

(سربرو)

ٽلهه: آءِ ويڙهي تون تا وس ڏي، پلو پنهل يار ميان
١. پرين مونکي پانهنجو، ڏاهو ڏي ڪو ڏس ڏي
٢. نماڻيءَ جو حالڙو، پريم اچي پس ڏي
٣. پوي پاڇاڻيءَ جو، توکي مان ترس ڏي
٤. وهڻ آءِ پنيور ۾، بنا عشق عبث ڏي
٥. سوز اوهانجو سپرين، سچل آءِ سرس ڏي

(سرجوڳ)

ٽلهه: اديون ڏي اهي اچن، جن ڳاريو مونکي الله الله
١. هُئن سدا هِت سپرين، وري نه شال ويجن
٢. پري نه وڃن مون پرين، ويڙهي سي هِن وسَن
٣. آءِ تا گهوري ڪاکيُون، راضي سي پاڻ رهن
٤. دعا ڪجو شال هن غريب کئون، رَتي سي نه رُسن
٥. جيهو تيهو وو جيڏيون، سچل سگ سندُن

(سرسسئي)

ٽلهه: اڏي جيڏيون مونکي چو ٽيون، پرين ڏنهُن جهليو
١. ويهان کين پنيور ۾، جو روح اُنهن سان رَليو
٢. ساڻن ٽيندس سنگتي، جو هوت هاڙهي ڏي هليو
٣. مونکي نه ڪريو مستان، مَنُ ته محب مليو
٤. پريان سندي پارَ ڏنهن، پاڙيچيون نا پليو
٥. سڃڻ سارو پنهنجو، سِرَ سچل کي سَليو

(سربرو)

ٽلهه: آءِ صبح انجام اسان جو، پرين پلا تنهنجي پار ڏي
١. اسان کنيو تهانجو، سِرَ تي ڪُلُ ڪمارُ
٢. دانهون ڪري درد مَئون، برهُ نه ڪر بدنام
٣. جي تون پچين ڳالهڙي، طلب نه ڪج تمامُ
٤. اگڻ اچون تهانجي، عاشق ڪر آرام
٥. سچل سَيو تهانجو، ڪيو سي قبول ڪلامُ

(هيءَ ڪلام مرحوم فقير نظر محمد صاحب مغل جي قلمي بياض تان نقل ڪيو ويو.)

ب

(سرجھنگلو)

ٽلھ: بحر برھم جي موج کڙي ٽي، ناگھ تنھن سر آياسي
١. موج بموج برابر آئي، جان جسر جي سڌ نہ کائي
کامَ نھنگ نياسي
٢. لھر لڙاٽ منجھي لڙ لايو، تنھن تا ھيءُ وجود وڃايو
خوني موج کنياسي
٣. کارونيار مڙيوئي قلزم، تاتي جان نہ جسر نکو دم
ڇوھي ڇوليءَ سر چڙھياسي
٤. شھ درياھ تي اچانک آيس، مھرھ ساڻ تنين لڙ لاياسي
ٻيا سڀ غرض گنواياسي
٥. سيرُ سرير کيو سڀ پاڻي، خاکي جسر ٽيو گر ھاڻي
عينون عين ٽياسي
٦. سچل نالو آھين بھانو، تون يگانو ناھين بيگانو
عشق معشوق کياسي

(سرپرووِ)

ٽلھ: برھم بيراڳي کيو، ڙي جيڏيون مونک درد ديوانو کيو
١. پچو کَيم طبيب ٻيا، مونکي نينھن سو نيو
٢. ھاريون اچي اوچتو، پُور پرين جو پيو
٣. اندوھ عشق عجيب جو آھي، ڏکيءَ کي ني ڏيو
٤. جو امڙ اوراٽو ڏنو، سو تا ساڳي ٽيو
٥. سرتيون ٻاجھون سوز جي، آھي جُنِ گاڏوَن جيو
٦. راتو ڏيھان روح کي، خيال کيو ھن کِيو
٧. سچو باقي سچ ٽيو، غير وڃڻون تا ويو

(سرکلياڻ)

ٽلھ: برھم جي بازار، جيکا ڏسڻ ايندي
١. جيکا جو ڏسندي تجلو تنھنجو، رھندي منجھ قرار
٢. سودو جا کندي سر جو، وھندي سا کين قرار
٣. چؤسول اندر سرخي مائل، تيز گھمي تلوار
٤. جنھن کنھن چمکو ڏنو تنھنجو، سا سِرُ ڏيندي سردار
٥. سچو انھيءَ سِير ۾، آھي کسڻ جي کار

(سر ڪليان-آسا)

ٽلهه: بيرنگي سجڻ رنگ لايو، ڏسو ڪيهو ڪيهو ڏي ميان
١. سرخ سياهي زرد سفيدي، انهيءَ عجائب آيو
٢. ڪاٿهي فرعون ڪاٿهي شداد، ڪاٿهي موسيٰ نانءُ سڏايو
٣. تخت هزارو چڏي ڪري وو، تنهن تا جهنگ پچايو
٤. سج ككر ۾ سنو ري سنئيان، ڪنهن تا چند چپايو
٥. ذات صفات کي سچو سهي ڪر، هاديءَ هيئن سمجهايو

ب

(سرسسئي)

ٽلهه: هاروچا پئيوَ هاجهه، چپر مُئيءَ کي هِيئن نه چڏيجو
١. مهر نه لاهيو مون پرين، مٽان هِن محتاج
٢. آهي هِن عاجز جي، توتي لالن لاج
٣. ڪچيءَ پائي ڪپڑو، ات ڪريان ايلاج
٤. هيءَ پئيءَ لڳي تنهنجي، منجهونَ ساري راج
٥. گهوريان گهوٽ اوهان تان، سپ مڏيون ۽ ساج
٦. پورهيو ڪنديس پرت جو، هٿين ڪنديس هاج
٧. اواهانجي ته اچڻ لئي، سچو وجهي ٽو واجهه

(سرسسئي)

ٽلهه: هاروچا هيئن نه چڏيو، هيءَ نيو نماڻي ساڻ
١. سڌ تنهين کي سوز انهيءَ جي، جنهين لڳو هاروچاڻو ہاڻ
٢. ہانهي گولي تهانجي، پنهون پاڻ سڃاڻ
٣. پرين ڏسج پاڻ ڏي، آهيان آءُ اڃاڻ
٤. بخش سچوءَ کي سپرين، سندو نينهن نياڻ

(سر سسئي-جوڳ)

ٽلهه: ہانهن جي آءُ ہانهي آهيان، هاروچي جي ذات جي
١. ڪيرَ جهليو مون جيڏيون، دوسن جي ديواني آهيان
٢. آءُ ڪنيزڪ ملهه خريدڻ، شاهن جي ڪا ڻاني آهيان
٣. اُنَ اونارن تئون لا، ڪوڙين آءُ قرباني آهيان
٤. جي مون پچيو جيڏيون، سُورن ۾ ساماڻي آهيان
٥. پچو سچوءَ ڪئون سرتيون، محبن جي مستاني آهيان

(سرجوگ)

ٽلهه: ٻانهي آهيان گولي آهيان، آءٌ تہ يار سڄڻ جي
١. آءٌ نماڻي عيبن هاڻي، ڏوهن ۾ آءٌ تا اولي آهيان
٢. جيهي تيهي آهيان ڙي جيڏيون، جانب جي آءٌ تا جهولي آهيان
٣. پلپل پچن حال منهنجڙو، ڳالهه انهيءَ جي تا گولي آهيان
۴. هيڏي هوڏي نہ وڃان، محبن جي آءٌ تا ٽولي آهيان
۵. ڏس سچوءَ ڏي سپرين، نا تہ ڇپر هت ڇولي آهيان

(سرڪوهياري)

ٽلهه: ٻانهي ٻاروچل جي آهيان، وي آهيان وي آهيان
١. پريان سندي پار ڏنهن، آسرو هَڏِ نہ لاهيان وي لاهيان
٢. صورت وارا سپرين، آءٌ نمائي ڇاهيان وي ڇاهيان
٣. هُو تا سائين آءٌ تا گولي، سگ نہ ساڻن ساهيان وي ساهيان
۴. ڏينهن لنگهير هت ڪيترا، ڪيچ وٽن ڏي ڪاهيان وي ڪاهيان
۵. هُئڻ سچل جو آهِ تنهين سان، انهن ٻاجهون ناهيان وي ناهيان

(سرڪنيات)

ٽلهه: ٻانهو ٻانءِ مَ ٻاڙ، توهين مالڪ ملڪ جو
١. "لا خَيرُ فِي عبدي" آهي، اهو اٽيئي اُهاڙ
٢. ٻاڙ ٻنهنجو ٻاڙهي، صورت منجهه سڄاڙ
٣. تون ئي ڄاڻندڙ سيڪي، ٽئين ڪيئن اَڄاڙ
۴. الله الله ڇو چوين، ٻاڙ ئي الله ڄاڙ
۵. سچو سائين هڪڙو ناهي شڪ گماڙ

(سرسسئي)

ٽلهه: ٻيو ڪير پچي ٽو حال منهنجو، خان ٻاروچل ٻاجهون
١. تو ريءَ آهيان يار سڄڻ، آءٌ اُداسي اَهنجو
٢. جنهين ڪنهين سان پيچ پاتوسين، غرض رکي سو نہ ڪنهنجو
٣. خيال اسان ڏي آهي جنهنجو، آءٌ پي سو آهيان تنهنجو
۴. اسان ڄاتو صحيح سڄاتو، عاشق آهين تون اسانجو
۵. درئون پيهي پاڻ پچندو، آهين سچو تون ڪِي سَهنجو

(سرسسئي-جوڳ)

ٽلهه: ٻيو ڪير حامي منهنجو ٿيندو، لکي ٻاروچل ٻاجهون
١. دردمندي جي دل اُنهيءَ کي، پاڻئون دلاسو ڏيندو
٢. ڪين ڇڏيندو ڇپرين، سوئي نال نماڻي نيندو
٣. اکڙين سان سيئي ڏسنديون، اڳڻ آرياڻي ايندو
٤. پاڻ پنهنجو يارُ پيارل، ساڻ غريب گڏيندو
٥. ڏنگاين ڏي کينَ ڏسندو، بَديُون تا بخشيندو
٦. مهر پنهنجي سان ڪنهن ڏاڙي، سچو سو نانءَ سڏيندو

(سرسسئي)

ٽلهه: ٻاروچي لَنوَ لائي وو ميان، ڪوهياري لَنوَ لائي
١. ڳالهه نه ڳرهڻ جهڙي، ڏاڍي سورَ سلائي
٢. سرتيون مون سان سورَ ۾، پينر ڪا نا پائي
٣. ڀرَ وٽيسان هانوَ کي، ڏانهن عجيبن آئي
٤. سِرَ ڏيوڻ سڄڻ کي، سچل آهي سچائي

ب

(سرسسئي)

ٽلهه: پلي ڪري آئين آئين، هت تون گهرجين يار
١. هت تنهنجي گهُرَ گهٽي هئي، دوست منا دلدار
٢. جاڏي تاڏي جلوو تنهنجو، عجب تنهنجا چمڪار
٣. هي پي هُو پي هڪ ديس تنهنجو، چئين ڪُنڊين چوڏار
٤. اچي ٽيئين هڪ سچوءَ سان، لاهي ٻيائيءَ بار

(سر برووجوڳ)

ٽلهه: پُلُ وجي ٽو پُلُ وجي ٽو، لوڪ ساروئي پُلُ وجي ٽو
١. مان تون ويندي اُهوئي ٽيندو، پول اهوئي جيڪو پيجي ٽو
٢. اِهو اُهوئي سرتيون آهي، نه ٽو اها ڪوئي ڳالهه مجي ٽو
٣. اَندر باهر اُهوئي آهي، سچو هي سِرَ صحيح سجي ٽو

(سرسسئي)

ٽلهه: پينر رڙي بيوس، وڃي آڻ پيان
١. وس نہ آهيان پانهنجي، واکو ڪير بيوس
مين ديوانڙي ڏيان
٢. لوڪ ساروئي سرتيون، روح نہ اچي رس
حالئون هُڻ مين ڳيان
٣. مڃ ڏاڍو مُون سر آيو، ڪوئي نہ اچي ڪَس
قابو عشق ڪَيان
٤. برهه واري بات ڪئون، سچو نہ ڪري بس
مهڻا ڏِيَنِ سنَئيان

(سربروو)

ٽلهه: پينر هيءُ پنيورُ، اسين ڇڏي ويندا سون
١. وَسِ نہ آهيان پنهنجي، پُورن مٺي پُور
هت رتي نہ رهنداسون
٢. جاءِ عقل جي ناهه کا، عشق ڏيکاريو هت زور
اُهو وٺي ويندا سون
٣. پورهيو ڪنديس وي پِرَ جو، ڇڏي پيو تَکَ تورَ
اسين جا ڪِي جيئنداسون
٤. ڪاڪيُون وڃي ڪيچ ۾، لاهي هِينئين جو هور
ڏک ڏوراپا ڏيندا سون
٥. سچو ڏئي سڃڻن، شوق مڃايو شور
تن جي پکي پهنداسون

(سربروو)

ٽلهه پول نہ ٻئي ڪنهن پُل، تون تہ آدم ناهئين
١. لکو ٽو لاتيون ڪري، جيئن باغ اندر بلبل
٢. مَلڪن ٽي سجدا ڪيا واهه مٽي تنهنجو مَلُ
٣. ڪيرُ ٽپائي ڪيرُ ڪڏائي، شاه بنا دلدلُ
٤. احد منجهارُون عبد سڏايئي، هُئين تا پاڻ اصُل
٥. سچل چوي سچ ٽي آئين، ڪونهي تنهنجو ٽلُ

(سرسسئي)

ٽلهه: پڇي پاهَڙَ ٽي پاسي، مٽان ڏاڍو ڏک پويئي
١. پنهون سندي پار ڏي، اسين تا پنڌ پيا سي ترس اهو مان ٽيئي
٢. چو ٽو سمهين پير مئي جا، اڳهين نينهن نياسي ڏک ويا ڏير ڏيئي
٣. سُڻُ ڙي ڏونگر حال سڄل جو، وندر جي اسين وياسي چڳيان پاڻئي هوت چويئي

(سرڪوهياري)

ٽلهه: پلي ٽيو پينر، منهنجو هي سڳ عربي جام سان، مرسل مير سان
١. عشق تہ آريءَ جام جي، ڏيکاريو ڏونگر روئي رڳيندي رت سان، چٽارين سو چپر
٢. تکي سير سمنڊ جي، واکا ڪري ميان دهلي ڪين دلي ڪئون، سندي مام ميهر
٣. اکيون عجيبن ريءَ، جال وهائن جَرَ ميان جن ڏئو سپرين، سي ڪيئن ڪن صبر
٤. مون تي رسج مصطفيٰ دوست مٺا دلبر سچيڏنہ جي سدا ڪا، وَرنہ ڪجو ورَ

(سربروو)

ٽلهه: پينر هيئن نہ پانيون، تہ ڪي هوت ڪندا هڙي مون سان
١. عشق تہ آتش جهڙو، لالن وجن لايُون
٢. ڏينديس هاروچن ري، پنيور ڪي باهيون
٣. سرتين سڌ نہ سُور جي، هي تَنُ وجن تايُون
٤. ڏنوَ ڏين ٽا ڏيل ڪي، سنديون جتن جايُون
٥. سچل وچي ساڻڙو، چُپ چپاتي چايُون

ت

(سرسسئي)

ٽلهه: تاڏي منهن نہ پيو ڙي منهنجو، جاڏي لوڪ لڙي ٽو
١. جيڪو هُيڙس جيڏيون، ساڳي آءٔ ٽيو
٢. پاڻ ئي پنهل آهيان، چاڻو ڪونہ پيو
٣. ظاهر منهنجي ذات ڪي، ڪيچين پاڻ ڪيو
٤. سچو سارو سچ ٽيو، وِڇئون ورهہ ويو

(سرجوڳ)

ٽلهه: تنهنجي آهيان آءٌ، پنهنجي ڪري ڇاڻ
١. جاڏي تاڏي توهين دلبر، ڪاڏي ڪاهيان آءٌ
هونديس اوهان ساڻ
٢. آءٌ ڪنيزڪ تون تا سائين، سگ نہ ساهيان آءٌ
چيٽڪ ڪيس اَڇاڻ
٣. سڪن ڪيئي تو لَئي سانول، هڪ تہ ڇاهيان آءٌ
صدقي ڪير پاڻ
تو هئو ٻاهر سُن سچو ري، ڪو دَمُ ناهيان آءٌ
منهنجو جهلج ٻاڻ

(سرتوڏي)

ٽلهه: تنهنجي اچڻ جون واڌيون، نت نت اُپي نهاريان
١. لَنوَ لڪايو لوڪ ڪئون، هنج ہر هنجون ٽي هاريان
٢. سي ڳالهڙيون ڪنهن سان ڪريان، جيڪي سڃڻ ٽي ساريان
٣. داغ تنهنجي درد جا، ڏيهه ڪي ڪيئن ڏيکاريان
٤. سچو چوي سائين شوق تنهنجي ہر، ڪو دَمَ نہ وساريان

(سرسسئي)

ٽلهه: تنهنجي پانڌي پيغامن، الله منهنجو جيءُ جياريو
١. هي تا تَنُ تَوانُ ڪيو، اڙي ساڻي سلامن
٢. تو ٽئون آءٌ قربان ٽيان، ڏنهن آئين عجيبن
٣. منهنجو ڇت ڇريو ڪيو، هن نينهن جي نياپن
٤. دردوندیءَ جي دل ڪي، ڪيو قابو ڪلامن
٥. ڪيائون ياد حقير ڪي، يار پڃاڻا پرين
٦. ڪيائون مهرئون پانهنجي، ڳوش ڏي غلامن
٧. منهنجو ورهه وڏايو، اُن جي انجامن
٨. جيهو تيهو آهي ٽي، سچو سگ سندن

(سرڪلياڻ)

ٽلهه: تنهنجو درد اصل ڪئون، اختيار ڪيوسي
تنهنجن سخن سچن تي، اعتبار ڪيوسي
١. ڪي ٽا پچن پرينءَ ڪي، ڪُرسيءَ يا عرش اُتي
تنهنجن اکين منجهان سهٽا، اسرار ڏٺوسي
٢. ڪي تا تابع تجلي، يا شعلي نُوري يارو
اسان صورت هن ہر، تا ديدار ڏٺوسي
٣. تنهنجو حسن ٻنهي جهانين، يار سڃڻ سهي ڪيوسي

تنهنجي سچيءَ ڳالهه، هن آتي اقرار ڪيوسي
۴. هُو جو ڪيڙو مون سان سو پنهنجو واعدو پاڙيو
سر ساهَ مٽائون صدقي، آهي صد بار ڪيوسي
۵. سچو سڪ دروازي، روز ازل کٽون
تو پير عبدالحق جو، پيزار ڪنيوسي

(سربرو)

ٽلهه: تون آءٌ اسان وٽ يار، تنهنجي ڪاڻ جِيئڙو جُکي ٿو
تنهنجي اچڻ ڪاڻ سامهڙو سڪي ٿو
۱. بس نه وهڻ ڪٽون ڪرن، نيٽن سندا نار
۲. ماڻ ڪندي ئي چاڙهيا، برهه اسان تي بار
۳. پرين پاڙ پنهنجا، جي ڪِيئي قول قرار
۴. چمي چشمن تي ڪنير، تنهنجو عشق الله توهار
۵. باهه جيهو آءٌ پائٽيان، جو دم توهُون ڏار
۶. راتو ڏينهان تهانجي، آهي سچوءَ سار سنيال

(سربرو)

ٽلهه: تون آهي صاحب صورت جو، هيءٌ آهي غلام تنهنجو
آهي ذوق شوق سهٽا، مونکي مُدام تنهنجو
۱. جي آهن اصل اوهان جا، سي نا وسارجو ميان
مون آهي مقرر، سائين سلام تنهنجو
۲. راتو ڏينهان روئڻ ۾، هِينڙو اُداس هُيڙو
رهبر آڻي رساڻيو، پريتم پيام تنهنجو
۳. دلگير تون متان ٿئين، ڪر دُور درد ڪي ميان
اول آخر اسان وٽ، هوندو مقام تنهنجو
۴. رد ڪر فنا فڪر ڪي، اميدوار ٿي رهه
هت هُت يقين جاڻج، آهيان امام تنهنجو
۵. تون آهين اصل اسان جو، آهيون اسين سي تنهنجا
آهي قبول ڪُلي، سچو ڪلام تنهنجو

(سرڪلياڻ)

ٽلهه: تون پنهنجو پاڻ پساءِ، شوق تنهنجو مونکي يا شفيع
۱. هن جي اکڙين ۾ اچي، جوڙي ويهج جاءِ
۲. نامياڻا نانءَ ڏٽيءَ جي، پير اسان وٽ پاءِ
۳. اڳي پوءِ پي آسرو، تنهنجو اسان ڪيءَ آءِ
۴. اڄ به واٽ نهاريان، لالن تنهنجي لاءِ
۵. آءٌ اڳڻ آسروند جي، سچو ڪِير سڪاءِ

(سربروو)

ٽلهہ: تون تہ پاٿي ٽو سائين ڄاڻي، ڪيهو حال ڇوان توکي هاڻي
١. دل ديواني ڪئي اسان جي، محب اوهان جي ماڻي
٢. ڏوهن ڏي ڏس ڪين اسان جي، سائين تون پاڻ سڃاڻي
٣. دردمندیءَ جي دل توئي سان، اکِنِ اڙائي آڻي
۴. ڪڏهن اسان وٽ ايندين دلبر، ويڻي وجهان ويڃاڻي
۵. سوال سچوءَ جو آهي اهوئي، تنهنجو عشق نہ شال اڪاڻي

(سر جوڳ-بروو)

ٽلهہ: تون تا ڪڏهن ايندين وي يار، تنهنجي روز نهاريان راہ
١. سر تي چاڙهيا، سپرين بره تنهنجي بارَ
٢. راتيان ڏينهان روح کي، تنهنجي سار سنيار
٣. وَهن ٽا واڪا ڪيو، نيٽن سندا نار
۴. آءٌ تا هڪڙو ناهيان، تنهنجا عاشق لک هزار
۵. سُورَ سندءِ ميان سپرين، مونکي ڪوهہ ۾ هٽن قهار
٦. پرين پاڙ پنهنجا، جي ڪيئي قول قرار
٧. ڏوهہ ڏيان ٻئي ڪنهن کي، آهي مُون ئي سر مير
٨. اندر منهنجو اڏ ڪيو، جاني اِنهين جار
٩. اڻئي پهر ٽي وڃي، تنهنجي تند تنوار
١٠. مُئي ماري اٿين، تون وئين ڏنهہ وٽڪار
١١. سچو سڳ اوهانجو، ٽو روئي زار و زار

(سربروو)

ٽلهہ: تون تا وسِين منهنجي من، توکي چئي ٻڌايان ڇا
١. هوت سنديوَ آءٌ حاضري، ٻيون سي ڏِنيڙَم ٻَن
٢. مقصد منهنجو تون ٽئين، ٻيا ڪعبي نِيتَ ڪَنِ
٣. آءٌ گهٽو گهوري تن جي، ڪيو سر صدقي جن
۴. عرض اِلاهوُن عاجزن، ڪوهہ نہ ڪرين ڪَنِ
۵. اکين عامَ نہ آڻڙي، توکي جاني ڏنو جن
٦. آهي سچوءَ کي سدا، طلب توهان جي تَنِ

(سربلاولي)

ٽلهه: تون رَبّ ڏاڍو بي پرواهه، آءٌ تا ڊڃان تنهنجي ڊاءُ

١. ذڪريا کي ڪرڻ وجهايئي، سسي منجهان ساهه
هو مڪي جو ڪوڏيو، تنهن کي ڏِنئي ڪيئن کهڪاءُ

٢. حسن مارايئي حسين مارايئي، ڏيئي جِيءَ جفاءُ
ڪربلا منجهه قتل ڪرايئي، ترسَ نه پيڙَءِ ڪاءُ

٣. ظلمي آهين رحمي آهين، جا وٽيئي سا واهُ
سچو سر تي سپ مَنين، سائين جيڪا رَب رضاءُ

(سرسسئي)

ٽلهه: توڏي هُين کا تياري، اجهي اڄ سي ايندءِ ميان

١. رکج وڏو آسرو، جي تون محبت ماري، اُهي نال نه نيندءِ ميان

٢. اچي اکڙ تهانجي، ڏيندءِ سي دلداري، سنوان طالع ٽيندءِ ميان

٣. وٽي گهٽي يار کي، زور نه زيادهه زاري، وَري پوءِ نه ويندءِ ميان

٤. آهي هٽ حبيب جي، ڳالهه سچوءِ جي ساري توکي ڏاڻُ سي ڏيندءِ ميان

(سرجوگ)

ٽلهه: تو ريءِ ڳالهڙيون ڪنهن سان ڪنديس، آءٌ وَرَ واڳ وَرائي

١. واٽ نه وندُرِ جي لهان، وڌيس مونجهه مُنجهائي

٢. سڪ تنهنجي سپرين، ٽي ڏونگر ڏورائي

٣. هيڪلڙي هيءَ حُبّ ۾، ويئي ورهه وسائي

٤. طعنن شهر ٻڌيور جي، وڏم تَنُ تپائي

٥. جيهو تيهو سپرين، سچو سندُن سڏائي

(سربلاولي)

ٽلهه: توسان يار عاشق، منهنجي پرت اصل ڪئون پيئي

١. اصل منهنجو عشق توسان، ڪوڙين آهن ڳالهيون ڪيئي

٢. ڪڌهن مڪو ڪونه اسان ڏي، نياپو ڏڪ ڏيئي

٣. اسان توئي سان هڪ ٽيندا سين، وچون وائي هجر جي ويئي

٤. سيئي سانيچ ڳالهيون اسان جون، جاني ڪيڙم توسان جيئي

٥. جيئي ڪيا هير قول توئي سان، سچو پاڙيندين سيئي

(سر جوڳ-پوربي)

ٽلهه: توسان منهنجي يار، رهجي اچي شال
١. آءٌ ڇا ڄاڻان عشق منجهارون، برهي والڙا بار
٢. طرف نہ ٻي ڪنهن خيال رنيايان، آهي سدائين تار
٣. هوندين هميشه گڏ اسان سان، نيٽن وهايم نار
٤. ٻانهن سچوءَ جي سهٽا سائين، پرتي اٽو سردار

(سر برووـپيروي)

ٽلهه: تو ڪيئن آهي وسري ويا، جن ٽي ڪاروَن توسان ڪيا
١. پانڊي پرينءَ جي پارَ ڏنهن، آندي خبر اها يارَ ڏنهن
آيو اصل اسرار ڏنهن، دوستن سندي ديار ڏنهُن
٢. ڪيئن تون پئين ٻي ڳالهه ۾، هِيءُ جيءُ وڃءِ جنجال ۾
جَوُ آهين ڪهڙي خيال ۾، رهه تون هميشه حال ۾
٣. ڪانئُنِ پاسي ڏينهڙا پينيءِ، سي ڳڻُ سندُن وسري وِيئي
سچا سخن سانيڻ ٽِيئي، سڏ ڪين ڪڍهن تا ڪِيئي

(سرپيروي)

ٽلهه: تو ڪين وڃايو پاڻ، ڳولهي لهج پاڻ ڪي
١. پاڻ وڃايو نہ لهين، پيڃي شڪ گمان
٢. آخر گڏيئي گهر ۾، سوئي گهر سڃاڻُ
٣. مڪڻ آکر هيکڙو، سوئي، ڪير سباڻُ
٤. آهين ناهين آهه سوئي، آهِ نڪو اهڃاڻُ
٥. ڇا جي ٽيندو ڇا جي لپندو، صورت وچ سڃاڻ
٦. سچو ٽي سچ آيو، ماڳ انهيءَ مهمان

(سربلاولي)

ٽلهه: توکي ٻيڙو ڇا ڙي يار، جو آئين درد جي دامان ۾
١. ڪُنگري عرش اُتي ڪُل مَلڪان، بيٺا ڪن صفت ثناءُ ڙي
٢. شاهِ منجهون ٽي چاکر آئين، بيحد ڪيتئي بناءُ ڙي
٣. پاڻوُن ڄاڻي پانهجو هِت آئين، لهڻ سڏ سماءُ ڙي
٤. صورت منجهه سچو جي ڪِيڙَئي، اهو اصل اَلاءُ ڙي

(سربرووِ)

ٹلهه: توکي جاني نہ جڳائي ٿو، رُسڻُ نماڻن سان
۱. جيهي تيهي تهانجي، آءٌ اصل ڪئون آهيان
اوهان جي تا اچڻ جو، آسرو هڏ نہ لاهيان
سِر تي سوز فراق جا، هي مينهڑا وسائي ٿو
۲. پري ڪر نہ پاڻ ڪئون، ڏي دلبر دلاسو
تو رِيءَ سُجهي ڪو نڪو، مونکي پرين ٻيو پاسو
جيهو تيهو اصل ڪئون، هي سندُو سڏائي ٿو
۳. سُکن مٺي ڏُکڑا، ٿي محب متايان
غم خوشيءَ ڪئون اڳرو، آءٌ پليرو پانيان
منهن مقابل تهانجي، اهو گوندر گڏائي ٿو
۴. اڳڻ نماڻيءَ جي تون، اچج الله ڪاڻ
هيڪر هوت ڪريج تون، يار پيرو منهنجي پاڻ
سوز تنهنجو سپرين، هِت سانول سِجهائي ٿو
۵. ونِي ويڻي آهي، اهو واعدو ويچاري
ڳچيءَ پائي ڪپڑو، هيءَ ڪري ٿي زاري
سچو سگ اوهانجو، هِتَ پانڌي پُڇائي ٿو

(سربرووِ)

ٹلهه: توکي عاشقَ پنهنجو ڄاڻان، توکي سوَنِ ٻر سُجاڻان
۱. اسين تا توسان آهيون سدائين، وجهج ڪين وڃاڻا
۲. اُهي تا آهن نظر اسانکي، اچي جي در وکاڻا
۳. دَستئون ڪري ڏِنوَ مونکي، يار دارونءَ جا داڻا
۴. سهج سچو تون ساڻ يقيني، محبوبن جا ماڻا

(سرڪلياڻ)

ٹلهه: تو ٻر تند تنوار، ٻڌين نہ ٽي ٻوڙي الا
۱. ڳالهه اهائي ناهي سلڻ جي، خرچين سو لک هزار
۲. ساٹيڑن ميان ڪيا هي سڏڑا، لاهي سڀ ميار
۳. دم غنيمت جا هت آهين، ڏينهن دنيا ٻر چار
۴. سچل آکي ميان عشق منجهارون، تڳان تنهنجي تار

(سرجوگ)

ٽلهه: تَنِ رويُون حال چوان، الا جي اولي آيم اوڏهون
١. پايون پاند ڳچيءَ ۾، آءٌ پيرين تن پوان
٢. سرتيون انهيءَ سوز جي، ناهي سُدِ اوهان
٣. سکن اُتي کين کي، آءٌ مٽيان سور سنوان
۴. سڃڻ سڃڻ ٿي کريان، ٻيون لاتيون کين لنوان
۵. جوش تنين جا جان ۾، هن مونکي نت نوان
٦. سچل اکڑين مَئون ٽيا، ريلا رت روان

(سرسارنگ)

ٽلهه: تنهنجي چشمن چيٽڪ لايو، هاڻي آءٌ کيئن کريان
١. کَلَ نہ مونکي کا هئي، عشق اچانڪ آيو
٢. دل اسانجڙيءَ لعل لپيٽيو، رمزن جو رنگ لايو
٣. سدا گهرجي سچل کي، محبت جو ني مايو

(سرجهنگلو)

ٽلهه: تنهنجو ديس وسي، ميان پري نہ وچ پرديسي
١. باقي ٽئين يار اسان کئون، دل نماڻي جي کسي
٢. اوهان ٻاجهون دلبر سائين، آهيون اُداسي آسي
٣. وينا ڏسون واٽ اوهان جي، مانَ کو رهبر رَسي
۴. اچڻ اسان جو يار ايڏنهن، ڏيهه سندُوَ کو ڏَسي
۵. سِر سچل جي يار سدائين، ورهہَ جو مِينهڙو وسي

(سربلاولي)

ٽلهه: تنهنجو ديسڙو وسي، ٻلا ڙي ني پرديسي
١. اگڙ يتيمن جي آءٌ تون دلبر، آهيون نماڻا اسي
٢. سر اسان جي راتو ڏينهان، نينهن جو مينهڙو وسي
٣. چشمن تنهنجي چيٽڪ لايو، ويون منهنجي دل کسي
۴. اچڻ اسان جو آهي تودي، ڏيهه سندُوَ کو ڏسي
۵. پاروَن تنهنجي سڻُ سچل ري، مَنَ کو رهبر رسي

(سربروو)

ٹلهہ: تنهنجي حسن ماريا، سوريءَ سي سنپاريا، انهن ڳالهين ڳاريا هزارين هزار

۱. اُهي يار آيا، نيــزن جي نوايا، نيــئي ســر ســلايا ٿنين تــو آهار

۲. جنين مـوج آئي، تنين سڌ سـپـائي، ڪيـهي ڳالهـ ڪائي، لنگهيا شهسوار

۳. ڪمــر جا ٻڌائون، وري نا ڇوڙيائون، نيــئي ســر ڏنائون، لاٽائون ميار

۴. مَڇُ هٿ هٽن سي، اها ڳالهـ ڪٽي سي، تريءَ سر ڪـٽي سي، ڪيائون نثار

۵. جي مـوجن چڙهيـاسي، لهـرن لڙهيـاسي، اناالحق پڙهيـاسي، ڪِيا هن خمـار

۶. هي نعـرو هنيـائون، اناالحق پڙهيـائون، نيـئي سُـر سليـائون، ٿيا گم غبار

۷. مَي جا پيـتـائون، سي سـهـرا ڳيـتـائون، وڏي وڪ وڌائون، پاڙيائون قـرار

۸. پهلوان پاسي، نـ ٿـيندا ڪڏان سي، ايهــا بات باسي، هليا حـڪم وار

۹. مُلڪــان مُلڪَ ۾، مَلَڪَ ۽ فلڪ ۾، ســٹــو سڀ خلق ۾، پئي هِيَ پچار

۱۰. منجهون حُبَ هلياسي، ماري چوٽ چلياسي، ويچي رنگ رَلياسي، تنين هِيَ تنوارَ

۱۱. اهي اعتبـاري، سوري جن سـواري، عجب خوش خمــاري، ڪُنَنِ جي قطار

۱۲. نشــانا گـوڙيائون، منهن نا مـوڙيائون، ٻئي هٿ ٻڌائون، ڪُنا قرب دار

۱۳. ٿي منصور مـسـتي، ڪيائين گم هستي، هنيائين دو دستي تپش جي ترار

۱۴. پي شبلي شابس آءِ، سورن جي سراپاءِ، ڏيڪيائين لڳن لاءِ، وجودون وسار

۱۵. مُلان سَوَ قاضي، ڪڙي ڪيائون بازي، منجهن ڪُنوُ غازي، ڪڙو هو جهونجهار

۱۶. فـتـويٰ لکيـائون، قـتل سـو ڪيـائون، مـبـارڪ ڏنائون، نِي ڪي هوشـيـار

۱۷. هوئين پير جنهن تي، ڏُنوُ سر پي تنهن تي، نـ سڌ هي سپن کي، ٿئين سچ سچار

۱۸. سـچل سڪ تنين جي، جذب جاءِ جنين جي، نـ پرواهـ ڪنين جي، رکي ني سنپار

۱۹. وڏي ســـر پچاڙو، اناالحق وراڙو، اهو ســـر سڃاڻون، آڻيو اعتبـار

۲۰. هنيـائين هڪل هِي، وَئي تا شـڪل هِي، نـ حـاجت عـقـل هي، جَليا جلويدار

۲۱. ڏنوُ منهن مـتـاري، نـ ڪاڏي نهـاري، سٽـيـو سـر سُڃاري دِلون دوسـتـدار

۲۲. سچي ڳالهـ ڪيائين، نـ ڪوڙي ڇيائين، نيائي نينهن نيائين ڪارڻ هڪ نظار

۲۳. باهين ۾ وڌائون، پوءِ لهرين لوڙهيائون، اناالحق ٻُڌائون ٿي هَئي هَئي هونگار

۲۴. پي بغدار ســـارو، مڙيو بهـــوت بارو، منجهن نَرَ نعـرو هٽي هوشـدار

۲۵. سـچل عـشـق ايندُئي، اچي ڏاڙ ڏيندُئي، "مَن و مـا" نيندُئي، ڪندُئي گل بهـار

(سرتوڙي)

ٽلهه: تهين ڏينهن ڏنائون، ساهه منهنجو ساهڙ کي سرتيون
۱. دردمندیءَ جي دلڙي، نازن سان نيائون
۲. هيڏي هوڏي نه ويو، سوگهو ساهه کيائون
۳. سُٹي سنيهها يار جا، عاشق ٽيس آئون
۴. جيءُ وڃائون جارَ ۾، ڪاکيُون تن ڪڍائون
۵. ميهر سندي معرکي، هِيءَ غريب گڏيائون
۶. جِيءُ منهنجو جيڏيون، ويرُن منجهه وڃائون
۷. سچل ڪَيءُ سرير مئون، ميڙي سپ مدايون

(سربروو)

ٽلهه: تنهنجي محبت موهيو موهيو، رمزن ريهو ريهو تا هي ساهه آٹيئي الله
۱. طرفون تنهنجي راتو ڏينهان، چت گهٹيرو چاهَ
۲. آهي اسان سان سپرين، حُبَ سَندَوَ همراهَ
۳. پيو پناري تهانجي ميان، هِي ڏوهاري ڏاهَ
۴. واڪا ڪيون ٽو وهي، دل اندر درياهَ
۵. ڪاچي ڪري ڪپڑا، سچل مَليندا پاهَ

(سرجوڳ)

ٽلهه: تنهنجي ڪارڻ ڪاريو، هوءِ هوءِ هوليڙو
۱. ڪنهن سان ڪريان سپرين، تنهنجي ڳالهين ڳاريو
۲. ڪنهن در ڏيان دانهڙي، تنهنجي محبت ماريو
۳. آگ عشق جي اندر اسانجي، ڏاڍو هو ٻارِ ٻاريو
۴. آءُ اوهانجڙو آهيان، والي کيرَ وساريو
۵. پاڻون پاسي نه ڪريو، سگ سچل پنهنجو ساريو

(سرجوڳ)

ٽلهه: تون آءُ ڙي قاصد آءُ ميان، ڪا خبر ڏينهون کِينءَ جي
۱. پرين سندي پار جو ڪو، لهي اچ سماءُ ميان
۲. منهنجو ٽئي هت کين کي، ٻاجهون هوت هلاءُ ميان
۳. ملڻ ٻاجهون دوست جي، ڪندو وِرهُ وڃاءُ ميان
۴. سچل سمجهين کين کي، اهو اٿي لوڪ لقاءُ ميان

(سرپروو)

ٹلهـــ: تون آءِ آرياڻي اوري، تنهنجي دامن لڳڙي آميـــان
١. سِرُ پنهـجو ســرتيـــون، آءِ گـهرئون آيس گـهـوري
٢. ڪامل ڪڏهن ڪين ڪي، آءِ ڏونگر سگهـــان ڏوري
٣. ڪا حبا تـنـد طـلـب جي، چـتُ وڻـيـــن تـــون چوري
٤. نيـــو نـمـــاڻي پـاڻ ســـانَ، تِـرُ نه رهـــي تـــو ري
٥. ســـچل سڳ اوهان جو، ڪيـــئن پُڄي تنهنجي ٹـــوري

(سر پيروي-پهاڙي-جوڳ-ٽلنگ-سورٺ)

ٹلهـــ: تيـز تيـــر انداز چشـــمـــان، يار جون خُوني خطاب
ناز پروريون نظر ســـان، ٹـيـــون ڪرن عـــاشق ڪبـــاب
١. ڪانُ قـهـــرن مـــون سنئـون، ســر شـائقن ايندو شـتـاب
لڳڻ ســـــان لوٽ پوٽ ٹـــيـندا، جُنگ نه ڏيندا جوابُ
٢. پلڪ جي پاسي ڪري، يڪبـــارگي نيـــٹـــوُن نقـــاب
هيءَ ٹي تن جي ڏسڻ ســـــان، خلق ســـــاريائي خراب
٣. آءِ ويجهـــائي جو هي، عـــاشـــقن ڏوڙو عـــذاب
مـــوت مـــاريا جي اکين، تن ســـالڪن ٻيـــٹـــو ثواب
٤. بره جا باشـــــا چوان، يا نـينـهن جا نيـــــزا نـايـاب
يا چوان سي باز بحـــــري، يا تراريون تيـــــز تـاب
٥. ملڪ گـــيـــري ڪن وڏي، غمـــاز ســـان لس لاجواب
قـتـل جي ان ڪـئـون ٹـيـا، تن تي ٻيـو ڪهـڙو حســاب
٦. پيـــا جڏهن قطرا ڪري، بحـــرين مـــون جي هُيـــون پُر آب
ٹـــيـــا ســـچل روشن آتاهون، آفـــتـــاب اَوُن مـــاهتـــاب

(سرسسئي)

ٹلهـــ: تَنِ قـال کي ڪوتاهـ ڪئي، حـاصل جن ٹـيـو حـال هي
صَرُ بُکرُ ســـڪـــوت پر، فـــرمـــان ٹـــينِ في الحـــال هي
١. حـيـــران حـيـــرت پر ٹـيـا، بانڪـان هـون بيـحـال هي
فـارغ ٹـينِ سڀ فـعـل ڪـئـون، نيُنَ عـشق ٻيـو افـعـال هي
٢. ننگ نامَ ڪـئـون نڪـري هلياَ، جيءَ تئـون لاهي جنجال هي
دارين جو دامـــان چنـن، خاصـــو جنهين جو خيـــال هي
٣. هن فـكـر کـان فـارغ ٹـيـا، عـاشق ڇڏي اشـكـال هي
ظاهر ســـــهي تن ذات ڪئي، وهندو ٹيُنِ وصـــال هي
٤. جي قـــابو رهيـا قـــرآن تي، عـــالم تَنين عـــيـــال هي
جن ڪُن ســـيـاتو پاڻ کي، ســـاقط تنين ســـوال هي
٥. جئـــيـــن آهري پر مُنهن وجهي، پاڻئي پسڻُ برحـــال هي
تيـــئـن پاڻ تن پاڻون ڏنـــو، ڪلي لـٽن ڪشـــال هي
٦. حـــلاج حـــالون جئـــين لڏو، سُوريءَ وارو سنيـــال هي
ســچل صـدق تنهن تئـون ٹـئي، اعليٰ جنهـين اقـبـال هي

(سربروو)

ٹلھہ: تنهنجي حسن ڪيو حيران مونکي، انهن چشمن ڪيو مستان مونکي
۱. جلوو حسن جو هڪ ڏهاڙي ڏٺم، تهين دم ڪيو ديوان مونکي
۲. خمار اکيون مخموري تنهنجيون، مستي چشم جي ڪيو مستان مونکي
۳. تحفو عشق جيهو آهي ڪونہ ٻيو، تو ڏنهن آيو فرمان مونکي
۴. سچل مقصد هي تا توهين تون، ڏيو نينهن جي دست نشان مونکي

ٹ

(سرڈناسري)

ٹلھہ: ٹيون ورڙ جو وايون، يار سانگيڙي جيوُن
۱. هٹ پانڊيءَ جي پارئون پرين جي، اِهي سي خبران آيوُن
۲. ڪونجان هزارين ڪيج وٹن ڏنهن، اسانڊي يار اڏايوُن
۳. اگڙ اُهوئي اسان پرين جو، شل جدا نہ هوندیون جايُون
۴. ڪيئي ڪِتابتان پنهنجي اچڻ جون، مونڊي سي هوت هلايون
۵. ناهن ڪُالهيون هي ڪِرهَڻ جهڙيون، سچو ري سوز سلايون

(سرجهنگلو)

ٹلھہ: ٹي تون رهبر راهي، پريان سَندي پارَ ڏي
۱. ڏيهہ اُنهي جي ساڻي تون سگهڙي، آءُ لهي آگاهي
۲. تِرُ نہ هڪڑو ترس اِتاهين، والي آهي تنهنجو واهي
۳. هن نماڻيءَ سان نانءَ سائين جي، ڪرين تون هِيءَ همراهي
۴. درد اسان جي اڳيون دوستن جي، ڏيندا هي نيڻ گواهي
۵. يار مسافر سگهو سچوءَ سان، آڻي تون ميڙ الاهي

(سر تلنگ-پيروي-سورٹ)

ٹلھہ: ٹو دوستيءَ جو دم هٹين، پر کين کُسي قربان ٹئين
مهند منصوريءَ جي تون، منجهہ معرکي مردان ٹئين
۱. وري سِرِّي صحيح اَنا سِرَهہ، تنهن اسم مٹون انسان ٹئين
جي تو پوي سڌ سِرِ جي، حيرت اِنهيءَ حيران ٹئين
۲. غازي ڪدائي جي منجهون، صوبہ عجب سلطان ٹئين
تون شاهہ تو شاهي ٹئي، تون گوءِ تون چوگان ٹئين
۳. نعرو اناالحق جو هٹي، ٹي مرد سر ميدان ٹئين
جي دم سجاڻين پانهنجو، تون دين تون ايمان ٹئين
۴. هي پنڌ سو پرزا ٹئي، جي نينهن جو نيشان ٹئين
سچو يڪايڪ يڪ ٹئين، تون شمع تون پروان ٹئين

(سر جهنگلو-تلنگ)

ٽلهه: ٽورا ڪيڏا مون سان لايا، يار سانگيئڙي
١. جيئن چيوسي تيئن مڃيائون، موٽي نه تن موٽايا
٢. چپ چپاتي ويڙهي اسان جي، اڄ اچانڪ آيا
٣. دل سان لايم هُو جي دلبر، سچا سخن فرمايا
۴. ڏکن سکن ڏنهن کين ڏنائون، تو ري عاشق ٽي آزمايا
۵. سچو هُئا سي اداسي جن لئي، سي مولي محب ملايا

(سربروو)

ٽلهه: ٽئين متان تون ماندي، نال وڃي توکي ايندا
١. اهو رکج آسرو، وره ڪنون ٽيندين واندي، اڄ اڳڻ تنهنجي ايندا
٢. اجها ٽيندين سگهڙي، هوتن سان هيکاندي، ڳل ٻانهون تنهنجي ڏيندا
٣. خبر خوشيءَ جي اڄ، اها اسان آندي، هڪ توسان اچي ٽيندا
۴. وهندا ويڙهي تهانجي، ڪاڻ پوڄئي جن پاڻڙي، ڪين وري پوءِ ويندا
۵. سڃل اجهو آيو، دوست ڏسي درماندي، سڀ بديون بخشيندا

پ

(سربروو)

ٽلهه: پري ٽين نه شال، پرين پاڙيچا پرڏيهي
١. ساڻن ٽيسُ نه سنگتي، هَئي هَئي هيڙي حال
٢. جَتَنُ ڪيڙم جيڏيون، جتنِ سان مون جالَ
٣. دوستن بنان ديس ۾، جيئڻ منجهه جنجال
۴. ڪنهن در ڏيان دانهڙي، هو جي ڪَهي ويرم ڪالَ
۵. ڪوڙين ڪيڙم ڪيترا، اُنهن ڪاڻ ڪشال
٦. سيئي سچو آيا، جن لڳ وجهايم فالَ

(سربروو-سارنگ)

ٽلهه: پَسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، ڪيا آگم اکڙين
١. ملڻ لَئي محبوب جي، ٽيون راتو ڏينهن وسن
٢. جهورِ نه لهي جهڙ جي، نا ڪڏهن اوڳاڻن
٣. سدا سانوڻ تن ڪي، بوندون بس نه ڪن
۴. سڃل سپرين لَئي، ٽيون جهوريءَ منجهه جهجن

(سر هرو-سسئي)

ٽلهه: پنهنجي ذات لکائي، ڪيئن ٻي ذات سڏايان
١. ظاهر ڪريان ذات کي، تا هي بُتَ پوڄايان
٢. منصوريءَ جي موج ۾، ٿو اناالحق الايان
٣. واديءَ ۾ وحدت جي، سِرُ گهوري گهمايان
٤. اعليٰ "اعظم شان" جي، نوبت نينهن وڄايان
٥. ظاهر باطن هڪ ڏِٺو، آءٌ تا حڪم هلايان
٦. سچو سارو سچ ٿيو، هِيءَ حڪمت چلايان

(سر بلاولي-پيروي-آسا)

ٽلهه: پنهنجي نظر ۾ پيهي، وَڻون هاءِ هاءِ سالڪ
١. ڪشادگي ميدان جي ڏِسُ، ڏَهائي ديهه
٢. آءٌ تا هن اسرار جي، ڳالهه ڪريان ڪيهي
٣. ڳالهه سا ڳجهڙي هاديءَ واري، آهِ سلڻ نه جيهي
٤. سچي کوڙي ظاهر ٿيندي، ڏِسُ وڃي تون ويهي
٥. سچل طلسم ڪر سهي تون، آهي اشارت ايهي

(سرسسئي)

ٽلهه: پنهجو ڪيو هي تا پنهجو ڪيو، مونکي يار پنهل ڪوئي
١. دوست گڏيو دلجاءِ ٿي، وِڇڙيون سارو وڇوڙو ويو
٢. آڏر ٿي ارواح کي، جيڏيون ڏي منهنجو جِيڙو جِيو
٣. رهجي اچي هوت سان، ڏاهيون ڏي اهو ڏَسڙو ڏيو
٤. اڳڙ آسروند جي اچي، ميان لعلن پاتو لِيو
٥. ساهُ سچوءَ جو سرتيون، نيٺن سندي ناز نيو

(سرراڻو)

ٽلهه: پئي پيش پريُن کي پاڻ، آءٌ چونديس هلي حال هي
١. تو ٽئون آهي مينڊرا، ڪاڪ ساري قربان
٢. دل کي ديوانو ڪيو، هيڪر تنهنجي ٻاڻ
٣. نامياڻا ڏسج ننگ ڏي، آءٌ تا ٽيس آڇاڻ
٤. آندو هيڻ عتاب جي، مونکي سچو پنهنجي ڇاڻ

(سرجهنگلو)

ٽلهه: پانڌي اوڏاهون اڄ آيو، پريان سندي پار ڏٺهن
١. طرفان تنهنجي هُيُن اچڻ جو، ساڻ ڏٺين کي سعيو
٢. گهٽو ڇڏ هُٽ پرين توئي کي، گهمين تون هت اجايو
٣. آهه توئي ڏي سڻ ڏي عاشق، روُح سندُن جو رايو
٤. پاڃاڻين جو هنَ پيغامن، وري سو وِرهه وڏايو
٥. ٻڌي نياپا ٻانهون ٻڌي ٻيئي، آڻي سڄوءَ سِرُ نوايو

(سرڪلياڻ)

ٽلهه: پانڌي پيغام پهچاءِ، منهنجا مُحبن کي ميان
١. اکڙين کي اصل ايڏنهن جو، وڏو اوسيئڙو آءِ
٢. ڏاها وڃج ڏيهه انهي ڏي، جاتي جانب جاءِ
٣. ادا ڏي ساڻي پارئون اسان جي، پاند ڳچيءَ ۾ پاءِ
٤. راتو ڏينهان آءِ ڏهاڙيون، هِينئڙي کي هاءِ هاءِ
٥. دوستن سندي در جو اصلئون، سچو ٽو سگ سڏاءِ

(سرسارنگ)

ٽلهه: پانڌي منهنجي يار کي، ساري ڇڄ سلام
١. ڇئي مُکا هُئا کيترا، پرت وارا پيغام
٢. اوهان جي اچڻ جا، هُلَ پون هنگام
٣. محبت منهنجي روز ازل کنون، توسان محب مدام
٤. سڄوءَ جيها کيترا سائين، تنهنجي در تي غلام
٥. کڏهن کندين يار اسانڏي، اچڻ جا انجام
٦. عشق اوهان جي شور مچايو، هُلُ پون هنگام
٧. ٻانهي گولي يار سڄڻ جي، ملهه خريد مدام
٨. روز ازل کنون سچو آهي، سائين سنديو سام

(سربروو)

ٽلهه: پانڌي نيئي پهچاءِ، هِي نوان نياپا نينهن جا
١. هوت اسان کي هيترو، تون سانول کيم سکاءِ
٢. ڏينهن گذرن ڏک ۾، راتيون هنَ هوش هواءِ
٣. اوهان ٻاجهون سپرين، هِيءَ ويڻي ورهُ وساءِ
٤. پرين ڏسج پاڻ ڏي، وائيون هي ورناءِ
٥. اگڻ اچي هِنَ جي، سگ سچو سرچاءِ

(سرسسئي)

ٽلهه: پاڻ پرين اهو آهي، متان پينر پولو پانيو
١. جنهن تي آهي تنهن تي آهي، نانءُ ٻُڌي تي ناهي
٢. پاڻ پنهنجو سهي ڪيوسي، ڪيچ ويون ڪين ڪاهي
٣. هيئن تنهن جو اوهين نہ ڄاڻو، ڇئو تڏهن ٻيو ڇاهي
۴. سچو ساري صورت اهائي، لوڏا لَکَنِ جا لاهي

(سرڪلياڻ)

پاڻ پنهون آءٌ آهيان، اڙي پينر پلي ناهيان
١. ٽيو ٽُيون مُنڪر ڳالهه انهيءَ ڪئون، ڇئو ٻيو تڏهن ڇاهيان
٢. ڪيچ پنيور ۾ وسنئن اسان جي، ڪهڙي طرف آءٌ ڪاهيان
٣. هرڪو چوي تا سهسين عاشق، نانءُ پاڻ ئي تئون لاهيان
۴. هِت هُت آهي صورت منهنجي، ٻاهر نہ ڪو ٻيو ٻاهيان
۵. پنهنجو پاڻ ئي سان يار سچو وي، نينهن اهوئي لايان

(سر ڪلياڻ-آسا)

ٽلهه: پاڻ تہ آهيان پاڪ، پر ڪي ڏينهن هِت گذاريان ٽو
١. ساڳيوئي سو رانجهو آهيان، ظاهر ليکي چاڪُ
٢. آهيان آءٌ معشوق مڙن جو، موتي ٽيس مشتاق
٣. آهيان آءٌ خوشحال هميشه، هنَ غمزي ڪيو غمناڪ
۴. ڪاٽهين زهر پيالو ظاهر، ڪاٽهين ٽيان تریاق
۵. سچو آهي وصال سيوئي، ڪاٽهين فلڪ فراق

(سر ديسي-تلنگ)

ٽلهه: پاڻ سجاڻڙ آيو سو پلي آيو، ڪَمُ نہ هُيڙُس ڪو ٻيو
١. پاڻئون ڄاڻي پاڻ سان هِت، لَنوَ تا لائڙ آيو
٢. عرش منجهارُون الهي هِت، ورهه وسائڙ آيو
٣. سولي‌ءَ تي منصور ٽي هِت، سِرُ سلائڙ آيو
۴. مصر جي بازار ۾ هِت، ملهه وڪامڙ آيو
۵. سچو وي سنسار ۾ هِت، پير گهمائڙ آيو

(سرسسئي)

ٽلهه: پاڻ کي يار نه ڄاتوم، پينر پُلي آهيان
١. ٻڌيس ٻيائي ٻر، جو پاڻ نه سڃاتوم
٢. اٽڻ ويهڻ پانهجو، هي پينر ٽي پانيوم
٣. ڏسڻ ٻڌڻ هڪڙو، هي ڪاڏنهن الايوم
٤. نالو آدم جو رکي، هن حيرت هلايوم
٥. نانَونِ منجهان نانهه ٽي، هت سچو ٽي آيوم

(سرآسا)

ٽلهه: پاڻ منجهون ڪَلَ پيئي ني پيئي، دوست جي وو ميان مونکي
١. "وَنحنُ اَقربُ" ويجهو وسي ٽو، ڏَسُ هاديءَ جو هيئي وو هيئي
٢. ڪڏهن زاري ڪڏهن زوري،، هوليون سندس اهي ٻيئي وو ٻيئي
٣. هادي اسانکي وقت ملڻ جي، ڏس اٽيا اهو ڏيئي وو ڏيئي
٤. يار رنگيلو هڪ رنگ ناهي، ڪوڙين سندس رنگ ڪيئي وو ڪيئي
٥. سچوءَ جو اندر باهر سوئي، وڃڻون ٻيائي ويئي وو ويئي

(سرڪليان)

ٽلهه: پاڻ وچ تہ نا آهيون، ٻڙي جيڏيون ڪيئن ٽيون ڄاڻو
١. جوئي آهي سوئي آهي، اسين اصل ڪئون ناهيون
٢. شوق منجهارُون شهه درياوان، لکين وَهن ٽيون واهيون
٣. جي نہ چَون ٽا ڳالهه اهائي، برهُ لائي ٽو باهيون
٤. واقف وارن تي حال اهوئي، ڏک نہ ڏسن ڏاهيون
٥. مستيءَ وارا حال انهيءَ سان، ڏنوَ سچو وجن ڏاهيون

(سر سسئي)

ٽلهه: پاڻهين پئيوَ سُڌ سُورن جي، وو عشق لڳيوَ جي اديون
١. ساري خبر ويجي تن کون پڇجو، جي ورهه سڃڻ جي وڏيون
٢. کين لکن سي لوڪ اڳيون، جي آهن ڏکن جون ڏڏيون
٣. محب مسافر ٽيا جنين جا، ڪوڪان آهي لک کنديون
٤. ورهه ولوٽيا جي وَهنديون تن جي، نيٽون نير جون نديون
٥. پارئون پرين جي سٽو سيئي، لوڪ پلي ڏئي بديون
٦. اڳيون پويون سڀ معافي ڪيون، تنهن محب سچوءَ جون منديون

(سُر ڏناسري-توڏي-پيروي)

ٽلهه: پائي ڏوهه پنهنجي پاند ۾، آءٌ دوست تو در آئيان
۱. راتو ڏينهان پنهنجي روح ۾، تنهنجا سوين ڳڻ ڳائيان
۲. ڏوٽ ڏوراپو ٻڌي، آءٌ پَلَوُ توکي پائيان
۳. زاريون ضعيفيءَ مٿون ڪري، پرين توکي پرچائيان
۴. جا تو پٽي پيزار جي، سا ڪِهَ لڳن کي لائيان
۵. سپ ڳالهه پنهنجي سِرَ جي، توکي سچو سمجائيان

(سرتوڏي)

ٽلهه: پرين آهن پار، آءٌ تا هت ڏينهن گذاريان
۱. ويهي وسارڻ اتهين، آهه ڪميٽن کارِ
۲. عشق وارن کي جيڏيون، ٻوڙي هَڏ نه ٻار
۳. دڙڪا ڏيو نه درياءَ جا، تري ويندس تارِ
۴. ايندیون ورهه واريون، اديون ڙي هن آرِ
۵. سچوءَ وڏو سپرين، جاني ڙي ڪنهن جارِ

(سردیسي)

ٽلهه: پريُن سان پت پُري، ڙي جيڏيون منهنجي
۱. دعا ڪريجو جيڏيون، وري سو هوت وري
۲. ڏونگر مون ڏورايو، سندي ذوق ذري
۳. صحيح سِجاتم پاڻ ڪئون، پنهون ناهه پري
۴. تو ڪيئن سَري سپرين، سچو تو ريءَ مون نه سري

(سربروو)

ٽلهه: پرين نه چڙج ٻئي پار، ساريو تنهنجيون ڳالهيون روڻان آءٌ
۱. اگڙ آسَروند جي، والي ايندين کهڙي وار
۲. ماري هن مشتاق کي، ڪانڌَ مَ وڃ ڪوهيار
۳. آهين جنهن تون آسرو، سا ويچاري نه وسار
۴. نماڻيءَ جي نجهري، آءٌ گهڙي هڪ گهار
۵. ڪيئي سچو سان وعدا، سي پرور لڳ تون پار

(سربروو)

ٽلهه: پرين نا ٻئي پار، جانب تنهنجي جان ۾ (آخوند ري)

۱. سبق ڏيئي سور جو، ڪتابي نہ ڪارِ
۲. حرف سهي ڪر هيڪڙو، ورق سيئي وارِ
۳. نينهن وارن کي ناحقي، مُلا هيئن مَ مارِ
۴. راتو ڏينهان آهي توئي کي، ڪتابن جي ڪارِ
۵. ٻاجهون نالي نينهن جي، سچو سبق وسارِ

(سرڪلياڻ)

ٽلهه: پريُن هي پيغام، ساري ساڻيو ڏيجو

۱. ڪڏهن ڪندو پار اسان جي، اچڻ جا انجامَ
۲. ٻانهون ٻڌي يار سڃڻ کي، ڏيجو سي سوَ سلامَ
۳. در اوهان جي يار پنهون ڙي، ٽئي نہ طلب تمام
۴. شوق اوهانجي شور مچايو، ڪياسي هُلَ هنگام
۵. جيهو تيهو آهي اصل ڪئون، سچو سو ڪولو غلام

(سرپيروي)

ٽلهه: پُڇي عشق نڻو پوشاکي، هاريا چڏ اها هوشناکي

۱. ابا ڪتي ڪُلِ عشق ڪوُن يارو، عرش ڪرسي افلاکي
اهو بار برهه دا چايا، خاص ويچاري خاکي
۲. عشق نارُ احتراق اٿو، هُئي هَئي سڀ هلاکي
نيست نماڻا جي ٽيا، يار اُنهن اوطاقي
۳. جٽ جاموٽ جي جاءِ نهين، ڪي ڪامل ڪن قضاکي
سڪ سَڏُن ساڻ نہ ٽئي، محبت ناهه مذاقي
۴. علم پڙهايس عالم ڪئون، برهه بچايس باقي
برهه تنهان ڪُون بخشش ڪيتس، جي مست هُئِن ميثاقي
۵. انهيءَ فڪر ڪنُون جي فارغ، تن تي تِرُ مَ طراقي
سچيڏني کي مَي جي مَٽ مئون، سرڪ چڪايو ساقي

(سرپيروي-جهنگلو)

ٽلهه: پُڇو نہ منهنجڙي ذات، جوئي آهيان سوئي آهيان

۱. اچڻ اسان جو ٽيو اُتاهين، جاتي ڏينهن نہ رات
۲. ظاهر ٽيوسي ذاتي دي وچ، سمجهڻ منجهه صفات
۳. ظاهر آهه زبانون منهنجي، "الاَقربُ" سندءِ ڪلمات
۴. "لا" کي لاهي نفي ڪتوسي، الا الله اثبات
سچو سِرَ سهي ڪر پنهنجو، عشق منجهون عشقات

(سربروو)

ٽلهہ: پچيون کي پريُن، حال منهنجي جون خبران ساڻيو وي
١. ساهہ سکي ٽو جن کي، مونکي ڪي سارن
٢. هِن دم دلاسا ڏنا، سرتيون ساڻيئڙن
٣. تون هِت کهڙيءَ ڳالهہ ۾، هُو هُت ياد ڪرنِ
٤. آهين جنين جي آسري، سي تو کاءِ ڇڏن
٥. سچو سنگت پانهنجي، مان غريب گڏنِ

(سربروو)

ٽلهہ: پُرجهي پاڻ نہ ڄاڻان، ڪير آهيان يار ڏي ميان
١. مورت موڳائي ڪئي، صورت تا نہ سڃاڻان
٢. ڪنهن تان ڳالهيئون ڪاڪيُون، ٽيا سي هت نماڻان
٣. جان جٹو دل سپوئي، آڏا ٽير آڏاڻان
٤. ڏنہ ڏاڍي ڏک سان، عشق جا اوراڻان
٥. خامُ خيال ني سچو ري، اِنهيءَ فڪر آڏاڻان

(سروهاڳ)

ٽلهہ: پور پرين جي هي ماريان، عشق سڃڻ جي چاڙهيان
١. دوست بنا درماندي، دمُ هتي ڪيئن گهاريان
٢. سرُ سڃڻ تئون صدقي، واريوُن آءٌ ڪيئن واريان
٣. ڳالهيون ڳجهہ اندر جون، آءٌ پرين سان پاريان
٤. سگهو موٽج سپرين، ڏهاڙيون ويٺي نهاريان
٥. محڪم محبت وڌيون، جاڙيءَ مٽي جاريان
٦. هُو جي ڪيم پاڻ سان، ڳالهين اِنهن ڳاريان
٧. مجلس محبوبن جي، ساعت ساعت ساريان
٨. سچيڏنا ساهڙ رِيءَ، ڏمَ مڙيئي ڏاريان

(سربروو)

ٽلهہ: پير اسان وٽ پاءِ، سڪندي سال اوهانکي گذريم
١. هي هت هجر هلاکُ ڪيو، آهي هِينڙي کي هاءِ هاءِ
٢. حال نہ منهنجو کو هيو، تنهنجي برهہ ڪيو برپاءِ
٣. راڳ رڳن کي تانهنجو، راتو ڏينهان آءٌ
٤. اچي نظر کونہ ٻيو، سانول تنهنجي سواءِ
٥. عرض کريان آءٌ کهڙو، تون جاني آهين هر جاءِ
٦. سچو سڳ اوهانجو، تون دانهن تنهن جي ورناءِ

(سريمروي)

ٽلهه: پير وڃي جي تون آئين يار، ونءِ وڃي سي پير سچار
١. هڪ هنڌئون هلي ٻئي هنڌ آئين، ٽيئن هنڌ لاتئي لقب هزار
٢. چوٽين جاءِ سهي ڪر سالڪ، پوءِ ٽيندين هت گرد غبار
٣. بحر اعظم جو آهين پڪيڙو، ونءِ اڏامي پئو تنهن پار
٤. سودا سُود وهايئي ڪيئي، ڪهڙا ڪيڙ وٽج واپار
٥. سچو سالڪ سمجهه اتيئي، لاهي سڀ تون مرد ميار

(سرسسئي)

ٽلهه: پاٽهين پاروَن يارَ، قاصد مونڊي اڄ آيو
١. اچڻ سندي اُن جي اڻي ويا آزار، ٽورو ڪيڏو تن لايو
٢. ڏنا دلاسا دل ڪي رهبر رات هزار، سندن روُح جو رايو
٣. هيڏي هوڏي نہ وڃين اڄ ہِ اعتبار، محبت مڙيوئي مايو
٤. اچڻ جا محبوب ڪيا پڪا قول قرار، سڄل توڏي هُنِ رايو

(سربروو)

ٽلهه: پچن ڪوهُ طبيبَ، اوُ سوز واريون سرتيون پلا
١. پيدا ٽيندا پاٽهين، ڪول آيس قريب
٢. ڏيَنِ ڏيڪاري ڏيل مَئون، اچانڪ عجيب
٣. سڄل وسن سي سِدا، هِينئڙي منجهه حبيب

(سرڪلياڻ)

ٽلهه: پنهنجا وعدا پاريا، سانول سائين
١. هُو جي ڪيائون اصل اسان سان، سي قولَ نہ يار وساريا
٢. ڏينهن اُهي مون ڪان تا نہ وسرن، جي مون گڏ گذاريا
٣. سخن سچا ئي يار سڃڻ جا، سي هِن ساهم سنپاريا
٤. اُنهن ڪارڻ شهر بحر هي، مون تا نِتُ نهاريا
٥. دوست سڄل جا دور هُئا جي، سي واليءَ هِتِ ورايا

(سرسسئي)

ٽلهه: پانڊي دلاسو ڏي مون، ايندا آرياڻي ڪي اوڏا
١. آڏيءَ رات وو ڪيائون سانپاهو، حال ڪيا تن هي مون، ويا ترڪي توڏا
٢. ڪير قبول وو پنهون ڪارڻ، ڏڪ سوين ني سي مُون، لڪ ڏيئي لک لوڏا
٣. محبت ڪئون تا منهن نہ موڙيان، پرزا ٽيڙِن هت جي مون، گسي وجن توڙي گوڏا
٤. سر تان صدقي وو آهه سڄل جو، ڪاڪيون چون هت ڪي مون، درد ڏيندو سو ڏوڏا

(سرتوڏي)

ٽلهه: پارئون تان پريُن، جيڏيون اچن اهي اولانپا
١. تيلهان ترسن تار ۾، جيلهان محبت نا هئي من
٢. ڪين چانگار چڙن جي، ڪُوڙي پيڙئي ڪَن
٣. سڪ سچي جن ساهه ڪي، سي تارون نا ترسن
۴. ڪين اسان ڪئون تهاتجيون، ڳالهيون ٽيون وسرن
۵. ڪيئن اسين تو وسريا، جا طلب نا هئي تن
۶. عشق سچل جن آهيئي، سي تان رُوءِ رسن

(سرسسئي)

ٽلهه: پوءِ هت ڪيئن ڪندي، ٻاجهون يار جي آءٔ
١. پيرين پوندي پرين جي، ڪچيءَ پائي ڳندي
٢. وهي ٽي واڪا ڪيون، نيٺن منجهئون نندي
٣. سپ پر سندين آهيان، چڳي توڙي مندي
۴. دل سچل جي سرتيون، برهه تهين جي بندي

(سرسسئي)

ٽلهه: پاهڙ ڙي پرڏيهي، ناهي واجب ادا ايذائڻ توکي
١. ڏيندئي ڏوراپو يار اسان جو، وٽ توئي جي ويهي
٢. پير- ڦهين تون نت نماڻن جا، ڳالهه ڪريان ٻي ڪيهي
٣. هيءَ اميد وو هئي نہ تو ڏنهن، جبل ڪيئي مون سان جيهي
۴. جيهي ڪندين ڪوهه اسان سان، ڳالهه ڪنديس هُت تيهي
۵. سچل سجاتو سنگ توئي کي، آهي عادت تو ايهي

(سرسسئي)

ٽلهه: پرين اوهان ڪئون پوءِ، هت راتيون رهنديس ڪا
١. پتيءَ ايندیس تهانجي، لال وري هن لوءِ، پوءِ سور سهنديس ڪا
٢. وعدا ويڙا وسري، هوت ڪيو جي هوءِ- ٻئي ٻول ٻهنديس ڪا
٣. پرين تنهنجي پار ڏنهن، قاصد اچي ڪوءِ، وري هت ويهنديس ڪا
۴. سچل سڪ اوهان جي، هينئڙي ۾ هوءِ هوءِ، ٻئي ٺاهه نہ ٺهنديس ڪا

(سر جوڳ-آسا-بلاولي)

ٽلهه: پلپل پَوَنمَ پُور، عمر تن ماروئڙن جا
١. دم دم منهنجي دل ۾، مارُن جا مذڪور، سرتيون سورن جا
٢. سانگيئڙن کي سدا مان ساريان، هينئڙي هُريم هورَ، پوءِ تن پورن جا
٣. پنبٽين وهايان نديون، چولي چڪنا چور، وهه ڪَسَ ڪورن جا
۴. مَن مچائي سچل ويو سانگي، دائم دونهان دستور، خاصن ڪورن جا

(سرجوگ)

ٽلهه: پاڙيچيُون ني پرين جو، مون کي پُورُ اڇ ني پيو
١. انتر جنتر مون تي، هي نينهڙي نيو
٢. چرخو پيچي چيهاڙيون، مون ٽي کاکيُون کيو
٣. هن جان جميعيت ٽئي، لالن جي پائي ليو
۴. کو ڏس اچي پرين جو، هن ڏاهه کي ڏيو
۵. جي دَرِ اچي دلبر، تا جيئي سچل جو جِيو

(سرسسئي)

ٽلهه: پرين منهنجي اگڙ، الله توکي آڻيندو
١. اچڻ سندي اُن جي ٽيندين وڌايون، مبارک جگ ڏيندو
٢. وري وسائج پنهنجيون جايون، ٽورو مون تي لک ٽيندو
٣. پلو پنهنجا هٿڑا ڪري پلايون، لڳين مون لائيندو
۴. خبران کِينءَ جون اسان ڏي آيون، توکي پرين ساڻ نيندو
۵. ويو فراق فنا ٽي وصل ٽيون وايون، سچل نانءُ سڏيندو

(سربروو)

ٽلهه: پرديسي گڏيا دوست، لٽوَ هجر هلاکي،
آيا سي اگڻ منهنجي، جن کيو فراقي
١. جن کاڻِ سکيس سال، ويڻي واڙين تي،
مون ساڻ اچي پاڻ، ٽيا محب ملاقي
٢. پرديس لڳ مون ٽي، پانڊي روز پچايا،
مون کي کانه پئي خبر، اچي سي ٽيم اوطاقي
٣. پيغام پهريون پانڊين هٿ، پاڻ مکائون ٽي،
هائي هک ٽيا مون سان، جي يار هئا ياکي
۴. آهي سگ سچل، دوست جي در جو اصل کئون،
تنهن ڏيڻ ڏوراپو ناهي مست ميثاقي

(سرپيروي)

ٽلهه: پلپل پرين جي پار جي، کانگا خبر کا مون ڏئين
١. دوست جي تون ديس ڏي، کيئن کالهه تون اڏري وئين
٢. وَلِ وَلِ اسان جي حال جا، نانک ادا نياپا نيئين
٣. ساري سنيها سوز جا، هئي هئي سيئي لائج هنئين
۴. ماري مڻا مشتاق کي، کيئن يار تون ياقي ٽئين
۵. پُورن اندر پرديس ۾، باجهون اوهان آهيون ائين
٦. آءٌ جي مُئي تا گهوريس، جانب سدائين تون جئين
٧. سچل سکي ساري توکي، تون يي تهين سان هوتئين

(سريپروي)

ٽلهه: پهري پوش جو تُرکي آيو، الله آدام نامُ سڏايو
١. زيور سرخ طلائي سوئي، الله آدام آهِ اهوئي
شڪ گمان نہ رهندا ڪوئي، واه رنگيءَ رنگ لايو
٢. آب شڪر گڏ شيرين ٽيوين، جسم اندر ايوين اسم سمايو

(سرجهنگلو)

ٽلهه: پانڌي آيم اڄ پيهي، پريان سندي پار ڏٺهن
١. ڏوڻ ڏوراپا ڏيئي مڪائون، تن ڪئي ديواني ديهي
٢. ڳالهيون اهي يار سڃڻ جون، ڪيئن وساريان ويهي
٣. جهڙيائي آهي جِيءَ تنهنجي سان، هت پي گذري نيهي
٤. هوش سڄل جو ميان نِيو نياپن، ڳالهه ڪريان پي ڪيهي

(سربروو)

ٽلهه: پورهيت پاٽي ڏوئي، خان ٻاروچا تنهنجي
١. حاضر خدمت اچي اوهانجي، حال چونديس روئي
٢. ساڻي اسان جي سُڌ لهڻ لَئي، ڪڏهن نہ مُڪوَ ڪوئي
٣. قول ڪيو هوئي هوت اسان سان، سائين پورو ڪر سوئي
٤. ڪيئن وساري ويهان اوهانکي، ڪئي تا هڙي توئي
٥. طوطي جي ڳچيءَ سوَ سلامن، سڄل مُکا پڻ پوئي

(سرپهاڙي)

ٽلهه: پنهل منهنجو ور، اٽم ساهه ٽمرُ
زوري نيائون چوري ڪري زور زبرُ
١. جبل ڪرين جاڙون، مهٽا ڏين ماڙهون،
ساريان پنهل کي راتيان ڏيهاڙيون، اٽم سو دلبُر
٢. ڏونگر ڏکي ڏکڙا ڏئين ٽو، سڙيا سڙي کي سور ڏئين ٽو
جتن جاڙ ڪئي، جيڪس هون ڏمر
٣. جت زوراور ذات، اڻي ويا اڌ رات،
ڏئين ٽو سرتيون چون ماڻ، اڻيس پريات،
وائي تن جي وات، اٽم سڪ سيرُ
٤. سڄل چوي الله ملائيندو، واڳان وطن تي والي ورائيندو،
ايندم هوت هلي، اٽم چانو چيرُ

ج

(سربرووَ)

ٽلهـ: جڏهن پريُن پاتم جهـاتي، تڏهن حـاجت ناهي حج جي
١. اچڻ سـاڻ اُنهن جي يارو، عـشق ڪئي اثبـاتي
٢. سڀ ڪجهـ ٽيـڙم حـالون محـرم، وسـريم ذڪر ذاتي
٣. چوريءَ چوريءَ يار سـجڻ سـان، ڏِسُ سـچل دل قـاتي

(سرڪونسيو)

ٽلهـ: جنهن جي آهيان عشق اندوهي، تنهن هاروچي کي هاجهـ پوي
آءٌ حـال چونديس روئي، تنهن ڪوهيـاري کي ڪهـل پوي
١. سـا نـ ڇڏيجو ڇپـرين، جا لالن توسـان لوئي
٢. پريان سندي يارَ ڏنهن، قـاصـد اچي ڪوئي
٣. سـوئي ايندم سـپـرين، جانب جِيءَ جـو جـوئي
٤. پورهيـو ڪنديس پِرَ جو، ڪچيءَ پائي اوئي
٥. ٿمـر ٽيـڙم سُجَ مِر، جا حُبَ توئي سـان هـوئي
٦. اکـيون عـجيـبن ڏي، بيـٺـيـون جُهـڙ جهـوئي
٧. سـچـو سڳ اوهانجـو، پُـور وڏا جنهن پـوئي

(سرآسا)

ٽلهـ: جنهن دل تي آهي جوش، سـا دل سُورن سـان سَنِري
١. آءٌ تـ ڳـهـوري ان تئـون، جنهن تي جوش خروش
٢. ڳالهـ نـ ڳرهڻ جهـڙي، خلق اڳيـون خامـوش
٣. سـالڪ سڪ نـ سـرها، ڳـوندر ڏي ڪن ڳـوش
٤. اثـر اهيـٺـي عـشـق جـا، اول وڃـائـن هوش
٥. خَلقَ الاِنسـان علىٰ صُورتهـ، هي بـادشـاهي پوش
٦. سـچو سـوريءَ سي وڃن، جي مَي مِر ٽـيـا مـدهـوش

(سرتوڏي)

ٽلهه: جنهن ميهر ملايو، تنهن گهڙي تان گهوري آميان
١. تنهن ڪنيئر تان قربان ٿيان، جنهن ڪچو پچايو
٢. اوهين جيڪس جيڏيون، اهو پيلو ٿيون پايو
٣. تنهن مونکي تار ڪُنَنِ مٿون، منجهون لهرن لنگهايو
٤. انهي داپ دلي جي، سارو درياءُ ڏپايو
٥. پاڻ پنهنجو سرتيون، ميان گهوري گهمايو
٦. اصل اڻ تاريءَ جو ميان، آهي ساهڙ تي سايو
٧. سيٽاهن جي سرتيون، مونکي لاري نہ لايو
٨. ساهڙ سير ۾ تو وڃ، سچو اڪيرئون آيو

(سريپروي)

ٽلهه: جنهن کي عشق مولي جو ناهي، سو جڙ جهنگ جناور آهي
١. وهم ارادا خيال ٻيا وچ، ڳاهه برهه جي ڳاهي
٢. هُو جو ڪوٽ هئڻ جو، ڏوڙ پهرينءَ سان ڏاهي
٣. عاشق تڏهن ڪوڻجي، جڏهن سپ لاڳاپا لاهي
٤. دوستيءَ ٻاجهون دوست جي، هَڏ ناهه نہ ٻيو ڪو ناهي
٥. محبت جي ميدان ۾، سو ڪامل پون ڪاهي
٦. سچو صاحب سڪ وارن کي، چاهه منجهون چاهي

(سرگجري)

ٽلهه: جهڙو هي عجائب آءِ، ناهه عجب ڪو ٻيو اهڙو
١. هيڏي هوڏي نہ ڏسين، منهن پاڻئي ۾ پاءِ
٢. پَئو تصور هن ۾ ٻي بازي ڪا مَ بناءِ
٣. اکيون پٽي جي ڏسين، تا هادي آهي هر جاءِ
٤. سچوءَ سارو سچ چيو، رمز دِليءَ سان لاءِ

(سريپروي)

ٽلهه: جا چوڙ جيهي ناءِ، سائي ڪيئن چوان جيڏيون
١. ڳجهي آهي ڳالهڙي، ڪنهن ڪَلَ نہ آهي ڪاءِ
٢. اوڏي ناهه پروڙ کي، ميان ويجهي نہ ويساءِ
٣. هُيڙي سُڌ حلاج کي، تنهن سِسي ڪوڏ ڪپاءِ
٤. پوڙ آهي اونهه ۾، جتي هُوءِ هواءِ
٥. سچل سِرَ نہ سَلڻ جو، سو تا سپ منجهاءِ

(سر برووـ پيروي)

ٽلهه: جاني تو نه جڳائي، رُسڻ نماڻيءَ سان
١. دوست اوهانجي در تي، ويٺي وِرهُ وَسائي
٢. ٻاهر ٻانهي تهانجي، سانول هِيءَ سڏائي
٣. اچڻ لَئي اوهانجي، پانڌي روز پڇائي
٤. فالان فلڪ فراق جيون، وريتين کان وجهائي
٥. سوال سچو جو سپرين، عجز ساڻ اگهائي

(سرپيروي)

ٽلهه: جن ڏوراپو پرين جو، ڪِيئن ذرو سي جيئندیون
١. جانب گڏيو جَنِ کي، ٽاڪ وجي سي ٽيندیون
٢. نيست نماڻيوُن جي ٽيون، پُرُ پيالو سي پيئندیون
٣. سي دم سچو سچ جو ڪري، چانگاران چيئندیون

(سرپيروي)

ٽلهه: جن لائي توڙ نيائي، آءُ صدقي وڃان تن تئون
١. شابس آهي اکڙين کي، جن وٽي دل ورائي
٢. پلي پاڃي پريُن ڏنهُون، اڄ اسان ڏي آئي
٣. راتو ڏينهان آهيئي، وات انهن جي وائي
٤. ڏهاڙي ڏسڻ سان، محبت آگ مڇائي
٥. ووءِ ووءِ وائي وات ۾، سچوءَ آهي سدائي

(سر سارنگ-بلاولي)

ٽلهه: جيءُ آئين پلي آئين تون، ڪنهن منزل مون پهچائين تون،
ٽو موتي سر وڃائين تون
١. سرمد کي ڏيئي لَتَ ڪهايُئي، سوريءَ تي منصور چڙهايُئي،
شيخ عطار جو سر وڃايُئي، هاڻي هيڏي پنڌ پچائين تون
٢. ذڪريا ساڻ ڪرڻ چيرايُئي، يوسف کي منجهه کوه وجهايُئي
شمس مُلنِ هٿئون مارايُئي، عاشق ٽو آزمائين تون
٣. جٽيو ڪفر صُنعان وجهايُئي، بُلي شاهه کي ذبح ڪرايُئي،
جعفر کي درياء ٻوڙايُئي، تنکي پار لنگهائين تون

۴. گهاڻي ۾ بلاول پيڙائيي، عنايت کي ميدان مارائيي،
ڪرمل کي هن حڪم هلائيي، ڦيڙو ڪنڌ ڪپائين تون
۵. قاسم ڏرن سان سڏائيي، موسيٰ کي بي سهاڳ ونائيي،
آکيداس تعزير ڏوائيي، سو اڄ ساڻيو آهين تون
۶. سچل سندءِ پنڌ پچائي، گهوريو پنهنجو سر گهمائي
نينهن واري ڳالهه ڳالهائي، عاشق ٿي فرمائين تون

(سرڪلياڻ)

ٽلهه: جيجان زلفن واري، اُنهين سامي مَنُ موهيو
۱. باهه برهه جي اندر اسانجي، ويو سو بهڳڙ ٻاري
۲. هجر فراق ني وو يار اسانکي، ڪُوڪان ٽو هت ڪاري
۳. جوڳي ڪيڙو جيءَ اسان جو، مُونجهه اهو ٽو ماري
۴. اچڻ سنديون يار اوهان جون، سچل واڻان سو نت نهاري

(سر پيروي-جوڳ)

ٽلهه: جيئن سڄ آهي پريشان، سوئي ڳولهي سڄ کي
۱. مَڄلي جيئي آب سان، آبُ پچي طغيان
۲. تارو پچي نجم کي، موج پچي مهران
۳. ڦڙي پچي مينهن کي، شاهه ڳولي سلطان
۴. هُو مڙيوئي پاڻ ٽيو، ڪير ٽيا حيران
۵. سچوءَ جي صفت ۾، اهو باريءَ کيو بيان

(سر جهنگلو-پهاڙي)

ٽلهه: جيءُ نچ آيا پلي ڪري آيا، ساڻي سڄڻ جي ڏيهه ڏانهن
۱. مون تا ڄاتو واڻ واهُو، پر مون ڏي سي هوت هلايا
۲. ڏينهن پڇاڻون پاندي پريُن جا، ساڻ غريب گڏايا
۳. پاڻ مٽائن کيان قرباني، لکين ٽورا جَنِ لايا
۴. اول دلاسا ڏيئي اُنهن هي، پوءِ پيغام سڏايا
۵. طرف تنهنجي اهي عجيبن، سچا سخن فرمايا
۶. اُنِ ڏُڻِ اهائي آهه اسان کي، ڏکيا تو ڏينهن لنگهايا
۷. پيا اسان وڻ هاڻي تنهنجا، سچو ڏي پنڌ سجايا

(سرتوڏي)

ٽلهه: جيڏيون ڪائي مَ جهلي، مونکي پارئون پرين جي
١. خويش قبيلو اوڙو پاڙو، مونکي ڇا لڳ پَلي
٢. ميهر جو مون بخشيو، سو تا هِيءُ نه سلي
٣. ناحق وجهو نهڪران، آءٌ پاڳي پيڙس پلي
۴. ساه تهين تئون صدقي، جا هاريون اوڏنهن هلي
۵. سچو ساهه سرير کي، ميهَرُ ويٺو ملهي

(سرجهنگلو)

ٽلهه: جيڏيون مونکي ڇو ٽيون جهليو، ويندي پرين جي پارَ
١. هُنَ پير پيرا ٽي ڪريان، جو مون هُٿِ روح رَليو
٢. ڏانهُنِ گهٽا ڏينهڙا، مون ٽي عشق آليو
٣. روُح پريان جي پارَ ڏي، وَڃي سا حُبّ هليو
۴. پريان سندي پار ڏي، پاڙيچيوُن نه پَليو
۵. سچوءَ جو جوڙي سرتيون، محبت من مليو

(سرڪلياڻ)

ٽلهه: جي اوهين ڄاڻو ڙي جيڏيون، آهي الله لوڪ سارو
١. ڪاڙي آهي چپ چپاتيءَ ۾، ڪاڙي سو ماري نعرو
٢. ڪاڙي بيڪسيءَ ۾ گذاري، ڪاڙي سو حُڪمن وارو
٣. ڪاڙي شرع جو شور مچائي، ڪاڙي ڪچيءَ ۾ ڪارو
۴. جاڏي ڏسو ٽا تاڏي آهي، سندس نينهن نظارو
۵. حقيقت جي حال ڪئون، سچو ٽئي نه ويسارو

(سرآسا)

ٽلهه: جي مون پچو ڙي جيڏيون، آهي برهه بيقراري
بخشش الاهي آهي، ناهي ڪسب اختياري
١. آهي ني عاشقن کي، سوريءَ مٽي سواري
هڪ درد دل ۾ تن جي، پي خلق جي خواري
٢. ڪيائون حجاب ظاهر، هوءِ هوءِ حُسن هزاري
مشتاقيَن کي مارن، خوني سندن خماري
٣. مشرگان وارا مقرر، ڪَشيو مارين ڪاري
عاشق آهي ايلازي، پائي ڪچيءَ ۾ ڪاري
۴. محبوب جون اصل ڪئون، ڪجليون آهن قهاري
آهي اصل أنهن کي، هيءُ سُڌِ سچل جي ساري

(سربروو)

ٽلهه: جي مون وٽ دوست اچي، آءٌ ڦيريون ڏي لک پايان
١. شال نہ ڏسي جيڏيون، ڏنهن هِنَ جي ڪَمَ ڪچي، آءٌ ويڙي ڳڻ ڳايان
٢. جيهي تيهي سرتيون، آهيان سامَ سچي، سر پيرن تي نايان
٣. دل وڃي ٿي دئورجي، ٿو جيئن مهراڻ مچي، پاڻ جڏي ڪي پايان
٤. ساهه سچوءَ جو سرتيون، ٿو انهيءَ رنگ رچي، آءٌ ٻانهي هُو سايان

(سربروو)

ٽلهه: جيڏيون آءٌ ڪا رهندي هوتن ريءَ، هوندیس سانول ساڻ
١. لونءَ لونءَ منجهه لڳي رهيو، ٻاروچاڙو ٻاڻ
٢. وندر سندي واٽ تي، پرزا ڪنديس پاڻ
٣. ويڙا ڏيئي ڏک جو، هِنَ ڏکي کي ڏاڻ
٤. دردمندي دانهون ڪري، چوٽڪ ڪيڙس چاڻ
٥. مانَ اچي ٽئي ڪڏهين، هِنَ مُئيءَ جو مهمان
٦. سچل سگ اوهانجو، سو تا پنهنجو چاڻ

(سرسسئي)

ٽلهه: جي وڃي حُبَ وڃن، انهن کي ڪيئن نہ سڃاڻا
١. چڏي لاڪاپا لوڪ جا، پريان پنڌ پون
٢. ڏونگر سي ڏورينديون، محبت جن کي من
٣. آيل عاشقن جون، ڪُوڪان پيڙم ڪَنِ
٤. اديون هن ارواح کي، تاسف ڏنو تن
٥. سچو صدقي ان تان، جي وڃي درد وڃن

(سرجهنگلو)

ٽلهه: جي هُئين عاشق تہ برسر، مينهن محبت جو وساءِ
ساه جو سانگو ڪرين، تا پيرُ هن پڙ ۾ نہ پاءِ
١. پاڻ ڪُلُ قربان ڪر، هيءَ دَم هٽن جي ناهي جاءِ
آءٌ ادا اعتبار ڪر، آهي هوش نيندڙ هيءَ هواءِ
٢. رت روئڻ راتو ڏينهان، آهي لڇڻ محبوب لاءِ
هي مليئي سودو سهانگو، ڪين ڪي سرڪئون سواءِ
٣. ڪين ڪي مون ڪئون ٽيو، هِيءَ عمر تا ويئي اجاءِ
هي وساري ني ويهڻ، جاني نہ هيئن توکي جڳاءِ

۴. هِيءَ مهل موچاري اٽئي، پوءِ ڪريندين هاءِ هاءِ
هاءِ هاءِ مئون هٿ نہ ايندئي، ويل ويندئي واءِ واءِ
۵. هيءَ حقيقت حال جي، ساري وڃي سائينءَ سُٹاءِ
سو سچو مرشد سچوءَ جو، پير عبدالحق آءِ

(سرجوڳ)

ٽلهہ: جو اڳڙ پيهي اڄ آيو، سو سامي مون تا صحيح سڃاتو
۱. بيراڳيءَ جو بيڪ ڪري، تنهن ڪيڏو هنر هلايو
۲. سِر جٽائون جوڳين واريون، تنهن لڳين بَسمون لايو
۳. مُرليءَ مست آواز اُنهيءَ جي، منهنجو روُح ريجهايو
۴. رانجهو تخت هزاري وارو، مولي آئي ملايو
۵. عطر عنبير اُنهيءَ جي ڪارڻ، مون تا مُشڪ ملايو
۶. پياري هِي سِر پاٽون چاٽي، سچوءَ کي سمجهايو

(سرجوڳ)

ٽلهہ: جو تون پيرا پري آئين، تنهنجي ٽوري هڪ نہ ٽي پڃان
۱. عاشق هتي لکين هزارين، لَنوَ اسان سان ٽو لائين
۲. عيبَ اسان ۾ آهن اَپارين، اُهي پلا ڪيو ٽو پائين
۳. ڏوهہ ڏنگايون ڏسي اسان جون، چِتُ نہ اسان تئون چائين
۴. راتو ڏينهان يار اوهانجا، ڳڙ سچو ٽو ڳائين

(سرتلنگ)

ٽلهہ: جو ٽو ڳولين يار، سو تا تو ۾ آءِ
۱. ڏونگر ڪيڏا ڏورئين، جَئو تون ڪَني لاءِ
۲. هيڏي هوڏي نہ وڃين، پائئي ۾ مُنهن پاءِ
۳. دل واري خاني ۾، سندي جانب جاءِ
۴. اهڙيءَ اوڏائيءَ جي، سچو ڪَلَ نہ ڪنهن ڪاءِ

(سرجوڳ)

ٽلهہ: جو جوڳي زلفن وارو سو سامي مون تا ڪين سڃاتو
۱. ڳل ڪي ڪفني دست پهوڙا، مشعل مُنهن موچارو
۲. انگ پيوت بنائي آيو، بيڪ پني وٽجارو
۳. ٻئي لباس کو رانجهو ايندو، ڇڏي تخت هزارو
۴. سبب انهيءَ ڪئون ڪين سڃاتر، ويو ماريون مُرليءَ وارو
۵. سچوءَ سڃاتو تہ رانجهو آهي، جڏهن حال سليائين سارو

(سرجهنگلو)

ٹلهہ: جوئي آهيان سوئي آهيان، هندو مومن ناهيان
١. نا مين مُلان نا مَين قاضي، نا مَينُ سبق پڑهايان
٢. نا مَين مسجد نا مَين حُجرا، اندر پير نہ پايان
٣. نا مَين کعبہ نا مني قبلہ، مکي مُول نہ جاوان
٤. نا مَين سُني نا مَين شيعہ، سيَد کيئن سڏايان
٥. نا مَين نانک نا مين لچمڻ، گنگا مُول نہ جاوان
٦. يار تہ ميڈا درس درازي، سچل نانءُ سڏايان

(سرجهنگلو)

ٹلهہ: جوئي آهيان سوئي آهيان، غير خدا جو ناهيان ناهيان
١. آدم شيٿ ءِ يعقوب يونس، نالو نينهن سڏايم
کيم طوفان تمام زمين تي، عالم سڀ پوڙايم
هَنومان کائنئم ڏنيم، لَنکا لَنکا باهيان
٢. وامق عذرا ليلي مجنون، کيئي ڏينهن کوڻايم
بديعل سوئي صيفل ٿي کر، برهين بار اُٺايم
سو بديعل سوئي صيفل، لکين ناهہ ٿو ناهيان
٣. شيرين ءِ فرهاد ٿي کر، ٽکر ٽاڪ ٽکيوسي
خسرو ٿي حيران ٿيوسي، حيلا سَوَ کيوسي
ذات نہ ڄاڻان پنهنجي آءُ تہ اصل کئون ڄاهيان
٤. يوسف ٿي زليخا خاطر، مصر بازار وکاٽس
عيسيٰ ٿي وت اشاري، ڇڙهہ آکاس اڏاٽس
رنگا رنگ لباس لکين کر، کي پهريان کي لاهيان
٥. سولي چڑهہ منصور جو ٿي کر اناالحق الايم
شمس ٿي تبريزئون آيس، خوشيئون کَلَ کلايم
لک لباس کري کيئن اهڙا، قاهيءِ ۾ قتڪايان
٦. مدت ڄاڻون نانءُ سچل ٿي، عالم ۾ هن آيم
نانءُ انهيءَ ۾ وحدت وارو، سارو سرَ سڻايم
نعرو نينهن جي ٻاجهون يارو، کونہ سگهو ٻيو ساهيان

(سرجهنگلو)

ٹلهہ: جوڳي آهيان جوڳي ٿيندس، جوڳي جنگ جوانُ
١. نا مين مُلان نا مَين بانيٹ، نا مَين ورق قرآن
٢. نا مَين پوٿي نا مين پوڙي، نا مَين گيتا گيان
٣. نا مين اولهہ نا مين اوير، نا مَين زمين آسمان
٤. کاربهر قتل کيان ٿو، مرليءِ سان مستان
٥. شهر سچل دا وڄ درازين، ناهين مَکي ملتان

(سر ڪليان-تلنگ)

ٽلهه: جو هوم ورونهن وارو، جيڄان ڳڏيم سو تا جوڳيڙو
١. اکين پوئين ڳالهه جو، خيال سليائين سارو
٢. سورن جي سوغات سان، آيو اوڏنهن وڃارو
٣. پسڻ سان پيدا ٿيو، سيني ۾ منجهه ستارو
۴. صورت تنهنجي سڦري، مُنهن مَشعل موچارو
۵. جُڙي ويئو جان ۾، برهه اُنهيءَ جو بارو
٦. آهه سچوءَ جي سرتيون، اهو اکين جو اُجارو

(سرتوڊي)

ٽلهه: جيءَ جون ڳالهڙيون هُيون جَنِ سان
هاءِ هاءِ سانگ چڙهي ويا سيئي
١. ماريس انهيءَ مامري، هيءَ پوءِ اُنهن کان پيئي
٢. وٽي ويندیس آوڏهين حال پنهنجو هيئي
٣. ايندا اٿم آسرو، جيءَ گهريا ٿي جيئي
۴. موڏي مڪائون ڪيترا، ڏک ڏوراپا ڏيئي
۵. جيءُ وڏو آ جارَ ۾، تن نياپن نيئي
٦. سچل سنيهها ٻُڌي تن جا، ميان ٻَڌُ ٻانهون ٻيئي

(سرجهنگلو)

ٽلهه: جاني جدائيءَ ماريو، ڏينهن ڏهيلا گهوريا
١. اصل لاکُون آهيان اوهانجي، هيءَ ويچاري نا وساريو
٢. نانءَ سائينءَ جي اسان نماڻن سان، اچي سو گڏ گذاريو
٣. مشتاقن ڏي مهر پئي تان، ڪٽي نيڻ نهاريو
۴. پري نه پاڻون يار ڪريجو، پنهنجي وَٽ وهاريو
۵. سڳ سچل آهي در تنهنجي جو، پنهنجي سو ڪَيَ قطاريو

(سرمارئي)

ٽلهه: جائي وڃيئي ڪيئي سائي، هن ڏکيءَ کي ڏوهه ڪيهو ڪيهو
١. ڳالهه اوهان جي سپ عالم ۾، گڏي سا عشق اڏائي
٢. حال منهنجي جي هوت پنهون ري، توکي سُڌَ سپائي
٣. پاڻ لکائي سِرّ پنهنجي کي، وري گهمايئي وائي
۴. ڳالهه ڳجهيءَ جي دوست پيارل، ڪَلَ نه هُن کي ڪائي
۵. سائي نباهج نانءَ ڏيءَ جي، لَنوَ سنچل سان تو لائي

(سربرو)

ٽلهه: جِيءَ آئين پلي آئين، ڪيچي ڏئو ڪالهه ڪاڻي
۱. سگهو سگهو تون ڏيج سنيها، ڏينهن گهٽا چو لائين
۲. ٽورا لائين هن ٽڪيءَ تي، پير اڳڻ جي تون پائين
۳. پاڻ توئي تئون ڪريان قرباني، جو ڳالهه سڄڻ جي ٽو ڳائين
۴. طرفون تنهنجي هِيءَ نماڻي، سپ پلائي ٽي پائين
۵. ڏيهَ سڄڻ جو ڏسيون ڏهاڙي، سچل ٽو ڪانگ اڏائين

(سرجهولٽومارئي)

ٽلهه: جاليُئي جن سان ٽي وو، تا مارون ڪيڻ ويا
هوءِ هوءِ حالڙو، ڪنهن سان ڳرهيان
۱. پڪا پٽي اُتهون، ويا پرئين پنڌ ڪٽي
راتو ڏينهان روح ڪي، اوڏنهن گهُرَ گهٽي
۲. گهڙي جا هت گهاريان، سا ويڙيچن نہ وٽي
جهليان شأل وڃي، اُن پَهُن جي پٽي
۳. مون من ماندو مارئين، جاڻي هڪ ڏٽي
پڪا پانور ڪندئين، هو جو ويٺا حال هٽي
۴. جدائي جهانگيئڙن جي، منهنجي باب بٽي
سچل سنگهارن جا، هت ويٺي ڳڻ ڳٽي

(سرجهولٽوبرو)

ٽلهه: جاني آءُ ڏي جاني ميان، آءُ تا روز پچان ٿي پانڌيون
۱. تنهنجي اچڻ ڪاڻ، آءُ هت پوڻيون پتايان
سنجهي صبح سرتيون، ٿي پانڌي پچايان
ڏاها تنهنجي ڏيهه ڏي، ٿي ڪانگل اڏايان
۲. پُرين تنهنجي پار ڏنهن اچي قاصد ڪوئي
حال سٽايان پنهنجو، تنهن رهبر کي روئي
جاني جال اسان جي، هاڻي هجر ۾ هوئي
۳. دلبر تنهنجي ديس ڏي ٿي ڏسان ڏيهاڙيون
نانءُ تنهنجو سپرين اسين وَسِ نہ وساريون
ڳچيءَ پائي ڪپڙو اسين ڪريون ٽا زاريون

۴. آئي ويئي اوتيان، آءُ پنبئين مان پاڻي
اچي ڏسج سپرين، تون حال منهنجو هاڻي
دردمنديءَ جي دل ۾، تنهنجي سڪ سامائي
۵. تاڪون سڃڻ تهانجي هينڌڙي حيراني
ڏيئي ڏکيءَ کي وئين، تون نِينهن تہ نشاني
سدا سچل آهي ميان، تنهنجي ڳچيءَ ۾ ڳاني

جھ

(سرسسئي)

ٽلهہ: جُهليو جن تي حال، انهن کي آءُ ڪيئن نہ سڃاڻان
۱. مڃن ماضي کين کي، نڪو استقبال
۲. لکو ناهي لوڪ ڪئون، انهن جو احوال
۳. جي مون پڇيو جيڏيون، آهي ورهہ وصالُ
۴. ووءِ ووءِ ٻاجهون تن کي، نڪو قيل نہ قالُ
۵. سچو سڃاتو تن کي، جن کي عشق ڪمالُ

(سرمارئي-پيروي)

ٽلهہ: جهانگيئڙن ڪئون جدا ٽيڙس جيلاهون،
سُهڻيسين سُورَ ڏسان هت تيلاهون
۱. مارو شال وري مونکي ياد ڪري،
پلڪ ڪانئس جي هت پيس پري،
مانَ حال ڏسي اچي اوراهون
۲. هُئي هُئي حال منهنجو عمر هي آهي،
انهن ٻاجهون جيئڻ منهنجو ناهي،
پنهوارن ڪئون وو پيس پراهون
۳. قسمت قيدالماءِ جي هت آندو،
انهن ٻاجهون آهي هينڌڙو ماندو،
وساريو مونکي جهانگيئڙن ڇاهون
۴. راتو ڏينهان وو رُوئان ٽي ساريون،
ويئي دَرِ الله جي ڪريان تي زاريون،
ٻڌندو آهو هِي هن جو ايلاهون

۵. وري پنهنجي پکي آءٌ پيهان،
سگهڙي مارن سان لاوان شال لهان،
ويٺي ڪريان اِهي آهون ۽ دانهون
۶. ڇڏي محل ماڙيون وڃي پَٽُ پسان،
بيگانن ڪئون وڃي پنهنجي راڄ رَسان،
ڳالهيون ڳرهيون ڪي ڏيئي ميان ڳل ٻانهون
۷. سچل سنگهارن سان هيڪاندو ٽيان،
گڏجي انهن سان پاڻي مينهن پيان،
ڪينءَ جي خبر وو ايندم اوڏاهون

چ

(سر مومل-تلنگ)

ٽلهه: چُرڻ پُرڻ وارو ڪيُر، هِيءَ ڪُجهارت ڪوئي ٻيڃي
۱. ڪير چوي ٽو ڪير ٻُڌي ٽو، عجب جيهو ٻير
۲. سُڌِ تهين کي سِرَ انهيءَ جي، جيڪو پائي ايڏهن پير
۳. سچو سچ ته ڳالهه اسان جي، سمجهي کو مڙد مٿير

(سربلاولي)

ٽلهه: چشمن يار جي مون تي، چئو جا چوٽ چکائي
۱. دردمندن جي دل اچانڪ، آڻي عشق اڙائي
۲. اسان نماڻن تي روز ازل ڪئون، تنهنجي حُسن هَلائي
۳. ٻنهي اکڙين سيف ستم جي، چئو جو آڻي چمڪائي
۴. ٻڌيجي بره جي سيني اندر، سچل هن خيال کپائي

(سربروو)

ٽلهه: چرخو چوريو ڙي، ايندوَ ڪرُ نه ڪتڻ
جاڳو جاڳو ڙي، ڇڏ ڪٽي ساوَ جو سمهڻ
۱. هت کيئن ريڙهين راند ٻر، وسري ويئي موت مرڻ،
اڳتون هلندينءَ هوت ڏي، کيئن ٽيندئي ڪنڌ ڪٽن
۲. جيئن ڦوٽو پاڻيءَ ٻر تري، تيئن ٽٽئي جان جيئڻ
خوبي ويندئي نکري، جائين هُئين نه جڙ
۳. واندي ويهه نه ويسلي، ڪرڪا ڪار ڪتڻ،
پاندي لائج پريت سان، جتي عشق اتڻ
۴. صاحبڏنو چوي سڪُ تون، پرواني جيان ته پچڻ
سڙڻ سکهن کين کي، اهڙي رنگ رچڻ

(سربرو)

ٽلهه: چئو ميان عشقا ڪَئين ڪَئين، تون سوين سيلَ بنائين ٽو
١. يا تون آهين ذات ديوانو، جو ڪيڏا ناهه ٺهائين ٽو
٢. ڪاٽئين مُلان قاضي تون، ڪاٽئين سَيد سڏائين ٽو
٣. ڪاٽئين مُغ برهمڻ تون، ڪاٽئين هانگ هڏائين ٽو
۴. ڪاٽئين مُنهن ۾ محراب، ڪاٽئين تلڪ لڳائين ٽو
۵. ڪاٽئين تسبيحان تون سورين، ڪاٽئين جٽيا پائين ٽو
٦. ڪاٽئين پيرين آهين پيادو، ڪاٽئين بورُ بچائين ٽو
٧. ڪاٽئين منبر واعظي، ڪاٽهين پوٽيون پٽائين ٽو
٨. ڪاٽئين زربفت قبائون، ڪاٽهين ليڑان لڙڪائين ٽو
٩. ڪاٽئين ڏئين شرعي فتويٰ، ڪاٽئين منصور مارائين ٽو
١٠. ڪاٽئين هنومان ڪونائين، ڪاٽئين ڏهيسر ڏسائين ٽو
١١. ڪاٽئين ٽئين رام يا سيتا، ڪاٽئين ڇمڻ لڪائين ٽو
١٢. ڪاٽئين نمرود ابراهيم ٿي، ڪيئي بيڪ بنائين ٽو
١٣. ڪاٽئين ٿي فرعون يا موسيٰ، سڀ صورت ۾ سمائين ٽو
١۴. ڪاٽئين ٿي پاتشاهه ملڪ جو، سارو ديس دهائين ٽو
١۵. ڪاٽئين ٽئين غرض گداگر، ڪاٽئين ٽوليون ٽڪائين ٽو
١٦. ڪاٽئين مفتي تون خدائي، ڪاٽئين اناالحق فرمائين ٽو

(سربرو)

ٽلهه: چيم آخر هڏي هٿڑا، اڳيون دلبر تو ايندا سون
چيائون ايندين تہ چا ٿيندو، ڏسڻ مُنهن ڪين ڏيندا سون
١. چيم دلبر تنهنجي در تي، اچي ٿيندس مان دربا ني
چيائون تنهن طرف هرگز، نہ پوريل در پٽيندا سون
٢. چيم دلدار ڪي آهيان، فقط هڪ بوسيٰ جو سوالي
چيائون ڪين اهڙا سوال، مُورئون ٿي مڃيندا سون
٣. چيم اي دلربا دلبر، نہ ڪر گم آبرو منهنجي
چيائون هي ايجان چاهي، سوين پيا سُور ڏيندا سون
۴. چيم منهنجي مرڻ ڪانپو، اچين مَنَ تون مرقد تي
چيائون جي ڏڻوسي ڪٽ، لتاڙي لوڙه ويندا سون
۵. چيم دلبر مٽا دم دم، پرتو ٿي سچل سائل
چيائون ڪيم لوڙهج دل، اوهان آخر گڏيندا سون

(سريمروي-بروو)

ٽلهه: ڇپر تا نہ ڇڏيندين، ڀلو پنهل يار
١. پاڻ سڃاڻي پنهنجو، گولي ساڻ گڏيندين
٢. اڳئ آروند جي، آرياڻي تون اُيندين
٣. اهو الر آسرو، نال نماڻي نيندين
۴. پکا پکن سامهون، اوري شال اڏيندين
۵. سڪ ۽ سُور سچوءَ کي، بلوچا بخشيدين

(سرسسئي)

ٽلهه: ڇڏي هوت حُجّت، ڏي آءٌ ٽيس نانءَ نماڻي
١. اڇي مونکي کين ڪي، ڇڏي لوڪ لڏت
٢. وڏو آهي مامري، مونکي تا محبت
٣. ويا نڏر کان نڪري، اولي رات اُڇت
۴. سُور تنهنجا سپرين، رُڳا ئي راحت
۵. مونکي ٽيلهڻ آيا، پيرن سان پربت
٦. سچو سڪ اوهانجي، واڳيو ۽ وحدت

(سرڪوهياري)

ٽلهه: ڇاکي ڏونگر ڏوريان، مَنِ وسي يار منهنجو
١. پرين آهي پاڻ سان، تڪ ٻيا ڇو توريان
٢. راتو ڏينهان روح ۾، آرياڻي ٽي اوريان
٣. سيڪنهن پارين پاڙي سپرين، آءٌ گهٽو ئي گهوريان
۴. هوت هميشه حاضري، ولدر ڪنهن لڳ ووڙيان
۵. سچو سچي ڳالهڙي، چت اِهائي چوريان

(سرڪليان)

ٽلهه: ڇو ڪرين ٽو ارمان، جيڪي آهين سوئي ٽيندين
١. الر اوير اولهه ڏکڻ، سرزمين ڇا اهو آسمان
٢. پاڻئون ڄاڻي پير گهمائي، ٽي صورت ۾ انسان
٣. الڻ ويهڻ جاڻ اهوئي، آهِ ڪُلّ يوم هُو في شان
۴. "ڪُلُ شيءٍ يَرجعُ اِلي اَصلِه." قادر ٽيو قران
۵. هادي ۽ حقيقت هِيءَ پُرجهائي، سچو تون سلطان

(سرتوڏي)

ٽلهه: ڇڏ غُصو غمناڪ سان، اچي مِلُ تہ ماندائي لَهي
١. سُڌِ سَيِا توکي پريان، جيڪا وَاڌوڙِيَنِ سان وِهي
٢. سُور سيبائڙ جهڙو، پر جِيءَ جدائي نا سهي
٣. پاڻڻون آيا هِنَ پُور هي، ڪِي تو مُڪا پريم پَهي
٤. سچل ويهاريو وٽِ ہر، هِي ٽاهُ تڏهين ڪو ٽهي

(سرجوگ)

ٽلهه: جو ٽو ڇڏين جو ٽو ڇڏين، آءٌ تا ٿُنهنجڙي آهيان
١. مون کي هاڙ پاڙ پنهنجو پاڻهين، ساڻ غريبن گڏين
٢. پکا پکن سامُهان، اوري سو دلبر آڏين
٣. سچل نهاري واڙيون، ايندين تون صاحب ڪڏين

(سربروو)

ٽلهه: جو ٽو ڇنين جو ٽو ڇنين، محبت لائي جڙيا جاني مون سان
١. ٻانهون ڪِيڙَوَ پرين پنهنجو، گٽڻ سان ڳنهين ري
٢. جوڙي هَنيون جان ہر، اکين ٻاڙ ٻنهين ري
٣. آلا ڏٽ فراق جا، رکيوَ اچي پاڙ پنين ري
٤. سڳ سچل ڪيو در تنهنجي جو، اصل ڳالهه انِهين ري

ح

(سريمروي)

ٽلهه: حَقَ اناالحق ٽي چيو، پر منجهه نظر منصور هو
منجهه شرع شرڪت چون، منجهه معرفت منظور هو
١. وَسُ نہ هو حلاج جو، ڪوئي محبتي مخمور هو
سِرُ نہ جي سوريءَ ڏنائين، قرب ہر ڪو قصور هو
٢. هوءِ حيرت ہر هڻڻ، تنهن دائمي دستور هو
سِرُ مٽي سوريءَ سڻڻ، تنهن ذوق مون ٻہ ضرور هو
٣. عين حق جي فوج ہر، تنهن مست جو مذڪور هو
مشرق ۽ مغرب تهين جو، مرتبو مشهور هو

۴. عام کي ارمان تَنهن جو، حُرَ کي به حضور هو
حال ۾ حلاج هَئي هَئي، موج ۾ مسرور هو
۵. سِر ۾ توحيد جي، کيئي سالَ مَلهَ مسرور هو
پوءِ سچو نينهن نيو تنهن، چهچٽي چکچور هو

(سربروو)

ٽلهه: حاجي حج اڃ کيوسي، کعبي مُنهن محبوب جي
۱. هاڻي حاصل سرتيون، اکبر حج ٽيوسي
۲. ٽيو قبول ته اسانجو، جيکو عرض چيوسي
۳. هِيءَ تَنُ طوافي ٽيو، وڃڻون غير ويوسي
۴. هاريون ري حرمين ڏي، سندن نامُ نيوسي
۵. اُنهيءَ ٻاجهون ناهه کو، اهو احرام ٻَڌوسي
۶. اِهو کعبو اِهو قبلو، سچو ڏِسُ ڏَهيوسي

(سرجهنگلو)

ٽلهه: حال اچي ڏِسُ هاڻي، وَهي ٽو پنبڻين مان پاڻي، پاڻ ڄاڻي
۱. آءُ کيزڪ مُلهه خريدَنُ، سائين تون پاڻ سڃاڻي
۲. سُڌ لهج تون سگهڑي منهنجي، جاني کيوَ جا جوکيهاڻي
۳. ڏيئي ڏيکاري پاڻ ڇُپائيو، ٻلي اهاَ توکي ٻاڻي
۴. روز ازل کون در تنهنجي تي، والي سا هِيءَ وکاڻي
۵. سيني اندر يار سچوءَ جي، سڪ سندئي ساماڻي

(سربروو)

ٽلهه: حال منهنجو کونه هو جيڏيون، پنهنجو ڪرم ڪيائون
۱. معاف ڪيائون مَديُون، ڏوهن ڏي نه ڏنائون
۲. جيکو حال احوال هو سائين، پاڻٽون واڻ پڇيائون
۳. پاڻ پنهنجو پاڻهين، ساڻ غريب گڏيائون
۴. سچوءَ کي کيئي سرتيون، ٽي دلاسا ڏنائون

(سربروو)

ٽلهه: حال هلڻ جو مون ناهي، آءُ تا کيچ پهچان کِيئن
۱. ناتو نمائيءَ جو اصل توسان آهي، هِيءَ هوت نه ڇڏج هِيئن
۲. تون ته صاحب سپرين سگ نه ٽي کو ساهي، ڪر جاني وٺيئي جِيئن
۳. پسي حال حقير جو، آءُ کوهيارل کاهي، ڪر سچو پنهنجي سِيئن

(سرسسئي)

ٽلهه: حيلا ڪير هزارين، مانَ ٽِڪَنِ مون وٽ رات
۱. ڪرهَ قطاري هليا، بودا پلاڻي پريات
۲. آءٌ ستي هُو هليا، توڏن جي ڪَيوَ تاتِ
۳. سُور ڏنائون سوڪڙيون، ڏک ڏنائون ڏات
۴. پرين ساري موڪلي، ڏانهن سچوءِ سوغات

(سرجهنگلو)

ٽلهه: حُجّ ٽُٽي ڪَير هاڻي، ماريس تنهنجي ماڻي، الله جاڻي
۱. تنهن ڏينهن لاکُون يار اوهان سان، لايو نينهن نماڻي، الله جاڻي
۲. ويڻي ڏسان واٽ اوهانجي، آءٌ ٻلا هِنَ ٻاڻي الله جاڻي
۳. جيهي تيهي آهيان اوهانجي، سائين تون پاڻ سڃاڻي، الله جاڻي
۴. راتيان ڏينهان يار سڃڻ ميان، تَنُ توئي ڏي تاڻي، الله جاڻي
۵. ڏوڙا طالع ٽين سچل جا، الله جي توکي آڻي، الله جاڻي

(سر پيروي-جوڳ-ڪٿولسيو)

ٽلهه: حسن تنهنجو ٽو اچي، طرحون طرح ڏيکار ۾
هڪ هُئين آئين وَري، ڪنهن شوق مئون به شمار ۾
۱. ڏوريان الهيءِ دم ڏور ٽيا، واقف پيا ويچار ۾
حاصل نہ ٽن جيئي پيا آهن، سندي انڪار ۾
۲. محرم ٽئين منهن جي وجهين، هن تَنَ سندي طومار ۾
جي تو چوين آءٌ شاهه ٽيان، گر ٽي يڪايڪ يار ۾
۳. رک هوش تا مدهوش ٽئين، غمزون آلئي گفتار ۾
ساري پويئي سُڌِ تا صحيح، جي رخ رکين رفتار ۾
۴. پوءِ تا پڇج هِيءَ ڳالهڙي، اول اچج اعتبار ۾
قابل هُئين ڪر پالهِنجي، صورت سهي سنسار ۾
۵. ڪر گوش در گوش، جي ديدان رکين ديدار ۾
آهي سچوءِ تي نام جي، ناهي ٻيو نروار ۾

(سر جهنگلو-پيروي)

ٽلهه: حڪم تنهنجو ٽو هلي، پر ڏوهه پاڻئي کي ڏيان
١. آهي "فعالُ لّما يُريد،" نانءِ هِي ڪاڏي ڏنيان
٢. آهي "وَبي يُنطِقُ و بي يُبصِرُ،" تِرُ نه هڪ تو ريءِ جيان
٣. جاڏهون اچي ظاهر ٽئين، هَلُ هيج مئون تاڏي هيان
٤. "يُرجعُ اِليٰ اَصلِه" ائين، سُڻُ مامَ هِيءِ مونهان ميان
٥. گم نام غمزي ۾ ڪرين، ساڳيو سچو سوئي ٽيان

(سرمومل)

ٽلهه: حالَ منهنجي هاءِ هاءِ، تو رِيءِ لَهنِ هي ڏينهڙا
١. آهي هن احوال تي، وَلَهه تان واءِ واءِ
٢. دوست تنهنجي ديس جي، اڪند اسان کي آءِ آءِ
٣. ڏسيون ڏهاڙي آءٌ ٽي روئان، جانب تنهنجي جاءِ جاءِ
٤. ڪاڪ نه لڳي ڪس مون، سوڍل تنهنجي ساءِ ساءِ
٥. سوڍا ستاري ڪري، پير اڳڙ منهنجي پاءِ پاءِ
٦. دردمندِيءِ جون دانهڙيون، واليءِ لڳ ورناءِ ورناءِ
٧. سوال سچل جا سپرين، لالن دل سان لاءِ لاءِ

(سربروو)

ٽلهه: حال معلوم توکي هيئي، آءٌ تا وَسِ نه ويئياسِ
١. پرين تنهنجي پارَ ڏي، قاصد مُنجان ڪيئي، ايڏنهنِ منهن ڪيون بيئياس
٢. چڏي وَڃ نه چپرين، مُنج دلاسا ڪي ڏيئي، تنهنجي محبت ماريا‌س
٣. چئي ٻڌايان سرتئين، هن سهاجهر سيئي، آءٌ تا وارُ نه وسرياس
٤. پاڻيون پري نه ڪرين، آءٌ پَلو اوهانجي پيئي، تنهنجي پکي ني پيئياس
٥. ساڻي ڏيج سچل جا، اهي نياپا تون نيئي، آءٌ تا ڪهڙو اڪنڊياسِ

خ

(سربروو)

ٽلهه: خبر ڪا مون ڏيو ساڻيو، عجيبن جي اچڻ جي
١. ڪيچڙن جو قافلو، وچينءِ رات ويو
٢. ائين نه چڏيو چپرين، هِي تا نال نيو
٣. تَوڙي ورهه وهاريو، ڪنديس ڪونه ٻيو
٤. وندر سندي واٽ تي، مون صدقو سِرُ ڪيو
٥. چڏ ساها سنبرڙي سچل، جي تو پُور پيو

د

(سرجهنگلو)

ٽلهه: "دَعْ نَفْسَكَ وَ تَعالِ" آڻي ڳجهي اها ڳال

١. خاڪي جسم کئون ڪر جدائي، بحر عدم جي ۾ جال
٢. خيال وجودي ڇو نہ وسارين، ڪرين ٻي قيل مقال
٣. ڳالهيون ڪوڙيون ستِ سيئي، پئو تون خاص خيال
۴. ڪڏهن نہ ٽيندئي حق سو حاصل، جي تو بت بحال
۵. گرد غبار ۾ ڪاءَ نہ غوطا، سچو ري پاڻ سنپال

(سرجوڳ)

ٽلهه: دَم دَم جا ديدار، اپر اسان جي نارَ تي

١. بگا ڏاند ٻڌائون ٻيئي، تن جي ڳالهه ڪريان آءٌ ڪيهي
وهن ڏاروڏار، ڳاڏيءَ جي ڳٽ ڪار تي
٢. ٻاروني هڪڙي چڪريُون ٻيئي، اَرا انهن جا آهن اُهيئي
وهن باروبار، لٽ واريءَ للڪار تي
٣. ڦرهيون ونگڙوُن وهن اوپاريون، ارڙيون سُونهن بابهه موچاريون
جهلڻ جا جهجهڪار تي، لوٽن واري ڏڏڪار تي
۴. ڏوڏي چونڪ جوئر جانسري، ڳنان تنهن جا ماڪي مصري
ڪيرن جا ٻہ خمار، پيهن جي پونجار تي
۵. ڪا ٔن ڪانگيرو وهين واهيرو، ڪيرن ڳيرن ڪيو اچي ڳهيرو
ڳوڙهن جا وسڪار، جهرڪن واريءَ جهارَ تي
٦. نيسرِ پڙچ ۾ آيو پاڻي، سَتگر ٽيڙمُ سُجَ ۾ ساڻي
پوک پچي ٽي تيار، ڪم سچل جا ڪلتار تي

(سرتوڏي)

ٽلهه: دارُون نہ ٻيو ڏئين، آهي طبيب عشق منهنجو

١. دهليون دارونءَ سنديون، موتي نال ڇو نئين
٢. ڳالهه اهائي عاشقن جي، هِيءَ لائي سان هينئين
٣. اوڏنهن اولانپو آيو، ڇو ويڄ ڏي وئين
۴. رک سچو سوز سيني ۾، تا تون سچو ٽئين

(سرجهنگلو)

ٽلهه: دل اتي وڃي پيئي، جاءِ جتي دم ناهي

۱. شئي عجب جي پار اسان جي، ڏس مڪائون ڏيئي
۲. خيال لڳو سين وڃي اتاهين، وائي ٻي سڀ ويئي
۳. دهشت واري موج ڏسي تا، ڪوپا موٽيا لک ڪيئي
۴. نيڪي بدي تَنِ برابر، جَرِ گهڙيا وڃي جيئي
۵. بحر عميق ۾ سٽو ري سرتيون، نانءُ وجايم نيئي
۶. حال منهنجي جا محرم آهن، سچو ڏي واقف سيئي

(سربروو)

ٽلهه: دل جوَن ڳالهيون، آءُ تا توسان اوريان

۱. ڳجهيون ڳالهيون كريان كِنِ سان، تَكَ ويٺي ٽي توريان
۲. سڳو تنهنجي سڪ جو، ساهه اندر ٽي سوريان
۳. سڪ اوهان جي سَرُ ٽي، ڏيهه سارو ئي ڏوريان
۴. راتو ڏينهن ڪاڙ اوهانجي، چِتَ ۾ چرخو چوريان
۵. اگڙ سچوءَ جي آءُ تون پيارا، پاڙ گهٽو ئي گهوريان

(سرجهنگلو-ڪنونسيو)

ٽلهه: دل چپن سان جي چمين، پير مڱان جي آستان
محبت سچي محبوب جي، بانكا وڃيتون باس تان

۱. ڪي ڏينهن مون محبوب لئي، ورد وظائف ٽي پڙهيا
جڏهن عشق آرانيا ڏنا، ٽيون خود خدا جون خواستان
۲. جڏهن شوق مون شامل ٽيو، ٻيو خيال خاطر ڪئون ويو
هڪ واسطو تنهنجو رهيو، وسري ويون ٻيون واسطان
۳. راهون سيئي گمراه ڏيون، جي مون پچين تون ڳالهڙي
ڪر گذر ٻي گوڙ ڪئون، ٽئي راه ربَ جي راستان
۴. رنگ روح كي جيكو لڳو، دنيا ۽ عقبيٰ يو ٻڳو
غمزي تهين گم كُلُ كيو، وَهه واهه ٻيا وسواس تان
۵. عشق جي ڏي جيڏيون، ناهي تماميت ادا
چاهُون چوائي ٽو گهٽو، هيءَ درد مونكي داستان
۶. سچو سدا سڪ ۾ رهين، متان تون جهلين روئيون اكيون
هُتِ درد وارن جي پرين، پاٽهين كرن ٽا پاس تان

(سرجوگ)

ٽلهه: دل ناهي منهنجي وَسِ، ڙي جيڏيون ڪيئن ڪريان
١. انهن اکڙين کي، ناهي ڏٺ ڪٽون بس ڙي
٢. اصل لاکُون آهيان، پاڙيچيون پَروس ڙي
٣. ڪاکيُون آهه نه عام سان، روح منهنجڙو رَس ڙي
۴. ٻاجهون ويڙهي دوست جي، ٻي ڪالهه نه لڳي ڪَس ڙي
۵. ساهه سچوءَ جو سرتيون، دوست وٽي ڪيو وس ڙي

(سريلاولي)

ٽلهه: ديس اسانجڙي آيو، ٻڙيون ٻاروچو مولي سو آڻ ملايو
١. اچڻ ٻاروچي جي ڪَل نه آن کي، تيلهان ٽيون ورهُ وسايو
٢. ويڙهي اوهانجي وسي ٻاروچو، پري چو پنڌ پچايو
٣. اڳڻ اوهانجي آهي سدائين، گهوري تا پاڻ گهمايو
۴. آءٌ نماڻي عيبن هاڻي، پاڻ پرينءَ پرچايو
۵. پنڌ ويٽي يارَ سچوءَ جو، ڪيو سو هوتَ سجايو

(سرسسئي)

ٽلهه: ديس ڇڏي پرديس ويو، هاڻي هوت مونکي هيئن ماري
١. اُنهن ٻاجهون سرتيون، هِي گوندر ڏينهن گذاري
٢. راتو ڏينهان روح مُنهنجو، سات ڏٺين کي ساري
٣. دعا ڪريجو جيڏيون، شال وهنر کين وساري
۴. ساريو صورت سڃڻن، هي ڪالهه اسانکي ڳاري
۵. ويو ويساهي نڪري، چار ڳهڙيون پنج گهاري
٦. راهان اچڻ آن جون، سچو نِتُ نهاري

(سرتوڏي)

ٽلهه: ديواني هن جي دل کيَو، کو دوست دلاسو ڏيو
١. تو ٻاجهون سانول سائين، ڇئو کير کو پچندو ٻيو
٢. توهُون الاجي کيئن سائين، سو وعدو وسري ويو
٣. گهرجي سعيو تنهن جو گهٽو، جو پيش اوهانجي پيو
۴. کنهن کي ڏيان هِيءَ دانهڙي، هُئي برہ بيراڻي کيو
۵. هَئي هَئي ني هڙو حالڙو، اي يارَ تا تو ريءَ ٽيو
٦. هيءُ ساهُ منهنجي سرير مئون، هَي تا تنهنجن نازن نيو
٧. نِجهري نماڻيءَ جي اچي، هڪ ڏينهن لالن پاءِ ليو
٨. ڪيو کالهه هادي قول تو، مڙني اکيون مون سان اهو
٩. "هوندس سچو تو ساڻ آءٌ"، تو پير عبدالحق چيو

(سرسسئي-تلنگ)

ٽلهه: دوست دلاسو ڏجي، ڏاها ڏکوين کي ميان
١. اول لائي پوءِ نہ ڇنجي، پرت نباهي نجي
٢. پرجهي ڏسج پرين پانهنجو، هيئن نہ کا ٻُل ڪجي
٣. ڳالهيون تنهنجيون يار ٻاروچا، راتو ڏينهان هِن هِجي
٤. وِرهَ وارن سان يار ڏهاڙي، ڏک ٻائي اچي ٽجي
٥. قاصد ايڏنهن جا چَوَن اٿين مون، هوت ايندئي اڄ اجهي
٦. ڏنگايون ڏي ڏِسُ نہ منهنجي، سپ اوهان کون ٽو سجهي
٧. اچڻ ڪارڻ هوت اوهانجي، سچو فالان ويٺو وجهي

(سربروو)

ٽلهه: دوست دلاسو ڏيئي، ڏک ڏوڙو وري ڏيندءِ
١. متان ويهين ماڻ ڪري، يار سڃڻ سان تو پيئي، ساڻ نيڻن دل نبندءِ
٢. مون تا ڏٺا ڪيترا، ماريا سي ڪجلين ڪيئي، اڄ صبح تو وٽ ايندءِ
٣. سچل آڏو سڃڻين، ٻانهون ٻڌي آءٌ ٻيئي، سپ بديون بخشيندءِ

(سرتوڏي)

ٽلهه: دوست کي دانهون سٽي، مانَ مهر ڪا مون ڏنهن پوي
١. دردمندءِ جي دَرَ اَتي، ٽو ڪانگ لاکيٽو لَنوي
٢. پيغام پرين پارَ جا، چشمن اَتي ويهو چوي
٣. عاشق آهي اَڪنديو گهٽو، ٽو راند روئڻ جي روي
٤. سِرَ پَرِ اسين ايڏنهن اچون، يا ڪي اوري ايندئي آوي
٥. سچل سدا سڪ سوز ڪٽون، پيو ماڻ محبت جو موي

(سرجهنگلو)

ٽلهه: دل جا دلبر يارَ، سِکهو سِکهو ايندو رهين
١. اسان نماڻن جي نانءِ سائينءِ جي، لهين تون سارَ سنيارَ
٢. پارَ اوهانجي ڪيئي مُڪاسين، قاصد سَوَ هزار
٣. اوهان ٻاجهون يار پيارا، آڇن ٽا اوتارَ
٤. سي تون پاڙج پانهنجا، ڪيَوَ جي قول قرار
٥. هُوءِ جا هُبڙي مٽي منهنجي تي، ڪرين سا معاف ميارَ
٦. سچل اوهان لئي يار سياڻا، روئي سو زاروزارَ

(سر برووـجوڳ)

ٽلهـ: دوست تنهنجي درد جي، هِيءَ ڳالهـ آءٌ ڪنهن سان ڪريان
١. ڇڏ پرين پرڏيهـ تون ميـان، ڏک اوهان ٻاجهـون ڏيڻان
٢. دوست رَهُ هِنَ ديس ۾، سُرَ منجهـون سُورن پـريان
٣. لَکَ سيئي وِيٺي لنگهيس ميان، آءٌ پُور مئون اوريان پريان
٤. سـاڻ چرخي چت جي مـيـان، وِرهَ جا ڏاڳا وَريان
٥. سِرُ سـچل چوي پنـهنجو، دوست تـو آڏو ڏريـان

(سربروو)

ٽلهـ: دردمند جي دل جو ميـان، شـوقي يارُ شـڪـاري
١. يار سـهـڻي جون ڏسـو ڏهاڙي، ڪَنِ ٽـيـون خون خمـاري
٢. سـورن وارن ڪي سـيني اندر، مـاري قـيـبـر ڪاري
٣. چشـمـان چوٽڪ ڏاڍو لائين، ڪجليـان هِن قـهـاري
٤. ٻانهـون سي ٻڌيم اڳيـون اُنهن جي، زاريَ سَوَ لک زاري
٥. دل اسـان جي لٽ نين ٽـيـون، ٻئي چشـمـان چاري
٦. پاڻان ڄاڻي ظاهر ڪيـائين، هوءِ هوءِ حـسـن هزاري
٧. جيءَ سـچل جو جار وڏائون، ڏيئي پـاڻ ڏيڪاري

ڏ

(سر بلاولي-جهنگلو)

ٽلهـ: ڏسـو عشق جو انصاف، سـيئي مذهب ڪيائين معاف
١. مَکي وڃـڻ مـقـصـد ڪيـهـو، ڪر انـدر تَـنَ طـواف
٢. وادي ۾ وحـدت جـي جُـڙي لام ڪـاف
٣. "الانسـان سِرّي وَ اَنَا سِرّهـ،" غازن آهي صـاف
٤. جـوئـي مـذهب عـشق جـو، سـوئي آهي غلاف
٥. سـچو انهيءَ ڳالهـ ۾، خَسِ نـه آهي خلاف

(سربروو)

ٽلهـ ڏس ڪهڙيون ڦيريون پائي، اهو لَکَ لکوٽي يار سڃڻ
١. غمـزي هن حـيـرت ٽي، جو عـشق لکن سـان لائي
٢. عـلم عـقُـل ويـو اڏري، عـيـن عـشق جي آئـي
٣. طبَل سپ تَم ٽـيـا، جـڏهن نـوبـت نينهن وڄائي
٤. نحـو صـرف ويو وسـري، جاتي پاڻ خيـال ڪـپـائي
٥. رمـز پنهنجي راز جـي، سـچوءَ کي سـمـجهـائي

(سربروو)

ٽلهه: ڏنو هِيءَ پانڌيءَ پيغام، تنهنجي اڳڙ اڄ يار اچي ٽو
١. عاشق عجيبن جو، توکي سو لک آهي سلام
٢. سڀ قبوليو سپرينءَ، جيڪو ڪيئي ڪلام
٣. پڪو آهي پرينءَ جو، توسان اڄ انجام
۴. روءُ نہ رت اکين مٿون، عاشق کر آرام
۵. سچو گڏجن پوءِ پي، آهہ نہ طلب تمام

(سربروو)

ٽلهه: ڏيئي مون ڏيکاري، وَريو ويو در تون دلبر
١. ڏئہ اکڑين سان، هوءِ هوءِ حسن هزاري
٢. وَسُ نہ هن جو ڪو هيو، هوش نئين هَسواري
٣. دين ڪفر اسلام ڪٿون، برهہ ڪيتي بيزاري
۴. ڪنهن در ڏيان دانهڑي، مونجهہ انهيءَ مُون ماري
۵. سوز سفيران لايون، هِنَ چُڪيءَ کي چوڏاري
٦. حاجت هن جي نہ هُئي، جا قاتل فوج قراري
٧. گهٽي مدت کان پوءِ اچي، دوست ڏني دلداري
٨. باسيائون تا برهہ جي، سچوءَ کي سرداري

(سر ڏناسري-مومل)

ٽلهه: ڏيندَيسِ ڏوراپو، آءٔ وڃي وراڻو روبرو
١. پريان سندي پارَ ڏي، ڪو نيئين نياپو
٢. اوهان ٻاجهون سپرين، آءٔ ڪريان ٽي ڪاپو
٣. سوڏل توئي ساڻ آهِ، منهنجو سڪ نہ سياپو

(سربروو)

ٽلهه: ڏونگر آهي ني ڏَسُ ميان، هاريون منهنجي هوت جو
١. هلان تہ هلڻ نہ ٽئي، ناهِ ويچاريءَ جو وَسُ ميان
٢. راتيون رهڻ روهَ ۾، ڪاڪيون آهي ڪَسُ ميان
٣. ڪيڙو عشق عجيب جي، هينڙي ۾ هنبس ميان
۴. آهي عجيبن جي، سچل سڪ سَرسُ ميان

(سرسسئي)

ٽلهـــ: ڏاڍو جدائي جَلُ، ووءِ ووءِ مـــون وڻون هـوت نـ هَلُ
١. اچـي ويهـــ اکـــين ۾، پاســـي ٽيءِ نـ پـل
٢. ڪيچ وڃڻ ڪـ ڪهـــڙو، ڪالهـــ ســـانول اها سلُ
٣. مُئي کـــــان منـهـنجا پـريـن، چوريءِ يـارَ نـ چلُ
۴. ڪري ڪشـــــالا ڪاف ۾، لڏم ڪوهيـــــارلُ
۵. ســـــچل نـي ســـاهَ ســـان، هُيـــا سـي رَلَ مَلُ

ٽلهـــ: ڏونگر ڇو ٽـو ڏکـائين، پيـر پيـادن جا مـيـان
١. پنڌ ڪرن جي هوت پنهـــونءِ ڏي، تَنِ ڇو روءَ رَهائين
٢. اهو ڏوراپو ٽـيندئي اوڏاهون، ڇو طالب ٽـو ترسـائين
٣. هيئن ٽـو گهـرجي عاشقن سان، ميان ڪا مدد ڪرائين
۴. سـمـجهي ڏسج سـاڻ ڏکـوين، پاهڻ ڪيـئن ٽـو پائين
۵. هـو جو مُنجهي اچي تـوئي ۾، سـي هـوتـن ڏانـهـن هـلائين
٦. ڪو ڪو ٽـورو سڪَ سـچل سـان، مـحبن سـان مـلائين

(سرہرووَ)

ٽلهـــ: ڏک وڏو وئين ڏيئي ڏيئي، يار ســـڃڻ اڄ مـــونکي
١. اوهان ہاجهـون يار پيـارل، حـال اسـانجڙو هيـئي هيـئي
٢. پرين ڏسـجو وڙَ پانهنجي ڏي، اسـان هڏون جا پيـئي پيـئي
٣. ياد ڪرين يارَ ڏينهن اهيئي، ڪالهيون ڪيَو گڏ ڪيئي ڪيئي
۴. هو جي ڪيون ڪالهيون توئي سان، نينهن سچل ري سيئي سيئي

(سرسسئي)

ٽلهـــــ: ڏينـهـن پڇاڻون آئين، پلـي آئين يـارَ مُنـهـنجا
١. اگڙ اســـان جي هوت ہاروچا، پيـــر جي اڄ پائين، پلي پائين
٢. پري اسان کون يار پرين ڙي، ڏينهن گهٽا ڇو لائين، ڪيئن لائين
٣. ڏوه ڏنگايون يار سڃڻ ڙي، ڪيئن پُليءِ ڏنهـ پائين، ڇو پائين
۴. هيئن نـ گهـرجي يار توکي، ڇتُ ڇُڪيءِ تئون چائين، ڪيـئن چائين
۵. عـرش ڪرسي تئون اچي اتاهين، مَنِ سچل جي تون مائين، پلي مائين

(سربروو)

ٽلهه: ڏني ڏيڪاري ڙي، ميان صورت سپرين جو لو
١. حسن حسين جي ڪاڻ، زاري ڙي زاري
٢. ورتر ساري لوڪ ڪئون، پينر ڙي بيزاري
٣. محبت محبوبن جي، مونکي اصل اختياري
٤. چوان حقيقت حال جي، هِيءَ سچڻ کي ساري
٥. هِت هُت ڪندا ڪاکيون، اهي مونسان موچاري
٦. سچل سدائين گهرجي، يارن جي ياري

(سرجوگ)

ٽلهه: ڏوٽين ڪئون نہ ڏور، آهيان عمر اوڏي اُنکي
١. ناهيان باهر تن ڪئون، هڪڙوئي دمُ دُور
٢. "اَلانسَانُ سِرّي وَ اَنَا سِرّهِ،" دوستن جي دستورُ
٣. هِيءَ مڙيوئي آهي تا ميان، مارُن جو مذکورُ
٤. سچل سانيچ ڳالهڙي ميان، مارُن جي مستورُ

(سرمارئي)

ٽلهه: ڏوراپا ڏيئي، ڪنهن هٿ منجان مارئين
١. وساري ويهي رهيو، حال ٻڌي هيئي
٢. مڙي اچو مون گهرين، آهيو جهانگيئڙا جيئي
٣. ڪيئن تا پهنوارن ڪئون، پري هِيءَ پيئي
٤. لهو سُڌ سنگهار جي، جي آهيو اتيئي
٥. ڪو رسائي مُون راڄ کي، نياپا نيئي
٦. سچل پچيائون کين سا، جا ويڙيڇئون ويئي

(سر ڏناسري-سورٺ)

ٽلهه: ڏوڙو ڏک پيو دوست اسان تي، محب جڏهن موڪلايو تو
١. دردمندي جي دل کي دلبر، نازن سان نوايو تو
٢. منهنجو تنهن ڏينهن پرين پاٽئي سان، روح آڻي اڪايو تو
٣. ڪهونگهت منجهه ڪري ڪيئي غمزا، عاشق ٽي آزمايو تو
٤. رهبر ڪج روانو اساڏي، فائق هيئن فرمايو تو
٥. ميلائيءَ جو محبت سگهرو، سچل جو آهه سايو تو

(سربروو)

ٹلهه: ڏي دلاسو دوست هن کي، جو اصل تنهنجو آءِ
١. هت ٿي گذاريان ڏينهڙا، سانول اوهانجي ساءِ
٢. غصو نه ڪر غمناڪ سان، نه ته حال هِن هاءِ هاءِ
٣. دلبر اوهانجي در بنا، جاني نه مون ٻي جاءِ
٤. جنهن کي دوستي، آهي اُنهيءَ واءِ واءِ
٥. ڏسي اسان جو حالڙو، تون پيرِ اسان وٽ پاءِ
٦. پاڃي وٽي هي پانهنجو، لالن پنهنجي ڳل لاءِ
٧. مطلب اهو محبوب ڪر، طالب نه هيئن ترساءِ
٨. آهه دَمُ اسان ديدار جو، ڪنهن وارِ هي وَرساءِ
٩. راتو ڏينهان هي تهانجون، ڳالهيون ويٺو هت ڳاءِ
١٠. نيٺ ڪٺ نالي ڏٺيءَ جي، هي سگ سچل سرچاءِ
١١. ڪافر مومن هِڪڙو، سچو ٻوڙج ٻيائي

ذ

(سر سسئي-بلاولي)

ٹلهه: ذاتيءَ منجهه ذات ڇپائي، بازي هي يار بٽائي
١. هاديءَ حقيقت حال جي، مونکي ساري سُٽائي
٢. سيڪهين ير سڃڻن، پنهنجي نوبت وڄائي
٣. ڪاٽئين انالحق جي، تن چوٽ ته چلائي
٤. انا احمد بلا ميمي، اِها معنيٰ مڙيائي
٥. ڪاٽئين مسيتن ير، ٽيو خاصو خدائي
٦. موٽي مڙهين وچ ير، تنهن مالها ڦيرائي
٧. اندر باهر هڪوئي، آءِ صورت سڀائي
٨. ڪاٽهين وِٽِ نه وار جي، ٽي ڪاٽئين جدائي
٩. ڪاٽهين مٽي تخت جي، ڪاٽئين گدائي
١٠. ڳالهه نه سمجهڻ جهڙي، پر سيا سمجهائي
١١. سچل جي صفت ير، تنهن الک الائي
١٢. ڪافر مون هڪڙو، سچو بوڙح بِيائي

(سرديسي)

ٹلهه: ذري ذري ڪَنِ چشمان چُورُ، نِينِ اسانکي ٽيون وهلُورُ
١. تَنُ مَنُ سپ تاراج ڪرن ٽيون، ديدن جو آهِ هِي دستورُ
٢. خوني وتن خيال پنهنجي سان، ڪسن شهزادن جو شعورُ

٣. ناز نياز سان هِكي واري، چاڙهن سُوليءَ تي منصورُ
٤. ساڻ ڏسڻ جي مشتاقن سان، ڪيفي ڏاڍو ڪَنِ ڪَلورُ
٥. سچل ڪيرُ ويچارو آهي، وجهن ڦيري دل ڪن قتورُ

ر

(سر بلاولي)

ٽلهه: رکين يار جو خيال، کوڙا چو ٽو ميڙين مالُ
١. تڏهن طالب کوٽجين، جڏهن چڏين سڀ جنجال
٢. هلي وڃ حال کي، ڪُلي چڏ قال
٣. وَڃي وڃ وِرهُ جي، جو کوٽيو ڏي کلال
٤. سچيڏنا سڀ پر، اٽئي جانب جو جمال

(سربروو)

ٽلهه: رمزان سي هادي جون ميان جيڪي چيائون مونکي
سي تا سلڻ ناهن هوءِ هوءِ، ڏريون آهن دل تي
١. ڳالهيون ڪري ڳجهه جون، ٽا صاحب سمجهائين
لا اِلٰه کان اڳنان ٽا هادي هلائين
سمجهڻ سمع بصر جو، ٽا فائق فرمائين
٢. خوديون خاص نہ پائنجو، هي نت نمازان
جاڙو يلي ڳالهڙي هِي سوز وَ گدازان
اٽو انالحق جا، اِهي عبرت آوازان
٣. هَئي هَئي هڪڙي ڏينهڙي، ٽا هادي اِئين چون
جن نہ سمجهي هِت ڳالهڙي، سي سُيان گهٽو روئَنِ
جن سڃاتو هِتهين، سي هُتِ پي ائين هُوئَنِ
٤. جيڪي پُليون ڳالهڙيون، اُنهون پڃن پري آءِ
کوڙا قصا کهِ پيا، دَم سڃاڻ سواءِ
پُرجهڻ آهي پاڻ کي، ٻي پَلي بات نہ ڪاءِ
٥. هاديءَ حقيقت جي يار، موٽي هيئن چيو
آغا آهي هِي ادا، آهي ڪونہ ٻيو
جيئي لنگهيا سڀ کون، يار مقصد تن ٽيو
سائين ساڳيو سو اٽو ٽيو جو وجودئون ويو
٦. مرشد هادي رهنما، ٽا سمجهائن ائين
هُو تون جاڳ پاڻ کي، متان هِيءُ ٽئين
وحدت جي چوڳان پر، اِها گوءِ نئين
سچو ساڻ يقين جي هي حال ڏي هِئين

(سرجوگ)

ٹلهه: رات مُکر روئي، ساري سلام سنگهارن ڏي
۱. اکيون اباڻي پار ڏي، بيئيون جهڙ جهوئي
۲. اباڻن جي آسري، ليڙون ٽيم لوئي
۳. ونڊن ورچن پاڻ سي، ڏئونرن جي ڏوئي
۴. لکي ڪاغذ مون وڏو، پکيءَ کي پوئي
۵. کي ڏينهن ڏويم کيت سان، آب پري اوئي
۶. اوهان ٻاجهون کونہ کو، ڪَلَ لهي ڪوئي
۷. ماروُ ملندءِ مارئي، سچل کي سوئي

(سر تِلنگ-وهاگ)

ٹلهه: رانجهو چاڪ ٿي آيو، نہ ڄاڻان ڪيهي ڳالهه ڪون
۱. پڌر وجهي پاڻ کي، لالن پاڻ لڪايو
۲. بنگلي ۾ آدم جي، ساجن پاڻ سمايو
۳. سوئي چوندڙ سوئي ٻڌندڙ، ڪيائين کونہ کنايو
۴. "مارا.يت سئي الاّ وَرآيتُ الله فيه." فائق هيئن فرمايو
۵. "لَو کَشفُ الغطآءِ ما اذتَ يقيناً." حيدر هي رنگ لايو
۶. ماڻهوءَ جي مظهر ۾، آڻي سو نينهن نوايو
۷. سچوءِ جي صفت ۾، الله اِئين الايو

(سرمومل)

ٹلهه: راڻي سَندو راز، مون سان ڪيڏو ئي آهِ
۱. ڪاڪيُون آڏو ڪانڊ جي، نڪو وٽي نَاز
۲. ٻانهان ٻانهن جان ٻڌي، ڪرڻ نت نياز
۳. هَئي هَئي ماريو حسن جو، آهي غم غماز
۴. سچو پرياڻڻ پرينءَ جو، آهي ساڻ ايلاز

(سرسسئي)

ٹلهه: رات رهبر مون ڏي آيا، خان ٻاروچي جا ميان
۱. هتون وڃي اِتي ٽئين آرامي، ڏينهن گهٽا چو تو لايا
۲. لڳ اسان جي هُيڙين اداسي، وِرهي تو مِينهن وسايا
۳. طرفون تنهنجي سڻ ري عاشق، پانهنجا مون ساڻ سنبايا
۴. ڄاڻ تحقيقون آهن اسان جا، ايڏنهن اچڻ جا سعايا
۵. ڏينهن گهٽيرا ڪاڻ اسان جي، سچل تو پنڌ پچايا

(سربروو)

ٽلهه: رات پرين ڪاڻي پيئي، ازي ساڻيو سڏ ڏيجو
۱. پڇاڻا پرين جي حال اسان هيئي، ساڻ ٽڪيءَ هڪ ٽَيجو
۲. پسڻ ڪارڻ پرين جي، ڪانگ اڏايم ڪيئي، نال ونِي هِيُ نيجو
۳. عرض آرياڻي کي نانءَ ڏڻي نيئي، ٻانهون ٻڌي چڳيان چيجو
۴. سچل پاران ساڻيو کين ڏوراپا ڏيئي، پيرين پانڌيو وڃي پيجو

(سرمارئي)

ٽلهه: روئان زارو زار، مانَ مارن کي ملان آءٌ
۱. ڏيان ڏوراپا ڪن کي، پري ٽير پهنوار
۲. ونِي ويڑا پاڻ سان، منهنجو ساهُ سنگهار
۳. اِهو اٿم آسرو، ايندمِ اَجڑ وار
۴. ڪندا مُهڑ مليڙ ڏي، رڻ چڏي ريڍار
۵. سو دم گوندر گذري، جو دم اُنِ رِيءَ ڏار
۶. روئي رت اکين جا، جهونا ٽيا جهالار
۷. وڃي ٻڌنديس اُتهين، سندي پَهُنِ پڪار
۸. رکي ويڑيچا ويا، مُونهين سر مِيارِ
۹. پِيُکنِ مون پهچائين، سومرا سردارِ
۱۰. راتو ڏِيهان اوڏهين، سچوءَ ساهه سنيار

(سرسسئي-جوڳ)

ٽلهه: رويو حال چوان اَلا، جي اوڻي آيم اوڏاهون
۱. پايو پاند ڳچيءَ ۾، آءٌ پيرين تن پوان اَلا
۲. سرتيون اِنهيءَ سوز جي، ناهي سُڌ اَوان اَلا
۳. سکن مٽي کين کِي، آءٌ مٽيان سورَ سنوان اَلا
۴. سڄڻ سڄڻ ٽي ڪَريان، ٻيون لاتون کين لوان اَلا
۵. جوش تهين جا جان ۾، مونکي آهن نت نوان اَلا
۶. سچل اکڑين مان ٽيا، ريلا رَتُ روان اَلا

(سرتوڏي)

ٽلهه: رهبر اِئين چون، اڄ اکڙ تنهنجي ايندا
۱. تون کِيئن وسارين تن کي، تو هُت گهٽو پچن
۲. در تنهنجي دوست اهيئي، اڄ ٽا اِجهي اچن
۳. پکا پانور کٽي ڪري، اوڏا تنهنجي اڏنِ
۴. سچل سندءِ ني حال جي، ساري خبر لَهن

(سر برووـ جوگ)

ٽلهه: رهبر روز بروز، اچن مون ڏي يار جا
١. ڪنهن کي سليان سرتيون، سپرين جو سوز
٢. اندر منجهه عجيب جي، ڪيڙو سڪ سروز
٣. هيڪند ڪارڻ تي ڪريان، خاطر اندر خوز
٤. شال کهين تي نه ٽئي، سندو جانب جوز
٥. سچل اِجهو آيو، آرياڻي اِمروز

(سربروو)

ٽلهه: رهو مون وٽ رات، اڙي پانڌيو پرين جا
١. آءٌ اوهان تان صدقي، جا وائي مٿيوَ واتِ
٢. پسان اکڙين سان، ٻاروچاڻي جاتِ
٣. راتو ڏينهان روح کي، تن جي آهي تاتِ
٤. هُئي هميشه ساڻيو، سچل سَندوَ ساتِ

(سرپيروي)

ٽلهه: ريءَ ڪجل تڪبير وجهن ٽيون، سي ڪيئن سرمو پائن
١. وار جنين جا سيهَر کارا، سي ڪيئن سينڌ چٽائن
٢. ڏَند جَنين جا ماڻڪ موتي، سي ڪيئن سرخي لائن
٣. جايون جنين جون درس درازين، سي سچل نانءٌ سڏائن

ڙ

(سر سسئي-حسيني)

ٽلهه: ڙي جيڏيون آءٌ تا، حال پنهل سان ڪندي
١. اصل لاڪُون آهيان سائين، بلوچاڻي بندي
٢. وَس نه آهر وار جو، آهيان سائينءَ سندي
٣. ڪندي وڃي ڪيچ ۾، دانهون سي دردمندي
٤. سڌ لهندا سي وري، برهه جنين جي بندي
٥. سچو اڳيون سڃڻا، ڪچيءَ پائين گندِي

(سر جهنگلو-پيروي)

ٽلهه: ڏي جيڏيون منهنجي سائين سڃڻ سان زاري زاري
١. مين ايائي عيبن هاڻي، برهه سندُن آهي باري باري
٢. حاضر ٿيندیس در دوستن جي، پائي ڪچيءَ سا ڳاري ڳاري
٣. پوءِ تا ياڻي يار ٿيوسي، پهريون لايون ياري ياري
٤. هٿ سڃڻ جي ادیون ڏي آهي، ڳالهه سچوءَ جي ساري ساري

(سرڪوهياري)

ٽلهه: ڏي جيڏيون هاڻي شال ٿيئي، منهنجو پاڻو پرين سان
١. مان مُئي تا گهوري، جاني شال جيئي
٢. هِنَ تا پُور پرايو، هاريون هوت وئي
٣. هاروچي ڪا ٻاجهه پئي، هي تا نال نئي
٤. سارو مطلب مون ٿيو، پئيءَ هوت پئي
٥. شال سچوءَ کي سپرين، ڏوراپو نه ڏئي

(سربروو)

ٽلهه: ڏي جيڏيون هاڻي هوت ويا جي، سي موئي مانَ اچن
١.دعا ڪريجو جيڏيون، پري نه هوت وڃن
٢. سگهه مونڻ پوئتي، اچي ويڙهي هن وهن
٣. وڃي ڪيچ وڻن ۾، پورهيائت پڃن
٤. ڪيچي ڪميٽيءَ جي هُتِ، ڪَچي شال نه ڪَن
٥. سچل اَصلون آهي، سرتيون سڳ سندُنِ

(سربروو)

ٽلهه: ڏي جيڏيون آءٌ تا ٻيو نه ڪندي، منهنجو پيڃ پنهونءَ سان آهي
١. آءٌ جنهين جي آهيان، سو تا مهر نه لاهي
٢. ڪيرَ ڪميني هوت سڃڻ سان، سگ سياپو ساهي
٣. هٿ ويجي ڏي هوت جي، وَس نماڻيءَ ناهي
٤. سوال سچوءَ جو اِهو آهي، نينهن سندُن نباهي

(سرسسئي)

ٽلهہ: ڏي ساڻيو مُنهنجي يار جي، ڪا ڳالهہ اچي مونسان ڪريو

١. آهي آرامي ڪِي يار اسان جو، ٻُڌي سا ووءِ وو ڪريو

٢. جي هيڪند ٽيان هوت سان، تا ڪاڄ سيو مون سريو

٣. ٻيهر مون سان ڪيچ ڏي، ڪي وڪان ہ ٽي چو نہ پريو

٤. ڏوٽ ڏوراپو يار سڄڻ تي، مستان کو پانڌيو ڏريو

٥. سوز سچوءِ جو سنگ سڻڻ سان، ڳوڙها سي ڳاري ڳريو

(سرسسئي)

ٽلهہ: ڏي جيڏيون، مونکي چو ٽيون پريَن کان جهليو

١. ويهان ڪيئن پنيور ۾، جو روُح اُنهن سان رَليو

٢. ساڻن ٽيندیس سنگتي، جو هوت هاڙهي ڏي هليو

٣. پريان سندي پارَ ڏنهن، پاڙيچيون نا پليو

٤. سڄڻ سارو پنهنجو سِرّ، سچل کي سَليو

(سربروو)

ٽلهہ: ڏي جيڏيون هاڻي ڳهوريو هوتن رِيءِ، سارو شهر پنيورُ

١. لاهيندا وو لطف سان، هن ڏکيءَ ڪئون ڏور

٢. هي هالاڻي اُن جي، شعلي وڏڙو شور

٣. منڊ نہ منهنجي موٽيا، زاري آهي نہ زور

٤. درسن ساڻ دفع ٽيندو، سندو هينئڙي هور

٥. سچل سنديں راهہ تي، هڪ جفا ٻيو جور

(سربروو)

ٽلهہ: ڏي جيڏيون هِتِ هوتن رِيءِ، آءُ ڪنديس ڪوه رهي

١. اندر وِرهہ وڻاڻ ڪيا، لونءَ لونءَ منجهہ لهي

٢. ڇڏي شهر پنيور کي، هي ويندي ڪيچ ڪهي

٣. ڪونهي ڪوهيارل رِيءِ، سرتيون هت سهي

٤. قول پاڙيندو پانهِجو، ڪيوَ هاروچل ٻهي

٥. سچل گڏيم ساڻ جو، پنڌن منجهہ پهي

(سرڪليان)

ٽلهه: ڏي جيڏيون آءُ تا ڪيچ ڪندي، وڃي پورهيو پرين سان

۱. جيهي تيهي يار سڃڻ جي، چگي توڙي مندي
۲. آءُ تنين جي آهيان، برهه جنين جي بندي
۳. چوندیس حال حبيب کي، ڪچيءَ پائي گندي
۴. اڻ ملهي ٻانهي آهيئي، سَپَ پر سائين سندي
۵. سچل سارياڻي دلڙي، رمز تنين جي رندي

ز

(سربروو)

ٽلهه: زاري ۾ينر زاري، اڳيون عجيبن جي آهي اسانجي

۱. روز ازل ڪنوُن عاشقن جي، سُوريءَ تي هسواري
۲. شاهه منصور حلاج حسيني، سوري ڪيئن سينگاري
۳. هِي ٽئي گم اُهو ٽئي ظاهر، چُپ چپايان چوڏاري
۴. سچو ساهه سري ڪر صدقي، سرسُ وٽين سرداري

(سربروو)

ٽلهه: زار روئي ڪيم زاري، دوست ڏي تو ريءَ تا نه سَري

۱. محبت تنهنجي وو ڪيس مستاني، بار برهه جو باري
دوست ڏي چوي لوڪ چري
۲. هن بندیءَ کي بخش بلوچا سائين، هوت اچي هڪواري
دوست ڏي سندن ذوق ذري
۳. ميلائي لڳ محب اوهانجي، واجهه وجهي ويچاري
دوست ڏي وجان تا مَ مري
۴. آهي مڙيوئي وي توکي معلوم سائين، حقيقت ساري
دوست ڏي وڃ مَ يار وري
۵. جيڪي آهين سو تا توهين سائين، حڪم سندوَ آهي جاري
دوست ڏي پيڙهه خبر ڪري
۶. سچو آهي سڳ اوهانجو سائين، ڏجو تنهن دلداري
دوست ڏي وجن ڪچ ڳري

(سربرووِ)

ٽلهہ: زاريون ڪيون زار زار ميان، ويٺي روئان ٻڙي جيڏيون
١. ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان ميان، باقي سو ٽيڙهہ يار ميان
٢. راتيان ڏينهان ڳالهہ انهيءَ جو، جيڏيون جيءَ کي جارُ ميان
٣. پاتو اٽم لڳ پرينءَ جي، ڳل هنجن جو هار ميان
٤. عاشق کي وو سوز سچل ڙي، آهي سدا سينگار ميان

س

(سر ڪليان-پهاڙي)

ٽلهہ: سيڪنهن پار پرينءَ جو پرتو، خوابون عين ڪلايو
١. وحدت مون وو ڪثرت ڪيائين، رنگيءَ رنگ رچايو
٢. تون مان جي پردي مٿون ٻاهر، سرتيون ڇو نہ سڏايو
٣. طرحين طرح پوشاڪان پهري، لالن پاڻ لڪايو
٤. هي سڀ حُسن هاديءَ جو آهي، پينر ڪير پُلايو
٥. پاڻ ڳجهو ڪيائين پڌرائيءَ ٻر، هيءَ تنهن هنر هلايو
٦. سچيڏني جي صورت ٻر تنهن، اهڙي رمز رَلايو

(سرجوڳ)

ٽلهہ: سيڪنهن صورت ٻر سپرين، سرتيون ساري ڳالهہ سليائون
١. ڏيو ٻاري سڄ کي ڪاڻي کين ڏئائون
٢. ساڻ روشنيءَ سڄ جي، پُرجهي سڄ پسيائون
٣. وحدت ڪثرت هڪڙي، جيئن مِينهن ڦڙيون مُورائون
٤. سچوءَ سندي نانءَ ٻر، اهڙيءَ طرح اُتائون

(سرجهنگلو)

ٽلهہ: سيڪنهن ويڙهي تون وسين، تو رِيءَ آهي ڪونہ ٻيو
١. چوليءَ هِيئن جاتوم، توکي سانول سڄاتوم
هر جاءِ آهي حاضري
٢. هر جا حاضر تون، موڻي ڪهڙي آهي مُون
هادي کڻ حجاب کي
٣. ڪاڻين قاضي ٽئين، ويهي ناحق فتويٰ ڏئين
سوريءَ تي منصور جي

۴. موتي ٿئين منصور، ڪيئي مُلن جو مذڪور
شاهد ٿي ٻيهي شرع تي
۵. اناالحق آواز، هِي تا سارو تنهنجو راز
ظاهر ڪيئي ٻيهي زمين تي
۶. سرمد تي اسرار، ڪِيئي عالم پر اظهار
وري وڏو شور شهر پر
۷. هِي سيڀ ڪر سنداء، آهن جانِي جاءِ بجاءِ
جيڪي ڪرين تون ڪرين
۸. حاضر ناظر تون، باطن ظاهر تون
تنهنجو هُلُ هنگام هي
۹. اُپريو آفتاب، جَهليو تارن هڏ نہ تاب
گوشا وِيڑا گم ٿي
۱۰. سچل پَيجُ گمان، ٿي حيرت پر حيران
جو مولي مون ٻانهو ٿئين

(سرڪلياڻ)

ٽلهه: سچا سي سخن هادي جا، يارو اڄ ياد آيا سي
تنهن ڏينهن لاکوُن اڄ تائين، اُهي بر چشم چايا سي
۱. ڪيو تا قول سائينءَ هيءَ، مڙن آڏو پڪو مون سان
هونداسين دم بدم توسان، انهيءَ وعدي وَلايا سي
۲. ڏيو هِي تَنُ طاعَتَ پر، گڏيو هِي جان جانان سان
پري جاڻجو پاڻئي کي، لاريِ هن يار لايا سي
۳. روزا ڪيئي نمازان، توڙي سو ورد وظيفا
سيئي لگ ظاهر آهن، سبق ساجن پڙهايا سي
۴. پئو جي خيال خاصي پر، سجاڻو پانهِنجي صورت
ٻڌي ٻولي ڏسي ٽو ڪير، فڪر ٻيا سڀ ڦلاياسي
۵. ويٺو منجهه بادشاه محلي، ٻولي ٽو ڪيئي اهو ٻوليون
اُهو بادشاه اهو بنگلو، نہ ٻئي ٻولي ٻلاياسي
۶. جيڪي کيا دوستن مُون سان، اُهي ڳڻ تا نہ وسرن ٿا
هئا گڏ جي حبيبن سان، چگا سي دم لنگهاياسي
۷. شڪر الحمدلله، ٽو پڙهان لک بار شڪرانا
اُهي پيهي پکي آيا، جنين لَئي پنڌ پچاياسي
۸. سچو آهي سگ دروازي، ازل جي روز سائن جو
پنهنجو سي ڪيئن ڇڏيندا هي، توڙي عين اُناياسي

(سريپروي)

ٽلهه: سچ ٽا مرد چون، ڪنهن کي وٽي نه وٽي
ڪوڙي دوستيءَ جو دم، بٽي نه بٽي

۱. سچ ته پاڻ ڏٺيءَ پيدا ڪيو آهي
انگ ته آدم جو ٻئي ڪنهن جوڙيو ناهي
سچ چيو منصور نٽي چڙهيو ڦاهي
اهڙا بار برهم جا، ٻيو کٽي نه کٽي

۲. سچ ته مربي محب مجيب چيو، اَنا احمد عين عجيب چيو
اسان ته عامن خاص نصيب چيو، ڳٽي يار ويو ٻيو ڳٽي نه ڳٽي

۳. نه ڪا عيب ثواب جي جاءِ آهي، نه ڪا نينهن نواب جي راءِ آهي
اهو عشق حسن هر جاءِ آهي، ڇٽي يار ويو ٻيو ڇٽي نه ڇٽي

۴. سچ ته سچل سائين جي ڳالهه سچي
مَٽي ته محبت وارا ڪندا ڪين ڪچي

۵. رنگ رمز انهيءَ ۾ ويو روح رچي
سڏڻا مالڪ سٽي، ٻيو سٽي نه سٽي

(سرڪلياڻ)

ٽلهه: سچو نانءُ ٽو سڏائين، ڇئو ته ڪاڻي تون آهين

۱. ڇاڻي واڻي پاڻ ڪي، ڪيئن ٽو پول پلائين
۲. خودیءَ واري خيال ڪي، راهه انهيءَ ٽو رلائين
۳. پير مٽو آگريون، نانءُ ٻيا ٽو رکائين
۴. ڪاڻي پيدا نه ٽئين، ڪاڏهون وري تون آئين
۵. نانءُ اهو ناپيد ٽيو جو، سچو اصل کون تون ناهين

(سربروو)

ٽلهه: سرتيون ڏين صلاحان، چتُ تون چرخي لائين
آءٌ ڪَتان ڪي ڪانگ اڏايان

۱. راتو ڏينهان روڻان اُنهن لڳ، پرين جي ٽير پراهان
۲. دل جميعت تڏهن ڪي ٽيندي، جڏهن ايندا ڪي هوت اڳاهان
۳. والي ورائي وري پنيور ڏي، سٽي اسانجون آهان
۴. اديون انهيءَ جون ويٺي اچڻ جون، روز نهاريان راهان
۵. ڪيون قبوليت سيئي سچوءَ جون، سائينءَ عرض اِلاهان

(سرسسئي)

ٽلهه: سرتيون منهنجو ساهه، هاڙهي سي هوت ولي ويا
١. ڪونه ڪميٽيءَ جو ٽئي، هاديءَ رِيءَ همراهُ
٢. پينر شهر پنيور ۾، آٽيندُنِ الله
٣. هنڌئون جنهين هوت ويا، روئي چمان راهُ
٤. پرڏيهين تي ناهه ڪو، وريتيون ويساهُ
٥. آهي رفيق رُجُنِ ۾، سندو سوز سپاهُ
٦. ناهيم ٻئي ڪنهن لوڪ جو، پاڙيچيون پرواهُ
٧. معاف سچوءَ کي سي ڪندا، جيڪو ڏوهه گناهُ

(سوال)

(سرجهنگلو)

ٽلهه: سل ڙي سوداگر ميان، تون تا آئين ولي هِتِ سودو ڪهڙو
١. هُتئون آڻي هِتِ ڪيئن لِکايئي، ڪٽي مشڪ عطرُ
٢. هوڪو هت ٻيو ڪيهو گهمايئي، ڪري تا گر گهرَ
٣. مهڙي جواهر جي هِتِ تا ڪنهن سان، ڪيئي ڪانه خبر
٤. پنهنجي اڳيون ڪيئي ميڙيوئي، سارو ملڪ شهر
٥. چاڪون تون تا شاهه چپائي، هينئين سان هَتَ مُهر
٦. لکي ڏنا تو ڪيترا، مُلنِ کي محضر
٧. لعلان لکين ڪيون پڌريون، سچو وي سرور

(جواب)

(سريراوي)

ٽلهه: ڪنهن سان ڪير نه ڪَلَ، جو سودو آندم پاڻ سان
١. سودو ڪنهن نه پچيو، آيس ۾ مشڪل
٢. گران قيمت ڪئون سيئي، موٽيا تنهن مهل
٣. سودي هڙي جي آتي، لاهن سي نقل
٤. ميڙو مُوڙن تي ڪري، عالم ڪئي اُچل
٥. حال ڏسي تان هُن جو پيو، جيئڙو منجهه جنجل
٦. ڏوهه نه مونکي کو ڏيو، پئي خلق منجهه خلل
٧. سچل سرُ افراز ڪيو، آڻي سو عشق اجهل

(سرسسئي)

ٽلهہ: سل سوداگر يار ڙي کهڙي ديسئون آئين آئين

١. ظاهر ٽئين تون وو اچي زمين تي، ڪٽي ڪستوريءَ بار

٢. هلي آتاهون وو اچي اِتاهين، هنجين سو پوتوئي هار

٣. طرحين طرحين اچي ڪَيَئي هِتِ، صورت جا سينگار

٤. شاه آهين تون يا تہ گماشتو، لايُئي ڪِڏ قطار

٥. اچي پيا سي سڻ سچو ري، شوقون منجهہ شمار

(سريلاولي)

ٽلهہ: سمجهي پُرجهي نال سجڻ دي، نينهن نسورو لايو ڙي

١. عشق نارُ احتراق اٽو، فائق هِيئن فرمايو

٢. محبت منجهہ مجازن چا ڪيو، جن ايڏو سوز پرايو

٣. ليلي تي مستانو مجنون، جنهن حال ۽ قال وڃايو

٤. رانجهن تخت هزاري دا سائين، چَہ مون چاڪ سڏايو

٥. سيفل سوز بديعل جي مون، واڻين ورهہ وسايو

٦. اعلي عشق انهيءَ کون آهي، ٻيو حيلو ڪونہ هلايو

٧. محبت جي منصور مقابل، سوريءَ پاڻ سَلايو

٨. شمس ڪِڏي شمشير برهہ جي، جنهن کل کي خان ڪَلايو

٩. سچو عشق تہ هاديءَ جي سان، قلب ۽ روح رَلايو

(سريمروي)

ٽلهہ: سهسين رنگن ۾ سهٽو، ٻيرنگي بن آيو

١. بوتي وچ مٽيءَ جي يارو، سارو سمند سمايو

چولن چرنِ واهڙَنِ، لهرن لعل لڪايو

٢. سمند نالو ڪَنِ الله جي، مٽر آڻي ڏرايو

لہ تہ اصل پاڻي آهيان، لوڪن نانءُ ٻلايو

٣. وحدت جي آڙاهہ ۾، يار جن جسر جلايو

منصور آتي موج ۾، سُوريءَ سِرُ سَلايو

٤. عرش ڪُرس آسمان مڙيوئي، آڻي ورهہ ورايو

باري بار برهہ جو، آدم سر تي اڻايو

٥. "من خدايم" موج ۾ ميان، سچوءَ يار الايو

آهِ ڪُلُ روح رَبّي، مرشد عبدالحق فرمايو

(سرڪليان)

ٽلهه: ساڻي تون يار منهنجي ڪي، نيئي پهچاء سنيهو هي
١. تہ قيدالماء جي قسمت وڏي دوُري توکئون مونکي
سي پاڙج وعدا پنهنجا، ڪيا هُيئي يار جاني جي
٢. ڪتابن ۾ وڏم منهن ٽي، تہ ٽئي خورسندگي حاصل
لڳي دل اوچتي توسان، وساري برهہ بيٺي تي ٿي
٣. مون کي توتان فراقي ڪيو، اها فرياد ڪنهن کي ڏيان
هُو جي ڳالهيون ڪيئي سانول، سچوءَ کي ياد آهن سي

(سر برووـتلنگ)

ٽلهه: ساروئي سِرّ آهي، ڪاڻي سچل ڪاڻي ذات سچل جي
١. موج درياءَ حُباب کڙا ڪيا، ڄاڻج ڪو شڪ ناهي
٢. آهي اونهو جو اسرار الاهي، ڇا منجهارون ڇاهي
٣. پنهنجي پاڻ پسڻ جي ڪارڻ، ناهہ لکين ٽو ناهي
٤. عاشق عشق معشوق اُهوئي، ڏانوَ ڏاڍو ڪيو ڏاهي
٥. "اِلا اللہ" اثبات مڙيوئي، "لا" کي ڇڏ تون لاهي
٦. "لي مَعَ اللہ" سمجهہ اشارت، پيل لنگهيو منجهہ پاهي
٧. واٽ اِهائي وحدت واري، ڪامل ايندا ڪاهي
٨. اوئي اندر اوئي باهر، ڪيئن چوان ائين ناهي
٩. ڳالهہ سچل جي سالڪ سمجهن، لوڪ ليکي ٻيو ڇاهي

(سرسسئي)

ٽلهه: ساريو ڏينهن روئان ري، هُيس جيڪي هوت پنهونءَ سان
١. پُڌڻ وارو ناهہ ڪو، جنهن کي حال چوان ري
٢. قاصد اڇي ڪو اوڏهُون، پيرين تنهن پوان ري
٣. ڏکايو تا ڏيل کي، اديون اڄ اوهان ري
٤. انهن ٻاجهون سرتيون، نت نت سور نوان ري
٥. ساريو محبوبن جي، طلب ناهِ توهان ري
٦. غرض نہ رکان لوڪ جي، هڪ سائين هوئن سنوان ري
٧. سچو ٻاجهون سوز جي، ٻيون لاتيون ڪين لنوان ري

(سرکلیاڻ)

ٽلهه: ساڳين مون تا سڃاتو، اهو جيڏيون يار منهنجو

١. اصل لاکون آهي انهيءَ سان، هن نمائيءَ جو ناتو

٢. تہ کو ٽي ڪري جوڳي ايندم، ڇاڻ نہ هيئن مون ڇاتو

٣. ڏسي صورت ساري سهٽي، عشق انهيءَ سان مون لاتو

۴. هيءَ نمائي عيبن هاڻي، پيچ پاڻهي تن پاتو

۵. سَهِو سڃو ري ڏسي اسانجي، ڇِتُ نہ دلبر ڇاتو

(سرتوڏي)

ٽلهه: سانگ ڇَري سيئي آيا، ڏينهن لايا هُنَا جن اوڏهين الو الو

١. انهن ڪارڻ اوڏهين ميان، مون ٽي پنڌ پڇايا

٢. سانگي جي هُنَا سانگ تي، واليءَ پوءِ ورايا

٣. پرين هُنَا پرديس جي، سي مولي محب ملايا

۴. قادر پنهنجي ڪرم سان، ويڑهي هن وسايا

۵. مولي پنهنجيءَ مهر سان، ساڻ غريب گڏايا

٦. تون تا هڪڙو ناهين، تا سڃو سَوَ سڪايا

(سرکلیاڻ)

ٽلهه: سالڪ راهہ سڃاڻين، پاڻ نظر ۾ آڻين

١. جاءِ نظر جي آهين اصل ڪون، يار يقينا ڇاڻي

٢. پاڻ وڃائج نورُ نظر ۾، تہ وسرئي ٻي آکاڻي

٣. فنا ڪئون اڳي بقا نہ ٽيندين، جيئن پارو ۾ پاڻي

۴. صورت منجهان ٽي ٻي صورت، وچون سا گرد اڏاڻي

۵. هاديءَ حقيقيت هِيءَ سمجهائي، سچوءَ ساہ سيباڻي

(سر پيروي-تلنگ)

ٽلهه: سانول سوين ڳڻ تنهنجا ٽي ساريان

١. هُرن منهنجي هِينڙي اندر، سي تا ڪيئن وساريان

٢. واڻان اڇڻ جون وو توهانجيون، وينِي سي نت نهاريان

٣. اوهان ٻاجهون سپرين، گوندر ڏينهن گذاريان

۴. جهري جهوريءَ ۾ پيو، هِينڙو ني هيڪارين

۵. آسروندي آهيان، قول ڪيا سي پارين

٦. سڃو سڳ در تنهنجي جو، پنهنجي ڪِ قطارين

(سريمروي)

ٽلهه: سرُ ڏئين تون سرِ ڏئين، جي عشق ۾ ٽو سر ڏئين
ٽين وڏا طالع توئي جا، جان جسم ڪئون جي ڏئين
١. ٽو عمر ناحق وڃائين، غير جي خيالات ۾
محب پي توکي مڃين، جي نينهن جي بازي نئين
٢. مَحُو ڪر ڳالهه ڪليّ، مُڙ مَ چڙهه ميدان تي
جيئن چوان ٽو سا مڃج، هيءَ عشق پنڌ آهي ائين
٣. ڳالهه ڪرڻ ۽ ٽيڻ ۾، آهي تفاوت تا وڏو
حال سان هميشگي جي، پُر اهو پيالو پيئين
٤. موت موٽي نا پچي، تنهنجي اها گهر جي ڳلي
"قبل موتوا" کون پڃاٽون، ني وري جاني جيئن
٥. ٻيو مُبدل ڪر سپوئي، خيال پئوُ توحيد جي
جيئن ڪيو منصور شهَ، تا آخرين تون ڪر تيئن
٦. نازباني ٽو چوان، دل سان لائج هيءَ ڳالهڙي
نانءَ سچو جي ٽو چوي، ساري رمز سُڻُ سان تون هِنئين

(سروهاڳ)

ٽلهه: سڪ ڪيها سڃڙ ري، ٻَنِ جيئڻ منهنجو جيڏيون
١. سکن وڏيس سرتيون، آءُ پرين ڪانئون پري
٢. ڏک ڇڳيرا دوست جا، جي قادر ڪرم ڪري
٣. سوئي عاشق کوڻجي، جو محبت منجهه مري
٤. ڪاکيُون مونکي کينَ ڪي، ٽي ساجن ريءَ سَري
٥. جيڪا اديون عشق جي، آئي هيڻ اري
٦. تنهن جان جشو قربان ڪيو، رودئون منجهه ذري
٧. سچو سوز اُنهن جي، ڳاري منجهه ڳري

(سربروو)

ٽلهه: سُڻُ منهنجڙو حال، ديس وسيئي، گهوريو پرڏيهه تئون
١. مون کئون پري نه ٽئين، سائين مج سوال
٢. منهنجو توسان تا آهيئي، خاصو يار خيال
٣. روئان واڙين تي، ڪريو هڻڙو حال
٤. واڳان وطن پانهنجي ڦيري آءُ في الحال
٥. توکئون ڳجهو ناهه ڪو، عاشق جو احوال
٦. ڪر سچوءُ کي سپرين، ڪٽي نيڻ نهال

(سرسسئي)

ٽلهه: سهڻي سڄڻ سان، نينهڙو لايو سي

۱. ورد پڙهيم ڏي وچ ۾ اديون ڏي، آڏو عشق آيوسي
۲. سپ وساريائين ڳالهيون ڏسڻ سان، ڏاڍو پُور پايوسي
۳. ٻن وجهي ٻيون ڳالهڙيون، ڳلي ڳلي سو تا يار ڳايوسي
۴. اول وقت عجيب جي سرتيون، اِنهي گهورَ گهايوسي
۵. سچو سَوَ مبارڪان، چاهون سر تي برهه چاياسي

(سرسسئي)

ٽلهه: سو ڏاڍن جو ڏيهُ، جاتي نينهڙو وو نيڻ لايو

۱. جاتي پُهچَ نہ پکيءَ ميان، سو سيڻن جو ساٽيهُ
۲. جي وجان در دوست جي، چمان پيرن کيهُ
۳. جي ڪوئيو ڪهن سپرين، وجي پکڙي تن پيهُ
۴. سچل عاشق جي آهين، وَتِ واڍوڙين وجي ويهُ

(سرسسئي)

ٽلهه: سگهڙي لَهج سنيالَ، هادِي هن جي حال جي

۱. ڪوتہ ڪريو قال کي، آڻي ۾ احوالَ
۲. سگهو موٽج سپرين، تو رِيءَ ڪير ڪشال
۳. فنا ڪريو فراق کي، ويجهو ڪريو وصال
۴. گهٽا لايَوَ ڏينهڙا، ماريس هن مثالَ
۵. اوهان ٻاجهون سپرين، هڙا ٽِيڙِمِ حال
۶. اگڻ هن جي آءِ تون، سچل مَجَ سوال

(سربروو)

ٽلهه: سڪ هُئي جنهن جي سر، دوست آيو اسان جي در

۱. پرين وڙئون پنهنجي ڪئي، ويچاريءَ ڏي وَر
۲. هي سر ڪيان صدقي، ڪهوٽ اچي مون گهر
۳. ڏئر هن اکين سان، پرين موچاريءَ پَر
۴. جاءِ ڪِيائون جِيءَ ۾، لهريا هَڏِ نہ ٽر
۵. قرب ڪارڻ سڻ سچل ري، ڪوشش ڪائي ڪر

(سربروو)

ٽلهه: ساجن انهين سَير، ايندئي ڏي اجان
١. سسئي پوتيون پرين سان، جي گهڙيون اِنهين گهير
٢. سپريان جي سير ۾، هيجئون هِينئڙو هير
٣. بندي نچج نينهن جي، چاتيءَ چاتيءَ چير
٤. سچل سائين جي پچين، ڪند سيئي ڪير

(سرمارئي)

ٽلهه: ساريان آءٌ تا لوءِ پانهنجي جو لويون، عمر گهوريا هي پٽ پٽيهر ميان
١. هُت وڃيجا وو ويڻا ورهائن ڏيهاڙيون، سي ڏئونرن سنديون ڏويون
٢. سنگهارن ڏي سوز سنيها، راتين آءٌ تا روز، منجان ٿي رويُون
٣. ڪنڊيون ڪوڪڙن سنديون، ڪچيءَ پائن ٽا، هت پيڪا پويُون
٤. صبح سانجهن ڪٽن خوشيءَ سان اُهي سي تا آب، پريون سي اويُون
٥. پاندين پائن پُسيُون ساڳ سگر سنگهار، سچل سي سويُون

(سرتوڏي)

ٽلهه: سگهڙي پرين جي پارَ جي، ڪانگا خبر ڪا مُون ڏئين
١. دوست جي ني ديس ڏي، ڪيئن ڪالهه تون اڏري وئين
٢. اول اسان جي حال جا، نازڪ ادا نياپا نئين
٣. ساري سنيها سوز جا، هَئي هَئي سيئي لائج هينئين
٤. ماري مون مشتاق کي، ڪيئن يار تون ياڻي ٽئين
٥. پُورن منجهه پرديس ۾، ٻاجهون اوهان آهيون ائين
٦. آءٌ جي مُئي تا گهوريس، جاني سدائين تون جئين
٧. سچل سڪي ساري توکي، تون پي تهين سا هو ائين

(سرجهنگلو)

ٽلهه: سائي ري ديس دلبر جي، سگهو وڃ پار پرين جي
خبر ڪا خير جي آڻين، آهي خوش خاص سو مظهرُ
١. پانڌي پيغام هي ني تون، سنيهاري دوست کي ڏي تون
ڳالهيون ڪر ياد پي هي تون، آهيم تون دل گهريو دلبر
٢. عاشق ايڏنهن نهاري ٽو، تو لئي گوندر گذاري ٽو
سڃڻ تو سُرسُ ساري ٽو، اوهان لڳ آهِ منتظرُ
٣. زياده ٽو ڪري زاري، ڪائين سو ڳچيءَ ڳاري
مَ ڪج تنهن تئون تون بيزاري، ڏسي ڏوهن سندو دفترُ
۴. درد ۾ دل بجانو ٽيو، أتي يڪدل يگانو ٽيو
وٺي نياپو روانو ٽيو، رسيو تا روءِ وڃي رهبر
۵. اڳيون پي ٻاجهه هُتِ پيئي، وائي تا هجر جي ويئي
دلاسا دوست کيا کيئي، لکڻ کئون هن آهي ٻاهر
٦. آهي سڀ خيال هِي منهنجو، اوڏنهُن ويو حال هِي منهنجو
سڃل ري سوال هي منهنجو، حضوري ۾ ٽيو حاضر

(سرجوڳ)

ٽلهه: سَنديوَ سارَ سنيال، يار مونکي آهي منهنجا
١. مُون هُون ڏورڻ نہ ٽيا، الا آهن قاف ڪشال
٢. اوهان ٻاجهون سپرين، جيئڻ منجهه جنجال
٣. ڪريو فنا فراق کي، وجهان واجهَ وصال
۴. ٻاجهه ٻاروچا تو پوي، هڻڙا ٽيڙم حال
۵. راتو ڏينهان رُوح ۾، جُکان لَئي جمال
٦. سڪ سڃل کي سپرين آهي، جيءَ ۾ تنهنجي جال

(سرمارئي)

ٽلهه: سومرا سائين توکي وو، ڳالهيون چوندَسِ آءٌ حال جون هوءِ هو
١. عمر اَباڻي پار ڏي، ڪرڙ ڪکوريا کي وو
٢. ڪوڪڙ چونڊيا کانڊ سان، پٽ چڙهي پيکي وو
٣. سڳر ڪِيَنِ سڦرا، سَئين جان سينکي وو

(سربرو)

ٽلهه: سڃڻ تنهنجو برهه باري، اسان جي ساڻ تو ياري
آءٌ تا ٻانهي تون تا سائين، ٻڌي ٻانهون ڪير زاري
١. اچانڪ لنوَ جو تو لائي، پئي تا ڪلَ نه مون ڪائي
وٽيئي جا ڪير سائي، پاتي سون ڳل ڳچيءَ ڳاري
٢. وڏو سين طلب ۾ توئي، نه هو هِت حال مون کوئي
چوان هي حال ڪنهن روئي، معلوم آهي توکي ساري
٣. الانيون عشق جي لايون، ويون وسري سيئي وايون
اسان جي طرف ڏي آيون، ڪئي سپ لوڪ بيزاري
۴. لکان ڪيئن ڳالهه هن دم جي، ڏاڍي آهي راه هن غم جي
ملامت ڪُلُ عالم جي، اسان تا اصل اختياري
۵. سچل ڪر سَوَ شڪرانا، پچي تا برهه بيگانا
توڙي هِتِ سي ٽيا ديوانا، مليوسين دوست هڪواري

(سربرو)

ٽلهه: سگهه ايندا سگهه ايندا، پانڌي پرين جا ڪي تا
١. سڪائيءَ سان سرتيون الا، ڏک پائي اچي ٽيندا پلي ايندا
٢. دردمنديءَ جي دل کي ميان، دوست دلاسو ڏيندا پلي ايندا
٣. ڪينَ ڇڏيندا ڇپرين ميان، نال نماڻي نيندا پلي ايندا
۴. پکا پکن سامهان ميان، آڻي پاڻ اڏيندا پلي ايندا
۵. پاڻ پنهنجو سپرين ميان، ساڻ غريب گڏيندا پلي ايندا
٦. سو ڏينهن ٽيندو کهڙو، جو سچل نانءَ سڏيندا پلي ايندا

(سربرو)

ٽلهه: سونهون سڱ ٽيو ڪاکيون ڙي،
ڪيچ ڏٽين سان شال مولو ميڙيندو
١. اڳئين کان پي اڳرو، پائين تا ورهه ويو
٢. آريءَ جي اولاد سان، ڏاڍو پيچ پيو
٣. بيکسيءَ جِي دائري، تنهن کي نينهن نيو
۴. صدقي تن سِرن ٽئون، سچل ساهه ڪيو

(سريمروي)

ٽلهه: سُڻُ تون منهنجڙو حال، واقف سائين، مرشد سائين وو حال ميان
١. ٽئي خلاصي خودپرستي ڪئون، ميان ڪر پلائي پال
٢. بخشش توڏهون وو ٽئي بزهه جي، ڪاريُئي سو ڪونه ڪشال
٣. مان مان وچي وسري ميان، تون ئي ٽئي برحال
۴. صحيح سچل جي دانهن اهائي، فضل ٽئي في الحال

(سرجوگ)

ٽلهہ: سهٽا توکي کيهو هاڻي هاڻي، ڏوراپو ڏيان پلو من موهٽا
١. وسُ ويچاري ناه اصل کـــئـــون، تون پرين پاٽهين جاڻي
٢. اندر منهنجي وو آهي اوهان جي ، ڏاڍي سا سِکَ ساماڻي
٣. اوهان ٻاجهـــون ويڻي اوتيـــان، پنبـــٽـــين مـــان پاڻي
۴. سچل اصل کـئـون آهہ اوهان جو، پنهنجو سـو سگ سـجاڻي

(سرجهولٽوجوگ)

ٽلهہ: ساڻي ساري سنيهـا چـئـج، پنهون کي ببراڳي آهيان وو
١. حـال ڏِسـيـو ٽـو جـو وڃـي، سـارو عـرض کـريـن وو
دلاســـو کـــو دوست ڏنهُـن، وڃـي جـلـد ورين
٢. کـارو کـج نـه کـيج کـي، چـپـــر تـا نـه چـڏين وو
ٻانـهـي جـاڻـي پـنـهـنـجـي، گـــولـن ســان گـــڏين
٣. توســان عـــمـــر گـــذاريان جا، کين هِت هئـان وو
ڳالـهـين تـنـهـنـجن ڳاريـان، جا ٽـي رت روئـان
۴. ڏورينديِ مـــون ڏونگرين، گـهـٽـا ڏينهن ٽـيـا وو
پُـڏا هـونـدا هـوت تـو، جـي ســچـل ســڏ کـيـا

(سرسسئي)

ٽلهہ: ساري ڏيهَ نہ ڏي ڙي، پانهنجي دل سـمـجهـہ سنيالين
١. ڳالهـــہ پچين جي پرينءَ جي، حـــرف حـــال ئي جا هي ڙي
٢. اچل نہ ٽـکـر پـتـر جان، نينهن پاڻيءَ ســان ني ڙي
٣. هاريون انهيءَ حـــال جو، قـــرب ســـجـاڻن کي ڙي
۴. پاڻهـــين آهن پڏرا، ســـچل ســـالـک سي ڙي

(سرجوگ)

ٽلهہ: سيکنهن سجڻ پئي عيد ڪئي، مونکي ريءَ پرين ماتام آ
١. عـيـد اضـحيٰ جي چوان، تو لَئي خوشي مـون لَئي حـشـر
مـلُ تہ مـــانـــدائي لهي، نہ تہ سُـولي ســـر انجام آ
٢. ٽـين تاريخ اضـحيٰ جي، ســيـد هلڻ ســامـان آ
هو سـيـد شـهـيـد ٽـيـو، جنهن جو ڪربل ۾ مـقـام آ
٣. کـي چـون آ هـوريـو، کـي چـون ســـوداءِ ٽس
کي چون سـرسـام ٽس، مـونکي پرين پـري پـياريو جام آ
۴. مـســتـن جي مـلاقـات جو، اصل کـئـون انجام آ
ســارو قـــصـــو هن سُور جو، ســچل توکي انعـــام آ
(نوٽ : مٿيون ڪلام جيئن فقيرن کان ٻڌو اٿم، تيئن لکيو اٿم)

(سريهاڑي)

ٽلهه: ساقي آهيون شراب جا، اسين ڪامل ڪلاتي
جال پري جام پيئون، آب حياتي
١. لاتو سي لولاڪ ۾، وڃي "لا" سندي ڪاتي
"مان" کي ماري مان پروڙيم، گهر هڪي پاتي
٢. "همه اوست" حال ۾، اسين آهيون اثباتي
نفي ۾ نابود، ٽياسي صاحب صفاتي
٣. مٽي ڪُنَ ڪپر، لنگهياسي منجهان ظلماتي
سِرُ سڃاڻي پنهنجو، ٽيا سي ذات اندر ذاتي
٤. سچل سارو پاڻ ٽيو، جنهن مام سُجاتي
تصوير نظر نور، اندر پاتائين جهاتي

(سرڪلياڻ)

ٽلهه: سج آهي پريشان، سوئي ڳولهي سج کي الو الو
١. مڇلي جيئن آب سان، آبُ پچي طغيان
٢. تارو پچي نجر کون، موج پچي مهران
٣. ڦڙي پچي مينهن کي، شاهه پچي سلطان
٤. هو مڙيوئي پاڻ ٽيو، ڪيرُ ٽيو حيران
٥. سچل جي صفت ۾، اهو باريءَ ڪيو بيان

ش

(سريپروي)

ٽلهه: شخصُ کو جامون ڪري، جامون نہ نالو سو سڏاءِ
نانءُ سو پنهنجو سڏائيندو، سر جنهين جو نانءُ آءِ
١. ڪيئي ڳالهيون کوڙين ڪري، محلي ۾ ويٺو پاتشاهه
ائين نہ چئجو آهي هي تا، ماڳ محلي جو الاءِ
٢. آهي عجائب جيهڙو، بازيگري هن جو بناءِ
پاڻ تا پنهنجو لهي، هن سِرَ جو سارو سماءِ
٣. رمز مرشد کون سهي ڪيم، جو ندا سوئي صداءِ
اُسَ سچل ري سج ڪئون، ناهي ذرو ڪوئي جداءِ

(سريمروي)

ٽلهه: شهر هڪ آهي عجب، الملڪ تنهن نالو ٽيو
جنهن گهٽي ڏٺڙي، تهين ڪوشش ڪشالو ٽيو
١. جو شهر سو بادشاهه، هي نوع نرالو ٽيو
جو ٽيو واقف شهر، چُڪَتِ تهين چالو ٽيو
٢. ڪنهن کي صحيح تنهن شهر جو، ساعت سنيالو ٽيو
سو خاص عامن جي اڳيون، لاغرض گوسالو ٽيو
٣. حو اوڏنهن ويو تنهن شهر، سو بي شڪ بي تالو ٽيو
سچوءَ سجاتو شهر سو، عاشق الله والو ٽيو

(سرمارئي)

ٽلهه: شال نہ وسارين، مارو مونکي شال نہ وسارين، درد جنين جو آهي دل کي
١. الئي پهر اوڏهون، نيڻ ٽا نهارين
٢. پَهون پهنور پانهنجا، ويجها وهارين
٣. جوڙِ اسان جا جهوپڙا، ماڙيون ٽيون مارين
٤. هردم طلب جون تن ۾، تارون تنوارين
٥. سنگهارن جون ساه کي، ڳالهيون ٽيون ڳارين
٦. سچو سارين جن کي، سي پي تو سارين

(سرآسا)

ٽلهه: شاه ٽيو سيلاني، نہ ڄاڻان ڪيهيءَ ڳالهه ڪئون
١. ٽي گداگر ڪري گدائي، شرف ڇڏي سلطاني
٢. صورت انهيءَ ڪير سڃاڻي، هَئي هَئي سڀ حيراني
٣. ظاهر پنهنجي ذات ڪيائين، جوڙ ڪري جسماني
٤. پول نہ ٻڌي ڪنهن اوهين پلجو، عين اٽوَ انساني
٥. اُهو اندر اُهو ٻاهر، ڪير ٽيندو قرباني
٦. سچل سرَ 'سرَي' کر ڄاڻين، جان جٹو سڀ جاني

(سربروو)

ٽلهه: شال مون سان وريون وريون، ڪانگا ڪرين ڪي ڳالهڙيون
١. جدائيءَ جون جان تي، پُورن ڪيون پَريون پَريون
٢. درد سجڻ جي دل منهنجي کي، زور ڪيون هِن ڏريون ڏريون
٣. دکن واريون ڳالهيون، اسان پي دل پائي ڏريون ڏريون
٤. وايون وصل جون متان ڪرين، يار سچل تون ڏريون ڏريون

(سربروو)

ٽلهه: شال اوڏاهون ايندا، ونِي خاطي خبران خير جون
١. مون هن نماڻيءَ کي، ايڏا دلاسا ڏيندا
٢. پرين پاڻهين پاڻ سان، هيءَ گولي گڏيندا
٣. محبت مون مسڪين سان، شال نباهي نيندا
٤. کيچي ڪڏهن ڪينڪي، هي چپر چڙيندا
٥. جيڪي اڳيون پويون، بديون سپ بخشيندا
٦. پڪا پڪن سامهان، آڻي اوڏو اڏيندا
٧. ڏک سک پائي سپرين، هن ڏکيءَ سان ٽيندا
٨. ٻاجهه پريا ٻاجهه مئون، ڪري سچل سڏيندا

(سر جوڳ)

ٽلهه: شان سيد تنهنجو شهنشاهي، آهيان مان آهيڙياڻي
١. گذر اسان جون آهن گلويون، هِيَ ٽروندي ٽوريائي
شاهه آڻائي شوق پنهنجي مان، ڏولي ۾ ڏڦيريائي
٢. ٻالِ جَتي کان ٻاليشاهڻ، نالو نماڻي
چت چنوڙي چولو چيهاڙيون، سر تي پوتي پراڻي
٣. اَنا اَحمدُ بلا ميمي، پارس ڪئي آ پچاڻي
"فَاذکرونِي اَذکُرکم،" سچل ذات سڃاڻي

(سريهروي)

ٽلهه: شوريدن کئون حال، پيچ وچي پوءِ هُوءِ ۾
١. مجلس وچج اَن جي، تا ڏَسنين خاص خيال
٢. مَي کئون پيچ مَي کي، تان ڪندئي ڪوٽ ڪلالُ
٣. آگهه لهج اَن جي تا، تو وڻ ٽڻ آءِ وصالُ
٤. ورق وسارج وچ جا، تان فارغ ٽئين في الحال
٥. عقل اُڇلج آب ۾، تان برهه ڪرئي بي حال
٦. جي تون وسِهين ويسلا، هِي سچل سچ سوال

(سر سارنگ-پيلو)

ٽلهه: شي آهيان ڪاڪيون ڪهڙي، جا سمجهي نه ڄاڻان
١. بعضي پايان پُتلي، يا آهيان ڳڏيءَ ڏور
يا گوءِ آهيان هٿ يار جي، يا وانگيءَ وانگر زور
٢. يا ته محل آهيان، جنهن ۾ شاهنشاهه
هوليون ڪري ڪيترين، ٽو دَرونئون داناهه
٣. يا تا گهوڙو آهيان، جو هلائي هسوار
يا ته موج درياءَ جي، جا ٻوڙي ٽي ٻاهار
۴. يا مينديءَ گل تا آهيان، جنهن اندر لالائي
يا آهيان گل گلاب جو، جنهن سر ۾ سرهائي
۵. يا ته چشمو آهيان، جو اَبَر پريو آب
تنهن ۾ سايو سج جو، يا پاڇو ئي مهتاب
٦. يا ته پاڇو ئي حق جو، آءٌ اصل ڪون آهيان
جنهن ۾ ڳالهه نانهن تا، سو پي تا ناهيان
٧. ڳالهه سچوءَ تا سمجهي، ڪوُن هاديءَ اهائي
تا غير خدا جو ناهئين، آهي صاحب سدائي

(سرتوڏي)

ٽلهه: شهَ درياهه تي وڃي پياسي،
لهرين ڪيئي ڪُنَ لَس لنگهياسي
١. سيرَ سموند جي آندا أتاهين، وسري ٻيا سپ وهڻ وياسي
٢. ڪارونپار مڙيوئي قلزم، نينهن برابر أتي وو نياسي
٣. ظاهر پهريون لهَر ڏني سي، پوءِ سارو پاڻي پاڻ ٽياسي
۴. فوق تحت جي خبر نه پوندي، خوني موج به موج ڪنياسي
۵. سچل أتي سچ ٽيو، چرَ چلڪ جي سر چڙهياسي

(سرمومل)

ٽلهه: شوق پيجيَ شڪ شير، پيارل ماري آهيان
١. ڪوڙين منجهون ڪو لهي، هن ٻونءَ سندو پير
٢. اچي پڙس أتهين، جاتي ايرُ نه پير
٣. دوست دشمن هڪڙو، ڪنهن سان پائين ويرَ
۴. سچل سگَ اوهانجو، سندئي سيجاتو سير

ص

(سر پيروري-جهنگلو)

ٽلهه: صحيح سچاتو سين هاڻي، اصل اسان جو تون آهين

١. عاشق متان اوتئين، پنبٽين مٽون پاڻي،
٢. ڪڏهن اسان جي ڳالهه ڪٽون، عذر متان ڪو آڻي
٣. عاشق مٽي ڳالهه جي، وري ٽا ڏين وراڻي
٤. ڏينهٽون نٽين آهي، ناهي سا پرت پراڻي
٥. تَنَ ۾ تنهنجي اصل اسانجي سچو سڪ سماڻي

(سر برووـتلنگ)

ٽلهه: صحيح سچاڄ ساري، خود آهين وي خدائي

١. لکين ستارا گم ٿيا، روز ڪئي روشنائي
٢. ڪوڙين قطرا کارونيار، ويا کين سمونڊ سمائي
٣. سڌ جنهين کنهين سرَ انهيءَ جي، مٽي جنهن جي آئي
٤. تخت هزارو اوري رهيو، پري رهي بادشاهي
٥. سچو سچي ڳالهڙي، پاڻ پرين پرجهائي

(سر تلنگـڪنيات-برووـ)

ٽلهه: صورت سڀ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو

١. ڪاٽئين حنبل شافعي، ڪاٽئين مالڪ نعمان
٢. ڪاٽئين پٽي پوٽيون، ڪاٽئين پڙهي قرآن
٣. ڪاٽئين اناالحق چوي، ڪاٽئين ڦيرائي فرمان
٤. ڪاٽئين مير وزير ٽيو، ڪاٽئين ٽيو دربان
٥. ڪاٽئين طفوليت ۾، ڪاٽئين پير جوان
٦. ڪاٽئين احمد بلا ميمي، ڪاٽئين هنومان
٧. سچو پيو صبر ۾، هُوءِ حيرت ۾ حيران

(سريهاڑي)

ٽلهه: صدقي صدقي هي سر ميان، آهي ڪوهيارل تئون صدقي
١. قاف ڪشالا ڪيج جا، ظاهر ٻجهن رزُ ميان
٢. جبل گهايا جوش مَئون. گهاڻي ڪيڙو گهر ميان
٣. محبت جي ميدان ۾، گهيڙ ڏسي وڃي گهڙ ميان
٤. ويهڻ مونکي وِهُ ٽيو، ترسان هَڏ نہ ترُ ميان
٥. جيڏيون جانب جت لَئي، پَئي پَئي وتي هي برُ ميان
٦. حبيباڻي هنج ۾ ميان، ڪيهه ڪري وڃي ڪرُ ميان
٧. سچل سچي سِڪ مَئون، فاقو ڏسي نا قرُ ميان

ط

(سربروو)

ٽلهه: طعنا سر تي سهندي آن، سرتيون ساري لوڪ جا
١. ٻاجهون ٻاروچل جي، راتيون هت ڪا رهندي آن
٢. قاف منجهارئون ڪاڪيون، لعلن لوڙي لهندي آن
٣. پسڻ بنان پرينءَ جي، ٽاهه نہ ٻي ڪنهن ٽهندي آن
٤. پينر هن پنيور ۾، ريءَ ٻاروچي نہ ٻهندي آن
٥. سچو سچيءَ سڪ ڪئون، ڪيچن ڪي ڪهندي آن

(سر بلاولي-سارنگ)

ٽلهه: طلسم افلاطون بنائي، ڏسي سا سينگار جي
١. سڪندر ليکي سال لنگهي ويا، ساعت هُئي هڪ وار جي
٢. نظر نہ آيا باغ باغيچا، حرفت هئي هشيار جي
٣. ڪائيءَ اَڪ جي ڪئون ٽيو ٻاهر، سدَ پيس سنسار جي
٤. چوري پاتشاهه اُتي ڪئي، ٻولي ٻڌائي پلڪار جي
٥. وري ورائيون جاءِ انهيءَ ڪون، خبر پيس اسرار جي
٦. اصل اُهوئي، هن جهان جو، ڳالهه اٽو اعتبار جي
٧. دنيا هڪدم آهي سچو، بازي سا بازيگار جي

ع

(سر جهنگلو)

ٹلهه : عاشق اکيون پٽي ڏسين، آهي مڙيوئي يار ميان
ظاهر زباني ٽو ڪريان، عجب جيهو اسرار ميان
١. اعتقاد فردا جو نه رک، اڄ دوست ٽئي اظهار ميان
جن کي پسڻ هٿ پرينءَ جو، هُٿ پي تنهين ديدار ميان
٢. سالڪ سهي کي تا ڪرين، صورت سندو گلزار ميان
بانهون هڏين ڇو ٻين کي، آهين تون سپهه سالار ميان
٣. بلبل اول ڪر پاڻ کي، گهٽ گهٽ سارو گلزار ميان
جي تون زليخان جان ٽئين، ساجن سپو سنيار ميان
٤. تون تا سچيءَ هن ڳالهه کئون، عاشق نه ڪر انڪار ميان
جيڪي چيو مرشد توکي، آڇج، آتي اعتبار ميان
٥. سر و پا اهو ساجن وسي، ٽيءُ پاڻ ڪون بيزار ميان
آهي وسُ سچو سچ يار جو، ناهه ڪو اسان اختيار ميان

(سر جهنگلو)

ٹلهه : عاشق جي احوال جي، تون ڪوهُ نه پُڇين ڪَلَ
١. راڻي ڪارڻ ٽي روئي، محل چڙهي مولَ
٢. سهٽي گهڙي سير ۾، آڻي عشق اجهلَ
٣. سسئيءَ گوندر گهاريا، پنهونءَ ريءَ هٿ پلِ
٤. ڪڏهن ٻُڌي ڪا نه ڪا، جهانگيئڙن تي حبلَ
٥. سڪ سچوءَ کي سرتيون، ڪيا هينئڙي اندر سلَ

(سر پيلو-ديوليو)

ٹلهه : عاشق ڏسڻ ۾ آيو، محبوب گلُ سناسي
عبرت عجب عجائب، اسرار رنگ عباسي
١. برهي جي اک به ببيني، ڪائي مثال چيني
توڙي رنگئون رنگيني، چينيءَ جي مٽ نه ڪاسي
٢. گل آب جاءِ جاتي، محبوب راز تاتي
عاشق ڏسڻ کون ڪاڻي، رهندو پتنگ پياسي
٣. صورت ۾ جاءِ دم جي، دَم ريءَ نه صورت ڪم جي
دم ۾ جا لذت غم جي، وهه واهه ڳالهه خاصي
٤. ابليس جي وڏائي، هر ساس تي سوائي
جيوڻ ته دم پلائي، نه ته تحتُ نحس ناسي
٥. ثابت سچل سچاري، يارن جي ياد ياري
وحدت جنين وساري، تِنِ تَنَ مٽي اڃاسي

(سر توڊي)

ٽلهه : عاشق کر آرام، آءُ تا توکي اوڏو آهيان

١. ٻيو نه پائنج پاڻ کي، آهين هڏ نه عام
٢. تون تا آءُ ئي آهيان، ٻج دُوئيءَ جا دام
٣. مطلب آهي تونهانجو سريرئون سرانجام
٤. ڪيئن ڪيو تون پاڻ کي، بندو ٿي بدنام
٥. ڪفر زلف اسان جي ميان، مُنهن سندم اسلام
٦. ٻانهپ ٻيائيءَ ڪئون ميان، سچو ڪج سلام

(سر برووَ)

ٽلهه: عاشق کر آرام، پرينءَ گهٽو پچيو تنهنجو خوشيءَ ۾ رَهُ

١. طرف تنهنجي آهه اچڻ جو، اسان جو انجام
٢. رهبر عاشق کي وڃي، سوَ لک ڏيج سلام
٣. اڳنان آهي تونهانجو سرهائي سرانجام
٤. جيڪي چيو تونهانجو آهي، ڪُلي قبول ڪلام
٥. سچو تنهنجي ساهه کي آهه محبت بخش مدام

(سر جوڳ- آسا)

ٽلهه: عاشق کيٽئي اداسي، وهه واهه ڳالهه خاصي

١. روز ازل ڪئون لونءَ لونءَ منهنجي، واءُ وِرهه جي واسي
٢. دلڙي اسان جي سهٽا سائين، ڦريون ڪيئي پياسي
٣. هيڏي هوڏي کين وياسي، باس اها اسان باسي
٤. عشق نعرا سُڻُ اشارا، هي دل لڳي هراسي
٥. بيخودي ۾ مون باغ بهاران، خودي ۾ ڪانءَ خلاصي
٦. برهه اوهان جي ڪيو بيراڳي، سچو رنگ سناسي

(سر ڪسوري-جوڳ)

ٽلهه : عاشق مرندا کينَ ڪي، رهندا کين مڪان ۾

١. ديواني درياهه جو، پيتو پيٽئون پيالو پُرُ ڪري
اجر منجهه امرٽيا، اُهي گڏيا کين جهان ۾
٢. غيب ۾ جي غرق ٽيا، تن ڪهاءِ گردن ۾ لڳا
ٻولي ٻولن ٽا ٻي نه ڪا اُهي رهن الامان ۾
٣. ڪيئي پڙهندي سال ٽيا، روزا نمازون نفل ني
تن ڪُٽن ڪَلَ نه ڪا، باطن جي بيان ۾
٤. چين ولايت گهر ڪري، گهڙي گهارن کين ڪي
پسن هادي حق ڪي، رهن ٽا بيابان ۾
٥. هردم آهي دم دوست ڏي، اُهي سُونهنِ ٽا سرانجام ۾
سچوءَ کي سوئي مليو، هي گرُ اچي تہ گيان ۾

(سر بلاولي)

ٹلهه: عشق آهي ارباب، تقوي طاعت رعيت تنهنجي
١. ڪلُ ستارا ڪر ٽيا، جڏهن اپريو آفتاب
٢. جي مڙي ويا ميدان مئون، اُتن آهي عتابُ
٣. اصل عاشقن جو، ڪولي نينهن نقاب
٤. شارڪ پڳا سنيري، جڏهن آيو نينهن نواب
٥. سچو ورتو جنهن ورهه ڪي، عالي تنهن القاب

(سر پهاڙي-گجري)

ٹلهه: عشق تنهنجي ماري آهيان، آءُ اچي ڏي دوست دلاسو دل ڪي
١. سگهه نہ ساريان پنڌ ڪرڻ جي، ڪيچ وٹن ڏي ڪيئن ڪاهيان
٢. آءُ تا ٻانهي تون تا سائين، سگ نہ ٻيو ڪو ساهيان
٣. ڪر اچي جي هي سِرُ تنهنجي، تا پي نابر ناهيان
٤. آءُ اڻ سُونهين سُونهين ناهيان، ڪاڏي ڪرهلُ ڪاهيان
٥. هوت ڪرين ٽو هڙيون، آسرُ هڏ نہ لاهيان
٦. اڳڻ آءُ تون يار پيارا، سپ پلايون ٹي پانيان
٧. ورهه اسان جي ڪيئي ولوٽيا، سچو چوي آءُ آهيان

(سرآسا)

ٹلهه: عشق لڳئي تا ڪر آمين، نا منجهه ڪفر نا منجهه دين
١. سورن جون سِٹون ڪهڙيون پڙهين ٹو، ورهه نہ پچندئي ولاالضالين
٢. ديد ڏسي ڪي ديد اڙائن، نينهن نہ پچندائي نابين
٣. جلوَو عشق جو عرش ڪرس تي، ا سر زمين چا زير زمين
٤. دل سان ذرو درد قبُوليم، ڪشف قبور ڪرامت ڪين
٥. شبها شڪ سيئي لاٿم، پاڻ سجاڻڻ ساڻ يقين
٦. طالب ڪي تلوين گهرن ٹا، تہ ڪي تمنا تي تمڪين
٧. هادي عبدالحق سچوءِ ڪي، توڙون هيءَ تا ڪئي تلقين

(سر ڪسوري)

ٹلهه: عشق اول آزمائي، ڪاڪيُون ڪيچين جو پير تهان پوءِ پائي
١. سر تي سهج سور سٹاٿا، هاروچو ٻولائي
٢. صحيح ملندءِ هوت حقاني، رانول مئون روُ لائي
٣. عاشق صادق وو سچيڏنا، پول نہ ڪنهن پولائي

(سر توڏي)

ٽلهه: عشق اکين نيئي لايو، مستانن محبن سان
١. سر مٽي مون سرتيون، ورهي مينهن وسايو
٢. البت ويندیس اوڏهين، پل پاڙيچيُون نہ پايو
٣. آءٌ کيئن ويهان ماڻ کري، سورن هت سجايو
٤. جا سيبايم سرتيون، ڳالهه اهائي ڳايو
٥. اصل آهه عجيب جو، سچل تي سڀ سايو

(سر سارنگ)

ٽلهه: عشق اسان وٽ آءٌ، اچي تو تا سانوڻ لايا
١. چئنچل پيهل ٽي چوڏاري، مينهن رات ڪئي موچاري
عزت لڏي آسمان، پرين اچي پير گهمايا
٢. بوند برهه جي برسي باري، جوش اکين مئون جرَ ٽيا جاري
بيحد ٽيا باران، اصل ڪئون واهه وهايا
٣. گل ڦل گاهن ڪئي گلزاري، مجيائون سارنگ جي سرداري
سهسين ٽيا سامان، اکين آگم لايا
٤. يار سچل چئي محب مليا سي، بيشڪ دل جا درد لٽاسي
شاهي رکيائون شان، اچي تن حڪم هلايا

(سر جوڳ)

ٽلهه: عمر گهوريا هي پٽ پٽيهر، ساريان تا لوءِ پنهنجي جون لويون
١. هُت ويڙيچا ويٺا ورهائن ڏيهاڙيون، سي ڏوڻرن سنديون ڏويون
٢. سنگهارن ڏي سوز سنيها، راتين آءٌ تا روز منجان ٽي رويون
٣. ڪنڊيون ڪوڪڙ سنديون، ڳچي پائن ٽا هت پيڪا پويون
٤. صبح ساجهي ڪٽن خوشيءَ سان، اوهي سي تا آب پريون ني اويون
٥. پاند ۾ پائن پُسيون، ساڻ سگهر سنگهار سچل سي سويون

(سر تلنگ)

ٽلهه: عين اٽو انسان، پول متان پُلي ڪائي
١. دلق درويشي پهري آيو، صورت هن سلطان
٢. آهي جڳ ۾ سٽو ري جيڏيون، صاحب جو سيلان
٣. ڏسي تماشو يار سڃڻ جو، هر همه حيران
٤. واهه عجائب جيهو ڪيائين، سچو ري سامان

(سرجهنگلو)

ٹلهہ: عشق وڏي مَرُ تنهنجو، وي ڏولڙ تيلهان طعنا ڪير توکي
١. تا ڪي سڃاڻان وو عاشق توکي، اهو هُنُرُ آهہ منهنجو
٢. ڪنين ڪنين کي وو لڳي اسان جو، عشق اصل ڪٹون اهنجو
٣. اها وراڻي وو آهہ سچل ڏنهنُ، راضي اوهين هڏ رهجو

(سرڏناسري)

ٹلهہ: عشق نہ توکان ڏار، سمجهہ صحيح پنهنجو پاڙ سڃاڻج
١. منجهہ ٹي بادل منجهہ برساتيون، منجهي مينگهہ ملهار
٢. منجهہ درياهہ وهن ٹيون واهيون، ويرن ناهہ کو وار
٣. ٹاهي پنهنجو پاڙ لڳايوئي، رات ڏيوئي ڏڳ يار
٤ ـ منجهہ مدينو ڪعبو قبلو، منجهي مصلا چار
٥. سهٹي ويچاري چٹن پُلائي، وَرُ ڏي ميهر يار
٦. منجهہ ٹي مڙهيون ماڳ مسيتان، دائرا دم ديدار
٧. پنجتن پاڪ پساءِ پيارا، چڳان سو چارئي يار
سچل ڪي آهہ سڪ پرين جي، هردم ليل نهار

غ

(سرتلنگ)

ٹلهہ: غافل ٹي نہ گذار، عاشق روز اَزل جا، واحد ڪي نہ وسار
١. صيقل ساڻ ثناءِ ذڪرجي، اندر قلبُ اُجار
لنوُ لنوُ منجهہ لقاءِ پرين جو، ڏيکين تان ديدار
٢. فاذڪروني اذڪُرڪُم، ٻاهر نہ ٻاڪار
ياد ڪندن کي ياد ڪري ٹو، ثابت صدق بيهار
٣. ترس نہ، توڪل جو ٻڌ ترهو، سر سڃڙ ڪي سُپار
پيهي اَنت عميق بحر ۾، اعلي اَمل برار
٤. هوتُ ڇڏيو حيران وَتين ٹو، تَرُ ڪيو اندر تار
بندا ناهہ بقا دنيا ڪي، غافل دم نہ گذار
٥. صحي سڃاڻ تہ ساڻ وَسيئي ٹو، شڪ نہ شُبهہ شمار
وَهُو معڪم عينها ڪنٹُم، پيهي ڏس پاتار
٦. من لہ مولا فلہ اَلڪل، ڪري نظر نهار
هوتَ گڏيو جن يار يگانو، حاصل تن هر ڪار
٧. ڪِ ڪشالا سور مَ سَل تون، من منجهيئي مار
ڏڪن پٹيءَ سڪہ سدائي، حق چيو هر بار
٨. صاحبڏنہ سمجهہ صحي سِر، پارون ٹڪر ٹار
ليس في الدارين اِلاهُو، پُرُمَ ٻي ڪنهن پار

(سر مارئي)

ٽلهه: غم ۾ ڪيئن نه گذاريان، ڏوٽين وڃئون مونکي ڏينهن ڏيا

١. ميان ملڪ مليئر ڏي، ڪنيو نيئ نهاريان
٢. پڪا پهنوارن جا، ساعت ساعت سنيهاريان
٣. راتيان ڏينهان روح ۾، ساهيڑين کي ساريان
۴. وِس جي هوئي ڪوئي منهنجو، ڪير پاڻ قطاريان
۵. پٽ پنهنجي پاٽهين، پهنوارن سان پاڙيان
۶. يادَ ڪيوسي ڳالهيون، پنهنجو پاڻ ٿي ڳاريان
٧. موڪل ڏيم مٽين مڙان، گهڙي هت نه گهاريان
٨. ڪر ٻاٻاڻن جا، ڇهرائيءَ سان چاريان
٩. جان مون روح رڳن ۾، ويڑيچا نه وساريان
١٠. جا لوئي آنديم لوءِ ڏنهن، عمر شال اجاريان
١١. حال پسي هي پنهنجو، ماروئڙن لڳ ماريان
١٢. هي پٽ پٽيهر گهوريا، طولَ پانيان تلواريان
١٣. ڪرَ لهن لَئي ڪانگڑا، اوڏنهن روز اڏاريان
١۴. سچل سنگهارن ڪئون، هي سرُ هَڏِ نه واريان

ڪ

(سر جهولڻو مارئي)

ٽلهه: ڪانگل ساري سنيها هي، چئج مارن کي ويراڳي آهيان

١. اوهان ٻاجهون گهٽيرو، محلن ۾ ماندي
قسمت قيد الماءِ جي، ارادي آندي
٢ چانور چا چورمان، آڇن نت نوان
ڏونرا پُسيون ڏيهه جا، ساريو هت رُڻان
٣. زهر پيالا سوز جا، اوتيون آءٌ پيان
اوهان ٻاجهون سپرين، مران آءٌ کي جيان
۴. ڏکن ڪارڻ ڏيهه ۾، نپايس اوهان
سچل اکڑين مئون ساري رت رڻان

(سر برو و)

ٽلهه: ڪاڻ اچڻ تنهنجي ڪندي آءٌ، هت حيلا هزارين وي

١. پرچ پرين ڏس پاڻ ڏي بره اوهان جي بندي آءٌ، وري مان نهارين وي
٢. پرچي اگڻ آءٌ تون، پايان ڳچيءَ منجهه گندي آءٌ، يار گڏ گذارين وي
٣. جيهي تيهي هوت اوهان جي، چگي سا توڙي مندي آءٌ،سا تون ڇو ٿو وسارين وي
۴. اوهان ٻاجهون سپرين، نيٽئون وهايان نندي آءٌ، پيو سچل پيارين وي

(سر برورو)

ٽلهه: ڪالهه اسان تو ڪيون ڪيون، يار سڃڙ ڳجهيون ڳالهيون
۱. ٽين پراڻيون ڪين ڪي، نِتُ سي آهن نيون نيون
۲. رهيون آهن روح ۾، ڇڳيون اوهان ڇيون ڇيون
۳. ڪين وسرن ساهه ڪٽون، اهي تا پاڙڻ پيون پيون
۴. مٽيون ڳالهيون توهانجون، هن سڃل ساهه سنيون سنيون

(سر برورو)

ٽلهه: ڪالهه اسان وٽ ويهي ويهي، يار سڃڙ ڪيو ڳالهيون
۱. سي نه وسرن ساه منهنجي ڪٽون، ڳالهه ڪريان ٻي ڪيهي ڪيهي
۲. ٻيهر ٻاروچا ٻاجهه پوئي، تون آءٌ پکي هن پيهي پيهي
۳. ڏينهن ٻه ٽهي چار دوست اسان جي، دل سا رمزن ريهي ريهي
۴. هُج هميشه يار اسان وٽ، پرين نه ٽڄ پرڏيهي پرڏيهي
۵. ڪيو بيراگي ڏينهن انهيءَ لاکون، دوست سڃل جي ديهي ديهي

(سر برورو)

ٽلهه: ڪالهه قاصد اوڏهون آيا، اها ڪيائون آگاهي
۱. پار پنيور جي هٿا اچڻ جا ساڻ ڏڻي ڪي سايا، ڇڳي ڏنائون گواهي
۲. منهن محبوب جو ٽيو اسان ڏي، پياسي پنڌ سجايا، ڪيها رهبر ڪريان راهي
۳. يار مسافر ڪير اُداسي، ڏور جنين ڏينهن لايا، آڻي تون ميڙ الاهي
۴. سڃل اُتاهون اچي رهي هت، ويڙها سي يار وسايا، غم لٽي گمراهي

(سر توڏي)

ٽلهه: ڪانگي قريبن ڏنهن، خبر آندي ونِي وهندي وري
۱. خط منجهون معلوم ٿي، ساري خبر ڪينءَ جي ڪري
۲. دوست دلاسا لکيا تا، تو اسان ريءَ ڪيئن سري
۳. آءٌ تا گهٽو تو ساريان، ڳالهيون چوي ڪهڙيون چري
۴. سڃل توسان آهه منهنجي، اها ذوق سان دل جي ذري

(سر ڪلياڻ)

ٽلهه: ڪالهه جو ڪانگل اڏاڻي، پلو ڪيئن وئين پرين وٽ
۱. گهٽي توسان ڪا ڪئي، اڳيون يار سياڻي
۲. پرين ڪي پڇيو، ڏيج دلاسو هاڻي
۳. ساري مونکي ڏيج سنيها، الله ڪارڻ آڻي
۴. پريان سندي پارَ ڏي، عاشقِ جو نه اماڻي
۵. آئين اڏامي اوڏهون، سڃل ساهه سيباڻي

(سر سسئي)

ٽلهه: ڪالهه قاصد اوڏهون آيا، چي حاني ايندءِ اڄ جائي
١. اسين تہ اڄ اوڏاهون آياسي، هُنَنِ اچڻ جا سايا، ڪيڇ هُئي هِيءَ وائي
٢ ـ سڪين سارين جن ڪي وو، واليءَ پوءِ ورايا، اچي ٽيندءِ ڏَڪ پائي
٣. ڏينهن گهٽا تو هوت پنهون ري، ورهي مينهن وسايا، آئي اوڏهون وڏائي
٤. اجهي ايندءِ سپرين وو، ڏينهن گهٽا جن لايا، ڪل نہ پوندي ڪائي
٥. سچل سڪندي سال ٽيا وو، ڏکيا مون ڏينهن لنگهايا، وڃي هي عمر اجائي

(سريپروي)

ٽلهه: ڪانگڑا قربن جا، توکي ڪالهه اڏايو ڪن وٽئون ويڑيچن
١. آسروندي آهيان، من ڪو پيرو ڪن
٢. پڪا پڪن سامهان، اوڏا مانَ اڏن
٣. سچل جي سريرِ ہر، دونهان روز دڪن

(سر توڏي)

ٽلهه: ڪاڪيُون مونڏي ڪالهه، دلبر لکيا دلاسا
١. ايندا اڳٽ سي توهانجي، جن لئي سڪينءَ سال
٢. هاريون هجر فراق جو، واريو ورق وصال
٣. سرهو ٽيڑو ساهه موُن، لاٽئون ڪلُ ڪشال
٤. ڪرم ڪيائون پانهنجو، منهنجي ني ڇا مجال
٥. برُ نہ ماندو تون ٽئين، لهندئي سچل سنيال

(سر ڪنيات)

ٽلهه: ڪاڏي ويئڑا وو، پرين پاڙيچا
١. جاڏي هليا وو، تهدل تاڏي هَلَ تون هينئڑا
٢. محبن مون سان وو، عجب جيها ڪيئي ڳڻ ڪيئڑا
٣. گوندر گاڏئون وو، ڏينهڑا هت جالن جيئڑا
٤. هن اجايا آنهن ہاجهون وي، جي پَلَ پيئڑا
٥. سچل سندا سانول ہاجهون، هي حال ٽيئڑا

(سر سسئي-پيروي)

ٽلهه: ڪجو ائين ويساهه، سرتيون منهنجي ڀالهه سچيءَ تي
١. آيو ڪنهن تا ڀالهه ڪئون شهدائيءَ ۾ شاهه
٢. لڏم هڏي هوت جو، ريجهائي مئون راهه
٣. جوئي هدايت ۾، سوئي آهي گمراهه
٤. احمد علي هيڪڙو، آهي پاڻ الله
٥. ساڻين اتو پاڻ سو، حئو جو ارواح
٦. سچو سچيءَ ڀالهه ۾، ڪهڙو ڪير گناهه

(سر برووَ)

ٽلهه: ڪڏهن الا جي ايندا، يار سانگيئڙا ميان
١. سگهي اچڻ جون ڪانگ اسانکي، اچي واڌايون ڏيندا
٢. ڏيئي دلاسا دل منهنجيءَ کي، نال نماڻي نيندا
٣. اهيئي اميدون آهن اسانکي، هڪ ٽڪيءَ سان ٽيندا
٤. ڪين سي ڏسندا ڏوهن اسان جن ڏي، بديون سڀ بخشيندا
٥. آهي اوسيئڙو اکڙين کي، گولي ساڻ گڏيندا
٦. ڪيچ وڃن ڪئون پڻي سي پکڙا، آڻي هت هوت اڏيندا
٧. جيهو تيهو سچو سندن آهي، پانهنجو ڪين ڇڏيندا

(سر ديسي)

ٽلهه: ڪڏهن الاجي ايندين، پيهي پڇڻ پنهون يار
١. پاڻ پنهنجو پاڻهين، ساڻ غريب گڏين
٢. پڪا پڪن سامهان، اوري شال اڏيندين
٣. اهو اٿر آسرو، چپر تا نه ڇڏيندين
٤. سگ پنهنجي در جو، سچو نانءُ سڏيندين

(سر ڪليان)

ٽلهه: ڪڏهن ايندين هڪ ٽيندين، نت نهاريون سندئي واٽڙيون
١. سانول ڪهين سانگ سان، اگڙ اسان جي ايندين
٢. اهو آٽئون آسرو، بديون تا بخشيندين
٣. ڪنهن ڏينهن هن ڏکيءَ کي، دوست دلاسو ڏيندين
٤. پرين نيندين پاڻ سان، چپر تا نه ڇڏيندين
٥. ٽوري گهٽي ڏينهڙي، گولي ساڻ گڏيندين
٦. پڪا پڪن سامهون، اوري آڻي اڏيندين
٧. سو ڏينهن ٽيندو ڪهڙو، سحو ڪري سڏيندين

(سر پيروي)

ٽلهه: ڪڏهن عيسيٰ ڪڏهن موسيٰ، فرعون ٿي حڪم هلايم ٿي
١. ڪڏهن منصور ڪڏهن شمس الحق، اهي سر تي سوُرَ سهايم ٿي
ڪڏهن دارا ڪڏهن سڪندر، ڪڏهن ديس دبايم ٿي
٢. ڪڏهن ايباز ڪڏهن هُئس محمود، ڪڏهن نوڪر نانءُ ڏرايم ٿي
ڪڏهن ليلىٰ هئس مجنون، ڪڏهن واڻين ورهُ وسايم ٿي
٣. ڪڏهن نام شداد جو مون تي، وري نونو بهشت بنايم ٿي
ڪڏهن وامق عذرا، ڪڏهن شيرين فرهاد ڪوٽايم ٿي
۴. ڪڏهن هئس زليخا ڪڏهن يوسف، ڪڏهن عزيز مصر سڏايم ٿي
ڪڏهن رام سيتا ڪڏهن لڇمڻ، ڪڏهن ڏهيسر بنايم ٿي
۵. ڪڏهن نمرود هوس ابراهيم، وچ آتش پاڻ وجهايم ٿي
ڪڏهن دائود هوس سليمان، ڪڏهن تخت هَواءِ اڏايم ٿي
٦. ڪڏهن جام پنهون ڪڏهين سسئي، ڏونگر ڏس پڇايم ٿي
ڪڏهن گهِڙ گهِڙ وڃن گهنگهرو، ڪڏهن چير پيرين چمڪائم ٿي
٧. ڪڏهن آيت مصحف ياد ڪيم، ڪڏهن ناچو ناچ نچايم ٿي
ڪڏهن ٿَيا ٿَيا ہِ ڪڏهن ٿِيا ٿِيا، ڪڏهن ڦيري ڏيئي ڦٽڪايم ٿي
٨. ڪڏهن زردا جاما زربفتي، ڪڏهن دلق ہِ ليڙ لڙڪايم ٿي
ڪڏهن عاشق ڪڏهن معشوق ٿيس، ڪڏهن چشمان پي اٽڪايم ٿي
٩. ڪڏهن لک وڌا ٿي ويس ڪيم، ڪڏهن سِرُ سارو سمجهايم ٿي
ڪڏهن نانءُ سچو ٿي هت آيس، ڪڏهن روح تا راڄ رسايم ٿي

(سر برو)

ٽلهه: ڪڏهن قاصد وري ويندين، ديس هازوچل جي ميان
١. خبر خوشيءَ جي وٺي آتاهون، سگهو اسان ڏي ڪي ايندين
٢. دردمنديءَ جي دل ڪي هاڻي، ڏاها دلاسو ڏيندين
٣. سپيرين جي ڳالهه ڪجهيءَ جو، وڃي سو واقف ٿيندين
۴. سوز فراق يار سڃوءَ جو، تون هيءُ نياپو نيندين

(سر ڪليان)

ٽلهه: ڪڏهين اسان وٽ ايندا، ڪَهڙ ڪانگا پرڏيهي
١. هوندا هميشه هوت اسان وٽ، وري ڪي پوئتي ويندا
٢. ڪندا آرامي ڪي اچي اسان ڪي، وري ڪي برهه بچيندا
٣. هجر فراق ني وي معافي ڪندا، ڪِي ڏوڙو ڏک ڏيندا
۴. پڪا پڪن سامهان، ڪي اوڏا دوست اڏيندا
۵. منهن مقابل محب اسانکي، سڃل ڪي نانءُ سڏيندا

(سر ڪليان)

ٽلهه: ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن، مون سان تون آهين آهين
١. هجين هميشه يار اسان سان، ڪيئن چوان تون ناهين ناهين
٢. ڪڏهن آرامي ڪرين اسان کي، ڪڏهن بچين ٿو باهين باهين
٣. ڪڏهن منصوري تي دم اناالحق جو، ڪڏهن ڏسين ٿو ڦاهين ڦاهين
۴. سچل تون عاشق آهين اسان جو، ٿج نه درد جو داهين داهين

(سرسسئي)

ٽلهه: ڪر پاڻ کي سجود، تون آهين جاءِ سجود جي
١. تون هي عابد آهين، تون هين آهين معبود
٢. هيڏي هوڏي نه ڏسين، تون مڙيو ئي مقصود
٣. سچو سمجهه ڳالهڙي، محب آهي موجود

(سر پيروي)

ٽلهه: ڪرن مڙيئي قتلام، پاڻ ڪريان جي پڏرو
١. جدا جماعت ڪان، آهيان پاڻ امام
٢. دم نه اڳيون دين ٿيو، ڪفر نڪو اسلام
٣. فارغ هووڻ فرض ڪئون، سنت کي به سلام
۴. سچو آيو سچ ۾، ناهي حلال حرام

(سر ڏناسري)

ٽلهه: ڪر نينهن سندو ندان وو، جلدي آءُ چڙهه سُوليءَ تي
١. مرد ٿيوين مردود نه ٿيوين، ٿيوڻ اٽان سلطان
٢. مست اتي معراج اهوئي، متان ڪرين ارمان
٣. سورهه ٿيوين آءُ سچو تا، گوءِ اهو ميدان

(سُررائو)

ٽلهه: ڪر ياد ياهُو ياالله، دل ۾ ڏرين صورت الله
١. دل ۾ تڪيو دلدار جو، اونهو بحر اسرار جو
سڏ لهه سمجهه سر يار جو، دل ۾ ڏرين
٢. عاشق سڏائين جي اَدا، جند جان ڪر فاني فدا
تان تون پسين ساجن سدا، دل ۾ ڏرين
٣. چو ٿو وڃين هيءَ پار تون، دل جو دلبر هڪ ڏار تون
نَدُ نفس مُرتد مار تون، دل ۾ ڏرين
۴. وڻ پار ۾ جو پيچرو صحبت ڪندءِ سڪ سوجهرو
وورج اَٽائي وڻ ويجهڙو، دل ۾ ڏرين

(سُربرووجهنگلو)

ٹلهہ: ڪريان اسرار مان ظاهر، هئي حيرت ۾ حيراني
نڪا ڪا جوڙ جمساني، رهي ڪٽ شڪل انساني
١. عجائب بحر وچ پيوسي، جسم ۽ جانِ ڪون ڪيوسي
لهر آپي آپ هُڻ ٿيوسي، ٿئي سڀ موج نوراني
٢. سُٽو منصور کي سَر سِي، سُوليءَ ڪنون نہ ڪڙا ترسي
برهہ دي بُوند سر برسي، جسم ڪُنون ٿيا فنا فاني
٣. ماريُس اَناالحق دا نعرا، ٿيا هَس جسم سو پارا
پڙهيُس سِر حق دا سارا، ڪيُس جند جانِ قرباني
۴. نظر ڪوئي غيرنا آئندا، نہ دم وچ غير سماندا
آپي نال آپ لنو لائندا، ٿئي سڀ روح روحاني
۵. منجهہ اَنا اليہ اِشارت، هئي عبرت هَمہ حيرت
جيهي وحدت تيهي ڪثرت، سچو هئہ سر سُبحاني

(سربلاولي)

ٹلهہ: ڪريان يارو مسلمانو، عشق جي ڳالهہ اڄ ڪيهي
سورهہ سوريءَ اناالحق جو، هٹن نعرو نسنگ نيهي
١. ڇڏي هي عيش عالم جا، وجن تڙ پيڙ ۾ پيهي
وڏايو غم سندن غمزي، تنين دل رمز سان ريهي
٢. وڃي تا ورهہ وارن ڪئون ونِي اچو ورهہ ڪي ويهي
اليلان عشق ڪيون ڪيڏيون، لاتائون جان جڙ جيهي
٣. ڪئي ڪنهن ناز نيٹن جي، ديواني درد هيءَ ديهي
سچو روئڻ راتو ڏينهان، عادت آهي عاشقن ايهي

(سرسسئي)

ٹلهہ: ڪري سانگ پرين وري آيم اُهي، ديس اساڏڻي اَلو اَلو
١. وري وطن آيا، پينر ٿيڙم پَلو پَلو
٢. پرين اڳون پيشوا، هاريون مون سان هلو هلو
٣. اصل لاڪون آهي انهن سان، روح منهنجي جو رلو رلو
۴. انهن ٻاجهون ناه ڪو، ڳولڻ مونکي ڳلو ڳلو
۵. سِرُ سڃڻ جو لوڪ ڪي، ساهيڙيون نہ سلو سلو
٦. سچل سچيءَ سڪ ۾، شال نہ پوندو ولو ولو

(سر ڪئونسيو)

ٽلهه: ڪل نه پوندي ڪائي، عجب جيهي اسرار اُنهين جي
١. هُئي حلاج ذرو سڌ سرَ جي، تنهن سسي ڪوڏ ڪپائي
٢. لاهي حجاب حجاب وڌائين، هِيءَ حرفت يار هلائي
٣. سچو سوئي صاحب آهين، پر سپ ۾ ذات سمائي

(سرجهنگلو)

ٽلهه: ڪر نه عاشق سو ڪرين، جنهن ۾ تنهنجي تعريف ٽئي
ڪڍ ملامت کا مٽي، مَرُ ڏيهه تو طعنا ڏئي
١. بره ۾ بدنام ٽيءُ، پيو ڪين ٽئي ڪسبن ڪئي
عشق جي درياءَ جي، ڇولي ڇڪي مَرُ تو نئي
٢. پوءِ تا خير ساري جو پوندئي، دوست جي هن پنڌ پئي
راهه گم ڪر پانهنجي، وَنءُ وک نه ڪنهن ٻهڪڙ ٻئي
٣. ڇڄ حجابان پڌر پئو، لونيو توکي ڪهڙي لئي
ڇا ٽيندو پوءِ تا سچو مَئي مَئي اِنهي ورهي وئي

(سُرديسي)

ٽلهه: ڪندي آءٌ ڪوهُ رهي رهي، جيڏيون هِت هوتن ريءَ
١. آندرِ وِرهه وڻاڻ ڪيا، لنو لنو منجهه لهي لهي
٢. چڏي شهر پنيور کي، ويندیس ڪيچ ڪهي ڪهي
٣. ڪونهي منهنجو ڪوهيارل ريءَ، سرتيون هٿ سيهي سهي
٤. قول پاڙيندو ني پانهنجا، پاروچل ٻهي ٻهي
٥. سچو گڏيم ساڻ جا، پنڌن منجهه پهي پهي

(سر ڪوهياري)

ٽلهه: ڪندي سا ڪيئن قرار، جيڏيون جنهن جو جِيڙو جتن سان
١. ورهه وارن کي سرتيون، ويجهي آهي وڻڪار
٢. پڙيون پاروحل جو، نينهن لڳم نروار
٣. محبت ڳڏي نه ليي، خرچين لک هزار
٤. ڏسنديس اکڙين سان، ڪاکيون ڙي ڪوهيار
٥. چڏي لاڳاپا لوڪ جا، عشق ڪيم اختيار
٦. سدا آهي سچوءَ ڪي، پينر برهه بهار

(سر جهنگلو)

ٽلهه: ڪنهن سان ڪير نه ڪل، جو سودو آندم پاڻ سان
١. سودو ڪنهن نه پچيو، آيس ۾ مشڪل
٢. گران قيمت ڪٽون سيئي موٽيا، تنهن مهل
٣. سودي مهڙي جي آتي، لاهن سي نقل
٤. ميڙو مُوڙن تي ڪري، عالم ڪئي اُچل
٥. حال ڏسي تا هُن جو، پيو جيئڙو منجهه جنجل
٦. ڏوهه نه مونکي ڪو ڏيو، پئي خلق منجهه خلل
٧. سچو سِرافراز ڪيو آٿي، سو عشق اجهل

(سر سسئي-برو)

ٽلهه: ڪنهن لڳ ڏونگر ڏوريان، محب آهي منهنجي من
١. "وفي انفسكم افلا تبصرون"، ڪاڪيون ڪجو هي ڪَنِ
٢. اسين توسان، پري تون ڦولين، اولانيا هي اچن
٣. پاڻ سنيالج پانهنجو، پرين ائين چون
٤. اهڙي اوڏائيءَ ۾، ورهي مينهن وڃن
٥. سچو سيئي پري پيا، جدا ڇاتو جن

(سر توڏي)

ٽلهه: ڪنهن کي ڳالهه سڻايان، ميهر سندي موج جي
١. سڪ ساوڻ ڪيو ساهه کي، چولي تا نه چپايان
٢. دعا ڪريجو جيڏيون، سندُن نينهن نپايان
٣. سارنگ آيم سر تي، سو ٿي ورهه وسايان
٤. ڳالهه پريُن جي ڳجهه جي، هين کي ڪيئن ٻڌايان
٥. وهي سير سرير ۾ لهريون تا نه لڪايان
٦. سچو ساهڙ ساهه کي، اوڏو ٿي ٿي پايان

(سر تلنگ)

ٽلهه: ڪنهن کي مان چونديس حال ڏي جيڏيون، پيج پنهل مون سان پايون هليو ويو
١. دريءَ منجهارُون دوست ڏٺوسي، لالن لِيئڙو پايون هليو ويو
٢. سينگا، بڙچيون، ڪان هٿن ۾، سيني اندر ستڪايون هليو ويو
٣. باه بره جي هاري هاروچل، دونهان درد ڪايون هليو ويو
٤. آءٌ ڇا ڄاڻان ذات جتن جي، ڪرهلُ ڪيچ قطاريون هليو ويو
٥. ڪانهي ڪاڻ ڪٽڻ جي سچل کي، آٽڻ دوست اُجاريون هليو ويو

(سر توڏي)

ٽلهه: ڪنهن ويل نه ٽا وسارن، عاشق نه ٽج تون ماندو
١. "وَنحن اقرب"، اها اشارت، ڪڏ توئي سان گذارن
٢. اصل لاڪون طرف تنهنجي، نتَ نتَ ڪهڙو نهار ن
٣. جي تو اڪند انهن جي، سي پي توئي ڪي سارن
٤. ڏينهن اتهين ڇو ٽو لائين، تو هُتِ سڄو سنپارن

(سر سسئي)

ٽلهه: ڪنهن ڪي حال چوان هي، اديون ڏي واويلا
١. ڏيرن ڏيئي ڇڏيا، موتي سور نوان هي
٢. سهڻا محبوبن جا، ڏنا پاڻ اوهان هي
٣. سڪن اُتي سرتيون، ڏيان نه سور سنوان هي
٤. سڄل سرواٽن ڪي، وڃي پيرين پوان هي

(سريوربي)

ٽلهه: ڪهڙي ڳالهيئون يار، ووءِ ووءِ ڪيئي بيراڳي اسان ڪي
١. دردمندیءِ حبي دل تي، باري ڇاڙهيئي بار
٢. اصل ڪئون آرام وحيايو، جاني تنهنجي جار
٣. مونکي يار جدائي ماريو، آءٌ روئان زاروزار
٤. ڪيئي داناءِ ديوانا ڪيڙا، تنهنجي حسن هزار
٥. غمزي سان غلام ڪياسي، سڄل ري سردار

(سر توڏي)

ٽلهه: ڪو دم اسان جي درد ڪئون، عاشق متان ڪاهل ٽئين
١. يَسمعُ ڪرين يُبصرُ صحيح، هن جسم ڪئون جاهل ٽئين
٢. سِر ساهم سان صدقو ڪرين، جي تون منهنجو مائل ٽئين
٣. هن قرب جي تون ڪل لهين، اناالحق جو قائل ٽئين
٤. صورت سڃاڻي پانهنجي، هر فعل مئون فاعل ٽئين
٥. دم دم سندن ديدار جو، سڄو سدا سائل ٽئين

(سر جهنگلو)

ٽلهه: ڪون آهيان ڪون آهيان، جوئي آهيان سوئي آهيان وي
١. جسم اُتون ڪلُ آسَرو، لحظي انهيءِ ڪئون ٽو لاهيان
٢. ٽيا خلافي خيال سيئي، نروار پر تا ناهيان
٣. جانِ ٽئي خود ڪئون خلاصي، پاڻ اها پي پانيان
٤. بحر جي هن موج تي، جان ڇڙهان تا ڇاهيان
٥. بادشاهيون ڪيتريون، سڄو عجب سرو پايان

(سر ڪليان)

ٽلهہ: ڪوڙي ڪَيئي ڳالهہ پنهنجي، ڪالهہ ڪانگل جا چيئي مونکي
۱. جيڪس کينَ ڏرِ وئين تون، وات ڏسي مونئين آهنجي
۲. عجيبن جي آڏو وري تو، ڪچي ڪئي سا منهنجي
۳. وري برابر وئون اوڏاهين، سائين ڪندو شال سهنجي
۴. تنهن کي سوئي توڙ رسائڻ، ونِي جو دامن ڪنهنجي
۵. اصل لاڪون سچل سيائي، طاعت مجي آهي تنهنجي

(سر پيرو)

ٽلهہ: ڪو ڪئين چوي ڪو ڪيئن چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان
۱. ڪو مومن چوي ڪو ڪافرُ چوي، ڪو جاهل نالو ظاهر چوي
ڪو ساحرُ چوي ڪو شاعر چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان
۲. ڪو پنڌُ چوي ڪو سنت چوي، ڪو باغ بهار بسنت چوي
ڪو ميراثي ڪَلوَنَتُ چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان
۳. ڪو مَلان چوي ڪو قاضي چوي، ڪو مفتي چوي ڪو غازي چوي
ڪو روزيدارُ نمازي چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان
۴. ڪو رَدِ چوي ڪو بَدِ چوي، ڪو بيديني بيحد چوي
ڪو مُشرڪ پي مُلحدُ چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان
۵. ڪو صورت پر انسان چوي، ڪو شرُ پريو شيطان چوي
ڪو بزرگ ڪو مستان چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان
۶. ڪو سُستُ ڪوئي سرمست چوي، ڪو راه تي دين درست چوي
ڪو عاشق روز الست چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان
۷. ڪو زير زبرَ زِنديق چوي، ڪو رهنُماءُ رفيق چوي
ڪو غرقيءِ منجهہ عميق چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان
۸. ڪو رنگ ڪوئي بي رنگ چوي، ڪو مستو مست ملنگ چوي
ڪو ننگي ڪو بي ننگ چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان
۹. ڪو حالي چوي ڪو قالي چوي، ڪو خاص الخاص خيالي چوي
ڪو ازلي مست موالي چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان
۱۰. ڪو شڪ چوي ناحق چوي، ڪو بات اها برحق چوي
مونکي مرشد عبدالحق چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان
۱۱. ڪو خاص چوي ڪو عام چوي، ڪو پختو چوي ڪو خام چوي
ڪو سچو سچو نام چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان

(سر تلنگ)

ٹلهه: ڪيڙو مست پرين، جي ڪٽي ناز مونکي
وسريو روزو ناهي، ياد نماز مونکي
۱. شوق شراب پيان، پڙ وڃ راتو ڏينهان
ڪونهي وري قاضي ملان، جو ڪو لحاظ مونکي
۲. نيٽين نندڙي حرام، آهي وت روز ازل
سُرندو سوز سڃڻ، جو آهي ساز مونکي
۳. وائي وات ڪهائي، مُئيءَ کي جيڪا پرينِ
اچي وري هُو هُو پرينِ، جو ٽو آواز مونکي
۴. سچل مقصد سارو، تونهين وت تونهين الله
ڏس ڪو راز پنهنجي، جو ڪو نياز مونکي

(سر سسئي)

ٹلهه: ڪي ايندا هيڏي ايندا، آلو وهينئان ٻاروچا
۱. ساڻي مونکي سڃ چئو، دوست دلاسو ڪو ڏيندا
۲. هوندا ڪي مون وڃ هوت هميشه، وري ڪي پوئتي ويندا
۳. هيڪند شهر ٻنيور ۾، ساڻ ٽڪيءَ اچي ٽيندا
۴. ٻاروچا سي ٻاجهه پئي، آءُ چڳي ڪي چيندا
۵. سُور سچوءَ جا سرتيون، نال پنهنجي ڪي نيندا

(سر برووـجوڳ)

ٹلهه: ڪيئن چوين ٿو ڪيئن چوين ٿو، لوڪ ناهي ٻهو ڪيئن چوين ٿو
۱. لوڪ سيوئي آهو آهي، ڪيئن ٻيائيءَ منجهه پوين ٿو
۲. آڃاڻ بنائي پاڻ ٻهاريئي، غمزي انهيءَ ۾ ڇو نه گنوين ٿو
۳. ساڻ سچي تا سچو گذارين، راند روئڻ جي ڪيهي روين ٿو

(سر تودي)

ٹلهه: ڪيئن ڙي اديون آٽڻ اچان، مونکي پُور پرينِ جو پيو
۱. هَئي هَئي سُورن جي سيف سان، ماري ويچاريءَ کي ويو
۲. مونکي نه ٻي مصلحت ڏيو، هَئي نينهن تا هن کي نيو
۳. سوئي پاڙيندو پانهنجو، جو قول ڪوهياري ڪيو
۴. الحَمْدُلله ٽي چوان، هي سڳ سچو ساڻنِ ٽيو

(سر بروو)

ٽلهه: ڪيچ منهنجڙو ڪر ني، آهي ٻلو پينر ڙي
١. ويا ڪيچيئڙا نڪري، گولئ ڏيئي غم ني
٢. دعا ڪريجو جيڏيون، جاني ٽيان جم ني
٣. ڪنهين جن نہ ڇڏيان، دوستيءَ وارو دم ني
٤. قيامت تائين ڪينكي، ٽيندي طلب تم ني
٥. پيرُ نہ ڇڏيان پرينءَ جو، توڙي ٽئي چيهاڙيون چم ني
٦. جهڙ نہ پائنجو جيڏيون، اهو اكين جو آكم ني
٧. سِكَئون سچو پرين ڏي، راتو ڏينهان رم ني

(سر سسئي)

ٽلهه: ڪيچين جي ڪِ ڪاهه، متان وهين كين وساري
١. ڏسندئين ڏونگر چوٽئين، بلوچاڻي باهه
٢. ڦولج پاڻ فقـ ـر ٽي، وندر جي وٽراهه
٣. متان وهين ماڻ ڪري، ڏونگر ڏورج ڏاهه
٤. ساري شهر پنيور جا، لاڳاپا لاهه
٥. عرض ويجي ڪر روبرو، ٻيا ساڻي ڪيم سنياهه
٦. ٻانهي ٽج ٻروچ جي، ڪو تون سگ نہ ساهه
٧. روح رهي هت هوت ريءَ، سچو ڪنهن نہ صلاح

(سر سسئي)

ٽلهه: ڪيچيئڙن جي ڪاڻ، جيڏيون منهنجو جيئڙو جهجي ٽو
١. پريان سندي پار ڏنهن، الله اولي آڻ
٢. چڏي شهر پنيور كي، هاڙهي ويندي هاڻ
٣. روئڻ ڪئون جهلن سيئي، روئن اكڙيون أكاڻ
٤. جيءُ وڏائون جاڙ ۾، ٻاروچاڻي ٻاڻ
٥. سگهو ايندو سپرين، پينر منهنجي پاڻ
٦. سچو آءُ تا آهيان، پريان جي بي پرياڻ

(سر بسنت-ڪلياڻ)

ٽلهه: ڪيڏي ڳولیو ٽيون ڙي اِئين سرتيون، آهي ڪُوچ به ڪُوچ يار
١. ظاهر آهي ذات تهين جي، هَٽ شهر بازار
٢. "وَنحنُ اَقرَبُ" جاڻو سيئي، دُور نہ آهي دلدار
٣. اَحدُ اَحمدُ هيكڙو، ناهي لک هزار
٤. مرشد هيئن فرمايو، آڻ اَت اعتبار
٥. ڳهليُون انهيءَ ڳالهه جو، خوني آهه خمار
٦. آهي سيوئي دوست جو، سچو هي سينگار

(سر پيروي-سسئي)

ٽلهه: ڪير آهيان الا جي آءٌ، نه ڄاڻان سڃاڻان آءٌ
١. بعضي ڄاڻان پاڻ کي، آءٌ آهيان گنهگار
٢. مان سمجهي ڏسان سرتيون، آءٌ سيوئي سردار
٣. اِهو اڻو سرتيون، دهشت جو درياءُ
۴. ڪيئي موٽيا پوئتي، سچو يار هزارين هتاءُ

(سر پيروي-برو)

ٽلهه: ڪيرُ هُيڙس ڪير ٿي، آيس نرالي نامَ ۾
ڪيئن ڦاسايم پاڻ کي، نئين درد جي هن دام ۾
١. ڪو نڪو ڄاڻي اُهو، جيڪو پيو هن جام ۾
آهي عجائب هي وڏو، پيو خاص ديرو عام ۾
٢. جي الف ڪئون آيا هلي، لائق نه پياسي لام ۾
"لا" ڪئون لنگهي آيا هلي، مستيءَ سندي تہ مقام ۾
٣. اصل ڪئون عارف اِهو، آندو جڏهن انجام ۾
ظاهر ظهورئون ٽيو تڏهن، ڇا ڪفر ڇا اسلام ۾
۴. بت وڻي پنهنجو پيو، زاهد خصالت خام ۾
عشق اناالحق چيو، منصور ماريو مام ۾
۵. جن عشق آرانيو ڏنو، سي مرد پيا ماتام ۾
هوندا سي هڏهين کينَ کِي، عاشق اُهي آرام ۾
٦. ڏڙِ سرُ جدا تن آيا، جي عشق جي احرام ۾
طالب ٽيا تڪرار ڪئون، سوريءَ سندي سرانجام ۾
٧. هُيڙس آءٌ جو آيس هاڻ، ڪهڙيءَ طرح عام ۾
پي سلاميءَ تئون اُتي، سچو آيو تہ سلام ۾

(سر جهنگلو)

ٽلهه: ڪيهي جدائي ٽو پائين، اسين پري تو ڪئون ناهيون
١. هيڏي هوڏي چو ٽو نهارين، پاڻ منجهيئي منهن پائين
٢. آهيون سدائين طالب تو سان، ڪنهن لئي وره وَسائين
٣. پيو نه ڄاڃ پرين پاڻ کي، آهيان اُهوئي آئين
۴. تون تا آءٌ ئي آءٌ تا تون ئي، لَنوَ ٻئي ڪنهن سان لائين
۵. ٻولي ٻيائيءَ جي ساري وسارج، آهه سچو سپ سائين

(سر برووـ پيروي)

ٽلهـ: ڪيهي چال چلي ٽو، ازي جيڏيون يار منهنجو
١. "وَ نَفَختُ مِن رُوحي"، ساري ڳالهه سَلي ٽو
٢. "اَنا عَبدُ وَ رسُوله"، مُلَنِ گهر ملي ٽو
٣. ڪاٽهين تعظيمان ڏئي، ڪاٽهين کل ڪلي ٽو
٤. ڪاٽئين سُکيو سپرين، ڪاٽئين جوشَنِ منجهه جلي ٽو
٥. سچو سيڪنهن صورتين، ههڙي طرح هلي ٽو

(سر ڪليان)

ٽلهـ: ڪيئن وساري تو ويهون ويهون، آهن ڪيهون اسان جون ڳالهيون
١. ساه سَنيون تا ياد ڪيون سي، آهن عجائب جيهون وي جيهون
٢. ڪهڙي ڳالهين عاشق اسان کي، ڏک ڏوراپا ٽو ڏيهون وي ڏيهون
٣. ايهي عتاب تون رکين ٽو ڪيها، پکي اسانجڙي پيهون وي پيهون
٤. هِنَ پڇاڙون متان اسان تي، ڳالهيون رکين تون ايهون وي ايهون
٥. سچل اسان جو تون اسين سو تنهنجا، ڳالهيون ڪرين پيون ڪيهون وي ڪيهون

(سر برووـ)

ٽلهـ: ڪيچي ڏنم اڄ اِتي، اوهين تا چا ٽا پانيو
١. سال لنگهي ويا ڪيترا، ڪاڪيون ري تا ڪَتي
٢. اڄ تا ويندیس ڪاڏي ڪينَ ڪِي، هوت سو منهنجو هِتي
٣. منزل محبن جي جتي هوندي ميان، هوندیون سرهايون تتي
٤. موڳائي جي مونجهه ۾ سائين، الله ڪانڌ ڏسي گپ ۾ ڪتي
٥. سودو سيڻن سان حاصل ٽيندو، ميان سچل تا سر ڏتي

(سر سسئي)

ٽلهـ: ڪيچي ويڙم ڪالَ، آءٌ ٽي وِرهَ وَسايان
١. مانَ نمائيءِ هِنَ جي، سگهي لَهين سنيال
٢. پينر آهي پنيور ۾، جيئڻ منجهه جنجال
٣. جَنِ لئي ڏونگر ڏوريان، سيئي ڏسان شال
٤. آءٌ پيادي نه پڇان، ڏاڏا ڪاف ڪشال
٥. مون جياريو جيڏيون، سندَن خواب خيال
٦. ساڻ سچل کَنِ سپرين، ڀلائيءِ جا ڀالَ

(سر ڪلياڻ)

ٽلهه: ڪيئي ڏک جا ڏينهڙا لنگهايم ٽي، سُڻُ تون منهنجا سائين

١. ڳالهيون ڪندي مون ڪيئي سِرَ تي، ڏک جا مينهڙا وسايم ٽي
٢. پرين اوهان جي پارَ جا، ٽي ڏهاڙي پندڙا پچايم ٽي
٣. سڪ اوهان جي سپرين ميان، سارا ئي سُورَ سلايم ٽي
٤. سچل سيئي آئيا، جن لئي فالان روز وجهايم ٽي

(سر برووِ-پيروي)

ٽلهه: ڪيچون آيم ڪالَ، سي تا سٽو سنيها

١. ڳالهيون ڪندي گذريئي، سُوريتي توکي سال
٢. اُڪنڍ اسان ڏي ڪانه تو، ڏينهن اتي جاليئي جال
٣. ڪنهن جي ڪارڻ ٽي ڪيا، لُڪَ روئي تو لال
٤. ڪرين نه قطري جيتري، ساعت هن سنيال
٥. ٻڌي ڏوراپا مون ٽيو، جيئڻ منجهه جنجال
٦. جن لئي ڏونگر ڏوريان، تن ۾ي مهڙا حال
٧. سي سڀ تنهنجا اگهيا، جي ڪيئي ڪالهه ڪشال
٨. ٻڌندو ٻاروچو وري، سچل جا ۾ي سوال

(سر جهنگلو-برووِ)

ٽلهه: ڪيهي ڪريان مهماني، يار اڳڻ منهنجي آيو

١. دوست گڏيو دلجاءِ ٽي، هينئڙي لٽي حيراني
٢. هِنَ وڙَ لائق هوس نه آءٌ، محب ڪئي مهرباني
٣. مشڪل جا هئي ڳالهه اسانکي، اُها ڪيئو آساني
٤. فضل ڪرم سان پاڻ بخشيائون، سچوءِ ڪي سلطاني

ک

(سر برووِ-آسا)

ٽلهه: ڪنيون نيڻ نهار ڙي ميان، ٻلو منهنجا يار ڙي وو

١. مُون مَنُ گڏي گوندرين، ٽئين تون ڪيج قرار
٢. ڏکيا سکيا ڏينهڙا، گڏ غريب گذار
٣. دلبر پنهنجي دل ڪئون، ويچاري نه وسار
٤. منهن نه مون ٻئي پار ڏي، پنهنجي ڪِ قطار
٥. سچو آهين اسان جو، هنجون هڏِ نه هار

گ

(سر سسئي)

ٽلهه: گولن جي آءٌ گولي، خان ٻاروچا ۽ ٻهنجي

١. آءٌ نه ڪنديس ڪڏهين، ٻانهه ريءَ ٻولي
٢. سُڌ اچي لهه سگهڙي، آهيان عيبن اولي
٣. منَ ڏوهارِ جيهي ڪا، لهندين ڳولن مئون ڪا ڳولي
٤. نانوَ سائينءَ جي يار سڃڻ ري، ڪر سچوءَ سان سولي

(سر سسئي)

ٽلهه: گولن جي آءٌ گولي، ٻاروچاڻي ذات جي

١. سمجهي سگهان ڪين ڪي، ٻاروچي جي ٻولي
٢. عبث آءٌ پي ناهيان، ڳالهه ڪيس ڪنهن ڳولي
٣. ڪري ڪوهيارل ويو، هينئڙي اندر هولي
٤. روئي اُنهن واسطي، جڪ ڪيم هيءَ چولي
٥. ڏسان اکڙين سين، ٻاروچاڻي ٽولي
٦. سچو صَدقي تن تئون، جند جنهين هت گهولي

(سر سسئي)

ٽلهه: گوليءَ جي گفتار، ٻڌيوَ ٻاروچن ٻر کا

١. ڪتا کانَ قريب جا، هينئڙي منجهه هزار
٢. آءٌ پيادي نا پچان، سارو ساڻ سوار
٣. اُنهن کارڙ آئيو، روئڻ زاروزار
٤. لڏم پير پنهونءَ جو، منجهون گرد غبار
٥. اچي شال پنيور ٻر، ٻاروچو ٻيهار
٦. پائون ٻانهي پانهنجي، دوست نه ڪجو ڏار
٧. ڪَنِ سچوءَ ڏي سچ جي، منجهئون نينهن نهار

(سر سسئي)

ٽلهه: گولي مانَ سڏين، اُنهن جي نه آهيان جيڏيون ري

١. پکا پکن سامهون، اوري مانَ آڏين
٢. آريچا عاجز کي، چپر تا نه چڏين
٣. ٻاروچا تا ٻاجهه پئي، گولي ساڻ گڏين
٤. هُئن هميشه مون پرين، لحظي تا نه لڏين
٥. اصل لاکُون آهيان، هيئن آءٌ هڏين
٦. اڻ ملهه ٻانهو آهيئي، سچو پاڻ سندين

گ

(سر توڏي-پرج-پيروي)

ٽلهه: ڳالهه پنهنجي حال جي، تو رِيءَ ويجي ڪنهن کي چوان
۱. جوش تنهنجا جان ۾، نِتُ نِتُ آهن مونکي نوان
۲. ڪِيئن جي پچان پوءِ ٽي خبر، پانڌي اول پيرين پوان
۳. پاڻئون آيا هِن پُور هي، ڪِي هِن مُڪا مونڊي اوهان
۴. سچو مَٽيان آءُ ڪين ڪي، هِي سُورَ سڪن سان سوان

(سر برووَ)

ٽلهه: ڳالهه ڪريان آءُ ڪيهي، حال پنهنجي جي ڙي جيڏيون
۱. ڪالهه ڪالهوٽي سپرين، ويا وَڻئون مون ويهي
۲. ڪري پريشان ويا، دردمنديءَ جي ديهي
۳. آءُ اُنهن جي آهيان، جيهي جي تيهي
۴. مارڻ پوءِ جيارڻ، رسم اُنهن جي ايهي
۵. سچو سوز فراق جا، بار ڪٽن ڪي نيهي

(سر برووَ)

ٽلهه: ڳالهه ڪريان ٻي ڪيهي، تنهنجي مزگن ماري آهيان
۱. پرين وڻئون پنهنجي، آءُ پڪي هِن پيهي
۲. پاڻي ساڻ پرين جي، وِرهُ وهايو ويهي
۳. پلئو لڳي وو پرين جي، جيهي سا آهي تيهي
۴. ڳالهه ڏسيائون وو جا، سا تا ناهي سچل سڏ جيهي

(سر برووَ)

ٽلهه: ڳالهه سهي ڪير ساري، يار جي وو پلو جيڏيون هوءِ هوءِ هوءِ
۱. جي مون وِسهو جيڏيون، آءُ اُهو آهيان آري
۲. پوءِ پروڙڻ پانهنجي، لاتي خلق خواري
۳. پاڻ ڪري ٽو پاڻ کي، يار زورآور زاري
۴. سچو ري سر پانهنجي، برهه ڪيائون باري

(سر سسئي)

ٽلهه: ڳالهيون ڳڻ تنهنجا يار سڄڻ، مونکي روز رڻارن ٽا
١. سرَ تي سوز فراق جا، باري چاڑهيئي بار سڄڻ، ايڏانهن نيڻ نهارن ٽا
٢. منهنجو اندر اڏ ڪيو، جانب تنهنجي جارَ سڄڻ، مونکي ماڻا تنهنجا مارن ٽا
٣. پرين پاڻج پانهنجا، جي ڪيڙئي قول قرار سڄڻ، منهنجو جيءُ جيارن ٽا
٤. ماڻهو شهر پنيور جا، مهڻا لک هزار سڄڻ، مونکي ڏيهه ڪئون ڏيارن ٽا
٥. قاصد چوَنِ ڪيچ جا، تو هُتِ سار سنيار سڄڻ، توکي سچو پاڻ سنيارن ٽا

(سر جوڳ-برروو)

ٽلهه: ڳالهيون ڳارن ٽيُون، دل کي دوستن جون مَنَ کي محبن جون
١. ياد اچن جي ڳالهيون، اُهي ڪُوکان ڪارن ٽيون
٢. هو جي ڪيائون ڳجهه ۾، اُهي مامان مارن ٽيون
٣. ڳٽن واريون ڳالهڙيُون، اُهي ٻارڻ ٻارن ٽيون
٤. پسڻ ڪارڻ اڪڙيون صاحب سارن ٽيون
٥. پاڻيءَ گاڏئون رت جان، هنجون هارن ٽيون
٦. اکيون ڏسن غير جو، واحدئون وارن ٽيون
٧. سچل اُهي ڳالهڙيون، نِتُ مونکي مارن ٽيون

(سر برروو)

ٽلهه: ڳلي ڳلي مون ٽي ڳولي ڳولي، يار سڄڻ تنهنجي ڪارڻ
١. چڏي لاڳاپا لوڪ جا، اسان تا ٻانهپ ٻولي
٢. ٽيس ديواني دوست اوهان لئي، ڪري چيهاڙيون چولي
٣. اچي اچانڪ اندر اسان جي، حُبَ مچائي هولي
٤. اصل لاڪُون آهي اوهانجي، سچو هيءُ غريب سا گولي

(سر برروو)

ٽلهه: ڳوٺ ساري جون ڳليون ڳليون، نِتُ ڏسڻ مونکي آئيون
١. رت روئڻ ڪئون اِهي اکڙيون، ڪين سي جهليُون جهليُون
٢. ڪيچيئڙن جون وري قطارون، هيڏي ٻڏيون سين هليون هليون
٣. سي نہ وسرن ڳالهيون اُهي، يار سڄڻ جي تو سَليون سليون
٤. چاڙهَيئي اسان تي درد فراق جون، چوه ڏاڍي مُون چليون چليون
٥. روز ازل ڪئون ڪيَوَ سچوءَ سان، يار پلا ڪيئي پَليون پَليون

(سر سسئي)

ٹلهه: ڳالهه ساري ڏيهه نه ڏي ڙي، پانهنجي دل سمجهه سنپالين وو
۱. ڳالهه پچين جي پرين جي، حرفَ حالئي جا هي ڙي
۲. اڇلِ نه ٻُکرَ پٽر جان، نينهن پاٽئي سان نئي ڙي
۳. هاريون انهيءَ حال جو، قرب سيجاڻن ڪيهي ڙي
۴. پاٽهي آهن پڌرا، سچل سائڪ سيئي ڙي

گهه

(سر برووـ ڏناسري)

ٹلهه: گهٽا وڃي ڏينهڙا لايا، يار پياري ميان
۱. آءٌ ڙي پانڊي ڪَلَ ڪائي ڏي، هُٿِ اچڻ جا سعيا
۲. اُنهن ڪارڻ راتو ڏينهان، مون ٽي وِرهَ وسايا
۳. ڏينهن اُنهيءَ ڏي ڏسان ڏيهاڙيون، هُن ٽي ڪانگ اڏايا
۴. يار مسافر مولي مهر سان، سڻ غريب گڏايا
۵. ٽورا تنِ جا سچو سنيارين، جي اِجهي جَونِ اڄ آيا

(سر سسئي)

ٹلهه: گهوري جانيءَ ري جدائي، گڏ گهاريون هوءِ هوءِ هوءِ
۱. معلوم توکي مون پرين، سائين سا ڳالهه سڀائي
۲. شال ڪَنَنِ سان نه سٽان آءٌ، تنهنجي وڃڻ جي وائي
۳. توسان چنڻ ڪاڻ تا يار، نه مون لڙهه لائي
۴. بن وڇوڙي جي شاهي دلبر، وَرَ سمان گڏ گدائي
۵. سڻ سَچو هو ميان سپرين، سائين تون گڏ سدائي

(سر برووـ ڪيڙي)

ٹلهه: گهوري گهوري وي جندڙي، سڃڻ تو تان گهوري
۱. راتو ڏينهان آهي اوهانجي، سائين جهوري جهوري
۲. ڳچيءَ وڏيو عجب جيهي، سهٽا ڏوري ڏوري
۳. تنند نه جاڻان وو ڪنهين هيءَ، صاحب چوري چوري
۴. دل ڪسيائي وو لٽِ نيتيائي، حاڪم زوري زوري
۵. اول آساني ڳالهه پوءِ ڪِيڙئي، سڀ ڪان ڳوري ڳوري
۶. سچو لايو سچ منجهارئون، لالن لوري لوري

(سُرراڻو)

ٽلهہ: گهوڙيا چڏ عيش عالم جا، بنا ديدار دوستن جي
گهوڙيا چڏ باغ بهشتن جا، بنا ديدار دوستن جي
١. پسي صُورت سپرين جي، ملڪ حُوران ڪَرن حيرت
توري سج چند جي طلوعت نهارڻ سُونهن ساجن جي
٢. عجب لنوَ جا پُرين لائي، سُتي ويڻي وَٽي سائي
اچي خوش ڪانہ ٻي وائي، سِکر سڪ ساهہ ساجن جي
٣. محل ماڙيون دنيا دولت، حُوران حُجرا زيور زينت
ايندءِ ڪر ڪين ٻر قيامت، بنا صحبت سپرين جي
٤. صاحبڏنہ دوا داراون، منجهون محبن سندو سُورن
ڏني ڏڪ ڏوُر وَهر وجن، نهارڻ ڏي نماڻن جي

(سر جوڳ-مارئي)

ٽلهہ: گهوري هِيءَ جدائي، اڙي ميان پنهوارن ٻاجهُون پور پيا
١. صبح ويلي ميان سومَرا، الا خبر اِها مُون آئي
٢. لنگهي ملڪ مليڙ جو، وِيڙئي ويڙهہ سَيائي
٣. لعلن پنهنجي لوءِ ڏي، وائي پوءِ ورائي
٤. پانور ڪنڈئين ڪِينَ ڪي، وهندا ساعت ڪائي
٥. ڪَنين ٻڌان ڪينَ ڪي، وري اِها شال نہ وائي
٦. ڏوٽي پنهنجي ڏيهہ ٻر، ڪندا ڪئين نہ نوائي
٧. عمر ابائا مون هُتِ هين، سرها هُئن سدائي
٨. موٽي نہ وجن اوڏهين، جَنِ جي سڪ سمائي
٩. هوءِ هوءِ هن جي حال تي، پاڻِيا ڪَنِ پلائي
١٠. سچل سندن ساڻ ٻر، ڪري مَرُ تا گدائي

(سر پيروي)

ٽلهہ: گهوريو هي پنيور، مون سڳَ ٻاروچن سان
١. مَرَکُ تان معذور ڪي، سندو هوتن هور
٢. راتيان رُڻان وڏڙا، ڏينهن سا روئي ڏور
٣. آهي آرياڻيءَ جو، ديوانيءَ ڪي دؤر
٤. سچل ڳالهہ انهيءَ جي، شوق مچايو شور

(سر ڪليان-تلنگ)

ٽلهه: ڳهٽا ڏينهن اِتي لايوَ، پلا سانول سي تا چاهون چاهون
۱. فوجان فراق جون بچيوَ اسان تي، ايها سا مصلحت آيوَ
۲. دل اسان جي دلبر سائين، ديدن ساڻ ڏهايوَ
۳. گوشي گڏجي دوست اسان ڪئون، سارا سي سَرَ سلايوَ
۴. طرف اسان جيڪي تا قاصد، ڏسي نه حالُ هلايوَ
۵. ڳالهه ڳجهي سا يار سچل کي، پاڻ اچي پُرجهايوَ

ل

(سر سسئي-ليروي)

ٽلهه: لَٽي هلاڪي هاڻي، دوست وَسي منهنجي ويڑهي
ڪوئي ڪِيوَ پانهنجو، پرينءَ پائئبون جاڻي
۲. ناحق اوتيم هوت رِيءَ، پنبٽين مئون پاڻي
۳. سيئي آيا هُيس جنين لئي، جيڏيون ڏي جوڳياڻي
۴. وٺي وهاريئون ويجهڙو، سچو سو سڻ سڃاڻي

(سر مارئي-جوڳ)

ٽلهه: ڄايان نه لوئي، وو عمر آندير جا اوڏاهون
۱. جي تا ملڪ مليبر ڏنهن، قاصد اچي ڪوئي
۲. سارو سنگهارن ڏي، حال منجان روئي
۳. وجهان برندءِ باهه ۾، شالون پٽ سيوئي
۴. ڪتي ڪنيم ڪئين جي، اڏوٻند جا هوئي
۵. آندير ڪٽي ڪوهه تئون، آب پري اوئي
۶. پيئڻ ڪاڻ پنهوار جي، ڪلئي مون تا ڏوئي
۷. اهڙي اڳي ڪنهن نه ڪئي، جهڙي ڪِيڙي توئي
۸. مون سان مدد ني ڪندو، سچو صاحب سوئي

(سر جهنگلو-برووَ)

ٽلهه: لک ڪريان شڪرانا، راضي ٽيو يار مون تي
۱. سُور ٽيا ڏي وو سرتيون، وٺي سي راهه روانا
۲. ڏينهن گهٽائي هُئاسين سرتيون، دوست ٻاجهون ديوانا
۳. راضي ٽيڻ جا وو آيا اسان ڏي، پريِن جا پروانا
۴. اچي لڳا وو سر اسان جي، خوشيءَ جا شادمانا
۵. ڪيا سچو ڏي دوست اچڻ جا، هاريون ڏي هَاوانا

(سرجهنگلو)

ٹلهـــ: لک ڪريان توڙي زاري وو، دوست چوي تون ڪهـــڙو
١. هٿين ۾ي پوان پيـــــرين ۾ي پوان، پايان ڇڪيءَ ۾ ڳاري
٢. آءٌ اُهائي يارَ اوهانجي، تنهنجي مـــحـــبت مـــاري
٣. روز الست منهنجي آهي، يار اوهان ســـــان ياري
۴. اسـان يتـيـمن کي يار پيـارا، ڏيج اچي ڏيکاري
۵. ورهُ مـــــٿي تي ويٺي وســـايان، دوست ڏيو دلداري
٦. آءٌ اوهان تئـون سـهـٽـا سـائين، واري وڃان لک واري
٧. توڙي ســجاڻين توڙي نہ ڄاڻين، دوست نہ آهيـان ڏاري
٨. ڳلِ اصل کـئـون آهي اوهان جي، ڳالهـ سـچل جي سـاري

(سربروو)

ٹلهـ: لنگهي ويون ڪالهـ قطارون، ڪونجڑين جون ڪيچ وٽن ڏنهن
١. ڪنديون ويون ڪيچ ڏي، طرحين طرحين تنوارون
٢. ويچاريون ولڙَ ڪيـو وَڙَڪَنِ، ڦٽي ٽـيـون سي ڦـارُون
٣. ولڙَ ڪـونـجڑيـن جو، ڪـنـهـن انـدوهَ اڏاريـون
۴. اُنهن جي افـــــسـوس جون، پوندِيُون ويون پچارون
۵. اُڻنِ ڳانا پَٽَ جا، مـــوتين مـــڑهيُون مـــهـــارُون
٦. ســچو هليـــو ســـوز ۾، لاهي لوڪ مـــيـــارُون

(سُريروي)

ٹلهـــ: لهندا سـار سنيـال، منهنجي منهنجا وو مـيـان
١. مـــون ڪـــون ڏورڻ نہ ٽـيـا، آهـن ڪـاف ڪشـال
٢. اوهان ۽اجهـون ســپـرين، جيـئـڻ منجهـ جنـجـال
٣. ڪريو فنا فـــراق کي، وجهـــان واجهـــ وصـال
۴. ۽اجُهـــون ۽اروڇل جي، هـهـــڑا ٽـيـر حـــال
۵. راتـو ڏينـهـــــان روح کي، مُنجهـڻ لاءِ جمـــال
٦. سڪ ٿُنهنجي ســپـرين، جيءَ ســچـوءَ جي جـال

(سر سسئي)

ٽلهه: لڳيءِ دل جو دارون، ناهه کو ڊولٽ پيارا

۱. عشق جون واتان ٻرن لاتان، تنهن مان نڪرن درد جون ڇاتان
پوءِ ٽيون پَوَنِ هي پچارا

۲. عاشق ٿا ڪن درد جون دانهان، عشق منجهارئون اهي آهان
روئن اُهي زاروزارا

۳. آءٌ تا ٻانهي تون تا سائين، پاند ڳچيءِ وچ پلوُ پائين
اچڻ جا ڪر قول قرارا

۴. ڳالهيون مون سان تو جي ڪيون، مُور نہ مون ڪئون وسري ويون
دم دم تنهنجيون ياد يارا

۵. هيڪر مونکي جاني جياريو، ڳالهين تنهنجن ڳجهن ڳاريو
وصل جا ڪر وري وارا

۶. سڀُو تون تا ٽيءُ نہ ماندو، پرين تنهنجو الله آندو
سڃڻ سان ڪر الغارا

(سر ڪليان)

ٽلهه: لَنوَ اچي پاڻ لايَوَ، نا تہ مونکي ڪَلَ نہ هوئي

۱. اصل لاڪون عشق لائڻ جي، ڳالهه اِها خوش آيَوَ
۲. درد فراق جي ڏَنوَ امانت، اِها سانول سيبايَوَ
۳. عرش ڪرسي تا ڪينَ قبولي، اها اسان ڏي هوت هلايَوَ
۴. ڳالهه پرجهڻ جهڙي نا هئي، پاڻ سڃڻ سمجهايَوَ
۵. ڏينهن اُنهيءِ جي يار سچوءِ ڪئون، سچي سا ڳالهه سلايَوَ

(سر ڪليان)

ٽلهه: لَنوَ وجي ڪيئن لايَوَ، پرين ڇاتَوَ پرديسي

۱. پِرَ پَرو وڏو ڪينَ سهيليون، تيلهان آڏو ڏڪ آيَوَ
۲. ڏينهن گذريَوَ غر اِنهين جي ٻر، ڳالهه جنهن جي ٽي ڳايَوَ
۳. دانهون فريادون ڪرين ڇو هاڻي، سڪ سچل سيبايَوَ

(سر ڪلياڻ)

ٽلهه: لَنوَ مون سان لايَوَ، يار ويڙهي هنَ ويهي
١. دردمندي جي دلڙي، دلبر گهوٽ اکين سان گهايو،
ڳالهه ڪريان ٻي ڪيهي
٢. مشتاقن کي محب مارين ٿو، تَکَ اهائي آيو،
جيهي وٽيو ڪيو تيهي
٣. ڳالهه انهيءَ جي سُڌِ نه مونکي، پاڻ پرين پُرجهايو،
رمز ڳجهيءَ دل ريهي
۴. پارئون پنهنجي ڪيئي قاصد، هنَ ڏي هوت هلايو،
ويهه گڏيا جڙ ڏيهي
۵. دل سچل جي دلبر سائين، دين ساڻ ڏتاريو،
نينهن اوهانجڙي نبهي

(سر توڏي)

ٽلهه: لڙُ وهي لوهاٽو، يار وي
١. سا ڪيئن ترسي تار ۾، جيءَ جنهين جهوراٽو
٢. ڪاهيو پوي ڪُنَ ۾، ڏَتَرسِ عشق اوراٽو
٣. ساهڙ ٻاجهون ساهه ڪي، ڪيو ورهَ ويڳاٽو
۴. سانول سدا آهِ ساهَ مئون، اوهين سيئي اِئين ڄاٽو
۵. پچندو اچي پاٽهين، سچل يارُ سياٽو

(سر پيمروي)

ٽلهه: لوڏا ڏيان ڪاڪيُون ڪيڏا، ويڙو سو هوت هندوري الله
١. شاهه منجهارُون عبد سڏايس، پورا ڪيون پاڻ پوري پوري
٢. ڏک منجهارُون ڏولي جا آئي، ڏک ڪيون پاڻ ڏوري ڏوري
٣. اوهين پاڙيچيُون پري نه پانيو، آهي آرياڻي سو اوري اوري
۴. دل دنبوري يار سچوءَ جي، تار ڇڏيائون چوري چوري

(سر پيمروي)

ٽلهه: ليکي "لا" جي ڪئون جي لنگهيا، ڏاڪي وحدت جي ۾ سي ونگيا
١. اَڄَت اناالحق جي، پٽيءَ انهيءَ ٽنگيا
٢. ڳيڙا هر دوجهان تئون، اصل انهيءَ آهه چنگيا
٣. عاشق ڪڏهن ڪينَ ڪي، سُولي ڏسي سنگيا
۴. نيزي اُتي نينهن حي، عاشق اصل انگيا
۵. سچو سورهه سوَنِ مئون، ڪي ٻهڳڙ وڃي ٻنگيا

ھ

(سر ڪليان)

ٽلھ: ماري ويو ڪالھ رات، سونھن پريو سو تا سامھيڙو

۱. راتو ڏينھان روح ڪي، طلب تنھن جي تات
۲. ڪينَ سڃاتم سرتيون، تا ڪھڙي آھي ذات
۳. سُور نہ جھلڻ جھڙو، ھاريون ڙي ھيھات
۴. اڻئي پھر تَنھنجي، وائي سچوءَ آھي وات

(سر سسئي)

ٽلھ: ماريو ھوت وجن لا، ڪنھن در ڏيان دانھڙي

۱. ڪاڪيون ڪڏھين ڪين ڪي، منھنجي مِنتَ مڃن لا
۲. پٽيءِ پيس جن جي، سي پي سُور سڃن لا
۳. دعا ڪريجو جيڏيون، پيرو تا نہ پڃن لا
۴. اھو اٿر آسرو، ڏيندا آب اُجن لا
۵. سچو سھمي ڪين ڪي، رُوح تہ ڪانءِ رُجن لا

(سر مارئي)

ٽلھ: مارُو ٽر ٽيام وو ميان، ڏيان ڏوراپا آھي ڪَنِ ڪي

۱. سي پاڙيندیس پنھنجا، ھُتِ جي قول ڪيام
۲. چڏي ملڪ مليڙ جو، پرينءِ وَسَ ويام
۳. گھوريا پري ڏينھڙا، جي پھنوارئون پيام
۴. سنگھارن جي اچڻ جا ميان، سچل سنيھہ سيام

(سر مارئي)

ٽلھ: مارُون مونکي نہ وسارين، آھيان اُنھن جي ميان

۱. درد جنين جو دل ڪي، ڪرم سين اُڪارين
۲. اَڻئي پھر اوڏھين، تا نيڻ نھارين
۳. ھر دم طلب جون تن اندر، تارُون تنوارين
۴. سچل سارين جن ڪي، سي پي تو سارين

(سر جوڳ)

ٽلهه: مارُو اُهي سي مليام ميان، طلب جنين جي آءٌ تَنَ کي
١. ڪَرَمَ ڪيائون ڪيهڑا جو، ڏوٽي هِت ڏنام
٢. هت تا حاصل ٽيا هن کي، ماروئڙا ٽي مَدام
٣. پَاڙَيائون سي پانهنجا ميان، ڪيائون جي ڪي انجام
٤. طالع وارا ٿن اِڳيون هَنِ، گولن جا بے غلام
٥. هِت جنين کي هُت بے تن کي، اچي پيا آرام
٦. ڪَاڏهون سچل سالڪن کي، ٽئي طلب تمام

(سر سسئي)

ٽلهه: مانَ اچن اُهي ڪائون، مُئي ويا جي ماري
١. پريان رِيءَ سرتيون آهيان آءٌ اِهائون، ويهان سي ڪيئن وساري
٢. پرين ڏسُ وو پاڻ ڏي ميان، آهيان ڏهاڑ آئون، نيندا سي نال قطاري
٣. اچي اسان وٽ سپرين ميان، اديون ڙي شال اوڏاهُون، مانَ کو ڏينهن گذاري
٤. آيا قاصد ڪيچ جا ميان، ائين سو مون آتائون، يار سڄڻ توکي ساري
٥. آڏيءَ رات آئي ڪري ميان، جَتَ ويا هير جائون، تائون سا نِتَ نهاري
٦. هاري توسان هُوءِ جي ميان، کي جي قول ڪيائون، پرين اُهي سڀ پاري
٧. ويهين وسارين وو اتهين متان، هي چانگار چيائون، سچل تو دوست سنياري

(سر مارئي)

ٽلهه: مارُنِ ڏي آءٌ وڃان وڃان، هادي الله اَلو يَلو
١. لاوان لهنديس ڪيت پنهنجي سان، سرتيون ٽيندين مُون جيان جيان
٢. ڪَيُ بنديائي بند مئون، قلف ڪڙا ٽي پيجان پيجان
٣. واٽ جنهين ڪئون سانگي ايندا، سائي واٽ مان وجان وجان
٤. سچل سائل آهي اوهانجو، سِرُ سائين اڳيون سجان سجان

(سر ڪسوري-برو)

ٽلهه: مانَ پِرينَ پهچائي، هي نياپو ڪي نيئي
١. ڪچيءَ پائي ڪپڑو ٽي، پاڃاڻي پرچائي، حال ڏسي وڃ هيئي
٢. پرين ڏسج پاڻ ڏي، چِتَ نہ وچ مون تئون چائي، يار اسانکئون پيئي
٣. الله ڪارڻ آءٌ تون سائين، هانهي ٽي ٻاڏائي، وچ دلاسا ڏيئي
٤. اوهان ٻاجهون سپرين، ويئي سو وِرهُ وسائي، ڪانگ اڏائي ڪيئي
٥. دَرَ اوهان جي جو دلبر سائين، سچل ٽو سگ سڏائي، ٻڌي ٻانهون آيو ٻيئي

(سر بلاولي)

ٽلهه: مانَ پرين کي پوي، ڪَنِ فرياد اسان جي
١. عشق جيُون ماريون سٽو سيئي، اديون ڏي ناهيو آوي
٢. هن نمائيءَ جو يار سڃڻ کي، حال وڃي ڪو چوي
٣. هِيءَ تا هوتن ريءَ راتو ڏينهان، راند روڙ جي روي
٤. درِ دوستن جي ڪيئي آهن، سچل جهڙا سوي

(سر سسئي)

ٽلهه: متان ڏوراپو ڪو ڏيو، ڏي ساڻيو مونکي
١. هيءَ ڪنيزڪ مُلهه خريدڻ، ڪينَ هٿون مون ٽيو
٢. حرف اسان تي آهي اصل جو، وقت ويسرِ ٻر ويو
٣. پلئو پائي مديون، پيش پنهونءَ جي هي پيو
٤. سچل ڪوئي پانهنجو، پاڻ قربن ڪيو

(سر برِوو)

ٽلهه: متان تون مونکي ڇڏين، سونهان سڃڻ جا
١. محبوبن سان نانءَ ڏٽيءَ جي، نيئن غريب گڏين
٢. نٽو جاڻان ڏينهن اهوئي، ٽيندو الاجي ڪڏين
٣. جڏهن تون حاضر ٽئين حُضور ٻر، نانءَ سچل ڪري سڏين

(سر مارئي)

ٽلهه: متان مُنڌ مارُنِ تَئون، وهين آسرو لاهي
١. بندُ تنهنجي باب ٻر، اصل ڪئون آهي
٢. سگ اسان جو سومَرا، ڇنڊ جيهو ناهي
٣. پرين نيندا پاڻ سان، سڳر ڏي ساهي
٤. نيئَرَ هي جي نينهن جا، ڪيرُ سگهي لاهي
٥. رکج سچل منهن مليرِ ڏي، ٻاهه نه ٻيو ٻاهي

(سر جوڳ)

ٽلهه: محبت جي مَي ماريو ڏي مونکي، ڪاڪيون ڪنهن سان وِرهُ وراهيان
١. عقل علم سپ چوڙ ڏتوسي، عشق ڏنو اولارو
٢. اکيان کول تہ ظاهر ڏيکين، سيرُ سڃڻ جو سارو
٣. پُرجهي پير ايڏاهين پايو، هوت اٽو هاڪارو
٤. محبت مون منصور وجهايو، ڪچيءَ جي وچ ڳارو
٥. سنيرُ سچيڏنا چوڙ سانباها، وِرهَ ڪيو جان وارو

(سر بروو)

ٹلهہ: محبت عشق مولیٰ جي، گهٹا سي گهوٽ گهايا ها
هزارين ساهہ سانول تڻون، ڪنين گهوري گهمايا ها
١. ڪَنين سر ساهہ ساجن لئي، متي سوريءَ سنياهيا ها
وِرهہ جي واٽ تي ويرن، ڪلهن ڪئون ڪنڌ ڪپايا ها
٢. ٽيو تن مهٽو موٽڻ، تِکي ڪنهن تاوَ تايا ها
متا ميخاني تي مستن، وَڻيءَ جي وٽ وِڌايا ها
٣. اِنهيءَ پِڙَ ۾ پهلوانن، جو جوشئون جِيءَ جلايا ها
ڪنبيان جي موج محبت جي، اهي هن عار آيا ها
۴. ڏسو جَي نينهن جي ناتي، ڪَنين جا سر گنوايا ها
سچو ڏي ٽي صدق تن تئون، جَنين هي رنگ رچايا ها

(سر بروو)

ٹلهہ: محبت مست مجنون کيا، ڪَئين خاصا خماري لو
١. اصل ڪئون عاشقن آهي، متي سُوريءَ سواري لو
٢. هُئي هَڏِ شال منصوري، جريدهہ وارا جاري لو
٣. هِتون منهن سا نہ موڙيندي، هوندي جا ورهہ واري لو
۴. سٹو جو مير محبت جي، ڪَئن کي ڪوٽ ڪاري لو
۵. جنين کي جوش جاڳايو، تنين کهڙي تياري لو
٦. ڇڏي هي عيش عالم جا، هليا سي هڪواري لو
٧. پيا سي هُوءِ حيرت ۾، ڇڏيائون سڏ سار ساري لو
٨. برهہ جي باب ڏِسُ تن کي، سيا وائي وساري لو
٩. سدا تن آهي ساجن جي اچڻ جي انتظاري لو
١٠. سچيڏنا سمجهہ ڪِي اِتهين، متان ٽئين هُت مياري لو

(سر ڏناسري-توڏي)

ٹلهہ: محبن مُکا مون ڏي وري، اڄ ڏوٽ ڏوراپا ڏيئي
١. سٹي سنيها يار جا، بولي ٻڌيم ٻانهون ٻئي
٢. دل ديري ڏي دوست جي، وهندو اُنهيءَ ويلي وئي
٣. مونکي وساريو ڪيئن اٽئي، مون پرت توئي سان پيئي
۴. تنهنجي اسان جي وچون، ڏسُ ڏينهن ويا گذري ڪيئي
۵. لٹو دئور دل کون پائين، آهي حيف تا توکي هيئي
٦. مون ڪيُون تو ساڻ جي، سانيچ سچل ڳالهيون سيئي

(سر ڪليان)

ٽلهه: محبوب ڳولي ڏسُ مَنَ ۾، مَنَ ۾ تون ڏسُ دل ۾ تون
۱. واه ڪاريگر ساز بڻايئي، "ڪُن فَيَڪُونَ" جي ڪَن ۾
۲. بي فائدو بازار گهمين ٿو، گل ڦل باغ بدن ۾
۳. چوريءَ چوريءَ سير ڪرين ٿو، تنهنجو چاند چمن ۾
۴. سچل سائين صحيح ڪر ڄاتر، يار گڏيو ڪک پن ۾

(سر ڪليان)

ٽلهه: محبوب منو آهي مَنَ ۾، معشوق منو آهي مَنَ ۾
۱. ٻيائي سان ٿو ٻاهر ڳولين، اٽئي بَر بحر ۽ بَن ۾
۲. چهرا چوريءَ چليو ڏسين چو، اٽئي سو چاند چمن ۾
۳. زلف زنجير ڪئون زاهد ٻڌا، آهي ظاهر پرست ظن ۾
۴. عاشق سوين احوال ۾، آکن اناالحق آن ۾
۵. ستَ زيور سينگار ڪري ني، دوست آيو درسن ۾
۶. "ڪُلَ يومٍ هُو فِي شأنَ"، آيو ورُنهن هر ڪنهن وِن ۾
۷. چيديون تا چار اٽو، پرين پيارل پَن ۾
۸. دلبر ديرو دائم دل تي، جو ديکين درپن ۾
۹. ڪري ٿو آهون ڪين سڻي ٿو، اٽئي قدسي ڪلام ڪن ۾
۱۰. مرشد ڪامل سانولُ سپرين، آيو صاف صحن ۾
۱۱. فيض فاروقي فائق بخشيو، سچو فهمائي هِن فن ۾

(سر جهنگلو)

ٽلهه: مڙس ٽي منصور چئو، نه ته ڪير چئو منصور آ؟
۱. منصور جي منزل آتي، ڏاڍا تماچا تهمتان
۲. سگهه نه جي ساري سگهين، مُنهن رکين تنهن تي متان
۳. جو چوڪراٽيءَ ۾ پئي، راندیون روين راتو ڏينهان
۴. احوال سڀ اسرار جو، عشق کي آهي عَيان
۵. نڙِکو نڳيءَ جي ناهه جو، ناحق ڪرين ٿو ناتوان
۶. هِن کي چيو هُنَ کي چوين، آهيان لاهوتي لا طمعان
۷. منصور جي تنهن ملڪ تي، آهن سَدا نُڪتا نوان
۸. سُڻُ سچو تون سمجهه رک، توکي چگائي ٿو چوان

(سر سسئي-برووَ)

ٽلهه: مُکا دلاسا ڏيئي، ري سڄڻ مونڊي
۱. دوستن دلداريون ڏنيون، حال ڏسي تا هيئي
۲. پسي عيب اسان جا، مهر پنهونءَ کي پيئي
۳. وريو ورق وصال جو، وائي هجر جي ويئي
۴. ماريون ملاقات جا، وس ڪيا هير ڪيئي
۵. سچو سيئي آيا، جيءَ گهريا هير جيئي

(پيروي-جوگ)

ٽلهه: مُکا سين قاصد کال، اجهي جاڻج آيا آيا

۱. آهي تياري ايڏنهن اسانجي، آهيون سو منجهه خيال
۲. اڪند تنهنجي اصل اسانجي، آهي سا جِيءَ ۾ جال
۳. عاشق توتي ڪرم ڪيوسين، سڻي سندءِ احوال
۴. پنهنجي لطف سان هاڻ لاڏاسين، تو ڏئون ڪُل ڪشال
۵. اچي لهون ٽا اِجها تنهنجڙي، سچو ري رات سنيال

(سريپروي)

ٽلهه: مُلان ته ڪارڻ مانين جي، ختما پڙهن ٽا خاصا الله

۱. هلي اچن ٽا ڪُنَنِ تي، هٿ ۾ ڪيون عاصا
۲. جُڙي ويهن ٽا مانين تي، ڪُکيون پرن ٽا پاسا
۳. مُلان چون ٽا ڪينَ ڪائون ٽا، ڪائي وڃن ٽا ڪاسا
۴. سچو سچ چوي ٿو ظاهر، بُٹيون گهمن ٽا باسا

(سرتلنگ)

ٽلهه: مُلان مارِ مَرَمون، سڃڻ ڏسان ڪين سبق پڙهان

۱. آدم ڪَنون اڳي هُيا سي، آدم ذات نه هُون
۲. الف اسان نون يار پڙهايا، بي دي بانس نه بُون
۳. شاهه درازين سچل وَسي، مَنَ جو محرم ٿُون

(سرجهنگلو)

ٽلهه: مُلڪ جا مالڪ ٻيا هن، تون وِڃُون بيٺين بڻي
هَئي ڪنهين هن حال ۾، توکي وڏو هستيءَ هڻي

۱. سير الله سير بالله، سير مون الله گهرُ
سير في الله لاهه تون، خود ڪئون وڃي منزل ڪٽي
۲. هِي جيڏ آهي عاريت، جن جو آهي تن کي وڃي
ڪَيُ وڃون تون پاڻ کي، اندر باهر آهي ڏٽي
۳. آهين امانت ٻين جي، تون آهين ڪاڏهين ڪينکي
سِرُ هي سارو سهي ڪر، هڪ ٻي چو ٿو ڇڏي
۴. اِنسان جو اولو ڪري، سَوَ رنگ ڪرين سنسار ۾
شاهه کي هِيءَ ڳالهڙي، وهه واهه جا سچو وَڃي

(سر پيروي- ڪنونسيو)

ٽلهه: منصور سُوريءَ تي چڙهيو، هر ڪنهن چيو تي واهه واهه
عاشق آتيئي سر ڏنو، اَناالحَقّ ٽنيو سچ ساهه ساهه
١. عشق اچي نعرو هنيو، ٽيس سيائي باهه باهه
نظر مونکي هادي آيو، ٽيو سوئي الاالله
٢. عاشقن سرکي جا پيتي، تي سيائي هُو هواء
منصور شمس تبريز پارن، هٿ ڪيائون جاهه جاهه
٣. ويا سمند ڏيئي ٽهي، سارو لڏائون سڏسماءُ
الف سان جي گم هُئا، ٽيا ڪُل شي هر جاءِ جاءِ
٤. سچو ڏسڻ سان سرخ ٽيو، ءِ تخت تي هو شاهه شاهه
رُڄي آتاهون لعل ٽيو، سارو اِهو هو خود خداء

(سر ڪليان)

ٽلهه: مَنَ موهي منهنجا جاني، گهٽا لايَئي ڏينهڙا
١. صورت تنهنجي سپرين، مورت ڪئي مستاني
٢. پرين اوهان جي پار جو، گوندر ٽيو گذراني
٣. روز ازل ڪئون ڏنو اسان کي، نينهن پنهنجو نيشاني
٤. اڳڻ اسان جي آءِ پيارا، محب ڪريان مهماني
٥. پيريءَ جا سچو ڏينهن وسارج، ٽيئي جمال جواني

(سر ڪليان)

ٽلهه: منهنجا واقف يار، سدائين تون جيئندين
١. راتو ڏينهان روح منهنجي کي، تنهنجي سار سنيار
٢. تحفو هن کي آهه اِهوئي، تنهنجي پيرن جي پيزار
٣. اچڻ اوهانجي لئي ويٺا وجهايون، فڦيرن ڪئون قار
٤. ڳالهيون سنديو ساريو سچوءَ کي، اچي ٽي آچنگار

(سر برووَ)

ٽلهه: منهنجي اکهين لڳي ناتا هاڻي لڳي، دل آلو آلو تنهن يار سان
١. روز ازل ڪئون اکيون لايون سين، دوست مٺي دلدار سان
٢. ڪيئي داناءِ ديوانا ڪيائين، چشمن جي چمڪار سان
٣. دوستن جي در اچي بيٺس، اصل سچي اعتبار سان
٤. پرين اسان وٽ پيهي آيو، صورت جي سينگار سان
٥. جيڪي ٽئي ٽو جوش وارن سان، سو نہ ٽئي هٿيار سان
٦. نازِ نياز جي نينهن وارن کي، تڪ ڪيو تلوار سان
٧. سرِ سچوءَ ڪيو صدقي سائين، عقلَ چڏي اختيار سان

(سر توڊي)

ٽلهه: منهنجي اصل آءُ، ميان، دل دست دوستن جي
١. جيئن هلائن تيئن هلي ٿي، منهنجو وسُ ني ناءِ
٢. سوگهي ڪيئون دل اسان جي، ڪنهين ڏاڍي جاءِ
٣. جاءِ سا ڪهڙي محڪم ڪيئون، مونکي ڪَلَ نه پيڙي ڪاءِ
۴. سچو توڙي پانهنجو ڪيائون، ته پي ڇڏِ نه هاءِ هاءِ

(سر برروو)

ٽلهه: منهنجي حجت توسان ناءِ، توکي مولي ميڙي يارَ
١. مون هن نماڻيءَ کي، آسرُ سندو آءِ
٢. اندر باهر تانهنجي، جانب آهي جاءِ
٣. ڏونگر ڏورڻ آيا، ساجن تنهنجي ساءِ
۴. سچو آهي سڪ ۾، لعلن تنهنجي لاءِ

(سر بلاولي)

ٽلهه: منهنجي زاري زاري، سهٽا سائين توسان
١. معلوم توکي ڀَالهه اسان جي، سائين سڃڻ تا ساري ساري
٢. هِيءَ تا هيٽي واءُ وهيٽي، برهه اوهانجو باري باري
٣. دوست هنئين ۾ يار رمايا، گهوٽ نه وجهج گهاري گهاري
۴. اصل لاکون آهِ اوهان سان، يار اسان جي ياري ياري
۵. طرفون تنهنجي سائين سچو کي، آهِ ڪچيءَ ۾ ڀَاري ڀَاري

(سر پيروي- برروو)

ٽلهه: منهنجي ساهَ سڃڻ کي ساريو، مونکي ڀَالهه تنهنجيءَ ڀَاريو
١. اديون آرياٽن جي وڃي، توڏن تونگ تنواريو
٢. مون مَنُ گڏي گوندرين، ڪيچي ڪيچ قراريو
٣. هڻڙي هوتاٽن کي، وَريتيُون نه وساريو
۴. جِيءَ سچوءَ جو سرتيون، سندنِ عشق اُجاريو

(سر برروو)

ٽلهه: منهنجو پندڙو پَهُ آهي، پلو سرتيون سانول ساڻ
١. سو تا چنڊ جيهو اصل ڪٽون ناهي، آهي سگ ته پنهونءَ ساڻ
٢. ايندو اٽم آسَرو آسر هَڏ نه لاهي، ٽيندو مُئيءَ جومهٽاڻ
٣. چڏي شهر پنيور کي، ڪيچ ويندي هيءَ ڪاهي، لڳم هاروچي جو هاڻ
۴. هيءَ ڪميٽي ڪوڙي، سگ ڪا ساڻن ساهي، پر پرين ڏسندا پاڻ
۵. سچو چاڻ سهي ڪري، توڙي باب سندن هي ناهي، ته پي نيندا سباجها ساڻ

(سر سسئي)

ٽلهه: منهنجو سڪ نه سياپو، ڪاڪيون ڪيچ ڏٽين سان

۱. هتئون هلي أتهين، آءُ نه ڪنديس ڪاپو
۲. پانهي خان بروچ جي، ٽيس لاهي لاڳاپو
۳. شال نه ڏکيءَ کي ڏين، ڪنهن ڏوهون ڏوراپو
۴. جيڏيون هن مُئي جو، آهي جانب جياپو
۵. سچو سڃڻ سان ڪندو، منهنجو مولي ميلاپو

(سر جهنگلو)

ٽلهه: منهنجو هينڙو پيو، وچي پرين جي پار

۱. سپريان ڏي سرتيون، مونکي نينهڙي نيو
۲. ڳڻن ڳالهين يار سڃڻ جي، سوگهو ساهه ڪيو
۳. پاٽئون پائي اڳڻ اسانجي، لالن شال ليو
۴. جڙَ لڳي هُيَو جيڏيون، تہ ڪيئن مون ڏوهه ڏيو
۵. سپيريان جي سڪ ۾، مون سان ٻيلي ڪونہ ٻيو
۶. سڪ سڃڻ سان سڳ سچوءَ جو، جيڏيون جيءُ ٽيو

(سر برووَ)

ٽلهه: منهنجو هينڙو هوتن ساڻ، ڪهڙي ڪريان ٻي آءُ تا ڳالهڙي ڳالهڙي

۱. وندر سندي واٽ تي، پرزا ڪنديس پاڻ
۲. آڇي لڳو مون اوچتو، ٻاروچي جو ٻاڻ
۳. دعا ڪريجو جيڏيون، شال موتي مُئيءَ جو ماڻ
۴. وِيڙو درد فراق جو، ڏيئي ڏکيءَ کي ڏاڻ
۵. اڳڻ ايندو تانهنجي، سچو سو سرواڻ

(سر پيروي- بلاولي)

ٽلهه: منهنجو هوت پنهونءَ سان، جيڏيون نينهڙو لڳو

۱. پَرو پيڙهه پاڻ مئون، پينر ڙي منهنجو پول ڀگو
۲. ٻيائيءَ جو بندُ پيو ڪاڪيون، ٽوڙيو عشق ٽگو
۳. مونکي اوڏانهن آيو، سرتيون سندو وڃ وگو
۴. پرين سچو آهي پاڻ سان، جِيئن سُئيءَ منجهه سگو

(سر توڏي)

ٽلهه: منهنجو ناهه ڪوئي اختيار، هُئي يار وي
١. مون تا سِر تي چائيو، باري ؛ ،هه جو بار هُئي
٢. راتيان ڏينهان تيڏي ڪارڻ، رُوئڻ زارون زار هُئي
٣. ڪيئن ڏنو تو سپرين، جاني جيءَ کي جار هُئي
٤. سچو سارو سمجهين، عشق سندو اسرار هُئي

(سر برووَ)

ٽلهه: منهنجي اڳڻ اڄ آءُ، پرديسيئڙا يار
١. والي شال وصال جو، ڪو وَري لڳي واءُ
٢. اَچي هَڏ نه هٿهين، سانول تو ريءَ ساءُ
٣. ميان مشتاقن جو اچي، صاحب لَهه سماءُ
٤. دانهون ڪري درد ۾، جا ڦٽي فراقاءُ
٥. ٽيون مدايون ڪيتريون، سائين سڃ ڪانءُ

(سر برووَ- ڪوهياري)

ٽلهه: منهنجو پانڌيئڙا پرينءَ کي، ڏيج هي نياپو
١. ڏيئي باهه پنيور کي، هي ڪيچ ڪندي ڪاپو
٢. اصل لاڪُون آهي، منهنجو سائڻ سياپو
٣. آهي اوهانجو سپ هن چوريءَ تي چاپو
٤. منهنجو محبوبن کي، ٻيو نه ڏيج ڏوراپو
٥. سدا آهين سچل کي، تون جيءَ جو جيائيو

(سر مومل)

ٽلهه: منهنجو سوڍل ساريئي ساهه، راڻا رُسامن ساڻ ماريوَ يار ڙي
١. ويٺي ڪڙهان ڪاڪ تي، آٽيندس الله
٢. هن مُئيءَ جو مينڊرا، توکي ڪيهو پرواهه
٣. سندوَ اڇڻ تانهنجي، روز نهاريان راهه
٤. مهر متو ناهه کو، جيڪس هن جو بخت سياهه
٥. گهرَ اوهانجي ٽي گهران، چت اوهانجو چاهه
٦. ڪوڏئون قرباني ڪري، سچل ساهه پساهه

(سر ڪئونسيو)

ٽلهه: منهنجو هاڻي مون وٽ ايندو، هاريون واقف حال جو
١. ڪينَ چڏيندو چپرين، نال نماڻي نيندو
٢. شال مُقام مُئي جو، ٽر وڃي ٽيندو
٣. درسن سندو دائما، ڏاڻ ڏکيءَ کي ڏيندو
٤. سچل پارَ پرين جي، وِرهَ وارو ڪو ويندو

(سر تودّي)

ٹلهه: منهنجو شرم سيوئي آهي، جيڏيون تا، ستگر تي
١. وري ڏنائون پاڻ ڏي پاڻهين، نا ته هئا حال اسان هي
٢. اهي پاڙيائون پاڻهي پنهنجا، هو جي قول ڪيائون ڪي
٣. جَنِ پياريو پُرُ پيالو، شال ساقي جيئنِ سي
٤. سدا اهي وسن اسان وٽ، جاني جيءَ جا جي
٥. سِرُ سچل کي ڏسيو ڏيهاڙيون، پنهنجي يار هٿئون ڏي

(سرتوڏي)

ٹلهه: منهنجو کي هُت پڇيائين، سچ چئو ادا ڏي ساڻيو
١. گوشي ويهي گڏ اوهان سان، منهنجي کا ڳالهه ڪيائون
٢. سَليو سنيها ساڻ سلامن، هِنَ ڏاهه ڏي ڏنائون
٣. پيغام پرت وارا، چئو جي موندي چيائون
٤. دلاسي جي دردمندي ڏي، ڪا جا آج خبر لکيائون
٥. سچل ڪاڙِ تو گهٽيرو، هِن ڏيهه ٿي ڏنائون

(سر سهٽي)

ٹلهه: منهنجو نينهن وڌايو ناز، نيٽن نيٽن ميان
١. سَيفان آهن يا ته ستر جون، تنهنجيون اکيون ڪجليون ڪاريون
وي الا يا ته بحري باز
٢. دردمنديءَ جي دلڙي دلبر، ڏاڍي زور سان آندي
وي الا نيٽن منجهه نياز
٣. شال پون ڪَنِ يار اوهانجي، او هڪيئي واري
وي الا عاشقن جا آواز
٤. ٻئي ٻانهون ٻڌي سچل وچ، تون ساڻ يقيني
وي الا ور مڙي ڪارساز

(سر بلاولي)

ٹلهه: منجهون نيڪيءَ ۽ گناهه، پوندي ڪَلَ نه سندي الله
١. باطن ۾ تون پانهنجي، نا ميان وِجهُ نگاهه
٢. ريءَ پروڙڻ پانهنجي، بي راست ناهي راهَ
٣. غير نه پائنج پاڻ کي، دوئيءَ ۾ ڏاناهَ
٤. هادي حق الحق تا مونکي، اها ڪئي آگاهَ
٥. تارڪ ٿي توحيد جي پئو، ڏانهه منجهه درياهه
٦. حقيقتان حال جون يار، چئي ڪير آگاهه
٧. چئين قبلن ڇورُ ٿي سرِ، شاهي رک ڪلاهَ
٨. سچل سچي ڳالهڙي يار، سَلڻ ناهه صلاح

(سر پيروي)

ٽلهه: مونکي تہ ميهر يار جا، ٽا پَل پَل پُور پَونِ
پل پل پُور پَونِ، مونکي ساريو سُورِ وجن
١. يار لک هزار، مائهو مهٽا ٽا ڏين
جهولي ۽ پائي مون جهليا، مَنَ ٻيا ٻہ ٻي ڏين
٢. تَنَ ۾ تاکيون مَنَ ۾ ميخون، هَنيون حبيبن
اکيلڙ آهنجون ٽيون، جيکي وڏيون وينجهارن
٣. سچل سوز رُوئڙ روز، اِها عادت عاشقن
جن کي عشق الله جو، سي کيئن سڪ سُمهن

(سر سسئي)

ٽلهه: مونکي تنهنجڙو آ، اچڻ جو وڏو آسرو
١. جوڙي ڇڏيم جايون، لونءَ لونءَ ۾ تو لاءِ
٢. کين جڙي ٻيو جيءَ ۾، تنهنجي سڪ سواءِ
٣. ڪڏهين ڪڏهين ٽو ڏسان، توکي جاءِ بجاءِ
٤. هت گذاري ڏينهڙا، سچو تنهنجي ساءِ

(سر مومل)

ٽلهه: مونکي تنهنجي سار سنيهار وو، ڇڏ رسامان تون آءِ منهنجا يار
١. ڏوهہ نہ ڪوئي تو ڏيان، آهي مون ئي سر ميار
٢. سڪ سوراخان مون کيا، هينڙي منجهہ هزار
٣. موٽ مران ٽي مينڊرا، برهي چاڙهيئي بار
٤. ويٺي ڪري ڪاک ۾، هيءَ ويچاري ويچار
٥. سچل سيئي آيا، جي دل گهريا دلدار

(سر جوڳ)

ٽلهه: مونک عبرت آهي اهڙي حال جي، هاريون حيرت آهي انهيءَ ڪالهه جي
١. ڪائٽين ڏاڍو ڪاٽهين هيٺو، ڪائٽين جوڙ جٽيا ٽو پائي
٢. ڪائٽين ڪوري ڪائٽين موچي، ڪائٽين سيد سڏائي
٣. ڪائٽين تارک ڪائٽين سارق، ڪائٽين ٽو مڪ ملائي
٤. ڪائٽين شاهي ڪائٽين سپاهي، ڪائٽين حڪم هلائي
٥. ڪائٽين ڪافر ڪائٽين مومن، ڪائٽين سُوريءَ سِرُ سلائي
٦. ڪائٽين گسائين ڪائٽين سناسي، ڪائٽين ٽو بت بنائي
٧. ڪائٽين سامي ڪائٽين انامي، ڪائٽين تلڪ لڳائي
٨. ڪائٽين قادر ڪائٽين نادر، ڪائٽين سچو نانءَ سڏائي

(سر مومل)

ٽلهه: مونکي ڪانڊ بنا هيءَ ڪاڪ، ڪٿوڙي آهي ڪاڪيُون
١. سوڊل ٻاجهون سرتيون، مري ٽي مشتاق
٢. منهنجو ساهه سڌير ٽئي، اچي جي اوطاق
٣. سٽري آهي سون ڪنئون، خاصي ڊٽ جي خاڪ
۴. سڏِ اچي لهه، تنهنجي، چُور ڪئي چوطاق
۵. وِجهي ويچاريءَ ويو، اديون زِي اولاڪ
۶. تَنُ سچوءَ جو عشق اوهانجي، چيري ڪيڙو چاڪ

(سر برروو)

ٽلهه: مونکي ڪير وسارج ميان، آءٌ اوهانجڙي آهيان
١. دوست اوهانجي در تي ميان الله، مران تا نا ٻر ناهيان
پنهنجي ڪِ قطارج ميان
٢. ميلائي جي وو مون پرين ميان الله، لالچ هَڏِ مَ لاهيان
ڪٽي نيڻَ نهارج ميان
٣. سچو ٻڌي سندرو وو ميان الله، ڪيچ وٽن ڏي ڪاهيان
اچي گڏ گڏارج ميان
۴. هيءَ ڪميٽي وو ڪوڙي ميان الله، سڪ ساڻوَ نه ساهيان
پانهنجي وٽ وهارج ميان
۵. سوال سچوءَ جو وو اِهو آهي ميان الله، نينهن سندو نباهيان
پانهنجي سگِ سنيارج ميان

(سر جهنگلوءِ پيروي)

ٽلهه: مون کي نه وسار، وو ڏولیا، آءٌ تا تنهنجهڙي آهيان
١. نانوَ سائينءَ جي اسان نماڻن ڏي، ڪٽي تون نيڻ نهار
٢. پرين وڻُون پانهنجي، گڏ غريب گذار
٣. ڪيو اسان سان يار پيارل، پنهنجا وعدا پار
۴. اڳئ اسان جي سگهو ڪي ايندين، والي سو ڪهڙيءَ وارِ
۵. در پنهنجي جو دلبر سائين، سچُو سو سگِ سنيار

(سر برروو)

ٽلهه: مونکي هوتن هاڻي، ڪوئي پنهنجو ڪيو
١. جَتَ گهٽا ٻيا جگ ۾ سائين، منهنجو هوت آرياڻي، ڪنديس ڪونہ ٻيو
٢. لکين پچن پرين کي، آءٌ تا ڪيرَ نماڻي، سندن نينهن نيو
٣. جيهي تيهي در دوستن جي، عاشق هيءَ اگهاڻي، سارو ڪر ٽيو
۴. ڪياڻون ڪناري پانهنجي، هيءَ تا پاڻئون جاڻي، جڏو جيءَ جيو
۵. پرين ڪيو پانهنجو، سچل سڪ سجاڻي، وڃڻون ورهہ ويو

(سر جوڳ)

ٽلهه: مونکي ياد، مٺيون تنهنجيون ڳالهيون ڳالهيون
۱. هيءَ نماڻي ڏوهن هاڻي، دوست پهچائين داد
۲. پرين پنهنجي پار جو، عشق ڪرين امداد
۳. سچو آهي اوهانجو، تنهن جي دوست ڪريو دلشاد

(سر سسئي)

ٽلهه: مونکي يار مليو، جيءَ جان جنهين سان جار لڳو
۱. لنگهيا اسان تئون ڏينهن خزان جا، سرتيون اڄ بهار لڳو
۲. هئاسين ڳولائو اسين جنهن جا، سو تا اڄ شڪار لڳو
۳. ڳليءَ ڳليءَ ۾ تال تماشا، چهچٽو چوڏار لڳو
۴. رنگا رنگ بيرنگيءَ واري، شهر بحر بازار لڳو
۵. اڳڙ اهيئي پيهي آيو، برهه جنهن سان بي اختيار لڳو
۶. ٻانهون ڏنيون ڳل يار اسانکي، نينهن جنهن سان نروار لڳو
۷. مرشد هاديءَ عبدالحق جي، وَت پٽيءَ پيزار لڳو
۸. سچو حجاب ويا هڪ ٽياسين، دم بدم ديدار لڳو

(سر جوڳ)

ٽلهه: مٺن ڳڏي هان عشق ايائي، هيڏي هوڏي گهمڻ نه ڏيندا
۱. نيٽن سندي ناز سان، ڪيائون هٿيڪو هاڻي
۲. ڏيلُ ڏنائون ڏکيءَ جي، اهو آرانيو آڻي
۳. ڏنا دلاسا دل کي، موٽي سو يار سياڻي
۴. ماريون وڏم مامري، سندن سانگ ستاڻي
۵. سچل سگ اوهان جو آهي، سائين پاڻ سڃاڻي

(سر ڪليان)

ٽلهه: مون سان تون آهين آهين، ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن
۱. اسان نماڻن تئون سهٽا سائين، هٿ مٿئون متان لاهين لاهين
۲. آءُ ڪنيزڪ تون تا سائين، سگ نه تنهن سان ڪو ساهين ساهين
۳. ڪڏهن آرامي ڪرين اسانکي، ڪڏهن ڇين ٽو باهين باهين
۴. ڪڏهن منصوري دم اناالحق، ڪڏهن ڏسين ٽو قاهين قاهين
۵. حاضر ناظر آهين اسان سان، ڪيئن چوان تا ناهين ناهين
۶. استغفرالله ڳالهه اهائي، جو ڪجهه مونسان تون ناهين ناهين
۷. سچو جي عاشق آهين اسان جو، ٽڄ نه درد جو دانهين دانهين

(سر ڏناسري-توڙي)

ٽلهه: مون سان ڪيون ميهار، ڪجهيون ڳالهيون وو دوستيءَ جون

١. سِي نه وسرن سِير ۾، جي آيون ڏنهن اسرار
٢. سَون ليکو ناهه ڪو، پَر هيون هٽ هزار
٣. ڀِڄي پيون پَرَ تي، منجهون گرد غبار
٤. مَنهيُون اڏن ٽيون ڪيترين، آڻيو مٽي آر
٥. ساه سچوءَ جو سوگهو ڪِيڙو، پاڙيچيون هُن پار

(سر ديسي)

ٽلهه: مون ساري سجاتي، بازي بازيگر جي

١. مستيءَ مئنون منصور جو، ٽئين جي تون جماعتي
٢. سُورهَ باسج سِر تي، تون ڪنڌ جي ڪاتي
٣. غير نه آڻج وچ ۾، آهين ظاهر تون ذاتي
٤. متان پائين پاڻ کي، تون سچو صفاتي

(سر سسئي)

ٽلهه: مون ۾ عيب اَپارَ، سڃڻ تنهنجي ٻانهڙي آهيان

١. ٻانهَن جي آءٌ ٻانهي آهيان، ساري سپ جمار
٢. هُتان هميشه هوت سان، شال نه ٽيان ڏار
٣. اوچڻ ڪنديس اکيون، پٽر ڪنديس وار
٤. پاڻ توئي تئون صدقي، سسي ساڻ ڪپار
٥. ساهه سچوءَ جو سوگهو ڪِيڙوَ، رکي يارانو يار

(سر پيروي-جوڳ-ڪنولسيو)

ٽلهه: موجَ مستيءَ جي چڙهي، واديءَ وحدت جي منجهاءِ
ڪيو پسارو پيل پاڻيءَ، جوش مان هر جاءِ بجاءِ

١. هن لهر تي جي لڙهيا، تن کي پيو سارو سماءِ
جي سُکر جي سِير تي ويا، تن چيو آءٌ خود خداءِ
٢. هاءِ هي حلاج جان، ڪيئي لعل هن لڙ ۾ لڙهيا
پار هن آيا اُهي جي، ڪهوڙ هن گهيڙون گهڙيا
٣. ڪِي ٽهي ڏيئي ڏسو، پاتال منجهه پيهي ويا
ڪين ڪي عاشق اُهي، ٻهڳڙ وَري باهر پيا
٤. غرق ٽيا غازي آتي، ڪنِ عام بيٺا هاءِ هاءِ
آءٌ لڙهي آيس آتي، جاتي رَتي ناهي رياءِ
٥. دلق کي درياءِ ۾، اُجلن بهادر بي بها
صاف ٿي نڪريا سچو سي، صاف سالڪ جي مٿا

(سر برووَ)

ٹلهہ: مون ڪَرَ تان ڪين پڇيائون، هاڻي ڪانگل ڪَلَ ڏي
١. ڏوڻ ڏوراپا ڪيترا، ميان الا، ڏيئي سي سخت مڪائون هت حال اسان جا هي
٢. سگهہ ايندا وو سپرين، ميان الا ڪي تان پاڻ آتيائون جڏو جيءَ جيارن جي
٣. ڏاها ڏيهہ وو پرين جي، ميان الا آهيان اُباڻکو آئون منهنجو هي نياپو ني
۴. طعنا طرفون تنهنجي، ميان الا هن ڏکيءَ کي ڏنائون سائين سڀ قبوليم سي
۵. سي نہ وسارج سپرين، ميان الا سچل سمنائون اهي قول ڪيا هُيَئي ڪي

(سر ديسي)

ٹلهہ: مونکي هِيئن نہ ڇپر ڇڏِ، ٻلو ٻنهل يارَ
١. پرين پاڃاڻي پانهنجي، گولي گولن گڏ
٢. تون تا صاحب سپرين، هيءَ ڏهارڻ ڏڏِ
٣. آءٌ اوهان جي آهيان، هون هُئون هڏَ
۴. تنهنجي صاحب سپرين، شال نہ سڪان سڏ
۵. جايون جانب پنهنجيون، اکڑين ۾ اڏِ

(سر سسئي)

ٹلهہ: مونوڻ هو مهمان، ٻلو جيڏيون ايا ڪالهہ قافلو
١. اڃر اونارن جو ميان، آيل ڏي ارمان
٢. ڏئي ڏکيءَ کي ويا، سُورن جو سامان
٣. جتن سَندي جات لئي، هَئي هَئي هيءَ حيران
۴. ڪندي وڃي ڪيچ ۾، هيءَ برهہ جو بيان

(سر توڏي)

ٹلهہ: مون کي مهٽا ڏيئي، مَرُ ڪا پارئون پرين جي
١. هيءَ تا حبيبن ريءَ، پياالا زهر ٿي پئي
٢. ڏوڙو ڏک موں پرائيو، هئي دوست جي وئي
٣. روز پرين جي پارَ ڏي، مونکي نينهن ٿو نئي
۴. ساروئي ڪر سچل ٿيو، ٻڌيءَ دوست جي پئي

(سر توڏي)

ٽلهه: مونکي نيڻ ٽا نِين، هر هر حبيب ڏي

۱. دل آهي جوش خروش ۾، اکيون روز رت رُوئن
۲. شڪر آهي خدا جو، ديدان ديدار ڪرن
۳. پارئون يار لک هزار، مونکي مهٽا ڏِين
۴. سِر تي سچل سپ سهايا، پينر پلي چونِ

(سر توڏي)

ٽلهه: مونکي ڏور چو ڏسَنِ، سرتيون ديرو دوست جو

۱. جي مون سٽو سرتيون، هو سدا وچ وِسنِ
۲. اکيون عجيبن کي، پَل پَل ٽيون پسنِ
۳. محب مشتاقن جي، تا کليون دل کسنِ
۴. سچل سورن واريون، وجي روءِ رسَنِ

(سر ڪليان-ڪانرو)

ٽلهه: مون سان تو ڪيون ڪيون، سهٽا آهي ڳالهيون ڳالهيون

۱. سي نہ وڃن وسري پلو ميان، ڇڪيون اوهان جي ڇيون ڇيون
۲. اوهان ٻاجهون سپرين ميان، نينهن وهايون نَيون نَيون
۳. لکون ڪيون سي جي لوڪ ڪئون، پڌر آهي اچي پيون پيون
۴. ڳجهيون جي ڳالهيون يار سچل ڪئون، ڪين سي وسري ويون ويون

(سر سسئي)

ٽلهه: مونکي آڌار ڏي ميان، سهٽا ساڻيئڙا ڏي

۱. وجي ڇڄ پرين ڪي، حال منهنجو هي
۲. پريان سندي پار ڏنهن، قاصد اچن ڪي
۳. وعدا پاڙج پانهنجا، جاني ڪيڙو جي
۴. هو جي ڪيو ڳالهڙيون، ساهه نہ وسرن سي
۵. سچل سنگت پانهنجي، نانءَ ڏٽي جي تي

(سر سسئي)

ٽلهه: مون ڏي واڳ ورائيندا، سرتيون سگهڙا ٻيلڙا ڪوهيارا

۱. پڪا پڪن سامهون، اوري آڻي اڏيندا
۲. پينر هن پنيور جا، وري پاڻ وسائيندا
۳. سيئي ڏسنديون سرتيون، روئندي هوت ڪلائيندا
۴. پاڃاڻيءَ جا پاڻهين، پڪا پاڻ پچائيندا
۵. سُورُ سچل ڏي هوت سان، هِيءَ غريب گڏائيندا

(سر جهولڻو - سسئي)

ٽلهه: مونکي ميڙين الله، سکهو آڻي الله وو ميان هاروچا

١. اُنهن کارڙ ڪاڪيون وجهان وڃاڻا
سانول پنهنجو سرتيون سَوَنِ ۾ سڃاڻا
٢. ٻيهر شهر ٻنيور ۾ آڻين الاهي
پيرين پئي تن کي ٽيون پاڻ تي صلاحي
٣. اوڏانهن آڏيءَ رات جو ڪانگل اڏايان
جي پري آهيان تن ڪئون تا پي سَندين سڏايان
۴. ڪڏهن مڪو ڪونه ڪو پرين پيغامي
اصل لاڪُون اُن جو آهي ساهُ سلامي
۵. ڪڏهن ايندم سپرين ٽي پوٽيون پٽايان
سڃل سوالن سان ويندا ورايان

(سر سسئي)

ٽلهه: مونکي ماريو مونجهاري ووءِ، سانگي مون سيڙ ڪيا

١. سوز تنهنجو سپرين، هت ڪوکان ٽو ڪاري
٢. اُنهيءَ ٻاجهون سرتيون، هِيءَ ڪيوندر گذاري
٣. ڏاڍي ذات جتن جي، جي عاشق ويا آزاري
۴. وندرِ جي وٽن ۾، ٽي ڪيچي نهاري
۵. سڃل سپرينِ کي، تون ويهه نه وساري

(سر سسئي)

ٽلهه: مونکي مُرڪڻ سان تون، ڪيئن ماري وئين

١. ڪيئي ڀڃندي پانهنجي، موتي ڏوراپو ٽو ڏئين
٢. آءٌ ايلازڙ دوست توئي کي، يار اِتي وڃي ياکي ٽئين
٣. آءٌ مُئي تا گهوري جاني، سڏائين تون تان جئين
۴. کهڙي ڳالهين يار سڃڻ وي، هِيءَ نماڻي نال نه نئين
۵. آهي سڃل جيئن يار توئي سان، هُج تنهن سان تون پي تئين

(سر سسئي)

ٽلهه: مونکي محب ويو ماري، ڪنهن دَر ڏيان ني هيءَ دانهڙي

١. سوز تنهنجو سپرين، ڪوکان ٽو ڪاري
٢. هوت نماڻي هن کي، ويهه نه وساري
٣. نيو پورهيايت پاڻ سان، پنهنجي ڪِ قطاري
۴. ويو ٻاروچو نکري، عاشق هي آزاري
۵. راتو ڏينهان سپرين، سڃل سڳ سنياري

(سر مارئي)

ٽلهه: مون تا چيو تو اڳهين، نه تون دل ڦاساء
١. آهون دانهون ٻچو ڪرين، سير سيڻ سنداء
ڪچ پچ ڪنهن سان ڪينَ ڪي، بولي بي نه ٻڌاء
٢. وڃڙيا گڏ گڏي پرين، ڪو والي ورق وَراء
ٽوري گهٽي ڏينهڙين، ڪنڌ ماڙ خُداء
٣. سانگي ويڙا سانگ تي، پنهنجي سانگ سڻاء
پاڻڻون ڄاڻي پريت مڻون، ڪوهه ڪرين هاء هاء
٤. سچل سپرين لئي، ڪوڙين ڪانگ اڏاء
تو پئي ساريو جن کي، تن پي سڪ سَنديا

(سر سسئي)

ٽلهه: مونکي دوست ڏنيون دلداريون، جيسِ آءُ تا ني وو جيڏيون
١. ٻاجهه ٻاروچا تو پوي، سڻي ضعيف جون زاريون
٢. سَڻيون سيئي سچڻ، عاجز جون آريون
٣. لڏا فلڪ فراق جا، آءُ ته گڏ گذاريون
٤. توکي تا تِرَ جيترو، وارُ نه وساريون
٥. سيئي سچل آيا، جن لئي جهونگاريون

(سر چوڳ)

ٽلهه: ميلو ٽيندء ميلو ٽيندءَ، نينهڙو لايو، جڙيا جاني مون سان
١. "وَهُوَ مَعَكُم" چيو وصالون، وري سو ورهه وَسايو
٢. "وَنَحنُ اَقرَبُ" پاڻ اُتيوئي، موتي تا بره بچايو
٣. اسين توسان تون اسان سان، پاڻ پرينءَ فرمايو
٤. زلفان کوليوَ، خيال اسان جي، ڏاڍو ڪو ستر سهايو
٥. ڪري اُمارو اڳيون اسان جي، تيرن ساڻ تپايو
٦. راند روڙ جي سڪئين سچو ري، ڏاڍو ڪو پُور پرايو

(سر مومل)

ٽلهه: ميندرا آءُ ميان، هِت ويڻي ڪانگ اڏايان
١. تو ساريندي سپرين، هِت سَوڌا ساهه ڏيان
٢. راڻا رَتي راز جي، ڪا جا آهِ هيان
٣. ڪامل ڪنڊي ڪاڪِ جي، آءُ جاني ڪيئن جيان
٤. شال اوهانجو اڳتي، سچل نينهن نيان

(سر پيروي)

ٽلهه: مئن ماري، محبت تنهنجي ميان
١. ورتم دڳ درد جو، تنهن سيڪا واٽ وساري
٢. گلاءِ غيبت جي، سِرَ تي ڪنيم ڪاري
٣. چند اُپري آيو، ويئي سڀ انڌاري
۴. مڙني منٽياٽن ۾، نينهن ڪئي نرواري

(سر برووَ)

ٽلهه: مونکي تايو طبين ميان، بَنِ ڦڪيون وجهان تن جيون
١. نظر ساڻ نهال ڪيو، هاريون حبيبن ميان
٢. آزارئون آزاد ڪيو، اڇي عجيبن ميان
٣. دل کي دلاسو ڏنو، ڪاڪيُون قريبن ميان
۴. ڏيندا سچل سپرين، گوش پي غريبن ميان

(سر پيروي)

ٽلهه: موتي ڏند محبوب جا، هيرا لال جواهر ها
١. ڪڪر ها ڪِنَ بهار ها، تنهنجي ڇٽوطرف چوڌار ها
وسن ڦڙيون آسمان تان، ڏاڍا بوندن جا ڪي بهار ها
٢. گل گلابي پٽ جا، جنهن جي چولي ڪي چوڌار ها
چادر جنهن جي گل شفا، جنهن ململ تي ڪي اسرار ها
٣. ماڻهو مديني شهر جا، آدمي ڪي اسرار ها
سچل اچڻ سان ڏڻا، ڏاڍا بوندن جا ڪي بهار ها

(سر بلاولي)

ٽلهه: مون منهن ٽيو اوڏاهين ميان، جاڏي منهن نه ماڻهن جو ميان
١. رِخ ۾ پهريون رچ مڙيوئي، تنهن پوءِ نور نگاهين ميان
٢. حد ڀيڙ جي سرحد ايها، قلزم ٽيو ڪيڏاهين ميان
٣. واٽ وَسنوَ جي جاڏي ناهين، پنڌ پيو ته اوڏاهين ميان
۴. ڪوڙيون ڳالهيون پوءِ پوڻ جون، وڃين تون اتاهين ميان

(سر پيروي-جهنگلو)

ٽلهه: مون اکين کي پرجهايو سمجهايو، پر جهليون پليون نه رهنديون وي ميان
١. انهن اکڙين وي ويڙهي پرائي، وڃي سو ورهه وهايو سور پرايو
٢. ڏاڍي جاءِ وي اُنهن مستانن، نئين سو آپ اڙايو جيءَ جڙايو
٣. آکڙ ميڙي اُتي لڳديان ناهين، اُنهن ڪو پُور پرايو وجود وڃايو
۴. جٽان پکيان دا وي ٻيرا ناهين، عشق اکين اُتان لايو ورهه وسايو
۵. خيال سچل دا وي لڳا اُتاهين، جٽان تنهن هينڙو ڪسايو مطلب پايو

ن

(سر سسئي)

ٹلهه: نانونِ حق ڇپايو، پلو جيڏيون وو هوءِ هوءِ هوءِ
۱. هينڙي کي حيرت يار وي آهي، اهائي لهرن بحر لنگهايو
۲. هينڙي سان لائن يار وي رمز اهائي، هادیءِ هيئن سمجهايو
۳. جان جسر جي يار وي ڏئي ڏيکاري، لِکَ لکوتي ٽي آيو
۴. رنگ برنگ ۾ يار وي طرحين طرحين، يار سچل رنگ لايو

(سر تلنگ)

ٹلهه: نامي هاروچو کو ٻيو، آهي آهو جو مان روز ڏسان ٽي
۱. وينِي هيڙس وات تي، اچي وسيلو ٽيو
۲. ماڙي منجهه معشوق ڏٺو سي، لالن پائي ويو لِيو
۳. دريءِ منجهون ديد ڏني سون، لالن پاتو لِيو
۴. جَتنَ ڪج جَتَنِ جو، سگ سبب سان ٽيو
۵. صحيح سڃاتم سپرين، يار يقينئون ٽيو
۶. "خلق الأشياءَ فَهو عَينُها"، شڪ وڃئون ٻيو ويو
۷. ڪٽي وڃان آءٌ خوشيءِ سان، سرتيون جي سَنهن ڏيو
۸. سير سارو ئي صورتين، پاڻ قربن ڪيو
۹. پَريون پچان ٽي ڪين ڪي، مونکي نينهن اُنهن جي نيو
۱۰. ڪيو سچوءِ کي سرتيون، اُنهن خمارن کِيمو

(سر برووُ)

ٹلهه: نامي ويچاري سا وَس، هيءِ تا بيوس آهي
۱. پرين پنهنجي پار جو، ڏاها کو پَهَ ڏسِ، تنهنجي ڪَسِ ني آهي
۲. اول آخر آهيئي، رانول، تنهنجي رَس، تنهنجي وس ني آهي
۳. اوهان ٻاجهون سپرين، ڪالهُيون نہ اچن ڪَسِ، روح رِسِ نہ آهي
۴. پچاڻان پرين جي، آهي ٻنيور ڪٽون بس، سو تا جَسِ نہ آهي
۵. ساڻ سچوءِ تون سپرين، هوت ڪالهائج هَسِ، ٻيو کو جَس نہ آهي

(سر پهاڙي-روپ)

ٹلهه: نامي ڏوراپو کو ڏيڻ اوهانکي، يارُ توسان منهنجي زاري
۱. روز ازل کٽون چاڙهيئي اسان تي، بار برهه جو باري
۲. جاڻي ڪاڻي صاحب ساريان، يار اوهان جي ياري
۳. راتو ڏينهان ڪالهه اوهان جي، پي وائي مون تان وساري
۴. دردمنديءِ سان ڪنهن ڏينهن دلبر، ڪرڪا ورونهه واري
۵. حال احوال جي آهي اوهانکي، سڏِ سچل جي ساري

(سر سسئي)

ٽلهه: ناهي هن درد جو دارون، توئي وٽ طبيبا
١. تِرُ تفاوت درد نہ ڏيندئي، چوڑين جا سِيرَ سرارون
٢. ڦڪي ڏيڻ سان هي وڃي ٽو، هينڙو هاڻي هيڪارون
٣. سوز گداز ني وي غم فراقان، لايون تا ڪول قطارون
٤. دوا درد جي سوئي ڏيندو، جو ايندو پرين پارون
٥. ناز پرين جيون يار سچل جي، هن تا ساهه سنيارون

(سر ڪوهياري)

ٽلهه: ناهي ميڙا ۾ مطلب، توڙي پڻيءَ لڳئي جڳ تا پي ڇا ٽيو
١. نفي سِري خفي اخفا، توڙي جاري ٽئي قلب
٢. ڳالهين ڪئي ڪين ٽئي، منصوري منصب
٣. ڪاڻ تماشي ڪيترا، پڇن پار عرب
٤. ڪري ڏيکارين ڪيترو، عالم کي ٻہ عجب
٥. نفل نمازان ورد وظيفا، اهو ڪوڙ ڪسب
٦. دائرا دعوت جا ڦرين، ڪري تسخيرات طلب
٧. ٻاجهون عشق الله جي، سچل ٽئي نہ سبب

(سر سسئي)

ٽلهه: ناهي ويچاريءَ جو وَسُ ني، توکي معلوم مڙيوئي ميان
١. آهي هن ڪميٽي کي ميان، ڏونگر سندو ڏَسُ ني
٢. چڏي ڏونگر ڏاکڙو ميان، ويڙهي اسان جي وَسُ ني
٣. حال هِنَ جو هيٺو ميان، پنهون اچي پَسُ ني
٤. ٻاروچائي جات ۾ ميان، سانول آهي سرسُ ني

(سر پهاڙي)

ٽلهه: نانءِ اِهوئي نانوَنِ وارو، صورت مورت سائي وو
١. اِسر خاني وچون آسما اِهو، ڏَس هاديءَ جو جائي وو
٢. آهه تعجب اِهو جو ڪر، لوڪان ڏات لکائي وو
٣. گاهي طاعت گاهي عبادت، سجدو سَهوَ سڀائي وو
٤. ٻي پارون تا ڏئي ڏيکاري، اوڙڪ خلق منجهائي وو
٥. سچوءِ سهي ڪئي اِها سڀائي، جا بازي يار بنائي وو

(سُرسسئي)

ٽلهه: نانون حق ڇپايو، پلو جبڙيون وو هوء هوء هوء
١. هينئڙي کي حيرت يار وي آهي آها ئي، لهرن بحر لکايو
٢. هينئڙي سان لائن يار وي رمز اِها ئي، هادي هيءَ سمجهايو
٣. جان جسم جي يار وي ڏئي ڏيکاري، لِک لِکوٽي ٽي آيو
٤. رنگ بيرنگ ۾ يار وي طرحين طرحين، يار سڃوءَ رنگ لايو

(سر برووـجهنگلو)

ٽلهه: نه مان مريد نه مان پير، ساري فقر جو فقير
١. نه مان حاڪم نه مان ظالم، آهيان اَمَنَ جو امير
٢. نه مان طاعت نه مان تقوىٰ، آهيان وِرهه جو وزير
٣. نه مان گهمڻ نه مان گهٽڻ، آهيان عشق جو اسير
٤. نه مان ڪچڻ نه مان پچڻ، آهيان دوسن لئي دلگير
٥. سچل ٻَڌو محڪم سر تي، محبت جو مندير

(سر برووـ)

ٽلهه: نٽي وٽي ڳالهه ٻي، ڙي جيڏيون مونکي نٽي وٽي
١. آءُ نه ڪنديس وي اهڙي، ڪيچين جا مون سان ڪِي
٢. اوهان مِڙن ۾ وي مست جو ٽيڙس، پيالو عشق جو پي
٣. اوهين مڙيئي وي عقل واريون، آءُ جو بيراگڻ ٽي
٤. سچوءَ پچاڻان وي سپرين، ڪوهه ڪنديس هت وِهي

(سُرڪلياڻ)

ٽلهه: نِتُ آهي مونکي ميان ڳالهيون، اورڙ آيون وي آيون
١. هو جي ڪيڙئي ڳالهيون ميان، ڪيئن سي وسرن وايون وي وايون
٢. هو جي ڳجهڙيون پرين پرجهايون، آهي مون دل سان لايون وي لايون
٣. ڪيَنِ جي خبران پارون اوهان جي، اڄ توڙي تا نايون وي نايون
٤. موٽيو وڃين ٽو پرين تون پويان، پير اسان وٽ پايون وي پايون
٥. سانيڻ ٽيون سي ڪين سچل کي، ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳايون وي ڳايون

(سر جهنگلو)

ٹلهـــ: نوان نيـــاپا آيا، مـــونڊي مـــحبن جا مـــيـــان
١. قـاصـدن وو مـيـان هيـڊي اچڻ جا، روز سي رستـا لايا
٢. طرف پنهـــور جي سڻ تون عـاشق، پنهـــونءَ ٿي پنڌ پچايا
٣. تڏ تا طالب يار ســـــڃڻ ري، گـــوندر ڏينهن گنوايا
۴. اڳڻ تنهنجي اڃ سي ايندا، جن لئي تو ورهـ وَســـايا
۵. جيـــئي گـــذاريئي يار جانب ريءَ، ســـيـــئي ڏينهن آجايا
٦. هُئـا پرين کي پار تنهنجي مـيـان، ســچل اچڻ جا ســايا

(سر برووَ)

ٹلهـــ: نينهن ڏاڍي ســان لايو سي، آءٌ تا هاڻي ڪيـئن ڪريان
١. عـــشق ســولو ســزتيـون، هت پـيـنر پـانيـو سي
٢. پُڇي اســـــان جا پـڪـڙا، اديـون اِجهـــــو آيو سي
٣. پـــيـنر شـــهـــر پنپـــور جي، هِتِ طعنن تايو سي
۴. جو ڏنـائـون جيـــــڏيـون، ســـــو پَلَوَ پـايـو سي
۵. ســـــوئي ســـــچل سِرَ تي، هـاڻي چمي چايـو سي

(سر تودّي)

ٹلهـ: نِئين ڪو گوش گذاري وو، هي نياپا منهنجي پرينءَ کي هوءِ هوءِ
١. آءٌ اوهانجـڙي آهيـــــان، ويهَ نـ يـــار وســـاري
٢. اوهـــان جـي نـي اچـــڻ جـي، نـت نـت واٽ نهـــاري
٣. راتو ڏينهـــــان روح کـــي، تارَ سـنديـوَ ٿـي تـاري
۴. ســـاعت ســـاعت ســپـرين، ســچـو روز سنيـــاري

(سر سسئي)

ٹلهـــ: نينهن نهـــوڙي آهيـــان، هاڻي جيـڊيون ڪاڌي وڃان
١. پنڌ پري ٿـــيـــو پرينءَ جو، عـــــشق الارو اڃان
٢. ڪتڻ وڻڻ نـ ٿـــئي، چرخو ڦـــيـــرائي پـــيـان
٣. پـرين لايون پُٺ ير، عـــــشق سنديـون سي ڄڃان
۴. مـــوڻڻ واريون ڪڏهين، ســچل نـ مـــصلحت مـــيـان

و

(سر برورو)

ٹلهہ: وات مونکي آهي وائي، خان ۾ ساروچا تنهنجي
۱. پرين نہ مُکيوَ طرف اسان جي، لکي ڪتابت ڪائي
۲. پيرو ڪندين وري پنيور ڏي، اها آڏر مون آئي
۳. حال منهنجي جي خبر نہ ڪنهن کي، چگي سڃڻ تو لائي
۴. اهو آسرو مونکي آهي، ٿيندين اچي ڏک پائي
۵. اڄ صبح تا اڳڻ سچوءِ جي، جاني ايندين شال جائي

(سر ڪليان)

ٹلهہ: واهہ واهہ سڃڻ سائين عيد ڪرائيي، نيٽن خوب نظاري جي
۱. خوش ڪيوَ دل سائين اچڻ سان، سار لڏوَ سڪ واري جي
۲. اکڑين ۾ اسرار ڏنوسين، وچ ڪجل دي ڏاري جي
۳. يار سچل کي پنهنجو ڪيڑوَ، لڻي غلامي ويچاري جي

(سر سسئي)

ٹلهہ: واڳان ڦيري آءُ هيڏي آءُ، تا اوريون پاڻ ۾ منيون ڳالهيون
۱. اوهان ۾ اجهون وي سپرين، هاڻي ڏنم سوز سماءُ
۲. نهاريندي وانڑيون، هاڻي سڪ چڪايم ساءُ
۳. پرين سندي پار جو، هاڻي لڳو ٿنڈو واءُ
۴. سچل جو نبي مشڪل آهي، هاڻي تو ريءَ هت هلاءُ

(سر برورو)

ٹلهہ: وات وندر جي ڪو ڏسي وو، ڏسي مونکي جيڏيون
۱. سپيريان جي ساڻ جا، آهيون سو عاشق آسي وو آسي
۲. سڏ تنهين کي سور جي، جام پنهون جا پسي وو پسي
۳. وِهان ڪيئن پنيور ۾، خان ويو دل ڪسي وو ڪسي
۴. پريان سندي پار ڏهون، مانَ ڪو رهبر رسي وو رسي
۵. هيڪند ٿيان جي هوت سان، هينڙو منهنجو هسي وو هسي
۶. سِرَ سچوءِ جي سانوڻ وانگر، برهہ جو بادل وسي وو وسي

(سر سسئي)

ٽلهه: ونِي خبر خاطي آيو، خير صلاح جي مون ڏي

١. پارَ پنيور جي صبح، تان هو ڏٺين کي سعيو

٢. طرف تنهنجي آهي اصل ڪئون، روح سندن جو رايو

٣. نينهن جي نياپن جڙ اسان کي، محبن ساڻ ملايو

۴. ٽيان قرباني آءٌ تنين تئون، جنين تان نينهن نباهيو

۵. ايندئي اُهي جنين کارڻ، ويٺي وِرهه وسايو

٦. پيو پرين وٽ هاڻي تنهنجو، سچل ڏي پنڌ سَجايو

(سر ڪليان)

ٽلهه: وجي اکيون ڪاڻي لايئي، حال حقيقت جي سان

١. فڪر اِنهيءَ ۾ ٿي فنا تون، پاڻ پنهنجو پايئي

٢. اهڙي ڳالهيئون سڻ ري عاشق، سارو سو عشق وڌايئي

٣. مَحبت وارو دل جي اندر، ڏاڍو ڪو مچ مچايئي

۴. ڪَنيئي پلڪ ۾ پاٽهين، پولي ڪنهن نہ پُلايئي

۵. جي ٽئين عاشق يار سچو ري ئين سو عشق ڪمايئي

(سر سسئي-جوڳ)

ٽلهه: وجي ڪا مِنت ڪري، منهنجي يار کي وو

١. هو سدائين ساڻ مون، پرين نہ وڃ پري

٢. حال نماڻي جو ڏسي، وري سو پوءِ وَري

٣. ونِي ڪا دامن دوست جي، اکيون تا آب پري

۴. ساريو توکي سپرين، هِت مريض مري

۵. رُسن نہ تن سان جن رِيءَ، سچو نہ ساهه سري

(سر برِوو)

ٽلهه: وجڙ آءٌ وجڙ وو، ڪيئن ڏيان جڙيا جاني توکي

١. وجڙ تنهنجو سپرين، منهنجو موت ميان

٢. اوهان ٻاجهون سانول سائين، ونِي زهر پيان

٣. صورت تنهنجي سپرين، سچل ڏسيو ٿي به جيان

(سر سسئي)

ٽلهه: وڃي پڪا پڃائج، تون ساڻي ڙي سڃڻ يار جا
١. هيءُ تان حال حقير جو، وڃي سارو سڻائيج
٢. هيءُ نيڻ پاپو نينهن جو، وڃي پاندي پهچائيج
٣. ٻيهر ٻاروچا وَري وو، اچي وِرهُ وسائيج
٤. پاند ڳچيءَ ۾ يار کي، پارئون مون پائيج
٥. سچل ڏي سرتيون، ڪِي چگو چوائيج

(سر ڏناسري)

ٽلهه: وڃي شال ڏسان، پنهون تنهنجو ڪيچ واليءَ وسايو
١. اديون اونارن کي، آيل رَتيءَ ۾ رسان
٢. ڪاڪيُون ڪوهيارل کي، آيل پڃي شال پسان
٣. وندر جي واٽن تي، آيل گوڏن پر گسان
٤. هاريون هوتاٽين جي، آيل ويڑهي منجهه وسان
٥. وڃي ڪيچ وٽن ۾، آيل هوتن ساڻ هَسان
٦. سچل سپرين سان، آيل ڪنديس چاه چسان

(سر سسئي)

ٽلهه: وڃي ڏيهه پريَنِ، ڙي ساڻيو منهنجو ڏيجو سنيهو
١. اوهان ٻاجهون سپرين، ڏکيا ڏينهن لنگهن
٢. ويڻا ڏسون واڙيون، اکڙ مانَ اچن
٣. ڪونه ورندي ٽو ڏئي، وندرِ جي وڃن
٤. ڏکيا آهي ڏينهڑا، جي پاسي کان پريَنِ
٥. پينر شهر پنيور ۾، شال پيرو ڪن
٦. ويچاري نه وساريو، جا لڳي ساڻ لکن
٧. جيهو تيهو آهيئي، سچل سگ سندن

(سر سسئي)

ٽلهه: وري آءُ وطن منهنجا ساريون نيڻ سکن، موٽ سلامت سپرين
١. اکڙيون اوهيرا ڪري، واٽ ڏسيو وِجُهلن
٢. پرين پرديسن لاءِ، جهوريءَ نيڻ جهڃن
٣. عمر اباڻي پار ڏي، وڃون ٽيون چمکن
٤. ميڙائي جا مينهڑا، ويجهو شال وسن
٥. الله آندا مون پرين، دارون دردمندن
٦. سچل سڪ سبيل ٽي، پارئون جا پرين

(سر برووـ گجري)

ٹلهہ: وسئون تا نہ وسار پلو يار ڙي، آءٌ اوهانجڙي آهيان پلو ميان
١. سڪائيءَ ڏي سُپرين، ڪٽي نيڙ نهار
٢. هيڏي هوڏي نہ ڇڏين، پنهنجي ڪِ قطار
٣. توکي ڏسان مون ڏسين، پرين ڪهڙي پار
٤. سچو صبر ہِ رهين، گونڊر ڏينهن گذار

(سر برووـ)

ٹلهہ: وَسِ کا آهي ويچاري، هئڙ هن جو هوت ريءَ ناهي
١. اُڻن اوڻارن تئون، صدقي آءٌ سَئو واري
٢. چايو ڏاڍي چاهہ مئون، برهہ بلوچي باري
٣. هيڏي هوڏي جان ڏسان، آهي اندر باهر آري
٤. بانهِون بانَهن جان ٻڌي، زار ڪريان ٽي زاري
٥. سچل سهي جي ڪرين، حق حقيقت ساري

(سر برووـ پيروي)

ٹلهہ: وعدا آهي اڄ ياد پيا، مون سان قريبن جي ڪيا
١. ڳالهيون ڳجهيون آهي يار جون، اصلون ہٹير اسرار جون
سي ٽيون عطا اعتبار جون، دل ہِ رهيون دلدار جون
٢. واليءَ اِهو وعدو ڪيو، جو ڪر چيو سين سو ٽيو
هڪ ہول توسان نا ہيو، وسري نہ مون کئون سو ويو
٣. فائق وري فرمائيو، تو سر اسان جو سائيو
اهو ڏسڻ مون آئيو، دل ساڻ سو مون لائيو
٤. سچو سدا سرهو رهين، هن ہول اسان جي تي ہين
تون ٹاهہ تا هن تي ٹهين، سر بار برهي جو سهين

(سر جوگ)

ٹلهہ: وعدو ڪيئن وساريوَ، پلا سائين ڪيهي ڳالهيون ڳالهيون
١. اسان نماڻن سان يار پيارا، ڪو ڏينهن مان گذاريوَ
٢. ڏک ڏيئي وئين اڳي ڪان اڳرو، وري نہ پوءِ نهاريوَ
٣. هيڏانهن هوڏانهن چني اسان کي، پنهنجي ڪِ قطاريوَ
٤. آتڻ چرخو ويڙي چوريم، ڏيئي سو عشق اڏاريوَ
٥. سيڪنهن ساعت سانول سائين، سچل هِت سنياريوَ

(سر سسئي)

ٽلهه: وٽي هاروچي هولي، سدا تا ساهه منهنجي کي
۱. هئي پناه ۾ يار سڃڻ جي، هاروچي جي ٽولي
۲. هاروچاڻي ذات جي لا، گولن جي آهيان گولي
۳. ڪاڪيون ويندیس ڪيچ ڏي، ڏونگر پايان ڏولي
۴. سچو سام اُنهي جي، آهيان عيبن اولي

(سر سارنگ)

ٽلهه: وٽيو سين وهه واهه، پڙهندي پروانو پرينءَ جو
۱. اوڏا مينهن ملار ٽيا، گل ڪليا ۽ ڪاهه
۲. سيئي سڃڻ سامهان، حالَ پائي همراهه
۳. محبت منهنجي مَن ۾، چوريءَ مچايو چاهه
۴. سڪ تا سڃڻن جي، اجهايو آڙاهه
۵. ديس چڏي پرديس ويا، دوست پرين دانهه
۶. هوتن ڏانهن نه هڪڙي، مڙيئي مان ڏانهه
۷. پرين جي پيغام ڪيو، آرامي ارواح
۸. قاصد توتان آءٌ ڪريان، هي سرُ صدقي ساهه
۹. اگهڻ آسروند جي، آئيندن الله
۱۰. سچو چوي رَبَ ميڙي، روز پچان آءٌ راهه

(سر مومل)

ٽلهه: ولها وري آءٌ، مون کئون موٽ نه مينڊرا
۱. ميان مون سان نه مٽين، سويل سائين ساءٌ
۲. شانن سان وو ميان رکي شريکت، هي ڪميني کاءٌ
۳. هو جو اچي ڊٽ ڏنهن، وٽي اهو مون واءٌ
۴. هَئي هَئي هن جي حال جي، لهه سائينءَ لڳ سماءٌ
۵. سچل ڪنداسي سکهڙو، پاٽون جاڻي پرچاءٌ

(سر سسئي)

ٽلهه: وندر آءٌ ويندياس، وٽي سوز سڃڻ جو وٽي پُور پرين جو
۱. ويندیس رهندیس کين ڪي، هت گهڙي نه گهاريندياس
پيرن آتي پرين جي، ڪوڙها ڳاڙيندياس
۲. ڪاڻ ڪوهيارل ڪاڪيون، جهولا جهليندياس
آهُنِ ۽ دانهُنِ سان، ڪرڳلِ ڪاهيندياس
۳. ٻاجهون ٻاروچل جي، ساڙيهه ساڙيندياس
پنهون وٽي تا پاڻ سان، اديون آڻيندياس
۴. پاڻ پنهنجو پُور مون، چنجين چاڙهيندياس
سر پنهنجو سرتيون، ڪهوريون ڪهوريندياس
۵. وٽي مهار مين جي لوء ڏي لاڙيندياس
سچل ٻاهون سوز جي، ٻيا ورق واريندياس

(سر تلنگ)

ٹلهه: ووڑيان ڇو وٽڪار، جيڏيون آهي جيءَ ۾
۱. صحيح سڃاتم سرتيون، دل ۾ آهي دلدار
۲. ڪاڪيُون آهي قلوب ۾، ڪيڇ ڏٽي ڪوهيار
۳. ناحق وندر ڇو وڃان، پاڪر ۾ آهي پيتار
۴. "وَنحَنُ اَقرب" اوڏو، لڏم لالن يار
۵. "وَفِي اَنفُسِكُم" تي، اديون ڪير اعتبار
۶. ساهون اوڏو سپرين، ڪوهه پڇان ٻيو پار
۷. صاحب ڏني سمجهيو، تن اندر تڪرار

(سر برووَ)

ٹلهه: ويجها شال رهن، ڏور لايا جَنِ ڏينهڙا
۱. سگها منهنجي سپرين، پکي مانَ پهن
۲. وڏا طالع تن جا، جَنِ جي راجَ رهن
۳. هن منهنجي حال جي، سگهڙي سي سڏِ لهن
۴. طعنا ڏيون جا، ڏاهيون سيِ ڏهَنِ
۵. سچو صدقي ان تئون، جي ٿا ڪيچ ڪهَنِ

(سر برووَ)

ٹلهه: ويندي تا وٽڪار، جيڏيون هيءَ لڳ هوت بلوچ جي
۱. آءُ ڪيئن ويهان هتهين، آهي منهنجو ڪم ڪوهيار
۲. ساه منهنجو سرتيون، آهي پرين جي پارَ
۳. هِيءَ دل ديواني ڪري، هو ٿيا پاڻ قرار
۴. جات جتن جي جيڏيون، جيءُ وڏو آهي جار
۵. سچو نه وسار ساهه ڪئون، دوستن جي درپار

(سر بلاولي)

ٹلهه: ويهي هِت ڪيئن وسارين، پرين توکي پاڻ پچن ٿا
۱. جيهو تيهو آهي ساڻ جو، چئو جو دوست چون ٿا
۲. ڪڏهن ماندو متان ٿئين تون، تنهنجي اڳڻ اچن ٿا
۳. جڏهن ٿين ٿيون هت سنياران، تڏهن هت پُور پون ٿا
۴. پرين توکان پري نه آهن، ويڙهي ڇڙ ته وسن ٿا
۵. ماندو متان ٿئين خوش ٿي سچل، هُو اڄ گوشي گڏجن ٿا

(سر بروو)

ٽلهه: وِيڑا جي وٽڪار، اڃان وري ايندا سي

۱. ڪي ڏينهن پهچڻ ڪيچ ۾، قصد ڪندا ڪوهيار، اسين ڪاڏي نه ويندا سين

۲. پوءِ منهن رکي جيڏيون، پاڻون ڇاڻي هن پار، اسين ڪاڏي نه ٽيندا سي

۳. آيا ڇاڻي سپرين، جِيءُ ني پيڙو جار، اسين نينهن نيبهه نيندا سي

۴. هاڻي سچل مونکان وِسري، ڪٽڻ واري ڪار، اسين جا ڪي جيندا سي

(سر جوڳ)

ٽلهه: ويٺا منهنجيون ڳالهيون ڪَنِ، هُتِ ماروئڙا مليرِ

۱. عمر آنديئي مارئي، تاسف ڏيئي تن

۲. سدا آهن سومرا، مارو منهنجي مَنِ

۳. مون جيڏيون مليرِ ۾، ڇانگن پاس ڇڙن

۴. ڇڏي پانور ڪنديون، مَنهيُون اوري اڏن

۵. سچل جي سريرِ ۾، ويڙيچا ٽا وسن

(سر سسئي)

ٽلهه: ويهي آءُ ڪوهه ڪندي، جيڏيون ڏي پنيور ۾

۱. چوندیس حال حبيب کي، ڳچيءَ پائي گندي

۲. ڪُني سا ڪاڏي وڃي، جا برهه تنهنجي جي بندي

۳. جيهي تيهي حال آهيان، سچل صاحب سندي

(سر جهنڊلو)

ٽلهه: وَهيان وساريان ڪيئن، جيڏيون جي لَنوَ لائي ويا

۱. گهوري ڇڏير هي گهر جايون، برهه بهيران پئيءَ لايون

پير نه پوءِ ورايان، وري سنيهاريان ڪيئن

۲. شهر پنيور ڪئون ٽير آزادي، ڪيچ ويندي ڏنم شادي

تنهن سان نينهن نباهيان، پوءِ نهاريان ڪيئن

۳. ٽي پئي منهنجي دلڙي ديواني، محبت ڪيڙس آءُ مستاني

دَرِ دَرِ ڦيريون پايان، هت گذاريان ڪيئن

۴. پُورِ پرين جي ڪئي پڏرائي، اوڙي پاڙي وِڇڙي وائي

ڇا ڪي عشق ڇپايان، هُڻ گهر گهاريان ڪيئن

۵. ڪيچيئڙن جي ڪم اچان جي، رنگ پرين جي رنگ رچان جي

سچو ري ڳڻ ڳايان، هِي سر واريان ڪيئن

(سر بروو-کوهياري)

ٹلهہ: هاڻي مونکي پرينِ پوءِ، جيڏيون جيئڻ جنجال ٿيو
١. ويٺي واڙين تي هيءَ، راتو ڏينهان روءِ
٢. ويهڻ هن جو وهُ ٿيو، هو لڏي ويڙا لوءِ
٣. دردمندي دانهون ڪري، آهِ هوتن رِيءَ هوءِ هوءِ
٤. ڪاڪيُون موڏي ڪيچ ڪ ٽئون، شال قاصد اچي ڪوءِ
٥. سچوءِ ڪندي سال ٿيا، وَريتيون ووءِ ووءِ

(سر بروو-ليلان)

ٹلهہ: هار چنيسر جام، ليلان ڪايو دستئون پنهنجي
١. ڏاڪو مٽيو هو ڪوڙي، جو دل جو ڏي پيو دام
٢. نظر وڏيئي تا غير تي، تيلهان تون ٿيئن تمام
٣. پُلي پولي پر پئينءَ، هار پانيئي آرام
٤. تنهن ڏينهن آندءِ پاڻ سان، سُورن جو سرانجام
٥. سچل رهہ صبر پر، عشق ٿِيُئي انعام

(سر بروو)

ٹلهہ: هادي ويڙهي آيو، هاڻي سائين هيئن سمجهايو، والي ويڙهي آيو
١. ڪڏهن ٿيو ڪونہ ڪو، عاشقن آرام ميان
راتو ڏينهان تَنَ اُتي، آهي محبت جو ماتام ميان
٢. خاڪئون هلج خاص ڏي، ڪر پاڻئي ڪئون پرواز ميان
جڙيءَ چنبو ماريئي، ڏي شاهين آئون شهباز ميان
٣. جيڪو اصل آهي، ٿيو هاڻي سو سلطان ميان
گهوڙي چڙهندڙ گم ٿيو، پيو گهوڙو پر جولان ميان
٤. گرد ڪجهو ڪيو طالبو، اُهو گهوڙي جو هسوار ميان
گهوڙي وارو گم ٿيو، اُپريو گرد غبار ميان
٥. آيو بحر جوش پر، تڏهن موج پئي ٻاهار ميان
هَئي هَئي آيو نانوَ پر، ٿيو سانوڻ جو سينگار ميان
٦. لڙَ منجهون ٿيو اچو ڪارو، اصل سو درياهہ ميان
بيحد رنگ گهٽا ٿيا ٻاهر، ڪير ٿيو گمراهہ ميان
٧. سانوڻ لٿو هڪ ڏي، تڏهن پاڻي موٽيو پوءِ ميان
ڪارو اچو لڙ ٿيو، اِهو سارو سمنڊوءِ ميان

٨. نانوَ لهي ويا ٻاهريان، اهو باقي رهيو نام ميان
ڪوران ڪسيان واهڙان، هُت ڪُلي ٿيا گمنام ميان
٩. هت سيئي درياه ٿيو، ٻيا ڪوڙا لٿا نانوَ ميان
اول آخر هڪ ٿيو، ويو وچائون گناه ميان
١٠. اصل جيڪي هوس آءٌ ميان، هت آهيان سو ميان
آخر ٿيندس سو وڃي، هڏ آهيانَ ڪونہ ٻيو ميان
١١. اکيون اکڑين ۾ رکي، تون پنهنجو پاڻ سڃاڻ ميان
پئي نظر جتي تانهنجي، تتي پنهنجي چشم جاڻ ميان
١٢. اکيون اکڑين ۾ رکين، تا هِت هُت تون هين آءٌ ميان
جي خبر اکين جي لهي، تا تون نرالي نانءُ ميان
١٣. اکين مٿون معلوم ٿئي، اِهو صورت جو سينگار ميان
سچو سارو سچ ٿيو، ٻيو ناهي تفاوت وار ميان

(سر برووـ ليلان)

ٽلهه: هاري سو پاتئي هارُ، تان آءٌ جام چنيسر آوڙان
١. جنهن دوست ڪسايو دم ۾، سَتِ اهو سينگار
٢. هٿئون پئي تنهنجي آهي، روئين چو زاروزار
٣. داڻو هيڙو درد جو، جنهن ڪيو بهشتئون بيزار
۴. ڏوهہ ته تنهنجو ڪونہ هو، پر نينهن ڪيو نروار
۵. پلنگون پئينءِ پٽ تي ڪري، گوندر گفتار
٦. سچو سهي ڪرين هيءُ، هو عشق جو اسرار

(سر برووـ)

ٽلهه: هاءِ هي حَلاج جان، ڪيئي لعل هن لڑ ۾ لڑهيا
پار هن آيا اُهي، جي گهوٽ هن گهيڙون گهڙيا
١. ڪِي ٿبي ڏيئي ڏسو، پاتال منجهہ پيهي ويا
ڪين ڪي عاشق اُهي، ٻهڳڻ وري ٻاهر پيا
٢. غرق ٿيا غازي اُتي، ڪَنِ عامَ بيٺا هاءِ هاءِ
آءٌ لڑهي آيس اُتي، جاتي رهي ناهي رِيا
٣. دلق ڪي درياهہ ۾، اُڇلن بهادر بي بها
صاف ٿي نڪريا سچل سي، صاف سالڪ جي هٿا

(سرجوگ)

ٹلهـ: هُتِ تا ڪيـر هُيـاسِ، هِت ٽي ڪيـر آيس نہ جاڻان
۱. نانءِ ٻيـو هُتِ هو منهنجو، هِت ٻي نانءِ ٽيـاس
۲. اچڻ نہ هو هِتِ منهنجو، پر ڪنهن تا خواهش ڪنيـاس
۳. هُتِ هيس مـعـشـوقيءِ ہر، هِتِ عـاشق ٽي آياسِ
۴. هَئي هَئي هُئي هُتِ ڪا نہ ڪا، هِتِ منجهـ پروڙ پيـاس
۵. سـچو سـارو وو سچ ٽيـو، وچئـون آءُ وياسِ

(سر جهنگلو-جوگ-ڪلياڻ)

ٹلهـ: هُتـئون هلي هت آئين، ڪرڙ واپار ڏي تون وڃجارا
۱. وچ بـازار جـي چوسـول وچ ہر، پـڙي پـرت جـي پائين
۲. شاه پنهنجي سان وعدو جو ڪيڙءِ، ڏينهن سمجهي چت لائين
۳. شـاهوڪاريءَ جي ڪوٺي جا پاتئي، سـا ويهج ڪير وسائين
۴. وڃ وِرهـ جو ٽئي موتي لعلان، هي گهور سا ڪير گهمائين
۵. سـودو سچ جو آهي سـچو هي، ڪوڙ ڪنگڙ ڪچ ڪـائين

(سر سسئي)

ٹلهـ: هِتـئون آڻي تنهنجا هوت ويا، تون تان پي نہ ڪوشش ڪرين
۱. پيـر پُوڻِن تون نہ ڪـٽي، ٻُڌيون سي ڳالهـيـون ڪرين
۲. تـوڪـي تـان ترسـايو، پـاڇيـاڻي پـنڌ پـرين
۳. آڻـي ڪـر پـنڌ پهـاڙ جـا، مـتـان تـون پـوئتي ورين
۴. سـچل پچج سـپـرين مـيـان، مـتـان تون ٽاهرين ٽـرين

(سر سسئي)

ٹلهـ: هُتـئـون هوت هلي، ڏي عـاشق دلاسـو ڏيندو
۱. وجهـج ڪـر ڪـريم تـي، ٻـي ڳولـج ڪـا مَ ڳلـي
پاڻهين پئيءِ تو اينهو
۲. پـڪـا پـڪـن سـامـهـان، تنهنجـي مـاڳ مَـلي
اوڏا آڻي اڏيندو
۳. اچـڻ سـنـدي اُن جـي، ويـنـدو روح رَلـي
ٹورو ٹورياڻي ٹيندو
۴. جـا ڳجهي هوتـن مَنَ ہر، سـا سـاڻـين ڳالهـ سَلي
پنهل پاڻ سان نيندو
۵. مـهـر پنهنجيءِ سـان تـو پـرين، انهيءِ پَتِ پَلي
سچل نانءِ سڏيندو

(سربروو)

ٽلهه: هَٽئون پيتو مون تا پير مُغان جي، جام شرابون شوري
١. دور كارائي دل كي، ٽيو چشمان كَيف ڪوري
٢. اصل كئون منصور جو، انهيءَ كائيو ڪنڌ ڪٽوري
٣. نشي منجهه نواز ٽي، گهوريون هي سِرُ گهوري
٤. جنهن ساقيءَ سَرڪ پياريو، آءٌ كيئن پچان تنهنجي ٽوري
٥. پنهان كيائين پاڻ كي، چت سچوءَ جو چوري

(سربروو)

ٽلهه: هر جاءِ هي جاني جلدو جمال تنهنجو
خر خر پر ڪري قابو خوبان خيال تنهنجو
١. محبوب مانَ پَريا ناهي مثال تنهنجو
ڪري قيد عاشقن-كي ڪاكل ڪمال تنهنجو
٢. نازن پر آ نزاكت وارد نهال تنهنجو
سَيد تون سَيَ پر سرسو ناهي كو سيال تنهنجو
٣. باريءَ بيان كيو آ بيشڪ بحالُ تنهنجو
پولو پلا نه پايان گهرجير بهال تنهنجو
٤. سچل هيٽيءَ سان حاضر هردم آ حال تنهنجو
آهي وسيلو وارث وِلهيَنِ وصال تنهنجو

(سربروو)

ٽلهه: هڪ ڏهاڙي پير مغان، مونكي ڳالهه ڳجهي فرمائي
١. سَلڻ جهڙي ناهي سا، جا پاڻ پرين پرجهائي
٢. عام نه ميڻ ان كي، جا صاحبن سمجهائي
٣. مَٽ منجهارئون مَي جي، تنهن ساقيءَ سرڪ چكائي
٤. پيالي مئون پرواز ٽيو، واءِ ويئي پي وائي
٥. عبد جاتو ٽي وو جنين، تن بازي هت هارائي
٦. حق كئون حق نصيب ٽيو، ٽي مُدعا سچو سيائي

(سر بلاولي-جهنگلو)

ٽلهه: مکو ڏوهه ٻيو ثواب، اٽئي عشق جو صحاب
١. وڃائيندي ورهيه ٽيا، اڳيان ريڊ رباب
٢. پرين وسي پاڻ ۾، ڪيڏي ڏس ڪتاب
٣. وادي ۾ وحدت جي، آهي ڪونه حجاب
٤. جيئڻ آهي جگ ۾، بنان عشق عذاب
٥. مَهندان محبوبن جي، تون ڪُسي ٽيءَ ڪباب
٦. محبت جي ميدان ۾، جهَل تڪيرا تاب
٧. ماهي سڪاين کي هٽي ٽو، نيزا نينهن نواب
٨. سچو سڪاين جو ٽو. ڪولي نينهن نقاب

(سرجهنگلو)

ٽلهه: هڪ آهيان پوءِ هاڻي وو ميان، چئو ٻيو آهي کهڙو
١. اندر باهر وو حڪم اسان جو ميان الله، صورت هيءَ سڃاڻي
٢. عاشق آئين ووَ عشق معشوق ميان الله، يار مڙيوئي هڪ ڄاڻي
٣. تون سيوئي وو آءٌ تا آهيان ميان الله، متان اِتي شڪ آڻي
٤. ڳالهه هجر جي وو ڄاڻي واڻي ميان الله، سچل ساهه سيباڻي

(سر سسئي)

ٽلهه: هَلان پنهل تو ساڻ، ساڻ هلي تنهنجي گولي ٿي گذاريندیس
١. ڇُلي پيئيس ڇپرين، سگ تہ توئي ساڻ
٢. ڪوجهي ڪاري هان تنهنجي، پنهل پاڻ سڃاڻ
٣. توري توريندو ڪيترو، محبت وارو ماڻ
٤. توڙ نباهج تون ڏٺي، سهٽا سچل ساڻ

(سرمارئي)

ٽلهه: هلي هڙي حال ميان، وجي ڏوٽين کي ڏسان آءٌ
١. پيڪن مون پهچائين، ٻيلا پنهنجي ٻال
٢. منهنجو ماروئڙن ريءَ، آهي جيئڻ جنجال
٣. هڙي وڃوڙي جي، ڪنهن سان ڳرهيان ڳال
٤. هُئَنِ سدا خوش سومرا، مارو پنهنجي مال
٥. سچل جي تہ سرير ۾، مارن جي آهي مقال

(سريپروي)

ٽلهه: هلي آءِ دِلدل جا هَسوار، سهڻا حيدر پير ڪرار

۱. هر جاءِ تي آن حاضر ناظر، ڪُلُ شي تي آن تون قادر
بيشڪ آهين وڏو بهادر، جابر ذوالفقار

۲. عرض تہ منهنجو ايهو آهي، ڪامل رَسُ تون قربٹون ڪاهي
شاهہ ڇڏائڻ توکي چاهي، آهنج سيئي آزار

۳. هردم سچل تنهنجي در جو، ماتم دار شبير شبر جو
صدقو مولا علي اڪبر جو، باري ڪٹندو بار

(سرسسئي)

ٽلهه: هِنَ جو شرم سيوئي آهي، جيڏيون تا ستگر تي

۱. وري ڏنائون پاڻ ڏي پاٹهين ، نا تہ هُئا حال اسان هي

۲. اُهي پاڙيائون پاٹهين پنهنجا، هُو جي قول ڪيائون ڪي

۳. جن پياريو پُرُ پيالو، شال ساقي جِيئَنِ سي

۴. سدا اُهي وسن اسان وٽ، جاني جِيءَ جا جي

۵. سِرُ سچوءَ کي ڏسيو ڏيهاڙيون، پنهنجي يار هٹئون ڏي

(سرمالڪوس)

ٽلهه: هن غريب جو حال، توکي معلوم آهي

۱. صدقي ڪنديس سِرُ سائين تئون، ٻيو سَيُ مِلڪ ءِ مال

۲. دوست اوهان رِيءَ ديس ۾، جيئڻ آهي جنجال

۳. چئي ٻُڌايان ڪيترو، آرياڻيءَ احوال

۴. مَچ سچوءَ جو سپرين، سائينءَ لڳ سوال

(سربروو)

ٽلهه: هينڙي ڳالهيون ياد، مونکي ٻاروچي جون

۱. ويا ويساهي نڪري، عشق ڏيئي امداد

۲. پينر شهر پنيور ڪئون، آءِ ٽيندیس آزاد

۳. انهن ٻاجهون جيڏيون، عمر مڙئي برباد

۴. دردمنديءَ جي دلڙي، شال ڪندا شاد

۵. سچل سندي سرتيون، پُني سڀ مراد

(سربروو)

ٽلهـ: هوت اچڻ جي ڪا ڪر ميان، پانڊي روز پچايان ٽي

١. راتو ڏينهان روح کي، سڪ اوهانجڙي سر ميان
تولئي هت ڪانگ اڏايان ٽي

٢. سِرُ توئي تئون صدقي، گهوٽ اچين جي گهر ميان
گهوريو پاڻ گهمايان ٽي

٣. ايندیس اهڙي حال سان، دوست اوهانجي در ميان
ڪچيءَ پَلَو پايان ٽي

۴. پرين پارئون تانهنجي، ٽي ويچاريءَ جي وَر ميان
وينـي ڏڪَ وسايان ٽي

۵. سارو مطلب مون ٽئي، پرين اچي ڪنهن پر ميان
هِت پوٽيون پٽايان ٽي

٦. سچوءَ آتي سپرين، دست مبارڪ ڏر ميان
سنديو يار سڏايان ٽي

(سربروو)

ٽلهـ: هوتَ اچي هٽ ڏيندا، جيڏيون مون هن نماڻيءَ کي

١. پرين وڻئون پانهنجي، ڇپر تا نہ ڇڏيندا
٢. ڏسندا اکڙين سان، نال نماڻي نينهڙا
٣. پاڻئون پاسي نہ ڪري، گولي ساڻ گڏيندا
۴. پانڊين پچارون ڪيون، آرياڻي اڄ ايندا
۵. اڳڻ آسروند جي، پکا پاڻ اڏيندا
٦. ڪيچين سندو قافلو، لوڏئون تا نہ لڏيندا
٧. ساجن سنگت پانهنجي، سچو شال سڏيندا

(سربروو)

ٽلهـ: هوت اسان وٽ ايندا، ونـي نال يي نيندا

١. سئو دلاسا سرتيون، هن ڏڪيءَ کي ڏيندا، گولي پاڻ گڏيندا
٢. پکا پاڃاڻين جي، اوڏا آڻِ اڏيندا، چوري تا نہ ڇڏيندا
٣. جانچي ڏسجو جيڏيون، هڪ ٽڪيءَ سان ٽيندا، وري پوءِ نہ ويندا
۴. پسي حال حقير جو، بديون تا بدخشيندا، سچو نانءَ سڏيندا

(سربروو)

ٽلهه: هوت اوهان تي آءِ، سارو ننگ نماڻيءَ جو
١. سائين ڪارڻ سپرين، پيرا اڳڻ منهنجي پاءِ
٢. پرين وڻڻون پانهنجي، لنون نماڻيءَ سان لاءِ
٣. ماڻهو شهر بنيور جا، ساهه نه اچن ساءِ
٤. ڏسنديس آءٌ اکڙين سان، جانب تنهنجڙي جاءِ
٥. ڪيو ڳڻن تانهنجي، سچوءَ ڪي هاءِ هاءِ

(سربروو)

ٽلهه: هوت پرين هڪواري، مونکي اچي ملج ميان
١. ڏونگر ڏورڻ مون نه ٽئي، اوري آءٌ تون آري
٢. ڪچيءَ پائي ڪپڙو، زور ڪرنديس زاري
٣. جا اوهانجڙي کولجي، سا تو ڪيئن وساري
٤. هيڄڻون ڪنيم سر تي، بار برهه جو سو باري
٥. ويڻي ڏسان واڙي، مونجهه اوهانجي ماري
٦. سچو سندو سڃڻان، ٽيو فراق فراري

(سربلاولي-جوگ)

ٽلهه: هوت جي گولي، آهيان دوست جي گولي
١. ڏيئي ڏکيءَ جي ويا، هينئڙي ڪي هولي
٢. ڪيمن چڏيندا چپرين، هيءَ آرياڻي اولي
٣. سکيس آءٌ نه سرتيون، اها باروچي ٻولي
٤. ڪئي انهن کاڻ مون، هت چيهاڙيون چولي
٥. ڏسنديس اکڙين سان، اها ٽکر ۾ ٽولي
٦. اندر منجهه آتاري، چر وڏي چولي
٧. جيڪي چيو جيڏيون، اها جهلي مون جهولي
٨. راهه ڪيائون روهه مئون، سچوءَ کي سولي

(سربروو)

ٽلهه: هوت ڪڏهن هت ايندو، ڪهه ڪانگا ڪَلَ ڏي ڪا
١. چٽو ڪي وهندو اِتهين، ڪي ساڻ نماڻي نيندو
٢. هيڪند اچي هوت مون، هن ٽڪيءَ سان ٽيندو
٣. پاڻ پنهنجو سپرين، ساڻ غريب گڏيندو
٤. پڪا پاڃاڻن ڪي، اوڏا يار اڏيندو
٥. هوت پنهنجا هٿڑا، هن ڏکيءَ کي ڏيندو
٦. سنگت پنهنجي سپرين، سچوءَ کي به سڏيندو

(سربروو)

ٽلهه: هوت اچج هت هاڻي، پنهنجا ڏک ڏسيندیس

۱. دوست اوهانجڙي آهيان، سائين لڳ سڄاڻي
پاڻ گولين گڏيندیس

۲. تون تا صاحب سپرين، هيءَ سا نانءَ نماڻي
توکي سائين سڏيندیس

۳. پکا پکن سامهان، آرياڻي مون آڻي
توکي اوڏا اڏيندیس

۴. پٽيءَ لڳيس تانهنجي، حَبُ منجهون هوتياڻي
آءٌ کا پاند ڇڏيندیس

۵. سچل اوتي سپرين، پنبٽين مان پاڻي
ڏک ڏوراپا ڏيندیس

(سرسسئي)

ٽلهه: هوت اوهان تي آهي، سارو ننگ نماڻيءَ جو

۱. هيءَ ڪنيزڪ ملهه خريدڻ، سگ نه ٽي ڪو ساهي

۲. جيئن هلايو تيئن هلان ٽي، ڏور وڏي تو ڏاهي

۳. هيءَ پاڃاڻي پرين سا پرتوَ، باب سنديو توڙي ناهي

۴. ساهه سچوءَ جو در تنهنجي ڏنهن، هَڏِ نه آسر لاهي

(سريپروي)

ٽلهه: هو اسان وٽ يار تون، آهي هت اسان جو حال هي

۱. اٻاڪو آهيان گهٽو تو ريءَ، پرين پرديس ۾
آءٌ مڙيوئي معلوم ڪر، عاشق سندو احوال هي

۲. آهي اوسيئڙو تانهنجو، شب روز اکڙين ۾
جاني سندءِ مون جاڳندي، آهي خواب ۾ ٻُ خيال هي

۳. دوست تنهنجي درَ اتي، دونهون وجهي ويهي رهان
منهن ڏيکارج محب مونکي، نه ته مٽئون آهي وبال هي

۴. دردمند جي در پيهي، آءٌ دوست دل شاد ڪر
صدقي ڪريان سر ساهه سان، ڇا مِلڪ ۽ هيو مال هي

۵. ويٺي نهاريان واٽڙي، تنهنجي اچڻ جي لئي ميان
لَهُ سڏ سنديم سا ڄن اچي، نه ته آهي جيئڻ جنجال هي

۶. پاڻون پري نه ڪريو مونکي، ڪي دوست دلداريون ڏيو
هوتئون سدائين ساڻ مون، آهي سچوءَ جو سوال هي

(سرسسئي)

ٽلهه: هُئان هاروچي نال وو نال، پلڪ نه پري پرين ڪئون
١. وَرهيه ويڙهه ڪذري، هئي هئي هڻڙي حال وو حال
٢. ساجن تنهنجي سوز جي، ڪريان ڪنهن سان ڳال وو ڳال
٣. ٽي گذاريان ڏينهڙا، تنهنجي خاص خيال وو خيال
٤. پُئيءَ لڳل پانهنجي، پنهون سائي پال وو پال
٥. ساهه سچوءَ جو صدقي، آهي آتون آلِ وو آلِ

(سربروو)

ٽلهه: هو سڃڻ مون ساڻ، جنهن جي ڪارڻ مون ٽي پوٽيون پٽايون
١. "وَهُوَ مَعَكُمۡ اَينَمَا كُنتُم"، آهي سندس اُهجاڻ
جنهن جي ڪارڻ مون ٽي فالون وجهايون
٢. سدا مون وٽ سپرين، محب ناهي مهماڻ
جنهن جي ڪارڻ مون ٽي واٽون پچايون
٣. اَهڙي اوڏائيءَ ۾، ڪونه پيو مون جاڻ
جنهن جي ڪارڻ مون ٽي راتيون لنگهايون
٤. هيڏي هوڏي ٽي ڏٺم، ڪين پروڙيم پاڻ
جنهن جي ڪارڻ مون ٽي ويٺي وِرهه وسايون
٥. پري پڇ نه پنڌڙا، سچل تون پاڻ سڃاڻ
جنهن جي ڪارڻ مون ٽي ميڙيون سنپايون

(سربروو)

ٽلهه: هو کهڙي واٽ ويام، آءٌ تان ڳوٽ رهيس سپ ڳولهي
١. عشق ته عاشقن جا، اڳهين ٽي ٻڌام، ٽولي ڪيئن لک ٽولي
٢. ڪُوڪان چڑهي ڪ..... تي، ڪيچڙنِ ڪي ڪيام، چولي سر مُون چولي
٣. ڏوريندي مون ڏونگرين، سرتيون سال ٽيام، هاڻي رند لڌا مون رولي
٤. سچل آءٌ تان ناهيان، پوءِ ساري سڌ پيام، ٿو پاڻ هاروچو ٻولي

(سربروو)

ٽلهه: هوت ڏهون هاڻي آيُون، مون ڏي خوش خبران هي
١. اچي اَڏيون تا اوڏڙيون، جارِ تنهنجڙي جايُون
٢. چڏي شهر پنيور کي، پير وري ايڏانهن پايُون
٣. ٽيون جيارن جيڏيون، اُهي ويچاريءَ کي وايُون
٤. سچل سنديُون دانهڙيون، دوست وري ورنايُون

(سربروو)

ٽلهہ: هوندي سڀ پَرِ سائين ساڻ، هيءَ پورهيو بندي وچي ڪيڇ ڪندي
١. ڪالهہ ڪالهوٽي سپرين، ايجان مون وٽ مهمان
٢. لڳي قافن ڪيڇ جي، پرزا ڪنديس پاڻ
٣. اُنَ اونارن تئون، آءٌ ڪاڪيُون قربان
٤. هٽي ويو نڪري، ٻاروچو مون ٻاڻ
٥. ويهڻ مُون وهہ ٽيو، چيٽڪ ڪيڙس چاڻ
٦. سچل سوز فراق جو، ڏيئي ويڙهہ ڏاڻ

(سربروو)

ٽلهہ: هوت وئين ڪيئن ماري، پلو هن نماڻيءَ ڇو
١. هيءَ ڪميٽي ڪُوڙي، ويٺين ڪيئن وساري
مان قاصد مُنجين ڪو
٢. راتو ڏينهان سپرين، سڪئون اوهان کي ساري
تون هوت اسان وٽ هو
٣. سچل سگ اوهان جو، واڻان نت نهاري
هي لال نہ ڇڏج لو

(سربروو)

ٽلهہ: هوت پارئون مونکي هاڻي، ڏنا نينهن نياپا هِي
١. هٽئون ڇيئي تانهنجي ميان، عُذر ڪيها ٻيا آڻي
٢. اوتين ڪهڙي ڳالهہ ڪئون، پنبٽين مون پاڻي
٣. ويٺيئين ڪيئن پنپور ۾، سُور هُيئي جي ساڻي
٤. سچل توکي ساهہ ڪئون، آهي اوڏو آرياڻي

(سربروو)

ٽلهہ: هوت ڪڏهن نہ هلايوَ، پانڌي پنهنجي پار ڏنهُن اسان ڏي
١. طرف تنهنجي مڪوسين قاصد، سو پي وَهندو ڪينَ ورايوَ
٢. نياپو منهنجي نينهن جو، جيڪُسِ ساڻيءَ نہ سڻايوَ
٣. هو جو ڪيو هوئي وعدو، سو تان ياد نہ آيوَ
٤. هردم هونداسين اسين توئي سان، فائق هِيئن فرمايو
٥. تنهن ڏينهن لاکُون يار سچل کي، باري سو برهہ بچايوَ

(سربروو)

ٽلهه: هوت اسانجڙو حال، تون ته پاڻهين ٽ ر جاڻين

١. اوهان ٻاجهون سپرين، ميان الله ساعت ٻانيان سال وري اچج آرياڻي

٢. راتيان ڏينهان روح کي، ميان الله سندوَ خواب خيال هيءَ اٿو نماڻي

٣. چڏي ويندين چپرين، ميان الله تو لڳ ڪيرِ ڪشال هِيئن ڪِيئن هوتياڻي

۴. معلوم توکي مون پرين، ميان الله عاجز جو احوال تون تا سانول سُجاڻي

۵. سوز اوهانجي سپرين، ميان الله برهه ڪئي بي حال ته پي عذر نه آڻي

٦. راهه فراق فقير ڪئون، ميان الله سچل مج سوال هَئي هادي لئي هاڻي

(سرڪلياڻ)

ٽلهه: هوت ڏئي هيڏي ايندا، ڪيئن ساڻي مونکي سچ چئو

١. هُتون پٽي پکڙا هِت، ڪيئن آڻي اڏيندا

٢. پنهنجي وڙئون پاڻ سان، هيءَ غريب گڏيندا

٣. ڏک پائي سي سپرين، ٽوريائيءَ سان ٽيندا

۴. دردمنديءَ جي دل تي، دانهه دست ڏريندا

۵. ڏوڙا طالع مون ٽين، جڏهن سچل نانءُ سڏيندا

(سرمارئي)

ٽلهه: هو جي ماروئڙا، ٻيهر مانَ ملن شال الله اوراهون ڪندن، سانگي سانگ سندن

١. ويڻي آهيان واڌ تي، مَنَ اچو حال پچن

٢. پڪا پڪن سامهان، اوري آڻي اڏن

٣. اُنهن ڪارڻ جيڏيون، منهنجيون اکيون رت رُئن

۴. اصل لاکون آهي، سچل سڪ سندن

(سربروو)

ٽلهه: هوت غريب نماڻي، اِتي ڪئين وساريئي ميان
١. اڳ آسرونديءَ جي، آءٌ تون پاڻون چاڻي
هوت مُئي چو ماريئي ميان
٢. وندر جن وڻن ۾، حُب منجهون هوتياڻي
مون تا گهٽو نهاريَئي ميان
٣. ٿورا گهٽا ڏينهڙا، هِن عاجز سان آرياڻي
مانَ گڏ گذاري ميان
۴. اڃي هلي هيڪلي، پرت منجهون پاڃاڻي
جڏهن سانول ساريَئي ميان
۵. ڇڏي وئين ڇپرين، ڪيَئي پنهون جام پچاڻي
هيءَ ڪيئن آزاريَئي ميان
٦. سچل سگ اوهان جو، سائين لڳ سيجاڻي
پنهنجي ڪِ قطاريئي ميان

(سر جهنگلو-جوڳ)

ٽلهه: هيءَ تا خبر ڪنهن سان ڪريان، هَئي هَئي ني هڻي حال جي
آهي مڙيائي محبوب کي، آگهه منهنجي احوال جي
١. ماريوم فلک فراق جي، ڪنهن در ڏيان هيءَ دانهڙي
طالب آهيان ديدار جو، ناهي طمع ملک ۽ مال جي
٢. عام اِهي نت ٿا ڪرن، طعنا مٽي مون تهمتان
آهي نه ٻي ڪنهن خلق کي، خاصي خبر هن خيال جي
٣. آخر خجل سي خَرَ ٿيندا، ڏسي يگانائي يار جي
هن تئون هجر معافي ڪندا، وائي ٿيندي وصال جي
۴. جيڪي ٻيائيءَ ۾ ٻڏا، رهندي نه نيشاني تنهين
صاحب مدد سگهڙي ڪندا، سچوءَ سندي به سوال جي

(سربلاولي)

ٽلهه: هِي تون مٽان ٽئين ميان
١. مج منهنجڑي ڳالهڙي، هُو ٿيءُ ته مَئي پئين
٢. مرڙ آهي هن ۾، هُو آئون ته تون جئين
٣. باقي توهين جو رهندين، فاني وڃون وئين
۴. ڇڏ قال بت وڃائج، هي حال ڏي هئين
۵. چوگان ۾ چڳو ٿئين، هي گوءِ جي نئين
٦. ٿيندين سچو تڏهن تون، جي هي سِرُ صحيح ڏئين

(سرسسئي)

ٽلهه: هيءُ ڇڏيج هُو وٽيج، متان ڪا هي ڳالهه پچيج
دوئيءَ واري دام ڪئون، پهريون طالب پاڻ ڪڍيج
٢. مرشد جيئن فرمايو، واقف سو تا ڏَس وٽيج
٣. سِرُ سَهي ڪر پنهنجو، ٻيا آڏاڻا ڪيرَ اڏيج
٤. لاري لڳ نہ ڪنهن ٻئي، عاشق اِنهيءَ پنڌ پئيج
٥. ويسهه واريءَ واٽ تي، سچل وي تون سِرُ سٽيج

(سربلاولي)

ٽلهه: هي طلسم گهڙي جا، جارئون جوڙيائون
١. ٽنيا ٽوٽيون ڏيئي ڪري، هڪ محل اڏيائون
٢. تنهن ۾ ساز سرود ٻيا پي، غمزا گڏيائون
٣. در دريچا طاق وَري، ٽهَ پهَ ٽاهيائون
٤. دائر ٻن درن ۾ وري، ورهُ وڏائون
٥. پڪو در پريت جو، ڏِسُ قابُو ڪيائون
٦. اِنهيءَ مون اسرار ڪيئن، ٽي باهر ڪڍيائون
٧. ويهي اُن درن مئون، ٽي ڏورئون ڏڻائون
٨. سچو هٿيارن رِيءَ، ٽي ڪوڙين ڪُٽائون

(سربروو-ڪسوري)

ٽلهه: هيءَ غريب نماڻي، ڪيئن بيراڳڻ ڪيَئي
١. معاف مدايوُن ڪر تهين تئون، الله لڳ آرياڻي
پيش اچي جا پيئي
٢. بيئي آهيان يار اُنهيءَ تي، حُب منجهون هوتياڻي
ڳالهه چُڪي جا چيَئي
٣. هڪ خيال ئي دل تي تنهنجو، تنهن ڪيس جوڳياڻي
خيال ٻيا سڀ ڪنيئي
٤. وعدن واري ڳالهه اسان سان هوت ڪيَئي جا هاڻي
ڪيئن وسري سا ويَئي
٥. ڏک ڏوراپا ڪهڙا توسان، پرين سا ڪيئي پچاڻي
نال نماڻي نہ نيَئي
٦. پري نوڪ نينهن جي سائين، سچوءَ ڪي نہ سڃاڻي
هوت پري جا هنيَئي

(سر برووـ پيروي)

ٽلهـ: هُئي نہ مون کلَ ڪائي، سِرَ انهيءَ جي ڙي جيڏيون
١. اڳ نہ سُيَر ڪڏهن، هِيءَ راڻي واري وائي
٢. ڳالهہ نہ ڳرهڻ جهڙي، سائن جا سمجهائي
٣. ڏوهہ ثواب جي ڳالهڙي، سپ ويساهہ وڃائي
٤. سائي حقيقت حال جي، سر اچانڪ آئي
٥. سچو سانيچ ڳالهڙي، پرين جا پرجهائي

(سربرووـ)

ٽلهـ: هيڏي هوڏي نہ نهار، تنهنجي ويڑهي سو تا يار وسي ٽو
١. ساڻ سدا آهي تا تنهنجي، پرين نہ آهي ٻي پار
٢. ڦولي لهج پاڻ مئون، چو ٽو وجين وٽڪار
٣. پرين پري نہ پُڄج پنڌڙا، تون سچل پاڻ سنيار

(سر پورب-جوڳ)

ٽلهـ: هَئي هَئي هن حال دي، سڳر ٽيس نہ سامهيڙن جي
١. منهنجو آهي ڪم ڪاپڙين ۾، نا تہ جوڳي آهن جال
٢. ويم ويساهي نڪري، آهيئي رات لانگوٽيا لال
٣. ڳوليان ڦوليان واڻين تي، جي ڪُهي ويڙهہ ڪال
٤. ڪات اتي ڪنڌ آڻ ڪپاوڻ، لاهي جيءَ جنجال
٥. منجهہ گداوَ وري مَنَ گڏجن، جن جا خواب خيال
٦. راتو ڏينهان آهي هوتن جي، سچوءَ ساهہ سنيال

(سربرووـ)

ٽلهـ: هيئن نہ مونکي ماريو، اوڙڪ اوهانجڙي آهيان
١. آسروند وو اُيي آهيان ميان الله، واڳ مئيءَ تي واريو
لالچ نہ ٽي لاهيان
٢. ڏاڏا ڏونگر لکيون ميان الله، توهَ پانهنجي سان تاريو
ڇپر اڳيون نا تہ ڇاهيان
٣. آءٌ اوهانجڙي آهيان ميان، وسئون ڪير وساريو
جوڙ اوهان جي توڙي ناهيان
٤. ٻانهي آهيان تنهنجي ٻاروچا، پورهيت پنهنجي پاريو
سگ نہ ٽي کو ساهيان
٥. سانول اِنهيءَ سڌ ۾، ڳالهين تنهنجين ڳاريو
ڪيڃ وٽن ڏي ڪاهيان
٦. آءٌ اڪندي وو هوت اوهان جي، سچل.ڪي سانول ساريو
ڳاهہ برهہ جو ٽي ڳاهيان

(سربرووِ)

ٹلهه: هيءَ پورهيت پائي ڏوئي، خان ٻاروچا تنهنجي

١. حاضر خدمت اچي اوهان جي، حال چوندیس روئي
٢. ساڻي اسان جي سڏِ لهڻ لئي، ڪڏهن نہ مکو ڪوئي
٣. قول ڪيو هوئي هوت اسان سان، سائين پورو ڪر سوئي
۴. ڪيئن وساري ويهان اوهان کي، ڪئي تان هيڻي توئي
۵. طولي جي ڪچيءَ سَوَ سلامن، سچل مُڪا پڙ پوئي

(سرتوڙي)

ٹلهه: هيئن اڄ چئي مڪائون، عاشق اچون ٿا ايڏانهين

١. هن جيءَ جڏُي کي جيڏيون، آدر وڏي ڏنئون
٢. تنهنجي ديس اسين اچون ٿا، عاشق نہ ٿج اٻائون
٣. مون هِن نماڻيءَ سان، ڪيڏا ڪرم ڪيائون
۴. مطلب تنهنجو آءٔ آهيان، ٻيون ڇڏ مڙيئي مدعائون
۵. دلاسي لئي دردمند ڏي، قاصد سچل ڪيائون

(سرسسئي)

ٹلهه: هيءَ نماڻي نالِ، نجو ادا ڏي اوٽيو

١. هي ڪميٽي ڪوڙي، برهه ڪٻي بي حال
٢. پٻيءَ ايندي اَوهانجي، جيهي تيهي حال
٣. پرين نيندا پاڻ سان، پلا پنهنجي پال
۴. اوهان ٻاجهون سپرين، جيئڻ آهي جنجال
۵. ٻارويا تا ٻاجهه پئي، سچل سگ سنيال

(سرسسئي)

ٹلهه: هيڏي اچڻ جي آءِ ڏي، پانڊي يار پرين کي

١. پريان ريءَ پرديس ۾، آهي اسان هاءِ هاءِ ڏي
٢. ويهڻ کارڻ يار سڃڻ جي، جيءَ ۾ جوڙيم جاءِ ڏي
٣. پوڻيون هت پڻايان، لکين لالن لاءِ ڏي
۴. سڪ سڃڻ جي ساهه ۾، ساڻي تا نہ سماءِ ڏي
۵. سال سچل کي آهيئي، دوستن جي واءِ واءِ ڏي

(سرتوڏي)

ٽلهه: هيئن ڪانگ اڄ ڪهي ويو، ايندئي صبح سويلي
١. ڳالهيون ڪري سڄڻ جون، اڄ رات هِت رهي ويو
٢. حال منهنجي جو سارو سماءُ، هِن لوءِ مئون لهي ويو
٣. ڳالهيون ڏکن جون ٻڌي اسان جون، ٻولي تنهين ٻهي ويو
۴. پار پرين جي اڏاڻو، ڪيئن سور هي سهي ويو
۵. سڄل سڄڻ سان توکي ملايان، هن ٺاهه تي ٺهي ويو

(سربلاولي)

ٽلهه: هِيئن مڃن ٿا چوايون، مون ڏي ماروئڙا ميان
١. پالا ٻڇيون نينهن جون وي ميان، اچن خنجر ڪنيون
٢. ڪرڙ ڪڪوريا ڦوڳ ڦلاريا وي ميان، سيرُ ڪرن مَرُ سَنيون
٣. ڳجهه اندر جون ڳالهڙيون، ڪالهه عمر سان ڪيون
۴. سڄل ساري هنجون، نيڻ وهن نت نيون

(سربلاولي)

ٽلهه: هِيئن مڃن ٿا چيون، مونڊي ماروئڙا
١. ڪهڙيون ڳالهيون ويڙهيڇن جون، وايون وسري تو ويون
٢. ڪهڙيون اوهي ڪهوريون جي، پري اسانکون تو پيون
٣. پکا پانور ڪنڈين ميان، وڃن ڪٽيرڙيون ڪيون
۴. ڳالهيون ڳجهه جون هت ٽيون ظاهر، عمر سان جي تو ڪيون
۵. اکڙين مون سڻ سڄل ري، نينهن وهايون نَيون

(سربروو)

ٽلهه: هوئي هڏ شال منصوري، جريدهه راهه جاري لو
١. سڻون جي مير محبت جي، ڪَنن ڪي ڪوڻ ڪاري لو
٢. ڇڏي هي عيش عالم جا، هليا سي هڪواري لو
٣. بره جي باب ڏِسُ تن ڪي، سيئا وائي وساري لو
۴. سڄل ري سمجهُ ڪي اِتهين، متان ٽئين هُت ميارِي لو

(سربروو)

ٽلهه: هيئن مَ وَجَ تون ماريون، هوت نماڻيءَ کي ميان
١. سڪ تنهنجي سپرين، ڪوڪان هن کاريون
٢. پرين پري ڇو ويي، ٻارڻ دل ۾ ٻاريون
٣. ٻاجهه ٻاروچا تو پوي، سڻي ضعيف جون زاريون
٤. جايون ساري جيءَ ۾، ورهه اوهانجي واريون
٥. ميان مشتاقن جون، سَهُ آرياڻي آريون
٦. سڪ اِتي ٽِيُوَ سپرين، ڏک هتي ڏيهاڙيون
٧. راتو ڏينهان ٽو روئي، سچل توکي ساريون

ي

(سربروو)

ٽلهه: يار تو تان مون سان ڪيهي، ڪيهي ڪيهي لَنوَ لنوَ لائي
١. دردمنديءَ جي دلڙي دلبر، رمز اوهانجي ريهي
٢. سي نہ وسرن ساهه منهنجي ڪٹون، ڳالهيون ڪِيُوَ ڳڏ ويهي
٣. سيڪهين جو ڪر نہ آهي، نينهن ڪٹن کي نيهي
٤. مَلڪ فَلڪ تا ڪَين قبولي، عشق امانت ايهي
٥. ٻاجهه پئي تون يار ٻاروچا، آءُ پکي هن پيهي
٦. ڪرم ڪِيُرَئي يار سچوءَ سان، ڏيهه گڏيا اڄ ڏيهي

(سربروو)

ٽلهه: يار توسان منهنجي زاري، آهي سو لک واري ميان
١. وندر جي وٽن ۾، واجهه وجهي ويچاري، سا تا محبت ماري
٢. هي تا حال حقير جو، آءُ اچي ڏس آري، ڪنيم بره باري
٣. ازل لاڪُون آهيئي، يار توسان منهنجي ياري، پاتم ڳچيءَ ڳاري
٤. سُور تنهنجا سپرين، ڇُڪيءَ کي چوڏاري، وجهج گهوٽ نہ گهاري
٥. آهي هٽ حبيب جي، ڳالهه سچوءَ جي ساري، ڪندا ني پوئواري

(سريپروي)

ٽلهه: يا رسول الله جي روضي جو مقرر ڪر سلام سڏو ڪندو واهر وِلهن جي، هي سندس آهي انجام

١. آئي پهر اندر ۾، ڪر يار کي ويهي ياد ميان پنجئي وقت نماز پڙهه، تون سِرُ نوائي چئو ڪلام

٢. آهي اڙين جو آسرو، ميرل مديني ۾ مدام حامي حشر ۾ ٽيندو، چئو تنهن تي تون صلوات و سلام

٣. ابوبڪر ۽ شاهه عمر، عثمان علي حُسنين پاڪ سان يقيني ٻيءَ سندُن گولو، الله جو آهه اعلام

٤. رک صدق ثابوت سچ، تنهن ۾ ٽيندءِ مشڪل آسان ڪربلا جو آهه سيد، ضامنر روز تمام

٥. "لا فتيٰ اِلا علي لا سَيفَ اِلا ذوالفقار" سڪ منجهون سچل چوي، تحقيق تن جو هان غلام

(سربروو)

ٽلهه: يارِ منهنجي کي ڪريو، منت ويچي ڪائي

١. پرڏيهه وچ مر وو مون پرين، يار توسان مون تا لائي

٢. اندر هن جو اڏ ٽيو، ڪري وڃڻ جي ٽو وائي

٣. ڏسو اوهين ٽيون دل ڏاڍي سان، اديون سا مون اٽڪائي

٤. چڳا مڙيئي ميان اِئين چون ٽا، لائي تہ توڙ نيائي

٥. هجر منجهارون ٽيندي وصالت، اِها ڳالهه سچوءَ آزمائي

(سرڪلياڻ)

ٽلهه: يارو منهنجو يارُ، ڪيئي ڪيئي صورت سير ڪري ٽو

١. ڪاٽئين ڀيڙو پير ٽيو، ڪاٽئين ٻولي ٻار

٢. ڪاٽئين بيراڳي ڦري، ڪاٽئين ڪَيس قرار

٣. ڪاٽئين وظيفن ۾، ڪاٽئين خمرُ خمار

٤. ڪاٽئين آهي بادشاهه، ڪاٽئين چوبدار

٥. ڪاٽئين پيرين پنڌ ڪري، ڪاٽئين گهوڙي جو هسوار

٦. ڪاٽئين احمد ٽيو علي، ڪاٽئين عبدالحق اظهار

٧. آهي دلبر دوست جو، سچو سڀ سينگار

(سربروو)

ٽلهه: يار اسانکي ٽيون مارين، تنهنجيون الغرضايون

١. دانهون دانهن تي سائين، هن ڪميٽي کارين

٢. باهيون تنهنجي برهه جون، ٻارڻ دل ۾ ٻارين

٣. ڪِنياتن ڏنيون خبران، سچل تو هُتِ سارين

(سربروو)

ٽلهـــ: يار چڳي تو تا مـــون ســـان لائي، ري ڏلبـــر لائي
١. دوست دلاسي جي دردمندن ڏي، مُنج ڪتـــابت ڪائي ڪائي
٢. تـنهـنجي اچڻ جي يـار پـريـن ري، هـت وري ٽـي وائـي وائـي
٣. جا وٽيـــو دل پنهنجي ڪي، ڪيـــوَ ســـانول ســـائي ســـائي
۴. خبـــر خوشي جي پارئون اوهان جي، اڄ اســـان وٽ آئي آئي
۵. حـــال ڏسي ڪر يار ســـچل ســـان، ٽي اچي ڏک پـــائي پـــائي

(سربروو)

ٽلهـــ: يار ٻڌا هُڻـــا لوءِ بہ لوءِ پي، تنهنجي هاجا حـــسن جا وو
١. جهـــڙي ڪيـــئي هاٿي، اهڙي پـرين تـا ڪندي پوءِ پي
٢. تاب تنهنجي ڪـان سچ صـريحن، ڪيـر سگهي ٻيـو چوءِ پي
٣. ڪيـرَ نماٿي آءٌ عـالم سـاري ڪي، تنهنجي آهي ووءِ ووءِ پي
۴. جيءُ ڪارايو يار پيـــــارل، ســـــچل ڪي هوءِ هوءِ پي

(سربروو)

ٽلهـ: يار ساٽيو يار پانڌيو ڙي، ڪيچين جي ڪَلَ مونکي ڪائي ڏيجو
١. هي نمـــاٿي در وڪـــاٿي، نـــال نبـــاهي نيـــــجو
٢. ڪيـرَ وســـاريو مُئي نہ مـــاريو، چوري تا نہ ڇڏيجو
٣. ڏيـــو دلاســـا ڪـڏهن ايـندا، لـــوئون تا نہ لڏيجو
۴. آءٌ اوهان جي اصل آهيـــان، ڪـــولي ســـاڻ ڪـــڏيجو

(سربروو)

ٽلهـــ: يار لايو رنگ ڏس تون، جي هڻـين ڪنهن خيـــال ۾
١. مـــحـــڪم رهين احـــوال ۾، قـــائل نہ ٽي تون قـــال ۾
٢. دم سنيـــاليـ ن دم ڪي، آءٌ عـــشق جي افـــعـــال ۾
٣. خيـــال ٻاجهـــون خاص تنهنجو، هَئي جيـــئڻ جنجال ۾
۴. جي جيـــئن ڪو دم اِتي، تا هُج تون خاصي خيـــال ۾
۵. اصل ۾ يڪـــتـــا ٽـــئين، عـــاشق ڇئـــو امـــثـــال ۾
٦. دوســـتي مـــرشـــد سندي، آٽئي انهي احـــوال ۾
٧. اور دم الله هُـــو، پئـــو بـــي نہ ورد وبـــال ۾
٨. اي ســـچيڏنا ســـاڻ سڪ، ٽيندين تون قـــرب ڪمـــال ۾
٩. بلڪ مـــخلص خيـــال دل ســـان، رهہ تون ســـاهہ سنيـــال ۾

(سرڪليان)

ٽلهه: يار سڃڻ ڪيئن سري، توکي اسان ٻاجهون
١. اسان نماڻن ڏي سهٽا سائين، دوست نهارج وري
٢. توکي قدر ناهي ڪو، آءٌ چيٽڪ ڪيڙس چري
٣. اچي سڃل جي ايڏهين، سندي درد ڏري

(سرسسئي)

ٽلهه: يار پنهل پيغامي، ڪڏين مڪو ڪونہ مونڊي
١. روز ازل ڪئون يار اوهان کي، هِن جو ساهہ سلامي
٢. جي اوهين نہ ايندءِ اسين ايندا سين، اها اسان انجامي
٣. پرين ڏسجو وڃ پانهنجي ڏي، آهن عيب آسامي
٤. جان جٹي ہِ جان ڪِي آهي، ٽيندي نہ طلب تمامي
٥. ڳالهيون اوهان جون ٻارڻ ٻارن، ويندیون سي ڪين وسامي
٦. ڏيئي اسانکي ڦٽ فراق جا، ٽئين تون يار آرامي
٧. در اوهانجي جي يار سڃل، ميڃي سا آهي غلامي

(سربلاولي-سارنگ)

ٽلهه: يار توسان کي، تا ڏينهڙا لنگهايم
١. راتيان ڏينهان سر تي کيئي، ڏک جا مينهڙا وسايم
٢. پڇاڻان اوهان جي ڏاها، ڏاڍا سي پُور پرايم
٣. سڪ تنهنجي سپرين، سارائي سُور سلايم
٤. پرين تنهنجي پار جا، ڏيهاڙي سي پنڌ پڇايم
٥. سڃل سيئي آيا جن لئي، فالان ٽي روز وجهايم

(سريمروي)

ٽلهه: يا امام حسين، تو قدمن أتون قربان وڃان
ملڻ لئي محبوب تنهنجي، سڪ اندر آهي اڃان
١. تون نبيءَ جو نُور صاحب، پڙ سپ سالار آن
مُلڪ سڀ تي آهہ روشن، تار تنهنجيءَ سان تڳان
٢. تون نبيءَ دلبند، ءِ مولىٰ علي فرزند آن
صاحب دلاور گنج آن، آدر ڏيو جو ٽو رُڻان
٣. ڪربلا جو ڪار آن، ڪُلُ مُلڪ جو مختيار آن
وارث وسيلو وار آن، منڻار محمد جو چوان
٥. سڪ منجهون سڃو چوي، دامن لڳو تنهنجي آهيان
پاڻي وهارج پانهنجي، آءٌ همت تنهنجيءَ سان هلان

(سرڪلياڻ)

ٽلهه: ياد مونکي اڄ پيُون، مٽيون ڳالهيون سهٽا تنهنجيون

۱. رهيون آهن روح منهنجي ۾، ڪينَ وسري سي ويُون
۲. ويٺا ڏسون ٽا واڻ اوهان جي، دوست دلاسو ڪو ڏيُون
۳. سچو آهي سڳ در تنهنجي جو، نالِ نباهي سو نيُون

(سرتوڏي)

ٽلهه: ياد مونکي اُهي آيُون وو، يار ڪيئي ڳجهيون ڳالهڙيون

۱. اوهان جي اچڻ جون، ٽيون وري هُتِ وايُون
۲. دردمنديءَ جي وو دل کي دلبر، وِرهه وڇين ڪيئن لايُون
۳. نانءَ سائين جي سهٽا سائين، چت نه وَڃُ مُون تان چايون
۴. آءٌ ته ڏينهڑا گڏ گذاريون، هت ويٺا ورهه وسايون
۵. ڏوهن سچل جي ڏي نه ڏسو، جو هت ٽا سنديَو سڏايون

(سرجوڳ)

ٽلهه: ياکي ٽئين يار اسان ڪئون، دل نماڻيءَ جي ڪسي

۱. ويٺي ڏسان واڻ اوهان جي، مانَ کو رهبر رسي
۲. اچڻِ هِن جو يار ايڏانهين، ڏيهه سندئي کو ڏسي
۳. سِر سچل جي يار سدائين، وِرهه جو مينهڙو وسي

(سرجهنگلو)

ٽلهه: ياد وو ياد رانجها سائين، ڳالهڙيون تنهنجيون مونکي ياد

۱. اَوهان ٻاجهون دلبر سائين ميان، ٻيون ڳالهيون برباد
۲. سچي وعدي وي ڪئي اصل ڪئون، دوست منهنجي دلشاد
۳. دردمنديءَ جي وي دل درد ڪئون، يار نه ڪر آزاد
۴. ساهه سچل جو وي يار سڃڻ ڙي، آهي انهين اعتقاد

بیت

سُرُ آسا

وحدت ـ هيڪڙائي

داستان پهريون

(۱)

اول ٻيري ٻڃ، سچل بند خيالات جا
تنهن ٻڃاڻون وڃ، حلاجي حيرتَ ۾

(۲)

اول گمراهي، آهي رباني راهَ ۾
تهان پوءِ همراهي، آهي هدايت جي

(۳)

اول هدايت، جاڻڻ سان جاڻيج
زياده ضلالت، آهي اُنهي وچ ۾

(۴)

قدر هدايت جو، منجهه آهي ضلالت
جي پڻ ضلالت نه هُئي، تا ڪاڻي هدايت

(۵)

الله جاڻ نه اُن کي، هي مڙيئي حقَ
ناهي سچل شڪَ، جو معلوم ٿيو مرشد کان

(۶)

معلوم ٿي مرشد کان، پي جا ڳجهي ڳالِ
هِن جي ڇا مجال، "هُو" ليي "هُن" سان

(۷)

جي ادب کان نگريا، سيئي ٿيا الله
"هُنَ" وڃائي راه، "هُو" هاڃي ۾ هڃي ويا

(۸)

جي تو ادب آ، تا بندڻن بندي وڌين
ڪَلَ نه پِيڙه ڪا، اصولي اِسرارَ جي

(۹)

ادبَ آڻي اوڻ، اوڻِ ته آڪاهون ٿيين
مار نغاري چوڻ، عاشق، اناالحق جي

(۱۰)

تون ٿا ڪاڻي آنء، "پاڻ" اول لهَ پنهنجو
جيلهان ٻُئي نانء، پيين تيلهان تفاوت ۾

(۱۱)

ڄاڻَ نه تفاوت عبد ۽ الله جو
"هُو" آهي امرتَ، "هي" پي ڏور نه اُن کُون

(۱۲)

"هي" تا مُورِ نه وڃڻو، ڇڻو ويچي ڪاڏي
"هُو" "هي" هِڪَ ڪري، مورک، ڇڏ ماڏي

(۱۳)

جهڙو ٻانڻيندين، پاڻ پنهنجو پاڻهين
تهڙو ٿي ٿيندين، "هُتِ" پي ساڻ يقين جي

(۱۴)

جيڪي آهي هِت، هُتِ پي اُهوئي اُڻي
ٻيجَ اُهائي پِتِ، تان تونَ اُهوئي رهين

(۱۵)

جهڙو آهين تهڙو هوندين، فاني ٿيندين ڇا
سڏ پنهنجي سِرَ جي، ڪامل پيڙه ڪا
ڳالهه نه سمجهيئي سا، آوازي اناالحق جي

(۱۶)

پُئيءِ ڄج نه ڇَل، منجهه تماشي نَ پوين
ڪهوڙ ڪري تون پاڻ کي، ڪر هنگامون هَل
ستگر سچ سُڻايو، سچل قربونَ ڪَل
پولِ نه پي ڪنهن پَل، وڃ حالَ حلاج جو.

(۱۷)

پُئيءِ ڄج نه ڇَل، سچا ٿيَ تون گهوڙ
مردَ نه هِئان موڙ، پُئيءِ لائي ڄيڙي

(١٨)

حڪر هلي ٿو جنهن سان، سو ڪر پيدا پاڻ
حاڪر کي محڪوم سان، سچا سلهاڙج ساڻ
صورت سا سڃاڻ، مُوءِ ڪري مورت کي

(١٩)

دين ڪفر دل دام، ڏج مڙيئي موج ۾
تهان پوءِ حڪام، هر جا سچا تنهنجو

(٢٠)

جي ٿا ميڙن آدمي، سي نه ميڙان مان
سچو آهيان آن، جو ٻانهو ٻي جو نه ٿيان

(٢١)

ڪلمي مونکي ڪين ڪيو، مُورڳون مسلمانَ
نڪي احمد موڪليو، عرب کان ايمان
سَڄو سو سبحان، پر ماڻهن ليکي آدمي

(٢٢)

ڪلمو پڙهان ته ڪافر ٿيان، ڳهران نه انهي گهير
جاڏي راهه رسول جي، تاڏي نه پايان پير
جي من مان ڪيان نه ميڙ، ته حضور حاصل نه ٿيئي

(٢٣)

هي نه واڌ هَواءِ جي، آهه نه ڪا تقليد
تحقيقا توحيد، آهي راهه رسول جي

(٢٤)

ماڻ ڪريان ته مشرڪ ٿيان، ڪچان ته ڪافر
انهي وائيءِ ورُ، سمجهي ڪو سچو چوي

(٢٥)

هڪ سفر ساعت، ٻيو سفر سال
پهريون تا راحت، پويون تا پوءِ رهيو

داستان ٻيو

(١)

جڏهن ويهين فڪر ۾، خاصو ڪري خيال
تڏهن فرق وارا في الحالَ، بند ٻندنديئي وچ ۾

(٢)

جي فڪر کان فارغ ٿيا، ٿيا دنيا کان دور
سچا سي حضور، آءُ ته ڳڙهيون ڳالهڙيون

(٣)

"تون" سان "تون" لين، "مان" لپان "تو" ساڻ
"تون" "هي" "آ" سهين، "لا" ۾ موجودات ٿيا

(٤)

جي تو جاتو "پاڻ،" ته آءُ ڪو ٻيو آهيان
ڪندءِ غرقَ گمانَ، ڳهلا، انهيءِ ڳالهه ۾

(٥)

بي رنگي مان رنگَ، پَسي جو پيدا ٿيو
ظاهر ۾ پيو زنگَ، مُوسيٰ ۽ فرعون جو

(٦)

تو جا ٻانڪين موج، سا مڙيئي مهراڻ ٿي
هي انهن جو اوج، جن سنبت سَوريءِ پار ڏي

(ڪافي)

ٽلهه : نه مان پيرَ نا مريد، ساري فقر جو فقيرُ

١. نه مان حاڪم نا مان ظالم، آهيان اَمَنَ جو امير
٢. نه مان طاعت نا مان تقوىٰ، آهيان وِرهَ جو وزيرُ
٣. نه مان گهُمڻ نا مان گهٽڻ، آهيان عشق جو اسير
۴. نه مان ڪُڇڻ نا مان پُڇڻ، آهيان دوست لئي دلگير
۵. سچل ٻَڌو محڪم سِرَ تي، محبت جو منڌير

(٧)

نہ کا مسجد تکیو، نہ کو ٹِکاڻو
تاتي ٽِمَنِ ڏاڻو، جاتي "مون" "تون" ناہ کا

(٨)

بُودَ ڇڏي نابود ٿيا، سا مِن ساماڻي
ڏاکيا ڏاڻي، جاتي "مُون" "ڏون" ناہ کا

(٩)

آڇيا اول لاهه، پوءِ ٽِکڻَ جو پنڌڙو
جڏهن ڏي ٽِکڻَ جاءِ، پُهچين تڏهن حد کي

(١٠)

فراقاءِ فرق، شال نہ پوي جيڏيون
مون کي آه مرڪَ، سدا سوز پريُن جو

(١١)

سڪ سچيءِ کان کو نکو، سبق سورَ سِکَنِ
اکرَ لِکنِ نہ دل تي، ڏا کاغذ کارا کن
مَسَ کاريءِ جان من کي، ڏا کاري کارو کن
مُدعا جنهن مام جي، تنهن ويجهو کين وجن
تاڏي کَنَ نہ کَنِ، جو فرمودو فائق جو

(١٢)

جو فرمودو فائق جو، تاڏي کَنَ نہ کَنِ
"وفي انفسکُم اَفلا تُبصرون" ويسهُ نا وِسهِ
فکرَ کَنِ نہ فنا جو، بقا کي نہ پُڃن
معنيٰ تن جيُون طرح سان، هڪڙي هي چوَنِ
پڙهي پُرجهي علم تي، عمل نہ آڻن
هَنيا لئي حُورن، عاشق عُقبيٰ جا ٿيا

(١٣)

سُوريه سارو آبَرَ هِ، لوڻِمَنِ کين لڏو
آندي ساڻ انڌو، ٻُڌي پيا کَڏ هِ

(١٤)

غوطو مارج اوچتو، منجهه ڦلزمَ کارُونهار
زمينَ زمَنَ آسمان، اندرِ آبَ وسار
دانه ، دمَ گذار، طالبَ ٿي تاريک هِ

(١٥)

مذهبن ملک هِ، ماڻهون منجهايا
شيخيءِ، پيريءِ، بُزرگيءِ، بيحد پلايا
کي نمازون نِوڙي پڙهن، کَنِ مندر وَسايا
اوڏو کين آيا، عَقَل وار عشق جي

(١٦)

کي ٿا چون صُوفَ، کي ٿا چَوَنَ سيب
اَنَ هِ کِهڙو عيب، ڦُلَ مڙيوئي هيکڙو

(١٧)

محبت جي مهراڻ مان، جي مَلا چاش چکين
تہ کَنزَ ڦدوري کافيا، پڙهين کين لکين
رحل سپ سَتِين، مُلا مسجد کند هِ

(١٨)

"طالبُ الدنيا مُخنثُ"، محبت ناهي جن
"طالبُ العُقبيٰ مؤنثُ"، مرد نہ سي چئجن
"طالب المولیٰ مُذکر،" رسيا هِ رمزن
"الفقر خزينه"، بعضن کي بخشن
"الفقرَ فخري" ڏسو، منجهه آيو حديثن
"الفقرَ لا يحتاجُ سان، ٻيو ڏنائون ٻَنِ
فقرَ فقيرن، اصل کان اختيارَ کيو

(١٩)

اصل اهو اختيار، کيو فقرَ فقيرن
"القدر خيرِ وَ شرِ"، اوڏاهون ڇاڻن
"لامَوجُودات الا الله"، حاضر کيو وتن
ٻُڌي جهان ڦٽا کيو، ٿا ٽُٽين جهان وجن
لاهوتي لنگهن، محبت جي ميدان مان

(٢٠)

محبت جي ميدان مان، لاهوتي لنگهن
آديسي ارمان هِ، گهوماڻيا گهمن
رنگهي هليا حال کان، نکي قال کَهن
ٻاڻ نہ ٻهرِ وجهن، مَجَ مچايو من هِ

(٢١)

مڃ مـــڇايو من ۾، ٻاڪ نہ ٻهـــر وجهن
وتن ويڳاڻا وره ۾، نيـــڻين ننڊ نہ ڪن
سڏ ڪا ســـيـــئي ســـوز جا، ٻڌيءَ رات ٻَرنِ
پنهنجي پر ۾ پاڻ ڪي، ٽـــا پريتـــوُن پچائن
سڪيو ساميـــئڙن، عشق اهو سڀ آئيءَ ڪان

(٢٢)

عـشق اهو آئيءَ ڪـان، سڪيو سـاميـــئڙن
عـــــاشق مـــــڻي آڳ جي، اولارا ڏين
پنيـــڙ ٻاهـ عـــشق ۾، ســـپـــورن ســـڙن
طالب جيـــئي حق جا، طلب نہ ٻي ڇڏن
اچيـــو پَوَنَ آڙاهُ ۾، سِرَ جو ســـانگ نہ ڪَنِ
لائق لعل ٽـــينِ، ڪـــامي لهـــسي لوسِجي

داستان ٽيون

(١)

ساراهـ ڪر سبحان جي، مولي جو مُلڪن
مڙيوئي محـفـوظ ڪيـا، ڏسـو ڏيهـ ڏٺين
ڪي ڪامل ڪرسيءَ تي چڙهي، وهواهـ واعظ ڪَنِ
ڪي پڙهيـا پاڻ پُرجهـ سـان، ٻهُون پڙهائن
سـوين سـبق ڏين، ڪي ڪاتب ڪتـابن جا

(٢)

نامِيا نبيرن، ڪي مسئـلا مسـائل ڪيون
ڪي پڙهيا پنهنجي پُرجهـ سان، پڙهيو پڙهائن
ڪي وردَنِ وظيـــفـن ۾، شـــاملَ روزُ رهن
وريو ورائن، ڏســـيـــو وائســـيـــو ورق ڪي

(ڪافي-١)

ٽلهـ : ٻيـو ڪو ڄاڻڻ محض گناهـ، هر ڪنهن صورت آپ الله

١. ڪٽـي گـــدا گـــدائي والا، ڪٽـي شـــهنشـــاهـ
٢. دونهـــا ڏيڪ مـــتـــان ڪو ٻـــولي، اولي ابـرُ مـاهـ
٣. "ونفـختُ فـيـه مـن رُوحِي" آهـي، صـحـيح ڪـر سـاهُ
٤. خلق الاشـيـاءَ فـهـو عـينهـا"، اهو قـولُ گـواهُ
٥. صـــورت منجهـــ ســـچوءَ جي، ٻولي پاڻ ٻيـــپـــرواهُ

(ڪافي-٢)

ٽلهـــ : پنهنجي ذات لکـــائي، ڪين ٻي ذات ســـڏايان

١. ظـاهـر ڪـريـان ذات ڪـي، تـا هـيءَ بُـتُ پـــــڃايان
٢. منصـــــوريءَ جي مـــــوج ۾، ٽـــو اناالحق الايان
٣. وادي ۾ وحـدت جـي، گـهـوري سِرُ گـهـمـايان
٤. "اعليٰ اعظـم شـــانُ،" جـي نـوبـت نينهن وڄـايان
٥. ظـاهـر بـاطـنُ هـكـــڙو، آءٌ تـا حـــكـم هـلايـان
٦. ســچل ســارو ســچ ٽـيـو، حـكـمـت هِـيءَ هـلايـان

(٣)

ٻنهي ٻنهي معنائن ۾، ڪاهت ڪيون ڪهڙو اهو فڪر فائدو، توڙائون ڪري نه تن "من تعلم العلمَ للمُناظرت وَ لمُكابرتہ، اهي منافق مرن اوڳا منجهه اڪرن، هي اتي حيران ٿيا

(۴)

پائڻي لڪائن، هيئون مٽيءِ جي پسي آهي آفتابُ آهَرَ ۾، پر لائق ڪين لهن ماضِنِ مذهبن، مُنجهايو ماڻهن کي

(۵)

منجهاويو ماڻهن کي، ماضن مذهبن محڪم ماڻهن کي ڪيو، تن جي زنجيرن هُڻن حديثن ڪين ڪي، نه ۾ آيتُن ميڙن تن کي ڪين ڪي، ٿيو مُلا ٿا ميڙن سي سوگها سيئي ڪيا، نامُراد نيئرن آڪيا آڪَيَنِ اوڏاڙا، توڙئون ڏَسَ تن پاسي پوءِ پَوَنِ، برهه جي بئبان کان

(٦)

سي پسڻ کان پري ٿيا، ڪين پساءِ پسن ڪن سلام صرف کي، هُوندِ نحو نه نهارن پرک لئي تنهن ڀالهه جي، پاس نه ٿا پاسن مٽي ڪين چڙهن، اهي رهيا اِتَهين

(۷)

ڪيئي آهن قال ۾، ماتيون پس نه ڪن ڪي وڃي رسيا حال کي، ڪي ٻيڻا ٻاڏائن ڪي لنگهي هليا حال کٹون، لکي قال ڪَهَڙو هنيا حِرصَ هَجَنِ، دنيا جي طلب ۾

(۸)

اصلئون اختيار ڪيو، فقر فقيرن "الفقر فخري ز الله ر ... "، اي آتو عجين وتن ويڳاڻا ورهه ۾، نيئين نند نه ڪن راتو ڏينهان روح ۾، چپ نه ڪو ڇورن "من عرف ربه كَل لِسانه"، ٻڌي زبان انهن نشي تن کي "نالهه" ڪيو، مُورڳون "مان" نه چون "قل كل من عندالله،" اهو ڪيائون ڪن "والقدر خيرِهِ شرِ مِن آلله"، سڀ ڏنائون ٻَنِ

(۹)

ڪيا ٿيا وتن، مولي جي محبت ۾ سڏ کا سيئي سوز جا، پنيءِ رات پرن آديسي آرمان ۾، گهوماتيا گهمن ڪين روئڻ کان اَنَ جيُون، اکيون اوڪارن "هر آن سِري كه با محبوب دارند خبر نَبَودِ كراما كاتبين را" سِرُ اهو سانين هيهات هيهات، اها عادت آداسن ٿا پرتئون پچائن، پنهنجيءِ پر ۾ پاڻ کي

(۱۰)

ڪامل ڪوڏ ڪَسن، جي محبت ۾ مخمور ٿيا ڪُرڪن ڪِنجهن ڪين کي، جڙ پار وهاءِ وجن رتَ مُنجهارون پنهنجي، وَضو وير ڪرن سي ڪيئن مَرَس مَرَن، جي محبت وڏا مامري

(۱۱)

سوريءِ آتي صابري، ڪَيُون چيخ چڙهن تحتئون تري تي رکي، صادق سِرُ ڏين ٻيا ٻَهَ ڪين ٻُجهن، ڪن سِرُ صدقي دوست ٿئون

(۱۲)

آئي آڏو عام جي، اڳهين ڪانه ڪهن "صَرُ بَكَرُ" سِكوت ۾، اڳيون پئي عامن "عينها تنامُ وَلا نِيامُ قلوبها"، دل طرف دوستن "عينُهَا باكيةٌ وَ قلوبها ذاكر"، اهو ذڪر چون "اِنَ آوِليائي تحت قبائي"، لائق لعل لِڪَنِ پسڻ لئي پرين، ابترُ ڪِيائون پاڻ کي

(۱۳)

ابتر ڪيائون پاڻ کي، پسڻ لئي پرين هاڻ ويڃائي حالڙو، ويتر ويچارن "هُو مُشتاقُ الي لقاء الله"، ايءُ محفوظ رهن ڪي فنا فراق ڪيا، ڪي مليا محبوبن عيدون عاشقن، آءٌ لقاءُ لطيف جو

(۱۴)

ولي وِرهَ ولن، سِرُ ڏيو سنوپرا "تَرَكَ الدُنيا سُنتَ طلب المولي فرض"، هو دِل ڏين سوين ڇڏيون سڪڙا، هو گوندر گذارن هو مِثل مستانن، جوڳي جانبَ کاڻ ٽيا

(۱۵)

ڪائنين سناسن ہر، ڪائنين منجهہ مُلن ڪائنين معرڪن ہر، ڪائنين منجهہ ڪُندن ڪائنين مسيتن ہر، ڪائنين منجهہ دائرن ڪائنين رهن تقوي ہر، ڪائنين منجهہ ناچن ڪائنين ساجن سيرنِ ہر، ڪائنين تماشن ہر

(۱۶)

نيہ نِهوڙ نِڪٽيا، جَهن پَر ڪاپَڙن يَنْ ڪڏهن آيا ڪپڙا، ڌار نہ ڪهن ڏِکنْ مُنہ ميرا متي ٽيڙا، آهڙيون طَرَحان تَن ڪائي تَن جِي ڪانہ ڪا، جڙي ليڙ لِڳنِ متي پيرين بڙهنہ، ايڏا سُور سَهَن ڪاهِيُون تِتِ پَوَنِ، پَر نو پَروانَ جان

داستان چوٽون

(۱)

ڪنڊ اونڌي اوريج، الئي پهر عجيب کي اڇن اوجاڳن ہر، عنهنان اوجاريج اَصلوُن ڪين ڪهيج، ظاهر هن زبان سان

(۲)

مرڻ ڪنا جي اڳي مُئا، "مان" کي ڪين مڃن دشمن دوست هڪ ڪيو، گودڙيا گهمن وحدت جي وادي ہر، دانہ دمر ڏرن "تون" "مان" وڃائي وچ مان، پنهنجو پاڻ پسن هادي مُريدُ هڪ ٽيو، تفاوت نہ ڪن نائي ڏسن نيٺن، صُورت مُورت هڪ ٽي

(۳)

صُورت مُورت هڪ آلي، نائي ڏسُ نيٺن اکيون ڪَنَ زبان هي، وچان جيئن وڃن ٽپَ ٽپَ لائي ٽوبا اهي، ٽبيءِ منجهہ ٽبن پائيءِ جي پاڪائيءِ سان، پاڻهين پاڪُ ٽين الئي پهراڇ ہر، عاشق گرُ رهن سالڪ سمجهائن، مامَنِ سان ماڻهن کي

(ڪافي)

ٽلهہ: صُورت سپ سلطان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو

۱. ڪائنين حنبلُ شافعي، ڪائنين مالڪُ نعمانُ
۲. ڪائنين پٽي پوٽيون، ڪائنين پڙهي قرآن
۳. ڪائنين اناالحقُ چوي، ڪائنين ڦيرائي فرمان
۴. ڪائنين طفوليتَ ہر، ڪائنين پير جوان
۵. ڪائنين ميرُ وزيرُ ٽيو، ڪائنين ٽيو دربان
۶. ڪائنين احمد بلا ميمي، ڪائنين هَنومان
۷. سچل پيو صبر ہر، هُوءِ حيرت ہر حيران

(۴)

پاڻ پڑهيج پاڻ ٻيهيج، پائڻي ڪج ٻولڻ نہ ٻيو پائيندج، ڪافر مومنَ هڪ ٿيو

(۵)

اول ڪفر پوء ميڙ، پوء منجهہ اسلام ملا، سمجهين ڪين ڪي، ٿون محبوبن جي مامر ڪهيج هي ڪلام، جيڪي ناقصٿون نڳيا

(۶)

اديون! آدمَ ناهيان فلڪ نہ آ فلڪن خيالٿون اچي اوچتي، خللَ وڏم خلقن ناهي مَيسَرِ مَلڪن، اها امانت عشق جي

(۷)

ناهي ميسر مَلڪَنِ، اها امانت خامن خيانت، وڏي اچي عشق ۾

(۸)

حدين وڃي هرڪو، لاحد وڃي ٻيرَ سچو سو فقير، جو حد لاحد لنگهي وڃي

(۹)

جاڏي ڪيڙي، سجدو تاڏي نہ ٿيي جاڏي مُهاڙي، سجدو تِتِ صحيح ٿيو

(۱۰)

ظاهرَ ڪَکَرَ آنہ، مينهن توئي باطن ۾ پاڻ اهوئي يانہ، جنهن وسي سان وَسَ ٿيي

(۱۱)

سوزَ گدازَ ۽ غمَ، مڙيوئي معافي ٿيو مارِ دمامين دَمَ، عاشق، اناالحق جو

(۱۲)

جتي ماڻهن ميڙ، آ تتي ناهيان سسي سنهايان، پُنيءَ شاهہ حلاج جي

(۱۳)

جي تو تجريد، تا آئين نہ تفريد ۾ ڪائي ٻي توحيد، ڪائي ڪثرت ڪلِ جي

(۱۴)

پسي پتِ پُليوس، تا آ آدمي آهيان وڃان جان ويوس، ساڳيو سچل آهيان

(۵)

ٻيائي ٻانهپ ڇڏ، سچا آ احديَتَ ۾ لهمَون دَمَٽون لڏ، تہ پاڪائي پاڪَ ٿيي

(۱۶)

جهڙو ٻانير پاڻ کي، تهڙو آهيان آنءَ باقي رهيو نانءَ، سچو مَون صاحب جو

(۱۷)

هُو ٻي ڪينَ اچڻو، هُو ٻي ڪينَ ويو نفي ۽ اثبات کان، پري پنڌ پيو سچل سچ ٿيو، ٻي ٻانهپ ٻولي نام ڪا

(۱۸)

جي اچين تا اڃ، نہ تہ هِتِ پُورن پڃاڙيو محبت ٻاريو مڃ، سيني ۾ سچل جي

(۱۹)

چري چري مَ چئجو، چريو آهي لوڪَ جو چريءَ لڏو ٿوڪَ، سو سچل آهہ نہ سيکهين

(۲۰)

سچل سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪل الف مان آدم ٿيو، ڪري هنگامُو هَل هندو مومن هڪ ٿيو، ٻول نہ ٻي ڪنهن ٻل "خلق الاشياء فهو عينها،" اهو آڻ عمل ٽڃ گلابي گلَ، مر مارني منصور جان

(۲۱)

قلبيَ ۾ نَہ قرارَ، آهي عاشقن کي رُوحي لک رلايا، نہ نفي نفع دار سِري سَوَ وڃايا، خفي ڪيما خُوارَ اپر اخفا ناہ ڪو، طالب کي تڪرارَ ري پروڙڻ پانهنجي، ٻيو شيطاني شِڪار سچل هي سنسارَ، سارو پاڻ سهي ڪيو

(۲۲)

قدرُ جاڻين پانهنجو، ڪيڙ پانهپ سندو ٻول
ڪٿ وارو ٽولُ، ٽونڪرَ ساڻ ٿئي ٻيي

(۲۳)

جا نہ چوڻ جهڙي، سا مون چوان ڪيئن
قصو آهي هيئن، "هي" ۽ "هُو" ٿيو هيڪڙو

(۲۴)

پاڻ وڃائي پاڻ، ڳولهي لهج پاڻ کي
پاڻ مَنجهان ئي پاڻ کي، پَوَندي جاڻ سَجاڻُ
مڪڻُ آکرَ هڪڙو، سوئي ڪيرُ سنياڻُ
اهو اٿي اُهَجاڻُ، ڳهلا، انهيءَ ڳالهه جو

(۲۵)

پاڻ پنهنجو پاڻهي، صُورت منجهه سجاڻ
الله الله چو چوين، پاڻ ئي الله جاڻ
تون ئي ٻَڌندڙ تُون ئي ڏسندڙ، شاهد آ قرآن
ناهي شڪ گمان، سچو سائين هيڪڙو

(۲۶)

سچل سائين هيڪڙو، ناهي شڪ گمان
پنهنجو تماشو پاڻ ڏسي تو، صورت منجهه سلطان
ڪاٿهين پڙهي پوٿيون، ڪاٿهين پڙهي قرآن
ڪاٿئين عيسيٰ ڪاٿئين احمد، ڪاٿئين هَنومان

حيرت ۾ حيران، پنهنجو وڃائين پاڻ کي

(۲۷)

تُون ئي مالِڪُ مُلڪَ جو، ٻانهُون يانءَ مَ پاڻ
"لا خير في عبدي"، اهو اٿي اُهَجاڻُ
صورت منجهه سَجاڻ، پاڻ پنهنجو پاڻهين

داستان پنجون

(۱)

هُتي ڪيرُ هُياس، آيُس هِتي ڪيرُ ٿي
هُتڑي نالو ٻيو هُيو، نانءَ نئين هت ٿياس
عاشقُ ٿي آياس، نہ تہ هُيُسِ معشوقي مامرَ ۾

(۲)

هُيُس معشوقي مامرَ ۾، عاشقُ ٿي آياس
اچڻ نہ هت منهنجو، خواهش هڪ ڪنياس
حسن سندي هَوَسِ هوئي، جنهن هت هيرياس
وچان آءٌ وياس، سچو ساڻيو سچ ٿيو

(۳)

ڏيو ٻاري سج ڪي، ٿي ڏاهرين ڏنو
هلڪو هن هوا سندو، مَٿين ڪَنِ ڪَنو
ڪٿو ۽ مِٽو، چرين ساڻي چت ۾

(۴)

عشقئون ٿي انسانُ، آيو سيلاني سير تي
صُورت ۾ آدم جي، آدم دم مهمان
سچل تون سلطان، ستگر سچ سڻايو

(۵)

ستگر سچ سڻايو، سچل تون سلطان
تنهنجو شاهي شانُ، ٻانهپ ٻولي نام ڪا

(۶)

فارغ ٿين نہ فراق کان، ويجها ڪينَ وصال
گر ٿيڻ کان گر ٿيا، لکا سَرتِ سنيال
اُتي قيل نہ قال، "صرَ بَڪَرَ" سي ٿيا

(كافي)

عشق لڳئي تا ڪر آمين، نا منجهه ڪفر نا منجهه دين
۱. جلوو عشق جو عرش ڪرسي تي، سر زمين چا زير زمين
۲. دل سان دلبر درد قبوليرُ، ڪشف قُبور ڪرامت ڪين
۳. شبها شڪ سيئي لاٿم، پاڻ سجاڻ ساڻ يقين
۴. طالب کي تلوين گهُرن ٿا، کي تمنا تي تمڪين
۵. هادي عبدالحق سچل کي، توڙئون ڪئي تلقين

(۷)

ناهين مالکَ مُلکَ جو، مالک اٹي ٻيا
پيرا پراهن جا اوچتي، پَهِيَرَ سُرتِ سنيال
آتي قيل نہ قال، "صمرُ بُکمر" سي ٹيا

(۸)

وقت اها ٹي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي
ڪي مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل
مستان ٹيئي اويل، اولهه سج نہ آلهي

(۹)

اولهه سج نہ آلهي، مستان تيئي اوير
ميڙي ويندء مغربي، تاريڪيءَ ۾ تير
چڏي ويندء چپرين، ڏونڏِنِ سندا ڊير
مرد ڏين ٹا مارَ ۾، ماٹيڪي مٹير

وجهه آٹي وِجهَ پاڻ ۾، هيڪڙائيءَ جي هير
ناسودي ناخير، نيٹ پوء ناٻود ڪَر

(۱۰)

مَکڙي ڏئم موج ۾، تنهن ۾ مير ملاح
مڇيون مارين اوچتي، بانڪا بي پرواهه
لهر بحر جا حاڪر ڄاڻي، شوريا وتن شاهه
هند سنڌ تي فلڪ نہ آڻن، مارن مُلڪ سپاهه
وائڙا رکن تن مٹان، ويچارا ويساهه
آسرا آڌين جا، آهن منجهه الله
ڏيئي پاندَ پناهه، رکي ولندو راچ کي

(۱۱)

نيري گهوڙي ٿڦرو، اولاهون ايندو
ٿَلو ٿالپرن جو، نهوڙي نيندو
سُجي ڪري سنڌڙي، واچوڙو ويندو
تهان پوء ٹيندو، ؟

(کافي ۱)

ٹلهه : اصل آهيان اسرار، ظاهر ڳالهه زبانون ناهي

۱. پهرين پاڻ نہ ڄاٹم هيٺئن ٹي، شوق پريُم شوڪار
۲. مرشد رمز ڪجهي پُرجهائي، آندم هت اعتبار
۳. دين ڪفر اسلام مذاهب، اول چڏڻ درڪار
۴. ٻوڙيم سڀ ارادا آندم، هڪ ارادي آر
۵. جا ئي ڳالهه سچاتر سائي، ساڳي آهيان سردار
۶. "يسمع بيصر بنطق" هڪڙو، ناهي آٹن انکار
۷. "خلق الاشياء فهوَ عينُها، " ٹي خاصا خبردار
۸. سچل غيرُ خدا جو ناهي، گوش ڪرڻ گفتار

(کافي ۲)

ٹلهه : اهو ڏاهيون ڏسُ آء، سانول اِتي وسي ٹو

۱. قولهي لهيج پاڻ مٹون، پري نہ پيرا پاء
۲. دائم آهي دوست جي، تنهنجي جِيءَ ۾ جاء
۳. ڪنهن جي ڪارڻ ٹي ڪرين، هاري ڙي هاء هاء
۴. سوئي ڏسندڙ، سوئي سٹندڙ، پاٹئي ڳالهيون ڳاء
۵. سارا ڏونگر ڏورين، ڪاکي ڙي ڪنهن لاء
۶. سچل اوڏو ساهه کٹون، ڪيرُ ڄڻوي تا ناء

(كافي ٣)

ٽلهه : جنهن کي عشق مولي جو ناهي، سو جڙ جهنگ جناوَر آهي
١. وهم ارادا خيال بيا وچ، ڪاهه برهه جي ڳاهي
٢. هُو جو ڪوٽ هئڻ جو، ڏوڙ پهرينءَ سان ڏاهي
٣. عاشق تڏهن ڪوڻجي، جڏهن سيڙ لاڳاپا لاهي
٤. دوستي ٻاجهون دوست جي، هڏ ڏاهه نه ٻيو ڪو ڏاهي
٥. محبت جي ميدان ۾، سو ڪامل پَوَنِ ڪاهي
سچل صاحبُ سڪ وارن کي، چاهه منجهون پيو چاهي

سُر گجري

معرفت

داستان پهريون

(١)

احد احمد صورت ساڳي، سرَ ٻنهي جو سوئي
"الست بِرَبِڪُم قالو بلي،" پنهنجو پاڻ آکيوئي
سچل حاضر هر جاءِ هادي، سمجهين سر سيوئي
غائب سمجهي غير نه ڄاڻين، حق الحق آهوئي

(٢)

حق الحق آهوئي آهي، تو جنهن غير ٿي ڄاتو
"عرفتُ ربي بربي،" پاڻا پاڻ سيجاتو
ڪُلي ڪَل انهن کي پهڙي، پير ايڏانهن جن پاتو

(٣)

"الف" سيجاڻي احديت وارو، "بي" تي ڪين اڀاسي
شرح مُلا ڪنز قدوري، ڪافيا ڪين پڙهياسي
غير خيالون ڪنڊ ڏيئي، پوءِ لاحد منجهه لڙياسي

(٤)

الف باب مطالع ڪرئو، "بي" "تي" "ثي" نه سڃان مون
اڇئو وڃئو الله اهو، دائم دم ڏريان مون
ساڻ يقين تصورَ وارو، ثابت سبق پڙهان مون
ٻاجهون باب برهه جي، سچل ڪهڙا حرف ڪٿان مون

(٥)

باس اهائي بات اسان جي، غازي غير نه آهين
خام خيال هي ٻانهپ وارو، "لا" ۾ لاسڪ لاهين
"من عَرَفَ نفسه فقد عرف ربه،" ٿاه ڪهڙا ٻيا ٿاهين
سچل سچ اشارو اهو، ڪاڏي ڪوڙا ڪاهين

(٦)

رام رحيم هڪو هڪ سمجهين، موج محبت مائين
ڪافر مومن گبر نصارو، غيرَ گمان نه آئين
"خلق الانسان علي صورته،" جولَ اهوئي جائين

(٧)

خمر خمار انهيءَ جو خاصو، موت اهو مسروري
ازلا ابدا عجائب جهڙي، مي اها محمسوري
"انا احمد بلا ميمي،" مارين دم منصوري
سچل جام جلالي پيءُ، ڪر حاصل حق حضوري

(٨)

دل دليل ڪري اڄ عاشق سَستَ يقين نه ٿيَ تون
ٽوڙ شڪ گمان سيئي، پريمي، پيالو پي تون
"موتو قبل انت موتوا"، جيوڻ ۾ مر جيءُ تون

(٩)

ذات صفات هڪائي آهي، پول نه وجهين پولي
سوئي اندر سوئي ٻاهر، سوئي تنهنجي چولي
تو ۾ مون ۾ هن ۾ هر جا، سچ سچل ٿو ٻولي

(۱۰)

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿيون مردانو
پاڻ ٻيگانو مُول نہ جاڻين، آهين يار يگانو
"ونفخت فيه من روحي،" بلڪل ڇڏ ٻهانو
وهمَ سڀل ڪي هانهپ وارو، شملو ٻڌ شهانو

(۱۱)

"دع نفسك" جي سڀل سڃي، راه نہ جاڻن موڙها
هستيءَ وارا ڪوٽ بڻائن، ڪنگرا رکن ڪوڙا
سڀل راه اهيئي لهندا، ڳالهائيندا جي ڳوڙها

(۱۲)

"مون" "ٽون" "هو" جي ٻولي ساري صحيح ڪري سڃاڻين
چا هَيڙين آت چا آهين هِتِ، چا ٽيندين مامَ پچاڻين

داستان ٻيو

(۱)

مسجد ڇڏي ميخاني منجهان، حاصل ڪيڪ ڪياسي
هي سڀ حسن جمال انسان جو، جنهن ۾ پاڻ پياسي
ڏوه ثواب ڪان آجا ٿي، پوءِ سڀل سڃ ٿياسي

(۲)

فڪر انهي ۾ پياسون سڀا، آهيون يا سڃ ناهيون
ناهيون جاڻ اهائي ساري، آهيون تا پي ناهيون
فرعوني منصوري هڪڙي سڀل، حرف ٻيهو حڪو ڏاهيون
سڀل سڃ تڏهن آ ٿيئو، پوش پاڻان هي لاهيون

(كافي-۱)

ٽلهه : آتي ڪفر نہ اسلام، آهي سيني ڪي سلام
۱. ڪڏهن ڏيئي ڪين ڪي، اهو آرانيو آرام
۲. مذهب مُور نہ ميچيان، آءٌ مشرب منجهه مُدامَ
۳. قيد پيچي ظاهر ٿيان، آءٌ جاري پيان جام
۴. هادي سائين پاڻ سڀل ڪي، عشق ڪيو انعام

(كافي-۲)

ٽلهه : پُلِ وڃي ٿو پُلِ وڃي ٿو، لوڪ ساروئي پُلِ وڃي ٿو
۱. "مان" "ٽون" ويندي آهوئي ٿيندو، پولُ اهوئي جيڪو پڃي ٿو
۲. اِهو آهوئي سرتيون آهي، نہ ٿو اها ڪوئي ڳالهه ميچي ٿو
۳. اندر باهر اهوئي آهي، سڀل هي سِرُ صحيح سڃي ٿو

(كافي-۳)

ٽلهه : عينَ آتوَ انسان، پول مٽان پُلي ڪائي
۱. دلَقُ درويشي پهري آيو، صورت هن سُلطانُ
۲. آهي جگ ۾ سُٹو ڏي جيڏيون، صاحب جو سيلانُ
۳. ڏسي تماشو يار سڃڻ جو، هر همَ حيرانُ
۴. واهه عجائب جيهو ڪيائين، سڀل ڏي سامانُ

(٣)

پير مريد نہ ٿي تون هرگز، مائج موج مستاني
مستيءَ سان نا سرُ سُجاڻي، تنهنجو ڪر ڪمبختي

مخدومي ۽ شيخي پيري، خامُ ڇڏي ڏي خاني
"ليس في ما جُبتہ ما سَوَالله"، هيڄ ٿئي سڀ هستي

(٤)

پ ڏُعا پاراتي واري، ناهي راه رباني
ياري يار يقيني رکجان، توڙي شرڪ سيوڻي

هر هڪو پٽڪو پنهنجو رکي، سچل ڪر آساني
جو ڪُجهہ ڏيڻين سوئي ڏيندين، تنهنجو هر نہ ڪوئي

(٥)

صريحُ جوان مان توکي طالب، ڪجان صحيح گويائي
"ڪُلُ شيءٍ ناطقٌ بالحق،" رکين سرُ سڃائي

"وبي ينطقُ و بي يُبصِر،" ٻوڙين ٻولُ ٻيائي
ستگر سچ سمجهائي سچل، واه واه اها وائي

(٦)

طبلُ وڄائج وحدت واڙو، غازي ڇڏ گدائي
هيڏي هوڏي تون ڪي آهين، ڪانهي جان جدائي

"الانسان سري وَ انا سِرہ،" آهين خاص خدائي
هر بحر تي تنهنجو سچل، آهي سير سدائي

(٧)

فرق ڪفر اسلام نہ ڪوئي، جاڻ اهوئي جاڻين
ڪافر مومن هڪو هڪا، غيرُ نہ غازي آڻين

"ڪُلُ شيءٍ هو الله"، سڀ صورت هڪ سڃاڻين
مَستُ رهي ميخاني اندر، منگ وَڃي سِي مستي

(٨)

ياري يار يقيني رکجان، توڙي شرڪ سيوڻي
جو ڪُجهہ ڏيڻين سوئي ڏيندين، تنهنجو هر نہ ڪوئي

"ڪُلُ شيءٍ يرجع الي اصله" موُ نہ هڪُ مٽيوئي
سچل سچو سچ ٿي رهندو، عشقئون عين اهوئي

(٩)

عشق جنين سان غمزو لاتو، علم نہ سي ٻيو پڙهندا
منجهہ ڪفر اسلام مذاهب، عاشق مور نہ اڙندا

ماري نعرو حق جو سچل، سولي‌ءِ سرڙا ڏرندا
پاڻا پاڻ ڪيوسي بيشڪ، هر صورت سيلاني

(١٠)

سيڪا صورت منهنجي آهي، آهيان لامڪاني
ڪفر نڪو اسلام رهيو آ، لڌي واه حيراني

سچل نام گرُ ٿيو، باقي رهيو سِرُ سبحاني
ٻڌا ٻاڻ گيسو بيشڪ، هر صورت سيلاني

(١١)

عِشقُ لڳو وٺي رهجي وَلله، يار عزيزي خويشي
پنهنجو پاڻ قبول ڪيائون، سارو دم درويشي

هڪُ سارو ٻيو ماري طعنا، هره ٻَرو بد ڪيشي
سچا يار هميشه آهن، درد وارا دلريشي

(ڪافي)

ٽلهہ : آهي ڪوُچَہ بڪوُچَہ يار، ڪيڏي ڳوليو ٽيون ايئن سرتيون

١. ظاهر آهي ذات تنهن جي، هتُ شهرُ بازارُ
٢. "ونحن اقرب" جاڻو سيمئي، دُورِ نہ آهي دلدار
٣. احد احمد هيڪڙو، ناهي لک هزارُ
٤. مرشد هيئن فرمايو، آڻڻ ات اعتبار
٥. ڳهليُون الهيءٍ ڳالهہ جو، خوني آهہ خمار
٦. آهي سبيوئي دوست جو، سچل هي سيندگار

داستان ٽيون

(١)

هي دم بحر حقيقت "هُو" جي، "هُو" سان "هُو" سڃاڻين
خاڪي جسمَ لَهَ پهه هوڙين، هرگز عذر نه آڻين
اندر باهر ظاهر آ، طرف نه پي تون تاڻين
سچل گمَ گمراهيءَ واري، راه اهائي چاڻين

(٢)

جوئي جو ناپيدا هيڙو، سوئي ٽيو وري پيدا
جوئي پيدا اصل کان هيڙو، سوئي ٽيو ناپيدا
پيدا سو ناپيدا ٽي، ٽي تڏهن حق هويدا
پيدا جي کل تڏهن پوندي، ناپيدا ٽي ويندا

(٣)

مريد ڪرڻ جو خيال نه رکجان، عاشق ٿج نرالو
دين مذاهب هوڙ ٻيائي، مست قرج متوالو
"مان" ۽ "تون" جي سودي اندر، متان ڪڍين ڏيوالو

(٤)

عشق محبت باجهون جاڻين، پي سڀ راه خلالي
بزرگ ڪاڻ دنيا جي ڪن نا، طلسر سڀ تلالي
سچا هرگز سي نه ٿيندا، سچا صوفي صالي

(٥)

هن زماني بزرگ بيشڪ، ڇهئي لطيفا لاڻن
ڪسب ڪرن دم بند ڪرڻ جو، نه تا پاڻ سنڀالن
اهي فن فروهي آهن، ناحق وقت وڃائن
ري ليڻ گمَ سچل سائين، پاڻ نه پنهنجو پاڻن

(٦)

بزرگ شيخ مشائخ يارو، نا مخدوم ٿياسي
نڪي قاضي نڪي مُلا، معلم پيرَ ٿيڻياسي
نڪي ناه نڱي جو ناهي، رنگَ رساء رکياسي
سچل باجهون عشق الله جي، ڪوئي هُنر نه سکياسي

(٧)

نه مان ڪيڙو ڪڙڪو تسبيح، نه ڪيڙم زهدَ عبادت
نه ڪي مسجد مندر ويڙس، نه ڪيڙم تلوي طاعت
سچل جو ٽيو بخت سوايو، جو ڪيڙائي عشق عنايت

(٨)

روز ازل آستاد اسانکي، سِٽ پريت جي پاڙهي
سائي دل جي تختي مٽي، جاهون مان لِک چاڙهي
سچل عشق ٻُڌيو نه ٽيءِ، ٽي جي چٽي ڏاهڙي

(٩)

مرشد آکيو عاشق ٿيين تا، منکرَ ٽي مشاخي
شيخي پيري بر بُزرگي، الّي سڀ هلاکي
عشق امانت خاص الله جي، دل کي ڏي فراخي
سچا سوز گداز سوا سَچ، پيا سڀ ڪوڙ طباخي

(١٠)

خيالَ بُزرگي ريتي ڇڏ تون، منگِ نه تون مخدومي
نه ڪي پيرَ مشائخ ٿج تون، نڪي ٿج نجومي
دائرا اهي دعوت وارا، الّي علم رسومي
سچل ڪلي ڪونهي پيدا، هُوندو منجهه معدومي

(١١)

سمجهاويو مان طالب توکي، سچ اهو ٽي سارو
"ارض و السماء" ۽ واه وڃاڻج، عاشق، نيهن نغارو
نام چڏي بدنام ٽي اڄ تون، لوڪَ ڏسي سڀَ سارو
سَٽ سچل سامان صلح جو، مار حقاني نعرو

(١٢)

مست ٿيين تہ مريد نہ رکجان، واہ جا راہ ربانی
آمد رفتِ نہ جاڻن ڪڏهين، بيخود ڪرن بياني
پي سڏ ٻڏ انهن کي ناهي، رهندا لامڪاني

(١٣)

حَبسَ ڪرن دم ساڻ سمي، تا ٿين لطيفا جاري
عالم ڏسي عبرت آڻي، زاري تنهن کان زاري
واه وَلي پُڪارن ماڻهو، آ ڪو مردَ بخاري
سچ پچيو تہ سچل سي سچا، سر تي ڪنهين جن خواري

(۱۴)

هيءَ سڀ سيرُ بحرُ الهيءَ جو، پرُ لڪا جنهن هستي
قلزم ڪارونيار ڪڪوريلُ، ڪر لڪا جنهن ڪشتي
منجهه درياهه محبت واري، حالُ سڀين هي هستي

(۱۵)

منجهه حضور هاديءَ جي طالب، ٻانهون ٻڌي وهندين
جيئن چئي مرشد چولدين، ڪلمو ڪفري ڪهندين
گرُ ۽ گوبندُ صورت ساڳي راهه الهيءَ ۾ رهندين
رنگ رتي ٻي رنگ ٿي سچل، لاه الهيءَ ۾ لهندين

(۱۶)

جان جان طالب مسجد منبرُ، ڪينَ ڪرين ويرانا
تان تان راهه قلندر واري، ڪين ملي مردانا
ڇا ٿيو ٻُڌن لطيفا جاري، هي ٻي هُنرَ ٻهانا
ڪشفُ قلوبُ قبورُ سڀيئي، هي ٻي ڏورُ ديوانا
ليڪن نقش ڪمائن ڪيميا، ميڙن مال خزانا
خوءِ حضر جي ڪارِ شيطاني، حِفظُ ڪرن ڦرانا
مرد سچا جي محبت وارا، سولي سرُ سمانا
ٻاجهون راهه عُشاقي سچا، ٻيا سڀ ڪُوڙ ڪرانا

(۱۷)

ڇا جو ڪعبو، ڇا جو قبلو، هي ٻي سڀ ٻهانا
ناقصُ نيت ڪعبي واري، مرد گهمن ميخانا
سچل ستگر ائين آکيو، حق لهن مستانا

(۱۸)

قاضي سڄ چوان مان توکي، ڇڏ مسائل مصلا
آءُ ته ٻُڌون ٻڪ پريمي، مُور نه ٿج تون مُلا
سچل حق نه حاصل تن، جي راهه الهيءَ کان ٻُلا

(۱۹)

لائفي جو ڪلمون مونکي، مرشد پاڻ پڙهايو
نابودي جي نشي اندر، ستگرُ سير ڪرايو
هٿيو ڏيئي همت وارو، سارو بارُ کڻايو
صدقُ سچل مان ستگر تان، جنهن جالب جوش جڳايو

(۲۰)

مُلا، ڇڏ ڪتابن پچر، مي جي پيءَ پياليِ
پل ۾ مُلا صاحب ٿيون تون، مست و مستُ موالي
ڇڏ ڪُلالي قاضي صاحب، قائم ٿج ڪَلالي
معاف ڪرائي عشق ائين ٿو، سچل ڪاف ڪشالي

(۲۱)

طالب، زهدُ نه تقويٰ طاعت، موج منگان مون مستي
ڏني آ اُستاد ازل جي، هٿ طلب جي تختي
سچا مستي مُول نه ايندي، جان جان وڃي نه هستي

(۲۲)

جان جان نون گمراهُ نه ٿيندين، تان تان راهه نه لهندين
ڪاءُ حرام ۽ ٻيءَ پليدي، پاڪيءَ سان نه وهندين
سچا سچ ٻڌي نه ٻولدو، جان جان "مان" ۾ رهندين

(۲۳)

ڪي ڪمائن ورد وظائف، ڪي ٿيا نفلاتي
ڪي وڃي ٻيا زهد عبادت، ڪي ٿيا دعواتي
گوشي نشيني ڪن ڪي پائين، ڪن وڻي رجعاتي
ڪن جي منزل پتُ پاراتو، ڪي ڪامل ڪراماتي
ڪيئي ڪشفن اندر ڦاٿا، دانهه ڪي درجاتي
سچا لکن مان ڪوئي ڪندو، عشق واري اثباتي

(ڪافي-۱)

ٿلهه : عاشق، اکيون اُپٽي ڏسين، آهي مڙوئي يارُ
۱. ظاهر زباني ٿو ڪريان، عجب اهو اسرارُ
۲. اعتقادُ فردا جو نه رکُ، اڄُ دوست الي اظهارُ
۳. جن کي پسنُ هٿ پرين جو، هٿ ٻي تنين ديدارُ
۴. بُلبُل اول ڪر پاڻ کي، گهٽُ گهٽُ سارو گلزارُ
۵. جيڪي چيو مرشد توکي، آڇ اُتي اعتبارُ
۶. ٻانهون ٻڌين چو ٻين، سچل تون سردارُ

(كافي-٢)

آءِ ادا سالڪ، سهي ڪر، تون طلسمات کي
ڇڄ ڏوئي تا ڪل پويئي، دور ڪر درجات کي
١. ڪيئن وساري ويهي رهين، هر هر نفي اثبات کي
اثبات کوڻ اڳنا لنگهي، ڪر ترُ تون طاعات کي
٢. ڪيئن وڃي ويهي رهين، هئي هئي تون حڪايات کي
ڳالهين منجهون تا ڪين ٽيون، ڇڄ اوتّ عزلات کي
٣. غازي نہ ڇانڇ غيرُ تون، هن محضُ موجودات کي
سر گهور ڪر هن گهور ۾، ڏي منهن نہ ٻي مصلات کي
٤. سر سڃاڻج پانهنجو، ڏي ڪَنُ نہ ڪرامات کي
ذاتي منجهون ظاهر ٿيين، تون سمجهہ هن صفات کي
٥. سچل روئين چو ايترو، بس ڪر برسات کي
تصديع تون چو ٿو ڏيين، محبوب جي محلات کي

سر ڀيروي

عشق مجاز

داستان پهريون

(١)

زورُ غرور غماز، عادت البيلن جي
نِوڙت نينهن نياز، آهي عشاقن جي

(٢)

آهي عشاقن ۾، نِوڙت نينهن نيازُ
نِخوّت نخرو نار، عادت البيلن جي

(٣)

ڪوس ڪزح ڪمان، ابرو عجيبن جا
ضرب ظلم جي زور سان، آيلن الآمان
سل هڻن ٿا سينءِ ۾، ٻنڌڻين جا پيڪان
نيزاُ نينهن نشان، سچل سر سهايا

(٤)

ابروُ ڪش ڪمان، مارن ٿا محتاجن کي
ٻنڌڻين جا پيڪان، زوريءَ ڪن زيان
توبهہ الآمانَ، ترس نہ تن تِرَ جيترو

(٥)

ڪجا ڪجُ محراب، منهن تي محبوبن جي
ڏنگا ونگا واه واه، مصحف جا اعراب
ستون سمپارن جيون، پڙهڻ ٿيون ثواب
برہ سندا باب، سچل سڀ ختم ڪيا

(٦)

چالي چشم چَنڪَ، ماريو محبوبن جي
قاتل فوج حسن جي آئي، ڪاهُون ڪاه ڪنڪ
اچي وڏائون اوچتو، سيني سيفَ سَنَڪَ
عاشق ٽپي آيا، آنڪَ جي آنڪَ
اچي پيا وچ ۾، ٻَنڪو ڪري ٻَنڪَ
جهٽ پٽ ۾ جهَنَڪَ، سرُ ڏنائون سَٽ ۾

(٧)

جهيلن ڇلا، موُ مڪيڙيا منهن تي
نيرُ شبي مهتاب جيئن، منهن ۾ري مشعلا
تاريڪيءَ ۾ تيجارا، تڪا ڏين تجلا
عاشق آت اجهلا، سِرُ ڏين ٿا سٽ ۾

(٨)

موُ مڪيڙيا منهن تي، جهيلن ڇلا
سُنبل جوُ ڪي سلا، صبحُ ڪڍيا ساجهري

(٩)

مُو مَکيڙيا مَنهن تي، ڇهيلن ڇلا
واسينگن ولا، وره واريين ٿي ڏنا

(١٠)

آخوند، ڏسين اوچتي، ڇهيلن ڇلا
سجدو ڪرين سُهڻَنِ کي، ميان صاحب مَلا
قاضيڙا ڪلاءِ، رحلَ رکين ڪنڌ ۾

(١١)

آخوند، ڏسين اوچتي، ڇهيلن ڇلا
واصِلَ کي وٽيون ڏيئي، ليکين ڏيين لَلاَ
مَلا، سڀ مسئلا، وساري ويهي رهين

(١٢)

آخوند، ڏسين اوچتي، ڇهيلن ڇلا
توڙي ڪائين ڪلا، تہ بہ راضي رهين روح ۾

(١٣)

حقاني حُسنَ جي، گولاڙا ڪن گِلا
سچل سِڪَ نہ جَن کي، سي ٿوڙها نِکر ٿلا
بي هوڏن ٻلا، ڪهڙو قدر قرب جو

(١٤)

پاڻون پوندءِ پير، قاضي، ڪاريهر تي
عشق ولندءِ، آخوند، اچي اوچتي

(١٥)

آهي ڪو جو جهلي، تکو تابَ حُسن جو
بِلي ٿيا جي بره جي، بابُو ٿياسي بَلي
سچل سائين سُهڻن سان وسَ نہ ڪنهنجو هي
جان جَسو جيءُ جلي، عشاقن آڏاه ۾

(١٦)

عشاقن آڏاه ۾، پسيو نظارو
ڪاراڻي ۾ ايئن ڪريا، برف ڪري جيئن پارو
ناطقَ کو نيارو، جهلي روبَ رويءِ جو.

(١٧)

لوڪ ساري جون سَهمان، سچي سهڻ آيون
مُشتاقن کي محب جِيُون، ڇڪنَ کن ٿيُون ڇمان
بابو جهلي بره کنان ٿو، عشقان جهلي آمان
سُورن سندا سمان، سچل سڀ سهايا

(١٨)

راشي ۽ خاشي، صورت ساڪي سڃڻين
مورت هيءَ محبوب جي، فهمي فهماشي
موتي مڙهيل مکڙين، جڙ قراني حاشي
ڪعبو ۽ ڪاشي، منزلون محبوب جيون

(ڪافي - ١)

ٽلهه : سڀ ڪنهن صورت ۾ سپرين، سرتيون ساري ڳالهه سلياڻون
١. ڏيئو ياري سڄ کي، ڪٽي ڪين ڏنائون
٢. ساڻ روشنيءَ سڄ جي، پُرجهي سڄ پسيائون
٣. وحدت ڪثرت هڪڙي، جيئن مينهن ڦڙيون موراڻون
۴. سچل سندي نانءَ ۾، اهڙي طرح آڻون

(ڪافي - ٢)

ٽلهه : چشمن يار جي مون ٿي چئو جا چوٽ ڇڪائي
١. دردمندن جي دل اچانڪ، آڻي عشق اڙائي
٢. اسان نماڻن تي روز ازل ڪئون، چئو تنهنجي حسن هلائي
٣. ٻنهي اکڙين سيف ستر جي، چئو جا آڻي چمڪائي
۴. بڙڇي برهه جي سيني اندر، سچل هن خيال ڪپائي

(كافي-٣)

ٽلهه : انهن جادوگر اکين، بيران ڪيوسي
انهن نيٽن سندي نازن، حيران ڪيوسي
١. راتو ڏينهان دل کي، هيءَ آهي پريشاني
انهن غمزن ڀجهن رمزن، ديوان ڪيوسي
٢. مٿي هٿي هي فرياد وي يارو، ڪنهن کي سٽايان
خونن هن خمارن، مستان ڪيوسي
٣. ميدان منجهه سچو، تهدلڙون آيو آهي
انهن تارن سندُن تبرن، نيشان ڪيوسي

داستان ٻيو

(١)

عاشق ٻيَنِ زَقوم، هٿان حبيبين جي
هلاهل جي هير تي، هاتڪ ڪن هُجوم
اها الٽن رسوم، ڪڙي ڪانڙ نہ تن جي

(٢)

ساقي، ڏيج سُٹي، سَرڪ صَراحيءَ مان ڪڍي
پڪ پيارج پارکو، محبت جي مِٹي
ٻيَنَ سان پُکي، پاڻ ڏيان جيئن پاڻ کي

(٣)

ساقي، ڏجاءِ باقي، تہ بقا بره ۾ ٽيان
فاني فراقي، رهي رهندا ڪيترو

(٤)

نہ ڪا صحبت صراحيءَ سان، نہ ڪي مينا سان مطلب
ساقي، سڀ سببُ، سڄل سڪ وارن جو

(٥)

رهي رهندا ڪيترو، فاني ۽ فراقي
مطلب ميشاقي، "لا" ۾ موجودات جو

(٦)

چُڪو انهيءَ چاش جو، چکي ٽيا چريا
چريو ڪريو لوڪ چوي، آهن ڪين چريا
ياڪي سي پريا، سچا سڪ وارا ٽيا

(٧)

اوڏو عبادت نہ وجين، جي نشو پيين نينهن
واحد وحي موڪليو، احمد آڪيو ايئن
تان تون وجين ڪيئن، مخالف مصحف جي

(٨)

مُلا، اُنهيءَ مَندَ جو، چُڪو جي چکين
ڪارنهن ڪٽي ڪَندَ ۾، ويٺو مُنهن مکين
سبق سي سِکين، جي سَوريتن سِکيا

(٩)

حسبي ۽ حسبي، زاهد پڙهين زور سان
حسنُ حبيبين جو ڏسي، ترڪُ ڪرين تسبي
ڪَرُ نہ ڪنهن ڪسبي، سچن سِرڙا ست ۾

(١٠)

قطرا آبُ عرق، سُونهن، سجڻ مُنهن تي
جرڪن جهلڪن ٿا ايئن، جيئن پيَن ماڪ مَرڪَ
داڻا ڪن درڪ، دل ۾ دردين جي

(۱۱)

ابروُ ڪنديا قريب جا، وار ڪنديا ڪارا
اکيُون ڪنديون عجيب جيون، ماڻڪ موچارا
محرابي مرغول ڪنديا، پيشاني پارا
مٿا موچارا، سدا منهنجا سپرين

(۱۲)

حبيبن حبشي، پهرو رکيو پاڻ تي
اندر اچڻ کان اڳي، ڪاتي تنهن ڪشي
رُحُ انهيءَ رِشي، ڪوڙين قتل ڪيا

(۱۳)

مصحف پاڪَ چوان، منهنڙو محبوبن جو
آيتون منجهه عشق جيُون، مطالع ڪيان
قاري اچي ڪو پڙهي، هجي هيءَ روان
حرف سيءَ سنوان، ڏنگو ڏسان ڪونہ ڪو

(۱۴)

منهن محراب محبوب جو، جامع سيءَ جهانُ
اذائي اتِ ويو، عقل ءِ عرفان
سمورو سبحان، ڪنهن کي وجي تيتيان

(۱۵)

خاصو خوب.خيال، دمامي دم دم سان
وحدت جو وصال، پانڌوڙيا پسين وجي

(۱۶)

عاشقَ، اناالحق، آکيو پيو آکيج
هادي عبدالحق، حرفُ هدايت هيءَ چيو

(ڪافي-۱)

ذري ذري ڪن چشمان چُور، نِينَ اسان کي ٿيون وهلوُر
۱. تن من سپ تاراج ڪرن ٿيون، ديدن جو آهي دستور
۲. خوني وتن خيال پنهنجي سان، ڪسن شهزادن جو شعور
۳. ناز نياز سان هڪي واري، چاڙهن سوليءَ تي منصور
۴. ساڻ ڏسڻ مشتاقن سان ڪيفي ڪن ڪلوُرَ
۵. سچل ڪيرُ ويچارو آهي، وجهن ٿيري دل ڪن قتوُرُ

(ڪافي-۲)

ٿلهه : آهي انهن اکين کي، خاصو خمار تنهنجو
ويڻو وڻي آهيان، هت ڪامل قرار تنهنجو
۱. هن کي اوهان جي ٻاجهون، آهي نہ ماڙ ڪائي
هي تا غريبُ آهي اُميدوارُ تنهنجو
۲. ٿي پاڻ کان پري تون، فرمايو اوهان جو
آهي جميل اصل ڪئون، هي اعتبار تنهنجو
۳. هن تي ڪرم وڏ ڪيو، جو درد دل بچايوَ
ساريان لطف سنپاريان، ني بيشمار تنهنجو
۴. چاهون ٿيو اوهان جو، دامن لڳو جو آهي
سچل غلام چاڻين، جو داغدار تنهنجو

داستان ٹيون

(١)

ڪي جو محب لکيو، سو مَلا واچڻ نائيو
جنين اڳ سکيو، سچل تن سهي ڪيو

(٢)

خبر ڪهين جو خط، آيُس جو عجيب ڏنهن
روئي اکين رت، ڪري مطالع من سان

(٣)

لکيُون لس لڙهان، ساجن سلامن جيُون
پُرزو پاڻ پڙهان، ٻڌايان نہ ٻين کي

(٤)

لڙهان لَسَ لکيوَن، پرين پيغامن جيوَن
سي رقيب سکيوَن، ٽو ٻڌائي ٻين کي

(٥)

ڪي جو لکيائين، سو مَلا وڃي واچيو
هڪ ست پڙهيائين ٻي ست، سڏ ڪن ۾ ٻيو

(٦)

پُرزو پڙهڻ آءٌ، آٽي، مُلا مسيت مان
سچي جو ساءُ، اچيئي سيکنهن ست مان

(٧)

هڪ ست پڙهيائين، ٻي ست واچڻ نا ٽيي
اٹين آتيائين تہ هيءَ هر جيري نہ جهليان

(٨)

نامي‌ءَ مان نروارَ، ٽي هيءَ هر جيري سندي
تنهن پلڪ پڙهڻ وارَ، ڪارو سڙي ٽيو ڪانگڙو

(٩)

رُقعي منجهان راز، مڙوئي معلوم ٽيو
نسورو هو ناز، سچل سڪ وارن سان

(١٠)

رت اکين روءِ، ٽو ساڻي سنيها ڏيئي
نهران نچويو، جارئون جَرَ هاري گهٽو

(١١)

ٻينر ڪيئن ٻنو، هيءَ جو نامَو نينهن جو
خط خُمارَ ڏنو، جيڪَس پڙهندي پرين کي

(١٢)

پڙهندي پُرزو پرين جو، ٻينر، ڪيئن ٻنوس
خط خمارَ ڏنوس، آيو ڏنهن عجيب جي

(١٣)

روئي زاروزارَ، پُرزو پرين ڏي لکيو
ڏنو خط خمارَ، اول ٽي عبارت ۾

(١٤)

اجا عبارت، لکڻ لڳس پرين ڏي
روئيندي پريُون رت، اوتڻ ٻئي اکيون

(١٥)

آيو اوڏاهون، ساڻي سلامن سان
محبت جي مان هُون، آها ويل نہ وسري

(١٦)

نامَو رات نيو، قاصد پار قريب جي
پورن منجهہ پيو، هُتِ واچيندڙ ورق جو

(١٧)

جاروَن لکيُم جو، ڪاغذ قريبن ڏي
حقيقت جا حال جي، واچڻ ويٺو ڪو
پڙهندي پنو سو، تنهن کي آنڊيون آيون

(١٨)

عريضو آڻي، قاصد ڏنو قہ ٻن جو
هنہ ويل هاڻي، سِرَ ڪربان صدقي

(١٩)

قاصد ايندئي، پيو شوڪارن ۾
نياپا ڏيندئي، ساڻيءَ ساهُ مڙي ويو

(٢٠)

نامو سارو نينهن، جو پڙ لکيو سڄڻا
رات برابر ڏينهن، مُون کي گوندر گذري

(٢١)

ڪاجا ڪتابت، آڻي پار پرين جي
سچل سا ثابت، مُون کان واچڻ نہ ٽيي

(٢٢)

پني ۾ پيغام، لکي مُکا سڃڻن
سي نہ سمجهن عام، جي آهن منجهہ اشارتين

(٢٣)

ڪي جو لکيائون، پني منجهہ پريت جي
اُهي پسي آئون، بيخود ٿيڙسُ سرتيون

(٢٤)

پهرين ست سماءَ، ڏنو واچيندڙ کي
انهيءَ خط منجهاءِ، ڇيون ڏسُ هيري ڪيون

(٢٥)

جو نامنِ منجهہ لکيو، سا هُئي هيري جي هَرَ
منجهان سپ شهر، واچيندڙ کو ليي

(٢٦)

پنو ڪيرُ پڙهي، جو پُڻُ مُکو سڃڻين
لکيو منجهہ لڙهي، متان ٻُڏندڙ ٻڏي مري

(٢٧)

واچيو جنهن ورق، جو پڻ مُکو سڃڻين
سو ٿيو جڏُ غرقُ، درد واري درياهہ ۾

(٢٨)

سکهي ڪيرُ پڙهي، هو جو نامُو نينهن جو
سِرئون سر چڙهي، موج مٿو تنهن ناهہ ڪو

(٢٩)

ولي خطُ هليو، ساڻي سلامن جو
وڃي منجهہ جهليو، وره وکوڙي واٽ تي

(٣٠)

ولي هليو خطُ، ٻانڊي پارَ پرين جي
روئي روئي رتُ، تنهن هلندي حالُ وڃايو

(٣١)

اُلو هَيڙو عشقَ جر ساڻي ساڻُ نِيو
ڪامِي پاڻ پيو، هو جو خُوني خطُ پرينءَجو

(٣٢)

هُنَ پيانيو نامُو، پر شعلو هَيڙو شوق جو
جندُ سارو جامُوَ، ساڻي سيڻُ سڙي پيو

(٣٣)

پري ڏانهن نِيو، تنهن کو خط خبر جو
پڙهندي ڏِسُ هِنيون، تنهن ڦڙڪندي ڦاٽي پيو

(٣٤)

رهبر روانو، ٿيو پريان جي پار ڏي
شل پهچي پروانو، سلامت کي سڃڻا

(٣٥)

ادا، ايندو ٽِيءُ، ولي سڪُ سنيهڙا
جاءِ ٿيي مُون جِيءُ، پروانو جڏهن پڙهان

(٣٦)

حبيبن ڏنهہ هيئن، اديون، لکجي آيو
ٿُون مُون سان جيئءِ، تيئن مُون توسان آهيان

(٣٧)

ڪاغذُ لکي ڪال، مُکَرِ جو محبوب ڏي
ڳالهيون سنديون حال، ٿيندیون پڏر پڙهڻ سان

(٣٨)

آيو ڪالهہ رقم، مُون ڏي محبوبن جو
تہ دوستيءَ وارو دم، ڪڏهن ٿُون نہ وساريين

(ڪافي-١)

ٽلهہ : ولي خبر خاطي آيو، خير صلاح جي مُون ڏي

١. پار پنيور جي اڄ سُپاڻي، تا هو ڏٺين کي سعيو
٢. طرف تنهنجي آهہ اصل ڪئون، روح سندن جو رايو
٣. نينهن جي نياپن جڏُ اسان کي، محبن ساڻ ملايو
۴. ٿيان قرباني آءٌ تنين تئون، جن تا نينهن نباهيو
۵. ايندءِ اُهي جن جي ڪارڻ، ويٺي تو ورهہ وسايو
٦. پيو پرين وٽ هاڻي تنهنجو، سچل پنڌ سجايو

داستان چوٽون

(١)

لکيو موتي مُون، ڪاغذ قريبن ڏي
الٰہ توتهين ٿُون، ٻئي جو ناهي آسرو

(٢)

چئو ڪيَر تکو، مُون کي پارڻون پرين جي
چُڪو اُنهيءَ چاش جو، چاهُون جي چکو
سرتيُون، سڀ سِکو، جيڪر لائڻ لنوَ ڙي

(٣)

نئون لکيو آيوم، پرين سندي پار جو
لنوَ ٻريو لايوم، هٿين وٺي هوت جي

(٤)

اڳيان مُحب مَٽي، متان ڪا مُنهنجي ڪرين
وَهَندو ورُ وٺي، ساڻي خبر خير جي

(٥)

وڃي ڏيه ڏلو، تو جو سندو سڄڻ
ڇڳيءَ طرح چئو، پانڌي، ڏنو ٿي پرين کي

(٦)

سندو رازَ رُقعو، آيو جو عجيب ڏٺهن
سا پڙهندي سرتيُون، مُنهنجو ساهُ سُکو
ڳالهائڻ چڪو، ڏسي ڏوراپن کي

(٧)

سنيها سي سڄڻ، لٺو چڙهيو ڏار ڏٺي
آٽڻ ۾ افسوسَ ٿيو، تنهنجي پير ٻئي
ڪتي سگهي ڪين ڪي، ٿو روپو روئي
ڪهڙيءَ طرح ٿُئي، وري سالهاهو سرتيين

(٨)

راه فراق فتير کان، والي، ويجهو ٿيءَ
ٿون ٻڌ مُنهنجو ٿيءَ، آ نوڪرُ تنهنجي نانءَ جو

(٩)

مُون ڏي محب مُڪو، دستو دلاسن جو
سندو راز رُقعو، پيئي واچيو وِڃان

(١٠)

واچيندي وياس، هاريون، پنهنجي حال کان
نامي تنهن نياس، پاڻ لکيو جو سڄڻان

(١١)

وَيَسِ تندَ ڇڇي، پهو پٽِ ڪري پيو
سُٽي سنيها نينهن جا، پَئي جهوري منجهہ جهجي
اُنهيءَ پٽ پيڇي، پيسِ روئيندي ڪيڙا

(١٢)

هي سپيئي ساري، ڏج سنيها کي سڄڻان
اوهان پاجهون سپرين، ٿي گوندر گذاري
گهڙي نا گهاري، وِلهي هت ور ريءَ

(١٣)

آڏو عجيبن جي، ڪجاڻ سڀ خبر
عاشق هت اوهان بنان، آهي منجهہ حشر
اوتي اکڙين مان پيو، بارالي بحر
ڏي دلاسو دلبر، متان عاشق هت مري وڃي

(١٤)

جيڪر لکي موڪليان، خطڙا هزارين
مانَ پڙهي پوءِ پرين، سگهڙو سنيارين
وارُ نہ وسارين، اِهو الٰہ آسرو

(١٥)

لکي خط منجان، پريان سندي پار ڏي
تہ جهجهيُون لک هُجان، منهنجيون محبوبن ۾

(١٦)

مُنجان ڪيئن لکي، ڪتابت قريب ڏي
سالي واٽ سِکي، ٻڌائي نہ ٻين کي

(۱۷)

مُون ڈٺهن اڄ لکي، جاني جدائيءَ مئون
کان ترار تکي، هُئي ڪتابت قريب جي

(۱۸)

عبارت آڻي، اڃان جوڙي لکڻ لڳيين
ويڑ ڏرَ داڻي، اچي اوتيا آنهين

(۱۹)

هي روئي سان رتُ، لکيئر ڪاغذ قريب ڏي
ڏنو خمارَ ۽ خط، پڙهڻ سان پرين کي

(۲۰)

نينهن منجهون نامي، معلوم ٿيو محبوب کي
تہ پي پانڌي پيغامي، وارهُ وڏائڻ آيو

(۲۱)

آيو اوڏاهون، اڄ ساڻي سلامن سان
هاريُون مان هئون، آها ويلَ نہ وسري

(۲۲)

نامُو ليندئي، قاصدَ واٽ ڪري پيو
تنهن ويلي ويندئي، ورهہ وکوڙيا نِکَٽيا

(۲۳)

پڙهندي پنو ڪي، واچيندڙ وهلورَ ويو
لڳين لَرزوڪي، اچي پيَڙس اوچتو

(۲۴)

ساڻي ٿي سُونهُون، واچيندو ورق کي
سو منجهہ مُطالعُ مُون هون، خوني خط پرين جو

(۲۵)

نچوڙيندي ڏُنهن، ٿي پاڻي ڪيي پڌرو
وجهي ساڻي سَنهن، تہ تون ڏيج سجدو سڃڻين

(۲۶)

ڏورڻُ ڏکَ پيوس، پني جي پڙهڻ سان
جڙ وڃڻون ساه ويوس، هئي هئي ڪندي ڪاڪيون

(۲۷)

ڪو نامُو نِينهن نِيين، پريان سنڌي پار ڏي
هَلي سان هِينين، مانَ آنهن کي آرمان ٿيي
شال نہ وسارين اهو اٿر آسرو

(۲۸)

هيڪر لکي موڪليان، هي خط هزارين
مان پڙهي منهنجا پرين، هي سڳ سنيهارين

(۲۹)

پانڌي، پُهچائي، وَرَ عريضو عجيب ڏي
قاصد، ڪونچائي، متان سورَ وجهين ساه کي

(۳۰)

حبيبن هيڪار، آڻين، وري موٽئين
ٻاهيهل ٻهار، اچي ويهہ اکين ۾

(ڪافي-۱)

ٽلهہ ۱ پانڌي نيئي پُهچاء، هي لوان نياپا نينهن جا
۱. هوت اسان کي هيترو، ٿون سانولَ ڪيَر سِکاء
۲. ڏينهن گذرن ڏک ۾، راتيون هن هوش هواء
۳. اوهان ٻاجهون سُپرين، هَئي ويئي ورهُ وَساء
۴. پرين ڏسج پاڻ ڏي، وايُون هِي وَڻاء
۵. اگن اچي هن جي، سگَ سچل سرچاء

سُرُ سهڻي

(١)

مِيهارُ کي مِهر، پَوندي مَنِ مٽين
سهڻيءَ جا سُٽي، سڏڙا وڃان سِيرَ وَري

(٢)

ميهارُ کي مِهرَ کا، پَوندي مَٽين مَنِ
پنهنجو ڦربَ ڪَنِ، نہ تہ ڪارُونپارُ کيرَ تري

(٣)

جي سين دل دلي سان، ساهڙُ ڪيَن سچو
ڪچو ٽِيُسِ ڪچو، تا ساهڙ پڳس سِير ۾

(٤)

ڪچو سچو کين ٽي، توڙي رَچي رنگ
سچي سندي سنگ، ڪچا سچا ٽي ويا

(٥)

اچي وڃي وچ مان، وڃان کين وري
ڏسي نَ کا وائسي، گهوري گهيرَ گهڙي
تَرَيُون ٽي تَري، تارُونٽڙي جيئن تار ۾

(٦)

چڙن جي چُونگارَ، مُنهنجو چتُ چريو ڪيو
راتان ڏينهان تن ۾، تن جي اُر تار
مينهين ۽ ميهارَ، سندي سِکَ سَريرَ ۾

(٧)

مينهين جي مٿان، گهوري وڃان گهوٽ جي
ڏهان ڏهنِ ۾، وڃين جي وڃان
لاهيان ساهڙ جي وڃي، اچن سان اَڃان
لڃان کين ڪُجهان، مِلڻ لئي ميهارَ جي

(٨)

پَريان پئي ڏسان، ڪانگهاريون ڪپر ٽي
رنيُون ٻَڌي روح ۾، رويون پئي رُڳان
پوياڙيءَ پيان، تازا کير تنين سندا

(٩)

نَ کا ڪَندِي نَ ڪَپَرُ، نَ کا وچون واهہ
مُنجهيا موجن ۾ اُٿي، سياڻا سيٽاهہ
سُهڻي گهڙي سير ۾، ڪري ڪاهُون ڪاهہ
پاڻي ۾ پناهہ، پَرَوَر ڏِنَس پاڻ کٽي

(١٠)

هٽي هٽي هجُ ٽي، هڏ ٽيس هيٺا
سُپاريائين سچو چوي، لاکي کي ليٽا
ٻَڌندي جا ٻيٽا، ساهڙ ڪيا سير ۾

(١١)

هٽي هٽي هج ٽي، هنئي ٽي هيٺي
واهڙَ ۽ ويرَن ۾، ٽي واڳن وَهيٺي
سير اندر سُهٽي، ويچاريءَ وسَ ڪيا

(١٢)

دلي سان هُئي دل، دادليَ دليرَ جي
اُنهيءَ ڏَنس اوچتي، جل اندر اُڇل
ڪَلَ هُئي ڪُنهار کي، تہ خاکي منجهہ خلل
مٽيءَ جو مَحَل، پُرزا پاڻي ۾ ٽيو

(١٣)

هٽ نہ مِلي هٽ کي، سالم سيٽاهين
ڏڏڪا دم درياهہ ۾، ڪپر پيا ڪپين
موج پسي مهراڻ جي، متيون ٽيون مُجهين
پَرينءَ کيئن پُڃين، هٽڑِ پٽڑ هوت کي

(١٤)

گهڙن جي گهيڙاءُ، تانگهو عشق تن جو
جن کي عشق عليلَ ڪيو، سي ايندیون اوتَڙاءُ
جي سُور چکنديُون ساءُ، مهر سي ماڻيندیون

(١٥)

سائر منجهه سهسَ، گهيڙ گهڙڻُ آيا
ڪو سِرُ سيڻاهيو ڪيي، مالي مان مَسَ
سچل لنگهي لَسَ، شرط وڃي پيا شهَ ۾

(١٦)

اچي اوتڙاءِ، گهڙيسِ گهوري جندڙي
چڙَ هِيَسِ ڏاڍي چاهه مان، مستي موج مٺاءِ
تڙُ لهي ترَ پاءِ، شرط لنگهي پيس شهه ۾

(١٧)

جي وڃي شهه پيا ، مشڪل موڙ تن جو
چا تانگهي چا تار ۾، ٻَڌي پَوَنِ پيا
جي وڃون پاڻ ويا، سي پاڻُئي پاڻي ٿيا

(١٨)

سان پريِن وچ ۾، وهي ٿو درياهه
آهي ڪونه اسّان جو، هادي ري همراهُ
سپيريان تان ساهه، سچل تان صدقي ڪيو

(١٩)

سان پرين وچ ۾، دور وهي درياءِ
چوليون چران ٿي ڪري، پيو وڃُئي واءِ
سُئي آهُون آءٌ، ميان هن مشتاق جيُون

(٢٠)

سان پرين وچ ۾، جرُ وهي حباري
هِڪَ ڪڙَڪو ڪَنَنِ جو پوي، ٻُون ويريون ڏي واري
هُٽِ ساجن جا ساري، سا دِهلي ڪين درياءِ ڪئون

(ڪافي-١)

ٽلهه : جنهن ميهرُ ملايو، تنهن گهڙي تان گهوري آهيان

١. تنهن ڪنيرِ تئون قربان. جنهن ڪچو پچايو
٢. اوهين جيڪُس جيڏيون، اهو پيلو ٿيون پانئيو
٣. تنهن مونکي تار ڪَنَنِ مئون، منجهون لهرن لنگهايو
٤. اُنهيءَ داب دلي جي، سارو درياءِ دهايو
٥. پاڻ پنهنجو سرتيون، مان گهوري گهمايو
٦. اصل اڻ تاريءَ جو ميان، آهي ساهڙ تي سايو
٧. سيڻاهن جي سرتيون ، مون کي لاري نه لايو
٨. ساهڙ ، سيرَ ۾ تو وٽ، سچل الله اڪيرئون آيو

(ڪافي-٢)

ٽلهه : ڪنهن کي ڳالهه سُڻايان، ميهر سندي موج جي

١. سِڪَ سآوڻُ ڪيو ساهه کي، ڇولي تان نه ڇپايان
٢. دعا ڪريجو جيڏيون، سندُن نينهن نپايان
٣. سارنگ آيم سرَ تي، سو ٿي وِرهُ وسايان
٤. ڳالهه پريَنِ جي ڳجهه جي، هين کي ڪيئن ٻڌايان
٥. وهي سِيرَ سريرَ ۾، لهريُون تان نه لڪايان
٦. سچل ساهڙ ساهه کي، اوڏو ئي پانئيان

(كافي-٣)

ٹلهه : اڄُ اسان وٽ آءِ، ميان، تون مينهُن وارا ميهار، ميان
١. پاڻي آپڙُ نه ڏيئي، هڪُ ويريُون ٻيو واءُ، ميان
٢. ڪاري ڪَنَ لَهريُون لَسان، دورُ وڏي درياءُ، ميان
٣. ساهڙ سيبٽُون توهانجي، سرتيون ڏينِ نَ ساءُ، ميان
٤. سيٽاهيو تان سَنٽُون وڃي، هن ڪُنَنِ ڪَان ڪاءُ، ميان
٥. پرين وڙُٽون پنهِنجي، سڃل لهُه سَماءُ، ميان

(كافي-٤)

ٹلهه : شهَ درياه تي وڃي پياسي، لهرين ڪيئي ڪُنَ لَسَ لنگهياسي
١. سيرَ سَمُوندِ جي آندا آتاهين، وِسري ٻيا سيُ وَهَڻ وياسي
٢. ڪارونيارُ مڙوئي ڦلزَم، نينهن برابرِ آتي وو نياسي
٣. ظاهرُ پهريون لهرَ ڏني سي، پوءِ سارو پاڻي پاڻ ٽياسي
٤. فوق تحت جي خبر نه پوندي، خوني موج ۾ موج ڪنياسي
٥. سڃل اتي سچ ٽيو، جَرَ ڇُلڪَ جي سِرِ چڙهياسي

سُرُ ڪوهياري

سسئي پُنهون

داستان پهريون

(١)

الئي پهر اٽ، ٽو اوڳو اوڳاري
لَهُون لاڻا لاسيُون، ٽو ليڑو لَواڑي
جَري چُري ڪين، ڪيرُ چَري ڪي چاري
پَري پَرْي ڪين ڪي، ٽو ٽوهر ٽوهاري
پُوري ٻٽاري، سڃل پٽُ پڌرِ ڪيو

(٢)

پلاڻي پُنهُون ويا، ڊگهاء ڏوها
ڇُلاري ڇپر ۾، ڇڏياڻون ڇوها
تواريندي توها، سسئي سڻا ڪين ڪي

(٣)

مَيا، آڻَ مَيا ٽو، ڪنيو وتين بارَ
مَتان ڪٽين مَيارَ، گونهي ٽي گومي ڪرين

(٤)

ڏاڳهن ڏيرن، ڪيو ڏوهڙ سان ڏاڑو
نڌر ڪي نصيبُ ٽي، شل پنهل جو پاڑو
وندرُ حَبَ هاڑهو، سڃل سِڪَ لنگهايو

(٥)

چانگن جي چوري، پڌر پوي نه ڪڏهين
آءِ تنين گهوري، جي چانگين چڙهي آيا

(٦)

ويندي ويڙ چانگن جو، چُريو ڪين چڑو
ڇپر ۾ ڇوريءَ ڪي، ڇڏي ويا ڇڑو
ڏيندو ڪين ٻروچ، بَڑي، ٻانيڙ ڪي بُڑو
مئيءِ ڪي مُحب مِڑو، مُون کان ڏُرُ ٽيلهيو نه ٽيي

(٧)

ٻانيڙ جو ٻروچ سان، اصل آهي ٻول
قالو سندو قول، پينرَ ڪين پُلايان

(٨)

ٻانيڙ جو ٻروچ ســـــان، ٻول اصل آهي ٻُڌيءِ ٻوءِ ٻُنهل جي، چپـــــرَ چَلڻ چا هي لاڳاپا لاهي، ويندیس ڪِ ڪوهيـــارَ جي

(٩)

ٻانـيـڙ جي ٻـاڪـار، ٻڌي ٻـاروچو آيـو وَرَ ، وسـارج ڪين ڪي، جا واقف نہ وٺڪـار سگهڙي لهج سـار، سـائينءِ لڳ سچل چوي

(١٠)

ويندیس ڪِ ڪوهيـار جي، آءٌ لاهي لاڳاپا سـرتيون، چڏيا سڀ سچل، سنگ ۽ سـياپا جي وڃن پاڻ ٻُنهل ڏي، جو مُنجن نيـــاپا شـاڪا ۽ شـاپا، وجهندي ويندیس ور ڏي

(١١)

وجهندي ويندیس ور ڏي، شـاپا ۽ شـاڪا ڪاهي هلندي ڪيچ تي، ڪاڪيون ڙي ڪاڪا وکڙ ور وندر جا، جت جبلن جا جهـــاڪا آري ، اُت آقـــــا، ڪندو ور ولهيءِ جي

(١٢)

اصـل آريءِ جام جي، ٻانـيـڙ آءٌ ٻـانـهـي جارَ ڪَير جانـب تـان، هيءِ جندڙي جواني سـر سـهايـر سـهـڻل لئي، بر ٽـر بيبـاني مـاسَ هن مُٽل جو، آ مـروئن مـهـمـاني مـر ڏسي جاني، تہ ڪچو لاتائين نہ ڪُل کي

(١٣)

ڏونگر ڏوري مـرَ مـران، مـاءُ مِروَن ڪـائين آندا گونـدا اوجهـريَون، پَلَ ڇُجهُون ڇڙڪائين هَليـوَن هينيـون چيري چچري، چنبنِ ۾ چائين ٻوءِ مـرَ ٻُچائين، تہ هي قـرباني ڪيـرَ ٿي؟

(١٤)

ڏيان باءِ ٻنيـور کي، شل ڪيچ وسي ٿي ڪيچَ آءٌ بـه اوڏهين ويڃي، جي پـائـي ويـڙم پـيـچ ويـڙي ويـڙي ور جا، روح پـون ٽـــا ريچ سـر واهيـا سـرويچ، سگ سچل جو تن سـان

(١٥)

دُعا ڪريو ڪا دل سان، منهنجا ڪيچي ڪيچ ڏين پاراتو ڪا ڪانہ ڏي، منهنجي مـتـارن مَيَنِ جيڏيون ، جت جِيئنِ، جي سُونپي سُورَ سچل ويا

(١٦)

ســچل کـي سَوَ سُورَ، ڏيئـي ويـا ڏاج ۾ دردن ڏني دعـوت آئي، پنهنجا ٽـير پُور آيل جي اسـوُرَ، پاندَ نہ پوي تن ســان

(١٧)

سَرواٽنِ مَون ســاڻ، پَلئـون پـلائي ڪئي جن جاڳايو جوش کي، آءٌ اُتن قـــربانَ هاروچاٽو هاڻ، تڏهن لوَنءِ لوَنءِ ۾ لڳي ويو

(١٨)

اُتي ڪمـر بندَ، لوچ تہ لهـين سُپـرين هاڙي وارو هنڌ، ڏسـين اکـڙين ســان

(ڪافي-١)

ٽلهـ : مـون ۾ عـيب اپار، آءٌ سـڃڻ تنهنجي ٻانهـڙي آهيـان

١. ٻانهن جي آءٌ ٻانهي آهيـــان، ســـاري سڀ جمـــار

٢. هُڻـان هميـشـه هوت ســان، شـال نہ ٽـيـان ڏار

٣. اوڇـڻ ڪنديس اڪـــيـــون، پٽـــرَ ڪنديس وار

۴. پاڻ توئي تئـــون صـــدقي، ســـسي ســـاڻ ڪپـــار

۵. ســاهـ ســچل جـو ســوگـهـو ڪيڙو، رکي يارانـو يـار

داستان ٻيو

(١)

روئڻ زاروزار، راتيان ڏينهان آهِ مُون
ڪوڙي ڪانَ قريبُ ويو، هنئين منجهه هزار
هن گولي‌ءِ جي گفتار، ڪا ٻڌَوَ ٻاروچن ٻر

(٢)

وَڃڻُ ذوق ضرورُ، هن ڪاهَل آهي ڪيچ ڏي
ڏسان شال اکين سان، هوتيائون حَضور
هن مُئي‌ءِ سندو مذڪورُ، ڪو ٻڌَوَ ٻاروچن ٻر

(٣)

پرين ڏيئي پُورُ، ويا ويچاري‌ءِ کي
دُنيا جو تنهن دُور ڪيو، سيو شوق شعورُ
هن مُئي سندو مذڪورُ، ڪو ٻڌَ ٻاروچن ٻر

(۴)

رِي‌ءِ ناڻي گولي، آءُ آهيان آرياڻي‌ءِ جي
جو ڏنائون ڏاج ٻر، سو جهليَرِ جهولي
جانِ جوسو هِي‌ءَ جندڙي، گهوٽ مٽان گهولي
هن ٻانهي‌ءِ جي ٻولي، ڪا ٻڌَوَ ٻاروچن ٻر

(۵)

ساريُون پُڇي ساتَ، سنديُون ڪيچِن خَبرون
هيڏي اچڻ جي هُئي، ڪيچيَڙن کي ڪاتَ
منهنجي پي مصلات، ڪا ٻڌَوَ ٻاروچن ٻر

(٦)

هِي‌ءنماڻي نال، سنگت نجو ساڻيو
ايندي پُئي‌ءِ اوهان جي، جيهي تيهي حال
هن ڳولينڊڙ جي ڳال، ڪا هُئي هوتائين ٻر

(٧)

ساريُون سڪ سبيل، اندر منجهه عجيب جي
راتيان ڏينهان ٽي ڪري، زاريون منجهان ذيل
هن ڪميٽي‌ءِ جي قيل، ڪا هئي هوتائين ٻر

(٨)

ڪري ساڻ سُوال، ڪيچين جي ڪا ڪَل ڏيو
جا ڇڏياڻون ڇيرين، موٽڻ تنهن محال
هَئي هَئي آرياڻي ري‌ءِ، هيڙا ٽيڙِ حال
سچل جي سنيال، ڪا هُئي هوتائين ٻر

(٩)

اچج آري جام ، مٽي مُنهن مُوڙهي‌ءِ ڪري
مُون کان مِير مُدام، هِي ٽَرُ ٽيلهيو نہ ٽِيي

(١٠)

آءُ ٿُون پُنهُون يار، ڏسي حالَ حَقير جو
هِنَ نماڻي‌ءِ نِڪارَ، هِي ٽَرُ ٽيلهيو نہ ٽِيي

(١١)

هن دم آري آءُ، ناهيرِ حالَ هَلڻَ جو
مُون نماڻي‌ءِ کانءُ، هي ٽَرُ ٽيلهيو نہ ٽيي

(١٢)

ٻاجهه ٻاروچا ڪر، مون ٽرُ ٽيلهيو نہ ٽيي
ويچاري‌ءِ جي وَرِ، ڪَرِ بلوچا بيبان ٻر

(١٣)

سا هٿان ويل ويامِ، ڪاڪيُون هاڻي ڪيئن ڪريان
ٽيلهڻُ ٽر ٽيام، هاڻي هوتائينِ لئي

(١۴)

ڏيهہ ڏڪي‌ءِ جو ڏورُ، رهبر رسُ رُجَ ٻر
مون ويچاري‌ءِ مُورُ، هيَ ٽر ٽيلهيو نہ ٽيي

(١۵)

راتيان ڏينهان رتُ، اوتڻُ آيم آن ري‌ءِ
آيل، عشق عليل ٻر، شال نہ پوي قط
جبل سپ جهاڳي وڃي، جيڏيون ڏسان جتُ
هن مُئي‌ءِ سندو مَتُ، پوي شل پرين ٻر

(١٦)

جبل جالُون جال، سو مُون ڏورڻ نہ ٽيي
وڏا وڻ وٽڪار جا، قافَنِ ڪوهَ ڪشال
هي مُون ڏسي حال، من ٻاروچل ٻاجهه ڪري

(۱۷)

ڪوڙين قرباني، ٽيهان هوت پُنهوءِ تان ساهُ سِري صدقي ڪريان، سندُنِ مهماني هيءِ جوپنُ جواني، آيل، آجائي گذري

(۱۸)

هَئي هَئي ڪارڙ هوت، ڏونگر ڏورڙ آيا متان تائين موت، وو وو تون وسارئين

(۱۹)

وو وو تا مَر وِسارِ، متان مَٹي ماڻِ ڪرين پلپل پيئي پچار، پچر تن پرين جي

(۲۰)

ڪيرَ وساري ويهَ، وو وو ڪر وندرَ ہر پچڙ ڪارڙ پرين جي، پاڙي پاڙي پيهَ ڏيهه ڏٺين جو ڏيهَ، حاصلُ ٽيهي حُب سين

(۲۱)

متان ويهين ماڻ ڪري، جَلهي جُلندي جُلُ هيئن ويهَ نہ هَلُ، تان ڪي پڇين پنڌ ڪي

(۲۲)

ويهَ نہ وساريج، متان ماڻ ڪري وهين قولَ آهو پاڙيج، هَو جي ڪيڙَءِ هوت سان

(۲۳)

متان وسارين، وو وو ڪر وندرَ ہر جي گوندر گذارين، سي تو چگا ڏينهڑا

داستان ٽيون

(۱)

آريءِ جي اچڙ جو روزُ نهاريان راهَ آٽيندسِ الله، سچل سِرُ صدقي ڪري

(۲)

مُون کان ٽيهي نہ پنڌُ، آري جامَ اچيج ٿُون هاڻي ڏي مون هنڌ، پائِٽي ڏاري سُپرين

(۳)

آري ، اچين شال ، نماڻيءِ جي نجهري هِي مون ڏسين حال، ڪرين غورُ غريب جو

(۴)

گهٽا ڏينهن ٽيا، مون ڏوريندي ڏونگرين جي مون سڏ ڪيا، سي ہڏي ہاروچا وَرين

(۵)

ہڏي ہاروچا ورين، هن عاجز جيُون آهُون درد پريون دانهُون، ڪري ٽي قافَنِ ہر

(۶)

جي مُنهن ہاروچي ڏِسان، تا سيئي ٽِيَنَرِ سڪَ ڏور ٽِيَنِ مون ڏک، پسڻ ساڻ پرين جي

(۷)

ناهه ويچاريءِ وسُ، جو واڪا واڪ نہ آڇهَنِ ڪِهين ڇِنَ نہ چڏيان، سندو گورَنِ گسُ ڏونگر منجهان ڏَسُ، پوندَم هوت پُنهل جو

(ڪافي)

ٽلهه: سرتيون ! منهنجو ساهه، هاڙهي سي هوت وڃي ويا

۱. ڪونہ ڪميٽي جو ٽيهي، هادي ريءِ همراهَ
۲. پينرُ شهر پنيور ہر، آٽيندُنِ الله
۳. هنڌئون جهين هوت ويا، روئي چُمان راهَ
۴. پرڏيهين تي ناهِ ڪو، وريتيُون ويساهَ
۵. آهي رفيق ريجُنِ ہر، سندو سوزُ سپاهَ
۶. ناهيم ہئي ڪنهن لوڪ جو، پاڙيچيُون پرواهَ
۷. معافُ سچل کي سي ڪندا، جيڪو ڏوهَ گناهَ

(٨)

ويڙهِ لالڻُ لوه، هِيءَ اٽاسي نندَ ۾
پَلي هيڻن نہ پاڻيو، پيو پروڙڻ پوءِ
هوتَ وَڻجِ جي هوءِ، تا سڪِ گداريان ڏينهڙا

(٩)

منهن ڏيئي آيام، جبل جهاڳڻ ڪيچ جا
طعنا ٽڻڪا لوڪ جا، سِرِ چڳا چايام
پليءِ پَتِ پاڻيام، سهرا سُور سڄڻ جا

(١٠)

ويڙهِ نڪري قافلو، آءُ مٺي راهِ رهي
هاروچا ، پئي، هِتِ ٽي وِرهُ وسايان

(١١)

ويڻي ورهُ وسايان، ڪانڌ اچي لَهَ ڪَل
جاني ٽنهنجي جَلَ، منهنجو اندرُ اڌ ڪيو

(١٢)

مُنهنجو اندرُ اڌ ڪيو، فنا هن فراق
مري ٽي مُشتاقِ، ڪا وَر ڪر ولهيءِ جي

(١٣)

ويڙهِ نڪري قافلو، ڏاڍو ڏيئي ڏکَ
ويڻي ساريان سڪَ، جو هيڪڙ هُيسِ هوت سان

(١٤)

ويڙهِ نڪري قافلو، ڪائي نہ پيئي ڪَل
سيني اندر سل، سلي ويڙهِ سپرين

(١٥)

ويڙهِ نڪري قافلو، اديون ، آڏيءِ رات
جَتَن سندي ذات، ڏسان شال اکين سان

(١٦)

ويڙهِ نڪري قافلو، ڪَل نہ مون پيئي
حالُ سندڙِ هيئي، ٻڌي هاروچو وري

(١٧)

ويڙهِ نڪري قافلو، هاڻي ڪيئن ڪريان
ويڻي ڏکَ ڏريان، پرين ريءِ پرڏيهه ۾

(١٨)

ويڙهِ نڪري قافلو، آيل چُپ چُپات
هاروچاڻي ذات، مانَ مُون سين ڪو وڙَ ڪري

(١٩)

چپر تا مرَ چڏين، آءُ هوتاڻي حَبَ ۾
هن ڪميڻيءِ ڪڏين، هي ڏرَ ٽيلهيو نہ ٽي

(٢٠)

جي هُئي ڪميڻيءِ ڪل، تا صَبُوح ويندو سالڙو
تان مُون تنهن مهل، پُرزا پُرزا ٿاڻ ڪيو

(٢١)

ويڙهِ نڪري قافلو، آءُ مٺي راهَ رهياس
جيڏيون ، آءُ جياس، جِرَ جتن کي ڏسان

(٢٢)

جَرَ جتن کي ڏسان، تا سَهَڻي ٽِينڙِ سڪَ
ڏور ٽِيَنِ مون ڏک، پسڻ سان پرين جي

(٢٣)

ويڙهِ نڪري قافلو، آءُ پيرين پيادي
ٽي مون شادي، جي ڀڳڻ هاروچي ڏسان

(٢٤)

ويڙهِ نڪري قافلو، آءُ پڻ ڪٽان پيَر
ڏک ڏيئي ويا ڏيرَ، مانَ هاروچو ٻاجهه ڪري

(٢٥)

ڪر، هاروچا ٻاجهه، هن نڏرِ نمائيءِ تي
ويڻي وجهان واجهه، اوهان جي مون اچڻ لئي

(٢٦)

مون هٿان پيئي، ڏوهه نہ ڏيرن ڪو ڏيان
حالُ چوان هيئي، هلي هوتاڻِيَنِ کي

(٢٧)

هِنَ ڏکيءِ کي ڏير، وجهي وٽِ وڏي ويا
ڏورڻ هاڻي، سرتيون، سيئي ٽير سير
پُڄي لهان پير، آيل، اولينڙِ جا

(٢٨)

آڻي ويا اولار، ڪٽي ساڻ سويلَ جو
هاڻي آيل، آيا، ڏورڻ مون ڏونگار
ٻيا ٻي هوت هزار، مُنهنجو ٻيڙ ٻُڌوءِ سان

(٢٩)

مُنهنجو ٻيڙ ٻُڌوءِ سان، آزَلَ لاکون آهِ
هاڻي ويهڻ ڇاهِ، ٻيندڙ ٻيڻ ٻيڙ ٻيو ر

(ڪافي)

آءٌ ويندي ٻُنهل جي پار ميان ، ٽڪيَس ڪين ٽرن ر
١. مُون منُ ڪڏي ڪوندرين، ڪيچي ٽيُرِ قرارِ ميان
٢. ذات جتن جي جيڏيون ، جيءُ وڏمِ جارِ ميان
٣. ڪَندِي وچي ڪيچ ڏي، ڪنيزاڻي ڪارِ، ميان
٤. آهي ڪارڻ قريب جي، وڃڻ مون وٽڪارِ، ميان
٥. سارو ڪرُ سچل جو، آهي اُنهن جي اختيارِ، ميان

داستان چوٽون

(١)

چگي ٻُنهُون چِت، سدا آهي سرتيون
ڏي تَ ڏکائي ڪنهن کي، پاڻهي رکي پت
هوت ٻنا مون هِت، ڪريان ڪوءَ ٻنيور ر

(٢)

ڪريان ڪوءَ ٻنيور ر، ور ٻنا ويهي
جيهي جا تيهي، وڃان ڪيچيڙنِ ڏي

(٣)

ڪريان ڪوءَ ٻنيور ر، ٻُجاڻان پرين
وارَ نہ سي ويهَنِ، جنين مٽي مامِرا

(٤)

ڪريان ڪوهَ ٻنيورَ ر، هاريُون ، ٻنا هوت
مُون تائين موت، وو وو ورَ نہ وسري

(٥)

ڪريان ڪوءَ ٻنيورَ ر، ٻُنهوءِ ٻجاڻاءِ
سوز چکايو ساءِ، ويهڻ مون وهَ ليو

(٦)

ڪولنِ گڏ گڏرانُ، ڪاڪيُون، ڪنديس ڪيچ ر
آريءِ ٽي ارمانُ، مانَ ڏسي حالُ حقير جو

(٧)

ساڻ سويل سرتيون ، وڏيءِ ويلَ وِيومِ
ونڊرِ جي وٽن ر، ووڙَڻَ ورَ ٻيومِ
ٽيلهڻَ ٽرَ ٽيومِ، هاڻي هوتائِينِ لئي

(٨)

پَريَتِ ٻُنهُوءِ جام کي، آڻي عشق ڪيو
سچل سگَ ليو، هِڙن هوتائِينِ سان

(٩)

اندر آگِ عشق جي، ويو ٻاروچل ٻاري
ڪارڻ ڪوهياري، مٽي راهَ روڻان گهٽو

(١٠)

مٽي راهَ رنجُورَ، ويچاري واڪا ڪري
سگهي ويندي نڪري، هوتائين حُضورَ
موٽي هڏِ نہ مُورَ، پسڻ ريءِ پرين جي

(١١)

جان جان ٻلان نہ هوت، تان تان ماءِ ، نہ مون مران
مادر ، تائين موت، اهو الَر آسرو

(۱۲)

وندر ۾ ويهان، ڦولن پيُون پرين کي
نالِ جنين نينهان، هوتُ تنين هنج ۾

(۱۳)

وندرِ جي وٽن ۾، ڪري واکا ويچاري
جا محبوبن ماري، تنهنجو موٽڻُ مس ٿي

(۱۴)

وندر جي وٽن ۾، زورُ ڪريان زَاري
چڏي ويا چپرين، ڏوہَڙِ هِيءَ ڏاري
هِڪُ واچوڙا واٽ تي، ٻي وسي ٿي واري
ڪا وَرَ ڪيو وَرَ مون، آهيان ولهي ويچاري
سچل هي ساري، عُمرِ گذاري آسري

(۱۵)

وندر جي وٽن ۾، زور ڪريان زاريون
نيلا نير اکين مان، هاڙهي ويس هاريون
اديون ، آريءَ جام جا، ويا روڏا روئاريون
سچل سي ساريون، ويندس ڪِڏ ڪوهيار جي

(۱۶)

اديون، آريءَ جام جا، ويا روڏا روئاريون
هن مُئيءَ کي ماريون، هوت وجن ٿا لِکريا

داستان پنجون

(۱)

ڪيچان آيو قافلو، راتِ موچاري رُوہ
خُوبُ هُئي خوشبُوہ، ساري شهر پنيور ۾

(۲)

ڪيچان آيو قافلو، مون ڪر پچيائون
ڪرمُ ڪيائون، مون هن نماڻيءَ تي

(۳)

ڪيچان آيو قافلو، خوبُ ٿيس خوشحالُ
چگو ٿيڙم حالُ، پسڻ سان پرين جي

(۴)

ڪيچان آيو قافلو، رُوہ موچاري رات
سندي جتن ذات، واسيو شهر پنيور کي

(۵)

ڪيچان آيو قافلو، ڪٽي عطرَ عنبير
تِهين جي تاثير، واسيو شهر پنبور کي

(۶)

ڪيچان آيو قافلو، ڪٹوري ڪٽي
تنهن جي هُبَ هٹي، واسيو شهر پنيور کي

(۷)

ڪيچان آيو قافلو، پينرُ منجهه پنيور
هِيءَ ڪميٽي ڪير، جا سودو ڪري نہ سپرين

(۸)

ڪيچان آئيو قافلو، ڪٽي ڪٹوري بارَ
هنڌ هنڌ ٿي هُبڪار، نار پينر، پنيور ۾

(ڪافي- ۱)

ٽلهه : سا ڪندي ڪيئن قرار، جيڏيون جنهن جو جِيءُ جتن سان

۱. وِرہَ وارن کي سرتيون ، ويجهو آهي وٽڪارُ
۲. پڙيُون ، پاروچن جو، نينهن لڳُ نروارُ
۳. محبت ڪڏهن نہ ليي، خرچين لکَ هزارُ
۴. چڏي لاڳاپا لوڪ جا، عِشقُ ڪيُرِ اختيارُ
۵. سدا آهي سچل کي، پينرُ ، برهُ بهارُ

(۹)

ڪيڇان اڇي قافلو، مون وٽ ٽيو مهمانَ
سڇل ساري سات جو، هو آرياڻي اڳواڻن
وساريندیس نہ ور جو، اڇوڪو احسانَ
مولي مهربانَ، نڏر نماڻيءَ تي ٽيو

(۱۰)

ڪيڇان اڇي قافلو، رسيو راتو رات
سمجهي ڪيرُ سڇل، چوي بلوچن جي بات
مون کي مات، ٻوليءَ ٻاروچن جي

(۱۱)

باري برهُ بلوچ جو، آهِ نسورو نور
راتيان ڏينهان روح ۾، محبن جو مذکور
وڃڻ آهِ ضرور، ڪاڪيُون، ڪيڇيڙَنِ ڏي

(۱۲)

باري برهُ بلوچ جو، هيٺيءَ جو همراهُ
روهَ منجهارون راهُ، ڪاڪيُون ، ڏئم ڪيڇ جي

(۱۳)

باري برهُ بلوچ جو، رڳوئي راحت
ساريان سا ساعت، هيڪاندَ هُيَڙس هوت سان

(۱۴)

باري برهُ بلوچ جو، سرتيون، جن شامل
ڪيڇ ڏٽيءَ ڪامِل، تن کي ڪيڇ ڪوڏايو

(۱۵)

باري برهُ بلوچ جو، آهي مٽرِ محڪر
سندو دوستيءَ دمرُ، ڇڏيان نہ ڇڻ ڪهين

(۱۶)

باري برهُ بلوچ جو، اونداهي اوجر
ساڻي آهه سيرُ، سو نہ ڇڏيندو ڇيرين

(۱۷)

باري برهه بلوچ جو، اديون سر آيومِ
چاهوَن چُمي تنهن کي، چشمن تي چايوم
ورهَ وسايومِ، نينهن پنهنجي نجهري

(۱۸)

باري برهُ بلوچ جو، هاريون ، هدايت
ڪندو ڪفايت، پاڻئون واڻي پنڌ ۾

(۱۹)

باري برهُ بلوچ جو، سارو سعادت
ڪاڪيُون، آهي قاف ۾، هيئن هدايت
ڪندو ڪفايت، پاڻئون واڻي پنڌ ۾

(۲۰)

باري برهُ بلوچ جو، تن کي تقويت
سندي سُور صفت، پڇين نہ پر ڪهين

(۲۱)

ڪيڇيڙن مون ڪالهه، دمرُ دمرُ دلاسا ڏنا
هَئي هَئي منهنجي حال، جي ويهي هت وساريان

(ڪافي- ۱)

ٽلهه: ڪيڇين جي ڪِ ڪاهِ، متان ويهين ڪين وساري
ڏسندينءَ ڏونگر چوٽيين، ٻلوچاڻي باهه

۱. قولج پاڻ فقيرُ ٿي، وندر جي وڙاهه، ڪيڇين جي ڪِ ڪاهه
۲. ساري شهر ٻنيور جا، لاڳاپا لاهه، ڪيڇين جي ڪِ ڪاهه
۳. متان ويهين ماڻ ڪري، ڏونگر ڏورج ڏاهه، ڪيڇين جي ڪِ ڪاهه
۴. عرض وڃي ڪر روبرو، ٻيا ساڻي ڪير سنباهه، ڪيڇين جي ڪِ ڪاهه
۵. ٻانهي ٽڄ ٻروچ جي، ڪو تون سگَ نہ ساهه، ڪيڇين جي ڪِ ڪاهه
۶. روح رهي هت هوت ريءَ، سڇل ڪنهن نہ صلاح

(كافي-٢)

ٽلهه : ساريو ڏيه روڻان ڙي، هُيس جيڪي هوت پنهون سان
١. ٻڌڻ وارو ناه ڪو، جنهن کي چوان ڙي، ساريو ڏيه روڻان ڙي
٢. قاصد اچي ڪو اوڏهون، پيرين تنهن پوان ڙي، ساريو ڏيه روڻان ڙي
٣. انهن ٻاجهون سرتيون، نتُ نتُ سُور نوان ڙي، ساريو ڏيه روڻان ڙي
٤. ماريو محبُوبن جي، طلب ناهِ توهان ڙي، ساريو ڏيه روڻان ڙي
٥. غرضُ نہ رکان لوڪ جو، هِڪُ سائين هُڻن سنوان ڙي، ساريو ڏيه روڻان ڙي
٦. سچل ٻاجهون سوڙ جي، ٻيو لاتيون ڪين لنوان ڙي، ساريو ڏيه روڻان ڙي

داستان ڇهون

(١)

پُڻيءَ پئي پنهل جي، هيءَ ويچاري ويندي سسئي نا سيندي، وندر واريءَ واٽ جي

(٢)

پُڻيءَ هوت پنهل جي، ويندي ويچاري ضعيفه زاري، ڪندي در دوست جي

(٣)

پُڻيءَ هوت پنهل جي، هاڙهي هلندیون سي سور نہ جي سلنديون، ڪشالا قافن جا

(٤)

قاف ڪشالا ڪيترا، ٽڪيءَ کان نہ ٽِيَنِ جيڏيون ، ڪاڻ جتنِ، مٽي روڻان گهٽو

(٥)

قاف ڪشالا ڪيترا، باري بر بيبان لانگها هِڪُ لکن جا، ٻيو ڪوهن ۾ ڪُهدان اڳيان ڏين ڪين کي، هلڻ هي حيوان آءُ آرياڻي اڳوان ، مون کان ڏونگر ڏوريو نہ ٽي

(٦)

قاف ڪشالا ڪيترا، مارڪ مٽاهون چوريءَ کي هت چيرين، چڏي وٽين چاهُون توکي ڪري درد مان، ٽي دردمندي دانهون تون اچج اڳاهون، مون کان ٽکر ٽاکيو نہ ٽي

(٧)

قاف ڪشالا ڪيترا، ڪڏهين مون نہ ڪيا وٽون هوت ويا، ڪٽي ساڻُ سويل جو.

(٨)

قاف ڪشالا ڪيترا، پُڇن مون نہ هٽاءِ اچ آرياڻي آءُ، مون کان جبل جهاڳيو نہ ٽي

(٩)

قاف ڪشالا ڪيترا، جت جانارن جايُون غوفائن غارُنِ ۾، آتِ بيحد بَلايون ماندیءَ کي مارڻ لئي، نڪتيون نِنايُون سچل سهايُون، سيڃُ آريءَ سندي عشق ۾

(١٠)

قاف ڪشالا ڪيترا، پري پُجهنِ پنڌَ رويُون چمان رندَ، آيل، اولارنِ جا

(١١)

قاف ڪشالا ڪيترا، هزارين فرسنگ نهاري ڏي ننگ، ڪر وَرَ ويچاريءَ جي

(١٢)

قاف ڪشالا ڪيترا، ڪوڙين آهنِ ڪوه سچل سُجهنِ راهَ تي، رَقونَ ڏاڍا روهَ تنهنجي پُڃان توهَ، نہ تہ ناهِ حالُ هلڻ جو

(۱۳)

قاف ڪشالا ڪيترا، جتي جال جبل
لهَ ڪميٽيءَ ڪل، ٻاروچل ٻاجهه ڪري

(۱۴)

قاف ڪشالا ڪيترا، مارگهُ آهِ منزل
لهَ ڪوهيارل ڪل، نامياڻا نماڻن جي

(۱۵)

قاف ڪشالا ڪيترا، ڪڏهين ڪين ڪيام
سلاڙهي ساڻ سان، ڪٽي هوت ويام
وڙڻ وڻ پيامِ، قسمت سانگي ڪيچ جا

(۱۶)

قاف ڪشالا ڪِيترا، دقت اڻون تصديع
اچي پهچج پي ، مون هن نماڻيءَ تي

(۱۷)

ڪشالا مڻون ڪرَ، ٿوري ڏينهن مڻون ٿيي
سوز گدازَ ۽ غرَ، رهبرَ ٿيندو راه ۾

(۱۸)

قدر منجهه ڪشال، مُون تا لڏو جيڏيون
وڏي وِٽ وصال، يڪسان يڪايڪِ ڪٽون

(۱۹)

موٽي آيُس ماڻ ۾، تا ڪيو شوق شڪارَ
هَئي هن نماڻيءَ ڪي، ووڙڻ ٿيو وڻڪارَ
طلب سين تڪرارَ، ڪشالي مڻون ڪر ٿيو

داستان ستون

(۱)

هوندي هوتاڻين جي، هيءَ ويچاري وڃ
تنين لالن لڳ، مٽي روڻان گهٽو

(۲)

مٽي راهه روڻان گهٽو، ڪارڙ ڪوهياري
مُئيءَ ڪي ماري، وڃَ مرَ مُنهنجا سپرين

(۳)

اندر آڳ عشق جي، ويو ٻاروچو ٻاري
ڪارڙ ڪوهياري، مٽي راه روڻانَ گهٽو

(۴)

مٽي راه روڻان گهٽو، لکي لالن لڳ
جت ٻيا پي جڳ، منهنجو پيچ پُنهُونءَ سين

(۵)

مٽي راهَ روڻان گهٽو، آءُ اولڙارن ڪاڻ
هاريوُن ايندم هاڻ، ڏک ڏولينڊمِ ڏيل مان

(۶)

مٽي راهَ روڻان گهٽو، ڪا مُون لهن ڪَلَ
ماڙيون سيَ محل، چڏي چُليس چپرين

(۷)

مٽي راهَ روڻان گهٽو، ڪارڙ ڪيچيڙن
سگهي شال اچن، ڪَرِن غورَ غريب جو

(ڪافي)

ٽلهه : لهندا سار سنيال، منهنجي، منهنجا وو ميان

۱. مون ڪان ڏورڙ نه ٿيا، آهن قاف ڪشال
۲. اوهان ٻاجهون سُپرين، جيئڙ منجهه جنجال
۳. ڪريو فنا فراق ڪي، وجهان واجهه وصال
۴. ٻاجهون ٻاروچل جي، ههڙا ٿيم حال
۵. راتيان ڏينهان روح ڪي، مُنجهڙ لئي جمال
۶. سڪ تنهنجي سُپرين، جيءَ سچل جي جال

(٨)

هُو سياڻو سُپرين، عاجز آءٌ اڃاڻ
ڪيچي ڪوهياري ڪاڻ، متي راهه روڻان گهٽو

(٩)

سچو ٻڌي سندرو، لڪين ڪندي لوچ
ٻاهل، لڳ هروچ، متي راهه روڻان گهٽو

(١٠)

جي تُون مارگ تي مرين، وڏا طالع تو
سچل ساڳي سو، متان تو هٿ مڙهي

(١١)

مارگ جي مُئينءَ، تان هُئينءَ هوتاڻين هنج ۾
وڃي ڪيج سُئينءَ، تان ويچاريءَ وسُ ڪيو

(١٢)

مَلهي، مارگ مرُ، تان تُون ٿيين تن جي
جبل ، هارِ نه جرُ، ارتو تون اڪڙين مان

(١٣)

مارگ مرن جي، ور تنين کي ويجهڙو
هَئي هَئي هوتن کي، آهي ارمانُ انهن جو

(١٤)

مارگُ متاهُون، مارگ چڙهي ڪير
سا پُڇي ساڻ سوير، جائي مارگ تي مري

(١٥)

مارگ آهِ مرڻُ، جيڏيون، هن جيئڻ کان
وسُ ويچاريءَ ايترو، ڪُوڪُون ڪوهه ڪرڻ
پاروچا ، پُرڻ، تنهنجو ڪر ڪوهيار تي

(١٦)

مارگ مران شال، دعا ڪريجو جيڏيون
هوتُ هڙي حال، مانَ متاهون هٿ مڙهي

(١٧)

مارگ مرڻ آ، گهوريو جيئڻ جيڏيون
پير نه پاهُون پاءِ، عاشق، مرَ اڳي هُجين

(١٨)

مُنهن نه متان لاهِ، هن نِدَرِ نمائيءَ تان
هِيءَ ڏکسوئي ڏاهِ، اڻ مَلهي آهه اوهان جي

(١٩)

تو ريءِ ماڙ نه مُون، سچڻ مُنهنجا سُپرين
مُون کي گهُرجين ٿُون، لوڪ رَٽو ٿي گهوريو

(٢٠)

شال نه وسرين تون، لوڪ سيوٿي وسري
مطلبُ اهو مُون، جو پاڻون پري نه ڪرين

(٢١)

وَر، مرَ وساريج، هي تا سندَيو آهِ
وڃي ڪيج وٽن ۾، هي سڏِ ساريج
تيتَرِ مرَ ماريج، جيتر توکي نه مِڙان

(٢٢)

ساري شهر پنيور جي، چڏي لوڪ لڏت
تو ريءَ ڏيئي ڪونه ڪو، ماڻهو عامرُ عزت
ٿيي ساهُ صحت، جي پيهر پاروچا اچين

(٢٣)

ڪيو ڪميٽي ڪچ، جو سُتي سويلي رَهي
اُنهيءَ جي افسوس سين ڪيو محبت مچ
پُنهُون جام پرچ، نامياڻا نماڻيءَ سان

(٢٤)

منهن نه لاهِ متانِ، آءٌ اوهان جي آهيان
جي ڪامل سڏ ڪيام، سي ٻڌي پاروچا ورين

(٢٥)

ٿيون هن هٿاءُ، ڪيئي مورائين مديُون
پُنهُون، ڏسي پاڻ ڏي، آسڻ منهنجي آءٌ
سانول ، تو ريءَ ساءُ، اڃي ماڻهن ڪين پنيور جي

(٢٦)

چَتَ ڏني چُٽڪي، سُورنِ سَرسُ سُميرَ ۾
سا سچلي سچل چوي، چوهَ منجهون چُٽڪي
جالڪَن منجهه لُٽيکي، تنهن سان حمايت هوت جي

(٢٧)

سچل ڪر صبرُ، متي خيال ڪَڙو رَهين
ڪينو ۽ ڪبرُ، پري ڪر پاڻ ڪٽون

(كافي)

ٽلهه : هاروچا پئيوَ هاجهه، چپر مُئِءَ کي هيئن نه چڏجو، وو هاروچا!

١. مهر نه لاهيو مون پرين، مٽان هن محتاج، وو هاروچا
٢. آهي هن عاجز جي، توتي لالن لاج، وو هاروچا
٣. ڪچيءَ پائي ڪپڑو، آت ڪريان ايلاج، وو هاروچا
٤. پُتِيءَ لڳس تنهنجڙي، منجهون ساري راجُ، وو هاروچا
٥. ڪهوريان ڪهوٽ، اوهان تان، سپ مڏيوُن ءِ ساج، وو هاروچا
٦. پورهيو ڪنديس پر جو، هٿين ڪنديس حاج، وو هاروچا
٧. اوهانجي اچڻ لئي، سچل ويٺو وجهي واجهه، وو هاروچا

داستان انون

(١)

گوندر جن گذاريو، ڪاٽئون سي لهان هِڪڑي رات رهان، وڃي وِرهَ وارئين

(٢)

گوندر جن گذاريو، ڪاٽئون لهان سي حالُ ته پنهنجو هي، وڃي ڏَسيان ڏُکن وارئين

(٣)

گوندر جن گذاريو، آءٌ تنين گولي هينئڑي ۾ هولي، هوندي ڏُکن وارئين

(۴)

گوندر جن گذاريو، سُور پچن سيئي بره جي پيئي، تنين متي ماڙي

(۵)

گوندر جن گذاريو، پيهي سي پُڃان اُنهن لڳ لڃان، آيل آءٌ اُباٽکي

(٦)

گوندر ڪهمي جي لهان تان سڪ سوين ساڙيان آءٌ پڑِ ڪيئءَ پاڙيان، ڏُک سُکن سان سرتيون

(٧)

متان وسارين، وو وو ڪر وندر ۾ جي گوندر گذارين، سي تو چگا ڏينهڑا

(٨)

گوندر آه غرضُ، جي مُون سڻو سرتيون فنا سپ فرض، ڪري سو سُنت سان

(٩)

گوندر جن گذاريو، آءٌ پکي تن پيهي وڻائئن ويهي، وٺان وامُ ورهه جو

(١٠)

گوندر جن گذاريو، منهن تنين مشعل ڪا مُون پوي ڪل، اُنهن جي افسوس جي

(١١)

گوندز جن گذاريو، مُنهن تنين مهتابُ سنديوُن نينهن نوابُ، آهن وِرهَ واريوُن

(١٢)

گوندر جن گذاريو، آءٌ تنين گهوري سچل جيءَ جهوري، جيجان، آهه جتن جي

(١٣)

چگو گوندرُ غرُ، جي مُون پُڇو جيڏيون منجهه ڪشالي ڪرُ، آهي ورهَ وارئين

(۱۴)

گوندر گذاريام، سي تان پـــلا ڏينهـــڙا سيڪنهن ساعت سُپرين، سچل ٿي ساريام ڪشالا ڪاريام، ساعت هڪ سمهڻ جي

(۱۵)

گوندر ڪيئن گهوريان، جنهن ڪِيَسِ سينڊي سڃڻان تا نڪَ پيئي توريان، تان ڏک موچارا سُڪن ڪان

(۱۶)

جي گوندر گوش نہ ڪن، ڪهِ پيُون سي سرتيون جن سنگت ساڻ سُڪن، سي پاڻون پري ڪر ٿون

(۱۷)

گوندر ڏينهن گذار، جان ٿُون جِيئين جندڙي سيئي وجن وارِ، جي ڪِيَڙَ ڪيڇڙن سان

(۱۸)

جنين گوندر گـــوشَ، آءُ نهـــاريان تن کي جَهجهو تن ۾ جوشَ، سچل آ ساڻيهہ جو

(۱۹)

جي سارو پُڇان لوڪَ، تا گوندر وارو نہ لهان هِهـــڙو پلو ٿـــوڪَ، ڪهِـــين پـــاڳ پرايو

(۲۰)

سينڊيُون جي سُڪن، تنين گوندر گـهـوريا ڏنـو ڪـاڻ ڏڪن، ســـچل سِـرڙو سَـٽ ۾

(۲۱)

آتـڻ واريـون آيـون، ٽِيـــون آتـڻ اُجاريـن جي گـوندر گذارين، آتـڻ تـن اوڪـو ٽـيـو

(۲۲)

ســـارو لوڪَ سُڪن، پوءِ وهاريو پرينءَ کي ڏســـو واهہ ڏڪن، هوتُ وهاريو هنج ۾

(۲۳)

سُڪـــن واريـــون سَوَ، ڏُڪـــنِ واري ڪـــا سُورَ نہ سَلي ســـا، جنهن ســـچل سُور پرايو

(۲۴)

ڏڪن منجهـــان سُڪَ، مـــون تا لڏا جيـڏيون ڏورينديِ کي ڏُک، سُونهـــان ٽِيـڙا ســڃڻان

(۲۵)

هن ســـهـــانگا سُک، جي ســـاري عـــالم آيا ڏُور مـــهـــانگا ڏُک، جي ورتا وِرهَ وارئين

(۲۶)

سُڪيـون ڪوهہ پُڇن، ســچل ڏڪن خبـرون سي هُن وِهاڻءَ وجن، ڏيل ڏڪـــــايا جن

(ڪافي)

ٽلهـــ : گـــولَنِ جي مـــان گـــولي، خان ٻاروچا تنهنجي

۱. آءُ نـــ ڪنديس ڪڏهيـــن، ٻانـــهـــپ ريءَ ٻولي

۲. سُڌِ اچي لَـهـــَ سگهـــڙي، آهيـــان عـــيـــبن اولي

۳. هن ڏُهارڙِ جيـــهي ڪا، لهندين ڳولَن مـــون ڪا ڳولي

۴. نانءَ ســائينءَ جي يار ســڃڻ ڪر، ســچل ســان ســولي

داستان نائون

(١)

وڃي ڪيچ وٽن ٻر، ٽئين ڪوهيارل قرار
يا ڪٽي مُئي ڪي مارِ، يا پرين ني تون پاڻ سان

(٢)

وڃي ڪيچ وٽن ٻر، ٽئين سانول سڪ
هيءَ ڏکوئي ڏک، وڃهي گوندر ٻر وٽين

(٣)

وڃي ڪيچ وٽن ٻر، تون خاصو ٽئين خوشحال
هِتِ هِي نماڻيءَ حالُ، مانَ وري ڪو وڙُ ڪرين

(٤)

وڃي ڪيچ وٽن ٻر، ڪامل، ٽئين قرار
ويچاري مَر وسار، جا اَڄهي آهي اوهانجي

(٥)

وڃي ڪيچ وٽن ٻر، ٽئين جانب، جاءِ
هُو جي اوري ڪيچ ڪنئون، سي مون لِڪَ لنگهاءِ
پنهنجو پاڻُ پساءِ، نا تہ دوست ٽي دمرُ ڏيان

(٦)

ڪاڪيُون ، ڪيچ وٽن مئون، هير اچي جا هيءَ
پاڙيچيون، سان پِيءَ، هن مُون ڪي اڄُ ملايو

(٧)

ڪاڪيُون ، ڪيچ وٽن ڏنهن، هي جو واءُ وريو
سندو ساهُ سَريو، مطلب ساري من جو

(٨)

ڪاڪيُون، ڪيچ وٽن ڏنهن، وري واءُ وريومِ
سارو ڪاجُ سريومِ، جڏُ هاڻي گڏيس هوت سان

(٩)

هو جا ڪيچ وٽن ڪي، وڃي لڳي واءِ
سا وري شهر پنيورَ ٻر، اچي سرد هواءِ
جانب، تهين جاءِ، سا جِيءَ انهيءَ سان هلي

(١٠)

هوُ جا ڪيچ وٽن مئون، اچي واءُ وري
سا مون ڪي محبوبين جي، ڏي خبر ڪري
وڃان تا مَر مري، جان هاروچي مُنهن ڏسان

(١١)

هُو جا ڪيچ وٽن مئون، وريو اچي واءُ
هاريُون ، تنهن متاءِ، هيءُ سرُ ڪريان صدقي

(١٢)

هُو جا ڪيچ وٽن مئون، واءُ تہ آڻي واسُ
هِيَ سرَ سارو سامُ، ڪوڙين قُرباني ڪريان

(١٣)

هُو جا ڪيچ وٽن مئون، هاريون ، اچي هير
ٽي صحت منجهہ سرير، ڏور وڃن مون ڏڪڙا

(١٤)

هُو جا ڪيچ وٽن مئون، هاريون، هير اچي
تنهن سان مَنَ مچي، محبت ٻر محبوب جي

(١٥)

هُو جا ڪيچ وٽن مئون، ٽي هير اچي هاڻي
تنهن آرياڻيءَ آڻي، مون سان اڄ محب ملايو

(١٦)

هُو جا ڪيچ وٽن مئون، اچي هير هلي
تنهن ساري ڳالهہ سلي، پريان سندي پار جي

(١٧)

هُو جا ڪيچ وٽن مئون، لڳي تيزُ تنوار
سندي پريان پار، ڏنا دلاسا دل ڪي

(١٨)

پريان سندي پار ڏي، پنڌُ عجائب آهِ
ڪهوري سِرَ ڪهُماءِ، مٽي در دوسن جي

(١٩)

پنڌُ عجائب پرينِ جو، سندو پيرنِ ناءِ
هنئين ساڻُ هلاءِ، پاڻُ پنهنجو پرين ڏي

(٢٠)

پنڌُ عجائب پرين جو، آهہ هلڻ سان حال
نڪا قيل مقال، پي نا جُڙي آتهين

(٢١)

پنڌ عجائب پرين جو، خاصو ساڻ خيال
فڪر سان في الحال، وڃي پسندين پرين کي

(٢٢)

پنڌ عجائب پرين جو سسي پير ڪرڻ
انهيءَ ڏيان ڏرڻ، آهي قدمَ ڪيڇ ڏي

(٢٣)

پنڌ عجائب پرين جو، مان سان ڪين هلي
سائي چاهه چلي، جنهن "مان" ڇڏي وچ مان

(٢٤)

روئي هارج رتُ، هَئي هَئي هوتاڻين لئي
تنهن ووءِ جيڪَسِ جتُ، متان تو هتُ ڏري

(٢٥)

راهين هارج رتُ، ڪاڪي ، ڪيچيڙن لئي
هُو جو ڏونگر ڏاڪڙو، ماري پيچ متُ
ڏاڍيون مهتان مير جيُون جهلي ڪو جهَتُ
تہ پاڻون ڇاڻي جتُ، ٿيي رفيق رُجن ۾

(٢٦)

هَي زورئون زور، جي تو محبت من ۾
ڏونگر ڏوريون ڏور، هوڙن هوتاڻين لئي

(٢٧)

هنجون رتُ هاريج، تان روهن کي رِهسو ٿي
وارُ نہ وساريج، هوڙن هوتاڻين کي

(٢٨)

پنڌ عجائب پرين جو، هلڻ هڪ نظر
پاڙيچي ڪنهن ۾، اهو خيال ڪڙو رهي

(٢٩)

هاريُون نہ هارين، ارتون اکڙيُن مئون
تون ڪيئن وسارين، هوڙن هوتاڻين کي

(٣٠)

آهي روح رتي، مون سين مُون پرين جي
هٿان لڪ لتي، هوڙن هوتاڻين لئي

(٣١)

ووڙيندي وٽڪار، ڀڏي سندور سڄ جو
پنڌ اڙانگا پَبَ جا، قابو نہ ڪوهيار
آهي روئڻ زارو زار، هوڙن هوتاڻين لئي

(٣٢)

گولين گڏَ گڏيان، پاڻ پنهنجو ڪيڇ ۾
پَلٽو نہ ڇڏيان، هوڙن هوتاڻين جو

(٣٣)

گولين گڏيندي ، پاڻ ڪميني ڪيڇ ۾
ڪنهن ڇن نہ ڇڏيندي، هوڙن هوتاڻين کي

(٣٤)

گولين گڏيندياس، پورهئي ڪارڻِ پاڻ کي
پنهنجي تان پرين کي، سائين سڏيندياس
ڪنهن ڇن نہ ڇڏيندياس، هوڙن هوتاڻين کي

(٣٥)

آهي ڪانہ آٽڪ، آيل ، عشق وارئين
هٿان لَتِي لڪ، هوڙن هوتاڻين لئي

(٣٦)

هاريُون، ٽيس نہ هيئن، جو ننڊ نماڻيءَ نہ ڪئي
ٽيان پيرادو تن جي، جت وِيَڙهِ جيئن
ڪاڪيُون ، ڙي آءٌ ڪيئن، هوڙو هوت وساريان

(٣٧)

سوَين ڳڻ سندانُ، آءٌ ٿي وساريان سرتيون
سڪها ٽيندا سُپرين مُون، تي مهربانُ
ويهان ڪئينءَ ماڻ ڪريُ، جيءَ مٽي جولان
آءٌ ڪيئن ۾ ارمانُ، هوڙو هوتُ وساريان

(٣٨)

موٽي ايندم، ٻاروچو ٻاجهه پئي
الم آريچن ريءَ، جيئڻ منجهه جنجال
هَئي هَئي منهنجي حال، هوڙو هوتُ وساريان

(٣٩)

جان جان يڪا يڪ نہ ٽيان، تان تان ماڻ نہ مون
"چرا" ۽ "چون"، برابر "بي چون" ٿيي

(كافي)

ٽلهه: واڳان ڦيري آءُ، هيڏي آءُ تان اوريون پاڻ ۾ منيون ڳالهيون

١. اوهان ٻاجهون وي سُپرين، هاڻي ڏَنمُ سوز سماءُ
٢. نهاريندي واٽ ڙيون، هاڻي سِڪَ چڪايم ساءُ
٣. پرين سندي پار جو، هاڻي لڳي ٽڏو واءُ
٤. سچل جو ني مُشڪلُ آهي، هاڻي تو ريءِ هِتِ هَلاءُ

داستان ڏهون

(١)

ڪيچيڙا ڪالهه ويا، مان ڏي اڄ نهاريان
ساريو سُپرين ڪي، هنجُون آءُ هاريان
گوندر گذاريان، هَڻي هَڻي سارا ڏينهڙا

(٢)

ڪيچيڙا ڪالهه ويا، پوءِ ڏي اڳڙ نهاريام
ڪين لهان سي ڪاڏين، وڏيءِ ويل ويام
وڃي ٽاڪِ ٽيام، ڪاڪيُون، ڪيچ وڃن ۾

(٣)

ڪيچيڙا ڪالهه ويا، تنگ ائنِ تاڻي
هوتن ريءِ هاڻي، اگڙ ڏسي نه سگهان

(٤)

ڪيچيڙا ڪالهه ويا، ايا مون وٽاءُ
پريت پڇاڻاءُ، اگڙ ڏسي نه سگهان

(٥)

ڪيچيڙا ڪالهه ويا، جات اولي جت
هَڻي هَڻي هڻان هٽ، اگڙ ڏسي نه سگهان

(٦)

ڪيچيڙا ڪالهه ويا، ڏون ڏي اڄ اگڙ نهارين
بَڙي ، ٻاروڇن لئي، رتُ هنجُون هارين
ساريُون سنيارين، ٻاروڇاڻي جات ڪي

(٧)

ڪيچيڙن مُون ڪالَ، دمُ دمُ دلاسا ڏنا
هَڻي هَڻي هن حال، جي ويهي هت وساريان

(٨)

وِيَڻي ڪيچيڙا ڪالهه، ڏون اڄ ڏي پير نهارين
هُو لنگهي لَڪَ سنوان ٽيا، تو هت ههڙا حال
ڪندءِ سار سنيال، وڃي ڪيچ وڃن ۾

(٩)

ڪيچيڙنِ مُون ڪالَ، ايا وَڙَ وڏا ڪيا
آنهيءِ ڪارڻ ڪاڪيُون، ڪندس قاف ڪشالَ
هَڻي هَڻي هن جي حال، جو ههڙا هوت وساريان

(١٠)

ڪري ڏمُرَ ڏيرَ، آڏي آڏيءِ رات ويا
ڏون ڪڻي وقت صُبُوح جي، پيرايڏن جان پير
هُو ڏُڪِيو ساڻ سوير، وڃي ڪيچ وڃن ۾

(١١)

جان جان ٽيڙس جاڳ، تان ساڻ سويل لڏيو
ارتو اوتي اڪيُون، موڙيون ڏسي ماڳ
ورَ ورائي واڳ، مانَ نماڻيءِ جي نجهري

(١٢)

وڃي ڪيچ وڃن ۾، مَنَ ڪَنِ نماڻي ياد
اندوهُون آزاد، ڪندا ڪميٽيءِ ڪي

(١٣)

اگڙ ساڻي اوءِ، ڪيچين ڪي ڪاڏون لهان
ڏيئي قُتَ فِراق جا، پورهيت چڏيائون پوءِ
هاڻي راهَنِ متي روءِ، سڏ ڪريندي ساڻ ڪي

(١٤)

وڃي ڪيچ وڃن ۾، ياد ڪرنِ مُون مانَ
آنهيءِ ۾ ارمان، ساهه وڃي ڏو سرتيون

(۱۵)

وڃي ڪيڇ وٽن ٻر، مـــــانَ پُڇنِ پورهيت
تہ هُئي نماڻي هَتِ، پاڻي ڏوئي پنهنجي

(۱۶)

وڃي ڪيڇ وٽن ٻر، مـــــان پورهيت پُڇن
ايئن پاڻ چون تہ ويچاريءَ ويجهـــو ڪريو

(۱۷)

وڃي ڪيڇ وٽن ٻر، ڪنهن ساعت سنيارين
مـانَ وري نهارين، پينر، شهـر پنيور ڏي

(۱۸)

ڪري پورهيت پنهنجي، مان وڻي ٿانءَ سڏين
گـولن گـڏ گـڏين، ڪَنِ پاڻي ڏوئي پنهنجي

(۱۹)

پورهيت ڄام پُنهـوُنءَ جي، اصل ڪـان آئين
ٿُون گولن سندي گولڙي، هُو سندءَ ٿيا سائين
ڪاپو ڪمـائين، ڪلو ســاري ڪيڇ جو

(۲۰)

پورهيت پُنهـــونءَ جي، هِتي اصل لاکُون آءٌ
ٿِي ڪـاپـائـت ڪـيـڇ ٻر، ويـنـدي لالـن لاءِ
ساه نہ اڃن ساءِ، هي ماڻهو شهـر پنيور جا

(۲۱)

هِيءَ پورهيت پُنهـــونءَ جي، اصل ڪـان آهي
سگهُ نہ ڪا ســاهي، ٻڙيوُن ٻاروچن ســين

(۲۲)

پورهيت پُنهـونءَ جي، آهي اصل ڪـئون هيءَ
جيـڏيون، جتن ريءَ، ويڻي ورهُ وسـائيـان

(۲۳)

چوٽ چڙهي چُونگارَ، ڪندي ڪيـچڙين ڪي
پوَندي ڪنِ قـريب جي، گـوليءَ جي گـفـتـارَ
باروچا ٻيـهـار، ڪندا پـيـرو شـهـر پنيور ٻر

(۲۴)

ڪوهَ چڙهي ڪوهيارل ڪي، ڪا جا ڪُوڪ ڪيامِ
ڪوڙها جي ڳلن تـان، ڳڙن جيـــئن ڳاريامِ
آهي ســـڏڙا ســـچل چوي، ٻاروچل ٻڏامِ
ڪولدرَهروياڙِ، جڏهن ٽيس هيڪاندي هوت سان

(۲۵)

اڻ مُلهي آميـــــان، ٻانهي ٻاروچن جي
سڀ ڇپـــر ڇايان، آهُن ءِ دانهُنِ ســـين

(۲۶)

هَئي وڃي هي قـــافِلو، ڇُپـــاتي ڇايُون
مُنهن ڏيئي آيون، آهون دانهـون عـشق جيـون

(۲۷)

رات ڏيئي ويا ريڃ، نماڻيءَ ڪـان نڪـــري
ڪاڪيُون، ماڻي ڪيـئن ڪريان، جو ڪاڏي ٽيـڙِ ڪيڇ
پَرَ ٻيو پُنهُونءَ سان پيڃ، سو اِتي رهئُ نہ ڏيئي

(۲۸)

سهي جان نہ سُٽين، جو ڪُڙڪَ ٻڏي ڪُڙڪي وڃين
ڇيٽان ڇانگن جيُون ٻڏي، ٿون ڪُوڙي ڪينَ آٽين
غافل، هڏ گـــٽين، سڀ پر ســـچل چوي

(۲۹)

پانڊين ڪـئون پُڇي، ٽي پهـ پرين جا پيڇرا
ســهلي، ســڇيـڏنو چوي، هيءَ لالن لئي لُڇي
ڪنهن سان ڪين ڪُڇي، اٽس وو وو وائي وات ٻر

(۳۰)

چاڙهيـون لاهيُون ڇُنڇَ جيُون، ڪوڙين آهن ڪوه
ڏيئي مهـتان محبت وارئين، ڇپر ڏاڍي ڇوهـ
ناگـهـ نِستَ نينهنَ کي، ٽـا روئارن روهـ
اچي منجهـ اندوه، متـان تون ماندي ٽيـئين

(۳۱)

لاکـــون لاکين لک، نبـيـــرڙ نہ ٽـيـــا
ڪوڙيـن آهـنِ ڪيـــتـــرا، راهُنِ آتـي رَقَ
هَئي هَئي ڪارڙِ حق، هي سارو ڏونگر ڏوريانَ

(۳۲)

روئي هاريان رت، وو وو واڙين تي جيڏيون ، ڪارڙ جت، سارو وندرُ ووڙيان

(۳۳)

اچج آرياڻي ، ٿون، وري شهر پنيور ۾ اوهان ري اکڙين مٿون، تو پرتِ وهي پاڻي هوت، اچي هاڻي، هيءَ نالائق نوازيو

(۳۴)

هوت نہ چڏيو هِت، نيو پورهيت پاڻ سان تو رِيءَ ٻي ڪا چِت، ڪانهي ڪميٽي ڪي

(۳۵)

جَتَ موچاري جاتِ، چگي جات جتن جي وائي تن جي واتِ، سدا اٿر سرتيون

(۳۶)

پورهيت پُنهوُنءَ جي، آهي اصل ڪٽون هيءَ جيڏيون، جتن ري، ويڻي وِرهَ وسائيان

(۳۷)

آهي ڪونہ غرضَ، محبوبن کي مُنهنجو ڏِينڙ سِرَ فرضَ، سچل سندن ست ۾

(۳۸)

لوهي لاغرضي، سُپريان جي سار مارڙ لئي مُشتاق جي، آهي مُحبن کي مرضي سِرَ ڏينڙ ست ۾، آهي فقيرن فرضي ڪڏهان ڪو قرضي، سچل نارڪ ٿنهنجي نان ۽ جو؟

(۳۹)

پِيَسِ ٿنهنجي پيچ، پنهون، ڪين چڏيج مُون ٻانهي ڪري پنهنجي، وڃي ٻانيڙ کي ويچ مرَ ڪميٽي ڪيچ، پورهيو ٻانهن جان ڪري

(۴۰)

روئي ڏنو رنگَ، ڪو جو ڪامڑِ ڪوه کي سو شمهُ شفق سان ٿيو، سُرخيان سارو سنگَ مُنهنجو نيهن نسنگَ، پيو سمورو سُکَوت ۾

(۴۱)

ملهي، مارگ جي مرين، ٿيئي قدرَ ڪيچڙنِ ٿورو وڏو تنِ، تنهنجي اچڻ جو ٿيي

(۴۲)

پيئر، هن پنيور ۾، مُنهنجو ڪارِ نہ ڪرَ اٿم آريءَ جام سان، دوستيءَ وارو دمرَ ماٺهن ليکي غمرَ، پر سڪ سچل ٿي پانيان

(۴۳)

مِهرَ مرَ مٽان لاءِ، مون تان نماڻيءَ تئون هِيءَ ڏکوئي ڏاءِ، اڻ مُلهي آهي اوهان جي

(۴۴)

جيهي تيهي حال سين، پاڻ وجهڻ مون پنڌَ روئي پوَڻ رندَ، پُڻي جام پُنهون جي

(۴۵)

هَئي، هَئي، آرياڻيءَ ريءَ، هڙو ٽِيڙمِ حالَ جا چڏيائون چپرين، موٽڻ تن محال

(۴۶)

لَکين ڏيئي لت، پاٺهي ڪريان پڌرو سارو وندرُ ووڙيان، جيڏيون ڪارڙ جت مُنهنجي ڪا مصلحت، هَئي هوتائين ۾

(۴۷)

عُمرِ اجائي گذري، هَئي هَئي هڙي حال لڏي ڪانہ قريب ڪا، سچل جي سنيال مَون کان پَچن کين کي، قافن جا ڪشال ٿنهنجو ڦربَ ڪمالَ، ڪا ور ويچاريءَ جي ڪريو

(۴۸)

عُمرِ اجائي گذري، ڪارڙ مِڻيءَ رَوَه خامَ منهنجي خُوءِ، ڪرِ ور ويچاريءَ جي

(۴۹)

غمرِ اجائي گذري، هوت نہ گڏئين مان جي سين جتَ نہ ڏسندي، طلب نہ ويندس تان جاني ملي نہ جان، تان تان ساهُ نہ نڪري

(۵۰)

عُمرِ اجائي گذري، هڙو ٽِيڙمِ حالَ ڪنهن سڻايان سرتيوَن، اندر جو احوال آرياڻي الحالَ، ڪندو غورَ غريب جو

(۵۱)

عُمرِ اجائي گذري، مهڑا حال ٹيامِ
چُپ چُپاتي سرتيُون وڻون هوت ويامِ
هُو جي ڏونگر ڏاکڑا، ڦولڙ سي پيام
اڄ سُپان ايندام، ڪندا ور ويچاريءَ جي

(۵۲)

عُمرِ اجائي گذري، وهي آيَمِ هِيءَ
آءُ سباجها سُپرين، پرَوَرَ ڪارڙ پِيءَ
ناهي جيئڻُ جِيءَ، ڪا وَرَ ويچاريءَ وَرَ ڪريو

(۵۳)

عُمرِ اجائي گذري، اچا ٹيا اظهار
زاريون ڪيَمِ ذِيل مان، روئي زارُون زارَ
متِ آهِ مياڙَ، هوتن حرف نه هِڪڙو

(۵۴)

عُمرِ اجائي گذري، ڪارن مَٽيو رنگَ
مُون نهارڙ نه ٹيي، سانول سارو سنگَ
هن نمائيءَ جو ننگَ، ڪاڪيون ڪيچ ڏئيءَ تي

(۵۵)

عُمرِ اجائي گذري، ڪئي جوين جاڙ
بالا هن بِلور جا، چئني طرفين چاڙ
هاروچل جي هاڙ، مونکي روهين روليو

(۵۶)

پُنهُون پُنهُون ٹي ڪريان ، آءُ پڙ پُنهُون پاڙ
اديون ٹيس اچاڻ، جو ڪين پروڙيَم پاڙ کي

(۵۷)

جان پروڙيَم پاڙ کي، تان پاڙ پُنهُون آهيان
ڪيهي طرف ڪاهيان، جو طرفَ مڙوئي تَرُ ٹيا

(۵۸)

پيهي پروڙيوم، تا پُنهُون پاڻئي آهيان
پاڻئي منجهان پاڙ کي، هيءَ پڙلاءُ پيومِ
صحيح ڪن پيوم، تہ غير گمان آڻي ويا

(ڪافي-۱)

ٹلهہ : آهيان آءُ اسرارُ، جيڏيون، مون کي ڪيرُ ٹيون پانيو

۱. ڪَنُ نہ ڏيان ڪيچ ڏي، پنيوران بيزارُ، آهيان آءُ اسرار
۲. نُوري ناري ناهيان، آهيان رب جبارُ، آهيان آءُ اسرارُ
۳. چڏي شاهي پنهنجي، ڪيَڙُم هت شڪارُ، آهيان آءُ اسرارُ
۴. آيُس هن عالم ۾، باري چائي بارُ، آهيان آءُ اسرارُ
۵. ماريو آ منصُور جي، خُوني هن خُمارُ، آهيان آءُ اسرارُ
۶. آٿيو صدقَ يقين سان، اديُون ڙي اعتبارُ، آهيان آءُ اسرار
۷. مُرشِد پاَنهو نا چيو، سچل ٹُون سردارُ، آهيان آءُ اسرار

(ڪافي-۲)

ٹلهہ : لٹي هلاکي هاٹي، دوستُ وسي مُنهنجي ويڑهي

۱. ڪوئي ڪيو پنهنجو، پرين پاڻون چاٹي
لٹي هلاکي هاٹي
۲. ناحق اوتيمُ هوت ريءَ، پنبٹين مان پاٹي،
لٹي هلاکي هاٹي
۳. سيئي آيا هُيَسِ جنين لئي، جيڏيوُن ڙي جوڳياٹي
لٹي هلاکي هاٹي
۴. وئي ويهاريائون ويجهڑو، سچل سو سگُ سچاٹي
لٹي هلاکي هاٹي

جهُولڻو

سسئي پنهون

(١)

سرتيون سپ ٽيس صلاحي
هُو تان راهَ وڃي ٽيا راهي
چو ٿيءِ ڪَيَ تنين جي ڪاهي
ڏونگر ڪيرَ ڏسائج ڏاهي
حَبَ ۾ ڪونہ ڪندءِ همراهي
هِت تو سنگَ مَنجهائي ساهي
پر هو اهڙو امرُ الاهي ؛
ٻيا سڀ ويهہ وهمَ وساري

(٢)

چي ڙي، مُون سان مُورِ مَ ٿيو مصلاتي
ثابتَ سڪَ رهي ڪا ساتِي
هاريُون، هيءَ جا آهي حياتي
تن ڪي روهہ رسان ٽي راتي
پائيندیس ڏر تتي جهنگ جهاتي
جا جي ڇڇي پوي مُون ڇاتي
ڪنديس وڙڙ سندين ويلاتي
اينديس سائڻ وڃي ڙَڙ ياتي ؛
ڏسنديون هُوت مڙيئي هڪواري

(٣)

جي ڙي، ويهہ وسار وڃڻ جي وائي
تو سان لالن جنهن لنءِ لائي
ٿُنهنجي دل ڪِيئن تنهن تائي
سو اڄُ جاڙ ڪري ويو جائي
ڏيئي ڪن ٻُڌج ٿُون ٻائي
ڏوهن پاس نہ ڏوڙج ڏاهي
سُرتِ صلاح ٿُون سمُجهج سائي
اها ڳالهہ امرَ ۾ آئي ؛
ڏونگر ڏورئون ٿي ڏهڪاري

(٤)

آيل، اڻ مَليهي جا آهي
سا ڪيئن سگَ سڃڻ سان ساهي
ٻيو تا ناهہ نہ هرگز ناهي
ڏاڍن ساڻ شريڪت ناهي
جا پئي سپ لاڳاپا لاهي
ڇپر ڇوہ اڳيانئس ڇاهي
ڪيچين ڪَيَ آها مرُ ڪاهي
ڪٽندي گامَ تہ پُڇندي ڪاهي ؛
محضُ اُنهيءَ ڪي مِيرَ نہ ماري

(٥)

چي ڙي، رهَ رويين ٽي روڙي
آڏو پينگَ ٻُجهي ٽي پَوَ ڙي
هيبت هول هراست هَوَ ڙِي
ڪامڻ، ناهين اسان ڪي ڪٽوڙي
ٿُون تنهن ديس مَ وڃج ڏوڙي
پرڏيهي جي پُٺِ مَ پئوڙي
ٿر ۾ ترسِ اٽئي ٽڪَ ٽوڙي ؛
هت تا ڪانہ گهڙي هڪ گهاري

(٦)

آن دِلِ آرياڻيءَ سان آڪي
مان جا ريجهَ اديُون تنهن ولڪي
هَئي هَئي گهوري تا هن گهَڪي
رهنديس ڪِينَ هِجر ۾ هَڪي
جانب ڪاڻ نہ جاڳيس جهڪي
پنيءِ ويل وجان مَرُ لَٽڪي
ڪنهن جي فهر نہ هَٿڪا ڏٽڪي
هاڻي سِرُ توڙين مُون سٽڪي ؛
هن ڪي ڪامَ هَلَڻَ ڪٽون ڪاري

(٧)

چي ڙي، سيڻ پر سُڃَ جَلِي ٽي جاڻي
پُرجهج پهڻ نہ اٽڪي پاڻي
وسَهَج تو دل جنهن سان واڻي
سسئي، سو تا ٽيوئي نہ ساڻي
ناحقُ تانگهه تنين ڏي تاڻي
چو ڪَيئي خواب ڪٽي تو ڪاڻي
ڪيئن ٽي آبُ اکيئن ۾ آڻي
حيلا ڪر مَ هلڻ جا هاڻي ؛
پُڇنديءَ بامَ پسي بَرُ باري

(٨)

جيڏيون ، جبل چئو ٽِيُون جيئي
ساجهُرِ سنگ لتاڑيان سيئي
گهوريان گهوٽ بنا گهرَ هيئي
سائي وس وٽائُر ويئي
رهندمَ روحُ نہ هِتِ تن ريئي
ويڑُهِ دوستُ دلاسا ڏيئي
هيءَ تان پَلوَ پنهونءَ جي پيئي
هُن تان ڪامِڻَ ڪيڙِس ڪيئي ؛
نيائونسِ وَرُ ونِي ويساري

(٩)

چي ڙي، گهورين ڪاڻ جنين جي گهرڙا
اٽئي تن آڙانگا ارڙا
آڏو تاڪُ نہ ڏيندءِ ٽرڙا
ٽيندءِ زور مٽي تو ذرڙا
بيدل بس ڪرائيندءِ برڙا
اوَجهڑِ ڪوهِ اٽئي سي ڪرڙا
گهائي پير ڪائيندءِ ڪرڙا ؛
سگهندينءَ نار، نہ ورُ وساري

(١٠)

ثابت ڳالهه سٽو هيءَ ساري
جبل واٽ نہ جيڏيون جاري
پر پي برهُ جنين جو باري
سا هڏ ماڏي مُور نہ ماري
چا جي وَرَ ونگا وَيَ واري
تا پي دردمندي دهداري
توڙي ڪوهُ ڪري ٽو ڪاري
ڪندو پاڻُ پنهون پوئواري ؛
تا پُڙِ سرسَ سِکائي ساري

(١١)

جيڏين ڪِيَس وراڻي جوڙي
هُتِ تو روهُ رڙندا روڙي
تنهن جو تابَ نہ سگهندي ٽوڙي
آڏو مِيرَ ميائي موڙي
رائو ريگ ٽرن ڪئون ٽوڙي
سگهندينءَ پيرَ نہ ڪرِگَلَ ڪوڙي
تون تان لعلَ لهين ڪيئن ووڙي
ڪنهن جي ڪامَ ڪمرِ ڇڏ چوڙي ؛
ٻيا ٽي ماڳ مِرئون چوڏاري

(١٢)

جيڏيون، جَتُ مُنهنجو آهي جائين
آءٌ تان ويندیس اڃُ تنهن تائين
آهيان ٻانهي اُن جي آئين
پاڻون گهٽِ پينر، ٽي پائين
آن ڪي پَلوَ ڳچيءَ ۾ پائين
دَمَ دمَ درسُ ڪريج دُعائين
مُون ڪي سڃڻن ميڙيين سائين
ڪيچيڙن ڪي پُهچان ڪائين ؛
برهه جي باهِ ٻهُون ويا ٻاري

(۱۳)

چي ڙي ، آڏو لس بگهيڙ ڪن لوڙا
تن ڪٽون ڪن ٻڌي ٽين ٻوڙا
چوهُون چپرُ چني ٽو ڇوڙا
تاتي ٽاڪ ٽڪر جا ٽوڙا
سهمناڪ سُنڌا سي سوڙها
ڏيونِ مارَ متي ڏينِ موڙا
سيئي ڏرتُ ڏورِڻَ جا ڏوڙا
ڏينيُو ڏنگَ هٽن ٽا ڏوڙا ؛
آهن هاڙي منجهه هزاري

(۱۴)

چي ڙي ، چا جي مستُ مرئون هُنِ مارا
چرڙين نانگ چُرن چٽوڏار
سيئي وره اڳيون ويچارا
هٽندا شينهن ڏسي شوڪارا
هُو جي هاڙي منجهه هاڪارا
سرتيوُن ، سنگ نهاريان سارا
ڪيا جَڪ جانب جي جيَ ٻر جارا ؛
وَرَ سان ڪانه ايندي ڪا واري

(۱۵)

چي ڙي، هُيَڙئي جيءَ جتن جي جا ڪا
توکي سمجهه پيئي چٽو سا ڪا
ويَڙئي نار نهوڙي ناڦا
ڏونگرَ ڪينَ اٽئي ڪي ڏاڪا
لوهي لس وجهندئي لاڪا
ڇيُون ڇوهَ لنگهندينءَ جهاڪا
ونگنِ وچ واسينگن واڪا
هُت ٽو پَبُ وجهي پاتاري

(۱۶)

ڪاڪيون، ڪامَ ٽِڪي هَتِ ڪا نِي
جاڏي جَتَ وڃي ويس جاني
سورج آهي نه تن جو ٽاني
چا جي پب نه هوندس پاني
چپر چوهه اڳيانئُس چاني
توڙي ٻره وچايس باني
لوچون ڪين ڪنديس سالاني؛
اهو عرض اٽو اظهاري

(۱۷)

جلدئون جت وڃي ويئي جو ري
پوري، چو نہ پرينءَ تنهن پوري
گاذر هاڻ محل گهر گهوري
ڏونگر ڏرڙ سگهيس ڪيئن ڏوري
عاجز عامرُ ٽيندئي هت اوري
ٽر جي پنڌ نہ ٽڪيئن ٽوري
تن ڪي توڙ سري ٽي ٽوري
وجهه نہ جيءَ پلا ڪنهن جهوري ؛
مرنديءَ گام ڪنيو ڪوڪاري

(۱۸)

چي ڙي، بيحد ڪير ڪهو ٻيون باتيون
چو ٽيون لس لوايو لاتيون
ڪنهن ڪي ڪنڌ نہ ايندين ڪاتيون
رهنديس روز نہ اتي راتيون
ويندين سڪ سڃڙ جي ساتيون
ڏاتر ڏسجو ڏينمر ڏاتيون
پائيندس جال جبل ٻر جهاتيون
مڃين هس اِهي مصلاتيون؛
هلي آءَ مرد ساڻ اُماري

(١٩)

ڪامڙ، منت ڪريون ڪنهن ڪيهي
سي جت جاڙ ڪري ويئي جيهي
ڪيڙي پرجهه نه تو پَڃَ پيهي
ڪا ڪر ڪاهه تنين پٽ تيهي
تون تان لينهن نسوري تيهي
ووڙج ورَ م ورڇج ويهي
ڪيائين درس ديواني ديهي
اوّل عشق نشاني ايهي؛
تڙ ڦڙ رات ڏينهان تڪراري

(٢٠)

ڪيچين ڪيِ لڳي هوءَ ڪهڪي
پهرين پور ٽڪر سان ٽهڪي
ڪامڙ ڪوهه ڏسي نا ڏهڪي
آتي روح نه تنهن جي رهڪي
توڙي پير ڦٽس پَڃَ ڦهڪي
تان پي نار نه بلڪلن نهڪي
توڙون ڪين تهين هڏ تهڪي
اڻوجان عاشق اهڙي اهُڪي؛
ڏونگر سپ وڏائين ڏاري

(٢١)

توڙي جهڪ جهڪي ڪئي جهولي
پي تان پولي هڏ نه پولي
ڦيريون ڏيئي پرينِ ڪي ڦولي
گورن رند ڏسي سر گهولي
ڳڙ ڳڙ ڳوڙهما ڳاريو ڳولي
ڏونگر ڏرڙ ڏڪوئي ڏولي
قادر شال قريبن ڪولي؛
ڪندو گام ڏَڪَر ڪئون ڏاري

(٢٢)

پهريون ڪانءِ پهاڙ پڇيائين
هت ڪي ويڻا هوت هنڏائين
هر هر توڪي سَرت سڻائين
ڪي هڻا رات توئي وڃ سائين
ڪرڳل الله لڳ الائين
پيو هڏ سور نه سنگ سليائين
مون ڪي محبن ساڻ ملائين؛
عاشق هئي هئي ويا آزاري

(٢٣)

پوءِ تا ٽيڙس جبل جوابي
پني ليل لنگهيا شتابي
ساڳيين سارو سات ثوابي
سي سپ هيڙا گل گلابي
وڃندا ويڙا رات رٻابي
اصلئون آڙهنگ هُڻا اعرابي
تو سان ڪيائون خامرَ خرابي
اوني عين هڻا عاذابي؛
هِتئون ڪاهِ آڙاه انڌاري

(٢٤)

ڏونگر، ڏس چڪيءَ ڇڏ ڏيئي
تو وڃ رات تنين ڪا پيئي
آهه هيءَ وس تنين ڪئون ويئي
ڪي تان لنگهيو ساڻ سَنجهيئي
هاڻي حال سڃج مون هيئي
ويڙس ڏڪ وڏو هي ڏيئي
هو هڻا ڏاڍا سُپرين سيئي
جانب آهن منهنجا جيئي؛
ماري آهه ويا آتاري

(٢٥)

هجر چيس آهي هينئڙي هاري
جي تون محبوبن جي ماري
آهي عشق سندءِ آزاري
وجهج ڳل ڳچيءِ ڳاري
مون کي ترِ نہ ڪج تڪراري
پٽن ڪاءِ نہ ٽي قراري
اٽئي برهُ بلوچي باري
يڪدل ڪانئنِ منگج ياري،
ويندِئي عشق نہ هڏِ اوتاري

(٢٦)

ڏونگر، ڏيرن ڏي ڏس ڪوئي
آئڙي روح نہ ٻيو رس ڪوئي
ناهي ويچاريءِ جو وس ڪوئي
ڪنيءِ غمرُ ڏسي ڪسِ ڪوئي
خاطر منجهہ نہ پيس خسُ ڪوئي
ونيِ دردُ ڦري ڏس ڪوئي،
بينئي عشق منجهئون اوساري

(٢٧)

ڇڪيءِ چوٽ وٽي ورچاتي
ويڙا ورهَ توئي واٽي
آندي عشق تڏهن اورهاٽي
ڪنل، ڪينچ ويج ڪنڌ ڪاٽي
پيٽئي زهر منجهئون ڳهٽ ڳهاڻي
توکي آندو عشق آڳاٽي
ڳولج چام پنهون ڳهر ڳهاڻي
هئي هئي لالنُ ويو لوهاڻي ،
هيڙي جن جي هيءِ اجهاري

(٢٨)

هئي هئي ماري عشق اميران
ونيِ ورهہ وڪيلُ وزيران
توڙئون هيئن لکيون تقديران
ٻانهن هٽ ٽيون تقصيران
ڏاڍيون عشق سنديون تڙ پيڙان
پٽيءِ منهنجي برهہ بهيران
هلن هٿ نہ ڪي تدبيران
مون سان سندين سوز سفيران ،
ورتئي ورهہ ڪهين وٽجاري

(٢٩)

اوّل بابين برهہ پڙهيائين
تنهن پوءِ سورن منڊ سڙيائين
سئي ساڻ فراق ڦڙيائين
اصلِئون ڪيچين ساڻ ڪڙيائين
جڙان جيءِ ۾ جال جڙيائين
تيلهان مٽي روهہ رڙيائين
محبت منجهہ مريض مڙهيائين
توڙئون غير خيالُ تڙيائين،
پيئي هٽ برهہ هاڪاري

(٣٠)

هيءِ دل لالن ويڙس لٽي
وڏس ٻاڻ بروچ جي ٻٽي
ورڪئون شال فقير نہ ڦٽي
ڏونگر ڏڪ چَريءِ ڪي چٽي
ڪيائين ڪيچين منزل ڪٽي
آنديس عشق گهٽيري گهٽي
مٽو پير ڪرايون ڪٽي ،
هئي هئي ڪيو ٽي سا هونگاري

(٣١)

ور جا وره پياريس وڃي
توڙي سسئي سورن سڃي
تنهن دل ڏانهن نه محبن مڃي
چوڪو عشق نه آهي چڱي
سورن سوز ڪلڻ ڪان ڪڍي
محبت کاڻ نه گهايل گهڻي
سسئي سوز فراق جي ڇڃي
پانين پَہ پٽولا پٽي،
روئي ڦوڙائي.... ڦوهاري

(٣٢)

لوئي لَڪَ مَٿي ٿي لَٽِي
ڊوڙي تيز منجهارئون تتي
محبت من تهين جي مٽي
وڃي ڪيچ وره مون وتي
گهوري گام گهٽيري گهتي
ڏک جي چت هنيائونس چتي
روئي ريت تهين سپ رتي
ڄاڻي پہ سيو هڪ پتي
عاشق عشق منجهئون اُچنگاري

(٣٣)

هرٽيون ڪيرَ پيارڻ آيس
ڪَرهڙا دانهن ڪري سڀ ڪانيس
ڪوڪن ساڻ ڇپر سڀ ڇانيس
ڏونگر ڏک منجهارئون گهايس
ڇَلنگيون عشق ڏکن پٽِ لايس
ڳالهيون ڪيچ ڪيچڙن ڳايس
بَرَ ڪي برهون بازَرِ پانيسِ ،
هجر ڳاريس ساڻ هوڪاري

(٣٤)

هئي هئي هوت ڪري ويس هولي
تنهن محبت هاروچي جي هولي
ڏونگر حُبڻون پانيين ڏولي
ڪوهيارل جي هانهي گولي
ساڻي پہ پرين جي ڦولي
روئي ڪيائين چپر چولي
سنگ جي راهه ڪيائونس سولي ،
نيندیس ڪيچي نال قَطاري

(٣٥)

منجهئون نينهن هنيائين نعرو
سڏندي سير سڙي ويو سارو
من ۾ محبت وڌس مارو
ڪيائين واري اُتي مارو
اندرئون عشق ڏنس اوهارو
ڏيئي مٽي سنگَ سرارو
ڪائين مانَ ڏسان ڪوهيارو
محبت ريءَ آهي منهنُ ڪارو ،
سچيڏنا کو نه سنياري

(٣٦)

مٽي روهه چيائين روئي
هي ڪل ڪوهيارل ڏئي ڪوئي
عاشق، تنهنجي عشق اندوهي
محبت منجهه هلاکي هوئي
لڳي لالن تا لڙهه توئي
توڙئون سور وڌائين پوئي
ساڻي ٿيسِ سچيڏنا سوئي
جانب آهيس جيءَ جو جوئي،
قادر ڪلّ تهين سان ڪاري

(۳۷)

هيءَ جا هيڙي ٿي حيراني
محبت مادَ ڪئي مستاني
دلبر ڪاڻ هئي ديواني
باقي نينهن رهيس نشاني
ڪيڙي فوج فراق جي فاني
ڪيائين ساهه سرير قرباني
گڏبس شال جبل ۾ جاني
ٿيندسِ رحم آتس رحماني ؛
آئي هيئڻون نينهن نغاري

(۳۸)

محبت محبوبن جي ماري
ڪا جا باهه ٻاروچل ٻاري
ڳالهين ڪيچيڙن جي ڳاري
ڪيائين جانب تئون جند واري
منجهئون ذوق چيائين زاري
هي دل آهي سڄڻ تئون واري
ڪوڪان ڪوهه ڪري ڪوهياري
توڙي ورهه ڪئي ويچاري ؛
راتيان ڏينهان گهنگهر گهاري

(۳۹)

مئي روه ڏسو سا رمڪي
ڪا جا عشق چڪايس چمڪي
ڏسي سڄ نه دم ۾ دهمڪي
گوندر وچ گذاري غمڪي
هاديءَ جانب سان نيئي جمڪي
تنهن تا تانگهه نه تِرَ هِڪَ تَمِڪي
مَٿِسِ وڃَ ورهه جي چمڪي ؛
تنهن جي شور وڏي شوڪاري

(۴۰)

چڙهندي چنج نه عاشق اڙڪي
ڪاجا فوج مٽانس ڪڙڪي
لڳي لعل ٻُڌيءَ سا لڙڪي
لڳيس باهه برهه حي ٻڙڪي
جوهر جوش سڄڻ جي جهڙڪي
رنجي روه اٽئون جا رڙڪي
سارو سنگ پيو سڀ سڙڪي
ٿَڪر سيءَ پيو تان تڙڪي ؛
اهڙو سوز هلي سينگاري

(۴۱)

جانب ڪاڻ ڇڏيائين جايون
فوجان عشق اڳيانئس آيون
ڪلان ڪوهه سنديس ڪهڪايون
سيئي ورهه وساريس وايون
تنهن جي سوزَ ڇپر سڀ ڇايون
روئي روه ڏنائين رايون
پيان پٻ چڙهي جڙ پايون؛
اهڙو عشق هلي اختياري

(۴۲)

ڇپر ڪانه ڇڏي سا چوري
جنهن تا ڪهوڻ اٽئون جندَ ٺهوري
جا ڪي پور پرين جي پوري
هيڪل هوتُ نهاري هوري
گولي تنين جنين ٿر ٿوري
لونءَ لونءَ قابو لڳيس لوري
هيڙس جهور برابر جهوري
تهين جي هٿ سڄڻ جي ڏوريءَ
انهيءَ ڳالهه وڏي سا ڳاري

(۴۳)

آهي ريءَ عـــــجيب آبـائون
اچي شـــال ڪوهيـــارلَ ڪائون
جنهن ســـان لوح لڏيون هر لائون
هـئي هـئي جت وڃي ويـا جائون
تـنهـن تـان ڏس پـچي ٿـي تـائون
تنهن جِيـون زيلان هَت سَيـائون
هـهـڑس ڏونگر حـال ڏنـائون،
ويـچاري ٿـي تـونـگ تـواري

(۴۴)

مـــوتي چاه پـريـنءَ جي چائي
تنهن ڪا ڳالهـ مـحـبت ڳائي
چپـــر سپ ڪيـــائين ڇائي
ڏاڍي تـک تـهـين جي تـائـي
ويجهي آيس هَيـــڑس وائي
روئـــي روهَ ڏنـــائـــين رائـــي
گـهـڻن منجهـ قلر گـهـمـائي
تان تـان اوڏي وســـيـنءَ آئي ،
آيس مـحب اڳيـون منهنَ پاري

(۴۵)

ڪونجن هٽ مَڪـــائين روئي
دانهن ڏوگـهـ منجهـارئون ڏيئي
اڏي هليـــا هوت هنڌيئي
جانب جيءَ گهـريا هس جيـئي
آيس ســجڻ پاڻ سنجهـيـئي
جن جي ڪـاڻ ويـچاري ويـئـي
وڃي ڪيـج آها ڳل پيـــئي
پنهـــون پرين گـڏيو غَرَ تاري

(۴۶)

ســـئي جام پنهـون هڪ هو تان
ڪامڻ، جانب ڳوليـــو جو تـان
ساڳي پاڻ پنهـون هيـوئي سـو تان
چا جي ڪـاڻ ڪـرين ٿـي ووءِ تـان
چپـــر ڳولي ٿـي ســـا چو تـان
ســچل دستَ دوئيءَ کـان ڏوءِ تان
ساجن ڪيئن سهي ڪيو تو تان،
پـر جي عـــــشق اچي اوجاري

(۴۷)

آهي "ڪُل شي" ســـــو هـادي
"خلق الاشـيـاء" ڪـئـون آبادي
"و هو عـــينهـــا" ٿـي آزادي
واندي غيـــر ڪنون هيءِ وادي
لٿـا شڪ شـبـهـا ٿـي شـادي
"سِرِّي سِرَهَ" ٿـي امـــــدادي
جنهن کي سمجهـ تهين کي تعدادي
ســـوئي مـــرد نہ آهي مـادي ،
سپ وچ صـــورت يار پيـــاري

(۴۸)

پنهنجي پاڻ ڪري ٿـــو وائي
تنهن تان ڳالهـــ اها ڳالهـائي
ڪافـر مـومن صـورت سـائي
انهيءَ رمـــز ڏنائـين رائي
جانـب ڏَسَ ڏنـو هـي جائـي
"اينمـــــا تـولوا" آيت آئي
ٿـيـڑو اڄ بهـاني پـائي
احـمـد وحي هڪـو هڪ هٿائي،
احـمـدَ احـدَ هُئـنـا اسـراري

(۴۹)

"عـــرفت ربي بربي" آيت آئي
نـوبـتَ "انـا الحـقّ" وڃائـي
"اعظمُ شـــاني" رمـــز رَلائي
ڪيـــڙي "لوڪشف" اُجرائي
"يسمعُ يبصر" آهي هيڪڙائي
"بِلا مـيم احـمـدَ" اها وائي
"اِنـي انـاالله" آگـــاهـــي
ســـوئي بندو ســـوئي مـولائي
ســـوئي هيٺ ســـوئي بالائي ؛
عـــالَم الله مـــئـــون اظهـــاري

(۵۰)

ظاهر سڄ تہ سـيـڪنهن جائين
هي پي رمـز تون دل ســان رلائين
تـون تـان آئـينـو ٿـي آئـيـن
"مـئن" کي چوڙ تہ ٿـيوين "سـائين
پـــولو مُور نہ هن ۾ پـــائـين
توکي صـحـيح سڄ ســڻـائين
کـا شَيَ نـاهـي بِنـا حق ڪـائـين
ڪلُ شيءِ ناطق بالحق" ڳالهہ اهائي ڳائين"
هـر جاءِ پـاڻ غني گفـــتـــاري

سُر سارنگ

مينگهہ ملهار

داستان پهريون

(۱)

پريمان ڪـــٽي جو پڙهي، گرمڪ جي ٻاٽي
وســـائي وس ڪـــري، پلـــر جو پاٽي
بوندون وسن برهہ جيون، ڇر ڇر مـان ڇاٽي
سڄل ٿـيـو سـاٽي، صـاحب سـارنگ آئي

(۲)

اوّل آندي آئي، پويان جهڙُ جهـــجهـــو
نہ ڪو اولو آســـرو، نہ ڪو اوٽ اجهـــو
ڏهيلين ڏجهـــــو، تن پرور رک پناهَ ۾

(۳)

اوّل آندي آئي، پويـان هئي بـرســـات
رعـد جي رڙين جي، پـيـٽي نہ هئي بات
ويچارين ورن جـــي، وائي هيـــڙي وات
متان وسڻ هيڻان ڇڪڻ، سيءِ ميون سڀ رات
پرهہ ڦٽي پرپات، ڪُڪـان ڪانڌين ڪڏيون

(۴)

سارنگ سندا ساڻ، سرتيون سائڻ آيون
ڦـيـريون راڳن ڻـاڻ، وڃن ويس وس ڪيـا

(۵)

سـارنگ ســاري رات، رڻ مـٽي ريج ڪيـا
پکين پرڙا ســوئيـا، پرهہ ڦٽي پرپـات
پٽن تي پڌرا ٿـيـا، گل ڦل پـاتون پـات
سيڪنهن وائي وات، سڄل سارنگ ساڻ جي

(۶)

سـارنگ صـبح آيو، گـوڙيون ڪري گـاج
هاري هليـا هاڄ، ڪڙمـين هر ڪلهي ڪيـا

(۷)

سارنگ رنگ ڪيا، پوياڙيءَ پٽن تي
بڪر ٻاٻاٽن جا، پلر پي ڏيا
ڏيهان ڏرت ويا، مؤلي سندي مهر سان

(۸)

مؤلي سندي مهر سان، ساوا ٽيا سنگهار
ڏلهي ڇڏيو ڏٽ سان، ڏوئيين ڏيار
ترايون تجل جيون، ٽيون تارون تار
سوراهين سنوار، صاحب سٽائي ڪئي

(۹)

پورب سندي پار جا، ڪڪر ڪارونيار
وڃن ۽ وڃڻ سان، چڙهن ٽا چوڌار
آيي ڪي آيندي، لڏائون سندڙيءَ سار
سُڪر سٽاوا ٽيا، وڏيا وهَ واپارَ
ساوا ٽيا سنگهار، مؤلي سندي مهر سان

(۱۰)

سارنگ سعي ۾ اٿي، سچل سستي چڙ
مٽان ايندءِ اوچتو، هاڻ نہ مڙندءِ هڙ
اجهاپي ڪا اڏ، وسڻ ڪان اڳي وڃي

داستان ٻيو

(۱)

اکين آب وهايو، سرتيون، ساري رات
وهائن وڏڦڙو، پرچن نا پرپات
پينرَ، ڪان برسات، اکين اوتڙ سکيو

(۲)

روئڻ ڪان نہ رهن، آيل، اهي اکيون
سيڪنهن ويل وهن، اٿن اثر اوهيڑن جا

(۳)

لحظو نہ لاهين، بار مٽن برسات جا
اکين کي آهين، اثر اوهيڑن جا

(۴)

بادل وارا بار، چشمن تي چڙهيا
روئن زاروزار، اٿن اثر اوهيڑن جا

(۵)

آئي ني مند مينهن، آهي اکڑين کي
روئن راتو ڏينهن، اٿن اثر اوهيڑن جا

(ڪافي)

ٽلهه: عشق، اسان وٽ آ، اچي تو سانوڙ لايا

۱. چئنچل چيهل ٽي چوڌاري، مينهن رات ڪئي موچاري
عزت لڏي آسمان، پرين اچي پپر گهُمايا

۲. بوند برهم جي برسي باري، جوش اکين مان جر ٽيو جاري
بيحد ٽيا باران، اصل ڪان واهم وهايا

۳. گلَ ڦلَ گاهن ڪئي گلزاري، مڃيائون سارنگ جي سرداري
سهسين ٽيا سامان، اکين اچي آگر لايا

۴. يارُ سچل چئي محب مليا سي، بيشڪ دل جا درد لٿا سي
شاهي رکيائون شانُ، اچي تن حڪم هلايا

(٦)

آگر اکڑين کي، سدائين آهين سي کيئن اوگائين، جن کي اثر اوهيڑن جا

(٧)

اکين کي آگر، هن سدائين سرتيون گوندر گڏيون غر، اٽن اثر اوهيڑن جا

(٨)

لايون پرت پسن، اٹون آگر اکين ميڑيا سي کيئن نہ وسن، جن کي اثر اوهيڑن جا

(٩)

ڏسن ۽ روئن، اها عادت اکين کي سي سرهيون شال هئن، جن کي اثر اوهيڑن جا

(١٠)

آهي ريجهه روئڻ، آيل اکڑين کي هئي تن هئڻ، جن کي اثر اوهيڑن جا.

(١١)

آه اهائي تات، آگر اکڑين کي ڏينهن اٹون رات، اٽن اثر اوهيڑن جا

داستان ٽيون

(١)

مون ۾ آهين تون، تو ۾ آهيان مان بجلي بادل سان، آهي جيئن سپرين

(٢)

نازڪ سندو نيه، آهي ائين جيڏيون پنهنجي رائي ريج ڪري، جيئن سانوڻ ميه راز رکي ٽو ريهَ، من ۾ محبوبن جو

(٣)

راتا ڪون ريهن سان، رڻ ڪيائين ريج پٽن مٽان پلٽيون، هيرون منجهان هيج برن ۾ بهار ٽي، گلزاريءَ جي گيج سچل سارنگ سيج، سونهي ساوڪ وچ ۾

(٤)

وڃن وک وڌائي، وسڻ وس ڪيو وڃن واڃا واهه ڪيا، پلر پوء پلٽيو سچا سائو ٽيو، سيڪو سارنگ آئي

(٥)

هه هه ڪندا آيا، هيهر ٻڪروال ڪڪرن جي ڪڙڪاٽ ڪان، ويا ٿهي مال آهن ۾ اچي پيئي، چونگن سندي چال منداڻتي مندل ڪيا، جر اڻا جال پلر سان پُسي پيا، پهنوارن پلال جهُري پيون جهوپيون، جهانگيڑن اجهال ننگو ڪج نہ نڊرکي، نماڻن ننگ پال جن جا هڙا حال، تن پرور پت رکيج تون

(ڪافي)

١. پسڻ ڪارڻ پرين جي، ڪيا آگر اکڑين
٢. ملڻ لاء محبوب جي، ٽيون راتو ڏيه وسن
٣. جهور نہ لهي جهڙ جي، ڪڏهن اوگائن
٤. سدا سانوڻ تن ڪي، بوندون بسن نہ ڪن
٥. سچل سپرين لئي، ٽيون جهوري منجهه جهجن.

(٦)

مهر سندا مينهن، شاهَ وسائين شل جهڙيل منهنجي جهوپڙي، بنا جهلي جهل ڪاهل تي ڪَهَلَ، ڪندين شال ڪريم تون

(٧)

عالم ڪي آگاهَ، سارنگ ڪندو آيو گرڙ حيئن گوڙيون ڪري، ڪاهيون اچي ڪاه وايوءِ سان وار ڪري، ٽاهيون اچي ٽاهم وسايائين وڏ ڦڙو، واٽن تي واهَ واهَ گلزاريون ۽ گاهم، پٽن تي پڌرا ٿيا

(٨)

اڄ پڻ پورب پار ڏي، ڪڪرڪوريا سارنگ سڙ سرائتا، ساجهري سوريا سڙمنڊل ۽ سارنگيون، چنگ چگا چوريا آپ آتي اوريا، طبل تارون تيج سان

(٩)

وسي پيو وڏ ڦڙو، پنيون پٽ پريون پتاريون پٽن تان، وٽائين وريون ڪيرن جيون ڪريون، چاڏين ڏنائون چاهم مان

(١٠)

چاڏين ڏنائون چاه مان، ڪيرن جيون ڪريون وهائيندیون سي آيون، ٽٽن مان ٽريون پتاريون پريون، آيون وسائي وڏ ڦڙا

(١١)

والي، وسائيج، دردمنديءَ جو ديس پرين مون پرديس، ائي ايندم اوڏاڙا

(١٢)

مندون موتي آيون، جهڙ جهجها جوتيون پلر سان پُر ٿيا، پوئا ۽ پوئيون پسي مينهن مهر جا، مينهُون موتيون چريو اچن چوتيون، وٽائن ولر ڪيو

(١٣)

والي، ورين تون، وطن تي وس ڪرين مينهن وسندي مون، سڃڻ ساريم سپرين.

(١٤)

ديسا ديس وسي پيا، رحمت جا درياهم گلزاري ۽ گاهم، پوئن تي پڌرا ٿيا

(١٥)

پينرُ نہ پانيو، تہ بوندن ڪئي آ بس اجهو ڙي آيو، وري ويتر وترو

(١٦)

هڪ وسڻ ٻيو وڃڻ، ٽيون لهي پيو سيءُ جهوري وڏن جهوپيون، ڇن وڏن ڇيءُ رنن جو رڻن ۾، والي، وسيلو ٽيءُ حال جنين جو هيءُ، تن پرور رک پناهم ۾

(١٧)

اڄ پڻ پورب پار ڏي، ڪڪرن ڪڍيا ڪوڙهم صبح ويل سويل، سارنگ لاڻي سوڙهم وڃن واڃا واهم ڪيا، مينگهم ٻڌا اڄ موڙهم لوڪان لاڻي لوڙهم، مولي پنهنجي مهر سان

(١٨)

أتران اوري، بادل برسي آيا سر سريلا سوز جا، سارنگ ٽو سوري گهوري مان گهوري، اجهو اڳڻ آيا.

(١٩)

أتران اوري، ڪئي چمڪٽي چمڪات أتان ڪيائين اوچتي، لس ٻيلي تي لات منڊل ٽيا مڪران تي، گوڙن جا گرڪات ڪڪرن مٽان ڪيج جي، ڦڙڪي ڪاڏا ڦات وري ورتائون واٽ، سڃل سائي سنڌ جي

(٢٠)

سڃل سائي سنڌ جي، وري ورتائون واٽ جهڙ ڦڙ جهلي آيا، گهير پَسائي گهات لاڻي آڄ آساٽ، سارنگ سنگسارن جي.

(٢١)

سارنگ آيو صبر ۾، بوندن ڪئي بس رنگارنگي رس، قزح ڪِي نِيل تي.

(كافي-٣٩)

ٽلهه: وٽيو سين وهه واهُ، پڙهندي پروانو پرينءَ جو

١. اوڏا مينهن ملهار ٽيا، گل ڪلن ۽ گاهه
٢. سيئي سڄڻ ٽيا سا مهان، حال پائي همراهه
٣. محبت منهنجي من ۾، چوريءَ مچايو چاهه
٤. سڪ تان سڄڻ جي، اجهايو آڙاهه
٥. ديس چڏي پرديس ويا، دوست پرين داناهه
٦. هوتن ڏانهن نه هڪڙي، مُهڙ مڙئي مان ڏانه
٧. پرينءَ جي پيغام ڪيو، آرامي ارواح
٨. قاصد، توتان آءٌ ڪريان، هي سر صدقي ساهه
٩. اڳن آسرندن جي، آٽيندن الله
١٠. سڄل چوي رب ميڙي، روز پُڇان آءٌ راهه

سُرُ راڻو

مومل جو مذڪور

داستان پهريون

(١)

مومل ميهڑي هابُ، راڻا ڪر نه راءِ تون
جوئن ڪي جواب، مرد نه ڏين مينڊرا

(٢)

ڪيو ميهڑي هابُ، مون ڪي تو ميان مينڊرا
ڪر نه خان خراب، ڪامل، ڪاڪ ڪنڊين کي

(٣)

هڪ جُوءِ پي جوءِ، مرد نه چڏن مينڊرا
تو پڙ پرين پوءِ، ڪوهه لڄايو ڪاڪ کي

(٤)

هڪ جُوءِ پي جوءِ، چڏن ڪين جوان
اهي پي انسان، جي ننگن تي نثار ٽيا

(٥)

آءٌ راڻا، ڏي رنگ، موڙي ڪاڪ ڪنڊين کي
لاهج لڳ خدا جي، ذرو پرزو زنگ
نامياڻا پاڙج ننگ، ميهڑي هاب متان ڪرين

(٦)

آءٌ راڻا رنگ لاءِ، موڙي ڪاڪ ڪنڊين کي
نامياڻا نانءِ خدا جي، پير وري هت پاءِ
سويا سندءِ ساءِ، آءٌ ويڻي ڪانگ اڏايان

(٧)

آءٌ راڻا رک راز، نڊر هن نمائيءَ سان
توکي ڪريان ڪيترو، نامياڻا، نَرَ نياز
جوئي ڪيڙم ناز، تنهن ميهڑن هاب ڪري چڏيو

(٨)

مون تان ميهڑو لاهِ، مولا ڪارڙ مينڊرا
تون تان صاحب سچ جو، هيءَ ڏهارڙ ڏاهِ
توڙي ٽيس بدراهِ، تہ بہ ڪل ڪچيءَ تو

(٩)

چڑهندي سانءَ چکي، نِت منهن ڏيکارج مينڊرا
آندا مون کي هتهين، کهين لارُ لکي
چاڑهي ڏکي ڏاگهه تي، تنهنجي عشق تکي
مَر کو سرُ سِکي، انهيءَ جي اولاک جو.

(١٠)

هي جو ٽيڻُ هو، سو اکرُ ميٽيندو کونہ کو
هيرو زهر زبان سان. هن ڳالهين کِيڏو هو
نہ تہ پاڻئون پِهٽو هو، مون کي زير زمين ہر.

(١١)

ڏک نہ ڏيڻو هو، تو مون کي ميان مينڊرا
نامِيا پنهنجي ننگ کي، تو نيبهہ نِيڻو هو
زهرُ پيالو پُرُ ڪري، مون کي پيئڻو هو
جيءَ نہ جيڻو هو، مون کي هن ميهڻي وري

(١٢)

سوڍل سڪائي، آءٌ پڙ ادبون آهيان
راتيان ڏينهان مئيءَ کي، وات اها وائي
ڪندا اها ڪائي، جو ڪارنهن لهندي ڪاڪ تان

(١٣)

ميان، آءٌ ماري، ڏاڍي ڏنءُ ڏهاڳ جي
ميهڻي هاب متان ڪرين، ڪاڪ نہ ڪج ڪاري
ڪر سوڍل ستاري، ڏوهن مون نہ ڏسيج تون.

(١٤)

چگي ڳالهہ چوانءِ، سا سُڻ ميان مينڊرا
آءٌ تنهنجي آهيان، تون مهنجو آنءِ
هي نڊر تنهنجي نانءِ، آهي وڪاڻي ولها

(١٥)

ولها وڪاڻي، آءٌ در تنهنجي آهيان
تنهنجي ڏس ڏهاڳ ڪئي، نامِيا نماڻي
آءٌ اڳي ايائي، ويتر ورهہ وڃهو ڪيو

(١٦)

راضي ٿي راڻا، معاف مڙئي ڪر مديون
مومل سان ماڻا، جانب تو نہ جڳائيا

(١٧)

جانب، تو نہ جڳائي، مومل سان ماڻا
سوڍا، سياڻا، موٽڻُ مَرک نہ تنهنجو

(١٨)

موٽڻ مَرکَ نہ تنهنجو، سوڍل سياڻا
وسائج ولهيءَ جا، پينگ اهي پاڻا
پري ڪري پاڻا، مون کي ماريوئي مينڊرا

(١٩)

آءٌ سوڍا ڪر سچ، لاهي مون تان ميهڻو
محبت سندو ٽو پري، مون من اندر مچ
الله ڪارڻ اچ، ماڳ وسائج مينڊرا

(٢٠)

اچين جي اوطاق، منهنجي ميان مينڊرا
عيبن کان آجي ٿيان، ڪوجهي ٽبي نہ ڪاڪ
هير اها هيراڪ، متان متين مينڊرا

(٢١)

هي ڏهارڻ ڏاهِ، تون ڏوليو ساري ڏتّ جو
ڪاملَ تکو ڪاڪ تي، چڑهي ڪرهل ڪاهہ
ڪاڻيون ڪنڊيون ڪاڪ جيون، پڙ باغن لڳي باهہ
مون تان ميهڻو لاهہ، من مهر پويئي مينڊرا

(٢٢)

سڪ نہ سيتل ڏانهنُ، من وسي مون مينڊرا
پانيان تنهن کي پاءِ، سوڍو اٿر ساهَ ہر.

(٢٣)

ڪاڪ نہ ڪر ڪاري، سوڍا لهہ سماءِ
هيڪر هيڏي آءِ، مندون موٽي آيون

(٢٤)

راڻي کي رهائڻ جي توڙان ڪيون تدبير
ڏکن سان ڏنائون ڪٽي، تودّيءَ کي تکبير
ڪڏو ڪيو قهر جو، اهو ڪر ڪبير
راڻي پر رڻبير، گهوت گهاري نا وڏي

(كافي-١)

ٽلهه: مون کي تنهنجي سار سنيار، ڇڏ رُسامان تون مينڊرا
١. ڏوهُ نه ڪوئي تو ڏيان، آهي مونهين سر ميار
٢. سڪ سوراخ مون ڪيا، هينئڙي منجهه هزار
٣. موٽ مران ٿي مينڊرا، برهين چاڙهيئي بار
٤. ويٺي ڪري ڪاڪ ۾، هيءَ ويچاري ويچار
٥. سچل سيئي آيا، جي دل گهريا دلدار

(كافي-٢)

ٽلهه: حال منهنجي هاءِ هاءِ، توريءَ لهن هي ڏينهڙا
١. آهي هن احوال تي، ولها تان واءِ واءِ
٢. دوست تنهنجي ديس جي، اڪندِ اسان کي آءِ آءِ
٣. ڏسيون ڏهاڙي روئان، جاني تنهنجي جاءِ جاءِ
٤. ڪاڪ نه لڳي ڪس مون، سوڍل تنهنجي ساءِ ساءِ
٥. سوڍا ستاري ڪري، پير اڳٽ مون پاءِ پاءِ
٦. دردمندي جيون دانهڙيون، واليءَ لڳ ورناءِ ورناءِ
٧. سوال سچل جا سپرين، لالن دل سان لاءِ لاءِ

داستان ٻيو

(١)

سومل سان سمهڻ جا، ڏاڍا ڏکر ڏک
سوڍي وارا سک، ملڻ مون مشڪل ٿيا

(٢)

سومل سان مون، ستي سور پرايا
هوند هجين ها تون، هيئن نه ڏوليان ڏکڙا

(٣)

مومل ڏني مَلَ، سومل سان گڏ سيج تي
سوڍي سور فراق جا، سيني ٿيڙا سل
ماري ڪيئين مَتَ ٿي، پر آئي ڪانڌ ڪهل
جوش نه ڏنس جهل، غازي غير رکي ويو

(۴)

مومل سانڀ جهلي هليو، مَلَ منو ماڻو
ڪاغذ ڪائين ڪيترا، پر ريجهيو نه راڻو
پرين پجاڻو، آٽڻ اجهائي هلي

(۵)

آٽڻ اجهائي هلي، پرين پجاڻو
ڪين ڪهتايو ڪهڻ سان، پَرتِ هن پاڻو
ظاهر لالاڻو، پر باطن برهه بکي هيو

(٦)

ڪين ڪهتايائين ڪهوڻ سان، حيلا ڪيائين هزار
ماڻو چڙيو نه مينڊري، ماهي مٽيادار
مومل ناهِ ميار، سوڍي سڪَ چني چڙيو.

(٧)

راڻا تنهنجي رنج، مون لوڪين لڄايو
پاڻ ڪين پلايو، ڏوهُ نه ڏاها تو سندو

(٨)

ڪاتيءَ ريءَ ڪُهي ڇڏيو، راڻا تنهنجي رنج
سُکون سڀ سِهج، سوڍو ساڻ ڪٽي ويو

(٩)

راڻا تنهنجي رنج، ساڻيو منهنجو ساهُ
ڇاڻي هڪ الله، سگ نہ سيتل مون هيو

(١٠)

راڻا رنج نہ ڪر، معافي مومل ڏي ڪٽي
سوڍا تو صبر، بهڳڙ ٻوڙي ماريو

(١١)

اچين تان اڳيان، ناتر ٽي نمان
چاهون مون چمان، پرين تنهنجا پيرڙا

(١٢)

اچين تان اڳيان، ناتر سر نائي
پاند ڪچيءَ پائي، چاهون چمان پيرڙا

(١٣)

سوڍا، هن سڙيءَ جو، لهي وچ سماءُ
ويرين وڏو وچ ٻر، آهي ويرِ وڏاءُ
مون تي لڳندو ڪونہ ڪو، پيارا پاڻي پاءُ
هيڪر هيڏي آءُ، تہ پرولي پڌر ٽيي

(١٤)

ڏي ڪو رنگ وري، ڪامل ڪاڪ ڪنڌين ڪي
منهن ڏيکارج مينڊرا، وڃان تان نہ مري
بخشيج ڏوق ڏري، ميهڻي هابَ متان ڪرين

(١٥)

مردَ ٽيءَ مينڊرا، سوڍا سگ سڃاڻ
ڪوه ڇائين پاڻ، ناحق ويڻو نينهن ڪي

(١٦)

منهن نہ مٽيج مينڊرا، تون راڻو آءُ راڻي
سوڍا، سڃاڻي، ڪٽونر وساءِ ڪاڪ جا

(١٧)

ڪٽونر وساءِ ڪاڪ جا، سوڍا سَڃاڻي
ڊولياں، تولَڻي ڊٺ ٻر، وتان ويڳاڻي
راتيان ڏينهان اوتيان، پنبڻين مان پاڻي
ويڻن آيس ورتو، ٽي جاڻي جوڳياڻي
لتا ليڑون ليڑ ٽيا، ٽي پوتي پَراڻي
تہ بہ راڻي جي راڻي، سرتيون سڏن سائيه ٻر

(١٨)

ڪاڪ پڇندا ڪاپڑي، ويا اڏوپنڌ
رسيا اُنهيءَ هنڌ، جتي "مون تون" ناهِ ڪا

(١٩)

ڪاڪ پُڇندا ڪاپڑي، وڏي ويل ويا
لڌاڻو لنگهي ڪري، پرانهن پنڌ پيا
اتي ٽاڪ ٽيا، جتي "مون تون" ناهِ ڪا

(٢٠)

ڪاڪ لڌاڻو لنگهيا، لاهوتي ڪي لال
اوري هڏِ نہ آٽڪيا، ٽيا پرانهن خيال
حدون ڀڄي هليا، جن ڪي حد ڀڃائي حال
تن سُرت نہ ڪا سنياں، ويجها ٽيا وصال ڪي

(٢١)

ڪاڪ نہ ويا ڪاپڑي، نڪي لڌاڻي
نڪي ڊريا ڊٺ، جتي رنگ رڪيو راڻي
ٽاڪيا تنهن ٽاڻي، جتي "مون تون" ناهِ ڪا

(٢٢)

مومل ماڻي مينڊري، ڪاهي ڪاڪ وڃي
لوڌاڻا ٽيا ڃي، دهشت جن دهايو

(٢٣)

ڪٽونر لنگهي ڪاڪ جا، پُري ويا پري
ويو ڪين وري، مانجهي هن ميدان مان

(۲۴)

مومل ماڻي مينڊري، ڪاهي ڪاڪ هلي
سوڊي ڪانہ سلي، ڳجهہ ڳجهاندر ڳالهڙي

(۲۵)

لنگهيا لڌائو، ڪاڪ ڇڏيائون پوئتي
رسيا اُنهيءَ جاءِ، جتي مومل نہ راڻو
نڪا مسجد تکيو، نڪو ٽڪاڻو
تاتي ٽين ٽاڻو، جتي "مون تون" ناهِ ڪا

(۲۶)

مومل ماڻڻ هليا، ڪاپڙي ڪلدار
وچ ۾ آتشي دود جا، آين بَهُت بخار
ڪي سڙيا تنهن سوزان ۾، ڪي نَرَ نڳيا نروار
باقي برخوردار، ماڙي ڏسي پنيليا

(۲۷)

ماڙي ڏسي پنيليا، باقي برخوردار
ڪي ماڙيءَ کان مٿي ويا، پرت نہ جت پچار
نڪا صورت اُتڙي، نڪا تار تنوار
سُرت نڪا سنيار، نا ڏسڻ وارو ڏيہ ۾

(۲۸)

نہ ڏسڻ وارو ڏيہ ۾، نڪا سُرت سنيار
تن تي چڑهي آيا، بيخودي جا بار
کين ڏنائون ڪٿهين، روءِ نڪا رُخسار
"آلان کما کان،" تحقيقاً تکرار
لڌا شور شُمار، همہ سان هڪ ٽيا

(ڪافي-۱)

ٽلهہ: مون کي ڪانڊ بنا هيءَ ڪاڪ ڪوڙي آهي، ني وو ڪاڪيون

۱. سوڊل ٻاجهون سرتيون، هيءَ مري ٿي مشتاق
۲. منهنجو ساهہ سڌير ٿيي، آچين جي اوطاق
۳. سڦري آهي سون ڪٽون، خاصي ڊٺ جي خاڪ
۴. سڌ اچي لهہ تنهن جي، جا چُور ڪئي چوطاق
۵. وڃهي ويچاريءَ ويو، اديون ڙي اولاڪ
۶. تن سچل جو عشق، اوهان جي چيري ڪيڙو چاڪ

(ڪافي-۲)

ٽلهہ: ولها! وري آءٌ، مون کان موٺُ نہ مينڊرا

۱. ميان مون سان نہ مَٽين، سونل سائين ساءُ
۲. رکي شريکت شانن سان، هيءَ ڪميٽي ڪاءُ
۳. هو جو اچي ڊٺ ڏنهن، وٽي اهو مون واءُ
۴. هئي هئي هن جي حال جو، لهہ سائينءَ لڳ سماءُ
۵. سچل ڪنداسي سگهڙو، پاٽون ڇاڻي پرچاءُ

سُر کاريهر

هير رانجهو

داستان پهريون

(١)

جن کي اديون اوچتي، ڪاٽيو ڪاريهر
تن جي خاص خبر، جاڇيو جوڳيٽڻ کان

(٢)

جاڇيو جوڳيٽڻ کان، تن جي خبر خاص
نانگن ڪيا ناسُ، سنگهڻ سان سَوَن مٽي

(٣)

هر مان ٻاهر نڪري، ڪاري ڪنيا ڪَرَ
ڏرَ اِنهيءَ جي ڏَرَ، جهين ڏَرَ نہ ڏيه هر

(۴)

سَپ سجاتئون کين کي، جوڳين ماري جکَ
جنين سنگهيو ڪک، سياڻا سيئي ٿيا.

(۵)

چڏي ملڪيت مال، رانجهو رڙ چڙهي هليو
قسمت ڪيس کنگال، نہ ٿو حاڪر هيو هزار جو

(٦)

حاڪر تخت هزار جو، قسمت ڪيو کنگالُ
مسڪينيءَ جو مرد کي، خطرو نڪو خيال

محبت مستانو ڪري، ههڙو ڪيڙس حال
پچي جهنگُ سيال، حُب نہ تخت هزار جي

(٧)

مالڪُ انهيءَ مُلڪ، رانجهن مان راجو
اُلفت کان عطا ٿير، ڏُکن جو ڏاجو
عشق ڪير آجو، دُنيا جي ڪُل دود کان

(٨)

مالڪُ تخت هزار جو، رانجهو آءُ راجا
کاني مون کي قلب ۾، قُرب هنئين کا جا
ڏکن جا ڏاجا، لکيا هير لوح ۾

(٩)

شاهي هير شان، دلبر پنهنجي ديس ۾
سچل آيس اوچتي، ڪٽي سورن جو سامان
چا منجهارون چا ٿي آيَس، اهو اٿم ارمان
حيرت ۾ حيران، مون کي هِير هتي ڪيو

(١٠)

رانجهو هُيس راءُ، مالڪ پنهنجي ملڪ ۾
اديون، عِشقَ الڏو ڪيو، پيڙهه کين سماءُ
گهورن ڪير گهاءُ، هتي اچي هير جي

(١١)

اچڻ اوکو مون هُيو، هاريَون آندَم هير
پنهنجي لکئي پاڻ کي، پاڙڻ پيئي تقدير
ڪانہ هلي تدبير، قسمت قيدَالماءُ سان.

(١٢)

جوڳيا ويسَ ڏکي، لاٿم سڀ لباس
پٽ پٽيهر بافتا، نپٽ ڪير ناسُ
ڪير نينهن نراسُ، دنيا جي سڀ دوَڊ کان.

(ڪافي)

ٽلهہ: جو جوڳي زلفن وارو، سو سامي مون تا کين سجاتو

١. ڳل کي ڪفني دست پهوڙا، مشعل منهن موچارو
٢. انگ پيُوت بنائي آيو، پيک پئي وٽجارو
٣. ٻئي لباس کو رانجهوُ ايندو، چڏي تخت هزارو
۴. سبت انهي ڪئون کين سجاتم، ماريون مرليءَ وارو
۵. سچل سجاتو تہ راجهو آهي، جڏهن حالُ سلائين سارو

داستان ٻيو

(١)

مونکي ماءُ ڪيو، ڇوڪڙ ڏيءِ چريو
عقل هوش نيو، منهنجو محبت وارئين

(٢)

ڇوڪڙ ڏيءِ چريو، مُون کي ڪيو ماءُ
پيڙهه ڪونہ سماءُ، آيل عشق انڌو ڪيو

(٣)

شاهه هزاري هوت کي، محب ڪيو ميهارُ
عاشقن کي عارُ، ڪهڙو آهي قريب کان

(٤)

مُور نہ محبت کان مُڙن، هٿي اچي هاڻ
کاڻ ڪنين جي کاڻ ڳئون چاريندس ڳوٺ جيون

(٥)

ڳئون چاريندس ڳوٺ جيون کاڻ ڪنين جي کاڻ
اها پي روح رهاڻ، من پي ميلي مُحب کي

(٦)

کاڻ ڪنين جي کاڻ، ڳليون ٽيس ڳنوارُ
من مُون ملي يارُ، لهن ڏولا ڏيل جا

(٧)

نورنگُ ندورو، ڪيڙو وجهان ڪوءِ
رانجهو منهنجي روح، سدا وسي سرتيون

(٨)

ڪيڙي نا ميڙي، مولي مون کي جيڏيون
جهنگ سجو جهيڙي، تہ ہہ رانجهن منهنجي روح ہہ

(٩)

ڪيڙو وجهان ڪوءِ، نورنگُ ندورو
مُون دل ديرو، هزاري جي هوت جو

(١٠)

واحد شال وجهين، چگي چوڪڙ چِت
پرور رکين پت، سدا سڪ وارئين

(١١)

ريجهي روحُ رانجهي سان، ڪيڙو ڪيڙ تالُ
وڏون وجهي وچ ۾، چوڪڙ ڏسُ چندال
مُادر مِهٽا ڏي جهجها، جهيڙي جهنگ سيالُ
مٺو مُون مِهوال، مون کان مُور نہ وسري

(١٢)

هر هر ويٺو هير جي، رانجهو ڏسي راهہ
ويٺو وڃائي ونجهلي، چاهُون تي چناهہ
سانڊيو وتي ساهہ، سچل سُور سڃڙ جا

(١٣)

لوڏي ڪيڙائون لوءِ مان، رانجهنُ رمزدارُ
جاڻي هليو جان تي، جوڳين جو جنسارُ
مُرلي مٺيادارُ، چوريُون وتي چاهہ مان

(١٤)

السٽي آوازُ ڪو، منهنجي ڪن پيو
هردي اندر هير جي، آهي ڪونہ ٻيو
مُرليءِ مست ڪيو، جوڳيڙن جي جيڏيون.

(١٥)

ڪاريهر قتيل، گودين وڏا گودڙي
مُنڊيُون وتي منڊن سان، نانگ نسورا نيل
رانجهن جي رسيل، مُرليءِ مستانا ڪيا

(١٦)

مُرليءِ تي تنهن مرد جي، ڪنيا ڪاريهر ڪر
ٻرُ ڇڏي ٻاهر ٽيا، نيلا نڪري نَرَ
زهري منجهہ زهر، جوڳيڙي جهٽي ورتا

(١٧)

ڪُنديلَ ڪَنَنِ ٻر وجهي، خان ڇڏي خاني
جوڳيسرُ جاني، راويءِ طرف رَوي هليو

(١٨)

راويءَ طرف رَويو، جوگيـــــــرُ جوانُ
هيڪرَ هِير اُڪير ۾، مردُ ٿيو مستانُ
سُورن جو سامانُ، سچل سائُ ڪٽي هليو

(١٩)

چڏي چاهُ چناب جو، راوي طرف رويو
مُرليوُن سُرليوُن ونجهليوُن، وڃائيندو ويو
ٿانيڪو ٿيو، نانگو نورنگ پُرِ ۾

(٢٠)

جوڳي آيو جُوءِ ۾، مرڪٽو مَڙِ دار
مُرليءَ مستانا ڪيا، جنهن جي لک هزارُ
ڪاريهرُ ڪردارُ، نيلا ناٽ نوايا

(٢١)

مُندڙا مڙهي، جوڳي آيو جوءِ ۾
پڙهيو سو پڙهي، مَندڙا محبُوبن تي

(٢٢)

ٿُبيُون تن تٽي، جوڳي آيو جُوءِ ۾
ڪنهن قربُ ڪٽي، رانجهو روليو رَڄ ۾

(٢٣)

نيتيءَ نورنگ پُرِ ۾، ويهڻ وِهُ ٿيو
ڏوراپو نہ ڏيو، جنهن جو چاهُ چناهه سان

(٢٤)

نيتيءَ نورنگ پُرِ ۾، ويهڻ ٿيو وِهُ
قسمت ڪاريا ڪمڙا، ماندِيءَ لڳو مِنهُ
وِرهئون ڪِدي وِهُ، ورهه سندي واسينگ جو

(٢٥)

هاريءَ هڏِي هيرَ، مُرليءَ ڪئي مگنُ
سچل وسري ڪين کي، ويچاريءَ وچنُ
لانگو ٿي لگن، لکيو جنهن جو لوح ۾

(٢٦)

هُتي ڪيرُ هُيُس، هتي آهيان ڪيرُ
سالمرُ اِهو سيرُ، سچل سِڪ ڪرايو.

(ڪافي)

ٽلهه: اڄُ جو جوڳي آيو، نانءُ تنهن جو نہ ٿي ڄاڻان

١. سِر جٽائون جوڳيُن وريُون، لڳين بَسمي لايو
٢. ڪڍهن نہ ڏنم ڏيه انهيءَ ۾، مولي آڻ ملايو
٣. ڏسڻ سان انهيءَ جوڳيءَ جي مُون، ڏاڍو پُورُ پرايو
٤. سيرُ بازارين گهِڻِ گهِڻِ گهنگهرُون، چم چم تنهن چمڪايو
٥. ڏري جوڳي ڏري سنياسي، تنهن سامي نانءُ سڏايو
٦. سوئي ساڻيو رانجهنُ هُيڙو، سچل سِرُ سُٽايو

سُر ڪلياڻ

سمو گندري

داستان پهريون

(١)

تون سمو سردار، آءٌ مي مهاڻي آهيان
شاها، تنهنجيءَ شفقت جو، آهي ڪونہ شُمار
گنديءَ گاندر کان، ڪيو ساري عالم عار
مٺي محب مدارُ، تو ساري ڪينجهر جو رکيو

(٢)

تون سمو سلطانُ، آءٌ مي مهاڻي آهيان
جي تون مهربانُ، تہ ڪهڙي ڪاڻ ڪُڙمَ جي

(٣)

تون سمون سائين، آءٌ مي مهاڻي آهيان
مون لڄ رهائين، جو پَلوَ لڳي اوهانجي

(٤)

پَلوَ لڳي آهيان، آهيان اياڻي
سمي سيجاڻي، جارو جام ڪلهي ڪنيو

(٥)

آءٌ مي مهاڻي، تون سمو ساري سَرَ جو
قرب منهنجو ڪهڙو، جاڻيو ٿو جاڻي
ڪاري سر ڪنير ٿي، ڇڇي ڪڪيءَ هاڻي
راءِ تنهنجي راض سان، آءٌ ٿيس راڻي
سمي سيباڻي، نہ تہ ڪينجهر ڪني ڪير ڪٽي؟

(٦)

ڪلسا ڪلوري، ڪَنِ ڪالوڙا ڪينجهرين
پيهي وڃن پن ۾، ڪن ٻڪين ٻُوري
روز تَنين کي راءِ ڏانهن، ٿيا چانور ۽ چُوري
هيون جي اڏوبنڌ ۾، ڪن ڪيڙا قصوري

هيڻ مٽي تن ڏيکيون، سالان تيموري
واسيو وتن ويس ۾، منجهہ ڪهنبي ڪٽوري
ڇڇي ڪکي تار جي، تن اپر عطوري
ڏي ملڪين مشهوري، سمي جي سهاڳ جي

(٧)

پير منهن نيرا، پاڻي پوندا جن هٽا
سي ٻڌيون وتن سر تي، چاهہ منجهان ڇيرا
ماڻڪ موتي منهن مٽي، هٿين تن هيرا
ڪات سيئي ڪيرا، سگهڙ سمي جام جا

(٨)

وهين وهل لپيون، ٽي پيٽ پاريا پنهنجا
جتي ڏٽ ڏڀَ جيون، ٽي حبيرن جهپيون
ڪڪيءَ خاطر ڏهيريون، ڏُهن منجهہ ڏهيون
جي ڪائن پهڻ پهيون، سي چُوري تي چريون ڏيون

(٩)

جهاڳيون وتن جهاڳ، ميئون ڪارڻ قوت جي
سي عالي درجي آنديون، سمي جي سهاڳ
منجر مها وچ ۾، ڪن رنگيليون راڳ
مهڑا حال جنين جا، تن پلي لاتا پاڳ
ڪينجهر ہن ڪنڌين جي، هٽ اُنهن ٽي واڳ
هيرا لعل لاکيٽا، ٽيا اجَ اُنهن وٽ اجهاڳ
ٻيا پي لکين لاڳ، تن ڏڻين کي ڏيئي ڇڏيا

(١٠)

بيحد ٻگوڙيون، ڏئول نہ جنين ڏوندڙيون
ناپي ڏٽ ڏپ جيون، ڪن خرارين ڪوڙيون
پوري ڦرها ڦريون، اچن ملاحيون موڙيون
جوڙون سپ جوڙيون، جام تماچيءَ تن جيون

(١١)

ڏئول نہ ڪنهن ڏوندڙيون، سيئي ڪينجهر وچ
سمي جي سهج، پراڻين کي پگ پيا

(۱۲)

ڪينجهر سندي ڪنڊيين، ڪن ٽوريون ۽ ٽنڊيون
چڪ جيهون چونڊيون، ڄام ويهاري وٽ ۾

(۱۳)

منهن نہ موچاريون آهي، لڳن تي ليڙيون
ڄام ويهاري وٽ ۾، ڪري ملاحن ميڙيون
پڳيون پونگيون جوڙي ڏي، تن ٻهڳڙ ٿو ٻيڙيون
وڻن ماڻڪ مير ڪئون، جهيري جهيڙيون
توڙي اهڙيون اويڙيون، تہ بہ سمي ڄام سُهايون

(۱۴)

جن ٽي پاليا پيٽ، ڪُمن ڪالوڙن سان
سي تا تيل قليل سان، ٽيون ملائن ميٽ
ڄام جواهر جي ڪري، ٽو انهن پار اُميٽ
ڪئي لاکيٽي ليٽ، ميرڙ ڄامَ مُهائنِ تي

(۱۵)

جنين آڏوہنڊ، عمر ساري اهڙي
سمي جي سُهاڳ تي، آيون ڏاڍي انڊ
تنين جي طولان جيون، پيون هاڪون هنڊوهنڊ
ڏليون ڏوليين چڙهيون، پيرين پون نہ پنڊ
سپ اندامين سنڊ، جڙيا جواهرن ۾

(۱۶)

نوريءَ نادر ڄام کي، ڪي چڪايون چاڻيون
ڪَکَل ڪنڊ ڏياريون، تنهن ڪيري ڪيراڻيون
وڻان سو واڻيون، ٽو ڏي ڏهاڙي تن کي

داستان ہيو

(۱)

مون مَکَ هڪ ٽرار، چار ٽرارا موتيين
تنهن برابر نہ ڏيان، توري جالَ جو هار
جو پلئي پيو هڙو، مهاڻيءَ مٽيار
تہ ڪن مر ڪينجهر پر قرار، جنهن ڄاروڄام ڪلهي ڪنيو

(۲)

تارازيءَ جي توري، مکَ موتين تي نہ ڏيان
هيٺا ٽيٽا نہ وڻان، ٽوري نہ ٽوري
گهوري آءٌ گهوري، جو ڄارو ڄام ڪلهي ڪنيو

(۳)

مک برابر نہ ڪريان، ماڻڪ موتين ساڻ
سمو ڄام سڃاڻ، جنهن ڄارو ڄام ڪلهي ڪنيو

(۴)

مٽي جن موڙا، هٽا ڄارين ڳندئين گودڙين
بينسر بينا زرجا، ٻيا جهاڻا ۽ جهوڙا
ٻاهين ڪلهين ڪين جن، تن چُوڙ تائين چوڙا
سمي جي سهاڳ سان، تن ننگن نپوڙا
ڪوڙيون ۽ ڪوڙا، سچا سمي سپ ڪيا

(۵)

رنگ ڪاري روپون، مڙني ملاحن جيون
ڪنيو ڪارن ۾ اچن، دَرا ۽ دُويون
بيحد جن بويون، تن تي عطر اوتيا

(ڪافي)

ٽلهہ: مون کي هوتن هاڻي ڪوٽيي پنهنجو ڪيو

۱. جَت ڳهٽا ٻيا جگ ۾ سائين، منهنجو هوتَ آرياڻي، ڪنديس ڪونہ ٻيو
۲. لکين پچن پرين کي، آءٌ تاکيرِ نماڻي، سندنِ نينهن نيو
۳. جيهي تيهي در دوسن جي، عاشق هيءَ اگهاڻي، سارو ڪر ٽيو
۴. ڪيائون ڪناري پنهنجي، هيءَ تا پاڻون ڄاڻي، جڏو جيءُ جيو
۵. پرين ڪيو پنهنجو، سچل سگ سڃاڻي، وڃڻون وره ويو

(٦)

هڪ درا ٻي دوءِ، ٻيو گوجان مارن گانگٽيون
تن ـــــان ککيءَ جي اچي، برابر بدبوءِ
لاهي ليڙيون لانگٽيون، مليائون خوشبوءِ
رنگ سوني جي روءِ، صورت تن جي سهٽي

(٧)

منهن مٽي ميريون، هيون ٻيهوديون ٻڇڙيون
گهٽ گهٽ گندي گهنگهرئون، چر چر پيون چيريون
سمي پاڻ سهاڳ ڏيئي، هي جي هُن هيريون
لوهائيون لوريون، پارس لڳي سون ٿيون

(٨)

پارس لڳي سون ٿيون، لوهائيون لوريون
جهل جهڳن کي کانه ڪا، وريون ۽ ڏيريون
محلين رهن مير جي، مهاڻيون ميريون
سمي ڏنا سهاڳ، سهج ۽ سيريون
ڪوجهين مان سهڻيون ٿيون، جهٽ پٽ جهيڙيون
تماچيءَ تيريون، ڪينجهر جيون ڪنيون ڪٽي

(٩)

منهن مٽي ميرا، هڪا ٻيهودا ٻڇڙا
سمي جي سهاڳ تي، ٿيا گاندر گنيرا
ڏسو ڏهاڙي ڏيئي ٿو، درَ تنين ديرا
ساجهر سويرا، سي کائن طعام خوشيءَ مان

(١٠)

ترڪو جن تريون، ڪٺونر ڪڙهيون ڪچ ۾
لڙهون تن موتئين، لڙکن سون سريون
زيور ۽ پازيب ٻيا، زري باف زريون
ڪينجهر ٻئي ٻريون، آهيڙين انعام ٿيون

(١١)

جنين دوءِ درا، ڪچين ڪُر ۽ ڪوٽيون
مٽي پيرين ننگا سي، گاندر سپ گرا
پاهان پاڻ ٻرا، سمي جي سهاڳ کيا

(١٢)

جي ڪٺونر پرن ڪر، تن ناتو نابي سان هيون
ترن جا تنهن تار ۾، روان ڪيا ٽي رم
ترت تماچي ڇام پيئي، دَر تنين جي ڏم
جي هُڪا گوشائت گر، سي پَلوَ لڳي پڏرا ٽيا

(١٣)

ٻه ڏوڏا جن ڏاج، قوت جنين ڪَر ڪوٽيون
اُنهن جو احتياج، ٿو تماچي ڪيڏو ڪيڏي.

(١٤)

تماچي ڪيڏو ڪيڏي، انهن جو احتياج
محبت ڪيو محتاج، نه ته ڪير تماچي گندري

(١٥)

نه ڪنهن روءِ نه رنگَ، هڪا ٻيهودا ٻڇڙا
اڄ پڻ انهن جي ٽيا، پيرن هيٺ پلنگ
مياڻيون معافي ٿيون، نه ابواب نه انگ
پَٽ اوڀين اڙهنگ، سمي جي سهاڳ تي

(١٦)

پوئڪيون ۽ پلا، ٽي مهاڻن ماريا
لک هزارين حاڪمين، ٽي ڪاڏا تن ڪلا
ڪُڙهيون جن ڪَلهن تي، پاڳ ٽيا تن پلا
دمڙي تن نه دست ۾، هڪا ٿڙا ٿکر ٿلا
مين گهر اڄ مال جا، ٽيڙا ٿر ٽلا
ڪينجهر گهمن لاڏڪيون، ڪيون رس رلا
ڪا جا اکڙين ۾ هوئي، مي قيمت ڪلا
اگلا ۽ سگلا، سمي نانءَ سيجاڻبا.

(١٧)

حريران ۽ حلا، ڏنا ڇام ڇارن وارئين
جي هيون اڏوبندن ۾، تن چوتيون چوڪلا
ڪينجهر سندي جاءِ تي، بنايا بنگلا
اگلا ۽ سگلا، سمي نانءَ سيجاڻبا

(۱۸)

ڪينجهر سندي ڪنڈئين، رهن پريون جي ٻيوڙ
تن ميئن مٽي آيا. سالو ۽ سالور
چڙهيو سا ڇوڙول ۾، ٿي حڪم هلائي حور
راتيان ڏينهان راء جا، ٿيا ملاحين مذڪور
سي حاضر منجهه حضور، ويهن تماچي ڇام جي

(۱۹)

لانگوٽيون لاشيون، وَهَ وَهل جي وچ ۾
پلئي لڳي ڇام جي، ٿيون خوراڪين خاشيون
لعلن ياقوتن جيون، وٽن ڪينهن ڪماشيون
تا پي تماچيء جيون، وٽن طرحين تلاشيون
جن پاسا هريل پن تي، تن فرشين فراشيون
رُوءِ هُيون راشون، پر سمي ڇام سُهائيون.

(۲۰)

هُنا خام خسيس، ڪينجهر سندي ڪنڈئين
مُورائو مچيء جا، هُنا ڪلّ حريص
تڏيون تئنوريون تن کي، پاڻاريون سيڙ پيس
جڏهن تماچيء ڇام ٿي، ميئن سان مجليس
پاسي هيٺ اچي پيا، انهن جي اطليس
سونَ رُپي سَرسا ٿيا، هيڪر لٽن هيس
واتين انهن سان ڪري، هر هر ڇام حديث
مهر ائون محبت جي، ڏيئي انهن آسيس
ڪيرَ ڪندو تن ريس، سمي جي سُهائيون

(۲۱)

واتين وَهَ وَهلَ، بانس آئي ٿي بچڑي
تن ويهاري وٽ ۾، ڪيا شاهه شَغل
نُوريءَ ناتَ نوايو، آئي منجهه اٽڪل
اُهي چڙهيا پالڪيين، آهي سيڙ سهل
جهيرن جي جهُوپين، ماڙيُون ٿيا محل
سمُو ڇام انگل، اچيو انهن سان ڪري

(۲۲)

ڇڇيءَ جي هُئي ڇتَ، ٿي آئي عام خلق کي
وَهِ وڃائي وهه ۾، مي مڃائي نه مٽ
نُوري ڇام تماچ سان، ڪِلي چڙهي ڪٽ
سِر لاڇو سرپٽ، ملاحن مشرُو ڏڪيا

(۲۳)

ڦٽيون ڦاٽوريون، هَين گنديُون گودڙيُون
تن ٻريُون بافتن جيُون، جَنگ ڏيئي جوڙيُون
اڇلي انهن ڏي سمو، سونَ رُپوروڙيون
پانوڙَ پاسي مي جي، ڦاٽون ڪوڙيون
گهوڙا ۽ گهوڙيُون، گندريءَ کي ٿو گهوٽ ڏيئي

(ڪافي)

ٽلهه: آءٌ تا تنهنجي آهيان، ڪانڌ متان ٿُون مونکي ڇڏين

۱. ٿُون تا مُنهنجو آهين اصل ڪٽون، ڪنهن نه ٻي در ڪاهيان هوت: ايندين هت ڪڏين

۲. آءٌ نماڻي عيبن هاڻي، سگ نه ساڻو ساهيان پکا اوري آڻي اڏين

۳. توڙي سُجاڻين توڙي نه ڄاڻين، لالچ تا پي نه لاهيان ساڻ گولي پاڻ گڏين

آءٌ تا ٻانهي ٿُون تا سائين، آءٌ غريب سا ڇاهيان نانءُ سڇل ڪري سڏين

داستان ٹيون

(١)

ٹون سمو سرتاج، آءٌ مي مهاڻي آهيان
لاڏئي پنهنجي لطف سان، اسان کان احتياجُ
ڪينجهڙ سارو تو ڪيو، مي سندو مُحتاجُ
ڏُکهنجو مُون ڏُکهن راجُ، مُون ڪيهي ڪاڻ ڪڙم جي

(٢)

تون سمو آءٌ گندري، تون جامن سندو جام
جام سما تو سامرُ، نڏر نوري آهي پيئي

(٣)

تون تماچي جامرُ، آءٌ مي مُهاڻي آهيان
ڏُنو تو آرامرُ، ڪينجهڙَ پنهي ڪنڌيين

(٤)

پلئي مُون پاتوءِ، ٹون راجا لڄ رهائين
سما سُجاتوءِ، ڪامل پنهنجي قرب کي

(٥)

مُهاڻيءَ جا ماڻا، سمي سهڻ آيا
نيلڻِ جا ناڻا، نُوريءَ نڏر ٹو رکي

(٦)

نُوريءَ ڪيو نازُ، ريجهائي اڄ راءِ کي
نِتُ نِتُ جام نيازُ، اچي انهيءَ جو ڪري

(٧)

تنبُوءِ جا طَنابَ، اڄ ڪُتا ڪينجهر ڪنڌيين
ناد وجن ٹا ناطِقا، هيا پي رَودَ رباب
جتي ڪِکيءَ کوڙ هُٹا، قيما تت ڪبابَ
وتن مُهاڻا مستُ ٹيا، ماچي بي مُهابَ
تن تان سپ حسابَ، تماچيءَ ٹُر ڪيا

(٨)

مڙي مجلس مِير ۾، ماچي ڪن ماڻا
مڪڻُ ماڪيڻِ جا، چَنڻِ ٹا چاٹا
ڪِکيءَ جا ڪاٹا، دمپختن دُمبا کيا

(٩)

اڳُ نہ سٹيا ڪڏهين، ماچي ٹيا ميرَ
مڪڙيوُن ڪيون تن جيُون، تماچيءَ تعمير
جهُونگا سي جهبير، ماچين مان ملاح ٹيا

(١٠)

مِلي مُهاڻا ميرَ سان، ٹِيڑا ميربحر
ڪاريُون ڪن قهر، لاءِ سندي رعيت سان

(١١)

ڏت جنين ڏوڏا، پهرڻ پاهوڙا تنين
پيٹا وجن تن جا، گپ اندر گوڏا
سي پٽن جي پينگهُين، تن لال ڏيئي لوڏا
اهي آٹيو اوڏا، ٹو ويرُ وهاري وٽ ۾

(١٢)

لاڏَڪيُون لڏن، ڪينجهڙ سندي ڪنڌيين
ڪاريُون ٹيون ڪڏن، سمي جي سُهاڳ تي

(١٣)

هُٹا وڏا جن تي ويل، ٹي ڦوتُ مِلين ڪين ڪي
خاصين سي خوراڪن تي، تان ڪن مُهاڻيون ميل
مڙي جُهڙي پاڻ ۾، ڪن سيلابين سيل
پوءِ لاٹا جام لطف سان، زبونن ٹئون ذيل
تن سي تيل ڦليل، اڄ عطر گاڏڻ اوتيا

(١٤)

چوليون جَن جِڪَ هيون، اُڄ ٹيون لاکين لائوُ
جُيٹيون جڙائوُ ، پايون وَٹن پير ۾.

(١٥)

ڏُکين کي ڏولين، جام تماچيءَ چاڙهيو
نيلَمَ نوريءَ کي وجهي، ٹو جواهر جهولين
زَري قلابات جا ، تنهن چڪر تي چولين
چٹڪائي چولين، هيرا لکان لکين

(١٦)

پيرين اکهاڙيون جي گهميون، تن لڳيون سو سُتيوُن
سائُ جَڙاءِ جتيون، ٹي ڏنيوُن تماچيءَ تن کي

(۱۷)

ڪوجهيون رَنگَ ڪاريون ، مُنهن نَ موچارَيون سي ڪيڏيو ڪالورن جُيون، سر ڪٽن ڪاريون ڪيئي ڪٽي ڪيرين، آقا ٿو آريون ڏَڪَنِ سالو سِر تي ، ڪَلهين ڪَينارَيون زورُ ڇڏي زاريون، ٿو تماچي تَنِ ڪَري

(۱۸)

بيهُودا بي آبُ، هُنا ڪنيجهُرَ مَٿي ڪنڊيئين پلئي لڳي جامَ جي، ٿيڻِ جوڙَ جوابُ ٻيا سَبُ حرفَ حسابُ ، ملاحَنِ مَعافُ ٿيا

(۱۹)

ڪَنورَ جَنِ ڪُڙهَيون ، هُيون هَميشہ هَتَ ۾ سي لوڙهن جي لڙه لَئي ، تي لڙئي منجهہ لڙهيون ڪارَنِ ڪَلاڪَنِ ڪي ، ڪَونتلَن ڪُڙهيُون سي وتن چيڪ ڇڙيون، ڪي تازي طنبيلن ۾

(۲۰)

تي پڻ هوءِ هيڻيون پورهيو ڪندي پن ۾ ليڙ جن لڳن تي، ٻانهين ڪنين پٽيون پلئي لڳي جامَ جي، ڇيهين ڪان ڇٽيون تن لانگو ٿين لٽيون، تي مهرون لعلون لاڏ سين

(۲۱)

هنا لانگوٽيا لول، ڪوجها ڪهين نہ ڪر جا تڏي مڏي ڪا نہ تن، ڪن جهروڪين جهول غلم غابَ غاليچا، ڏي تنين ڪي طول مڏيون مال ڏسي اُهي، غمزا هٽنِ غولَ قَدَر تَنِ ڪي ڪهڙو ، جي آهن اولَجلولَ ٻيا اِهڙي منجهہ آلولَ ، تَنِ جاريون جارَ وساريا.

(۲۲)

هُيوڻ لَسَ لانگوٽيون، پاڻيءَ پوندي جَن جِيوُن تن ميائيون معافي ٿيون، ڇر سيا ڇوٽيون ميون ريجهائي راءِ ڪي، ماڻن سان موٽيوُن تن جيون ڪٽي ڪيتريُون، جامُ سَمو ٿوٽيوُن ڪريُون ۽ ڪوٽيُون، تَہ بہ آخر ننگ تماچ جو

داستان چوٽون

(۱)

مُهاڻيءَ مَرڪَ جان، تماچي طريلَ ٿيو مٽي مي گلاب جو، ٿو اوتي عطر عرق ڪيائين ڪو نہ فَرقُ ، پاڻو ڳڏيائين گاندرين

(۲)

جَنِ مان بُجڙي بانسَ ، آئي ٿي عامَ ڪي تَنِ سان سَمي جامَ جا، ايڏا ٿيا اِخلاصَ ٿي عامَ نہ ڏٺو جن ڏي ، سي ٿيا خاصن خاصَ عطر عنبير مُشڪَ جا ، وڪين ڏين واسَ لڪين ڪَنِ لباسَ ، زريءَ ۽ زَرباڤَ جا.

(۳)

ڪَيو ڪالورا، ٿي آندا آڏوبَندَ ۾ جن پيرين لِتر ڪونہ هو، سي ڪن جڙائو جوڙا تَنِ مُهران سونَ سَمو ڏيئي، روپا ٻيا روڙا ڏيهہ ۾ ڏوڙا ، ٿيا سَمي جي سهاڳ سين

(ڪافي)

ٽلهہ: مَتان تُون مونکي ڇڏين ، سُونهان سَجَنِ جا

۱. مَحبُوب سان نانءُ ڏٺيءُ جي، هيءُ غريب گڏين

۲. نہ ٿو ڇاڻان ڏيهُ اُهوئي ، ٿيندو الا جي ڪَڏين

۳. جڏهن حاضُر ٿيين حُضور ۾، نانءُ سَڇَل ڪَري سَڏين

(۴)

ٹي لانگوٹين لوڙ ، پي ڊويا ساريءِ ڊنڊ ۾ نـاپـي ۽ ڏڻ ڏپ جـا، آڏيـو ڪـن آروڙ ٽتي مُشڪ عطر ٽيا، هُنا جت ککيءِ جا ڪوڙ سي ڪن ڪناريين ڪپڙا، هيا جواهر جوڙ مٿي هٽي مـوڙ ، ڳهڙيو تماچي تن ۾

(۵)

مڪ برابر نہ ڏيان، توڙي پرين موتيين ماڻ جو مون ڪميٽيءِ ڪاڻ، جارو جامر ڪلهي ڪنيو

(۶)

جامر ڪنيو جارو، مُرکي ملاحن جو تيلهان مڪ مٿي موتين جي، ڏيان ٽيٽو ٽرارو ڪل ڪينجهر ڪنارو، مُهاڻن معافي ٽيو

(۷)

موتيءِ مٿي مڪ جي، وڻان نہ ٻيٽا پي برابر نہ ڪريان، ٽڪندين ٽيٽا آسين تا هيٽا، پر جارو جامر ڪلهي ڪنيو

(۸)

مڪ موتين تي نہ ڏيان، توڙي هُنن پاتون پات ڪوجهي مان ڪڍ ذات، پر جارو جامر ڪلهي ڪنيو

(۹)

مڪ موتين تي نہ ڏيان، ويهي منجهه محلات سندم ڪني ذات، پر جارو جامر ڪلهي ڪنيو

(۱۰)

هُنا ٽولاکين ٽوٽ، پر نادر جامر نوازيا ناپا لوڙه ڪلور ٽي، ڦڪيائون ٽوٽ سي آج ڪيا وتن خمار ۾، آئي پهر الوٽ ڪينجهر پنهي ڪنڊين، ٽيا لانگوٽيا لک لوٽ بنورين ٽيون پينگهين، ڪن جهيرين جهوٽ هڪ ڪنولر ڪلهين سلڻ ڪن، ٻيا مُنهن لاڳن مُنهن سوٽ ڇڇيءِ هاڻن ڇوٽ، ڪيون مرد مياٽيون.

(۱۱)

جن ٽي ڦڪيا ڦٽ، ٽيا ڪلين قيمن هيروان آج تن دُشالا سر تي، ٻيون شالون ٻڌن ٻٽ زمرد ۽ يـاقوت جي، ٽي لعلن هيرن لٽ سمي سڀ معافي ڪئي، ساڻن تان سڀ ڪٽ لٽيا ذيل انهن تان، ڪلي ٽين ڇڙ ڇٽ عيب ڏسي عامن جا، ڪيائين ڪانہ آپٽ انهن جامر آکٽ، ماڪ موتي ٽو ڏيئي

(۱۲)

هيڻ مٿي پوتي، هُئي ماڳهين مهاڻن کي پاڻيءِ پوندي تن هُئي، چڪ جيهي چوتي آج گاندر سر گلاب جي، عطر عنبر اوتي مُنهن لڳس موتي، سمي جي سهاڳ ۾

(۱۳)

ٽو جارو جامر ڪٽي، مرکيو ملاحن جو زري اون زربادلي، ٽي ڇڳيو ڇٽي سهجون سون رپا ڏيئي، ماڪ مي مٿي خيما خوب قناتان، هيجئون تت هٽي ڳاٽاتي نہ ڳٽي، ڏي جال جواهر تن کي

(۱۴)

تماچي طرا، ٽو سڏيون ٻڌائي تن کي سي شوئون وٽن شڪار تي، ڪنيو زور زرا ڪڏائن ڪرا، سي ٻنهي کينجهر ڪنڊيين

(۱۵)

راتيان ڏينهان ڏپ، هو مرڪ ملاحن جو ٽي هوڙيون وهه وهل ۾، ڪٽي جهيرن جهب هو روز جنين جو رب، سي ڪلين حلون هيروان

(۱۶)

مهاڻيءِ جي من ۾، نہ هو گيرب گاءِ نيٽن سان ناز ڪري، ريجهايائين راءِ سمو سڀني کانءِ، وڻي ويني پاڻ سان

(١٧)

ويـــنِي بـــازَرِ وچَ ہِر، هَتَ ڪِڪِيَ هـــاڻس
دَرَنِ ڪـــاڻِ دُهَـــنِ ہِر، پَـنَ وِڏا پـــــاڻـــس
هُئِي مُهاڻِي ماڻس، هِنَ سـال ڪَرَمُ ڪَريرَ ڪيو

(١٨)

ڪِڪِيءَ مـــاڻس ڪـــارِيُون، ڇڇِيءَ پٽس ڇَجَ
پاندَ جـهـيـن جو پاندَ ســان، لَڳو ٽِيـئي لَجَ
سَمُو ڇامَ سَهَجَ، اِيـو ڪَري اُنهَنِ ســان ڪَري

(١٩)

ہِيُون پِي چارِ چَرِي هليُون، ہُڏِي دَعَويِ دانايُون
هَلي تَ ڪِڪِي لَوڙَ ســان، ڳَجُ ڪِي ڳالهـايُون
مَضمُونُ ڇاهي مَلاحَ جو، جَنهنَ سان راءِ ڪَٽِي رابُون
نوريءَ آڳِيـان نازَ مـان، جَڏهن ڇِٽِ آکِيُون ڇايُون
تڏهن سَمجهِي ســايُون، ہولِيندِيُون ہاتِيُون وِيُون

(٢٠)

لَٽـــــو لانـگـوٽِيَنِ جي، پَکي ڇامَ جَـلـي
مَنهِن مَنهِن پِيُون مَسندَان، جهڳِياپاس جَهلي
مـــاڻـڪ ۽ مـــوتِيـن، چولي چول چلي
ڪِينجهرَ سَبُ ڪَلي، جَنُ اُصلِي ڪان اِهڙو هُيو.

سُرُ ڪَنيات

عُمَر مارئِي

داستان پهريون

(١)

آيا ڪالَهـوَن ڪالَ، هُيَسِ مـارَنِ ڳَڏَ مَليـرَ ہِر
سي ڏِينهنَ وِيڙا گڏرِي، جَنُ منجهہ خُوابَ خِيالَ
پَريـنءَ ڪَنـڊِيَ پَکڙا، جوڙِي ويـنـــــا جالَ
جَنِ جِي ســاهَ سَنيـالَ، سي آجُ پَهنَوارَ پَري ٽِيـا

(٢)

هِيءَ وَسَ جَڏِيـائُون، هُنَ وَسَ وِيـا واهـٽِيـــن
پَکـا پـانـوَرَ ڪَنـڊِيـن، آڻِي آڏِيـائُـون
پَتِي اوريـان پَکڙا، هُنَ پَرِ هَنيـــــائُون
پانـوَرَ سَنديُون ڪَنـڊِيُون، وَجِي واسِيـــائُون
جَڏِي مُلڪُ مَليـــــرَ جو، وِيا ٿَريچا تـائُوَن
وُڪَنبَ جَنِ آئُون، سي آجُ پَهنَوارَ پَري ٽِيـــا

(كافي)

ٽلهـ: مَحَبَتَ عشقَ مَولِيَ جي، گـهـٽـا سي گـهـوٽ گـهـايا ها
١. هَزارين ساهَ ساجَنَ تان، گـهـورِيُون گـهـوري گـهـمـايا ها
٢. وِرهَ جي واتَ تي وِيرَنِ، ڪُلَهَن ڪـــان ڪَنڊَ ڪَپـــايا ها
٣. ڪَنين سِرَ ســاهَ ســاجَنَ لَئي، مَٽي سُـورِيءَ سَنيـــايا ها
٤. ٽِيـــو تَنِ مِيـــهٽُو مـــوٽَنُ، تَڪِي ڪَنهن تاءَ تايا ها
٥. مَٽـــان مـــيـــخاني تي مَستَنِ، وَتِيءَ جي وَتَ وَڌايا ها
٦. انهـــيءَ پِڙَ پَهلـــوانَنِ، جـوشُـئـــون جيـــرا جَلايا ها
٧. ڪَنيـــا جي مَوجَ مَحَبَتَ جي، اُهي هُنَ ســـارَ آيـا ها
٨. نسَنگُ هـنَ نِينهـن جي ناتي، گـهـــٽَـنِ جا سِرَ ڳنوايا ها
٩. سَچَلَ آجُ صَدَقَ تَنِ تـــان، جَنـــيـــن رَنـــگڙا رَچايـــا هـــا

(٢)

ٹيا پَهُنوارَ پَري، آءُ ڪنهنِ ڪي ڏوراپا ڏيان
اُنهَنِ ياجهون مارئي، ٿي ميان هت مَري
نيئي قَبرَ ڪري، ڪو اوڏو آباڻن ڪي

(٣)

سارِيَر آجَ سَنگهارَ، جنِ ڏٺي مُون ڏينهنَ ٽيا
لَنگهي لَکَ ييهي ويا، پانورَ منجهه پَهنوارَ
هٿي وينا پکڙا، سڪ ٿي آجَڙڏارَ
جِنِ جي ساهَ سنيارَ، سي آجَ پَهُنوارَ پَري ٽيا

(٥)

پَهُنوارَنِ پَيغامَ، جيڪَرَ مُکا تڏهين
مُون کان آجَ پَري ٽيا، ويڙهيچا وريامَ
تيلهان آيَر ڪين ڪي، سنگهارَنَ سَلامَ
هُنا مَليَر مَدامَ، پَرَ سانگيَنِ اچي سَانگَ پيو

(٦)

تڏهن مُکائون، مُونڊي خاصاخابَرو
لَهَڻَ سڌ سَنگهارِ جي، نا پانڊي پَٽيائون
شايَدَ پَري پَهُنوارَ ويا، جو سڌ نَه لَڌائون
پکا پانورَ ڪنڌيين هَيجئون هَنيائون
چڏي مَلڪَ مَليرَ ويا، هُنَ ٿَرَ ٽيلهائون
ايئن آتيائون، تہ هُت ڏَرُ ڏريجو ناهه کو

(٧)

ڪڏهن ڏيهَ ڏنامِ، ٿي ساعَتَ ساعَتَ سُومرا
مارُن کالهَ مَليرَ ٻر، پَرَ پَري آجَ پيامِ
آهي ڪوتَ آنهنِ ريءَ، اکڙينِ ڪي آرامِ
سڏا وَتان سِکَندي، سانيَڻُ سورَ ٽيامِ
سي پَڻُ ڪين ويامِ، ٿي جَنِ سان ڳڙهيَمِ ڳالهڙيَون

(٨)

جي پُڇُنِ پوءِ پيامِ، سي تا ڏُکيا ڏينهڙا
هيئن نہ پائِئُ ڪا هُيَمِ، تاڪي هيئن ڪندامِ
وڃي ٿَرِ ٽيامِ، سڌِ لَهندڙَ سي سُومَرا

(٩)

جي هُوندَ آتيئي، هُنا ماروئڙا مَليرَ ٻر
سڌ لَڌائون سِکهڙي، حالَ ٻڌي هيئي
پَرَ ٿَرِ ڇڏهي ويئي، جيڪَسِ وَسيءُ ويڙيچَنِ جي

(١٠)

پَري ڏينهن پيانِ، جيڪَس سانگيَنِ سانگَ پيو
پکا پانورَ ڪنڌيين، ٿَرِئون ڏورِ ٽيان
هُوندَ ڏوراپا ڏيانِ، پَرَ پَهُنوارَ پري ٽيا

(١١)

پَري ٽيَمِ پَهُنوارَ، جَنِ وَري وَرَئُ نہ ٽيو
ڏيان ڏوراپا ڪنِ ڪي، ٽيا سَهَجَ ڪاڻِ سَنگهارَ
عُمَر اُهائون آهِ مُون، جو دَمِ تَهنئون ڏارَ
اُهي آجَڙوارَ، مانَ مِلائي مُون ڏَڻي

(١٢)

پَرين ٿَرِ پَهُنوارَ، جيڪَسِ وڏو وِڇُڻَ ڪري ويا
ڪڏهن اينديمِ اوڏڙا، سُومل سي سنگهارَ
رِئُ چڏي ريدارَ، مَنَ ڪرَنِ مُنهن مَليرَ ڏي

(١٣)

آتَمِ سارَ سَندنِ، پَرَ آجَ پَهُنوارَ پَري ٽيا
مُشڪِل موڙَئُ تَنِ جو، هي جي لَکَ لَنگهنِ
وَري هيجَ وَرَنِ، جي سانگيَنِ ڪوسانگ پيو

(١٤)

پانورَ پاس پيا، وَڏا اڏوڻين ڏيهڙا
ٽانهَرَ وَجي ٿَرَ ٻر، ٿَريچا ٽيا
لَنگهي مَلڪَ مَليرَ جو، ويڙهيچا ويا
قادر، شال ڪيا، مُونکي ويجها واهڻين

(ڪافي)

ٽلهه ۽ پَلِيَل پَدَنِ پوڙ، عُمَرَ! تَنِ مارُن جا آلا!
١. دَمِ دقمِ مُهجي دِلِ ٻر، آلا! مارُنِ جا مَذڪور
سَرتيُون سُورَنِ جا، آلا!
٢. سانگيڙَنِ ڪي سَدا، نتَ ساريان، هيڙي هُريمِ هور
پوءِ تَنِ پورَنِ جا، آلا!
٣. مَنِ مَچائي سَچَلَ ويو، وو! دائمُ دونهان دَستُور
خاصَنِ لُوڙَنِ جا، آلا!

داستان ٻيو

(١)

هي لويون ڏکي لوءِ، ڪڏهن ايندا ها آجڙي
آڄ ڪا هٿي پانوڙين، عمر وينا اوءِ
تن ٻهنوارن پوءِ، موٽي آڻ نه ٿيو

(٢)

جو هو ڏاڏاٽو ڏيهه، مونهان مور نه وسري
ڏاتر لڳ ڏيکار سو، سومرا ساٿيهه
ريءَ ٻهنوارن پرڏيهه، ماڳ مڙوئي پانيان

(٣)

ڏيهه ڏاڏٽي، شل سکهي وڃان سومرا
مونکي مارو ٿڙن ٻر، ڇڏ عمر اماڻي
ڏينهن گذري ڏک ٻر، ٿو ڇاڻيندر ڇاڻي
ڏکن سنديون ڳالهڙيون، اوريان آباڻي
ساجهر سنگهارن ڪي، الله شل آڻي
هنن ريءَ هاڻي، گهڙي هت نه گهاريان

(٤)

وس نه وساريام، سرها وڻ ساٿيه ڇا
پيا هيڪندِ ڏينهڙا، جي ڳڏجي گزاريام
ياد ڪيون سي ڪيترو، سانگي سنياريام
اوڏانهن اڏاريام، ڪل لهڻ لئي ڪانگڑا

(٥)

جهڙي هيس ملير ٻر، هت ٿيان تهڙي
پر ڳالهه ڪريان کهڙي، جو قابو هيس ڪوٽ ٻر

(٦)

جيڪس سنگهارن، اهو ڏيهه وڻي ويو
وري هيڄ ورن، جي سانگين کو سانگ پيو

(٧)

جيڪس سنگهارن، ورڻ نه ٿيو
عمر آباڻن، وطن سو وڻي ويو

(٨)

ڏيه آتي جا ڪي، آڄ آڇي مون ياد پيا
ٻهون ٻهنوارن جيون، صبح ويلي سي
آتيا آڇين آب لئي، متي آنهن اهي
جر جا جهانگي جي، تن سانگين کو سانگ پيو

(٩)

آريون آباڻن ريءَ، پيو ڪندو کير
هي جي ڳهه ڳچيءَ جا، ظالم پانيان زير
سنگهارن سوير، ملان شال ملير ٻر

(١٠)

هت هيس کير ملير ٻر، هت ٿي آيس کير
جيکس پيڙهر پير، فقط لڳ فراق جي

(١١)

عمر آباڻن ٻر، لڏم لاڻون لوڙيين
گهڻ موتي مالهڙين، هار گهوريان هن حال ٿئون

(١٢)

آڄ نه حوضين هووءِ، مارو کين ملير ٻر
ايندا هٿا آجڙي، ڪليون ڪنيو ڪوءِ
جيکس اهي پر جوءِ، ويا ويچارا واهٽين

(١٣)

ٿي گڏ ڪير گذران، جنين جهانگيڙن سان
ڪاڻي اڄ اهي ٿيا، سومرا سڃاڻ
ڪاڻي پيس آءٌ آڇي، اهه اهو ارمان
حيرت ٻر حيران، عمر اتي آهيان

(١٤)

عمر اباڻي پار جي، فاني ڪيس فراق
ريجاڻن رهاڪ، تن ٿر وڃي ٽاڻا ڪيا

(١٥)

ويجهائيءَ لئي وجهلان، سندي اباڻن
اهي هميشه هڻن، جي سڏ لهن سپ حال جي

(١٦)

مون جاليو سان جن، موڻي تن نہ پڇيو
حال هِن جيون خبرون، پيون هوندن ڪن
پڪا پانور ڪنڊيين، توڙي هنيا تن
ڏيان ڏوراپا ڪن، جو سنگهار ئي ساڻيه ٿيا

(١٧)

جي هوند انهيءَ جاءِ، هئن اباڻا اوڏڙا
تہ جيڪس وس وڏا ڪرين، منهنجي ملڻ لاءِ
أتن عتابَ نہ آءِ، جو ڏوريءَ ٿر چڙهي ويا

(١٨)

جي اوڏا هوند هيام، ماروئڙا مليرِ ۾
تہ پڻ پيغام فراق جا، مارُن ڏانهن مُڪام
پر پرين ٿر ٿيام، ناه عتابَ أنهن تي

(١٩)

چا هون چڏيائون، نہ ڇاڻان ملڪ مليرِ جو
پڪا پانور ڪنڊيين، نيئي عمر اڏيائون
اڻئي پهر اهاڪي، أنهن ريءَ آئون
ڪو موڻي ڪائون، من ماڻهو مُلڪ مليرِ جو

(٢٠)

ڪاڻي آءِ هياس، ڪاڻي آيس سومرا
هُتان هلي هت، پُورن منجهہ پياس
ميهڻي هاب ڪياس، وڇوڙي جي ڏينهڙي

داستان ٽيون

(١)

شال نہ رهن ڏور، هُئن اباڻا اوڏڙا
ميان تن ريءَ مور، مون هت جالڙ نہ ٽيي

(٢)

شال نہ وسارين، هئان ياد أنهن کي
عُمرَ، اباڻن جيون، ڳالهيون ٽيون ڳارين
ساه رڳون سارين، من پهچان پهنوارن کي

(٣)

ڏوڻي ڏورئون ڏور، عُمر اڄ موڪي ٽيا
سُمهڻ جاڳڻ سور، مون گذارڻ آيو

(٤)

جڏهن آءِ جاياس، ڪنهن وَڻي وِهُ جي نہ ڏني
جڏهن سامايياس، تڏهن آيس اوراتن ۾
(٥)

هي سامائجڙ گهوريو، جنهن بت ڪيو بيرڪون
وجي شل ويڙهيون، ڏسان ڏوٽيئڙن جيون

(٦)

ڏني ڏوٽيئڙن کي، ڏاڍا ڏينهنَ ٽيا
جالڙ جدائيءَ ۾، جيڪي پلڪَ پيا
سي وٽواند ويا، سارا سنگهارن ريءَ

(ڪافي)

ٽلهہ : رُئان زارون زار، مان مارن کي ملان
٢. ڏيان ڏوراپا ڪنهن کي، پري ٽيم پهنوار
٣. ولي ويڙا پاڻ سان، منهنجو ساهُ سَنگهار
۴. اهو اٽم آسرو، ايندم اجهڙوار
۵. ڪندا مُهڙ مليرِ ڏي، رڙ ڇڏي ريڍار
٦. سو دم گونڊر گذري، جو دم ڏٺيان ڏار
٧. وڃي پڌندس أتهين، سَندي پيهن پُڪار
٧. رکي ويڙهيچا ويا، مونهين سر ميار
٨. پيڪن مون پهچائين، سومرا سردار
٩. روئي رت اکين جا، جهونا ٽيا جهالار
١٠. راتيان ڏينهان اوڏهين، سچل سار سنيار

(٧)

هَت تا لوءِ لڇن، سڀي ڳالهيون سومرا
پيهي ڪيئن نہ پُڇنِ، جي هُئَن اباڻا اوڏرا

(٨)

پاڙو پاڙي ساڻ، شالَ هُئان اباڻن جي
پکي تن جي پاڻ، آءٌ تان سڪيو پانيان

(٩)

عُمَر رَبَّ رکي، شل پردي ساڻ پناهہ ۾
مئان منجهہ پکي، عُمر اباڻن جي

(١٠)

پردي منجهہ پناهہ، مون کي رب رکيج
اکندُ هن ارواح، آهي اباڻن جي

(١١)

پَلَکَ نہ پاسي، شَلَ عُمر اباڻن کان
گَڏَ گڏين ها سي، سڏي سرتين سومرا

(١٢)

وڃن تا مرَ پري، شل اباڻن اوڏي هُئان
سَڏ لهنر سگهڙي، ذري منجهہ ذري
اکيون آبَ پري، ويڇهائيءَ لئي وِجهلان

(١٣)

بيوسي آهيان، هن ماڻن ۾ مارو
واري ويهي رَهيا، ڇڏ منجهائئن ناهيان
لالچ نہ لاهيان، پسڻ پهنوارن جي

(١٤)

موتي شال اچن، ماروئڙا مليرِ ۾
اچڻ سندي تن جي، ڪر پوي مون کن
تہ سپيئي سک ٿين، گوندر وڃن گذري

(١٥)

ڪائي پلک پري، عُمر اباڻون نہ ٿيان
ذري منجهہ ذري، هُئا پچندڙ حال جا

(١٦)

ڏوراپا ڏيئي، ڪنهن هٿ مُنجان مارئين
واري ويهي رهيو، حالَ ٻڌي هيئي
مڙي اچو مون گهرين، جهانگيئڙا جيئي
جي آهيو اتيئي، تا لهو سڏ سنگهار جي

(١٧)

موتي ماروئڙن، سڏ نہ لڌي ساهہ جي
دل تان لاهي ڇو ڇڏيو، اديون اباڻن
ڪنهن ڳڙ سنگهارن، جيڪس ويس وسري

(١٨)

ڏسي کيت کڻي، ويا ماروئڙا مليرِ مان
پکا پانور ڪنڊين، ويڻا حال هٿي
اڳي پهنوارن پاڻ ۾، ٿي اها ڳالهہ ڳڻي
رَتي رهڻ ناهہ هت، ڇاڻي هڪ ڏڻي
جا عادت ظلم زور جي، وئي همير وڻي
رعيت جي رنجائڻ جي، ٿيس گهُر گهڻي
برسر هيءَ ٻڻي، سنگهارن تي سومرا

(١٩)

الله اوري آڻ، ماروئڙا مليرِ جا
يا مون کي ڪِڍي ڪوٽ مٿون، نيئي ملڪ رساڻ
پچندي وڃي پاڻ، پهان پهنوارن جي

(٢٠)

آڻ الله اوري، ماروئڙا مليرِ جا
مون کي آندو اوچتي، هت ظلم جي زوري
آءٌ تنهن گهڙيءَ تان گهوري، جيئن هيکاندي هڪ ٽيان

(ڪافي)

ٽلهہ : رات مُڪم روئي، ساري سلام سنگهارن کي

١. اکيون اباڻي پار ڏي، ٻيڙيون جُهڙ جهوئي
٢. اباڻن جي آسري، ليڙون ٽيم لوئي
٣. ونڊن ورڇڻ پاڻ ۾، ڏونرن جي ڏوئي
۴. لکي ڪاغذ مون وڏو، پکي کي پوئي
۵. کي ڏينهن ڏوير ڪيت سان،آب پري اوئي
٦. اوهان ٻاجهون ڪونہ ڪو، ڪل لهي ڪوئي
٧. مارو ملندءِ مارئي، سچل کي سوئي

داستان چوٽون

(١)

ڪيڏانهن آءٌ رهياس، ڪيڏانهن اباڻا هاڻي نه ڄاڻا، ته ڪا موڻي ملندیس مارئين

(٢)

ايا نه آيا، سنگهارا سائيه جا ڏيه جهجها لايا، وڃي پانور ڪندیين

(٣)

جيڪس نه آيا، سنگهارا سائيه تي نه ته ڪيتن خابرو، تڏهڙئين هلايا تن ڏينهن وڏا لايا، وڃي پانور ڪندیين

(٤)

ڪي ڏينهن هيس قرار، مارن ڳڏ مليرِ ۾ درد نه هو ڪو دل ڪي، هيس مِٽن ۾ مختيار ريءَ اباڻن آر، هاڻي ڪنديس ڪن سان

(٥)

جهانگيڙن لئي جيءَ، عمر آهه أباڻڪو نيئي ملائج مارئين، حال ته مئي جو هيءَ سانگيئڙن ۾ سيءَ، آه ايا توڻي تنهنجو

(٦)

ويجها جڏهن هُياس، ماروئڙا مليرِ ۾ ڳجهي ڳالهه تڏهن، تن ڪنين ڪين وڏام هاڻي ڪيئن ڪندام، ٽريچا ٽر رهيا

(٧)

ٽيا پهنوار پري، ڏيان ڏوراپا ڪنهن ڪي وهندو شال وصال جو، ڪو پَڻ واءُ وري نيئي ڳڏ ڪري، مون ڪي ماروئڙن سان

(٨)

مان أنهن ڪي ساريان، هو پي سارين مون جي راضي ٿئين تون، ته ملان ماروئڙن سان وڃي

(٩)

مان هت اباڻنِ ساريان، هُت اباڻا سارين واڻان نهارين، منهنجي اچڻ سنديون

(١٠)

هير جن سان حال، سي اڄ سنگهاري سَجڪاڻ ٿيا عُمر، أنهيءَ پار جي، اڻ سار سنيال جو صبح آڻي ساجهري، مارو چيڙن مال پيس پري پهنوارن ڪان، هي جي ٿير حال آهي انهيءَ ڪوٽ ۾، جيئڻ منجهه جنجال سگهڙي وڃي شال، پيهان پکي پهنوارن جي

(١١)

جن ڳڏ ڳڏاريوم، سپ جماندر سومرا اچي پري پيس أنهن ڪئون، مونجهه انهيءَ ماريوم ساريو سنگهارن جي، ڳالهين هت ڳاريوم هو مارو محرم حال جو، سو پڻ سنياريوم ڏيه ڏاڏاڻو ڪڏهين، وار نه وساريوم نِتُ نِتُ نهاريوم، پهنوارن جي پار ڏي

(١٢)

قرابتي ڪاڻي ٿيا، آءٌ ڪڻي آئي قسمت قيد ڪڻي ڪيو، آءٌ ڪڻي ڇائي آهي منهنجي روح ڪي، ريءَ مارن موڳائي اڻئي پهر أنهن جي، وات اڻ وائي گهٽي مُدت مونجهه ۾، مون پڻ لنگهائي من سگهڙي سنگهارُن جي، ڪل پوي ڪائي ته ڪي آهن آرامي أتهين، جهانگيئڙا جائي ڪي ويا مُلڪ مليرِ مان، ڪري آجائي وڃي پانور ڪندیين، ويڻا وهٽائي أتي تازا توانا ٿيا، ڏڪ ڏئونرا ڪائي ڪر سومرا سائي، جيئن ٿين آسودا آجڙي

(١٣)

ٿيان آسودي آجڙي، جيڏين سان جائي تازي تواني تُرت ٿيان، ڏُڪ ڏُونرا ڪائي عُمر آجائي، سگهي ڪجان سومرا

(۱۴)

پري ٿين نہ شـــــال، هُئن اوڏائي آجڙي
آٿي ويٺي تن جا، اٿر خواب خيـــــال
سدا سانگيـــڙن جي، اٿر ساهہ سنڀال
هِت مُون هجڙا حـال، هُت عتـاب اُنهن جا

(۱۵)

عُمـــر مُون ڏي آيا، اباڻئـــون عـــتـــاب
کيين محلين مـارئي، ٿي قـورمـا کباب
هت مُون اکيون پنهنجيُون، روئي جهليُون آب
جهـــوريس هن جواب، عُمـــر اباڻن جي

(۱۶)

نيـــئن کو نيـــاپو، مُنهنجو مـــاروڙڻ ڏي
مـــون ڏي اوهان مـــوکليـــو، ڏيئي ڏوراپو
لـوئي لاهـي سِر کـئي، سُون رُپي چاپـو
مون کان وسري ڪين ويو، آهي پَر جَهڙ اهو جهاپو
ايندين سگهي ايڏهيـــن، لاهي لاڳاپو
مولي ميلاپو، ڪندو سگهڙو سنگهارن سان

(۱۷)

پهنورن پيـــغام، اڄ ڏيئي مُکـــا مـــون مَڻين
کڏهن آيا کين ڪي، تو ڏنهن هي سـلام
کائين اِتي کيـــر ٿي، طرحين طرحين طعام
پيـــرُون چُوندي پٽ جا، ٿي کڏهن لاڙيو لام
ڏسي عـيش آرام، سي ويلان ويڑئي وســري

(۱۸)

آءٌ پـڙ چا چوان، مـــوتي مـــاروڙڻ ڏي
هَئي هَئي هن حـــال جي، ناهي کَلَ اوهان
هت اُنهن ريءَ ســومـــرا، نتَ نتَ سُور نوان
پکي شـال پِهـان، مـان ويي پهنوارن جي

(۱۹)

کئي ساڻ کٽي، جا آندم مُلڪ مليـر کـان
سـا اڄ توئي تا سـر تئـون، لحظو کين لٽي
لوئي سندي لڄ کـان، مـان ڏکيـان پٽ نٽي
هت سُورن آهہ سٽي، اَئين ٿـيُون ڏوراپا ڏيو

(۲۰)

ايڏاهين ايندياس، مـــهل مـــوچاري سُومـــرا
لـوئي اُهـا لـوءِ جي، جِن نـہ چڏيـندياس
تهـــباران توٽي ٽـيـئي، مُور نہ مٽيندياس
آخر اچي ڏوٽـــيـــن کي، آٽي اڏيندياس
مَنهـيُون مَنهنِ ســان سگهي، آٽي اڏيندياس
ڳالهيُون ڪڙهيندياس، سرتيُن سان ساٽيه ٻر

(۲۱)

چئي مُکـــائون، هيـــئن ڏاڏائي ڏيه ڏنهن
جيڪُس اهي تو هُيون، مَنَ جيون مُدعـائون
تا وڃي پلنگين پٽـــرٽيـن، شل چڙهان آئون
تو پُڙ تيلهـائون، هاڻي ويا ويڙهيچا وسـري

(۲۲)

چڱيءَ طرح چئي، ٿي مُنجان مـــاروڙڻ ڏي
سَکين ســـانگيـــئڙن کـــان، پري آءٌ پئي
قسمت قيدالماء جي، مون سان هيئن ڪئي
رسـري کين وئي، سنگت سنگهـارن جي

(۲۳)

مـــاروئڙا مـــاندي، آءٌ اوهان ريءَ آهيـــان
سَکيـا اوهين ســاٽيـه ٻر، مـان هت باندي
قيل اوهان جي قـال کـان، ويل نہ هڪ واندي
هت قسمت قيدالماء جي، هيءَ اچانڪ آندي
چڱي ٿي چاندي، ايندين لوئي وٽي لوءِ ڏي

(۲۴)

هِيءَ اُميـد نہ هُئي، مـونکي مـاروڙڻ ڏنهن
کونہ مُکـائون مـون مـڻين، پچڙ کاڙ پهي
ڏنـر هڏهين ڏيهـــه ٻر، نڪـــو ڳوڙ ڳهي
وائي وائيندي اها، سُٽـيـر اڄ صـحـيح
انـــا مـــينهن مليـــر ٻر، ويڙا راڄ رهي
چڏي پـانـورَ ڪـنـڊي، آيـا هـيـڙ لـهـي
جهجهو جهانگين کي ٿيو، ڏينهان ڏٺَ ڏهي
کڏي پيـن پاڙ ٻر، وڏي مـــهل مـــهي
ويندين ڪوڏ ڪهي، پکي پهنوارن جي

(۲۵)

جهانگي جَهڙِ بياڪ، ناهن شربت هيروان
ڳاڙهيون ڪاريون لويون، پهنوارن پوشاڪ
لاهج لوئيڙن تان الله لڳ اولاڪ
رکن هڏهين کا نہ کا، عُمر ٻي املاڪ
ڪارڙ پرور پاڪ، مُونکي ميڙيين ماروئين

(۲۶)

الله اباڻن سان، مُون کي گڏ ڪرين
جي ويا ٿر پرين، سي موٽي آڙ مليرِ ٻر

(۲۷)

عُمر اباڻن ريءَ، آءٌ تہ ڪوجهي آهيان
هيءَ لوئي نہ لاهيان، جا آه نشاني اُن جي

(۲۸)

جا اباڻن ڏني، سا لوئي هڏ نہ لاهيان
ڪنديس ڪين ڪني، ولي ويندیس ويڙهہ ڏي

(۲۹)

عُمر ڏيهہ اباڻي، مُون ڇڳا ڏينهن گذاريا
هت اچي هاڻي، پيو هينئڙو هلاڪت ٻر

(۳۰)

عُمر اباڻن، محل نہ ماڙيون مون ڏٺا
لاسي ۽ لاڻن، هُيُون پيهيُون پهنوارن جيون

(۳۱)

عمر اباڻون وڃڙي، ڪنهن اعراضي آندياس
وڃي خوشيون ڪائينڊياس، پڪا پيرُون پنهنجا

داستان پنجون

(۱)

مُنهنجي من ميان، ڳالهيُون ماروئڙن جيُون
ڏٺُ ڏاڏاڻين ڏيهہ جو، ڪيتين گڏ ڪِيان
ڪائي ساعت سُومرا، جهانگين ريءَ نہ جيان
وڃي ٿر ٿيان، شل سنگت سنگهارن جي.

(۲)

ساريہ سي سنگهار، جنمُ لنگهايُم جن سان
اڄي ويئي گهمندي، تَنَ تنين جي تار
نندُن ٻر نهاريان، پڪڙا ۽ پهنوار
سگهي لهندم سار، اچي آسروند جي

(۳)

اڄ ساريہ سنگهاري، جنمُ لنگهايہ جن سان
هيءَ وڇوڙي تن جي، ميان هت ماري
عمر سيا مون سانگين، ٿي گڏجي گذاري
منهنجي پار پهنوار جي، آهہ تاکون تياري
هاڻي لکي مُنجان مارئين، هيءَ حقيقت ساري
ڏينهن هيترا ڏوٿيو، ڪيئن اوهان وساري
جيڪس ڏرئون هئي ڏاري، تيلهان ويڙوَ وسري

(۴)

اڄ سنگهاري ساريا، مون مينهن وسندي سومرا
ڳوڙها ڳاڻاڻي بنا، من هنجن مٿون هاريا
ياد ڪريندي تن کي، ٻارڻ ڇڻ ٻاريا
هِت سڇل سنياريا، هُت سنيار سڇل جي

(ڪافي)

ٽلهہ : مارُو مونکي نہ وسارين، آهيان اُنهن جي ميان
۱. درد جنين جو دل کي، ڪرم سين اُڪارين
۲. انئي پهر اوڏهين، ٽا نيٺ نهارين
۳. هردم طلب جِيُون تن اندر، تاروُن تنوارين
۴. سڇل سارين جن کي، سي پي تو سارين

(۵)

ٿي پَڻ وسايام. ڪڏهن ماروئين مينهڙا
سي ڏينهن ڏاڍائي ڏيه جا. اڄ ياد عُمَر پيام
هت پهنوارن ريءَ پاڻ ڪي. ڪيها لقب لايام
هن لحظي لنگهايام. شال اهي اوسر ڏينهڙا

(۶)

اهي اوسر ڏينهڙا. هت جالڙ آيم جال
ڪٿيرا خوش حال. هُت ميان هُئن مليم هر.

(۷)

ساريم اڄ سنگهار. مينهن وسندي سومرا
جيڪي ڏينهنَ هٿاسي ڪڏ هر. دم نہ ٿياسي ڏار
ڪاڻي اڄ اسين ٿيا. ڪاڻي اجڙوار
وڏو قسمت قيد الماءِ جي. پري کان پهنوار
تيلهان مون اڄ آيو. روئڙ زاروزار
پلپل هِت پچار. هُت به سانگيڙن جي

(۸)

ڪڏهن سانگين سائُ. ٿي ڪڏ وسايم مينهڙا
اڄ قسمت قيد الماءِ جي. پيو هيءُ پرياڻ
هت ڪريان ٻُرڙا پاڻ. پر ٿي لوئيءِ جي لڄ مران

(۹)

مينهن وسندي سومرا، اڄ پڻ پور بيا
پڪا پهنوارن جا. سي مون ياد ڪيا
ڏٽي ڪهٽا ڏينهڙا. مون ٿريچن ٿيا
وسري تا نہ ويا. ڪا ساعت منهنجي سام ڪئون

(۱۰)

مينهن وسندي مون ڏٺا. هي پڪا پهنوارن
ڳاڙهيون اڇيون لويون. ڪيا سهج سنگهارن
اهي عام خلق ڪان. ٿا گوشي گذارن
منهنجي اڇڻ سنديون. ٿا واٽون نهارن
سانگيڙا ساڻيه هر. پيا نت نهارن سنيارن
هي ڳالهيون ٿيون ڳارن. مونکي ماروئڙن جيون

(۱۱)

مينهن وسندي ياد مون. اڄ ماروئڙا آيا
قيد الماءِ جا ڏينهڙا. سي مون لنگهايا
موٽي اڇڻ جا ٿيام. ڏي سنگهارن سميا
اهي مولي ملايا. جي پهنوار پري ٿيا

(۱۲)

مونکي رات رسيون. ڏيه ڏاڏڻون خبران
تہ ساڻيه سڀ سَرهو ٿيو. وڃون واهم وسيون
اڇي ياد الله ٿو. قوڪ قلار پَسيون
ساول ڪائي سبزيون. ٿيون سڄيه سَسيون
ڳاڙهيون اڇيون ڪاريون. لاهن غم گسيون
وڻهيون کس کسيون. پڻ آهن تار تريون

(۱۳)

مينهن وسندي مون. ويڙيچن ويندياس
لوئي ساڪي لوءِ جي. نال وٽي نِيندياس
ٿريچن ٿيندياس. ڏک سک پائي سومرا

(۱۴)

ڪنوڻين ڪيا ڪيج. اڄ ڏاڍائي ڏيه ڏي
ڪالهه ڏٺا هيم آپ هر. آڪَءِ اڄ
آنا مينهن مليم هر. رڻ ٿيا سارائي ريج
ڇانگن سان جَڙي ڪري. ڪن ڇنن هر ڇيج
آءٌ پڻ پنيءِ پيج. ملنديس ماروئڙن کي

(۱۵)

ابر ٿيا هر آپ. لڳو واءُ اوپار جو
سڄل چوي ٿيا سومرا. چگا سانگين سُپ
پر چت اندر هر چُپ. اٽن تنهنجي زور ظلم جا

(ڪافي)

ٽلهه : وري آءُ وطن. منهنجا ساريون نيئ سکن. موٽ سلامت سُپرين

۱. اڪڙيون اوهيڑا ڪري. واٽ ڏسيو وجهلن
۲. پرين پرديسن لئي. جهوريءِ نيئ جهڄ
۳. عمر اباڻي پار ڏي. وڃون ٿيون چمکن
۴. ميڙائي جا مينهڙا. ويجهو شال وسن
۵. الله آندا مون پرين. دارون دردمندن
۶. سڄل سڪ سبيل ٿي. پارون جا پرين

داستان ڇهون

(١)

ريگستاني راڄ ڏنهن، قاصد آيو ڪونَ
خيال نہ هيڏنهن هوَن، مارن مونکي مٹو ڪيو

(٢)

قاصد آيو ڪونہ ڪو، ڪونہ لکيائون خط
جيڪس هيس ڪين ڪي، ريگستاتن رتُ
پهنوارن پاهت، تيلهان مون سان نہ رکيو

(٣)

ريگستاني راڄ جي، آءٌ ڳالهہ ڪريان ڪيهي
ڪن پچارون پاڻ ہر، سي واريءَ تي ويهي
تہ ايندي مارئي ماروئين، پکين شل پيهي
أکندِ مون ميلاپ جي، آهہ جهانگين کي جيهي
منهنجي تن تيهي، آهہ سڪ سنگهارن جي

(٤)

ڪونہ وري آيو، ماڻهو مُلڪ مليہ جو
ڪِين جيون ڏيئي خبرون، سائي سوايو
ڏورائي ڏوٽين جي، مُئيءَ کي مُنجهايو
ميان، ماروئڑن جي، هت طعنن تپايو
ڪر سومرا سعيو، وران ويڑيچن ڏي

(٥)

قاصد اڄ ڪوئي، من اچي ماروئڑن ڏنهن
تا تنهن چوان حالڑو، سارو سپوئي
ايڏنهن آندي آهہ مون، لاکيٹي لوئي
واپس آڻيان پاڻ سان، اٿم عهد اهوئي
سرتين سان روئي، سڪون لاهيندس لوءِ ہر.

(٦)

قاصد آيو ڪونَ، ريگستاني راڄ ڏنهن
جو تو مونکي تار ڪيو، سومرا ہر سون
ليهہ پتو روح کي، هُت هئي هئي جيڪُس هون
چيهون هتي چون، ٽيان اهڙن عتابن سان

(٧)

ريگستانين رنگ، جي تون پسين سومرا
تہ ميان ماروئڑن تئون، ظالم لاهين رنگ
جو تاکون تنهنجي تاب ڪئون، جهانگي واسين جهنگ
نامياهيءَ تون ننگ، نيئي رسائين راڄ ہر

(٨)

جي ريگستان رهيا، تن سختُ نہ ولڇ سومرا
جو تاکون تنهنجي تاب کان، حتن منجهہ ڇُپيا
سي ڪي پرينءَ وس وهيا، وس ڇائيتا واهٹين

(٩)

رُجون ريگستان، جت وطن ويڑيچن جو
راحر ٽي رکيج تون، تن ماروئڑن جو مان
جهونن جهانگيئڑن تي، ڪر عمر تون احسان
تہ سارو جگ جهان، مر تعريفان تهجيون ڪري

(١٠)

هيءَ خبر هاڻي، آئي ريگستاني راڄ ڏنهن
تہ أنا مينهن مليہ ہر، ٽيو پٽن ہر پاڻي
گل ڦل گلزاريون ٽيا، رڻ سپ ريجاڻي
تون پي صاحب سُجاڻي، موڪل ڏينر مڑي مران

(١١)

ويٹا ڳالهيون ڪن، مارو مون مليہ ہر
تہ اجها ايندي مارئي، وري هن وطن
ايڏي أکندِ آهہ اڄ، منهنجي جا پٹ جن
آءٌ پٹ ساڻ أنهن، ڏک سڪ گذاريان

(١٢)

اڄ پُڻ ٽيہ أداس، منڙو ماروئڑن ڏي
راجا منهنجي روح کي، آهہ پهنوارن پياس
آءٌ آهيان أنهن جي، لوئي جن لباسُ
موڪل ڏي ميان سومرا ويان تنين پاس
خاوند لگ خلاصُ، ڪئي بنديائي بند مان

(۱۳)

ڪيَ بنديائي بند مان، ڪر خاوند لڳ خلاصُ
ويڑيچا وٹراهه ہر، وڻ وڻ وٹ واسُ
ويچارن ۽ واهٹين، توکي ناهي قياس
همير تو هراس الٹئي پهر انهن کي

(۱۴)

ڪري ياد قلب، ٹو منهنجو ماروئڙن کي
جوٹيان هيڪانديَ تن سان، ٹيئي سائين ڏنهن سبب
ڪِ بنديائي بند مٹون، تہ راضي ٹيئي رب
غازي راهه غضب، ڪر مهر ماروئڙن تي

(۱۵)

ڪي پي خيال نہ هوم، هَيس مارن ساڻ مليرِ ہر
جان وڃوڙو سومرا، ڪٹون ٹريچن ٹيوم
قسمت قيدالماءِ جي، ڏَسي ڏور وڏوم
نڏهن وڏو قدر پيوم، هيءُ سچل هيڪاند جو

(۱۶)

مُنجن هيٹن چيُون، مونڊي ماروئن ساڻ مليرِ ہر
وڃي عُمر ساڻُ تو، ڳالهيون کانهن کيُون
سي پُڙِ پهنوارن ہر، پڌر هت پيُون
اهي پچارُون ٹُنهنجيُون، ويڑيچٹون نہ ويُون
کيٹن هاڻ کنيُون، پکيُون مُلڪ مليرِ مٹون

(۱۷)

ڏنارن کان ڏار، جي مون ڏينهن گذاريا
سي هُنا قيامت جهڙا، ميان سومرا سردار
الله ڪري اوڏڙا، سچل منَ سنگهار
تہ ڪريُون ويهي ڳالهيُون، هِينڙي جيُون هڪوار
پر پري ٹير پهنوار، ڏيان ڏوراپا ڪن کي

(۱۸)

جيڪي هُت هُونديون، ساهيڑيون ساٹيهه ہر
سي پيرُون چوندنِ پاڻ ہر، گڏ ڪيُون گونديُون
ساريُون مُون کي سُومرا، رات ڏيهان روئنديون
پيُون پي چا چونديُون، ايا عُمر الاجي آجڙيون

(۱۹)

حالَ ولیءُ هي وڃان، ميان ماروئڙن ڏي
الٿم اُميد ايجان، ڪنپيُون ڪيندسِ ڪيت سين.

(۲۰)

سنگهارن جي سڪ، آهي منهنجي من
شل سگهوئي سومرا، ڏسان ڏوٹيئڙنِ
راتيان ڏينهان ڪاڻ، ٹي جهجهان جهانگيئڙنِ
پاٹهي پهُنوارن، اڄ تا مُونکي ياد ڪيو

(۲۱)

ماروئن جيُون تارُون، تنوارنِ مون تنِ
هاري ڏيانءِ هن، سالو تنهنجا سومرا

(۲۲)

تون پي جائين وارو، آءٌ پي ڪنهن جائي
عُمر اُجائي ، تو ناحقَ نياٹين سان ڪٹي

(۲۳)

همير، هڙي حال تي، چوندءُ چا تہ جهان
نِيتَ بد نياٹين سان، ڪرَ نہ خاصو خانَ
نالائق نادانَ، سڏيندءِ سپ سومرا

(۲۴)

هِڪَ چوري پي زوري، شاهن ناهي شانَ
راجا ٹي ٹُون رعيت جو، ظالم ڪرين زيان
چوندءُ چا تہ جهانَ، همير، هڙي حال تي

(۲۵)

ٹُون همير هٹيءِ آءٌ ٹوريائي آهيان
جا لوئي آندم لوءِ ڏنهن، ويندس ساڻ ولي
ڪڏهن ٹيندي ڪانه ڪا، مانهُون شال مَٹي
ڪتابت قولن جي، مُون ڏي پهنوارن پَٹي
ايندا مارُو مُون ڪٹين، ويندم شال ولي
بنديخانو مُٹيءِ کي، هو لکيو رات چٹي
سانگيُن ڪاڻ سَٹي، مُون مڑيائي سُومرا

(كافي)

ٽلهه : اُهي شال اچن، وو واقف هِن جي هُئا حال جا، جيڏيون

١. جيءُ وڏو جن جار ۾، اُهي موٽي مانَ ملن
٢. پنڌ پراهين مئون پرين، سگهه پوءِ ورنِ
٣. ساريو سنگهارن کي، پل پل پُور پونِ
٤. مانَ مُونکي سُپرين، چگي نانوَ چون
٥. جيهو تيهو آهي، سچل سگ سندُن

داستان ستون

(١)

وروٽا ويڙيچن جا، اُهي موتيين مالهڙيون
رس نہ اچن رُوح کي، ٽالهه تالهڙيون
سنگهارن جيون سومرا، چگيون چالڙيون
جو فجر ڦوڪي سنديون، ڪن دانهن حالڙيون
ورڻي لويون لاک جيُون، پَنِ شالان شالڙيون
اَڻٽي پَهرَ آهن اکيون، منهنجيون عُمر آلڙيون
ڪامل ٿنهنجي ڪوٽ ۾، وجهان فلڪين فالڙيون
شال سٽندو سو ڏٺي، مون نڏر نالڙيون
وڃي گجهيون گالهڙيون، ڪنديس سرتين سان سائيمهر.

(٢)

جگر جارڙيُون، هيا ڪرڙيُون ڦوڳ ڦلاريا
سي سنگهاريُون سائيه ۾، وهن وارڙيُون
تامان تارڙيون، لاڙيون چنن لاکڙان

(٣)

هت ڏسان ڏوٽيئڙن جيُون، ويٺي واڙيون
هُت پون پهنوارن تي، مٽيون مانڙيون
ياد اُتي جيون مُون پيُون، چوهون چاڙيون
توڙي چار ڪُنڊان لوئي، جيون، هت ڦاڪين ڦاڙون
مان پي وڃان اوڏهين، جتي ڪِنوَيون ڪاڙيون
مونکي لوهِن لاڙيون، تن لالن سنديون سومرا

(٤)

هور پچاڻون هير ڪن، هُون هيرڙيون
چاڻن چونڊن سي چڙهيو، ڏيئي ڦيرڙيون
پانور پيرڙيون، ڪن تماشا ٽکن جا

(٥)

هُت گهمن ڏوٽي ڏُٽ لئي، ڪيون ٽولا ٽولڙئين
چاڻن لنبَ ائون مکٽي، جهلي جهولڙئين
پيهن پچاڻن مانيون، ڦوڪي ڦولڙئين
تون عُمر اولڙئين، ڪري هُت چڏيج مون

(٦)

هُت ريت نہ اڏوهنڌ، ڪن لويون لاکڙيون
مَشر ماروئڙن جيون، سچيون ساکڙيون
وڻين تورن ڪين کي، مکڙ ماکڙيون
اجان ڦٽن باکڙيون، تہ ڪڙا آهن کوهه تي

(٧)

اجان ڪنون ڪِنوَيون، تہ سانگين ساهُ پوي
وسي تر تارکن، نيون ۽ نوٽيون
جاتي هُئَنِ جُوٽيون، تاتي آجڙي آرام ٽيا

(٨)

اڄ جوڙي وينا جهنگ ۾، جهانگي جهوپڙيون
ڏي نہ ڏوٽيئڙن کي، لائق لوپڙيون
راجا روپڙيون، گهرين رکن ڪين کي

(٩)

هَت ڏين مـــــارو ڏاج ۾، ڇائي جارڙيون
پيـون آهن سپ ڪي، اُهي ويڙهـون وارڙيون
سي چوندن پيـــون پره جو، نائي ڏارڙيون
وجهن گـــوندن سنديون، ڳچيءَ ڳارڙيون
پوءِ ڪنيون ڪارڙيون، وڃن لوڙياريون لوءِ ڏي

(١٠)

مون کان وسرن ڪين ڪي، اُهي عُمر ويلڙيون
چاريم وڏي چاهِ مڙون، ٿي ڇيلا حيلڙيون
ٿي کيڏيم کيلڙيون، سرتين سان سڱيه ۾

(١١)

اوس اڏن ســـومـــرا، چوڏاري چڙـــونرا
تن ۾ سانپي رکن سامهان، ڏڌ ٻهون ڏئونرا
ڏڳ رکي ڏئونرا، صـــبح کـــائن خوش ٿي

(١٢)

ڪرين چو ڪِلان، سانگيڙڻ تي سومرا
سارهِ سو تن تي، لاهِ ٽوڪان آئون ٿهلان
هي جي موتن جيون مهلان، ٿي محلن منجهه گذاريان

(١٣)

لويون رنگارنگ، ڪن ساهيڙيون سائيه ۾
سي آســاوريون اڳڙيون، عُمـــر پهرن انگ
تاکون تنهنجي تاب کئون، جهانگي پيڻا جنگ
هِن ويچارا واهڻي، تن کي وڻ نه تنگ
سي ڪيئن ڏين پير پلنگ، حال جنين جا هڻڙا

(١٤)

پٽي جيءَ جنجالَ ۾، ســائيهُ سنيــاريون
وسرن اُهي ڪين ڪي، جي مهلان موچاريون
پر قسمت قيد الماءِ جي، ڪيون هي ڪاريون
ڪاڻي اڄ آءٌ ٿـيس، ڪاڻي سنگهـاريون
اوڏنهـــ نهـاريون، وڃان ســا وهلور ٿي

(١٥)

عُمـــر شـــال نه لايان، لَقبَ لوڙئينا
پـاڻي پين پٽ ۾، آيـون اوڙئـيـــن
ڏئونرا ڏوڙئين، ونڊن ورهائن پاڻ ۾.

(١٦)

شـــال نه لقب ســـومـــرا، لوڙيين لايان
پٽ مـــٽي هيلوئي، مـــور نه مـــٽايان
جا کـــٽي کـيت ڏنار جي، پلي سا يـانيـان
مـــري ملهـــايان، ســـارو ملڪ مليـر جو.

(١٧)

عُمـر اچا ڪپڑا، ڪاڻياريون ڪن ڪيئن
جهڙي آيس جيئن، شل تهڙي مارن ڏي وڃان

(١٨)

ڪيئن ڪاڻياريون ڪن، ڪپڑا اچا عُمر جام
ٿين پهنواريون پٽ ۾، ميهڻي ماب مدام
آهيان سومرا تو سام، تہ لوئيءَ جي لڄ رهي

(١٩)

هن لوئيءَ جي لاڄ، شال رهجي اچي سُومرا
تہ مَر ٻڏي خوش ٿين، ريگســتـاني راڄ
سا نہ ڪائي ڪاڄ، جا قيد ڪئي تو ڪوٽ ۾.

(٢٠)

توڙي لوئي هت ڇڄي، وڃي تهـبـاران ٽيي
تہ پي ٻهنديس پهنوارن جي، عـمـر پاڻ پڄي
جهـانگين لئي جهـجي، مـان اڏ مُئي ٿي آهيان

(٢١)

توڙي هوءِ چني، تا پي لوءِ لوئيءَ ســان وڃان
اچي عـمـر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪين ڪني
سائي سانديم ساهِ سان، جا ڏاڏائن ڏني
اها نيندیس پاڻ پني، مينهن وسندي سومر

(كافي)

ٽلهه : ڀاڀايان نه لوئي وو، عمر آنديرِ جا اوڏاهون

١. جي تا ملڪ مليرِ ڏنهن، قاصد اچي ڪوئي وو
٢. سارو سنگهارن ڏي، حالُ مُنجان روئي وو
٣. وڃهان هرندي باهه ۾، شالون پٽ سيوئي وو
٤. ڪٽي ڪنير ڪيين جي، آڏوهندَ جا هوئي وو
٥. آنديرِ ڪٽي ڪوهَ تئون، آب پري اوئي وو
٦. پيئڙ ڪاڻ پهنوار جي، ڪلي مون تا ڏوئي وو
٧. اهڙي اڳي ڪنهن نه ڪئي، جهڙي ڪيڙي توئي وو
٨. مون سان مدد ني ڪندو، سچل صاحب سوئي وو

داستان انون

(١)

اڄ پڙ ٽير اداس، هي من ماروئڙن ڏي
ڪر بنديائي بند مئون، خاوند لڳ خلاص
جو مَتي ڪيت ڏنار کي، ڪا پلنگين ڏيندیس پاس
ڪو وڃهه صاحب سومرا، أنهن سان اخلاص
جو ويچارا واهٽين، تون ڪري ڏس قياس
زور تنين تا ناه ڪو، لوئي جن لباس
انئي پهر أنهن کي، آهي هميرن هراسَ
تاڪون تنهنجي تاب ڪئون، سُهميون اڻن سان
چاڙهيو لڳين ڪين تنين، ماسي قدر ماس
تعدي تنين تي ڪرين، جن توهئون ٽپي مواسَ
ويڙيچا وٽراهه ۾، هَت وڻ وڻ وجهن واس
پاءِ پهٽوارَ پياسَ، آهي راجا منهنجي روح کي

(٢)

هت ڏيهي ڏسان ڪونه ڪو، جو ڏيئي ڪيت خَبر
هيءَ قابو رهي ڪوٽ ۾، أنهن ري عُمر
مليران محضر، ايندم آجائيءِ جا.

(٣)

ڪو جو وريو واءُ، اڄ پڙ ملڪ مليرِ ڏنهن
جڙ آير اباڻاءُ، ماڙهو موتائڙ جو

(٤)

رات وري آيا، ماروئڙا مليرِ ۾
جو لڏم خواب خوشي مئون، جڙ مولیٰ ملايا
وري وسايا، پلي پاڻ ڀيڻن جا

(٥)

موٽيا پار مليرِ، سانگيئڙا سانگ ڪري
جن جي سڪ سريرِ، سيئي عمر آيا

(٦)

جي ڏوٽي هير ڏور، سي واليءِ ڪير ويجهڙا
هُئي جا پورن پور، سا تا اڄ "مون تون" لنگهي

(٧)

لڏو ڦوڙائو، وريو ورق وصال جو
وري وطن آيا، ريگ لنگهي رائو
سچل چوي سائو، ٽيو موٽي ملڪ مليرِ جو

(٨)

جوڙي پڪا جوءِ، اچي وينا آجڙي
سدا سنگهارن جي، ٽي مٽي حوضن هُوءِ
ٽيون گلزارون گاهن جيُون، پي خوبَ ڪلي خوشبوءِ
نئين رونق روءِ، ٽيو موٽي مُلڪَ مليرِ جو

(٩)

سدا هُئن سڪيا، ماروئڙا مليرِ ۾
شل نه ڏڪيا ڏينهن، اچن آجڙين تي

(١٠)

سدا سرها هُئن، ماروئڙا مليرِ ۾
مٽي پهنوارن پونَ، مهر جا شل مينهڙا

(١١)

ميان ماروئڙن تي، مهران وسن مينهن
شل نه ڏڪيا ڏينهن، اچن آجڙين تي

(۱۲)

سدا سي سائيه ہر، سکيا هُئن سنگهار
پکي منجهه پهنوار، شل هُئن هميشه سرها

(۱۳)

سائين سنگهارن جو، رکج پنڻ پکي
کوئي تا نه لکي، هُئن سدائين سرها

(۱۴)

سنگهاري سائيه، شل هُئن سدائين سرها
وجن نه پرڏيه، خوش گذارن اتهين

(۱۵)

سائيه سنگهاري، سرها آهن سومرا
ويڑهيون ۽ واري، محلا ماروئڑن جا

(۱۶)

جاتي واريَ ڏنوَ، تاتي اڏن پکڑا
پاڻين ٿيَ لٿا پَوَ، سدا رهن او سرها.

(۱۷)

نوڑن ۽ ٿوندين، مارو چارن مالڙا
گوڑين ۽ ڪوندين، سرها ٽين ساهه ہر

(۱۸)

جڏهن ڪنون ڪنوٽيون، وسي مينهن مليرتي
ٿوندين ۽ نوڑيون، تا تا سوئن تاريون

(۱۹)

پاڻين ٿيَ لٿا، جي وينا پانوَ ڪنڌيين
ائنِ مينهن متا، آجڑين عيدان ڪيون

(۲۰)

وري وسايو مالڪ ملڪ مليرجو
سو اڳي کان اجرو ٿيو، سائو سوائيو
آگيءَ اگهايو، سچل جو سَوال ڪيو

سُرُ سورٺ

راءُ ڏياچُ

داستان پهريون

(۱)

سکي سُرَ سورٺ ہر، سِر جي اچي صدا
پي نه منجهه مُدعا، هُو سدا سُوالي سِرَ جو

(۲)

آهي سدائي سورٺ جي، سُرَ ہر سِر جو سُوال
تندَ نه تنواري هڏهين، مايا مڏيُون مالَ
وحدت جو وصالَ، سدا سورٺ سُرَ ہر

(۳)

سُرَ سنواريو سِرَ کي، سِرَ سنواريو سُرَ
جو آهي سورٺ ورَ، سو ڏيئ کان ڪٽي رهي

(۴)

اصل انيراء جو، سورٺ ور سان ويرَ
دغا رکي دل ہر، من ہر رکيائين ميرَ
ڪينو رکي ڪونه ڪنهن ، گرناري گنير
غازي ناهي غيرَ، هر ڪنهن سان هڪ جهڙو

(۵)

انيراء کي آڻ ہر، ڏاني ڪيو ڏياچ
تڏهن مرد مٽير سا کونسڻ جي ڪئي ڪاچ
جُنگ ڪئي پوءِ جاچ، ہيجل هٿ ہَرائڻ جي

(کافي)

ٽلهه: سانگُ چَري سيئي آيا، ڏينهنَ لايا هُئا جن اوڏهين، الو

۱. اُنهن ڪَارڻِ اوڏهين ميان، مون ٽي پنڌ پچايا
۲. سانگي جي هُئا سانگ تي، والِيءَ پوءِ ورايا
۳. پرين هُئا پرديس تي، سي مولي مُحب ملايا
۴. قادر پنهنجي ڪرم سان، ويڑهي هن وسايا
۵. مولي پنهنجي مهر سان، سانڻُ غريب گڏايا
۶. ٿُون ته هِڪڙو ناهين، تا سچل سو سِڪايا

(٦)

انيـــراءِ ٽي آڇيـــا، هيـــرا مـــوتي لعل
پيـــــجل ڪين پُرايو، زوري ڪيس زال
ســـسي لئي ڏياڇ جي، صـــاحب سَلِيُس سُوال
ويڇي وجهَ گـــرنار ۾، پيـــجل ٻائتـــال
پيـــا جواهر جال، جانب جهـــولي ۽ تو وجهـــان

(٧)

جانب جهـــولي ۽ تو وجهـــان، پيـــا جواهر جال
مٽي ڪاڻ ڏياڇ جي، سڪندي ٽيڙهه سال
بيحد بخشيـــاڻ ٻودلا، مايا مڏيون مال
ڪر پـــلائي پـــال، سَـــرڙي سِرَ ڏي ڏياڇ جو

(٨)

پيـــجل تندوُن تِيڪَ مـــان، تهـــدل ڪيُون تيـــارَ
اصل هُيـــو نہ اهڙو، مڱتـــو مڱتـــهـــارَ
لنگهـــو لائق هو مگر، لِکَ ڪيُس لاچارَ
هام هٽي هوشـــيـــارَ، هليـــو ســـاز سُرودَ ســـان

(٩)

هليـــو ســـاز سُرودَ ســـان، ڪري الله توهار
چوٽيءَ چاڙهي چنگ ڪي، تورئين تندَ تنوار
عرض ڪيائين آڳيءَ ڪي، سوپ ڏئين ستار
ڏاتر مـــــون ڏيڪار، ڏولي راءِ ڏياڇ جي

(١٠)

ڪَنگرا ڪوٽن جا، پريان ڏنـــــا پاڻ
سنبري سُروُدنِ ســـان، ســـالڪ ڪيا ســـاڻ
ڦيري سازن ٺاڻ، سوريائين سُر سورٺ ڪي.

(١١)

سوري سُر سورٺ ڪي، تندوُن ڪيائين تازيون
دائي داوُر ڪي ڪيُون، عـــجز مـــان آزيون
برهم جيُون بازيوُن، ڪيڏڻ سان ڪتاءِ مون

داستان ٻيو

(١)

ٺاهي ٺاڻ سرود جو، ڪنڌيين ويٺو ڪوٽ
تنواريائين تندڙي، الـــئي پهـــر اوٽ
چارڻ جي چنـــگ جي، چگي لـــڳي چوٽ
گهر ڪئي پوءِ گهوٽَ پني پان پوتار ڪان

(٢)

پهـــرائڻ لئي پاڻَ ڪي، گنيـــر گهـــرايو
ســـالڪ سندي ســـاز ڪي، صـــاحب سَهـــرايو
لنگهي ڪي لاڳ ڏيو، فـــائق فـــرمـــايو
پاڻ ويڇي پايو، پٽ پٽـــيـــهـــر بافـــتـــا

(٣)

بهڳڻ اڳيـــان ٻول هيءُ، پيـــجل ٻولايو
لنگهي لاڳ نہ لهـــڻـــا، نہ پٽ پنڻ آيو
سنجهي ڪر سمعيو، سِرَ جو سورٺ- ور تون

(٤)

"سر جو سورٺ- ور تون، سگهي ڪر سمعيو
مڱڻي مـــوتڻ مـــيـــهـــڻـــو، جو داتا در آيو
ڪِشـــتي ڪڍـــو نہ ولي، پلُ وکـــرُ ورهايو
ڪات ڪُلهين پايو، تہ ڪاملَ اچين قبولَ ۾

(٥)

ســـئن هَن ســـائِلَ جي، ڪيو هاتڪ ڪي حيرانُ
هيـــرا مـــوتي مـــوٽيـــا، دايو ولي نہ دانُ
مڱڻـــو مـــهـــمـــانُ، ســـدا سُوالي سِرَ جو

(ڪافي)

ٽلهـــه : بـــرهم جـــي بـــازار، جيـــڪـــا ڏســـڻ آئـــي

١. جيـــڪـــا جو ڏسندي ٿجلو تنهن جو، رهندي منجهـــه خمـــار
٢. ســـــــودو جا ڪندي سِر جو، وِهندي ڪين قـــــرار
٣. چوســـول اندر سُرخي مـــائل، تيـــز گـــهـــمي تلوار
۴. جنهن ڪنهن ڏنـــو چمـــڪـــو تنهن جو، ســـر ڏيندي سِرُ دارِ
۵. ســـچل ســـائين ســـيـــر انهيءَ ۾، آهِ ڪُسڻ جي ڪارِ

(٦)

سدا سوالي سر جو، آ مڱڻو مهمانُ
مڱڻي مونائڻ جو، شاهن ناهي شانُ
راجا پنهنجي روح ۾، آڻج نہ ارمان
مايا ڄاڻج ڄاڻ ۾، وهم سڀ گمانُ
گرناري گيانُ، مليو مڱڻهار کان

(٧)

مٽي ريءَ مڱڻي، موٽڻ آ ميهڻو
لنگهي آ لهڻو، سچل سرُ سردار جو

(٨)

ڪوٽان جاڪ جان، ڪيڙي مڱڻي مهڙ
گهر گهر ٻڌي گهوٽ جي، رودن سندي رڙ
لوڪن لڳي ٻڙ، ٻڌي ٻيڙي ٻوليون

(٩)

لوڪن لکَ نہ ڪائي، ڪير سالڪ کي سَمجهن
راجا کي رمزن، چارڻ جي چريو ڪيو

(١٠)

ڳڙهه اندر ڳاتو، جاڪ منجهان جوش
سڻي رڙ رودن جي، گرناري جي گوش
هاتڪ منجهان هوش، نپٽ ويو نڪري

(١١)

جاڪ منجهان جوش، ڳڙهه اندر ڳاتو
لنگهي جو لاتو، سو سَرُ نہ ڪنهن سهي ڪيو

(١٢)

نالي نانءَ ڏٽيءَ جي، سر جو وڏم سُوالُ
هيرن هير نہ مڱڻي، محڪم ڪر مثال
سچل سارو سال، هوندس سوالي سر جو

(١٣)

يان ويهي ينيءَ تو، تندڙي تنواري
ماري وري مڱڻا، تو جندڙي جياري
گهرُ تہ ڏيانءَ ڏولين، موتين مَهاري
پرهه جو تو پرير جي، پکڙي پياري
مافا وڻُ هي موتين، جڙاءُ جواهري
سلطنت ساري، سالڪَ تو صدقي ڪريان

(١٤)

سالڪ سيُ صدقو ڪري، راءُ مٽان تو راجُ
لاهي چڙيان تو سندا، سمورا احتياج
چڳيون ڏيانءَ چاشنيون، خاصا ڏيانءَ کاج
ڪاملا نتنهجا کاج، پل ۾ سڀ پورا ڪريان

(١٥)

آهيان سَوالي سر جو، گهوٽ نہ گهرجي راج
مڱڻو نا محتاج، مالڪ موتي مال جو

(١٦)

راج نہ گهرجي راءِ، ڪَير سر جو سوال
اهو هڪ حلال، ٻيا سڀ مون حرامُ ٿيا

(١٧)

سورٺ مٽان مڱڻي، گهوران ٽي گهوري
رپا سون سبيل وڻُ، تارازيءَ توري
مٽو وڃُ نہ مڱتا، محبوبن موري
لائقُ نہ هڪ ٽوري، سورٺ تنهنجي سُپرين

(١٨)

چارڻ ويٺو چاهه مان، چاڙهي چنگ چوري
سورٺ پنهنجو حال ٽي، عطائيءَ اوري
پاڻ نہ ڪري ماڻِ، ويٺو سازن کي سوري
ڪنڌ نہ وڻ ڪوري، ڏکيءَ جي ڏياچ جو

(١٩)

سالڪ ساز سَرود جي، سَر سان سَرَ ڪنيو
نيزي تي نيو، مٽو تنهن مهمير جو

(ڪافي)

ٽلهه : احوال عشق لائي، "سر سرهه" بلائي

١. سسي شيخ عطار جي، ٽو چونئون چلائي
٢. ڏنو تماشو تيغ جو، ڪوپن ڪنڌ ڪپائي
٣. دين ڪفر مان نڪري، ٽو انالحق الائي
٤. وحدت جي واديءَ ۾، ڪوڙين سر گنوائي
٥. سچل کي تنهن صِفت ۾، سائين مان سڏائي

سُرُ پهاڙي

روجهنِ سان رِهاڙِ

داستان پهريون

(١)

يَلرَ پهاڙين پلتيا، واحد ڪين وسَ لنگهي ويون لَسَ، روجهڙيون ريجاٽن تي

(٢)

روجهڙيون ريجاٽن تي، لنگهي لس ويون بوندون جت باران جيون، پهاڙن پيون رڙ ۾ سي رهيون، جن پنڌَ نہ ڪيو پهاڙ جو

(٣)

روجهڙيون وڻي وات، هليون ترايَن تَلَ تي ڳولاڙن جي گسَ تان، چَنِ مِني مَاتَ لاهي اَڄ اَساتَ، راهي ٿيون رِڙ راهہ ڏي

(۴)

راهي ٿيون رڙ راه ڏي، لاهي اوستَ اَڄ پهاڙيءَ مان پڄَ، روجهن ڪيا رڄَ تي

(۵)

راهي ٿيون رڙ راه ڏي، لاهي اَڄَ اَساتَ آڇي وَڻن اوچتو، وڏ ڦڙو ۾ وات رعدَ جي رڙيَن تي، ٿهي ڏنائون تات پڳيون منجهہ پهاٽ، لڏن سڪ سچل چوي

(٦)

وڻي وات پهاڙ جي، هليون منجهان هيج رسي مٽي ريج، پانڊوڙين پيا ڪيا

(٧)

رڙ چڙهي روجهون ويون، ڏسي اَوسَرَ اولا آنا مينهنَ مهر جا، مهر ڪئي مولا روجهون ريجهيون ڏسي ڪري، ريجڪ رسيلا واحد وسيلا، پٽن تي پڏرا ڪيا

(٨)

روجهن زاروزار، آپي رُنو رڙ ۾ رڙيون سُڪي رَڳين جيون، سعيو ڪيو ستارَ ساري ساز سَرود سان، سارنگِ لڏن سار روجهن سان رهاڙ لئي، ڪنوڻين ڪئي ڪيڪار ٿهي هليون ٽيلن تي، سُڪي گوڙ گجڪار وسي وس وڏي ڪئي، وَسَڻَ جي وَسَڪارَ تانگهيون تاروتار ٿيون، ترايون تلهار سگهي لڏن سار، سچي سِڪَ وارئين

(٩)

روجهڙيون رڙ ياد ڪري، آپيون رت رُڳن هر ڪنهن ويل هُڳن، اهڙن اوراتنِ ۾

(١٠)

روجهڙيون رِڙ ڦٽو ڪري، لاهِ لَهِي اِيون ٽين تار نہ ترايون، جو مُند نہ اَڳن مينهڙا

(ڪافي)

ٽلهہ : ساتَ سلامت آيو، پڪي پِريِن جو

١. ڏينهنَ فراق جا لنگهيا اسان تئون، مولي سو مُحب ملايو
٢. ميلاپي جي مهر پيئي تا، واليءَ ورقَ ورايو
٣. وڙ پنهنجي ڏي پاڻ ڏنائون، ويڙهو هيءَ يار وسايو
۴. ميرا لاهي اچا ڪياسين، جو تن تا نِينهن نيايو
۵. ڏيو مبارڪ سيئي سچل کي، سورن اڄ سِڏايو

داستان ٻيو

(١)

مَندين ميهن ائانِ، روجهنِ رِڙ قَتو كيو
ڏولائيءَ جا ڏينهڑا، گهٽا گهر ڏَنانِ
سچل تن ارمان، لحظي منجهه لهي ويو

(٢)

هينڙو چڏي هَتِ، ٿيون روانيون روجهڙيون
ڏکيا اوسر ڏينهڑا، سچل گهارين هِتِ
ائٽي پَهَرَ چتِ، وطن تن نه وسري

(٣)

مندين مينهن پيونِ، ترايون تار ٿيون
ويڙ مٽين ماڙين، ٿاکن تي ٿيونِ
وري کين ويون، سورڙ ريجاڙن جو

(۴)

رڙ چڏي روجهون، کا ڏسَ چتائي هليون
جيلهان مَند نه ائا مينهڑا، تيلهان ٽيون ڪوجهون
لکَنِ جيون لوجهون، جرين جالڙ هليون.

(۵)

ماڙ مينهن پيان، روجهون موڙي آيون
اوسر سندا ڏينهڑا، وسري سڀ ويان
ٽاڙا ڙ ٽيان، قَتيون قوڙيون گڏيون

(٦)

جڏهن ٽيا ابر، تڏهن روجهن ڳاڙ مڙي کيا
مولي وڇڙيون ميڙيون، اولانگي اوسَرَ
پهاڙيءَ جي پاند ۾، گڏجي ڪن گذر
ٽيون سچل سَرَ، ڏولي ڏکيا ڏينهڑا

(٧)

روجهڙين أتاءُ، لنگهيا اوسر ڏينهڑا
مولي آندا ميهڑا، پنهنجي مهه مٽاءِ
جي هيون ويچاريون وڇڙيون، هڪڙيون پين کاءِ
وين ڏول وڃاءِ، ائي اچي گڏيون.

(٨)

آسروندَ آهين ، روجهون راڙيون رڙَ ۾
ايون پيون اپ ڪي، وائڙيون واجهائين
رڙيون ڪري رڙ ۾، ٽيون بوندون برسائين
تنهن ڪنڊ ڪاهين، جنهن ڪنڊ وسن مينهڑا

(٩)

آيون وس چڏي، مندين ائين ميهڑا
مولي سندي مهر چوان، جو وڇڙيون گڏ گڏي
لڏيون لاهم لڏي، روجهون ريجاڙن تي

(١٠)

رڙئون روجهون آيون، ساريو پنهنجو ديس
مندين أڻَ مينهڑا، وسري وين پرديس
جي ائي ريءَ أديس، سي سچل سرهيون ساه ۾

(١١)

رڙئون روجهون آيون، وين اوسر ڏيهه
پلئي پهاڙن جي، سارن ٽيون سائيهَ
مندين ائن مينهه، ڪيائون رخ ريجاڙن تي

(١٢)

اوسر ڏسي روجهون، رڙ چڙهي ويون
تن کي وڃي اتهين. پلڪان کي پيون
مندين ائن مينهڑا، ريجون سڀ ريون
ڍءَ واري ڍيون، ڍَليون گاهم گلن تي

(١٣)

رڙ چڙهي روجهون ويون، وري کَٽَ ڪري
پُري آيون پيئي تي، پهاڙون پري
سبز سيٽيون ساوڙيون ، هرڪا چاڪَ چَري
وين ڏولائي ڏينهڑا ، سين پل پري
سچل مون نه سري، روجهن جي رهاڙ ريءَ

(١۴)

جي رڙ چڙهيون روجهڙيون، ڪيون ڏولاون ڏکيون
جبلن سندي جهولئين، بِرَ هيون بَکيون
سچل ٽيون سَکيون، جو مندين ائن مينهڑا

(١٥)

روهن اندر روجھڑيون، ڪيون ڏکيون ڏولاون
سچل سي ساون، سڪيو ڪيون سڪديس ہر
(١٦)

هيـــون لاهي هليـون، روجهـون رڻ چتـاءِ
مـهـر مـولي جي ٿـين، اٽن مِينهنَ مٽـاءِ
پلر ســـاڻ پَر ٿي، پهـــاڙن جي پاءِ
ڏولائيءِ جا ڏينهـــڙا. لاٿـــا پاڻ خداءِ
وري پـنهـنجي ديس ڏي، وريـون جاءِ بجاءِ
واري وس وســـاءِ، ڪا رازق روجهـــڙين تي
(١٧)

جي ڦـٽـيـون جي ڦـوڙيون، انـي اچي گـڏيون
آوسَر ڪيـــون هُيـــون، اوزنيـــون اوريون
لکين ڪروڙيون، رڻ سـيـوئي روجهـــڙيون
(١٨)

ڦوڙائي جيون ڦٽيون ، ڦوڳيون ٿيون ڦولهين
آبر سندي آســري، ٽکـــر ٿـيـون ٽولين
ڪوليـو ٿـيـون ڪولين، ترايون تر پـريون.
(١٩)

منڈائٽـــا مـوٽيـــا ، روجهـــون چون روئي
قـسـمت قـيـد الماءِ کي ڪو نہ جهلي ڪوئي
ســـائين سگهـــوئي، ڪندو وس ولهن تي

(٢٠)

منڈائٽـــا مـــوٽيـــا، روئي چون روجهـــون
ڪمـينيون ڪوجهون، قادر تنهنجيون آميون
(٢١)

پانڊوڙيون پهـاڙ جيـون، رڻين ڪوهه رهن
لوچي سي لهن، جن ســـــچو ہڏو سندرو
(٢٢)

مـــاڻـــر مـٽـــاهان پنڌڙا، پانڊوڙيون پرُنِ
ســـانگن مـــتي ســـرڙا، چريو سي چَرنِ
وري ٿـيـون ورن، سچل سي ساڻيـهـ تي
(٢٣)

چڏي رڻ راهي ٿي، روهن مـــتي روجهـــ
ہيلي پيـئي ہوجهـ، چرڻ جي تنهن چت ہر
(٢٤)

سچل رک سماءِ، ٿو ماڻهو روجهن سان گڏين
هاڻي صبر مَنجهيئي آءِ، ڪمائي پوري ڪري

(ڪافي)

ٽلهـ : اجهي آيا ڪلي گـڏياسي، جن جي ڪارڻ پانڊي پچياسي

١. فلق فـراقي ڏينهنَ ڏهيـلا، اهي سـيـيـئي وسـري وياسي
٢. پاڻـئـون ڄاڻي سي پيـهي آيا ، جن جي ڪارڻ چلا ڪڍياسي
٣. جيـئن وڻي ڪين تيـئن ڪرن سي، وس پرينِ جي وڃي پياسي
٤. اسان پـانيو تا آرام ٿـيوسي، ناز نيـٽن جي ناگـهـ نياسي
٥. ويڙهي اسان جي سچل سي آيا، طرف جِهين جي قاصد ڪڍياسي

سر جوگ

جوگين جو جِنسار

داستان پهريون

(١)

گنگا کان گذرُ، آهي ڪنڪٽ ڪاپڙين جو ڪڍهن لوڪ نه لڙيا، سدا تن سفرُ آهي نام مشرُ ، انهن آڏوتين جو

(٢)

جوڳي آهن جي، گوش گنگا ڏي تن جو آهن ڪوڏيا ڪات جا، ڪنڪٽ ڪاپڙي

(٣)

ڏوڏيءَ منجهه ڏيان، آهي آڏوتين جو گم ٿيَ گرگم گوڏڙيا، ڪن گروڙي گيان اصل کان اشنان، گنگا جمنا تن جو

(۴)

پورب پنڌ نه وڃڻا، گرناري گمنامُ ويچاري ٿي وات تي، ڪرن ڪين وسرامُ سيني ۾ سنگرام سچا سنياسين جي

(۵)

پورب سندا پير ، لاهوتي لٽي ويا گرناري گنير، سچا گم گرگيات ۾

(٦)

پورب آهه نه پنڌَ ڪڍهن ڪاپڙين کي واري ويراڳي ويا، ڪاتن مٽي کنڌَ هو سندن هنڌ، جو لڙ گڏجي لعل ٿيا

(٧)

پورب پنڌَ نه آءَ ، ڪڍهن ڪاپڙين کي جت ماٿهن ميڙاکو ٿيئي، سا جوڳي جاءِ سچل سچ سواءِ ، سودو ڪن نه ڪو ٻيو.

(٨)

پورب رکي پير، ڪن پُڄَ پراهين پنڌ جي سچل وچي آتهين ڪاپڙين ريءَ ڪير جي وٽ ٽڪل نه ٽير، ڪنڌ تنين جو ڪات تي

(٩)

پورب پنڌ نه ڪن، ڪهين ويلي ڪاپڙي سچل سدا سامهون، اڏي آڏو تن سي وچي کات ڏين، گردنون ڪنيو غار ۾

(١٠)

پورب پچيائون پر پير رکيائون پرنان اوريان پريان پنڌڙا، سي لس لنگهيائون ائين اتيائون، ته گر کي گڏيا گودڙيا

(١١)

پورب کان پري، نانگن نظر آهه تا نِگهه وجهن ناڻ تي، پريون پير پري منهنجون ذوق ذري، گر کي گڏيا گودڙيا

(١٢)

پورب پير ڏرن، ڪن وچٽ پراهين پنڌ تي قدم رکي کات تي، ڪنڌ قربان ڪرنِ ڪوڏئون ڪاپڙين ، سچل سر صدقي ڪيو

(ڪافي)

ٽلهه : هئي هئي هن حال، وي، سڳر ٽيس نه ساميڙين جي

١. منهنجو آهي ڪر ڪاپڙين ۾، نا ته جوڳي آهن جال

٢. ويم ويساهي نڪري، اهي رات لانگوٽيا لال

٣. ڳوليان ڦوليان واڙين تي، جي ڪهي ويم ڪال

۴. ڪات اتي ڪنڌ آڻ ڪپاوڻ، لاهي جيءَ جنجال

۵. منجهه گودا وري من گڏجن، جن جا خواب خيال

٦. راتو ڏينهان آهي هوتن جي، سچل ساهه سنپال

داستان ٻيو

(١)

جوڳي جال ڏنـام، پر کو کو لپي کاپڙي هي ويهي وستين ۾ ويا، هو نہ لوڪ لڙيام تنين کاڻ ٿـيـام، هئي هـڙا حـالڙا

(٢)

جوڳي جال ٻُجهن، پر کو نہ لڏو کو کاپڙي تن ڪٽن پرين جيون ڳالهڙيون، ٿيون سچل ساه سُجهن لـوڪ نـه بـي الجهن، بِگـر نـالي نـاڻ جي

(٣)

جوڳين اوري جوءِ ، جي لوڪان لال لڪي ويا لاهوتي لنگهي ويجي ، هُر ۾ پيـا هوءِ راسخ روبروءِ، نـاميـا ٿـيـڙا ناڻ سـان

(٤)

جوڳي آهن جال، پـر لاهـوتـي لـڏي ويـا هي مڙ مڙ ڪن مٽين سين، هو ڪڙا متي خيال سي لانگوٽيا لال، پـينر پـاڳ مـڙن مـون

(٥)

لوڪين لاهوتي، ڪهـين پر نہ پريـيـا سي پنهنجو رکي پور ويا، سـالڪ ٿابوتي اهي آڏيءِ آڏوتي نانگا ويڙم نڪـري

(٦)

ڪري لنگهـيـا لوڪ مـان، لاهوتي لوڙا ڪهـوڙا ڙي ڪهـوڙا، ڪري من مـسـتـانَ ويا

(٧)

لاهـوتـي هـن لـوءِ، آيـل آهـن اڄ پـي ووءِ ووءِ آجا پـونـدي، پـوربـين جي پـوءِ تن کاپڙين کي ڪوءِ، سڳر منجهہ سهي ڪري

(٨)

لاهوتي مـان لوڪ ، ٿـورا ڪـهـٽـا لنگهـيـا سچل سـاميـئـڙن تي، محبت وسي موڪ سي زائر منجهـان ذوق، ڪنڌ ڏين تـا ڪات تي.

(٩)

مـتي کات قـدم، ڪاڪيـون کاپڙين جو سنسر ميـتي سروپ ۾، سچل ٿـياسي سَم سـدا سـاميـئـڙن جو، دمـامين سـان دمُ آديسي عـدمُ ، ٿـيـا نالي آندر ناڻ جي

(١٠)

جوڳين مت جايون، پر هو هُن لوڪ لڪي ويا تـپش تـيش تن ڪـي ، ويـا لاهـوتـي لايـون ووءِ ووءِ هـت وجهـي ويـا، ويـراڳي وايـون آڏوتين آيون، خبـرون کات ڪَسڻ جيـون

(١١)

جوڳي جالون جال ، پـر لاهوتي لنگهي ويا هو هلي ويڙا حـال ۾، هي قـابو مـتي قـال هئي هئي منهنجي حال، جو حال نہ پيو هٿ ۾

(١٢)

حـوڳين آه نہ جنگ، آهن سلوڪي سپ سـان جيـجان هن جهـان ۾، آهن طريلا تنگ ڪنهن جي رتا رنگ، ماڻڪ منهن مشعلان

(١٣)

ويا هِتئون ويهي، اجا ڪالهہ ڪالهوٽي کاپڙي آيل آڏوتين جي، ڳالهـہ ڪريان ڪـيـهي سچل ساري سڪ مـان، گـاروڙي گـيـهي پورب ۾ پيـهي، واصل ٿـيـا وصـال کي

(١٤)

هئي هئي ڪالهہ هتاءِ، اجا لاهوتي لنگهي ويا ڪو نہ وڃڻ جو ڪو ڏنائون، سچل کي سماءِ تاڪو پوي پريـاءِ، لاهوتين جو لوءِ مـان

(١٥)

ويا لاهوتي لال، لوڙا ڪري لوءِ مـان ڳالهہ نہ ڳرهڻ جهڙي، مگر منهن مشعال هئي هئي هڙي حال، ساريون سي سَڌ مران

(١٦)

ڪوڙين قرباني، آءُ تان ڪاپڙين تان ڏيئي ويا ڏيل ڪي، هئي هئي حيراني ماريون مهماني ، آءُ سر ڪندس صدقي

(١٧)

ڪري لوڙا لنگهيا. هئي آڏوتي اڄ مون کان امان پڄ، آءُ بہ ويندس تن سين

(١٨)

جو پنڌ جوڳيڙن، جو سو آڏوٽن اجاء ڪنگا ۽ ڪرنار ڏي، جوڳين پنڌ جڳاء پنڌ انهيءَ کون پرناءِ، آڏوتين کي آءُ تان تان ٿين نہ جاءِ، جان جان ريجهن نہ رامَ سين

(١٩)

جاڏي پورب پنڌ، تاڏي آءُ نہ ويڙو هتي جڻ جو هنڌ، منهنجو هنڌ هنگلاج ۾

(٢٠)

وريو ويراڳي، ڪياني ڏئم ڪودڙيو پليا ڏئم پير ۾، پوڳي ۽ پاڳي طالب تياڳي، لکن ۾ کو هِڪڙو

(٢١)

جوڳين جٽائون، جوڙي جڙيون جان کي چمٽا ٻڌي چيلهہ سان، ٽُنبيون ٽڻيائون جنجيرن سان جان تي، ڪِشتا ڪڙيائون ڪروڙي ڪائون، پورب پنڌ پُڄي ويا

(٢٢)

جوڳي پاتون پات، پر منهنجو انگ آڏوتين سان سفر ويا ساجهري، رهيا رُڳي رات طلب تنين جي تات، راتيان ڏينهان روح کي

(٢٣)

آهن اکيچار، انتر مڪ آڏوت جا پورب سي نہ پُريا، نڪي ڪن پرچار ائين پهر آڇ ۾، رهن سي گُرُ گار سچل سنسڪار، سنسا تِن وڃايا

(٢٤)

ايا آڏوتي، آهن اکيچار اوڏيا اهنڪارَ، پيڃي جن پورا ڪيا

(٢٥)

ڪاپڙي ڪنڤاڙَ، آيل آڇَ لنگهي ويا مست ڪري ويا من کي، مُرلين سان مٽيار تن جوڳيڙن جي جاڙ، مون کان مُئي نہ وسري

(٢٦)

ڪاپڙي قنديل، ڪنيو گهمن گودڙيا چٻڻَ ڪري ڇهن ۾، وتن ڪاريهر قتيل مُندن مرلين سان، آڏوتي اصيل سچل سڪ سبيل، جيءَ ۾ جوڳيڙن جي

(٢٧)

لاتي لاهوتين، ڏرم جي ڏوٽي پُنبہ جي پوٽي، ساڙي سنياسي هليا

(٢٨)

جهوناڳڙهہ جي جُوءِ ۾، جوڳين جوڳ اجوڳَ پوڳِن پوڳَ اپوڳَ، پاڻ وڃائي پنهنجو

(٢٩)

ڪاپڙي مون ڪالهہ، ايا ڏٺا ڏيهہ ۾ هئي هئي منهنجي حالَ، جو سائين ڏيس نہ سنڀتي

(٣٠)

هوجي ڏٺا ڏيهن، ڪالهہ ايا مون ڪاپڙي سي اڄ لنگهيا لوءِ مٽون، دانهن چڙي ديهہ هاريون هوءِ هڏيهہ، موٽن ڪين مڪان تي

(٣١)

ديوي رکي دل ۾، جنهن من ڪيو مندرَ اندر ٽي اندر، پوڄاري پُرَ ٿيا

(٣٢)

مندرَ ڪري مَنَ ڪي، پوڄاري پوڃاء پارُ نہ پيو پُڃاءِ، پوڃاريا پُربندر جا

(٣٣)

پوڃاري جي پارکو، مهاديو تن من ڪنگا گم رهن، ٻَڌن ڏسن ڪين ڪي

(۳۴)

مهادیو جن من ہر، پوچارین تن پرک،
اندئي پهر اندر ہر، لکن لک الک
رکي ويا راز تي، کاپڑي ک
جهانَ ماري جک، هو پوڃا ہر پُرُ ٿيا

(۳۵)

هرتالا نہ هير، سيمابي سرير ہر
سائڻ ٿي سهاڳ سان، کوري کيڃ غير
سيميا سندو سير، هرڏاتيءَ مان هٽ کرين

(۳۶)

وٽي مٽ منات جي، لات جي لنوج لات
مڑهي ءِ مندر جي، موکج سپ مرجات
پائين سپ پرجات، پوچاري پُربندر جا

(۳۷)

پوچاري پُربندر جا، پائين سپ پرجات
چمق ڏيئي چقمق کي، کيڙُ خامي خرابات
چارئي طرف چُور کري، دور کر درجات
ٽوڙين لات منات، تہ پوچاري پُرُ ٿيين.

(۳۸)

پاڻ پوچاري پنهنجو، پنهنجو پوچاري پاڻ
ڃاڻ انهيءَ جي ڃاڻ، ڃاڻ نہ ڃاڻي ڃاڻ کي

(۳۹)

ويهي بتکدي ہر، بت کي کرن سجود
پيڃي سَڌ سلام جي، هيکر ٿيا هنود
جاڻن جٽيئي سان، وانگاريائون وجود
ساجد ءِ مَسجود، سچل هک هنگلاج ہر

سُرُ مالکوس

مرغ نامون

داستان پهريون

(۱)

لوڏيندي لامون، ڏاهو ڏار چڑهيو چوي
آندو اٿم پاڻ سان، نينهنَ پريو نامو
توڏي ساريو سڃڻان، کير روانو
پڑهي پروانو، مونکي جلد جواب ڏي

(۲)

کانگل آير اڃَ پريان سندي پار ڏنهن
ڳالهيون کيائين سڃڻان، سي روح پُڌي کيون رَڃَ
پکيءَ کيو نايُڃَ، ظاهر کيائين زبان سين

(۳)

ڏاهو اڃ ڏسو، جو ويڑهي ويڳاڻو وتي
پورن منجهان پنهنجي، ٿو ڏيئي حال حصو
کو قربين قصو، تنهن سيکاري موکليو

(۴)

کيون وکائيون وات، اڃ ڏاهي ڏار چڑهي کري
سڻڻ سان کي سرتين، لڳي چُپ چُپات
آٿڻ واريون آتهين، لوئيائيون سان لات
روئن ساري رات، هئي هئي سو کانگو کيون

(کافي)

ٽلهه : جوڳي آهيان جوڳي ٽيندس، جوڳي جنگ جوان
۱. نا مين مُلا نا مين پانيڙ، نا مين ورق قرانُ
۲. نا مين پوٿي نا مين پوڑي، نا مين گيتا گيان
۳. نا مين اولهه نا مين اوپر، نا مين زمين آسمان
۴. شهر سچل دا وچ درازين، نا مکي نا مُلتانُ

(۵)

گهٹا ڈينهن لڳاءِ، ڇاهون ڪانگل قريب جا
هي دم آڏو دوست جي، ٻلي ڪري ٻڳاءِ
تاڪي تَنَ تڳاءِ، تان جهوريءَ ٻر جهجي مران

(۶)

وات ڪري وائي، اڄ پڻ ڪانگ قريب جو
ڪي جو چيائين چهنبَ سان، تنهن لڇ وڏي لائي
اندر ڪي آئي، جَڏُ جَرَ جيري سندي

(۷)

لٽئي لام لتو، ڪي جو ڪانگ قريب جو
تنهن لاکيٽي جي لات جو، پوي ڪين پتو
ڪاڪيون ڪيئن ڪتو، پرَ اڏَ سُوريتيون آهيو

(۸)

ڪيهي ڪمئون ڪانگڑو، اڄ ٿو ويڑهي منجهه وتي
پسي تنهن جو حالڙو، ڪاڪيون ڪا مرَ ڪتي
تنهن جي لات لتي، ٿو جيءَ ڪي جيڀو ٿبي

(۹)

اڄ لاتيون ڪانگ لتيون، سي ڪي سئو سرتيون
جو ڪَهڻَ سان ڪُهيو وجهي، ويڑهي منجهه وتيون
سنديون راز رتيون، ٿو پڻ ڪري پڌريون

(۱۰)

رويو رويو رتُ، ٿو پکي پارانپا ڏيئي
ته پيرين وجهاءِ ڳهنگهرو، سي چمڪائيندو وتُ
توکي ڏاها ڏسُ، محب اڳيون پي مَتُ
ڪيين جو وڻي خط، سگهڑو ساڻيئڑا ورين

(۱۱)

جو ٿو ڪانگ چوي، سو سُٹيجو سرتيون
وڏي ويل صبح جو، ٿو چڑهيو لام لنوي
الڪي ٻر نه رهي، آتڻُ ڪٽو اِتهون

(۱۲)

ڏاهو چڑهي ڏار تي، ٿو ڏيئي ڏوراپا
پڌرا ڪري پرين جا، هو نانکُ نياپا
آڻيو اوراپا، ڳالهيون ڳوري ڪي چوي

(۱۳)

ترَ نه هڪ توڙي، اڄ لامين لاکيٽو لٽئي
ويٺو آهي وڪوڙجي، ڪنين ڪي ڪوڙي
ڳالهه ڪرڻ ڪان ڪاکيون، منهن ڳهڻو موڙي
پر پنهنجا ٽوڙي، ڇڪيو ڏيئي ڇهنب سان

(۱۴)

سٽيجو سوئي، جيڪو چوي ڪانگڑو
هينئين سان هنڌائجو، سرتيون سيوئي
ڪنڌيون ڪَندن سان وجهان، پکيءَ کي پوئي
جانب ڏنهن جوئي، آڻي نيپا نينهنَ جا

(۱۵)

آءُ ڪانگل ڪائين، تا توتي عطر اوتيان
اچڻ ٻاجهون اوهانجي، آباٽڪ آئين
ڏاها گهٽا ڏينهڑا، متان تون لائين
پير اگڻ پائين، ته منهنجو ساهُ سڏيرُ ٿبي

(۱۶)

ڪانگل آيو ڪال، وڻي سنيها سڄڻان
محبت ريءَ مقال، ڪانه ڪيائين ڪڏهن

(۱۷)

کي جو ڪانگ ڏسي، ڪالهه اوڏنهن آيو
پيس هنيانءُ ڦسي، ڳالهيون ڪندي سڄڻان

(۱۸)

مالهان موتين جيون وجهان، پکيءَ کي پوئي
پيرين سونا گهنگهرو، تا ٿبي سوايو سوئي
سينڊو سيڪوئي، مرَ تنهن جو نه ٿبي

(۱۹)

پکيءَ سندا پر، ڪريان مرصع موتيين
جو آڻي عجيبن ڏنهن، ڏيئي خوب خبر
پينرَ ڙي مون پر، شال ويٺو ڪري وايون

(۲۰)

سنيها جو سڄڻان، سي ساري ڏنائين
ايٽن آٽائين، ته پاڻ نه آڇ وچ ٻر

(۲۱)

ادا ايندو ٿيءُ، وڻي سڪ سنيهڑا
جاءِ ٿي مون جيءُ، ڏاها جڏهن ڏسان تو

(كافي)

ٽلهه ، آءُ ڪانگا ڪا پرين جي ڳالهه ڪر
عدو ڪَيُئي ڪالهه سو برحال ڪر
١. ڪيئن ڏٺو تو دوست منهنجو ديس ۾
خوش ڏٺو هيُئي يار کهڙي ويس ۾
ساخبر مون سان ساري في الحال ڪر
٢. ڪي پچيائون خبر هن جي حال جي
ڪي ڪيُئي آگاهه هن احوال جي
سو مونسان ڏاهَا اهو احوال ڪر
٣. هت فراق آهي ماريو هيو مان چا چوان
سُور هن جي سپاهه ڪي نت نت نوان
آءُ ادا خاطر منهنجي خوشحال ڪر
٤. ڪي اڏاٽو هئين پرين جي پار ڏي
ڪي نياپا هي نياهُيئي يار ڏي
ڪا مدد منهنجي ادا آ حال ڪر
٥. دوست جي به حضور جي حاضر ٽئين
زاغ زاريءَ مئون اهي نياپا نئين
لڳ سائين ۽ سارو سچل جو سوال ڪر

داستان ٻيو

(١)

ڏار چڙهي داهي، ڪي جو چيو چهنب سان
اهو مون آهي، آڏر ڏي ارواح ڪي

(٢)

ڏاهو ڏار چڙهي لنوين ٽو لاتئون ڪري
ڪو نئون سبق پڙهي، اڄ پڻ آيو اوڏنهون

(٣)

ڏاهو مٺي ڏارَ، عجبُ اڄ لاتيون لنوي
ٽو سچلَ ڪري سنهارَ، پريان سندي پارَجي

(٤)

ڏاهو مٺي ڏار چڙهي ڪري، ڪي ٽو چنهب سان چوي
اديون سڀ اهي ، آهيو ٻڌڻ واريون

(٥)

چهنب ساڻ چوي ، ڪي ٻيو ڪانگل ڪاڪيون
پُورن منجهه پوي، ٽو سڻي ساهه سنيهڙو

(٦)

محبن ڏانهن مَسين، اڄ پڻ ڪانگل آيو
لاتيون واهه لسين، ڏاهو ڏار چڙهي چوي

(٧)

لاتيون ڪنديئي ڪانگو هيڻ ڪري ٻيو
هئي هئي هنديئي، ساڻيءَ ساه مٺي ويو

(٨)

ڪهيو هيئن ڪانگي، چيائين چهنب سان
سڄڻ ڪنهن سانگي، وري ايندءِ اتهين

(٩)

چهنب ساڻ چئي، ڪاجا ڪانگل ڳالهڙي
ساري آتن سان انهيءَ ڪهڙي ڏِس ڪئي
پورن منجهه پئي، سيڪنهن ائڻ ڏٺو ڪيو

(١٠)

ڏاهي چڙهي ڏار تي، ڪا جا لٽي لات
ڏک ڏنائين سڀ کي، وائي آئي وات
پيون ۾ هيهات، آتڻ واريون اتهين

(١١)

وري ڪانگ وريو، پريان سندي پار ڏنهن
لامين لڳي لنوَ جو، تنهن ڏاڍو سُر پريو
ڪاڪيون ڪن ڪريو، ٿو ڏيئي سنيها سڃڻان

(١٢)

سنيها ساري، منهنجا جا چوي محب کي
پرين تنهنجي پار جي، محبت مون ماري
مُنج ڏِهاڙي مون مٽين، اِهو ڏاها ڏياري
مَرَ سِگهڙو سنياري، ڏيئي سِکَ سنيهڑا

(١٣)

ڏاهو چڙهي ڏار تي، ڪري هيءَ مذڪور
سنيهن ۾ سُور، چوي ٿو چُهنبَ سان

(١٤)

سڏو سنيها سرتيون، ٿو چڙهيو ڏار ڏئي
سارو ساهُ نئي، ٿو نازڪ نياپن سان

(١٥)

ڏاهو ڏار مٿي چڙهيو، ڪري بره بيانُ
آٽڻ تي احسان، ڪري ڪلامن سان

(١٦)

ڏاهيون سپ ڏسو ، جو آيو ڪانگ قريب جو
وڃي جان جسو، نِيو نياپن ساڻ ٿو

(١٧)

وتيو ۾ ويڙهي، ٿو ڪاريون ڪانگ وهائي
روح نئي ريڙهي، سيڪنهن جو سرتيون

(١٨)

ويڙهي وتنديئي، ڪانگي قهرَ ڪمايو
ڪاڪيون ڪتيندئي، پيم پور پريان سندو

(١٩)

ريڙهيو روح نئي، پسو سپ جو پاڻ ڏي
سنيها جي سڃڻان. سو چڙهيو ڏار ڏئي
آٽڻ ۾ افسوس ٿيو، تنهنجي پيرَ پئي
ڪتي سگهي ڪا نه ڪا، ڪٽون وهلور وهي
ڪهڙيءَ طرح ٿئي. وري سنياهو سرتيين

(٢٠)

ويس تندُ ڇڇي، پهو پٽ ڪين پيو
سڏي سنيها نينهن جا، پيئي جهوريءَ منجهه جهجي
انهيءَ پَت پيڇي، پيس روئيندي ڪپڑا

(٢١)

صدقي ساهه ڪريان، من ڪانگي تان ڪاڪيون
جي ڏي سنيها سڃڻان، سي سانيي ساهه ڏريان
پلي پير پريان، انهيءَ ويلي اوڏهين

(٢٢)

آئي ڪانگ ڏناس ، ڪِتابتَ قريب جي
پهو ڪري پٽ پيس، چوهون تند چُٽياس
پيڇون پيڇ ٽياس، روئندي چولي چڪَ ۾

(٢٣)

هلي ڪانگي هڪ، ڪا جا ڪيس ڳالهڙي
ٻڌڻ سان روئي ڪري، چولي ڪيائين چڪ
تنهن سنيهي مان سڪ ، پاڻهي ڪيائين پڌري

(٢٤)

ڏاهي چڙهي ڏار تي، ٻولي هيءَ ٻولي
ٻُڌي روئي رت سين، چڪ ڪير چولي
هينڙي ۾ هولي، هاريون آٿر هوتَ جي

(٢٥)

سڃڻ جا سنيهه ، آئي تنهن آٽڻ ڏنا
جڻ ڏنائين سين کي، چُريءَ ٻاجهون چيهه
ڏڪ پريائين ڏيهه، ماريون انهيءَ مامَ سان

(٢٦)

سڏو سنيهه سڃي، اديون محبوبن جا
لکن منجهه ليي، ڪا سُورائتي سور سان

(کافي)

ٽلهه : اوڏنهون آئين کانگل ادا، لنءِ تون چڳي اڄ لات کا
کي هت هئي محبوب کي، مشتاق جي مصلات کا
١. هيڏي اڇڻ جي کا هُين، ڏي تون مونکي تسلات کا
مون هن نماڻيءِ وٽ آهي رهندا اچي هت رات کا
٢. پي تا هوندي هيٺي، ظاهر نه جهڙيم ذات کا
پيغام مون ڏنهن پرت جا، ساڻي آندو سوغات کا
٣. شب روز عاشق روئڻ ۾، جاڻن نه هڏ پي بات کا
جاني جدائيءَ جهڙي، آهي نه پي آفات کا
٤. هيکند هئڻ جي هوت سان، سائين کندم ساعات کا
دلبر ٻاجهون هک دم سچل، بيهي اها برسات کا

داستان ٽيون

(١)

آءٌ کانگا کارون، تو سان کيان کيترين جو پهچائين پيغام ٽو، پرين جي پارون سچل سنيارون، ٽو ڏاها ڏهاڙي ڏئين

(٢)

کارون کيئن نہ کريانس، جو ٽو ڏيئي سنها سڄڻان پوئي پر پکيءَ جا، ساڻ جواهر جڙيانس موتين ۾ لعلن سان، پينرَ ڪنڀ پريانس پيرين دستَ ڏريانس، جو آه نياپا ڏيندڙ نينهنَ جا

(٣)

پکي سوئي پر، ٽو آڏري پار پرين جي خوشي جي خبر، مان ولي اچي اوڏنهن

(۴)

چڑهيو لام لنئي، اڄَ ٽو کانگ قريب جو سنيها جي سڄڻان، سي چهنب سان چئي پورن منجهه پئي، ٽو ساهُ منهنجو سرتيون

(۵)

چڑهيو لنئي لام، ٽو هوليون ٻاجهاريون ڪري ڏيئي سنيها سڄڻان، ترَيو مٿي ٽام ماريون ماري مام، ٽو ڏي لکائي لوڪ کان

(٦)

پريان جا پيغام، ٽو ڏي مڙيئي مام ۾ سوين منجهن سلام، جو ڏاهو ڏاهپ سان ڏيئي

(٧)

چپيو رهي چانيين، ٽو ڏيئي سنيها سڄڻان آيل اولانيين، ٽو ڳالهائي ڳجهه ۾

(٨)

سگهو آڏامي آءٌ، پکيئٽڙا پرين جا سڀ ڪنڀ کريان تنهنجا، ساڻ جواهر جڙاءُ عطر ڪتوري اوتيان، هيا ماٽڪ تو مٽاءُ ساري سنيهاءُ، کي آڻي ڏج عجيب جا

(٩)

ماريون مام منجهي، کي ٽو ٽريو ٽاري تي چوي سڄڻ ڏانهن سنجهي، ڏاهو ڏکجي آيو

(١٠)

آڻي کانگ ڏنوس، کو جو عريضو عجيب جو پينرَ سڀ پنوس، ڳاڙيندي ڳوڙهن سين

(١١)

مون ڏي کالهه مُکو، دلبر دلاسن جو سندو راز رقعو، سو پڙ واچيو وهسان

(١٢)

واچيندي وياس، هاريون پنهنجي حال ڪٽون
نامي تهن نياس، پاڻ لکيو جو سڃڻين

(١٣)

ڪانگا ڪتابت، ساري ساندڻ ساهه سين
اها امانت، ٻئي ڪنهن عام نہ آڇئين

(١۴)

ڪٽوري ۾ ڪنڀ، لويان، لاکيٽا سيٽي
ڳالهيون اوهانجون ٻڌي، ڇيرئون وهن ڇنڀ
تون پڻ اُتي ٽنڀ، ويهو ٽو وايون ڪرين

(١۵)

اڄ نہ اُنهيءَ ڏار، لامين لنوي ڪانگڑو
جيڪس پريان پار، ڏسندي سو ڏک پريو

(١۶)

زاغ نہ ٽي زبون وڃ، آڏامي اوڏهين
نہ تہ خاصو منهنجو خون ڳچي پوندء ڪانگڑا

(١٧)

لِکو ۾ لامين، ٽو لاکيٽو لاتيون ڪري
ٽهڪندو ٽامين، ڏي سنيها سڃڻان

(١٨)

چڑهيو مٽي ڇانڀ، ائين چوي ٽو جيڏيون
سيني ۾ ڪج سانڀ، ساري سنيهن جي

(١٩)

ساري ڳالهه سچي، اچي ڪانگي ڪئي قريب جي
ريهي دل رُچي، تنهن نانڪ نياپن سان

(٢٠)

آڻي ڏنا ڪر، ساڻي يارَ سنيهڑا
منهنجي پاران پکيڑا، وچ دوسائي در
جو سِڪ آهي مون سِر، ميان محبوبن جي

(٢١)

ڏنا ڪر آڻي، سدا سِڪ سنيهڑا
هينڑو مون هاڻي، آهي سچل سوداء ۾

(ڪافي-١)

ٽلهه : اڄ اڳڻ اجهي آيم، پرديسي گڏيم ، ميان

١. پيهي پکي آيم، لنوَ جنين سان لايم
٢. ڪوڙين قاصد ڪيترا، هوتن پار هلايم
٣. پڇيم جن لائي پنڌڑا، سي واليءَ پوءِ ورايم
۴. انهن ڪارڻ سرتيون سر تي سور سهايم
۵. سيئي سچل آيا، جن لئي ڪانگ اڏايم

(ڪافي-٢)

ٽلهه : ڪانگي قريبن ڏنهن، خبر آندي وٽي وهلو وري

١. خط منجهارون معلوم ٿي، ساري خبر ڪِين جي ڪري
٢. دوست دلاسا لکيا تا، تو اسان ري ڪيئن سري
٣. آءٌ تا گهٽو تو ساريان، ڳالهيون چوين ڪهڑيون چري
۴. سچل توسان آهي منهنجي، اها ذوق مان دل جي ذري

داستان چوٽون

(١)

چڑهيو سر چانپين ، لَتوين جي لاتيون ڪري
سنيها سپ سانپين، جي تا مڪئي سڃاڻان

(٢)

ٽڪيوتي ٽاريءَ، لَنوين جي لاتيون ڪري
ڏيئي سان زاريءَ، اپي سنيها سڃاڻان

(٣)

پارانيا پويون ، وڃهي ڳچيءَ ڪانگ جي
ڪڍي آب اکين مان، نينهين نچويون
لڙکن سان لويون، ٿي هينين لائي هٿڑا

(۴)

اڄ ڪانگ آيو. ماڻ ڪندي مونجهه مان
سو تان منهنجي ساهه کي، سرتيون سيبايو
هيڏي هلايو، اڄ محبوبن مهر مان

(۵)

چڑهيو ڏار ڏيئي، سنيها جي سڃاڻان
روڙي روح رڳن مان، سائ نياپن نيئي
جُسو جاءِ ٽيبي، سٽي پارانيا پرين جا

(٦)

ڪانگا! چٿو ڪيئن، سرها ڏنئي سپرين
حال اسان هت هڙا، ڪي هُت پي هئا هيئن
جها مَ ڏيئي جهڙجيئن تيئن ٿي اوت اکين جي

(٧)

ڏاها ٿيءَ نہ ڏور، ويهہ مونکي ٿي ويجهڙو
ڪر ڪالهوڪي ڳالهڙي، جا هُئن رات حضور
دوست اڳين دستور، ڪي تعظيمون توکي ڏنيون

(٨)

زاغ زبانئون ڪڍي، اهائي وائي
پريان سندي پار جي، آ توکي واڌائي
پڇي حقيقت حال جي ، هُت ساجن سپائي
تہ ڪي عاشق خوش اسان جو، ڪل ڏجاءِ ڪائي
مون سان بيحد پلائي، ڪيئي پرين پارون پنهنجي

(٩)

الله لڳ آڏام، تون موٽي محبوبن ڏي
وڃي ڏيج پرين کي، پاجيءِ جو پيغام
ڪري قدمن تي پئي، سوَ لکَ ڏج سلام
آهي اوهان لئي سُپرين، هت مڙوئي ماتام
وڃڻ جو انجام، سگهو ڪر طرف سچل جي

(١٠)

نا تہ مري ويندو هيءُ، الله لڳ اچيج تون
تو تئون آهي هن جو، جاني صدقي جيءُ
راهہ فراقُ فقير ڪئون، والي ويجهو ٿيءُ
تون پڻ منهنجو ٿيءُ، جو آءُ نوڪر تنهنجي نانءِ جو

(١١)

پکي سوئي پر، اجُ آڏاڻو اوڏهين
رسيو وڃي آتهين، پاندي منجهہ پهر
خاص وٹي خبر، موٽيو ماڳن پنهنجي

(١٢)

آڏو عجيبن جي، ڪيائين سپ خبر
هُت عاشقن کي اوهان بنا، هينڙي منجهہ حشر
ٿي اوتي اکڑين مان، باراني بحر
ماڻي ڏيو دِلاسو دلبر، متان عاشق هُت مري وڃي

(١٣)

ڏار چڑهيو ڏاهو، ٿو ڏيهم دلاسا دل کي
صبحَ سانيا هو، اگڻ آهہ عجيب جو

(١۴)

ليلائيندو آيو، پاندي اڄ پريانءِ
ورتُس درد ڏريانءِ، جو مَت وڃائي آيو

(١۵)

نچوئيندي ننهن، ٿي پائي ڪڍي پڌرو
وڃي ساڻي سنهن، تہ تون ڏيج سجدو سڃڻين

(١٦)

حبيبن هيڪار، آئين وري موٽي
باهيهل ٻيهار، اچي ويهه اکين ۾.

(١٧)

پکيڙا پوياءِ لڙهان موتين سنديون
آءٌ آڏامي اوڏڙو، تا جهوليءِ ۾ جهوليان
سيئي ڪنب ڪٿوريءِ ۾، لاکيٽا لوياءِ
سڄر ۾ سوياءِ، هڪ هڪ ڪري هٿن سين

(١٨)

سُهڄي سان صورتم مون ۾ ڏئي پرين جي
سو آچي انهيءِ ويلَ ويو، هيڙو ۾ حيرت
سا چوَنڊ نہ ٿي چئي مُون، هئي! هئي! حقيقتَ
آئون تا چا بيان ڪيان، اڳي جي عبرت
ساري جسم جانِ کي، ٿي نيٺن ڏني نيڙَت
تهن حامي حَضرتَ، دِل کي دلاسا ڏنا

(کافي)

سگهڙي پرين حي پارَ حي، ڪانگا! حبر کا مُون ڏئين
دوست جي ني ديس ڏي، ڪينءِ ڪالهه ٿون اڏري وئين
اَوَلِ اسان جي حال جا، نانڪُ اَدا نياپا نئين
ساري سَنيها سوز جا، هئي! هئي سَيئي لائج هنئين
ماريِ مُون مُشتاق کي، ڪين يار! ٿون باقي ٿئين
پُورن منجهه پَرديسِ ۾، ٻاجهون اوهان آهيو ائين
آءٌ جي مُئي تا گهوريس، جاني! سدائين ٿون جئين
سچل سِکي ساري توکي، تون پي تَهين سان هو اِيئن

ابيات متفرقہ

(١)

سيني ۾ صنمُ، سچل کي سدا
بُت جو بُتَ خُدا، پوڄاري پرکين

(٢)

سچل کي سدا، سيني ۾ صنم
کونهي ٻيو ڪر، پٿر جي پوڄا بنا

(٣)

پرين سندي جَوءِ جا، چمان پٿر مون
تهن ۾ پي آن تون، نظر ناهي کو ٻيو

(٤)

لڳا هٿ حِجِر کي، هيجون سندا هوت
مون پي تائين موت، پٿر تو چميو چمان

(٥)

حجر توکي هوت، چُميو پرين چاهه مان
رازُ ڏئو هو کو ته، تو ۾ سڄڻ سپرين

(٦)

ڪعبي ڏني پاڪ کي، پٿر تو پناهه
هيجان توکي هر کو، چمي منجهان چاهه
عاشق آيا تو آتان، صدقو ڪرن ساهه
امر سان الله، پٿر پوڄا مون ڪئي

(٧)

چا جو شڪ گمان، سيڪا صورت تنهنجي
متان ڪرين ارمان، ڳهلا انهيءِ ڳالهه جو

(٨)

خانو هي خيالي، دل جي اندر دل جو
وارج وصالي، ورق وجودي وترا

(۹)

حرف حلالَ هيڪڙو، ٻيا سڀ حرفَ حرام
عاشقن انجام، اهو آهه عجيب سان

(۱۰)

اهو هڪ منهنجي يار جو، تون پنهنجو هڪ وڃاءِ
سهي نه ڪرين سڏ ڪي، تون ڪن لائين پرلاءِ
پول نه ٻي ڪنهن پُل، رمز دل سان لاءِ
ظاهر باطنَ آهي اهوئي، سچل ڪيرَ سڏاءِ

(۱۱)

پاڻ سڃاڻج پنهنجو، اڻي ڳِلِ اندر گوهر
ڦٽو ڪر ٻيائيءَ جو، ٻُهاري ٻوهر
جوت پريو جوهر، سچل پاٿي پسينِ پارکو

(۱۲)

چکو انهيءَ چاش جو، چکي ٿيا چريا
چريو ڪريو لوڪَ چوي، آهن ڪين چريا
پاڪي سي پريا، سچل سڪ وارا ٿيا

(۱۳)

جب صاحب جو جَبُ، تاڪر نٿي ڪُر مليئي
قربائتي ڪپ سان، ڪلفت پيو ڪَپِ
راست توڙي چپ، سچل ساڪيو ستگرو

(۱۴)

رام رحيم هيڪڙو، تہ راوڻ ۾ وري ڪير
ڪرشن ٿي چو ڪنس ڪان، ولين ويڙو وير
پائي پريم پرهلاد سان، تون هرناڪش کي هير
سچل ويو اويو، پنهنجو اڻي پاڻ ۾

(۱۵)

ڳولها ڪرين جنهن جي، سو تون آهين پاڻ
پاڻ ڪنا پاسي ڪيو، توکي تنهنجيءَ ڄاڻ
پنهنجو پاڻ سڃاڻ، ٿون تان ناهين آدمي

(۱۶)

ڳولها ڪرين جنهن جي، سوئي تون سلطان
ٻيو پس تون پاڻ، پنهنجو سرُ سڃاڻ
ناحق ٿئين نادان، ليئا وجهين لوڪَ ۾

(۱۷)

مسجد ۾ محراب جي، ڪانهي جٽن جاڻ
پرين ٻيڙو پاڻ، ڪعبي ۾ ڪافرَ ٿي

(۱۸)

مڪر سان ملک کي، لٽيرا لٽين
"و الله خير الما" ڪرين، سچل نا سمُجهين
ڪريو پيا ڪرين، اٽکلون الله سان

(۱۹)

پنهنجو اڻي پاڻ ۾، سچل ويو اويو
سريري هي سير، سمجهين ٿا سرُ ٽئين

(۲۰)

پائي جامو جميعت جو، آيو منجهه جهان
جزي جاءِ هت ڪئي، ڏس فائق جو فرمان
جيڪي ڏسين ڏيهه ۾، سو اڻي منجهه انسان
نسورا نيشان، سچل سڀ سرير ۾

(۲۱)

صورت سڀ انسان جي، اڻي عشق اصل
"خلق آدم علي صوربه"، جزو جهڙو ڪُل
"الانسان سري وَ انا سره" سڃُ سچل پيو سلُ
پول نه ٻي تون پُل، هِتي هُتي هڪ آڻي

(۲۲)

بوتي وچ متيءَ جي يارو، سارو سمند سمايو
چولين چرن واهڙن، لَهرُن لعل لکايو

(۲۳)

سڀ وسارڻين گهاڙهيون ڏسڻ سان، اديون ڏاڍو پورپرايو سي
ٻن وجهي ٻيون گهاڙهڙيون اديون، ڪليءَ ڪليءَ يار گهايو سي
اوّل وقت عجيب جي اديون، انهيءَ گهور گهاياسي
سچل سومبارکان اديون، چاهون سرتي چاياسي

(۲۴)

اصل ڪٹون منصور جو انهيءَ ڪاٽيو ڪنڌ ڪوري
نشي ۾ نواز ٿي گهوريون سرُ گهوري
جنهن ساقي سُرڪ پياري آڏ ڪيئن پچان تنهن جي ٽوري
پنهان ڪيائين پاڻ کي، چتُ سچل جو چوري

(۲۵)

نہ بي ديني بندي ہر. نہ اِسر اسلامي هندي، سنڌي ناهي. هو شاهَ نہ شامي نہ کا حرکت هُن کي، نکي آهي آرامي خواجہ خدامي. پنهنجي کري پاڻ ٿو

(۲۶)

مُلان تون محبت جو. چکو کين چکين ڪٽيو ڪارنهن ڪنڊ ہر مُنهنَ کي ويٺو مکين سبق سورائتن سکيو. سوجي تون سکين تہ رحلَ سيٌ رکين، مُلان مسجد ڪندَ ہر

سَرءُ نامون

(۱)

ايڏَ اُپريو آپ ہر. ماڻهہ آسو آيو سَر پي سڏا ڪيا، سانوڻ سڏايو رنگ تان ريجاڻن تي، لٽي ڪنگو لايو چينهري سان چر سو. چارو چمايو سهسين سبزيون ساوليون. تلن تلايو آکيري مان کانو. ال اڏايو ڪانهن ڪکوريا سرسري. ڪونجن ڪرکايو اوهان ہاجهون سپرين، هت سورن سجهايو هاڻي ساجن کر سايو. ميان ميلاپ جو

(۲)

سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي. آوتر لڳي واءِ سَر موريا سائي سري. لعلَ ڪنگو لاءِ هاڻ پير هيڏي پاءِ، جو مندون ٿيون ميلاپ جون

(۳)

سرءُ لڳي ساوڪ ٿي، هارين ہڏا هَر ڪوهون کونجان آيون. ڪيو چينهرو چَر ديس اچج دلبر. جو مندون ٿيون ميلاپ جون

(۴)

سرءُ لڳي ساول ٿي. ہوءِ موتيو پاڻي لاءِ ڪنگو سيٌ لعل ٿيا. جاڻيون ٿو جاڻي آءُ دوست هلي هاڻي، جو مندون ٿيون ميلاپ جون

(۵)

ڪيا گپن مڻون گس، پانڌيڙڻ پنڌن جا سبزيون ٽيڙيون ساوليون، ہيون ريجائيون رنگ رس سرَ سُکا ساوا ٿيا، ٿي ويڙهي ويڙهي وسَ آءُ جاني، سان جس، مُندون ٿيون ميلاپ جون

(۶)

سرءُ لڳي ساول ٿي، اڄ اڏاڻان اَلَ مينهن وسي بس ڪئي، ڪيا تماشا تَل سائيه آءُ سانول، جون مندون ٿيون ميلاپ جون

(۷)

ڪونہ ڏيئي ڪاءُ، ڏک تنهنجو ڏيل ڪي ڪر ميان ميلاءِ، ہيون مندون موتي آيون

(۸)

تنهنجي طلب تمام، مونکي ڪيو سپرين تنهن ڏينهن لاکون نہ ڪيو، اکڙين آرام ڪر اڇڻ جو انجام، ہيون مندون موتي آيون

(۹)

سانوڻ تنهنجي سڏ، آءُ سڪائي آهيان پاڻ پنهنجو پاڻهين، ساڻ غريب گڏ اچي پکا اوڏا اڏ، جو مندون موتي آيون

(۱۰)

عالم کان الي، مون ڳالهہ اهائي ڳجهہ جي تنهنجي ڪنهن کي ڪين ڪي، سچل سڪ سَلي آءُ تون هت هلي، جو مندون موتي آيون

(۱۱)

سڪ اوهان جي سَرِ، ڪيو سانوڻ ساهہ کي ہاجهون تنهنجي سَپرين، ہيو اچي ڪونہ نظر آءُ پرين ڪنهن پر، ہيون مندون موتي آيون

(۱۲)

پاڻي موٽيو پوئتي، ڏينهن سڀ آيا
ڪانون آکيرن مٺون، ال ٽي اڏايا
ڏينهن اُتي تو هيترا، ڪيئن لالن لايا
ڪر ساجن سڀيا، ڪي اسان ڏنهن اچڻ جا

(۱۳)

چاٽيون ٽو چاڻي، ڪونهي حال حقير جو
تو ريءَ ٻيو ڪير هت سانول سڃاڻي
آءُ هلي هاڻي ٻيون مندون موٽي آيون

(۱۴)

ساهيڑين مون ساڻ، ڪونہ اچي ارواح ڪي
دلبر هن جي دل ڪي، ڏنو سور سماءُ
تون الله ڪارڻ آءُ، ٻيون مندون موٽي آيون

(۱۵)

گوندر گذاريان، هت اوهان ريءَ ڏينهڑا
ساعت ساعت سُپرين، ٽي توکي سنيارين
آءُ ساجن ٽي ساريان، ٻيون مندون موٽي آيون

(۱۶)

مستان وِٽ وجهيج، مون هن نماڻيءَ ڪي
هيءَ حقيقت حال جي، سانول سڀ سڀيج
هاڻي الله لڳ اچيج، ٻيون مندون موٽي آيون

(۱۷)

تنهنجي هجر تاپ، جڙ ڏنو آهي ڏيل ڪي
ڪر ميان ميلاپ، ٻيون مندون موٽي آيون

(۱۸)

مونکي منجهايو، هڻي وڇوڙي توهانجي
ڪڏهن قاصد ڪونہ ڪو، ايڏاهون آيو
ڪر اچڻ جو سايو، ٻيون مندون موٽي آيون

(۱۹)

مونکي تنهنجي ڏوٽ، گهوري جيئو جهان ۾
سورن اوهانجي سُپرين، ڪيو متي تائين جوٽ
تون محب ڪر موٽ، ٻيون مندون موٽي آيون

(۲۰)

هت هميشه هُئن، سور اوهانجا ساهَ ڪي
تنهنجي ڪارڻ اکيون، راتيان ڏينهان روئن
ساريون اوهان ڪي سُپرين، پور گهٽيرا پون
وري آءُ وطون، ٻيون مندون موٽي آيون

(۲۱)

پرين تون پرديس، ڪيئن ڏينهن لائين ٽو هيترا
ڪيو ڪميڻيءَ ڪي هت، نينهن اوهانجي نيس
هاڻي دلبر اچج ديس، ٻيون مندون موٽي آيون

(۲۲)

ٽي سنيارين سير، ٽي جن ۾ گهمين سُپرين
ڏهاڙي ڏسڻ جي، هوڻي هينڊڑي هير
هاڻي آءُ پرين وڃهه پير، ٻيون مندون موٽي آيون

(۲۳)

تنهنجي جاني جاءِ، ڏسيو ڏکن ۾ پوان
لايئي فلڪ فراق جي هينڊڑي ڪي هاءِ هاءِ
هاڻي پير اگڙ مون پاءِ، ٻيون مندون موٽي آيون

(۲۴)

پرين اهو پرڏيهه، اوهان تئون گهوريو
سيڪنهن ويلي سُپرين، ٽو ساريئي سائيهه
جانب جُدائيءَ ڪئون، ٽو ڏکيو ٻانيان ڏيهه
هاڻي آءُ ويڙهي هن ويهه، ٻيون مندون موٽي آيون

(۲۵)

ڪيهي ڳالهه چوان، آءُ پُڙ پنهنجي حال جي
الئي پهر عليل ڪئون، ٽي پورن منجهه پوان
ساريون توکي سُپرين، نِوَن سُور نوان
جا پري پٽي آهيان، هڻي اهڻي ڪانءُ اوهان
ڪر هيڏي راهه روان، ٻيون مندون موٽي آيون

(۲۶)

تنهنجي ساه سنيار، آهه اوهانجي سُپرين
ويڻي واڙين تي، روئان زارون زار
ڏينهن قيامت پانيان، جو دم توکئون ڏار
هاڻي موڙي آءُ مهار، ٻيون مندون موٽي آيون

(٢٧)

توکي ساري ساهُ، ٿو سدائين سپرين
ڏسڻ اکڙين آيو روز اوهانجو راهُ
آئٽي شال الله، ٻيون مندون موٽي آيون

(٢٨)

جاني يار جمالُ، مونهون مور نہ وسري
جو تاکون آهي تنهنجو، مونکي خواب خيالُ
هاڻي وهندو ڪر وصالُ، ٻيون مندون موٽي آيون

(٢٩)

تو ساريکا سُپرين، جي ويا هٿا تي وس
سي پڻ موٽي آيا، لوءِ پنهنجي لس
آءٌ ٿي پچان توهانجا، هٽ ڏهاڙي ڏس
هڪ وڇوڙي مون ماريو، ٻيا ٻي سور سهس
سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، ٿيا ريجاڻين رس
تو ريءِ ڪاهي چس، ڪا واڪ وراءِ وطون تي

(٣٠)

سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، هر ٻڌا هارين
ڪونجن ولر ڪيترا، ٿا پڻ تنوارن
سِري سر ساوا ٿيا، ڪيا گوشا گلزارن
ڪانوَ تہ آکيرن مٺون، ٿا ال اڏارن
طرحين تونگين سبزيون، ٿيون جيءِ کي جيارن
دلبر توکي ديس ۾، تو سيگان سارن
هت تو ساريکا سُپرين، گڏ ٿا گذارن
جدائيءِ جا ڏينهڑا، ميان ريءِ مارن
ڳالهيون هي ڳارن، تون وري آءٌ وطون تي

(٣١)

جي هيکاندي ڏينهڑا، سي اڄ ساريا ساهَ
سانگ وئين تون سُپرين جو هئين ويچاري جي واه
هاڻي سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، ٿيا گلزاريون گاهَ
جاري پانڊيئڙن جي، ٿي ريجاڻن مٺون راهه
يار سگها مُنجُ سلام کي، يا آءٌ تون لڳ الله

(٣٢)

جي هيکاندي ڏينهڑا، اڄ ساه منهنجي ساريا
سي اسان پرين پاڻ ۾، ٿي گڏجي گذاريا
پوءِ سانگ چڙهي ويا سپرين، ڳوڙها مون ڳاريا
شل واليءِ وهاريا، ورائي بي وطون ۾

(٣٣)

موت منهنجا سُپرين، نيون مندون آيون
سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، ٿيا تل ترايون
هارن هر ڪڙا ڪيا، تنين پونيون پچايون
پاڻي موٽيو پوٽتي، ڪيون لعل ڪنگو لايون
گڏر ڇهر گلزار ڪيا، ٿيون سرسريون سايون
سيڪنهن پارين ساوکيون ۽ ساٽيه سريون
ساريندي جا سُپرين، آءٌ جوڙ جهوکان جايون
تنهنجيون واليءِ واريون، واڪان شال وطون تي

(٣٤)

سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، ڪانهن ڪئي ککور
ٿيون ساوکيون سبزيون، لٽي هينڙي هور
ويا ڏيهہ مون ڏک ڏور، تون واڪ وراءِ وطون تي

(٣٥)

سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، ٿيا سَرَ سوايا
ڪانون آکيرن مٺون، اڄ آل اڏايا
ڏينهن ڏهيلا تو بنا، مون لالن لنگهايا
هاڻي ڪر ساجن سايا، ڪي اسان ڏي اچڻ جا

(٣٦)

سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، ساوڪ ڪئي سرن
ڪانون ال اڏايا، چينهر ڪيو چرن
طرحين تونگ ترائين، ٿيا تل تلاءُ ترن
ويا شال ورن، ڏور آيا جن ڏينهڑا

(٣٧)

سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، ٻيرين ٻور ڪيا
تو ڏٺي مون سُپرين، گهٽا ڏينهن ٿيا
جاني جُدائيءِ ۾، ڏاڍا پور پيا
ٻيا وطن وري آيا، جي پُڻ سانگ ويا
جيڪَس نياپا نہ نيا، منهنجا ساڻين تو مٽين

(۳۸)

سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، ٻيريون آيون پور
وسريا هڏ نہ مور، ڍولي اچڻ ڏينهڑا

(۳۹)

سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، ٻيرين ڪيا پور
ساريون توکي سپرين، هت پون ٿا پور
مونکي تا مدکور، هن الئي پَهرَ اوهانجا

(۴۰)

سانوڻ گذريو سرءُ ٿي، ساوا سَر ٿيا
ڪانون الَ آڏايا، ستا ڪانهن ڪيا
وسري سي نہ ويا، ڍولي اچڻ ڏينهڑا

(۴۱)

سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، ڪرڪو ڪيو ڪونجن
وسري ڪين وڃن، ڍوليي اچڻ ڏينهڑا

(۴۲)

ڪُسَرَ اچ نسريا، ساوڪ ڪئي سَرن
سي ڪين وسرن، ڍوليي اچن ڏينهڑا

(۴۳)

سَر موري ساوا ٿيا، ڪُسرَ نسريا
سي ڪين وسريا، ڍولي اچڻ ڏينهڑا

(۴۴)

سانوڻ اچ سِڏاء، جو لايان لالن ڏينهڑا
وڃي ونندو وهندڙو، جلُ پنهنجي جاء
جانب ريءِ جيئڻ مون، عذابين آء
سرءُ لڳي ساول ٿي، مورن سَر سواء
سبزيون ٿيون مَرَ ساوڪيون، طرحين تونگ تلاء
جي سانگ ويا مون سُپرين، ڪن موڻ جي ڪاء
سچل ڪي هَئي هاء، جي پرين ٿيا پرديس تي

(۴۵)

سرءُ لڳي ساول ٿي، ٿيا تل ترائين
اڄ توڙيءِ تون سُپرين، ايا نہ آئين
واليءِ لڳ وطون تي، ڪي واڳان ورائين
سچو سيبائين، شل هجين هميشہ هتهين

(۴۶)

سر موريا ساوا ٿيا، ۽ ڪڪوريا ڪانهن
سي چگا ها ڏينهڑا، جن ۾ پرين ورائي هانهن
مون لهکي ٿيا مانهن، نا ته ساعت هئي سان سڃاڻان

(۴۷)

لئي سيڪا لعلُ ٿي، ساوا ٿيڻڑا سَرَ
ڪانهن ڪڪوريا ڪيترا، هارين ٻڌا هَرَ
ڪو هڪ وار وسر، ڍولي اچڻ ڏينهڑا

(۴۸)

رويو ڪي رهبر، ٿي ٻيءِ ڏانهن پارانيا ڏئي
سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، ساوا ٿيڻڑا سر
الن آکيرن مڻون، اڄ پڻ سوريا پر
ايٿ آپري آيو اوتيا واءُ اُتر
ڪونجان ڪوهون آيون، هارين ٻڌا هر
مون هن نمائيءِ جي، تون ڪانڌ لهج ڪر
جهوڪان جهوڪن پر، جوڙ تہ شال جڙيو رهين

(۴۹)

ساريون سنيارين، ٿي پارانيا ڏيئي پرين ڏي
تہ هوت سانوڻ لٿو سرءُ ٿي، ٿيا گل گلزاريون
سڻي موٽيج سُپرين، اهي اسان جيون آزيون
هئي فراق فقير کي، وڃي ٿو ماريون

(۵۰)

پارانيا ڏيئي، ٿو پار ڪيڏيو پر ڏي منجي هت سانوڻ لٿو سرءُ ٿي، ويراني ويئي سگهو موٽج سُپرين، حال ڏسي هيئي مؤلا شال ملائي، جيءَ گهُريا جيئي ٻيا پي ويا ها سانگ تي، آيا اڳ اسيئي ڏينهن گذاريم ڏک ۾، سان ڪشالي ڪيئي پاهت مون پيئي، تو سان جانب تون جيئن

(۵۱)

پاڻي پريون پل، ٿيَ پرڏيهه پارانيا منجي ته سانوڻ گذريو سرءُ ٿي، هت جاءِ دردي جل آيا آڪيرن مئون ٿي، اڏامڪال طرحين پاسي تن جي، ٿيا تونگ ترائين تل ساريندي جا سُپرين تنهن ڪامل لهج ڪل هو جي جهوڪون جهوڪن جهل، سي جڙت شال جڙيو رهين

(۵۲)

جا پرينِ ريءَ پلڪ، ٿي جُدائيءَ ۾ گذري سي جڙ مانهن لنگهي ويا، ڪئون فراق فلڪ ٻي سڀ ڪا پنهنجي جاءِ تي، خوشيءَ منجهه خلق هاڻي جاني يار جهلڪ، تون سگهو پساءِ پنهنجي

(۵۳)

پارانيا ڏيئون، ٿي پار ڪيڏيو پر ڏي منجي هت سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، ويرانيون ويئون موٽ منهنجا پرين، يا نال ونيِ نيئون سي تان قيامت جهڙيون، پلڪان جي پيئون پرين آئين پاڻ سان، گڏ تان گڏيئون ڪي محب مجيئون، سچو ڏي دلداريون

(۵۵)

رويون رويون چوءِ، پارانيا پرين ڏي ته منهنجي محبوبن کي وڃي، ڪل ڏي هيءَ ڪوءِ سانوڻ لنگهيو سرءُ ٿي، پاڻي موٽيو پوءِ سبزا ٿيا ۽ ساوليون، ٿي ڪتوريءَ خوشبوءِ ساريون توکي سُپرين، آهي هينڙي هوءِ هوءِ ويا ڏهيلا ڏينهڙا، آءٌ لالن تونهين لوءِ تو سنوان جي سانگ ويا، وري آيا اوءِ هاڻي قادر شال ڪندوءِ، آئي گڏ غريب سان



صوفي اصطلاح

صوفي اصطلاح

الف

آب حيات: ١- عشق ۽ محبت جو چشمو، جنهن شخص ان مان چکو چکيو سو کڏهن به فاني ۽ معدوم نه ٿو ٿئي. ٢- دم جو حياتيءَ جو هڪ وسيلو آهي يا خود حياتي آهي.

اثبات: (ثابت) ١- عبادت جي حڪمن کي بجاءِ آڻڻ. ٢- حق کي ثابت ڪرڻ باقي باطل ڪرڻ. ٣- ملڻ جي چيزن کي ثابت ڪرڻ. اسلام جي ڪلمي جو ٻيو حصو (الا الله).

احد: (هڪڙو) اسم ذات، جنهن سان صفت جو واسطو ڪونهي. "الاحد المتوحد باالصفات" (احد صفات ۾ اڪيلو آهي).

آدم: (دم- سوانس) خدا ۽ روح عالم جو خليفو. جو ڪجهه خدا تي اطلاق ڪرن ٿا ان جو اطلاق خدا جي خليفي تي به روا آهي. ٢- دم جي پيدائش ٣- دم جو پتلو. ۴-خيالي وجود. ۵- خيالي. ٦- خدا جي صورت. ٧- گندم گون. ٨- ساهه دار.

نوٽ: گرج ساهه سيني جاندارن ۾ آهي، ۾ منجهن پاڻ سڃاڻڻ جي شڪتي ڪانهي، تنهن ڪري اهو نالو مٽن اڇي نه ٿو سگهي سواءِ انسان جي، جو منجهس اها طاقت آهي.

ادراڪ: صوفين جي نزديڪ ادارڪ جا ٻه قسم آهن: ١- ادراڪ بسيط يعني حق جو وجود کي ڄاڻڻ؛ مگر انهي ادراڪ کان پڻ غفلت رهي ۽ انهيءَ ڪالهه کان به غافل هجي ته جو ڪجهه ادراڪ ڪيو ويو آهي، اهو حق جو وجود آهي. ٢- اادراڪ مرڪب يعني حق جي وجود کي ڄاڻڻ؛ مگر انهيءَ ادراڪ جو شعور به رهي ۽ هي به معلوم ٿئي ته جو ڪجهه ادراڪ ٿيو آهي، اهو حق جو وجود آهي.

اعتڪاف: دنيا جي شغل کان دل کي خالي ڪرڻ.

افق اعلي: روح جو پويون مقام. واحديت، الوهيت جو مقام.

افق مبين: دل جو پويون مقام.

آفتاب: صوفي ڪلامن ۾ آفتاب جي پيٽ روح سان ڏين ٿا ۽ ڪهڻا الله جي نور کي آفتاب چون ٿا. نور محمدي کي مهتاب چون ٿا.

الله: خدا جو ذاتي نالو. باقي نالا اسماءِ حسنيٰ ۾ داخل آهن. انهن موجب نالو سڏيو وڃي ٿو. اهڙا ۹۹ نالا قرآن شريف ۾ داخل آهن.

ال -لا-هو (الله- نفي؛ هو اثبات).

الزعاج: اها منزل، جنهن ۾ سماع جي تاثير سان طالب کي وجد ۽ موج اچي.

انسان: (اُنس؛ پيار) ۱- محبت نسيان. ۲- پل. ۳- الاهي علم جو جامع.

اوليا: وليءَ جو جمع . خدا جا دوست. هن ۾ غوث، قطب، قلندر، سالڪ ۽ محبوب اچي وڃن ٿا.

ايمان: ۱- صوفي ايمان علم بقا جي مرتبي کي چون ٿا. ۲- ڪي عشق کي ايمان چون ٿا. ۳- امان ۾ اچڻ. ۴- خدا تي يقين رکڻ. ۵- گناهه جو پڇتاءُ، ايمان جي نشاني آهي. (ايمن - سلامت).

ب

بارقه: روشني، جا الله جي طرف کان اچي ٽي ۾ جلدي وسامي وڃي ٽي.

باطل: ۱- معدوم. ۲- ناچيز. ۳- خدا کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي.

برزخ: ۱- روح اعظم. ۲- عالم مثال. ۳- مرشد جي صورت.

بُعد: الله جي مرضيءَ جي مخالفت ڪرڻ کي صوفي بُعد چون ٿا.

بقا: ۱- هر شيءَ ۾ الله جي قدرت کي ڏسڻ. ۲- هستيءَ جو قائم رهڻ.

پ

پير خرابات: مرشد ڪامل. سچو سَتگر.

پير مغان: مرشد، گرو. (پارسين جي پير يا گروءَ کي مغ يا مغان سڏيندا آهن.)

ت

تجلي: غيب جي نور کان جو ڪجهه دل تي ڪُلي.

تجلي اعظم: ۱- واجبي فيض. ۲- غيب جي حقيقت.

تجلي ذاتي: اها تجلي، جنهن جو مرڪز ذات آهي.

تجلي شهودي: اها تجلي، جا حق جي وجود جو ظهور آهي، جنهن کي اسر انور چون ٿا.

تجلي ناري: شيطاني تجلي.

تجلي صفاتي: اها تجلي، جنهن جو مرڪز الاهي صفات ۾ ڪائي صفت هجي.

تجريد: ١- پنهنجي هستي صاف مٽائي ڇڏڻ. ٢- خلق کان الڳ رهائش.

تفريد: پنهنجي هستي دِل مان ڪڍي ڇڏڻ. ٢- هر دم حق جي همراهي ڇاڻڻ. ٣- خلق کان يڪانو رهڻ.

تفڪر: ١- دل جو چراغ. ٢- عبرت جو چراغ ۽ سمجهه جي ڪنجي. ٣- حقيقت ۽ طريقت جي ڪيتي.

تقليد: ١- ٻئي آدميءَ جي قول ۽ فعل کي حق سمجهي، ان جي پيروي ڪرڻ. ٢- ٻئي جي قول کي دليل بنا قبول ڪرڻ.

تلوين: ١- طالب جو پنهنجي حالت ۾ ڦير گهير ڪرڻ يعني ڪڏهن ڪجهه ڪڏهن ڪجهه ٿيڻ. اهو صوفين جي نزديڪ خطري کان خالي نه آهي. ٢- استقامت جي طريقي ۾ ڪوئي مقام ڳولهڻ. ٣- مشاهدي ۾ جيڪا هميشه طالب جي حالت ڦرندي گهرندي رهي ٿي، ان کي صوفي تلوين جون ٿا.

تمڪين: تلوين ۾ قائم ٿيڻ. جيسين طالب راهه ۾ آهي، تيسن صاحب تلوين آهي، ڇاڪاڻ جو هو هڪڙي حال کان ٻي حال طرف ۽ هڪڙي وصف کان ٻئي وصف طرف ترقي ڪرڻ وارو آهي. جڏهن واصل متصل ٿي ويجي ٿو، تڏهن کيس تمڪين جو صاحب چون ٿا.

توحيد: ١- هيڪڙائي. ٢- فرق ۽ جمع جي احديت.

توجه: ١- مرشد جي مريد جي دل ۾ همت پيدا ڪرڻ. ٢- مرشد جو باطني همت سان مريد جي دل کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ. ٣- مريد جي دل کي پنهنجي خيالي سيقل سان صاف ڪرڻ. ۴- مريد جي دل کي پنهنجي خيالي قوت سان روشن ڪرڻ.

ج

جبروت: ١ـ عالم درمياني. ٢ـ وحدت جو مرتبو.٣ـ نسيان جو سير .

جلال : الله جي قهر جون صفتون.

جمع: رڳو الله جي خيال ۾ غرق رهڻ.

جمع الجمع: فنافي الله يعني الله جي ذات ۾ فاني ٿيڻ.

ح

حال: ارادي ۽ ڪشش کان سواء دل تي وارد ٿيڻ واري حالت.

حضور: ١ـ دل سان خلق جي خيال کان پاسي ٿي الله طرف رجوع ٿيڻ. ٢ـ وحدت جو مقام. ٣ـ الله جي اڳيان موجود.

حق: ١ـ سچ ٢ ـ جاچيز الله جي طرفان بندي تي واجب آهي. ٣ـ جاچيز الله پنهنجي ذات تي واجب رکي آهي.

حق اليقين: طالب جو حق ۾ فاني ۽ باقي ٿيڻ.

حقيقت: سڀ ڪجهه الله جي طرف کان سمجهڻ.

خرابات: ١ـ مظهر جلالي (تجلي قهاري يعني حضرت موسي واري). ٢ـ مرشد جو آستانو، جنهن سان طالب پنهنجي پيشاني گسائي. ٣ـ مقام وحدت. ۴ ـ خيالي مورتن کان خالي مقام. ۵ ـ بيائيءَ کان باهر مقام.

نوٽ : خرابات لامڪان جي گويا چوڪٽ آهي. اها انهن عاشقن جي منزل آهي، جي ٻنهي جهانن جي قيد کان آزاد آهن. اهي ڪنهن به خاص مقام ۾ نه ٽا رهن. اهڙن فقيرن کي رند ڪري سڏين ٽا.

خطره: ١ انديشو جو دل ۾ آهي. ٢ـ اها خواهش جا بندي کي ڇڪي ۽ بندو ان کي دفع ڪرڻ ۾ قادر نه هجي.

خفي: خاص لطيفو يا آستان يا سيار بدني، جنهن جي جاءِ پيشاني آهي (جتي شو مهراج جو ٽيون نيٽر مجبو وڃي ٿو.) هندو هن کي ترڪٽي چون ٽا.

خلق: اهو عالم جو مادهه وسيلي موجود هجي، مثلا انسان ، حيوان، معدنيات، نباتات وغيرهه.

خيال: ١- عالم مثال يعني اهو عالم جو عالم ارواح ۽ اجسام (جسم) جي وچ ۾ برزخ آهي. ٢- خدا. ٣- آدم. ۴ - عشق. ۵- لطيف بخار. ٦- ڪشش ازلي. ٧- اها چيز جا مڪان ۽ زمان جي پابند ناهي. ٨ - مان، تون، هو.

دِل: ١- لطيفو روحاني. ٢- خيال. ٣ - عشق. ۴- ڪپي پاسي هڪ صنوبري شڪل گوشت جو ٽڪر. ۵- ڪعبو (بيت الله). ٦- خطرن جو محل.

ذ

ذوق: الاهي تجلين جي شروع ٿيڻ واري منزل کي صوفي ذوق چون ٿا.

س

سالڪ: جنهن پنهنجي مقامات کي پنهنجي مال سان طئي ڪيو هجي. انهيءَ صورت ۾ ان جو حال ۽ مقام بغير علم جي هڪ ٿي ويندو .

سڪر: دل جي قوي خيال جي اچڻ سببان غفلت پيدا ٿيڻ.

سوا: الله جو خلق ۾ لڪڻ ۽ خلق جو الله ۾.

ش

شراب: ١- عشق الاهي. ٢- دم. ٣ - معرفت جو نشو. ۴ - تجلي. ۵ - مستي.

شوق: ١- دل کي سندس خواهش کان ڇڏائي محبوب جي لقاءَ طرف ڇڪڻ. ٢- حق جي طرف ڪوشش.

ط

طالب: ١- اهو شخص، جو طبعي شهوتن ۽ نفساني لذتن کان لنڪهي ويو هجي؛ ٢- خودي ۽ دوکي ۾ ڦاٽل نه هجي؛ ٣- ڪثرت کان وحدت ۽ وحدت کان ڪثرت طرف اچي ويجي؛ ۴- جنهن کي ٻنهي جهانن ۾ ٻيهڪ ناهي؛ ۵- جنهن کي ڪنهن به مقام ۾ قيام نه هجي.

طلب: ١- ياد حق. ٢ - حق جو خيال.

ع

عارف: ١- گياني، حقيقت جو ڄاڻندڙ. ٢- اهو شخص، جو حال ۽ شهود جي طور تي ذات ۽ صفات جو مشاهدو ڪري. ٣- اهو شخص، جنهن کي الله پنهنجي ذات ۽ صفات سان بينا ڪري. انهيءَ کي هندو گيان يوگ جي منزل ڪري سڏيندا آهن.

نوٽ: عارف ڏنل ڳالهه ڳالهائيندو ۽ عاقل ٻڌل.

عاشق: (ويراڳي) ١- اهو شخص جو عقل کان دورهجي. ٢- ننهن کان چوٽيءَ تائين بي خبر. ٣- معشوق جي مشاهدي ۾ غرق. ۴- جنهن کي باهه لڳل هجي. ۵- مدهوش. ٦- مجنون ۽ بيقرار. ٧- ديدار ۾محو. ٨ - دنيا کان بيزار. ٩- سڪل (اهڙيءَ طرح جهڙي طرح وڻ ويڙهي وڻ کي سڪائي).

نوٽ: عارف محنت سان وجي ٿو ۽ عاشق محبت سان. محنت ۽ محبت ٻنهي ۾ رڳو نون ۽ بي جو فرق آهي، نه ته حرف ساڳيا آهن. عارف جي نون وارو نقطو ناز وارو آهي جو مٿان آهي ۽ عاشق جي بي واري نقطي ۾ نياز آهي جو هيٺان آهي.

عرش: ١-اهو مڪان جتان قضا ۽ قدرت جا حڪم نازل ٿين ٿا، جتي نڪا صورت آهي ۽ نه جسم. ٢ - دل. ٣ - خيال. ۴ - لطيفه اخفيٰ.

عشق: ١-باهه. ٢ - محبت جو آخرين درجو. ٣ - مستي ۽ مدهوشي. ۴ - ڪشش ازلي. ۵ - ڪمالات جي جميعت جو هڪ ذات ۾ جمع هجڻ ۽ هي حق کان سواءِ بي ۾ ڪين آهن. ٦ - ذات احديت مطلق. ٧ - رحمت الاهي. ٨ - حقيقي خيال ۽ محويت جو مڪان . مجازي معنيٰ- وڻ ويڙهي، جنون.

علم اليقين: جا ڳالهه مشاهدي کان پيدا ٿئي، يعنيٰ ڏسڻ سان يقين ٿئي؛ انباءُ.

غ

غين: هڪڙو هلڪو پڙدو آهي، جو دل جي صفائيءَ بعد نوراني تجليءَ جي پيدا ٿيڻ ڪري دور ٿئي ٿو، تنهن کان پوءِ يقين قائم ٿئي ٿو.

ف

فاني: ١-اهو شخص، جو وحدت جي درياهه ۾ غوطو هڻي ۽ بلڪل محو ٿي وڃي. ٢ - بي نام ۽ نشان ٿي وڃڻ. ٣ - هستيءَ جو اثر ناس ڪرڻ. ۴- شڪلين جي ڦير گهير يعنيٰ هڪ وجود جي شڪل بدلجي بي ٿيڻ يا هڪ شڪل جو بي ۾ پورو پورو لئي ٿي وڃڻ.

فقير: ١- "الفقر لايحتاج الاهوَ" (فقير اهو آهي جو الله جي ذات کان سواءِ بي جو محتاج نه هجي.) ٢-نيستي جي درياهه ۾ غرق. ٣-نفي جو مالڪ. ۴- حق

جوڳولهيندڙ. ۵ـ موت ۽ زندگيءَ جو مالڪ. ۶ـ ف: فاقو. ق: قناعت. ي: يقين. ر: رياضت. ۷ ـ سجو. ۸ ـ جنهن وٽ هڪ ڏينهن جو توشو نه هجي.

فڪر: ۱ـ وحدانيت جي خيال ۾ غرق رهڻ. ۲ ـ اونهو خيال. ۳ ـ محويت. ۴ ـ وحدت وجود مطلق جو سير. "ذڪر بي فڪر ڇُون شجر بي ثمر."

فنا: ۱ـ فقير جي خاص خصلت. ۲ ـ نور الاهي ۾ محو ٿيڻ. ۳ ـ نابودي. ۴ ـ باطن تي حق جي ظهور جو ايترو غلبو هجي، جو سواءِ الله جي ٻين ڪمن جو شعور نه رهي. ۵ ـ فنا ٿي فنا انهي کي چون ٿا جو انهيءَ بي شعوريءَ جو به شعور نه رهي، پڻ فنا به خود فنا ۾ داخل رهي جيڪڏهن فنا جي صاحب کي سڄ پڄ فنا جو شعور هوندو تہ سمجهبو هو فنا نہ آهي. ۶ـ گم ٿيڻ. ۷ ـ نيست ٿيڻ.

فيض: تجلي اعظم (مهاجوت).

ق

قبض: ۱ـ خوف جو خيال اڳيان اچڻ. ۲ ـ فقير جي دل جو ڪومائجڻ يعني صبر ۽ بندش ۾ اچي وڃڻ.

قلب: ۱ـ روحاني لطيفو، جنهن جو تعلق دل سان آهي، جا بدن جي ڪهي پاسي موجود آهي. حڪمت ۾ هن کي نفس ناطقہ يعني باطن ۽ نفس حيواني چون ٿا. بيت الله (الله جو گهر). ۳ـ خيال. ۴ـ اها چيز جا هڪ جاءِ ٻيهڪ نہ وڻي. ۵ـ هميشہ جاري رهي. ۶ـ خطرن جو محل.

ڪ

ڪشف: ۱ـ جو ڪجهہ معاني غيبي ۽ امور حقيقي پردن ۾ لڪل آهي، ان مان واقف ٿيڻ. ۲ـ کولڻ. ڪشف ٽي آهن: ۱ـ ڪشف القلوب (قلب جو کلڻ)؛ ۲ـ ڪشف القبور (قبر يعني دفن ٿيل چيزن جي خبر پوڻ) ۽ ۳ـ ڪشف العلوم (الاهي علم جو کلڻ).

ڪافر: ۱ـ ذات جو لڪائيندڙ. ۲ـ ڪثرت جو وحدت ۾ لڪائيندڙ. ۳ـ حق جو لڪائيندڙ. ۴ـ ڏٽيءَ جي نعمتن جو ناشڪر.

ڪل: ١- واحد مطلق. ٢- سيني اسمن جو جامع. ٣- اسم اعظر. ۴- وحدت جو درياه. ۵- برهم. ٦- حق. ٧- دم. ٨ - زيست (حيات). ٩ ـ مطلق نور يا مطلق هستي.

ل

لاهوت: ١- اها جاءِ جتي خواهش نفساني نہ ٿي رهي. ٢- خدا جي ملاقات. ٣- صورت جو بدلجڻ. ۴- عالم ارواح ۾ پهچڻ جو طريقو. ۵- وجود جي فنائي.
نوٽ: جو شخص پنهنجي خواهش نفساني کان مري ٿو، اهو الله جي خواهش سان جيئرو رهي ٿو.

لطائف سته: انسان جي وجود ۾ جيڪي ڇهه لطيفا آهن، جن کي ڇهه آستان به چون ٿا، انهن کي لطائف چوندا آهن. هندن جي بيکن ۾ اهي نو آستان آهن. انهن جي پيٽ ۾اهرين سيارن يا گرهن سان ڏين ٿا. پيرِ طريقت جي قول موجب، انهن لطيفن جا انسان ۾ هيٺيان محل مقرر ٿيل آهن.

١- لطيفو نفسي - محل: دُن
٢- لطيفو قلبي - محل: دل
٣- لطيفو روحي - محل: سيني ۾ سجي طرف
۴- لطيفو سري - محل: ڦر معده (جتي سيني واري کڏ آهي).
۵- لطيفو خفيٰ - محل: پيشاني
٦- لطيفو اخفيٰ ـ محل: چوٽي.

هن کي اطوار سته به سڏيندا آهن. هندو مهاتمائون اهي آستان هيٺين ريت ڏيکارين ٿا.

١- گدياءِ گديا جو آستان
٢- لنگ ، اندري (آلت) جو آستان
٣- نابي، دُن جو آستان
۴- من ، دل جو آستان
۵- ڪنٺ ، نرگهٽ جو آستان
٦- نرنجن ، پيشانيءِ جو آستان

۷- ترڪتي : پيشانيءَ جو آستان (جتي شِوَ مهراج جو ٿيون نيتر مڃيو وڃي ٿو.)
۸- دسودن دوار : چوٽيءَ جو آستان
۹- ڪي ڪيازِئي وارو آستان ۾ ثابت رکن ٿا.

ر

محو: ۱- بندي جا افعال الله جي فعل ۾ فنا ٿيڻ. ۲- الله کان سواءِ ٻي هر چيز جي بيخبري.

مريد: اهو شخص جو ايرادي کان خالي هجي. ۲- خدا جي ايرادي تي هلندڙ. ۳- پنهنجو ايرادو الله جي ايرادي ۾ فنا ڪرڻ وارو. ۴ - جو سچي ايرادي سان الله سان واصل ٿيڻ جي غرض سان ڪنهن واصل بالله فقير جي رهنمائي هيٺ اچي.
نوٽ: شاگرد استاد کان سوال ڪري سگهي ٿو مگر مريد کي مرشد سان سوال جواب ڪرڻ جو حق ڪونهي.

مرشد: ۱- گمراهيءَ کان ڪيندڙ. ۲- الله ۽ بندي جي وچ ۾ وسيلو. ۳- حق جي راهه ڏيکاريندڙ. ۴- الله جي صورت. ۵- مجازي خدا. ۶- حڪم ڪندڙ. ۷- مسجود لهو.

مراقبه: ۱- بندي جو هميشه هن ڳالهه کي ڄاڻڻ ته الله هر دم منهنجي حال کان واقف آهي. ۲- دل کي خدا جي حضوريءَ ۾ حاضر رکڻ. ۳- صفات کي ترڪ ڪري ذات ڏانهن رجوع ٿيڻ.

مسافر: اهو آدمي، جنهن پنهنجي فقر جي وسيلي سان عقل ۽ اعتبار کي طي ڪري دنيا جي ڪناري کان آخرت جي ڪناري تائين عبور ڪيو هجي.

مشاهدو: ۱- چيزن جو توحيد جي دلائل سان ڏسڻ. ۲- درشن ۽ ديدار جو اهو طريقو، جنهن ۾ شڪ باقي نه رهي.

مڪاشفه: ۱- جنهن چيز جي جا حالت هجي، ان کي انهيءَ حالت ۾ سمجهڻ. ۲- راز جو ڪلي پوڻ. ۳- ناسوت، ملڪوت، جبروت ۽ لاهوت جي ظاهر ٿيڻ کي مڪاشفه چون ٿا.

ملكوت: عالم مَلكي يعني ملائكن جو جهان.

موت احمر: نفس جي مخالفت.

موت ابيض: بک سان نفس مارڻ (بک بہ نفس مارڻ ۽ باطن کي منور ڪرڻ جو طريقو آهي).

موت اخضر: قناعت سان نفس کي آرام ڏيڻ. نوٽ: قناعت بہ نفس لاء هک موت آهي.

موت اسود: خلق جا ايذاء ۽ تڪليفون برداشت ڪرڻ.

ن

نفس: هک روح آهي، جنهن کي الله دل تي غالب ڪري ٿو تہ دل جي باهم وسامي وڃي. ۲- اها چيز جا بندي جي وصفن ۾ دل ۾ پيدا ٿئي. ۳- وجود (سرير)، جنهن جي حرڪت سببان خواهشون پيدا ٿين ٿيون. ڪن فقيرن جو خيال آهي تہ خواهش جو نالو نفس آهي ۽ نہ هن سرير جو. ڪن جو چوڻ آهي تہ اهي خواهشون نفس جو لشڪر آهن، جهڙوڪ ڪام، ڪروڌ، موهہ، لوڀ ۽ اهنڪار. نفس جا قسم: ۱- نفس امارهہ. ۲- نفس مطمئہ. ۳ - نفس قدسيہ. ۴ - نفس رحماني. ۵ - نفس ناطقہ.

و

واصل: ۱- پاڻ مان نڪري خدا جي نور ۾ لئي ٿي ويل. ۲ - نيستيءَ جي بحر ۾ غرق ٿي ويل.

وجود الاهي: حق تعالي جي صفات ۾ ظهور ڪرڻ.

وجد: دل مان اهڙو حال پيدا ٿئي، جنهن سبب مدهوشي ۽ مستي اچي وڃي.

وصل: ۱- ڪجهي چيز جو حاصل ڪرڻ. ۲ - وحدت حقيقي. ۳ - طالب جو پنهنجن وصفن سان گڏ ذات ۾ فنا ٿيڻ. ۴ - ڪنهن بہ وقت محبوب کان جدا نہ ٿيڻ يا غافل نہ رهڻ. هيءَ بقا جي منزل آهي.

ولايت: ۱- بندي جو حق سان قائم هڻڻ. ۲ - پنهنجي نفس کان فنا ٿيڻ.

هـ

هفت منزل: اهي ست واديون آهن، جن مان طالب لنگهي ٿو. شيخ فريدالدين عطار منطق طير ۾ أنهن جو هيئن احوال ڏنو آهي:

١. وادي ـ طلب جي

٢. وادي ـ عشق جي

٣. وادي ـ معرفت جي

۴. وادي ـ فنا جي

۵. وادي ـ توحيد جي

٦. وادي ـ حيرت جي

٧. وادي ـ فقر جي

همت: ١ـ دل کي خواهش کان خالي ڪرڻ. ٢ـ اهو حال، جو صدق يعني سچائيءَ جي شروع ٿيڻ وقت طالب جي دل ۾ پيدا ٿئي ٿو.

دست از طلب نه دارم، تا کام من برآيد
يا تن رسد به جانان يا جان ز تن برآيد.

هو: ١ـ "الله" نفي، "هو" اثبات (اسم جمالي). ٢ ـ سر الاهي. ٣ ـ آدم جو جز اعليٰ. ۴ ـ دم جو پيو نالو. ۵ ـ اها شيءِ، جنهن جي صورت جو نالو الله آهي. ٦ـ سارو برهماند. ٧ ـ ازلي آواز. ٨ ـ ذات جي صورت. ٩ ـ انحد جو آواز.

نوٽ: حقيقت ۾ هي اهو غيب جو پيد آهي، جو عام جي سمجهه کان ٻاهر آهي.

ي

يقين: ١ـ غيب جي چيزن جو صفاتي قلب سان ڏسڻ جو نتيجو. ٢ ـ تصديق با القلب جو تحقيق ٿيڻ ءِ سيني شڪن جي مٽجي وڃڻ جو نالو يقين آهي. ٣ ـ غيب جي چيزن مان شڪ نڪري وڃڻ. ۴ ـ اها چيز، جا شڪ کان پوءِ حاصل ٿئي. ۵ ـ عاشقن جو ايمان. ٦ـ همت جو وسيلو.

نوٽ: تصوف موجب ٽي يقين آهن:

١. علم اليقين ـ معرفت جي علم جو يقين

٢. عين اليقين ـ انپاو (اکين سان ڏسي يقين ڪرڻ)

٣. حق اليقين ـ اهر برهم (پاڻ کي حق سمجهڻ)

شرح ءٍ معنيٍ

سر آسا

داستان پهريون

حق: ع ـ سچ، ضد باطل جو، جا چيز طالب تي الله جي طرفان واجب آهي، جا چيز الله پنهنجي ذات تي واجب رکي آهي، حقيقي وجود، برهمر.

حق موجود: سچ هميشه قائم آهي، اهو برهمر، جنهن کي مطلق هستي يا ڪُل سڏجي ٿو، هر جاءِ موجود آهي.

آسا: راڳڻيءَ جو نالو، جا صبح جو سويرو ٦ کان ٩ تائين ڳائبي آهي، آسا جو عشق حقيقي آهي نہ مجازي، چون تہ آسا هڪ راجا جي ڌيءَ جو نالو هو، جا سويرو انهيءَ سُرَ ۾ ڏٺي جي ٻڌڻيءَ جا گيت ڳائيندي هئي، تنهن ڪري انهيءَ سر تي آسا نالو پئجي ويو.

١. **اول:** ع- پهريون.

پيري: ڦيري ڦيرائي، ٻيرا ڏئي، وري ورائي، ڦيري. (سن ـ پرم، ڦرڻ.)

بند: ف- ٻڌڻ، رڪاوٽ، بندش، لاڳاپو، ناتو، سٻنڌ.

خيالات: (ع- واحد ـ خيال) وهمي صورت، پاڇو، عرض يعني سارو عالم.

حلاجي: (حلاج، پجارو) حسين بن منصور پجارڪو ڪم ڪندو هو، تنهن ڪري ڪيس حلاج ڪوٺيندا آهن. هو عام طرح منصور جي نالي سان مشهور آهي. هو اصل ايران جي بيضا ڳوٺ جو رهاڪو هو. هن پاڻ کي خدا سڏيو، جنهن ڪري مُلن ڪيس سوليءَ تي چاڙهيو.

حلاجي حيرت: منصور واري خيال ۾ يعني اناالحق چئو.

جيڪڏهن تون چاهين تہ مان خدائي نعرو هڻان تہ پهريائين آهي نفساني خواهشون، جن کي مَنَ جون اپاڏيون چئجي، تن کان پاڻ آجو ڪر.

٢. **گمراهي:** (ف- رڳو، ويجايل راهہ، رستو، ي، اسر ذات جي نشاني). رستي جو پلڻ يا ويجاڻ

ربائي: رب واري. رب : ع ـ پالڻ يا مالڪ تي آڻڻ. جنهن صورت ۾ فقط خدا کي ئي طاقت آهي جو هر ڪنهن شئي کي پالي ۽ ڪمالڪ تي آڻي سگهي ٿو. تنهن ڪري هيءَ نالو صرف خدا سان لاڳو آهي؛ پالڻ هار؛ خاوند).

تهان پوء: تنهن کان پوءِ.

همراهي: (ف- همر : ساڳيو راهه؛ رستو) مدد، واهر.

۳. **ڄاڻ:** ڄاڻ؛ خبر؛ هوش؛ پروڙ؛ واقفيت؛ معرفت؛ عقل؛ علم (سن ـ ججان).

ضلالت: (ع ـ ضليل: گمراهه)گمراهي.

۴. **صداقت:** (ع ـ صدق؛ سچائي) سچائي؛ صفائي؛ دوستي.

پهڪڙ: (سن ـ بهو؛ گهٽو، ڳڻ: لياقت، خاصيت) گهڻن ۾ چڱن ڳڻن وارو؛ نيڪ، چڱو؛ داناهه؛ عاقل.

۵. الله ع- خدا جو ذاتي نالو. باقي نالا اسماءِ حسنيٰ آهن ۽ اهڙا ۹۹ نالا قرآن شريف ۾ آيل آهن.

الله ڄاڻ: حق (الله: نفي، هو؛ اثبات) نفي: نه ، نيستي؛ نه آهي، ڪلمي جو پهريون جزو لا الله (ڪونهي ڪو الله)، اثبات: ثابت ڪرڻ، ڪلمي جو ٻيو جزو الاالله (آهي الله)، خدا جي هڪ هستي کي قائم رکڻ. انکي نفي ڪري نه ڄاڻ پر هو سمورو حق يعنيٰ اثبات آهي. خدا ازل کان آهي ۽ ابد تائين قائم رهندو. دنيا ۽ آخرت ۽ خود سالڪ جو وجود به نابود ٿي ويندو، مگر حق هميشه جڏهن ڪندو.

٦. **معلوم:** ع ـ مُعلم (علم: ڄاڻ). ڄاڻ پوڻ، خبر

مرشد: ع ـ ارشاد ڪندڙ؛ خدا جي راهه ڏيندڙ؛ الله جي صورت؛ مسجود لهو.

هو: خدا؛ الله (نفي)؛ هو (اثبين) سر الاهي؛ ازلي آواز؛ انحد جو آواز.

هن جي: هن سان، جيستائين تون ان کي نفي ڄاڻين ٿو يعنيٰ ٻين معبودن کي ترڪ نه ٿو ڪرين، تيستائين هوَ (ڏٺي) ڪيئن لپندو. دنيوي مال متاع، مرتبو وغيرهه هڪ قسم جا معبود آهن، جن جي ماٺهو هردم پوڄا ڪن ٿا ۽ حقيقي معبود يعنيٰ خدا کان محروم ۽ گمراهه رهيو وڃن. انهيءَ کان سواءِ الله کي نفي ڄاڻڻ يعنيٰ ٻيو ڄاڻڻ ڏٺي آهي، جا شرڪ آهي جو ڪفر ۾ داخل آهي.

٧. **ادب:** ع- بندش، رکاوٽ (شريعت)، اٽڪ، پردو، حجاب، جهلو، لحاظ، خيال.

نگريا: نگڻ (مصدر) نڪرڻ، آزاد ٿيڻ، پيدا ٿيڻ، اُپجڻ، ايرڻ، (سن ـ نرگمن).

هاڃي: هاڃو، هلاڪت، عذاب تڪليف، نقصان، حرڪت، هڇا، (سن ـ هاني).

هڃي: (سن ـ هنيتي، هٽجي) هڃڻ (مصدر)، عذاب سهڻ، تڪليف ڏيڻ، ڏک ڪائڻ، نابود ٿيڻ، حت ٿيڻ، ڳهڻ، ڳرڻ.

٨. **هنڊڻ:** (واحد هنڊڻ) ڳنڍڻ، ڳنڍ، هننڪ، ناتو، سهنڊ، پيوند، (سن ـ بندن).

هنڊي: هنڊڻ، لاڳاپو. ناتو، پيوند، هڊڻ جو رسو.

ڪَل: خبر، سڌ (ف ـ ڪله، سن ـ ڪلا).

اصولي: اصل واري، منڊ واري، هيڪڙائي واري خيال جي، (ع ـ اصل: جڙ، بنياد).

اسرار: (ع ـ واحد ـ سِر) ڳجهه، اندر جو مطلب. سنڌيءَ ۾ گهڻو ڪري عربي فارسي جمع کي واحد جي صورت ۾ ڪم آڻيندا آهن.

٩. **اوٽ:** (سن ـ آورتن) روڪ، اٽڪ، جهلو، پردو، بندش، بند.

اوٽِ: (پڇ، ٽوڙ) ميٽي ڇڏ، پڇي ڇڏ.

آڳاهون: اڳاهون، اڳتي، اڳيرو، پري، ڏور، (س ـ اگر).

چوٽ: چوٽي ٽائين مٽي، پريل، پرپور، ضرب، ڏڪ، (سن ـ چوٽيه).

اناالحق: ع ـ مان خدا آهيان، اهم برهم.

١٠. **پاڻ اول لهه پنهنجو:** پهريون پاڻ سڃاڻ ته تون ڇا آهين.

جيلهان: جيئن.

تيلهان: تيئن.

تفاوت: فرق.

١١. **عبد:** ع ـ ٻانهو، بندو.

امرت: اب حيات، حياتي بخشيندڙ، (سن ـ امرت).

ڏور: پري، (ف ـ دور).

١٢. **مور:** اصل نه، بنهه بلڪل نه.

مورک: نادان، بيعقل، منجهيل، (سن ـ مورک، مرچ، حوصلا وڃائڻ).

١٣. **يقين:** ع ـ غيب جي چيزن جو صفاتي قلب سان ڏسڻ جو نتيجو، تصديق بالقلب جي تحقيق ٿيڻ ۽ سيني شڪن جي متجي وڃڻ جو نالو يقين آهي، غيب جي چيزن مان شڪ نڪري وڃڻ، اها چيز جا شڪ کان پوءِ حاصل ٿئي، عاشقن جو ايمان، همت جو وسيلو.

١٤. **پت:** پردو، ديوار، حجاب، ٽيڪ، آڌار، آسرو، (سن- پٹي).

١٥. **سر:** ع- ڪجهه، اندر جو مطلب.

مل: اڳيان، وٽ، پيش، (سن ـ موڵ).

١٦. **ڄڃ:** شادي ۾شامل ٿيندڙ ماڻهو، ڄاڃي (سن ـ جَنيَ).

ڇُل: (سرائڪي) ڇلڻ، هلڻ، پنڌ ڪرڻ، (سن ـ چَلَنَ، چَل : گهمڻ).

هنگامون: هڪل ڪري، هلاڇو، غوغاءِ، گوڙ، هل، آواز، لڙ، (ف- هنگام).

سَتگر: گرو، مرشد، (سن ـ سَتگرُ).

قربون: (قرب: نزديڪي ويجهڙائي، وصل) پيار مان، قرب مان، محبت مان.

ڪُلُ: ع ـ سمورو، سڄوئي.

ڪُل: ع ـ سڀ، مڙئي، وحدت، همه خدا، واحد مطلق، برهم، حق، مطلق هستي.

١٧. **هڻان:** هيئن.

١٨. **محڪوم:** (ع ـ حڪم) حڪم ۾ هڏل، تابع، زبردست.

سلهاڙ: سلهارڻ، ڏورو هڏڻ، گڏڻ، اٽڪائڻ، قطارڻ، جفت ڪرڻ، (گ- سَروڙَون، سن ـ سَوَ: ڏورو).

موءِ: ف ـ منهن، رخ (سن ـ مُکَ).

ماڻ: (سن ـ مارگ، هنڌ، جاءِ) مقصد، منزل، ماڳ، جاءِ، مقصود.

١٩. **دين:** ع ـ مذهب، ڌرم.

ڪفر: ع ـ ناشڪري، ڏٽي جي نعمتن جي ناشڪري، الله جي هستيءَ جو انڪار، ڀڄ لڪائڻ، حق جو لڪائڻ، ڪثرت کي وحدت ۾ لڪائڻ.

دام: (ف ـ دم، گهڙي، پل) دم، لحظو، زرو، حياتي، ساهه.

موج: ف- درياهه يا سمنڊ جي لهر، چولي، وهڪرو، پُوَ ، ريچڪ

٢٠. **آدمي:** ع ـ آدم (دم-سنواس) اها چيز جا دم جي دواران پاڻ سيجاڻي، ماڻهو، انسان. سڀ کان پهرين پيدائيل ماڻهو جو نالو اسلام ۾ "آدم" آيو آهي، هندو هن کي شِوَ ڪري ڪوٺين ٿا.

٢١. **ڪلمو:** ع ـ "لَا اِلٰهَ اِلَّااللهُ مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ اللهِ" چوڻ.

مورون: (مور: اصل- نج) اصلئون.

مسلمان: سلامتيءَ ۾ آيل، مُحَمَّد ﷺ جي امت کي مسلمان چوندا آهن، (ع- مسلم).

احمد: (ع- حمد- ساراهه) حد کان باهر ساراهيل، اهو اسلام جي پيغمبر جو ذاتي نالو آهي ۽ سندس صفاتي نالو مُحَمَّدُ ﷺ آهي.

اِيمان: (ع- ايمن: سلامت) امان ۾ اچڻ، خدا تي يقين رکڻ، ويساهه، پروسو. صوفي ايمان علم بقا جي مرتبي کي چون ٿا.

سبحان: ع - خدا پاڪ، خدا جوصفاتي نالو.

٢٢. **ڪافر:** (ع- ڪفر: ناشڪري) ڏٺيءَ جي نعمتن جو ناشڪر، الله جي هستيءَ جو انڪاري.

گهير: گهيڙ، تڙ. درياهه ۾ گهڙڻ لاءِ جاءِ، پاڻي ۾رڻ جي جاءِ، (سن ـ گهٽ).

رسول: (ع- رسل : پهچائڻ) پيغام رسائيندڙ.

ميڙ: مَڙ، مدي، گنگهاري، عيبداري، گندگي، ميرائي، ڪوٽ، (سن ـ مَلَ).

حضور: (ع ـ حضر: حاضري) حاضري، موجودي، هستي، واصل بالله واري حالت، ڏٺيءَ اڳيان موجود هجڻ، ملاقات، روبرو.

ڪلمو پڙهان ڪافر ٿيان الخ: جيڪڏهن ڪلمو (لااله الا الله) ٿو پڙهان تہ ڪافر ٿو ٿيان، چاڪاڻ جو شرڪ خفي ۽ جلي ۾ گرفتار ٿو ٿيان. بقول عطار:

شرڪ دوهست هم خفي و جلي
هردو را پيش تو ڪنم تڪرار
اي پسر لااله الاالله
خود شڪ خفي است آئينه وار
هست شرڪ جلي رسول الله
خويش را ازين د شرڪ بردار

يعنيٰ؛ شرڪ ۾ آهن، هڪ خفي (ڳجهو) ۽ ٻيو جلي (ظاهر). اهي ٻئي تنهنجي اڳيان آڻيان ٿو. لاالهلا الله خود خفي شرڪ آهي. رسول الله (شريعت) جلي (ظاهر) شرڪ آهي. تون پاڻ ٻنهي کان ٻاهرڪڍ، ڇاڪاڻ جو ٻنهي ۾ الله ۽ ٻانهي جوفرق (ٻيائي) ڏيکاريل آهي. جيئن تہ دم سان خفي ذڪر "لاالله الاالله" جي ڪرڻ جو ۽ اهو مطلب ٿو نڪري تہ اها ڪابي چيز آهي، جنهن جو ذڪر ڪيو ويو ٿو. شريعت ۾ ۽ پاڻ کي عبد (ٻانهو، سمجهي، خدا کي پاڻ کان جدا ۽ ٻيو سمجهي، ان جي عبادت ڪئي ويو ٿي. اهڙيءَ صورت ۾ ٻنهي ڳالهين ۾ ٻيائي ثابت آهي، جا شرڪ ۾ داخل آهي ۽ شرڪت ڪفر ۾ داخل آهي.

جاڏي راه رسول جي الخ؛ رسولي راهہ (شرعي عبادت) ۽ ڪرڻي کانہ اٿر، ڇاڪاڻ جو عبادت عبد (ٻانهي) تي فرض آهي. آءٌ عبد ڪين آهيان. جيڪڏهن پاڻ کي عبد ٿو چوان تہ هڪ الله ۽ ٻيو ٻانهو ۽ سمجهي ٻيائي ۾ پاڻ ٿو قاسايان.

۳۳. **هواء**؛ خواهش، حرص، هوس، آرزو، اشتياق. (ف ـ هوا).

تقليد؛ نقل ڪرڻ، فريب ڪرڻ، ٻي جي قول کي دليل ريءَ قبول ڪرڻ، جوابداري، پيروي، (ع- تقلد؛ نقل، پيروي).

هيءَ نہ وات هواء الخ؛ ـ عشق جي وات خواهشن ۽ سڏن جي نہ آهي، نڪا انهيءَ راهہ ۾ ڪنهن مذهب يا ڏرم جي پيروي ڪرڻي آهي.

توحيد؛ ع ـ هيڪڙائي، وحدانيت.

تحقيقا توحيد الخ؛ پيغمبري راهہ البت هيڪڙائي؛ (توحيد) سيکاري ٿي، جنهن ۾ پيروي (تقليد) جي ضرورت آهي.

۲۴. **مشرڪ**؛ (ع- شرڪ) شريڪ؛ ڪندڙ، خدا سان ٻي کي شريڪ ڪرڻ وارو، ٻيائي وارو. صوفين اڳيان ٻيائي ۽ شرڪ ڪفر ۾ داخل آهن.

وائي؛ ٻولي، آواز، (سن ـ وارتا).

ور؛ ونگ، وڪر، اٽڪل، پيچ، رمز، ڦيرو، (سن ـ وَلَ).

ماڻ ڪريان الخ؛ جيڪڏهن هيڪڙائي وارو راز ڏسي اهو سچ ظاهر نہ ٿو ڪريانَ تہ هي سڀ هيڪڙائي آهي ۽ نہ ٻيائي، تہ ۽ مشرڪ ٿو ٿيان يعنيٰ الله سڀان ٻيو

شريڪ ٿو ڪريان. جيڪڏهن ڪجهان ٿو يعني اناالحق ٿو آکيان تہ خلق ڪافر ٿي سڏيم.

۲۵. **هڪ سفر ساعت** الخ: هي معرفت ۽ شريعت طرف اشارو ڏنل آهي. يعني معرفت ساعت (گهڙي) جو سفر آهي، جو دم جو ڪم آهي ۽ شريعت سالن جو سفر آهي، جو صفاتي يعني بدني عبادت آهي. سفر جي معني جي محنت ڏٺيءَ جو ديدار جيترو جلد معرفت يعني خيالي رستي سان حاصل ٿئي ٿو، اوترو جلد ظاهري شرعي عبادت جي محنت سان ميسر نہ ٿو ٿي سگهي.

(کافي)

فقر: ع ـ مسڪيني، دنيا کان الڳ رهڻ.

فقير: ع ـ جو الله جي ذات کان سواءِ ٻي ڪنهن جو محتاج نہ هجي، نيستيءَ جي درياهہ ۾ غرق، نفي جو مالڪ، حق جو ڳولهيندڙ، موت ۽ زندگيءَ جو مالڪ.

امن: سلامتي.

طاعت: ع ـ بندگي، عبادت، فرمانبرداري.

تقويٰ: ع ـ پرهيزگاري.

ورہ: برهہ، عشق جو عذاب، فراق، وڇوڙو، (سن ـ ورَهہ).

اسير: ع ـ قيدي، باندي.

مهكم: ع ـ مضبوط، پختو، قائم.

مندير: پٽڪو، (ع ـ مَنديل).

داستان ٻيو

۱. **فكر:** ع ـ وحدانيت جي خيال ۾غرق رهڻ، اونهو خيال، محبت، وحدت، وجود. مطلق جو سير، خيال، غور، ڏيان، ويچار.

فرق: ع ـ ويڇو، تفاوت، تفرقو، جدائي، وڇوڙ، ڦورائو.

۲. **فارغ:** ع ـ واندو، آزاد.

دنيا: (ع ـ دون: نيچ) نالائق ـ ڪمپيني، هي مايا.

ڳڙهيون: (ڳڙهڻ: حال بيان ڪرڻ يا اوڙڻ) اوريون: (سن ـ گد).

۳. **لا:** ع ـ نہ، سواءِ، نفي، ڪلمي "لاالله" جو پهريون لفظ جو انهي کي نفي ٿو ڪري، يعني ڪونهي ڪو الله، ڪلمي جي پوئين حصي "الاالله" کي اثبات چون ٿا.

موجودات: موجود چيزون، وجود هجڻ، قائم هستيون: (ع- موجود: هستي وارو)

تون هي آءٌ الخ: تون ۽ مان ۽ جيڪي به هن دنيا اندر ڏسجي پيو، سو سڀ "لا" نفي آهي يعني حقيقت ۾ سواءِ الله جي ٻيو ڪجهه به نہ آهي. "لاموجود اِلاهو." (ڪنهن جو وجود (هستي) ناهي سواءِ الله جي.)

۴. **ڳهلا:** پورڙو، بي عقل، بيوقوف: (سن ـ گرهڻ+ايلا).

۵. **بيرنگي:** رنگ کان سواءِ، آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ هيءَ سارو پولار دم سان پريل محسوس ٿيو ڪجي پر ظاهر ۾ نظر ۾ ڪجهه به نہ ٿو اچي، ڇاڪاڻ جو انهيءَ کي ڪوبہ رنگ روپ ڪونہ آهي. انهيءَ بي رنگ ۾ وري عجيب تاثير آهي جو ساري دنيا جا ڪيئي دونها، طوفان ۽ غبار وغيره پنهنجو روپ بدلائي بي رنگ ٿيو وڃن، جڏهن انهيءَ پولار واري شفاف دم سان گڏجن ٿا، پر وري هي رنگا رنگي نمونو به انهي ساڳي بي رنگي جي ذات جو ظهورو آهي.

زنگ: ف- ڪٽ، بغض، ويرِ، ڪس، دل جي ڪدورت.

موسيٰ: ع ـ پيغمبر جو نالو، سندس پوئلڳ يهودي آهن.

فرعون: ع ـ مصر جي بادشاهه جو، نالو، جو حضرت موسيٰ جي وقت ۾ هو ۽ پاڻ کي خدا سڏائيندو هو.

ظاهر ۾ پيوزنگ الخ: منصور به پاڻ کي خدا سڏيو هو، پر هو منصور نہ هو، انهيءَ منزل تي هوند نور هو جنهن پاڻ سڃاڻي اناالحق جو آواز ٿي ڏنو. مگر فرعون ٻانهپ واري جاءِ تي ٿي ڪري اهو خدائي دم ٿي ماريو جو سچو نہ هيو، ڇاڪاڻ جو هن پاڻ وارو پردو پري نہ ڪيو هو، جنهن ڪري حضرت موسيٰ هن کي هدايت ڪندو هو ۽ انهيءَ هدايت نہ مڃڻ ڪري ٻنهي جي وچ ۾ زنگ يعني بغض پيدا ٿيل هو.

مهراڻ: (مهہ: وڏو، ارڙو: سمنڊ) وڏو سمنڊ، وڏو پاڻي. سنڌوندي کي به انهيءَ نالي سان سڏيندا آهن.

اوج: ف - بلندي، چاڙهي، تيج، روشني، پَل، سگهه، همت.

سوري: (سن - شولا) سولي، هاڻوڪي معنيٰ قاسي، قاهي.

سنبت: (سن - سنپرتي) تياري، سانپاهو.

۷: **مسجد:** (ع- سجده، مٿو ٽيڪڻ) سجدي جي جاءِ، مسلمانن جو عبادت گاهه.

ٺڪاڻو: هندن جو عبادت گاهه، ماڳ، گهر، (هـ - ٺڪانا، سن - سٹان).

تکيو: منزل، مڪان، رهڻ جي جاءِ، اوتارو، ماڳ، ديرو، وڏو وهاڻو، (ع - تکيه).

ٺاٽو: (سن - سٹان) جاءِ، مڪان، منزل، ٺڪاڻو، گهر، ٺاڪ، ماڳ.

۸. **بود:** (ف - بودن : هڻڻ، هجڻ) هڻڻ، هستي (اثبات).

نابودي: ف - نيستي، فنائي، (نفي).

سامن: (واحد - سامي) سوامي، فقير، (سن - سؤامي).

ساماڻي: سامائجڻ، نپجي وڏو ٽيڻ.

ٺاڪيا: ترسيا، منزل ڪيائون. ٺاڪ، ماڳ، گهر، جاءِ، ٺڪاڻو، منزل، (سن - سٹان).

۹. **آڇپا:** لاڳاپا، تعلق، (سن - اچارن).

نڪت: جوڳين جي ڏيان جو چڪر، ترڪٽي جو آستان يا لطيفو، پيشانيءَ جو آستان جتي شو مهراج جو ٽيون نيٽر مڃيو ويو آهي، (سن - ترڪٽي).

۱۰. **فراقاءُ:** (فراق، وڇوڙو، جدائي) فراق ڪان.

مَرڪُ: فخر، وڏائي، مَرڪڻ جهڙي ڳالهه، شان، لائق، پاڻ کي ڇڪو سمجهڻ.

۱۱. **مدعا:** مطلب، مراد، آرزو مقصد، (سن - پَدر).

مام: ڳجهه، دل جو مطلب، اشارو، رمز، ڳجهارت، راز، ڳجهي صلاح، (سن- مرم).

فرمودو: حڪم، خدا جو حڪم يا فرمان، خدا جو ڪلام، (سن - پرمان).

فائق: (فوق، مٿي) اوچو، مٿي، اڳرو، سرخرو،ممتاز، بزرگ، سياڻو، فوقيت وارو، ڏٺي تعاليٰ.

١٢. **وفي انفسكم** الخ: ۽ توهان ۾ آهي، پوءِ توهان چو نہ ٿا ڏسو يعني آءُ (الله) توهان ۾ آهيان ۽ اوهين چو نہ ٿا ڏسو (قرآن).

ويسهہ: اعتبار، ويساهہ، پروسو، دلبو، (سن ـ وشواس).

وسهن: ويساهہ ڪن، اعتقاد رکن، يقين ڪن پروسو ڪن، (سن ـ وشواس).

فڪر: ڌيان، ويچار، خيال، غور، سوچ.

فنا: نيستي، ڦوٽي وانگر پاڻي ۾ گم ٿي وڃڻ، صورت بدلائڻ، الله جي نور ۾ محو ٿيڻ، الله کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ اچڻ. سچل سرمست چوي ٿو تہ فنا جي معني مطلق نابودي ڪين آهي، ڇاڪاڻ جو حق جڏهن هميشہ موجود آهي ۽ هو ڪڏهن بہ نابود يا ناس نہ ٿو ٿئي، تڏهن انهيءَ وحدت مان ڪثرت ۾ آيل چيزون بہ قطعي ناس ڪين ٿيندیون. اُهي صرف هڪڙي صورت بدلائي ٻي صورت ونڻ ٿيون، جنهن کي فنائي جو نالو ڏنو ويو آهي. مثال: انسان مري ٿو تہ ان جو روح (آتما) جو امر (لافنا) آهي، سو بہ فنا ڪونہ ميجيو ويو آهي. سندس بوتو رڳو هيءَ صورت بدلائي وڃي خاڪ جي صورت وٺي ٿو، جا پڻ هن دنيا جي پردي تي موجود رهي ٿي. تنهن ڪري فنا جي معني صورت بدلائڻ.

بقا: هميشہ موجود، اڪٽ، هستي جو قائم رهڻ، جنهن کي فنا نہ هجي (جيئن ڦوٽي کي پنهنجي اصل (پاڻي) ۾ فنا ٿي وڃڻ ڪانپوءِ فنا ڪانہ آهي)، هر شيءَ ۾ الله جي قدرت ڏسڻ.

هنيا: هجي ويل، پٽ پاراتي جو لفظ، هجڻ، نابود ٿيڻ، چٽ ٿيڻ، هچڻ، ڳمڻ، هجي، هٽجي، (سن ـ هَتَ: نابود).

پرجهي: پرجهڻ، پروڙڻ، سمجهڻ، ڄاڻڻ، (سن ـ پربد).

عقبي: (عقب: پويون آيو) پرلوڪ، هن جهان ڪانپوءِ جيڪو جهان اچڻو آهي، قيامت، آخرت.

١٣. **سُوريہ**: سجُ، (سن ـ سوريہ).

ابر: ڪڪر.

لوئين: (واحد ـ لوئي) بي هودن، واهياتن، بيوقوفن، بدحالن، بي شرمن، بيحيائن، (سن ـ لنتي).

۱۴. **غوطو:** (ع- غوطه) گوتو، ٹبي.

قلزم: مصر ۽ مڪي جي درميان ڳاڙهي سمنڊ تي شهر آهي، جنهن جو نالو انهيءَ سمنڊ تي پيل آهي. شاعرن هر هڪ سمنڊ کي قلزم سڏيو آهي، تنهن ڪري قلزم جي معنيٰ سمنڊ ٿيندي.

ڪارونيار: (ڪال: ڪاراڻ + پار: ڏڳ) ڪارنهن جو ڏڳ، آسمان جي اونداهي ۽ ڪڪرن جي ڪاراڻ کي به ڪارونيار چوندا آهن. ڪارو سمنڊ، خوفناڪ سمنڊ.

دانهن : سياڻو، عقلمند، (ف- دانا).

دم: ف- ساهه، پَلَ، گهڙي، لحظو، هڪ اکر، درياهه جو ساهه.

طالب: ع ـ طلب ڪندڙ، جو خودي ۽ دوڪي ۾ ڦاٿل نه هجي، ڪثرت کان وحدت ۽ وحدت کان ڪثرت طرف ايندڙ ويندڙ، جنهن کي ٻنهي جهانن ۾ بيهڪ نه هجي، جنهن کي ڪنهن به مقام ۾ بيهڪ نه هجي، مريد، چيلو.

تاريڪ: ف ـ اوندهو.

۱۵. **مذهب:** (ع ـ ذهب: رستو) خدا ڏانهن ويندڙ واٽ، دين، ڏرم.

شيخي: (ع ـ شيخ: وڏو، بزرگ) بزرگي، ڏاڏائي، مشائخي، خواجائي.

پيري: ف ـ مذهبي پيشوائي.

بزرگي: ف ـ بزرگ واري حالت، وڏائي.

نماز : ف ـ خدمتگاري، عاجزي، اسلام جي فرضي عبادت.

عقل: ع ـ هڪ فرشتي جو نالو آهي، جوتمام داناهه ليکيو وڃي ٿو، جنهن موجب عقل جي معنيٰ دانائي يا ڏاهپ ڪئي وڃي ٿي.

عشق: ع ـ ڏسو صوفي اصطلاح.

۱۷. **مُلا:** (ع ـ ملا: پريل) پرپور، ٽمٽار، ظاهري علم جو ڄاڻندڙ (صوفي اصطلاح موجب).

ڪنز: ع ـ خزان، ديني فقي جي ڪتاب جو نالو.

قدوري: ع ـ مسلمانن جي ديني ڪتاب جو نالو.

ڪافيا: ع ـ مسلمانن جي ديني فقي جو ڪتاب.

رحل: ع ـ **کاٽ جي گهوڙي،** جنهن تي قرآن شريف رکي پڙهبو آهي.

١٨. **طالب الدنيا مخنثا:** دنيا جو طالب کدڙو آهي.

طالب العقبيٰ مُونث: دنيا جو طالب مادي آهي.

طالب المولیٰ مُذَکر: الله جو طالب نر آهي.

الفقر خزينه: فقيري اڻ کٽ ۽ لازوال خزانو آهي.

الفقر فخري: فقيري منهنجو فخر آهي ۽ فقيري مون منجهان آهي.

الفقر لا يحتاج: فقير الله کان سواء **کنهن جو محتاج نه** آهي، احتياج (الله جي گهرج).

فقر: ع ـ مفلسي، سڄي حياتي، دنيا کان الڳ رهڻ.

١٩. **القدر خير وشر:** "والقدر خيره وشره مِن الله" (قرآن) يعنيٰ **نيڪي** ۽ بدي الله جي طرفان پائڻ گهرجي ۽ ٻئي جي طرفان

لا موجودات الاالله: کجهه به موجود نه آهي سواءِ الله جي ذات جي، يعنيٰ الله کان سواءِ ٻيو کجهه به نه آهي.

ٽئين جهان: (جهان: وقت) هي ٽي زمان يا وقت ليکيا وڃن ٿا: ١. ماضي، گذريل زمانو جتي روح هوندا (عالم ارواح)، ٢. حال، هلندڙ سنسار، ٣. مستقبل، ايندڙ زمانو يعني پرلوڪ (آخرت) جتي هتان مرڻ بعد وڃڻو آهي.

لاهوتي: (ع ـ لاهوت) لاهوت جي منزل وارا . لاهوت فقيرن جي خيالي منزل آهي، جنهن کي ذات الاهي جو عالم چون ٿا، جتي فقيرن کي فنا في الله يعني خدا جي ذات ۾ فنائي حاصل ٽئي ٽي. اهڙا جملي ۴ عالم آهن: عالم ناسوت (خواب وارو جهان)، عالم جبروت (نسيان ـ نه ننڊ نه جاڳ) جتي هي سرير پلجيو وڃي ٽو، عالم ملکوت (ملائکن جي رهائش جو عالم)، ۽ عالم لاهوت، جتي رڳو حق برهم جي ذات آهي ۽ هي صفات کانهي.

٢٠. **آديسي:** جوڳي فقير، نياز ۽ نهٺائيءَ وارو فقير، جمالي فقير، (سن ـ آديشي).

گهوما: گهمندڙ (سن ـ گهُورڻنيه).

حال: ع ـ هيءَ فقيرن جي اها منزل آهي، جتي جو کجهه هن مڙان طاري ٽئي ٽو،

سو صبر سان سهي ٿو ۽ جو ڪجهه ڏسي ٿو سو ڏسي نه ٿو سگهي، ارادي ۽ ڪوشش کان سواءِ دل تي وارد ٿيڻ واري حالت.

قال : ع ـ هي فقيرن جي اها منزل آهي، جتي جو ڪجهه ڏسن تا، سو ڏسن تا. قال جي منزل وارا فقير پنهنجن طالبن (چيلن) کي حقيقت کان واقف ڪندا، تلقين ۽ تعليم ڏيندا رهن تا.

٢١. **ويڳاٽو**: بيگانو، ڌاريو، نا آشنا، (ف ـ بيگانه).

سوز: (ف- سوختن: سڑڻ) ساڙ، جلڻ، عشق جي باهه، سوزش.

ورهه : برهه، عشق، فراق، ڏک، وڇوڙو، (سن ـ وِ: گهٹو + رَهُ : ڇڏڻ).

پَرِ: (سن ـ پالي) ريت، ڳجهه، دستور، رمز، رسم، پر، ڪنڌ، رح، هلت.

پني رات: (پني: پريات) پيڇ پني، پرهه ڦٽي، ڏَڪي، فجر، (سن ـ وِيانم).

پريتون: پريت مان، سڪ مان، (سن ـ پريتي).

سامهڙن: (واحدِ سامي) سامي فقير، سوامي، الله لوڪ، (سن ـ سُوامي).

آڻي: ڪنهن جي آوي، (ف ـ آوَهه).

٢٢. **اولارا**: واحد اولارو (لامارا)، (سن ـ اَلالُ).

پنيڙ: (سن ـ پا، چمڪڻ) پنيڙ گهرا اَلا.

سپورن: (سن ـ سمپورڻ) مڪمل، پوري طرح.

آڙاهه: باهه جو مچ، ڪورو، ڪُنُ، سمنڊ، مشڪل، (سن ـ اَوَرت).

سانگ: سانگو، آسرو، پرواهه، اتفاق، سبب، (سن ـ سنگ).

ڪامي: ڪامڻ، وچڻ، ساڙ، سوزش، پچرڻ، (سن ـ ڪشامَ، ڪَشَمَ: سهڻ).

لهس، ڪام، سڪ، باهه، سوزش.

لوسجي: ڪاٽي، ڪرڻ ٽي (سن ـ پلش).

((ڪافي-١)

پولو: (سن ـ پـرم) پل، چُڪ، ڊپ، پـوُ، رولو، هڪ جو پيـو سـمـجهڻ، وڻـي، چڪـر، مونجهارو.

اولو: آجهو، آڏر، پردو، پناه، **الکو:** فکر، (سن ـ اَوَرَڻ، اَ: تائين + ور: ڏيڻ).

ونفخت الخ: ڦوڪيو مون انسان ۾ پنهنجو روح (قرآن).

خلق الاشيا الخ: پيدا ڪيون اٿس سڀ شيُون، پر اُهي شيون پاڻ (الله) آهي، ٻيو ڪجهه نه آهي.

(ڪافي-٢)

اعلي اعظم شان: ڪيڏو نه وڏو شان آهي منهنجو.

نوبت: ف ـ نغارو، وارو.

حڪمت: ع- دانائي، راز، ڳجهه.

داستان ٽيون

١. **مولي:** ع ـ خاوند، ڌڻي، مالڪ، سردار، مهندار، مددگار.

محفوظ: ع ـ حفاظت ڪيل، خوش.

ڪامل: ع ـ ڪماليت وارو، پورو، مڪمل، هوشيار.

وعظ: ع ـ نصيحت، پرچار.

ڪاتب: ع- لکندڙ، نصيب جو لکندڙ، خدا.

پرجهه: (پرجهڻ: سمجهڻ، پروڙڻ) سمجهه، ڄاڻ، (سن ـ پَرَبُدَ).

يهون: ڪٿو، بي شمار، جهجهو، (پرا ـ بَهوُن، سن ـ بَهوَ).

٢. **نامياڻ:** نالي وارو، نام ڪڍيو، پهلوان، (ف ـ نام + يو پڇاڙي).

نبيرڙ: ڇڏڻ، فيصلو ڪرڻ، نچيڙڻ (سن ـ نِوَرَتَنَ).

ورد: ع ـ هر روز جو ڪم، مقرر ڪيل عبادت جا فرض نه آهي.

وظيفو: ع ـ مقرر ڪيل چيز، مقرر ڪيل عبادت، جا فرض نه آهي.

ورايو ورائن: وري وري اٽلائين.

٣. **ڪاهت:** ڳالهه چوٽي، آکاڻي، (ڪهاوت).

من تعلم الخ: ع ـ جيڪو علم مقابلي ۽ مناظري لاءِ پڙهيو وڃي.

منافق: ع- نفاق رکڻ وارو، اهو شخص، جنهن جي دل ۾ هڪ ۽ ظاهر ۾ ان خلاف هجي.

اوگا: موڳا، نادان، غافل، حيران، عاجز، (هيم ـ آوگيہ).

۴. **ماضن مذهبن:** گذريل مذهبن.

۵. **حديث:** ع ـ رسول صلعم جن جو قول يا ڪلام، ڳالهه ٻولهه، خبر.

آيت: ع ـ نشاني، مثال، تمثيل، قرآن جو جملو يا ست.

نمرن: (واحد نمر) زنجير، سنگهر، (سن ـ نِگڙ).

اڪيا اڪين اوڏڙا: اڪين ڪان ويجها.

بڇبان: (ف ـ بيابان) برپٽ، رڻ، سڃ، ويراني.

٦. **پسڻ:** ڏسڻ، (سن ـ پشيہ).

پساء: پساهه، ساهه، دم، (سن ـ شواس).

صرف نحو: ع ـ گرامر، رواجي علم.

پرک: واقفيت، سڃاڻپ، چوڌاري نظر، چوطرف نگاهه (سن ـ پريڪشا).

۷. **قال:** (ع ـ قيل قال) ڳالهه ٻولهه گفتگو، بحث مباحثو، ردڪد، شڪ شبهو. قال فقيرن جي اها منزل آهي، جتي جو ڪجهه ڏِسن ٿا ڏَسَنِ ٿا.

حال: ع ـ ارادي ۾ ڪوشش ڪان سواءِ دل تي وارد ٿيڻ واري حقيقت، فقيرن جي اها منزل جتي جو ڪجهه مٿائن طاري ٿئي ٿو سو صبر سان سهن ٿا.

۸. **الفقر فخري** الخ: فقيري منهنجو فخر آهي ۽ فقيري مون منجهان آهي (حديث).

اُتو: چيو، (سن ـ اُکرَ).

قل کل الخ: چئو ته سڀ چيزون خدا جي طرف کان آيل آهن (قرآن).

من عرف الخ: جنهن خدا کي سڃاتو، تنهن جي زبان گونگي ٿي يعني سو ماڻ ۽ صبر ۾ رهيو.

نانهه: نيستي، فنا، معدومي، نابودي، نفي، (پراڪيهه، سن ـ نَهه).

۹. **ڪِيا:** خوش، مست (سن ـ ڪشيمَ).

اديسي: فقيرن جو قسم، جوڳي، زاهد، آديسي، گوسائين، فقير، جي آديس جو نعرو هڻن، (سن ـ آديشي).

گهوما: گهمندڙ، (سن ـ گهُورڻنيه: گهمڻ).

اوڪارڻ: روڪڻ، جهلڻ، بس ڪرڻ، پاسي ٽيڻ، نڪرڻ، (سن ـ آت، مٽي ڪرش: ڇڪڻ).

هر آن سري الخ: پنهنجي محبوب (خدا) جو ڳجهه يا راز اهڙي طرح سانڀين ٿا جو اُن جي خبر ڪراما ڪاتبين کي به نه ٿي پوي.

ڪراما ڪاتبين: ڪراما ڪاتبين يعلمون ما تفعلوم (قرآن)يعني سڳورا ملائڪ لِکڻ وارا جي اوهان جا سڀ ڪر ڄاڻن ٿا. ڪراما ڪاتبين به ملائڪ خدا جي طرفان انسان جي ساڄي ۽ کاٻي ڪلهي تي مقرر ٿيل آهن. ساڄي طرف وارو انسان جون چڱايون ۽ کاٻي طرف وارو برايون لکي ٿو، جي قيامت ڏينهن خدا اڳيان پيش ڪندا.

هيهات هيهات: ف ـ افسوس افسوس.

پر: دستور، عادت طرز، رسم، ريت، رمز، پَر، ڪنڌ، (سن. پالي).

۱۰. **ڪوڊ:** خوشي خواهش، ڪَڏ يا خوشي ڪري، سعي سان، هيڄ، شوق، (سن ـ ڪُوردَ).

مامرو: معاملو، تڪرار، رٽ، (ع ـ مُعَامَله).

۱۱. **صابري:** ع ـ صبر وارا.

چيڄ: خوشي ناڇ، گانو، چمڪو، (سن ـ شِنجَ).

پهه: پنڌ، پيچرو، طريقو، رستو، مسافري، (سن ـ پَتَ).

۱۲. **صُمٌ بُكمٌ:** ٻوڑا آهن، گونگا آهن (قرآن).

سڪوت: ع ـ ماڻ چپ، خاموشي، صبر.

عينها تنام الخ: ع ـ (سندن) اکيون ننڊ ڪن ٿيون پر (سندن) دليون بند نه ٿيون ٿين.

عينها باكية الخ: ع ـ (سندن) اکيون روئيندڙ ۽ دليون ذڪر ڪندڙ آهن.

ان اولیا الخ: تحقيق منهنجا اوليا (دوست) منهنجي قبا (چوغي) هيٺ لکل آهن. اِنَ اَوْلِيا تَحتَ قَبائِي لاَ يَعَرِ فُهُم غَيرِي (حديث).

١٣. **ابتر:** ع ـ خراب، بدتر.

الي لِقَاء الله: ع ـ خدا جي ديدار ۾.

١٤. **ولي:** نندو ونو، ڪٽوري، شراب جي پيالي، (سن ـ واتِڪا).

سنوپرا: سپاڳا، نيڪ بخت.

ترڪ الدنيا الخ: دنيا جو ترڪ ڪرڻ سنت (عبادت، رسول جي پيروي) آهي ۽ الله جي طلب فرض آهي.

گوندر: ڏک، غم، ڳڻتي، (ف ـ غم).

١٥. **معرڪو:** جنگ، مجلس، ڪچهري، (ع ـ معرَڪه).

دائرو: اوطاق، مڪان، جاءِ، حلقو، گهيرو، مجلس، سطح، (ع ـ دائرهٔ).

١٦. **نڪٽيا:** سڪٽا، بي سمر، جنهن کي ڪٽو نه هجي، فقط، رڳو، بلڪل، پورو پورو، (سن ـ نِكِلَ).

ڪاپڙي: سنياسي، جوڳي فقيرن جي هڪ ذات، (سن- ڪارَپٹِكَ، گر-ڪاپڊي).

ڊار: ڊئول، طرح، نمونو، طرز، پنڊ، ٻيچرو، وات، پاسي ۽، پناه ۽ (سن- ڈارا).

برهنه: ف ـ ننگا.

پرٽو: پلٹيو، اٽلڻ، پاڻيءَ جي اٽل، پلٽ، اُٽلي وهڻ، (سن- پريست، اٽلي پرا- پَلٹَ).

داستان چوڻون

١. **اوريج:** اورڻ، حال بيان ڪرڻ، حال وندڻ، اڀياس ڪرڻ، ڏئور ڪرڻ، مناجات ڪرڻ، ورونهن، (سن ـ آورتَنَ، وري وري چوڻ).

هينا: (ع ـ عين، اک) اکيون، خود، پاڻ.

اوجاريج: (سن ـ اُجوَلَ) اجارڻ، صاف ڪرڻ، چلڪائڻ، روشن ڪرڻ، ميز يا ڪرسي لاهڻ، سنوارڻ.

اصلون .... سان: دم يا خيال سان پنهنجي خدا کي ياد ڪج، يعني هن ظاهري زباني عبادت کان ڏٹيءَ کي خيال سان ياد ڪرڻ بهتر آهي.

٢. **گودڙا:** گودڙيءَ وارو؛ جوڳي فقيرن جو قسم؛ (هيم- گدڙيا، سن- ڪنڌا + اِڪا).

وحدت: (ع - واحد - هڪڙو) هيڪڙائي (صفات ۾ اڪيلو).

وادي: ع - ماڻري؛ پٽ؛ ميدان؛ درياهه. شيخ عطار پنهنجي ڪتاب منطق طير ۾ ستن وادين جو ذڪر ڪيو آهي، جي هي آهن: ١. طلب جي وادي؛ ٢. عشق جي وادي؛ ٣. معرفت جي وادي؛ ۴. فنا جي وادي؛ ۵. توحيد جي وادي؛ ٦. حيرت جي وادي، ۽ ٧. فقر جي وادي.

٣. **سالڪ:** ع - خدا جي راهه تي هلڻ وارو؛ مسافر؛ خدا جي راهه وارو؛ فقير؛ سلوڪ وارو؛ ساڌو جنهن پنهنجي مقامات کي پنهنجي حال سان طئي ڪيو هجي.

۵. **اول ڪفر...** اسلام: طالب اول الله جي هستي کي نه ڏو مجي، جنهن ڪري هو ڪفر ۾ داخل ڏو ڏئي. ستگر ان کي حڪم ڏو ڏئي ته جي تون نه ڏو مجين ته ان کي هن راه سان ڳولهي ڏس ته آهي يا نه. جڏهن هو ڳولهي لهيس ڏو، تڏهن هو ڏس بعد مجي ڏو. مڃڻ بعد هو گويا سلامتيءَ ۾ اچي وڃي ڏو، انهيءَ تي سڄل سائين ڏئي درجا ڏيڪاريا آهن : ڪفر (الله جو انڪاري)، ڏسڻ بعد (مڃڻ)، ۽ اسلام (سلامتيءَ ۾ اچڻ).

مام: رمز؛ ڳجهارت؛ راز؛ اشارو؛ ڳجهه؛ صلاح؛ دل جي مراد؛ مطلب (سن - مَرمَ).

٦. **فلڪ:** ف - پرواهه.

فلڪن: (ف - واحد - فلڪ) آسمانن.

خلل: ع - خوف؛ خطرو؛ حرڪت.

ميسر: ع - حاصل؛ پراپت؛ موجود.

ملڪن: (ع - واحد - ملڪ) فرشتا.

نوٽ: هن بيت ۾ سڄل سائينءَ خدائي دم هڻي بلڪل بيپرواهي ڏيڪاري آهي. مطلب اٽس ته خالق کي پنهنجي خلقيل چيز جي ڪهڙي پرواه آهي.

٧. **خامن:** ف - (واحد - خام) ڪچن، نادانن، جاهلن، عيبدارن.

خيانت: ع - بد ديانتي؛ بي ايماني؛ نقصان؛ خرابي.

٨. **حد ين وچي.... لنگهي وچي:** عام جي حد، حد اندر آهي. مگر جيڪي بزرگ آهن، سي عام کان البت مٿي آهن، يعنيٰ اهي حد کان ٻاهر آهن. مطلب اهو آهي ته ٻئي ڪنهن نہ ڪنهن مقرر مڪان يا جاءِ تي آهن، پوءِ توڙي اهو مڪان حد جي اندر آهي يا ٻاهر، پر سچل سائين چوي ٿو ته فقير ڪنهن بہ مقرر مڪان ۾ نہ آهي، جيڪڏهن هو موجود آهي ته هر جاءِ موجود آهي. جي هن جو ترڪ آهي ته ترڪ لفظ کي بہ ترڪ آهي.

٩. **ڪياڙي:** پٽي، (سن ـ ڪپال).

مهاڙي: منهن، (سن ـ مُکَ + اڙي).

١٠. **وس:** وسندي، آبادي، وسهَن، آسودگي، بارش، اصلوڪي جاءِ، (سن- وس).

١١. **دمامين:** (واحد- دمامو)دهل، نغارو، ڏمر، ڏڪڙ، واڄو، (ف- دماما).

دم هڻڻ: نعرو هڻڻ.

١٢. **ميڙ:** ميلو، ميلاپ، ميڙاڪو ، گوڙ، (سن ـ ميل).

١٣. **تجريد:** (ع ـ مجرد: اڪيلو) اڪيلائي، اوگهڙ، علحدگي، ڇڙائي، خلق کان الڳ رهائش، خدا کان سواءِ غير کان آزاد رهڻ، ڇڏڻ.

تفريد: (ع ـ فرد: هڪڙو) هيڪڙائي، يگانگي، خلق ۾ پاڻ کان جدا رهڻ يعنيٰ يگانو ٿي رهڻ، پاڻ کان فنا ٿيڻ، پنهنجي هستي مٽائي ڇڏڻ.

نوٽ: اول فقير کي خلق کان الڳ رهڻو آهي، جنهن کي تجريد سڏجي ٿو. پوءِ پاڻ کان جدا ٿيڻو اٿس، جنهن کي تفريد چون ٿا. ان کان بعد توحيد (هيڪڙائي) ۾ داخل ٿئي ٿو پر آخر اها هيڪڙائيءَ جي ڇاڻ وڃي اٿس:

"التوحيد ترک التوحيد في التوحيد. "

(هيڪڙائي ۾ هيڪڙائيءَ جو ترڪ ڪرڻ هيڪڙائي آهي).

ڪثرت: ع- گهڻائي، وحدت جو ضد. هي سارو عالم ڪثرت آهي، جنهن ۾ طرحين طرحين جا روپ آهن.

ڪُلِ: ع ـ دنيا ۽ دنيوي شيون.

١٤. **پت:** خاڪي جسم (سن ـ پتي).

١٥. **احديت:** (ع ـ احد: هڪ) هيڪڙائي، صفات ۾ اڪيلو.

نوٽ: الواحد المنفرد باالذات (واحد ذات ۾ اڪيلو آهي). الواحد عديم التجز (واحد جو جز ڪونہ ٿيندو يعنيٰ واحد جي صورت جزن ۾ ورهائجي نہ ٿي سگهي). الاحد المتوحد باالصفات. (احد صفات ۾ اڪيلو آهي). الاحد عديم الثنيٰ (احد بن ۾ نہ ٿو اچي).

لحمون: (ع ـ لحم : گوشت) گوشت مان، جسم مان.

دمئون: (ف ـ دم ـ سوانس) دم مان، ساهہ مان.

هي ديهي ۽ دم اهڙا هڪ ڪري ڇڏ جو ۾ نظر نہ اچن.

١٧. **نفي ۽ اثبات:** داستان ١ ـ ٥

هو پي... ڪين ويو: هي ذات ۽ صفات ڏانهن اشارو ڏنل آهي يعنيٰ نڪي هو (ذات) ڪا ٻي آهي ۽ نہ هي صفات ٻي آهي جو هڪ ڪي ٻي ڳولين؛ ڇاڪاڻ تہ حقيقت ۾ ذات ۽ صفات ۾ فرق ڪونهي. چيز ساڳي آهي وقتي وهم موجب صورت ۾ ڦير، جهڙي طرح سون ساڳيو آهي مگر جي ان مان زيور نهن ٿا، تن جا قسم مختلف آهن.

نفي ۽ اثبات الخ: انڪار ۽ اقرار ڪان هي عشق جي آڪاڻي ٻاهر آهي ڇاڪاڻ تہ نفي ۽ اثبات (لااله الاالله) ۾ انڪار ۽ اقرار ۽ آهي. اهو خود شرڪ (دوئي) آهي. شيخ عطار انهي تي هيئن ٿو چئي:

شرڪ دو است هم خفي وجلي
هر دو را پيش تو كنم تكرار
اي پسر لااله الاالله
خود شرڪ خفي است آئينہ وار
هست شرڪ جلي رسول الله
خويشتن را ازين دو شرڪ برار

معنيٰ شرڪ (ٻيائي) ٻن قسمن جو آهي: خفي (ڳجهو) ۽ جلي (ظاهر). انهن ٻنهي کي مان تنهنجي اڳيان ڪريان ٿو، اي ٻچا، لااله الاالله خود خفي شرڪ مان آهي. جلي (ظاهري) شرڪ شريعت آهي. پاڻ کي ٻنهي شرڪن مان ٻاهر ڪڍ، يعنيٰ آزاد ڪر.

١٨. **پورن:** (واحد ـ پور) خيال، فكر، ويچار، سوچ فهر، (سن ـ پُور).

پچاڑيو: پچاڑڻ، پريشان كرڻ، لوڏڻ، رلائڻ، چيچاڑڻ، سٽڻ كٽڻ، (سن ـ پرسارڻ).

١٩. **ٽوڪ:** شي، چيز مطلب، مراد اسباب، گهٽو، نعمت، كابه قيمتي شي (سن ـ ستوك).

٢٠. **ڪثرت:** (ڪثر، گهٽو) گهٽائي. هي عالم ڪثرت آهي، جنهن ۾ طرحين طرحين نام ۽ روپ آهن.

ڪُلّ : ع ـ سڀ، مڙئي، وحدت.

الف: ع ـ پهريون اكر الله جو.

هنگامون: ف ـ هلچو، هلان، هكلون، كاهه، گوڙ، لڙ، آواز.

خلق الاشيا الخ: پيدا كيون اٽس سڀ شيُون، پر اُهي شيون پاڻ (الله) آهي، ٻيو ڪجهه نه آهي.

٢١. **قلبي:** (ع ـ قلب ، دل) دل جي خيال سان ذكر كرڻ، يعني دل سان ڏٺيءَ كي ياد كرڻ.

نوٽ: قلب خطرن جو محل آهي. انهيءَ دوران ڏٺي جو ذكر كرڻ خطرن كي ناس كري ٿو ۽ قلب نرم ٿئي ٿو، ٻيو لساني ذكر ٿيندو آهي، جنهن ۾ هن زبان سان ڏٺيءَ كي ياد ڪجي ٿو جنهن ۾ شريعت (ظاهري) پاڻ پوڄا اچي وڃن ٿا. فقير خيال سان ڏٺي جي ياد كي ظاهري عبادت كان بهتر سمجهن ٿا انسان جي وجود ۾ فقيرن نو لطيفا مقرر كيا آهن، جن كي هندو آستان چون ٿا. صوفي انهن كي ست اطوار چون ٿا:

١ـ قلبي، جنهن جو آستان كهي طرف قلب (دل) آهي.

٢ـ روحي، جنهن جو آستان سرير ۾ سڄي طرف جگر آهي.

٣ـ نفسي، جنهن جو آستان ناڀي يعني دُن آهي.

۴ـ سري، جنهن جو آستان دل ۽ جگر جي وچ ۾ آهي، جتي فر يعني معدي جي ڪڍ آهي.

۵۔ **ڪنڌ**، جنهن جو آستان نڙگهٽ آهي.

۶۔ **خفي**، جنهن جو آستان پيشاني آهي، جتي شو مهراج جي ٽين اک ميڃي وڃي ٽي، جنهن کي هندو ترڪٽي چون ٿا.

۷۔ **اخفا**، جنهنجو آستان چوٽي آهي، جنهن کي هندو دسڻ دوار ڪري ڪوٺين ٿا.

قرار: ع ۔ آرام، پختگي، انجام، وعدو، قائم، زور وارو.

تڪرار: ع ۔ تاڪيد، وري وري چوڻ يا ڪرڻ.

۲۲. **لڪت**: سُر آسا ۲ ۔ ۹.

ٽونڪر: ٽڪاءُ، ٽوڪر، اشارو، ٽوري ٽوڪر، (سن ۔ ٽاڏَ، ٽڏ ، ڏڪ هڻڻ).

۲۴. **پاڻ وڃائڻ**: خودي يا هستي مٽائڻ.

سڃاڻ: خبر، ڄاڻ، (سن ۔ پرا- سڃاڻ).

اهڃاڻ: نشان، ڏس، اهڃ، پتو، سڃاڻپ جي نشاني، (سن ۔ ايڃجان).

ڳهلا: بي عقل، پورڙو، (سن ۔ گرهڻ + ايلا).

۲۵. **تون ئي ٻڌندڙ** الخ: قرآن شريف ۾ آيل آهي ته الله سميعٌ ۽ بصير (ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ) آهي، جنهن جو مطلب آهي ته جيسين الله جي ذات هن بشري بوتي ۾ موجود آهي، تيسين ته انسان ٻڌي به ٿو ۽ ڏسي به ٿو. جڏهن اها نڪري وڃي ٿي، تڏهن هي بوتو انهن ڳالهين کان خارج آهي. تنهن ڪري ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جو ذريعو انسان آهي ڇاڪاڻ ته اهي حواس هن صورت ۾ هڻڻ سان لاڳو آهن. هن صورت کان ٻاهر جتي هو بي صورت (نرنڪار) آهي، اتي انهن سيني ڳالهين کان آجو ۽ پاڪ آهي.

عيسيٰ: ع ۔ ڪرستان قوم جي پيغمبر جو نالو.

احمد: (ع ۔ حمد: ساراهه) حد کان وڌيڪ ساراهيل، لاثاني، هن برهماند جي پيدائش کان اڳ هڪ نوراني ستارو، جنهن جو نالو "احمد" هو، اسلام جي پيغمبر جو ذاتي نالو.

هنومان: ٻولن جو سردار، جنهن سري رامچندر جي راوڻ خلاف مدد ڪئي هئي، (ں هنمان).

پوٿيون: (واحد ـ پوٿي) هندن جو مذهبي ڪتاب (سن ـ پُستَڪَ).

قرآن: (ع ـ قراء: خوش آواز، سريلو) اها چيز جا ضرور پڙهڻي آهي، اها چيز جا عمدي آواز سان پڙهي وڃي؛ مسلمانن جو مذهبي ڪتاب، جنهن کي آسماني ڪتاب ڪري ليکن جو حضرت محمد ؐ جي معرفت نازل ٿيو.

۲۷. **لاخير في عبدي:** ٻانهي مان خير ڪونهي (حضرت محمد ؐ جن جو قول).

عرش ڪرسي: ع ـ نائون آسمان؛ سڀ ڪان مٿيون مڪان جتي مطلق نور جو مرڪز مجبو ويو آهي؛ الله جو تخت گاهه، جتي نوراني ڪرسي مقرر آهي.

(ڪافي)

ڪفر : ع ـ ذات جو لڪائڻ؛ ڪثرت جو وحدت ۾ لڪائڻ؛ حق لڪائڻ؛ ڏٽي جي نعمتن جي ناشڪري.

ڪشف: ع ـ جو ڪجهه غيبي ۽ امور حقيقي پردن ۾ لڪل آهي ان کان واقف ٿيڻ؛ کولڻ. ڪشف ٿي آهن : ڪشف القلوب (قلب جو کلڻ)، ڪشف القبور (قبر يعني دفن ٿيل چيزن جي خبر پوڻ)، ۽ ڪشف العلوم (الاهي علم جو کلڻ).

تلوين: ع ـ طالب جو پنهنجي حالت ۾ ڦير گهير ڪرڻ؛ يعني ڪڏهن ڪجهه ٿيڻ ڪڏهن ڪجهه، اهو صوفين نزديڪ نقصان کان خالي نه آهي؛ استقامت جي طريقي کوئي مقام ڀُولهڻ؛ مشاهدي ۾ هميشه جيڪا طالب جي حالت ڦرندي گهرندي رهي ٿي، ان کي صوفي تلوين چون ٿا، رنگا رنگي ڪرڻ.

تمڪين: ع ـ تلوين ۾ قائم ٿيڻ، جيسين طالب راهه ۾ آهي، تيسين صاحب تلوين آهي، ڇاڪاڻ جو هڪڙي حال کان ٻي حال طرف ۽ هڪڙي وصف کان ٻي وصف طرف ترقي ڪرڻ وارو آهي؛ جڏهن واصل ۽ متصل ٿي وڃي ٿو تڏهن کيس صاحب تمڪين چون ٿا؛ عزت، مرتبو، قدر.

تلقين: ع ـ هدايت، سکيا، تعليم، گيان، خدائي وات کان واقف ڪرڻ.

داستان پنجون

۲. **حسن:** ف ـ خوبي، سونهن؛ اها چيز جا پاڻ ڏانهن ڪشش ڪري، جمال جو تاثير، خدا جو نور.

هن مايا جي پيدا ٿيڻ کان اڳ انهيءَ مطلق نور کي جمال جي نالي سان سڏيو ويو آهي. مايا ۾ ظهور بعد انهيءَ نور جي جلوي ۽ تاثير کي حسن سڏيو ويو آهي.

هوس: ف ـ خواهش، آرزو، ڪنهن چيز جو شوق، خام عشق، ناقص محبت.

۳. **ڏاهي:** هڪ ذات، جا چريائپ ڪري مشهور آهي.

مُٺين: مُٺ سان (ف ـ مشت، پرا ـ مُٹ، سن ـ مُشک).

۴. **انسان:** ع ـ پيار رکندڙ. ڪي چون ٿا ته انسان لفظ نسيان مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ويسارو يا ڀُل.

سيلاني: سير ڪندڙ ، گهمندڙ، (ع ـ سَيران).

٦. **فارغ:** ع ـ آزاد، واندو.

فراق: (ع ـ فرق: وڇوٽي)جدائي، وڇوڙو، ڦوڙائو، ورهه.

وصال: ع ـ ميلاپ، ملاقات، ڪجهي چيز جو حاصل ڪرڻ، وحدت حقيقي، طالب جو پنهنجن وصفن سان گڏ ذات ۾ فنا ٿيڻ.

قيل قال : ع ـ قال: هن چيو، قيل: چيو ويو، ڪالهه ٻولهه، گفتگو.

صُم بُکم: صُمٌ بُکمٌ عمي فهم لا يرجعون: ٻوڑا، گونگا ۽ انڌا آهن، جي نه ٻڌاندا نه ڪالهائيندا ۽ نه سيڃاڻيندا. خدا تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو ته اهي حق (سچ) ٻڌڻ کان ٻوڑا، حق چوڻ کان گونگا ۽ حق ڏسڻ کان انڌا آهن.

۷. **پراهن:** ڏارين.

پهمر: ڪنڊن جو لوڙهو، (سن ـ پراچيرَ).

گهريٽڙا: گهر جا مالڪ، گهر وارا.

۸. **ويل:** مهل، ويرَ، وقت، ويرَ، وٽي، (سن ـ ويل).

دئي: ف ـ ٻيائي، ٻه سمجهڻ.

ميل: ميلاپ، محبت، لاڙو، وصل.

اويل: ديرَ، اويرَ، (سن ـ اَ: نه + ويلا: وقت).

الهي: (الهڻ: لهڻ) هيٺ اچي، لهي ويجي، (سن ـ أد + لاڍن).

ساجهر: (فجر: ڦٽڻ)باک ڦٽي، صبح سويل، (فاجر: ڦاڙيندڙ، اوندهه کي ڦاڙيندڙ).

٩. **مغربي:** (ع- غرب ـ لهڻ مغرب، اولهه) اولهه طرف جا ماڻهو.

تاريک: ف ـ اونداهي.

ٽير: ف ـ اقتدار، طاقت.

ماڻيڪي: پرولي، ڪجهارت.

مٽير: مٽيرو، بهادر، مٽي وارو، دانا، (مَستَک: مٽو، ايرُ، وارو).

ناسودي: (ف- سود: فائدو) جنهن مان فائدو نه ملي، جنهنکي ناس پتو نه هجي.

١٠. **مڪڙي:** ٻيڙي، ٻوندي، مڪڙي جي اصل معنيٰ آهي ڪُهي يا مڙيل، (سن- مگني).

ملاح: ع ـ ٻيڙي يا جهاز هلائيندڙ، ميربحر.

بانڪا: (باڪ: پرواهه) بهادر، سورما، زور ٻريا، (گ ـ بانڪ: م- وانڪ: سن ـ ونڪ).

لهر : (سن ـ لهير) موج، چڪر، گهمرو.

اڌين: نڌڻکن، بي واهن، عاجزن، جن کي ٻرجهلو نه هجي، (سن ـ آڌِين).

١١. **نقرو:** اڇو، سفيد، (ع ـ نقرهه).

نمري گهوڙي: اشارو انگريزن ڏانهن، جن جو اکيون نيريون ۽ رنگ سفيد هو.

تالپر: (تالي بر : تاري وڍيندڙ) هي اصل بلوچ قوم جا آهن . سندن بادشاهي سنڌ ملڪ تي هئي. سڄل سائين جي وقت ۾ تالپر حاڪم هئا.

لهوڙي: لهوڙڻ، نيپوڙڻ، جيتڻ، مارڻ، ضعيف ڪرڻ، (سن ـ نِشُودَنَ).

(ڪافي ـ ١)

اسرار: (ع ـ واحد ـ سِرّ) ڪجهه، ٻيد، راز.

پرجهائي: (پرجهڻ) سمجهائڻ، پروڙڻ (پرَبُد).

آر : رضا، شوق، خواهش، قرب، چاهه، پيار، عشق، لاڙو، محبت، وهه، تک، (سن ـ آرڻ).

يسمع ببصر ينطق: ع ـ ٻڌڻ، ڏسڻ، ڳالهائڻ.

خلق الاشياء الخ: (الله) انهن شين کي پيدا ڪيو ۽ پاڻ ان جي جند آهي.

(ڪافي ـ ٢)

ڦولهي: ڳولهي، کولي، تلاش ڪرڻ، (سن ـ گليش).

ڪارڻ: واسطي، (سن ـ ڪرڻ).

ڏونگر ڏورڻ: تکليفون يا ڏاکڙا ڪڍڻ (اصطلاح).

(ڪافي ـ ٣)

جناور : جانور.

وهم: ف ـ فکر، ڊپ، ڊاءُ، اندر جا وسوسا ۽ خيال.

وهم: ع ـ اوديا، مايا.

ڳاهه: ڪاڏو، ڪاڇ، اڻ صاف ول، اَنَ وانگر ڳاهڻ يا صفا ڪرڻ، (سن ـ گراسَ).

سر گجري

داستان پهريون

گجري: سر آسا بعد صبح جي پهر ٽوڙي ڳائي ويجي ٽي. گجري ٽوڙيءَ جي شاخ آهي، جا آسا سان لڳو لڳ ڳائڻ ۾ ايندي آهي. جيئن آسا جي سر ۾ گهٽو ڪري خدا تعالي جي خداونديءَ ۽ هيڪڙائيءَ جي حقيقت ڳائي ويجي ٽي، تيئن هن سر ۾ به اها هيڪڙائيءَ جي حقيقت ڳائي ويجي ٽي. گجري جي ڳائڻ جو وقت آسا بعد ٨ کان ٩ صبح تائين آهي.

معرفت: ع ـ (عرف: هن ڄاتو) ربي راز جي ڄاڻ، خدا جي سڃاڻڻ وارو علم، صوفي پاڻ سڃاڻڻ جي ڄاڻ کي معرفت چون ٿا. گيان، حق جي ذات ۽ صفات جي ڄاڻ، پروڙ، صوفين جي ٽين منزل.

١. **احد:** ع ـ هڪڙو، واحد، خدا تعالي، اسم ذات، جنهن سان صفت جو واسطو ڪونهي. احد صفات ۾ اڪيلو آهي.

الست بربكم قالو بلي: ڇا مان نہ آهيان اوهان جو رب؟ روحن جواب ڏنو تہ هائو.

نوٽ: جڏهن رب روح پيدا ڪيا، تڏهن کائن پڇيائين؟ "الست بربكم" (آيا مان اوهان جو رب نہ آهيان). چيائون. ("بلي" هائو. تون اسان جو رب آهين.) انهيءَ ڏينهن کي شاعرن الست بربكم جي پهرين لفظ الست سان ياد ڪيو آهي، جنهن کي روز ميثاق بہ چون ٿا.

سِرُ: ع - راز، ڳجهہ، پيد، (ف - سِرُ: مُنڊ، اصل).

غائب: ع - اوجهل.

غير: ع - ٻيو، ڌاريو، خدا کانسواءِ ٻي شي، ماسوي الله، دوئي، ٻيائي، مَٽُ.

حق الحق: ع - نج سچ، سچ، سچ پچ سچ.

٢. **عرفت ربي بربي:** مون پنهنجو رب پنهنجي رب جي وسيلي سڃاتو (حديث).

ڪُلي: ع - ڪل، سموري، مڙئي، سربستي.

ڪَل: (ف - ڪل، سن - ڪلا) سڌ، خبر، سماءُ، پتو.

٣. **الف احديت وارو:** احديت جي اڳيان جو الف اکر آيل آهي، يعني هيڪڙائي.

احديت: ع - هيڪڙائي. هت اشارو الله طرف ڏنل آهي، ڇاڪاڻ تہ الله جي اڳيان الف اڇي ٿو ءِ الله هڪڙو آهي.

نوٽ: الف جي معنيٰ ننگو بہ آهي يعني ڪوبہ وستو جان تي نہ رکڻ ءِ دنيا بلڪل تياڳ ڪري نڪرڻ. بي تي وغيره حرفن کان فقير گهٽو ڪري نفرت ڏيکاريندا آهن، يعني اهي حرف دنيا جي وهنوار سان لاڳو سمجهندا آهن.

شرح ملا: نالو هڪ نحو (گرامر) جي ڪتاب جو. جنهن جو مصنف ملا جامي آهي. انهيءَ ڪري هن ڪتاب کي "شرح ملا يا "جامي جي شرح" ڪري ڪوٺيندا آهن.

ملا: ع - ٽمٽار، ظاهري علم جو ڄاڻندڙ، ظاهري علم سان پريل، الله جي عشق جو منڪر (صوفي اصطلاح).

ڪندِ: پٽي (ف - ڪونہ).

لاحد: ع ـ حد کان ٻاهر، لامڪان، جتي ڪوبہ مڪان نہ هجي.

۴. **الله هو:** (الاهو) ال هميشہ عربي ۾ اسمن اڳيان آڻيندا آهن. "لا"، ڪجهہ بہ نہ (نفي)، "هو" (اثبات) ثابت آهي. الله جي شد جو اهو مطلب آهي تہ لفظ ۾ بہ لام آيل آهن. صوفي انسان جي سسيءَ جي پيٽ "هو" سان ڏيندا آهن. جيئن "هـ" جي وچين ليڪ لنگهي هن کي بہ ياڳا ڪري ٿي، تيئن انسان جي منهن جي وچان نڪ جي ليڪ سندس منهن کي "هـ" وانگر ٻن ياڳن ۾ ورهائي ٿي.

تصور: ع ـ خيال سان ڏسڻ، ڏيان ۾ رکڻ.

لا: ع ـ نہ، نفي، هو، اثبات. اسلام جي ڪلمي جو مطلب نفي ءِ اثبات ۾ رکيل آهي.

من عرف الخ: جنهن پاڻکي سڃاتو، تنهن رب کي سڃاتو. قول: حضرت علي رضہ.

نوٽ: اهو ٻانهپ وارو خيال (تہ مان بندو آهيان) جيستائين تنهنجي دل مان دور نہ ٿيندو، تيستائين تون پاڻ سڃاڻي نہ سگهندين. اهو وهم لاهہ تہ توکي پنهنجي اصليت معلوم ٿئي تہ تون ڪير آهين.

خيال: ع ـ اها چيز جا زمان ءِ مڪان کان آزاد آهي.

٦. **رام:** فرمانبردار، راجا دسرت جو پٽ سري رامچندر. هت اشارو خدا طرف آهي (سن ـ رام).

رحيم: ع ـ رحم وارو، دياوان، خدا جي صفت .

موج: ف ـ مستي، ريچڪ، سمنڊ جي لهر، درياهہ جو وهڪرو.

گبر: ف ـ آتش پرست ، زردست پيغمبر جي قوم.

مومن: (ع ـ ايمن، سلامت) سلامتي ۾ آيل.

نصاريٰ: حضرت عيسيٰ جي امت (ڪرستان)، (ع ـ نصاريٰ).

خلق الانسان الخ: خدا انسان کي پنهنجي صورت موافق خلقيو آهي.

۷. **خمر:** ع ـ شراب.

خمار: ع ـ شراب جو نشو، مستي محبت جي.

مسروري: خوشي، (ع ـ مخمور: مست).

ازلا: ع ـ ازل کان، روحن جي پئدا ٿيڻ وارو ڏينهن.

ابدا: ع ـ ابد کان، شروع، کان روحن ۾ مايا جي شروعات واري ڏينهن يا وقت کان.

انا احمد الخ: مان احمد آهيان بنا مبير جي يعني احد (خدا) (قول: محمد صلعم).

۸. **موتو قبل** الخ: مرڻ کان اڳي مر (قول الفقرا).

جيوڻ ۾ مر الخ: زندگي جي وقت ۾ مري وري جيئرو ٿيڻ. هن ديهي مان دم باهر کڏي وچ ۾ وري اچي انهي جُوءِ ۾ واسو وڻ. جڏهن اهو عمل موت ۽ زندگيءَ تي قادر ٿيڻ جو کندين، تڏهن فقير سڏبين.

۹. **ذات:** ع ـ اصليت، نور الاهي، پرماتما جي جوت.

صفات: ع ـ ان مئي کوش يعني جو کجهه هن برهمانڊ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، اها شي جنهن ۾ پاڇو پوي. هتي اشارو انسان جي سرير ڏي آهي.

پول : پولو، چُڪ، غلطي، گمراهي، هڪ جو ٻيو سمجهڻ، دئي، (سن ـ پرم).

چولي: چولي ۾، بوتي ۾، سرير ۾، (سن ـ چولکَه).

۱۰. **ٽوڙ:** ٽوڙڻ، پيڙ، چنڻ، (سن ـ ترتْ).

رسم: ع ـ ريت، رواج.

بيگانو: ف ـ ڌاريو، اکيلو، ناآشنا، ويگاڻو (ف ـ بيگانہ).

يگانو: ف ـ بي مثل، لاثاني، (ف ـ يگانہ).

ونفخت فيه الخ: ٽوکيائين ان (آدم) ۾ پنهنجي روح مان (قرآن).

شملو: پگ ، دستار، (ف ـ شملہ).

شهانو: بادشاهي وارو، (ف ـ شهانہ).

۱۱. **دع نفسک:** پنهنجي نفس کي ڇڏ، خود ذات ٿي وچ ، هن صفات کي وچان کڏي ڇڏ.

هستي: (ف ـ هست ـ آهي) اهنکار، هٺ، هٺڙ، خودي، وڏائي، بود، پاڻ، وجود، جوهر آتما.

موڑها: بيوقوف، مت منجهيل، موڳا، مورک، (سن ـ مُوڍَ).

ڳوڙها: مخفي، اونهو، (سن ـ گوڍ).

(ڪافي ـ ١)

آرانيو: آماڙي، باهر جو مڇ، ڇُوانتي، (سن ـ اَپالَميَ . اَپ : ويجهـو+ آ : تائين+ لڀ، ڏکوئڻ).

مشرب: ف ـ پيالو، ڪوزو.

مدام: ف ـ هميشه، ديرپا، لڳاتار.

قيد: ع- بند، صفاتي بوتي جو بند.

جام: ف ـ وحدت جو شراب.

آءُ جاري الخ: مان هميشه وحدت جي شراب جو پيالو پيان ٿو.

(ڪافي ـ ٢)

سڄي: سڄڻ، ڏسڻ، چتائڻ، اشارو ڪرڻ، پتو ڏيڻ، دل تي رکڻ، نظر ڪرڻ يا لائڻ، نشان ڪرڻ، اکيون ملائڻ، اگهاڙڻ، (سن ـ سدِي).

(ڪافي ـ ٣)

عين: ع نح، خالص، نسورو، خود، پاڻ، محض، (عين اک).

دلق: ع ـ فقيراڻي گودڙي.

درويشي: ف ـ درويش. در: ٻنيـو (دروازو) ويش : ويختن ـ ٽنگڻ يعنيِ جيڪـو سوال ڪندڙ (سائل) هجي، ڪن لغتن لکيو آهي ته دُرَ : موتين جو پتلو يا جواهر ويش : وانگر يعنيِ جواهر جهڙو، ڪن عالمن لکيو آهي ته فارسي ۾ "در" جي معنيِ آهي "وچ ۾"، تنهن ڪري درويش جي معنيِ آهي "وچ ۾ ويهڻ وارو" يعنيِ هر جا عزت لهڻ وارو، فقيري.

سيلان جو وَهَ يا رواني. ٤١: ع ـ سير، پاڻي.

هرهمه: ف ـ سيڪو، ڪل، مڙئي.

١. **ميخانو:** ف ـ شراب خانو.

ڪيف: ع ـ خمار، نشو، نشي جي لذت، سرخوشي، مخموري.

حسن: ف ـ عام خوبي جو نالو، صورت جي خوبي، اها چيز پاڻ ڏانهن ڇڪي، مايا ۽ سمايل نور . نوٽ: حسن فاني آهي.

جمال: ف ـ خاص خوبي، صورت ۽ سيرت ۾ خوبي، نور اعظم جو جلوهه، پرماتما جي جوت.

نوٽ: ايا مايا پيدا ڪانه ٿي هئي، ان کان اڳ نور ئي نور هو. انهيءَ نور اعظم جي جلوي کي جمال چون ٿا. مايا ۾ سمائڻ بعد ان کي حسن چون ٿا. تنهن ڪري حسن فاني ۽ جمال باقي آهي.

ثواب: ع ـ نيڪ ڪم جو اجر يا بدلو، پُڃ.

٢. **فرعون:** ع ـ مصر جي بادشاه جو نالو، جنهن خدائيءَ جو دم هنيو.

منصور: سندس نالو حسين بن منصور حلاج هيو. پر هو منصور جي نالي سان مشهور آهي ۽ هڪ وڏو صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي، جنهن پڻ خدائي دم هنيو.

فرعوني منصور الخ: سچل سرمست چوي ٿو ته خدائي دم ته فرعون به هنيو ۽ منصور به، پر سچو ڪهڙو ۽ ڪوڙو ڪهڙو. سچو دم سچ پچ منصوري آهي، جو جڏهن پنهنجو صفاتي بوتو وڃائي وڃي ذات ٿي ٻيٺو، تڏهن منجهانس اهو اناالحق (مان خدا) جو آواز نڪرندو رهيو. موت جي آزمائش تائين سچ تي قائم رهيو. فرعون جي دعويٰ غلط ثابت ٿي جو آخر پڇتاءَ جي موت مُئو ۽ ڪنهن به آزمائش ۾ پورو ڪونه ٻيٺو.

٣. **مخدومي:** (ع ـ مخدوم: خدمت ڪيل) مالڪي.

٤. **صريح:** صفا، ظاهر ظهور، ڪليو ڪلايو، نج، نسورو.

گويائي: ف ـ گفتگو.

ڪل شي الخ: جيڪا چيز ڀالهائي سا اهو الله آهي (قول الفقرا).

وهي ينطق الخ: ۽ مون سان ڳالهائي ٿو يعني آ۽ ٿو ڳالهايان ۽ ڏسان.
نوٽ: سالڪ هڪڙي اهڙي درجي ۾ اچي ٿو، جنهن ۾ هو نڪي ڳالهائي ٿو ۽ نه ڪي ڏسي ٿو، بلڪ اناالحق ڳالهائي ۽ ڏسي مگر پاڻ گم آهي.
۵. **الانسان سري** الخ: انسان منهنجو ڳجهه آهي ۽ مان انسان جو ڳجهه آهيان (حديث).
طبل: ع - نقارو، دهل.
خدائي: اهو سچل سرمست جو منڊ ۾ تخلص پڻ هيو جو آشڪار بدران شعر ۾ ڪم آڻيندو هو، خدا وارو.
٦. **فرق**: ع - تفاوت، ويڇو، جدائي، تفرقو.
غازي: ع - غزا ڪندڙ، جهاد ڪندڙ، خدا جي راهه ۾ وڙهڻ وارو.
كل شي هو الله: سيڪا شي الله آهي ۽ نه ٻيو.
۷. **ليس في** الخ: منهنجي جبي (پوش) ۾ الله ڪان سواء ٻيو ڪجهه به نه آهي (جنيد).
هيچ: ف - ڪجهه به نه، ڪي ڪين.
الستي: ع - شروع وارو، خدائي، روحن جي پيدا ٿيڻ واري وقت جو.
۸. **كل شي يرجع** الخ: سڀ شيون پنهنجي اصل ڏي موٽن ٿيون (حديث).
مو: ف - وار.
عين: ع - نج، خالص، نسورو، خود، پاڻ، محض، اڪ.
۹. **غمزو**: ناز نخرو، اڪ جو، اشارو (ع- غمزه).
۱۱. **والله**: ع - قسم خدا جو.
خويشي: ف - خويش، پاڻ، خود قريب، قبيلو.
۱۱. **بدڪيشي**: (ع - بدڪيش - بد مذهب) ناپاڪائي، ڪدومي.
دلريشي: ف - (ريس - ڏڻ) ڏنيل دل وارا.
(ڪافي)
ڪوچه: ف - ڳلي.
ونحن اقرب: "وَنحنُ اَقـرَبُ اِليـهِ مِن حَبل اَلوَرِيد"، يعني اسين هن (انسان) ڪي سندس گردن جي رڳن کان به ويجها آهيون (قرآن).
ڳهلو: پورڙو، بيعقل، بيوقوف، (سن - گرهڻ + ايلا).

١. **دم:** ف ـ (س- سوانس) ساهه، جنهن ذريعي پنهنجي اصليت سمجهي پاڻ سڃاڻجي.

هو: ع ـ اثبات. (انسان جي دم جو اوچتو آواز ۽ "هو" آهي. اهو تڏهن صاف معلوم ٿئي ٿو جڏهن انسان ٽڏو ساهه کڻي ٿو).

٢. **هويدا:** ف ـ ظاهر، عيان، نمودار، پيدا.

٣. **مان ۽ تون جي سودي** الخ: مٽان هٽ کرين ۽ پوءِ تن ۾ کابه برکت يا طاقت نه رهي بلڪ تنهنجو اندر خالي کوکي جو کوکو نه رهجي ويجي.

٤. **طلسم:** ع ـ جادو.

تلافي: ع ـ تدارک، پورائو، عيوضو.

صوفي صافي: اهي صوفي جن ۾ ....

٥. **کسب:** ع ـ کم، ڏنڏو، هنر.

دم بند کرڻ: دم مٿي چاڙهڻ ، حبس کرڻ، پراڻ يام.

فروعي: ع ـ مٿرادو، مصنوعي، ڪوڙو.

مشائخ: (ع ـ واحد ـ شيخ) وڏا، بزرگ.

معلم: ع ـ علم وارو ماستر، استاد، ملاح، ناخدا.

٧. **زهد:** ع ـ عبادت، خدا پرستي.

تقوىٰ: ع ـ پرهيزگاري.

طاعت: ع ـ بندگي، عبادت، فرمانبرداري.

سَوايو: هک ۽ چوٽون حصو، زيادهه، سرس، کسر، سُکيو، سُکاريو، (س- سَپاءُ)

٨. **روز ازل:** روحن جي پيدائش وارو ڏينهن، ڪائنات کان اڳ وارو ڏينهن.

٩. **منکر:** ع ـ انکار کندڙ.

مشاخي: (ع ـ شيخ، وڏو) وڏائي، بزرگي.

بر : ف- بلند آواز (نقاري جو).

هلاڪي: تڪليف، موت، (ع ـ هلاڪ).

فراخي: (ف ـ فراخ: ڪشادو) ڪشادگي.

طباخي: ع ـ بورچي، پيٽر (گهڻ ڪائو)، نانوائي، (ع ـ طباخ).

١٠. **دائرا:** (ع ـ واحد ـ دائرو)گهيرو، حلقو، مجلس، اوطاق، جاءِ، ڏئار.

دعوت: ع ـ دعوت جو هڪ علم آهي، جنهن وسيلي روحن کي حاضر ڪرائبو آهي، نسب جي دعويٰ ڪرڻ.

معدومي: (ع ـ عدم: ناپيدا، گم) نيستي، ناپيدا، نابودي.

١١. **ارض سما:** ع ـ زمين آسمان.

حقاني: ع ـ حق جو، خدائي.

١٢. **آمدرفت:** ف ـ اچ وچ، عروج نزول، دمن جو لاهڻ چاڑهڻ، پراڻ يام.

لامڪان: ع ـ جنهن جي ڪا خاص جاءِ مقرر نہ هجي، هرجا، وحدت جي منزل.

١٣. **بُخاري:** بُخاري مُلڪ جو. نوٽ: سيدن جو بنياد اول بُخاري شهر ڪان هت آيو. تنهن ڪري بُخاري سيد مشهور آهن.

١٣. **پر :** ڪپر، ڪنارو، (سن ـ پَرَ).

بستي: ف ـ جاءِ، آبادي.

ڪڪوريل: سرخ رنگ جو، خماريل. ڪڪورڙ: ڳاڙهو ڪرڻ، رگڙ، (سن: ڪُڪر).

ڪر: ڪل، خبر، سڌ، ڪنارو، (سن ـ ڪلا).

ڪشتي: ف ـ ٻيڙي.

١٥. **رنگ:** راحت، وندر، خوشي، ظاهري حالت، رونق، حال، طاقت، صورت، (سن ـ ف ـ رنگ).

ريٽي: ريٽڻ، ميٽڻ، ميسارڻ، (سن ـ مرَجُ).

بي رنگ: رنگ ڪانسواءِ، بي مثل، لاثاني، وحدتي.

١٦. **ڪيميا:** ف ـ سون ٺاهڻ جو علم.

خوء: ف ـ مزاج ـ طبع ، عادت.

حفظ ڪرڻ: ياد ڪرڻ، ڪنڌ ڪرڻ.

سمانا: (واحد- سمانو) عزت وارا، مان وارا شانائتا، (سن ـ سمانُ، س: سانڌ + مان: عزت).

ڪرانا: (واحد ـ ڪرانو) بهتان.

١٧. **ڪعبو:** ع ـ بيت الله، الله جو گهر.

قبلو: ع ـ طرف، عبادت جو طرف، ڪعبي جو طرف.

ڪعبي واري: حج واري.

١٨. **مسائل:** (ع- واحد ـ مسئله) مذهبي سوال يا نڪتا، عقلي نقلي مقدما، سوال، اُهي ڳالهيون جي پڇيون ويون.

مصلا: (ع- واحد ـ مصلو) عبادت جو وڇاڻو، ڪپڙو، اها چيز جنهن تي نماز پڙهي ويي، جاءِ نماز.

١٩. **نابودي:** ف ـ نيستي، نهڻائي، فنائي.

ڪَلالي: ڪوڙ، (سن ـ ڪ : خراب، لل + اي).

ڪَلالي: شراب وارو، (سن ـ ڪَليا پال).

قاف: جبل.

ڪشالي: تڪليف، ڏاڪڙو، (سن ـ ڪَشتَ).

٢٠. **استاد ازل :** الله تعالي، پرماتما.

٢١. **مان ۾ رهندين:** خودیءَ ۾ هوندين . مان : خودي ، هٺ، اهنڪار.

٢٢. **نفلاتي:** ع ـ نفل پڙهڻ وارو، نفل: زائد عبادت جا واجب ناهي.

ورد: ع ـ هر روز جو ڪر، ٿهرايل ڪر، پاڻي پيئڻ جي جاءِ.

وظائف: (ع ـ واحد ـ وظيفـ) مقرر ڪيل چيز، عبادت، جا فرض نہ آهي، پڳهار، لوازمو.

رجعاتي: (ع ـ رجعت : رجوع ٿيڻ) خلق کي پاڻ ڏانهن رجوع ڪرڻ وارو.

ڪراماتي: ڪرامت هلائڻ وارا، (ع ـ ڪرامت).

درجاتي: (ع ـ واحد ـ درجـ) درجي وارا، رتبي وارا.

عشق واري اثباتي: عشق کي ثابت ڪرڻ.

(كافي)

اُپڻ: اُپڻ، پٽڻ، كولڻ، اپتار كرڻ، (سن ـ اُتپَ تَنَ).

فردا: ف ـ ٻيو ڏينهن، سياڻي.

گهٽ گهٽ: گس، پيچرو، لڪ، گهر، جاءِ، اندرُ، نڙي، (سن ـ گهَٽ).

(كافي)

طلسمات: (ع ـ واحد ـ طلسم) جادو.

دوئي: ف ـ ٻيائي، ٻه سمجهڻ.

طاعات: (ع ـ واحد ـ طاعت) بندگي.

حكايات: (ع ـ واحد ـ حكايت) ڳالهيون، آكاڻيون.

عزلات: ٻن بتن جا نالا، جي كعبي ۾ ركيل هئا، جن كي عرب پوڄيندا هئا (ع ـ عزيٰ + لات).

موجودات: (ع ـ واحد ـ موجودهه) پيدا ٿيل چيزون، مخلوقات.

صفات: ع ـ ان مٿي كوش يعني جو كجهه هن برهماند ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، اها شي جنهن جو پاڇو پوي.

تصديع : ع ـ تكليف، آزار، درد.

سُرُ ٻيروي

داستان پهريون

ٻيروي: راڳڻي جا صبح جو آسابور ڳائي وڄي ٿي، جا هك من موهيندڙ مٺڑي ۽ كومل راڳڻي آهي. چون ٿا ته ٻيروي هك مرگهه نين حسين عورت آهي. لب ياقوتي، رخسار مثل انار، نهايت نفيس سفيد لباس ۾ ملبوس، چمكندڙ چهري سان ويٺي ڳائي. سندس عاشق مالكوس آهي.

مجاز: ع ـ غير حقيقت، ظاهري صورت جو عشق، مجازي عشق، غير اصلي.

١. **غماز:** ع ـ اكين جو اشارو ڏيڻ، سخن چين، طعنو هڻڻ.

البيلن: (واحد البيلو) لاڏلو، پيارو، محبوب، (سن ـ آلپ+ ويل. ويل، نخرو كرڻ).

٢. **نخوت:** ع ـ ناز، وڏائي، لاغرضي، غرور.

٣. **قوس قزح:** (ع ـ قوس ؛ كمان، قزح: پتاپٽي) رنگارنگي كمان، ڏكهي كمان، قزح فرشتي جو نالو آهي جو بادلن مٿان مقرر ٿيل آهي، اندلٽ.

٤. **ابرو:** ف ـ پرون.

كمان: ف ـ خر واري، كبي، مڙيل.

ضرب: ف ـ ڏڪ، نشان.

الامان: ف ـ رب جي پناهه، توبهه.

سل: سوراخ، چاڪ، زخم، ٽنگ، (سن ـ شَلَيَ).

پيكان: (ف ـ واحد ـ پيڪ: چهنب) تير جي نوڪ. هتي پنبٽين سان مشابهت.

٥. **كجاكج:** ڏنگا، وروكڙ، پيچدار، خم، ٽيڙو (ف ـ كج).

محراب: ع ـ مسجد ۾ امام جي سجدي واري جاءِ، جا مرغول شكل يعني كمان وانگر گولائي سان هوندي آهي.

مصحف: (ع ـ صفحن وارو) كتاب، پستڪ، قرآن شريف.

اعراب: ع ـ لاكنائون يعني اهي علامتون، جي لفظن كي متحرك كن ٿيون، جهڙوڪ زير، زبر ، پيش، مد وغيره.

سپارا: (ف ـ سي ؛ ٽيه + پارا ؛ پاڳا) قرآن شريف جا ٣٠ پاڳا.

باب: ع ـ سبق، كتاب جا فصل، دروازو.

برهه جا باب: عشق جا داستان.

٦. **چٽك:** چٽكو، جهلكو، تجلو، (سن ـ چٽل).

كٽك : گوڙ، لشكر، فوج، (سن ـ كٽك).

الڪ: بندش، ركاوٽ، آڙ، (سن ـ اَرتَ + ڪ).

آلڪ جي الڪ: الڪ درياهه جي آڙ.

نوٽ: هتي معني آهي ته جنهن چيز عاشقن كي محبوب سان ملائڻ ۾ الڪ ٿي وڏي، سا به هو ٽپي پار پيا. اهو اشارو مايا جي بندش طرف آهي، جنهن ۾ هيءَ

وجود بہ اچي ويو، جنهن جي وسارڻ سان انسان پاڻ سڃاڻي ٿو. جنهن پاڻ سڃاتو، تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو. اهڙن عاشقن کي هي مايا جومهراڻ اٽڪائي نہ ٿو سگهي.

سيف: ف ـ ترار.

سٽڪ: آ- سٽڪو، آواز، **ڪڙڪو:** سڙڪو.

جهٽڪ: جهٽ، تکڙو، تکو، سٽ، ڪاهه، اچانگ، جهڙپ، (سن ـ جهٽتي).

سٽ: عيوض، متاسٽا، سودو، سائو، (ڏن ـ ساهتيه).

ٻڌڪو : آ- ڏوڪاري، سٽڪو، مارو.

۷. **چهيلن:** (واحد- چهيلو) سهڻو، نازنين، معشوق، (سن ـ چَو + ال + ڪ. چَو، سونهن، چي، ورهائڻ).

چلا: گول ، گهنڊي دار ، پيچ دار، (سن ـ چلي : ول).

مُو: ف ـ وار.

مکيڙيا: مکيڙڻ، چڙ وچڙ ڪرڻ) پکيڙيا، (سن ـ مُک + کيڙيا).

نيم شبي مهتاب: اڌ رات جو چنڊ.

مشعلا: (ع ـ مشعل روشن) شمع، ڏيئو.

تاريڪي: ف ـ اونداهي.

تيجارا: تيج وارا، روشن، چمڪندڙ، (سن ـ تيج + آرا).

آجهلا: جهل ۾ نہ اچڻ وارا، اڻ ٽر، بي ڊپا، (سن ـ آ : نہ + جهل).

۸. **سنبل:** ع ـ گل جو قسم، جو رنگ جو ڳوڙهو ڳاڙهو ڪاري جهلڪ تي ٽيندو آهي.

سلا: (واحد ـ سلو) گونچ.

واسينگ: هڪ وڏو زهريلو نانگ، جنهن جي مٿي ۾ مڻ ٽئي ٽي. شاعر معشوق جي وارن سان پيٽيندا آهن، جو اهي بہ ائين ٿا عاشقن جي دل کي ڏنگين، جيئن واسينگ نانگ. پڙ پريان ائين پيا نظر اچن، جڏڪ نانگ ڪر ڪڍيو وڪڙ هنيو وينا آهن. (سن ـ وش: زهر + انگ : عضوو).

٩. **ولا:** وڪڙ، وراکو، (سن ـ بَلِ).

ورهه: برهه، عشق، (پرا ـ وِرَهَ، سن ـ وِرهَ).

ڪُلاءِ: ڇا لاءِ.

واصل: ع ـ مليل ، ملندڙ.

ولیون: (واحد ـ وٽ) وند، وراهه، اڙيون، (سن ـ وَنَتْ).

واصل کي ولیون الخ: دنيا جا جملي حساب ڪتاب ويڙهي سيڙهي رکين.

١٣. **حقاني:** ع ـ خدا جي.

گولاڙا: (واحد ـ گولاڙو) ٻانها.

لڪر لڻا: اڻ ڄاڻ، عشق کان غير واقف، خالي، سکٹو، (هير ـ ڻلو).

١٤. **وير:** عيوضو، دشمني، (سن ـ وَيرَ).

پاڻون پوندءِ پير الخ: هن بيت ۾ سچل سائين قاضيءَ کي گويا دعا ڪئي آهي ته خدا ڪندو ته توکي به عشق لڳندو، ڇاڪاڻ جو فقير صاحب جي خيال ۾ عشق جهڙي متبرڪ ءِ نيڪ چيز ڪانه هئي.

١٥. **ٻلي:** وس، هٿ، اختيار، (ف ـ بِل).

بَلي: ف ـ هائو، اتر ، اعليٰ وهه واهه.

آڙاهه: باهه جو پنيٽ يا مچ، ڪُنڊ، سمند، مشڪل. (سن- آورت)

١٦. **ناطق:** ع ـ صاحب عقل، ڳالهائڻ وارو.

روب: دهشت، حشمت، تاب، (ف ـ رعب).

روي: سج، (سن. رَوِ).

١٧. **سهمان:** مهٹا، طعنا، ايذاءِ ڇڙيون، خوف، هراس، (پرا ـ سُهُرَ).

چڪن: عاشق، موهت، مست، پريشان، حيران، (سن ـ چَڪتِ).

چمان: ناز نخرا، اکيون، (ف ـ چشم).

سمان: (واحد ـ سمو) وقت، ويل، (سن ـ سَمَيَ).

١٨. **راشي:** سادي، ڪمزور، (ف ـ راشه).

خاشي: خاصي، چڱي، خاص، عمدي، (ع- خاص).

فهمي فهماشي: ع ـ فهم واري، خيال واري، سوچ سمجهه واري .

قراني حاشي: قرآن شريف جي ورقن جي چوڌاري ڇڏيل حاشي.

نوٽ: آڪاڻي وقت ۾ امير ماڻهو قلمي قرآن شريف لکائي ان جي حاشيءَ تي قسمين قسمين گلڪاري، جڙاءُ ۽ طلائي ڪم ڪرائيندا هئا.

ڪاشي: هندستان جي اوپر طرف هڪ شهر، جتي هندو تيرٿ ڪرڻ ويندا آهن.

منزلون: (ع- واحد- منزل، نزل ـ هيٺ لٿو) جتي گهوڙي، اٺ يا ٻي سواريءَ تان لهي آرام ڪجي.

آرامگاهه: بيهڪ جي جاءِ (ع ـ واحد ـ منزل).

(ڪافي ـ ١)

سلياڻون: (سلڻ) ڏسڻ، ٻڌائڻ، چوڻ، ظاهر ڪرڻ، (سن ـ سَمْلَپَن، سمر+ لپ، چوڻ).

پرجهي: (پرجهڻ، پروڙڻ، سمجهڻ، ڄاڻڻ، (سن ـ پربُد).

وحدت: (ع ـ واحد ، هڪڙوئي) هيڪڙائي (ذات ۾ اڪيلو).

ڪثرت: ع ـ گهٽائي، وحدت جو ضد.

مورائون: اصلئون، مورِ.

(ڪافي ـ ٢)

چوٽ: ضرب، صدمو، ڏک، (سن ـ چوٹیہ).

(ڪافي ـ ٣)

ٻيران: ف ـ پريشان، بيزار، حيران، ويران.

ديوان: چريو، (ف ـ ديوانہ).

تبرن: (ف ـ واحد ـ تبر)ڪهاڙي.

داستان ٻيو

١. **زقوم:** ع ـ ٿوهر . ٿوهر جي کير ۾ زهريلو مادو ٿئي ٿو، تنهن ڪري زقوم زهر جي بدران ڪم ايندو آهي. قرآن شريف ۾ ان کي دوزخين جي خوراڪ چيو ويو آهي.

هلاهل: ف هڪ زهردار ٻوٽو، جو قاتل زهر جي بدران ڪم ايندو آهي.

هاتڪ: عامل، هوشيار، چالاڪ، داناء، حريف، تجويز وارو، (ع ـ حاذق).

هجوم: ع ـ ميڙ، انبوهه، غلبو.

رسوم: (ع ـ واحد ـ رسم) رواج، ريت، رسم.

صراحي: ڪهڪهي (مرشد جو فرض)، (صُراح : شراب).

٣. **بقا:** ع ـ هميشه موجود، اڪٽ، هستيءَ جو قائم رهڻ، جنهن کي فنا نه هجي.

فاني: ع ـ ناستي، ڦوٽي وانگر پاڻي ۾ گم ٿي وڃڻ، صورت بدلائڻ، الله جي نور ۾ محو رهڻ.

فراقي: (ع ـ فرق ـ جدائي) وڇوڙو، جدائي، ويڇو، تفرقو.

ساقي ڏجانءِ باقي الخ، اي ساقي، مونکي بچيل اوبر (خيال جي طاقت) عطا ڪر تہ مان اها پي تنهنجي عشق ۾ دائم قائم رهان.

٤. **مينا:** ف ـ شراب جو شيشو.

٥. **ميثاقي:** (ع ـ ميثاق: انجام) وعدو يعنيٰ اهو انجام جو روحن خدا تعاليٰ سان ڪيو تہ تون انسان جو رب آهين.

لا ۾ موجودات: ع ـ لاموجودات الاالله يعنيٰ الله ربءِ ٻيو ڪجهہ بہ موجود ڪونهي.

٦. **پاڪي:** پاڪ وارو، بخت وارو، نصرت وارو، (سن ـ پاڪيہ).

٧. **وحي:** ع ـ الله طرفان موڪليل پيغام جو حضرت جبرئيل فرشتہ جي معرفت پيغمبر تي نازل ٿيو.

٨. **منڊ:** شراب، (سن ـ مَديہ).

٩. **حسبي:** ع ـ تسبي ڦيرائڻ، شمار ڪرڻ، ڏٺي جو ذڪر ڪرڻ.

ترڪ: ع ـ ڇڏڻ، تياڳڻ.

ڪسبي: ع ـ ڪسب وارو، ڏنڊي وارو، پيشي وارو، (ع ـ ڪسب).

نوٽ: اي پرهيزگار ملان، جيڪڏهن تون حبيب جو حسن ڏسين يعنيٰ ڏٺيءَ جو ديدار ڪرين تہ هوند تو اها تسبيح ڇڏي ائين ٻيو چوين تہ بس بس هي ڪافي آهي، مونکي ٻيو نہ گهرجي.

١٠. **قطرا آب عرق:** پگهر جا ڦڙا.

جهلڪن: چمڪن، چلڪن، (پرا ـ جهلَڪَ).

داڻا: پگهر جا ڦڙا، ڪڻا، ڪڻ ڪڻ، (ف ـ دانہ).

درڪ: چير سوراخ، چاڪ، (پرا ـ دَرَكَ).

١١. **ڪنڊا:** ڪنڊا وڪڙ سان، پيچدار، (سن ـ ڪُندلَ).

ماڻڪ: ماڻڪيون (اڪين جي تاري جو وچون چڪر) رتن، لعل، (سن ـ مَڻيكَ)

محرابي مرغول الخ: پرينءَ جي پيشاني تي ڇلاڇلا گهندي وار اهڙي تہ ڪمان وانگر گولائي سان ٺهيل آهن، جهڙو گويا مسجد جي محراب جو مرغول.

١٢. **حبشي:** ع ـ شيدي، ڪارو..... ؟

ڪشي: ف ـ ڪشيدن: تاڻڻ) تاڻي.

رشي: مهنت، خدا وارو، بزرگ، (سن ـ رُشِ).

١٣. **آيتون:** ع ـ (واحد ـ آيت) نشاني، مثال، تمثيل، قرآن شريف جو فقرو.

مطالع: اپياس، پڙهڻ، (ع ـ مُطالعه).

قاري: ع ـ پڙهندڙ، مٺي آواز سان پڙهندڙ، هتي قرآن شريف جو قابل پڙهندڙ.

هِجي: زير زبر سان (ع ـ هِجاء).

روان: لس پڙهڻ.

١٥. **خاصو خوب خيال** الخ: اي طالب هيءَ پنهنجو عمدو خيال هميشه دم (سوانس) سان پيو ڪڻ، يعنيٰ الله جو نالو دم ۽ خيال سان وٺ.

وحدت جو وصال: هيڪڙائيءَ ۾ فنا ٿيڻ.

پانڌوڙي: پنڌ ڪندڙ (خدا جي طرف)، حق جو طالب، قاصد، پهي، مسافر (سن ـ پنْڌكَ).

اناالحق: ع ـ مان سچ، مان خدا، اهم برهم.

عبدالحق: سچل سرمست جي مرشد جو نالو، جو سندس چاچو پڻ هيو.

(ڪافي ١)

وهلور: بيزار، تنگ، حيران، پريشان، (سن ـ وِهوَلَ).

چُور: پرزا پرزا، ناسُ، ذرا ذرا، غرق ٽيل، ڏڏ، پيٽل، (سن ـ چُورڻ).

تاراج: ف ـ لٽ، ڦر، غارت، ناس.

شعور: ع ـ فضيلت، سليقو، ڄاڻ، سمجهه، سياڻپ .

ڪلور: ظلم، زبردستي.

قتور: ع ـ قتل.

(ڪافي-٢)

قرار: ع ـ انجام، وعدو، آرام، قائم، زور وارو.

ڪامل: ع ـ ڪمالات وارو، هوشيار، قابل، پورو، مڪمل.

خمار: ع ـ نشو، محبت جي مستي.

ماڙ: واهر، مدد، پلائي، مهرباني، (سن ـ مَـ).

چاهون: چاهه مان، شوق مان. چاهه، محبت، خواهش، عشق، لاڙو، پيار، (سن- اِچڇا، اِش، مرضي رکڻ).

داستان ٽيون

١. **واچڙ:** پڙهڻ، جاچڻ، (سن ـ واچن، وچ، پڙهڻ).

٢. **سحي ڪيو:** سڃاتو.

٣. **لڙهان:** (واحد ـ لڙهه) ستون، قطارون، مالها.

لس: ساندهه، هڪ پي پويان، ساهه پٽڻ ڏاران.

٣. **رقيب:** ع ـ هڪ چيز جا به طلبگار، دشمن، لاڪو، نگهبان، خدا جي ٩٩ نالن مان هڪ نالو.

٦. **ساڻ:** ذوق، مزو، لذت، سواد، شوق، (سن ـ ف ـ سواد).

٧. **اٽياڻين:** چياڻين (اٽڻ)، (سن ـ أڪت).

جر: لهس، جيي، باهه، ڪاهه، ساڙو، سوزش، (سن ـ جوَلَ).

جيري: باهه، جيي، شعلو، آگ، (سن ـ جوَلَ).

٨. **نامو:** ف ـ خط.

پڙهڻ وار: پڙهڻ شرط.

٩. **رقعو:** خط، (ع ـ رقعه).

١٠. **نهران:** نهر، نندو واهه، هت اکهون، (ع ـ نهر).

نچوبو: زور ڏئي پاڻي ڪيڻ، نپوڙڻ، وهڻ، ڳڙڻ (اکين مان ڳوڙهن جو)، (سن ـ نشچو تت، نيپوڙڻ).

نيڻ نچوڙڻ: اکين مان پاڻي هارڻ، ڳوڙها ڳاڙڻ.

جارون: جار مان. جار ، ڏک، جهوراڻو، سوز، عشق، ساڙو، درد، (سن ـ جوَال).

جر: پاڻي، اکين جو آب، ڳوڙها، لڙڪ، هنجون، (سن ـ جَلَ).

١١. **خمار:** ع ـ نشو، محبت جي مستي.

جيڪس: شايد.

پنو: آلو ٽيو. پنڻ ، آلو ڪرڻ، پسائڻ ، (پرا ـ اپينجن ، آلو ڪرڻ).

١٣. **عبارت:** ع ـ بيان، ڳالهه بيان ڪرڻ.

١٤. **اوٽڻ:** هارڻ، پلٽڻ، (گم ـ اوتَ).

١٥. **مان هون:** مون کان.

١٧. **پڙهندي پنو.... آنديون آيون:** جنهن محبوب جي طرف جو خط واچيو، تنهن کي اکين اڳيان آنڌاري آڻ.

١٨. **عريضو:** (ع ـ عرض، اڳيان رکڻ، پيش ڪرڻ) خط، عرضداشت.

١٩. **شوڪارو:** ٺڏو ساهه، سيڪارو (سن ـ سيڪار).

٢٠. **گولدر:** غم، (ف ـ غم و درد).

٢١. **ڪتابت:** ع ـ خط، لکت، لکپڙهه، نياپو.

٢٢. **پني ۾ پيغام الخ:** هي اشارو پاڪ ڪتابن طرف آهي. جيڪي پيغام خدا جي طرفان پي آيا، سي هت سندس پيغمبر ۽ اوتار پنن تي لکي ان مان هڪ پاڪ ڪتاب تيار ڪري خلق کي ان مان واقف ڪندا رهيا.

سي نه سمجهن عام الخ: اهي الله جي طرف کان پهتل پيغام، جيڪي خاص طرح اشارن ۾ آيل آهن، سي عام ماڻهن جي سمجهڻ جا نه آهن.

٢٣. **بيخود:** (ف ـ بي، سواء + خود ، پاڻ) بي حال، سواء پاڻ يا خودي ۽ جي.

پنو: پيغام، خط، ورق (پاڪ ڪتاب).

٢٨. **سرون:** سر کان (ف ـ سَرْ).

٣٠. **پانڌي:** پنڌ ڪندڙ، قاصد، پانڌيڙو، خابرو، مسافر، (سن ـ پَنْڌَ).

٣١. **اَلو**: باھ جو شعلو، (سن ـ اَلكا).
كامي: كامڻ، پچڻ، سڙڻ، جلڻ، حسد كرڻ، (سن ـ كسامَ).
٣٢. **جند**: جان، جيءُ، وجود، (سن ـ جِيوَ + ش + اندو).
جامو: كپڑا (ف ـ جامہ).
٣٣. **ڏڙكندي**: ڏڙكڻ: لرزڻ ، تڙكڻ ، هوا ۾ هيڏي هوڏي لڏڻ، (سن)
٣٤. **رهبر**: ف- قاصد، پانڌي، سونهو، رهنما.
٣٥. **ايندو ٿيءُ**: جلدي اچ.
جاه ٿئي مون جيءُ: ساه سڌير ٿئي.
٣٨. **رقم**: ع- خط، لكت، حرف، شاهي فرمان.
(كافي)
خاطي: ع- خط آڻيندڙ.
خير صلاح: ع- خوش خير و عافيت، چڱائي ڀلائي.
پار : طرف (سن ـ پارَ).
سعيو: كوشش، تياري، سايو، پاڇو، (ع ـ سعي).

داستان چوٽون

١. **لكيو**: لكپڑهہ، خط.
٢. **مَٽي**: گلا، بدي، برو يا ناجائز ڳالهہ، (ڏن- مَٽن، گ- مانوون).
وهندوور: جلدي موٽ.
٧. **آڻڻ**: زالن جي ويهي كتڻ جي جاءِ، گهر، جاءِ، (سن ـ آيتن).
كتي: (كتڻ، ستّ سوئڻ، اوبڻ) اوبي.
سانباهو: تياري، (سن ـ سنيرو).
٨. **فراق**: (ع ـ فرق : وڇوٽي) جدائي، وڇوو، ڦوڙائو، ورهہ.
والي: ع- سنڀاليندڙ، حاكم.
٩. **دستو**: مچو، گلن جو ڇڪو، مٺ، لپ، ڦورو، (ف ـ دسته).
وهسان: وهسڻ، خوش ٿيڻ، كلڻ، تڙڻ، (سن ـ وهسن، وِ، گهٽو + هس، كلڻ).
١٠. **هاريون**: (واحد هاري) موڪي، بيوقوف، نادان، هار كاڏل، جيتيل، (سن ـ هرتَ).

نامي: نامون، خط، چٽي، (ف ـ نام).

١١. **پهو:** ڪپهه جي پوٽي.

ويس تند ڇڇي الخ ـ ساهه جي تند ٽٽڻ بعد هي ديهي اچي پٽ پوي يعنيٰ ڏرتيءَ داخل ٿئي.

جهوري: ڪُٽي، ڪوراٽو، جهوراٽو، رنگڻ، (سن ـ ڪشر).

جهجڻ: ڳڙڻ، وجهڻ، خم ڪرڻ، گهٽو روئڻ، (سن ـ ڪُشيه).

پت: طرح، ريت، رسم، (سن ـ پَڪت، پرا ـ پات، هـ ـ پانتَ).

ور: مڙس، ڪانڊ، پتار، (سن ـ وَرَ).

١٣. **حشر:** ماتر، وري اٿڻ، (قيامت جو ڏينهن).

١٤. **وار:** ڦيرو، ويرو، ويرم، پلڪ، وقت، (سن ـ وارَ).

١٥. **حجان:** واحد حح، حجت، اُميد، آسرو، ڀروسو، (ع ـ حُجت).

١٨. **ديون:** ذرا ذرا، پرزا پرزا، چمڪڻ، تابش ڪرڻ، (سن ـ دشا ديُتي).

در: موتي، جواهر.

داڻي: داڻو، ڏڙو، ڪٽو، ڪڻ ڪڻ (ف ـ دانه).

٢٢. **نڪٽي:** بي ثمر، سڪٽو، جنهن کي ڪٽو نه هجي، سڄو، بلڪل، پورو پورو، (سن ـ نِكِلَ).

٢٣. **لرزوئي:** (ف ـ لرزش) ڏڪڻ.

٢٩. **ڪونچائي:** (ڪونچائڻ، ڏڪي ڪرڻ) ڏڪي ڪري.

٣٠. **ٻاٻهل:** پڪيءَ جو نالو جو هميشه مينهن جي ڏڙن تي گذران ڪندو آهي ذرو به گرمي برداشت ڪري نه سگهندو آهي، تاڙو پڪي، خوب صورت ماڻهو، (سن ـ وَ پِبهَ ، هيم ـ بَپِيئو).

(ڪافي)

هواءِ، آرزو، اشتياق، خواهش، حرص، (ف ـ هوا).

ورناءِ، ورنائڻ، اڳهائڻ، قبول ڪرڻ، مڃڻ، (سن ـ وَرَٹان).

وايون: واحد، وائي، آواز، ٻولي، ڳالهه، سنئين سڌي ڳالهه، (سن ـ وارتا).

سُر سهڻي

داستان پهريون

هن سر جو نالو اصل ۾ "سر توڙي" آهي، پر جيئن جو منجهس سهڻيءَ جي سونهن، سوڀيا ۽ سچائيءَ جو ذڪر آيل آهي، تنهن ڪري "سر سهڻي" جي نالي سان مشهور آهي. هيءَ راڳڻي صبح جو پهرين پهر ۾ ڳائڻ ۾ اچي ٿي.

١. **سهڻي:** اصل تلا ڪنڌ جي نياڻي هئي. سندس لاثاني سونهن ڪري ڪيس سڏيندا ئي سهڻي هئا.

ميهار: ميهر، مينهون چارينڊ، سندس اصل نالو عزت بيگ هو.. هو بخارا شهر جي هڪ وڏي واپاريءَ ميرزا عالي بيگ جو فرزند هو. هو سهڻيءَ جي عشق ۾ ميهار بڻيو.

مهر: ف ـ ديا، مهرباني، محبت، قرب.

سِير: درياهه جو وچ، تڪ، اونهو پاڻي.

٢. **قرب:** ع ـ ويجهڙائي، نزديڪي، پسنديءَ جهڙو، ڪم، وصل.

ڪارونيار: (سن ـ ڪال: ڪارو، پيار: ڏڳ) ڪارنهن جو ڏڳ، ڪڪرن جي ڪاراڻ، آسمان جي اونداهي، سمنڊ جي ڪاراڻ.

٣. **ساهڙ:** محبوب، پياروِ، اڪثر ميهار کي انهيءَ نالي سان سڏيو ويو آهي، ساهڙ درياهه کي به سڏيندا آهن، (سن ـ سَهاردَ).

۴. **ڪچو:** ڪچو دلو، جيڪو سهڻيءَ جي سَسُ مٽائي رکيو هو، جو سهڻي پُل ۾ ڪٽي درياهه ۾ ڪهري ۽ ڳري وڃڻ سبب ٻڏي مُئي، (سن ـ ڪَشَڻ).

سنگ: سنگت، نسبت، (سن ـ سنگم، سِر: ساڻ + گم: وڃڻ).

۵. **ڪهوري:** قربان ڪري، (سن ـ ڪهُورڻ).

ڪهير تڙ: درياهه ۾ ڪهڙ لاءِ سولي جاءِ، پاڻي پيئڻ جي جاءِ، (سن ـ ڪهٽ).

تارونڙي: پاڻي تي ترندڙ هڪ ڪاري رنگ جو جيت، جو واهن ۽ تلائن ۾ ترندو وتندو آهي، (سن ـ تَر + آوڙا).

٦. **چڑن:** (واحد- چڑو) مينهن جو گهنڊ، گهنڊڻي، ٽلي جا وهڻن جي ڳچيءَ ۾ پڌندا آهن.

چونگار: آواز، جهونگار، جهيڻو آواز، (سن ـ جهنكار).

٧. **ڏهن:** چاڏهن، ساڙهه، چونريون، (سن ـ دَهم).

وچين: ٽپهريءَ جو وقت. ٽين نماز کي وچين چوندا آهن.

اچن: کيرن، (سن- اچ؛ اچو ـ صاف).

٨. **ڪانگهاريون:** (واحد ڪانگهاري) اها مينهن جا گهٽن ڏينهن کان ويامل هجي.

ڪپر: ڪنارو، آتاهين ڪنڊي، (سن ـ ڪپال : ڪاپار).

رنيون: (واحد رنپ) مينهن جو آواز، (سن ـ رنپ).

٩. **واهه:** واٽ، رستو، (سن ـ واتَ).

سيڻاهه: سيڻهه وارا، (ع ـ شَنه: سيڻهه).

ڪاهون ڪاهه: هڪلون ڪري.

پرور: ف- پالينڊ، رب، ڏڻي، (ف ـ پروردن : پالڻ).

١٠. **هچ:** هچڻ، ٽڪجڻ، ڳمڻ، هجڻ، عذاب سهڻ، (سن ـ هَت).

هيڻا: ڪمزور، (پرا ـ هيڻ، سن ـ هين، ها، ڇڏڻ).

سپاريائين: سپارڻ، حوالي ڪرڻ، سپرد ڪرڻ، (ف ـ سپردن : حوالي ڪرڻ).

لاکو: درياهه جو مالڪ، خواجه خضر، جند پير.

ليڻا: ڦاٽل ڪپڙا، ليڙون، مسڪيني حال، (پرا ـ لت، سن ـ لَكتَكَ).

١١. **هنئي:** هجيل، ٽڪل، نياڳي، مٽي، (سن ـ هت).

واهڙ: ڪَسُ، نديو واهه، درياهه جو ڦاٽ، نديو وهڪرو، (سن ـ وَهم).

ويرن: (واحد ـ وير) چولي، لهر ، (سن ـ ويلا، ع ـ مُد).

وهيڻي: هٿ وس، پروس، (سن ـ وَشِيَنَ).

١٢. **دادلي:** لاڏلي، پياري، سڪيلڏي، (سن ـ تات + لي).

جل: پاڻي، (سن ـ جل).

خاڪي: ڪچو دلو (هيءُ فاني وجود) (ف ـ خاک : مٽي).

خلل: ف ـ حرکت، خوف، خطرو.

مٹي جو محل: ڪچو دلو (هي سرير).

۱۳. **سالم:** ع ـ سليم، صاف دل، شريف، سلامت، توانو، ثابت.

ڏڏڪا: هيبت، هڪل، (سن ـ ڏوم).

هٽڙ ٻٽڙ: بنا دلي يا تبني يا سٽيهه جي، ڪنهن ترڙ جي سهاري کان سواءِ.

دم: ف ـ روز، درياهه جو ساهه، درياهه جو ڦوڪجڻ.

۱۴. **تانگهو:** ننڍو يا ٿورو پاڻي، (ف ـ تگ).

عليل: ع ـ مريض، بيمار، هٽيو، ضعيف.

اوٽڙاءِ: اوٽڙ کان، اوجهڙ يا ابتو تڙ ، ڏکيو تڙ ، تڙ کان پري، (اَوَتَرَ).

ساءِ: مزو، سواد، لذت، شوق، ذوق، (سن ـ ف ـ سواد).

۱۵. **سائر:** سمنڊ، (سن ـ ساگر).

سهس: سهسين، گهٽا، (سن ـ سَهسرَ).

مانو: مانو، بيڊل پاڻي، ڍِلو، جهڪو، هلڪو، (سن ـ مَنتر: آهستي).

لس: پاڻي جي لس ليٽ يا آڇ، (سن ـ لَسَ).

شرط: ف ـ لازم ڪرڻ، اها چيز جنهن تي ڪنهن چيز جو هجڻ منحصر هجي، هڪدم.

شهه: ف ـ شڪست، چڪاس.

۱۶. **تراءِ:** سڌ سماءِ، خبرچار، (سن ـ تَلَ + پاوَ).

۱۷. **تار:** اڻ کٽ پاڻي، اونهو بحر، بيحد، گهڻي.

وچون وڇڻ: وچ مان لنگهڻ (پاڻ سڃاڻڻ).

پاڻي: درياهه (ساڳي رب واري ذات).

۱۹. **دُور:** ف ـ پري.

وڇڻي: لڳي، چٽڪي.

ڪڙڪو: آواز، هل، سٽڪو.

دهلي: دهلجڻ، ڍڇڻ، ڪنبڻ، ڏکڻ، (سن ـ دَر: ڍڇڻ + هل: ڏکڻ).

(كافي-١)

گهڙو: دلو، (سن ـ گهَتَ).

پيلو: ملاوت ڪيل، اڌ ڪچو اڌ پڪو، (گ ـ پيرو).

داب: دٻاءُ، (پرا ـ دب، سن ـ دَرپَ).

لاري: آسرو، لغار، لڙهه.

اکيرئون: اکير يا سڪ مان، (سن ـ اُتكَلِكا).

(كافي-٢)

موح: ف ـ مستي، پاڻيءَ جي لهر، پور، ريچڪ.

ساوڻ: ساوڻ جي مينهن وانگر، (پرا ـ ساوَڻ).

سارنگ: جهڙ، دس، مينهن وسڻ، (سن ـ سارنگ).

ورهه: نِينهن، عشق، (سن ـ وِرَهَ).

وسايان: وسائڻ، گذارڻ، ڪاٽڻ، (سن ـ وسِن، وَسُ، رهڻ)

(كافي-٣)

اپڙڻ: مٽي نڪرڻ، باهر منهن ڪڍڻ، مٽي چڙهڻ، وک وڌائڻ، (سن ـ اُتپتن).

دور: ع ـ قير، زور، جنبش، درياهه جو پير، پاڻي جو چڪر، درياهه جو زور.

وڙون وَڙو: احسان، پلائي، سلوڪ، لياقت، (پرا ـ وَتَ، سن ـ وَرتَ).

(كافي-٤)

فوق: ع- مٿاهون.

تحت: ع ـ هيٺاهون.

چر: تمام تکو، تيز، اَتل، ليٽ.

چلڪ: چلڪڻ، لڏڻ، چَلڻ (سن ـ اُچلَنَ).

سُر ڪوهياري

داستان پهريون

ڪوهياري: (ڪوهہ: جبل) ڪوهہ واري. هيءُ نالو سسئي کي ڏنل آهي، جنهن پنهونءَ پويان ڪوهہ ڪاٽيا ۽ جبل جهاڳيا، تنهن ڪري مٿس ڪوهياري نالو پئجي ويو آهي يعني ڪوهہ واري. ڪن جو قياس آهي تہ پنهل ڪيچ مڪران جي حاڪم جي سموري سلطنت جبلن ۾ ٽڪرن جي وچر پکڙيل هئي، تنهن ڪري پنهل کي ڪوهيارو يعني ڪوهہ وارو ڪري ڪوٺيو ويو آهي ۽ سندس زال کي ڪوهياري يعني ڪوهيار جي زال ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو. سسئي پنهونءَ جو سمورو واقعو سر ڪوهياريءَ ۾ ڳاتو وڃي ٿو سر ڪوهياري نج سنڌي راڳڻي آهي.

سسئي: چند جهڙي سهڻي، چڱي نالي واري، ساراهيل، (سن ـ ششي).

پنهون: ڪيچ مڪران جي حاڪم جو پٽ هو. جنهن پنهور شهر ۾ سسئي سان شادي ڪئي هئي ۽ هو ذات جو بلوچ هو.

۱. **اوڳو:** موڳو، موڙهيل، نادان، (هيم ـ اوگيہ).

اوڳاڙڻ: پرا ـ اڳاڙڻ، سن ـ اُدگاڙڻ) چهاڙڻ.

لٻون، لاڻا، لاسيون: ٽر جون ٻوٽيون ۽ وڻ آهن، جي ڪٺو ڪري الن جي خوراڪ آهن. (سن ـ لاوڻ).

ليڙو: (للت : زبان دراز) بکواتي، اٽ جنهن جي زبان پيئي ڦري.

لواڙي: لواڙڻ: چهاڙڻ، ڪاٽڻ.

چري: چرڻ، چارو چرڻ، گاهہ ڪاٽڻ، (سن ـ چرڻ).

چُري: چُرڻ: هلڻ ، پنڌ ڪرڻ (سن ـ چر : هلڻ).

پُري: پرڻ: هلڻ، اڳتي وڌڻ، پنڌ ڪرڻ، (سن ـ پالن).

پورو: پوري رنگ جو، پورو اٽ، پور، (سن ـ پرو: پورو).

پٽارو: شريف، پلو، متارو، وهڻ کي پيار وچان پٽارو ڪري چوندا آهن. (سن ـ پٽارڪ).

پٽ پڏر ڪرڻ: ڳالهه وائکي ڪرڻ.

۲. **پلائي:** (ف ـ پالان . وهڻ سنبرائڻ) پلاڻڻ، وهڻ تي بار رکي ويڙ.

ڍڳها ۽ ڍوها: اٺ (ڍڳهو تہ اٺ اصل ٽئي پر ڍوهو ڪيس انهيءَ ڪري چون جو سندس پير ڪڙڪو نہ ڪري).

چلاري: چلائڻ، هلائڻ ، رلائڻ، (سن ـ اُچلن).

چوها: چوهه مان. چوهه، تيزي، تکائي ـ چُهو (هير ـ ڪُشد)

تواريندي: توارڻ، ٻولڻ، آواز ڪرڻ، دانهن ڪرڻ.

توها: تو هوا.

سُٽا: سٽڻ، ٻڌڻ، (سن ـ شرُت).

۳. **ميا:** (مَيہ ، اُٺ) اي اٺ.

اٺ ميا: (آمتَ) ماپ کان مٽي، گهٽي بار وارا ، ڳورا.

گولهي: گيدي، بزدل، (ف ـ گوهه، سن ـ گويہ).

گوهي: ڏيري، گوٽنات، گس گساءِ.

۴. **ڏاڳهو:** اٺ، بار ڪٽن وارو لاڏو اٺ، (سن ـ ٽنڪا).

ڏوهڙ: سسئي، جا محمد ڏوهي جي گهر، ۾ پلي وڏي ٿي هئي. (سن ڏاوَڪہ).

نڏر: (سن ـ نِر ، نہ + آڏار) بي طاقت، بي وسيلي، بيواهي، بيزور.

وندر: لس ٻيلي جي نديءَ جو نالو، جا پپ جبل مان نڪري سونميانيءَ جي ڏاکڻي پاسي کان اچي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.

حب: نديءَ جو نالو، جا ڪراچيءَ ۾رسان وهي ٿي، جا بلوچستان ۽ سنڌ جي ڏکڻ ـ اولهه واري سرحد آهي.

هاڑهو: لس ٻيلي جي اولهندي طرف جبلن جي قطار، جا مڪران سرحد تي آهي.

نوٽ: وندر، حب ۽ هاڑهو ٻنهيور کان ڪيچ جي وچ۾ منزلون هيون، جتي قافلي وارا ساهي پٽيندا هئا.

٥. **چانگو:** (سن- چنگ: مضبوط، متارو) اٽ هميشه مضبوط ۽ متارو ٽئي، تنهن ڪري چانگي جي معني اٽ.

٦. **ويڙ :** وقت، مهل، ويل: (سن ـ ويلا).

چڙو: گهنڊ، ٽلي جا وهٽن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌندا آهن.

چپر: جبل، ٽڪر، ڪوهستان، روهه (سن ـ چَنورَ).

ڀڙي: ادي، اڙي.

ڀانيڙ: سسئي اصل ذات جي ڀانيڙ هئي، جا نانيا نالي ڀانيڙ جي گهر جائي هئي، پر سندس ستاري موجب سندس انگ مسلمان سان لکيل هو، تنهن ڪري هن جي ماءُ پيءُ بدناموسي کان بچڻ خاطر کيس صندوق ۾ بند ڪري درياهه جي حوالي ڪيو، جا پيتي پوءِ محمد نالي ڏوبيءَ جي هٿ آئي، جنهن کيس پالي وڏو ڪيو. سسئي کي ڀانيڙ ۽ ڏوبڙ جي نالي سان ياد ڪيو ويو آهي.

ڀُڙو: داغ، ٽڪو، ڪلنگ، ڇُنو: (سن ـ وِندِ).

مڙو: ميڙ: ملڙ، گڏجڻ، ملائڙ، (سن ـ ميل).

ٽيلهيو: ٽيلهڙ، ڏکڻ، اڀتي هلڻ، پنڌ ڪرڻ، لتاڙڻ، (سن ـ ستاليه).

٧. **پروچ :** پنهون، اشارو خدا طرف.

پول : وعدو، وچن، اقرار، (پرا- بول ، سن ـ بروَ).

قالو: (ع ـ قالو بلي) دنيا جي پيدائش وقت رب روحن کان پڇيو، "الست بربڪم؟ (ڇا مان نہ آهيان اوهان جو رب)". روحن چيو، "قالو بلي (هائو بيشڪ تون اسان جو رب آهين)". شاعر انهيءَ وعدي طرف اشارو ڪري "قالو" جو لفظ آڻيندا آهن.

٨. **ڇُلڙ:** لڏڻ، ڪاهڻ، هلڻ، ڇلڪڻ، (سن ـ اُڇلن).

ڪوهيار: (ڪوهه: جبل + آر) جبل جو رهاڪو يعني پنهون.

٩. **ڀاڪار:** رڙ، دانهن، فرياد، (سن ـ واڪ + آر).

ور: مڙس، پتار، خاوند، (سن ـ وَرَ).

وڇڪار: وڇراهه، لس ٻيلي ۾ هڪ جهنگ جو نالو، جتان سسئيءَ کي لنگهڻو پيو هو، (سن ـ وَنَ + ڪار).

١٠. **سگ سپاپا:** مٽي مائٽي، عزيزي خويشي، ناتا، لڳ لاڳاپا، (سن- سنگ ۽ سجات).

شاڪا شاپا: پٽڪو، ماتم، اوسارو، (ع ـ شاڪ: شاڪو، سن ـ شاپَ: شاپو).

١١. **ڪاڪا:** ڪا، ڪا (ڪائي، ڪائي).

ور وڪڙ: ڏنگ، وراڪا، ڦير، (سن ـ وَلَ).

آري: شريف. هي هوت قوم جي سردار جو لقب آهي. جام پنهون کي ڪڏهن "آري" ۽ ڪڏهن "هوت" ڪري سڏيو ويو آهي. (سن ـ آريہ).

آقا: ع ـ مالڪ، خدا.

ولهي: بي وسيلي، نڌڻڪي، ڪنگال، سڄي، سکڻي، بي رونق، رس ڪانسواءِ، بي جسي، خالي، (سن ـ وِرهت).

١٢. **جار:** صدقو، عشق، چاهه، جهوري، ڏک، درد، ساڙو، (سن ـ جوالا).

بٹباني: بياباني، برپٽ، (ف ـ بيابان).

ماس: گوشت، جسم، ماهه، (سن ـ مانس).

ڪچو: ٽڪو، ڪلنگ، داغ، الزام، ڏنپ، (سن ـ ڪُسنا).

١٣. **ڏونگر:** جبل (هير ـ ڏُنگرو، گ ـ ڏُنگر).

ڏوري: ڏورڻ، ڇولڻ، ووڙڻ، (سن ـ دولیَ).

١٤. **شل ڪيچ** الخ: شال ڪيچ ملڪ وسي، آباد ۽ سرسبز ٿئي.

نوٽ: سنڌ ملڪ ۾ عام آسيس آهي ته "شل ڪيچ ٿيئن." اڳي ڪيچ ملڪ وسيل ملڪن مان هيو.

ريچ: پُور، ريچڪ، امنگ، (سن ـ رچ).

سرواهيا: پهلوان، بهادر، (سرا ـ سرواهي: ترار + واهيو).

سرويچ: بي پرواهه، بي ڊپا.

١٥. **ڪيچي ڪيچ ٽين:** شل ڪيچ ملڪ جا ماڻهو وسن ۽ وڌن.

ميا: (مَيَ : اٽ) اٽ.

١٦. **آيل:** اي ماءُ، اي منڌ، اي زال، سکر زال. ادب وچان ماءُ کي آئي يا آيل چوندا آهن. ڪنهن به عورت کي آئي، مائي يا آيل سڏي سگهجي ٿو. (سن ـ آريا).

اسور: سور کان سواءِ، بي درد، (سن- آ، نہ + شُولَ).

پالد: پلو، سنگت، نوڪ، چوٽي، جهولي، دامن، (سن ـ پراتت).

۱۷. **سرواڻ:** (ف ـ ساربان) اوٺي، جت، شتربان.

ٻاڻ : تير، (سن ـ ٻاڻ، پرا ـ ٻاڻ).

لونءَ لونءَ: وار وار ۾، رڳ رڳ ۾، (سن ـ لوم).

۱۸. **لوڇ لوڇ:** نهارڻ، ڪولهڻ، پريشان ٿيڻ، ماندو ٿيڻ، (سن ـ لوچَنَ).

(ڪافي)

آپار: بي حد، بي حساب، بي نهايت، بي شمار، گهٽا، جهجها، ازحد، (سن ـ آپار، آ، نہ + پار، حد).

اوچڻ: ڪوبہ ڍڪڻ جو ڪپڙو، پناهہ، ڍڪ (سن ـ اَوَچَد).

پٽ: وڇاڻو، پٽڑي، بسترو، وهڻ جي جاءِ، (سن ـ پرستَرَ).

ڪپار: منڊي، ڪوپري، ڪيپراڻي، (سن ـ ڪپال).

داستان ٻيو

۱. **قريب:** ع ـ نزديڪ، دل جي ويجهو يعني سڃڻ، پرين.

گولي: ٻانهي.

۲. **ذوق:** ع ـ شوق، خوشي.

ڪاهل: ع ـ سست، پوڻي پيل، ضعيف.

هوتاڻو: هوتن جو. هوت اصل قـوم آهي، جنهن جي سـردار جو لقب آري آهي. پنهونءَ کي ڪٽي هوت ۽ ڪٽي آري ڪري سڏيو ويو آهي.

حضور: ع ـ حاضري، موجودي، دربار.

مذڪور: ع ـ ڳالهيون، مصلحتون، ذڪر.

۳. **پور:** خيال، فڪر، ويچار، ڳڻتي (سن ـ پُور).

دور: ف ـ پري، پوڻي.

شعور: سمجهه، ساڃاهه، دانائي، فضيلت، سليقو.

۴. **آرياڻي:** آريءَ جو اولاد يعني پنهون، (سن ـ آريه).

۵. **ساريون:** سارڻ، ياد ڪرڻ، سنياڻڻ (سن ـ سمَرڻَ).

ساڻ: قافلو، جماعت، صحبت، سٽ، مجلس، سنگت، (گ.م-ساڻ، سن- سارٽ).

ڪات: ڪاتو، ڪا ڳالهه يا وائي.

مصلات: مصلحت، نيڪ صلاح، ڳالهه ٻولهه، چڱائي ڀلائي (ع ـ مصلحت).

۶. **نماڻي:** نهٺي، صاف دل، ماڻي کان سواءِ، نياز واري، بي ڪس، (سن- نِس + مان).

نال: ساڻ، گڏ، (سرا ـ نال ، سن ـ نڪٽي).

نجو: نيٺ، وڻي وڃڻ، (سن ـ ني، وڻي وڃڻ).

۷. **سُبيل:** تمام گهڻي، جهجهي، سچي، خالص، واٽ (سن ـ سُبهوي + ل).

ڏيل: دامن، ڪنهن به چيز جو اضافي ياڳو، يڪ ساهي، هٿي جوش يا جذبو.

قيل: (ع ـ چيو ويو) ڳالهه، سخن، ڪلام، قيل قال، ڳالهه ٻولهه.

۹. **موڙهي:** بيوقوف، مورک، نادان، مت ماريل، (سن ـ موڍ).

مدام: ف ـ همیشه، لڳاتار، هر وقت.

ٿر: ريگستان، وارياسو پٽ، ويرانو (پرا ـ ٿل ، سن ـ سٿل).

۱۰. **حقير:** ع ـ جنهن کي حقارت سان ڏسجي، نيچ، ڪمزور، ضعيف، ڏڪاريل، نفرت جهڙو.

نڪار: نڪمي، ڪنهن ڪم ڪار جي نه، (هيم ـ نڪٽام، سن ـ نرڪرم، نر: سواءِ + ڪرم: ڪار، جو ڪنهن ڪم جو نه هجي).

۱۱. **هن دم:** هن وقت، هڪدم.

۱۲. **مُور:** اصل نه، بنهه نه.

ڏور: پري، پراهين پنڌ، (ف ـ سن ـ دور).

۱۳. **ور:** مدد، واهر، پوئواري، مهرباني، (سن ـ بل).

۱۴. **ڪاڪيون:** اي پينرون، اي چاچيون.

١٥. **اوتڻ**: هارڻ، پلٽڻ، (گ. م ـ اوت).

عليل: ع ـ مريض، بيمار، هيڏو، بيحال.

جهاڳي: پاڻي مان هلي يا لنگهي، تڪليف ڪڍي، (سن ـ ڪشپ).

قط: ع ـ فراق، وڇوڙو، وڇوڙو، ڪنهن سخت چيز جو ڪپڻ، وڍ.

مت: مصلحت، صلاح، نصيحت، سڀ، سمجهه، (سن ـ متي).

١٦. **جالون جال**: جام، گهڻا، بي شمار، مڙو، ڍڳ، ڍير، جهجها، (سن ـ جال).

قافن: (ع ـ واحد ـ قاف) جبلن جي قطار جا چون ٽا ته ساري دنيا جي چوگرد پکڙيل آهي ۽ هڪ زمرد ٿي ٻڌل آهي، جنهن جي عڪس سان آسمان جو رنگ نيرو آهي.

ڪوهه: جبل، (ف ـ ڪوه).

ڪشال: تڪليف، ڏاڪڙا.

وڻڪار: وڻراهه، لس ٻيلي ۾ هڪ جهنگ جو نالو، جتان سسئي جو پنهون جي ڳولها ۾ گذر ٿيو، وڻ جا جهڳٽا، سن ـ ون + ڪار).

١٨. **وو، وو**: هاءِ هاءِ، ڏک جي ٻولي، واويلا.

١٩. **مُئي**: مصيبت ماريل، هيسيل، ڪمبخت، (سن ـ مُنّر).

پچار: پچارڻ، ذڪر يا بيان ڪرڻ، (سن ـ پرچار).

پچر: ڳالهه، ڳالهه، ذڪر، ريت، (سن ـ پرچار).

٢١. **جلهي**: سست، ڪاهل، (سن ـ جَلَ).

٢٢. **قول**: ع ـ ڏسو داستان پهريون شٽ ٧. هن بيت ۾ فقير صاحب رب سان ڪيل اهو قالو بلي وارو قول ياد ٿو ڏياري.

٢٣. **گوندر**: غم، ڏک، فڪر، (ف ـ غم و درد).

(ڪافي)

همراهه: ف ـ مددگار، ساٿي.

ڏيهه: (ڏيهه، گهاٽو) گهاٽو وسايل ملڪ، سسئي جو وطن. ڏيهه اوائلي گهاٽو وسايل ۽ واپار جو هڪ مرڪز هو.

پرڏيهي: (پر، ڏاريو + ڏيهه، ملڪ) پرديسي، ٻي ملڪ جو.

رڄ: سڄ، ويرانو، رڻ، واري ٿي واري، (اَرڻَيه).

٣. **لڇهرو:** جهوپڙي، گهر، امن جي جاءِ، وَسنهنُ، اجهو، بستي، (سن- نواس+ رو).

٥. **عاجز:** ع ـ لاچار، ضعيف، جنهن کان ڪجهه ٿي نه سگهي.

آهون: "واحد آهه" دانهن فرياد، ڪوڪ، (ف ـ آهه، سن ـ آهَهَ).

٧. **واڪا:** (واحد ـ واڪو) رڙ، دانهه، حيلو، ڪوشش، سڏ، پڪار، (سن ـ واڪ).

واڪ: بنهه.

اڇهن: سُڃهن، نڪرڻ، ظاهر ڪرڻ، اڪلڻ، (پرا ـ اڇان، سن ـ اَدياڻ).

ڇڻ: لفظ، ڪن، (سن ـ ڪشڻ).

گورو: نئون ڇاول اٽ (سن ـ گور).

گس: پيچرو، چارو، رستو، (ف ـ گشت).

ڏونگر منجهان الخ: توکي ڏکن ڏوجهرن مان هوت پنهون (خدا) جو ڏس پوندو.

٨. **لوءِ:** وطن ملڪ، ماڳ، مڪان، جاءِ، ڳوٺ، (سن ـ لوڪ).

الاسي: بي شرم، بي نڪي، بي عقل، نڏ، بي حيا، (سن ـ اناسِڪَ آ، نه + اناسِڪَ: ناس)

پروڙڻ: پرجهڻ، سمجهڻ، ڄاڻڻ، (سن ـ پربُد، پر+ بُد: ڄاڻڻ).

٩. **منهن ڏيڻي:** اڳيان اچي، (سن: مکُ: منهن).

پليءَ پت: ڇڪي طرح، (سن ـ پُکتِ، پرا ـ پات، هـ ـ پانت).

سهرا: (واحد ـ سهرو) منڊ، شادي جا گل قل هار، خوشي، موڙ، (سن ـ شيکر).

١٠. **ورهه:** ڏک، برهه، فراق، وڇوڙو، عشق جو عذاب، (سن ـ وِرهه).

وسايان: وسائڻ، گذارڻ، گهارڻ، ڪاڻڻ، (سن ـ وسن، وسُ: رهڻ).

١١. **ڪانڊ:** مڙس، پتار، يعني پنهون، (سن ـ ڪانت).

جلُ: ساڙو، سوزش، اشتياق، (سن ـ جُول: برڻ).

١٢. **فنا:** ع ـ ناس، ڇٽ، صورت بدلائڻ، الله جي نور ۾ محو، گم ٿيڻ.

١٣. **هيڪند:** هيڪاندي، گڏيل، مليل، واصل، هيڪڙائي، هڪ سان وفاداري، (سن ـ ايڪانت).

١٤. **سل:** سوراخ، ڏڪ، ڦٽ، زخم، چاڪ، (سن ـ شليم).

سلڻ: سوراخ ڪرڻ، عذاب ڏيڻ، (سن ـ شليم، شل: پار وڃڻ).

١٧. **ڏريان:** ڏوريان: ڏورڻ، جهاڳڻ، وڙڻ، (سن ـ دولبہ).

چپ چپات: خاموشيءَ سان، ڳجهه ڳوهه ۾ (سن ـ چپ: ماٺ ڪرڻ).

وڙ: احسان، پلائي، سلوڪ، (سن ـ ورت).

٢١. **جمر:** جيئن ڪر، متان، مبادا.

٢٣. **شادي:** ف ـ خوشي، خوش خبري، بشارت.

ڀڳڻ: (ڀون، ڳهڻو + ڳڻ: خاصيت) ڳهڻ ۽ چڱن ڳڻن وارو، نيڪ.

٢٥. **واجهه وجهڻ:** واجهائڻ، سڪڻ، نهارڻ، جاچڻ، ڪوشش ڪرڻ، (سن ـ بنڌ، ٻڌڻ).

٢٧. **وٽ:** وچوٽي، وٽي، جدائي، فرق، فراق، ويڇو، دير، تفاوت، (سن ـ وِستا).

٢٨. **سير:** ع ـ گهمڻ جو جايون، گس، گذرگاهه، لنگهه.

٢٩. **ازل:** ع ـ روز ازل، روحن جي پيدائش وارو ڏينهن، جنهن کي آد يا شروعات نه هجي، اصل کان، شروعات کان، ڪائنات کان اڳ.

(ڪافي)

پار: طرف، پاسو، (سن ـ پارَ).

قرار: ع ـ آرامي، انجام، وعدو.

ڪنيزائي: ڪنيز واري، نوڪرياڻيءَ يا ٻانهيءَ واري، (ف ـ ڪنيز).

اختيار: ف ـ هٿ وس.

١. **چت:** اندر، من، دل، (پرا ـ چت).

پت: عزت، لج، اعتبار، ويساهه، شان، مانُ، مرڪ، (سن ـ پرتيت).

ڪوهه: ڇا لاءِ، ڇو، ڪهڙي دستور، جبل.

٣. **وار:** لحظو، ويرم، وقت، وير، پلڪ، پل، (سن ـ وارَ).

٤. **هاريون:** (واحد ـ هاري) نادان، بيوقوف، هار ڪاڏل، جتيل، (سن ـ هرت).

٥. **ساءُ:** مزو، لذت، شوق، ذوق، (سن ـ ف ـ سواد).

٧. **سانڀ:** قافلو، جماعت، مجلس، سنگت، ساٿاري، (سن ـ سارٿ).

٨. **پريت:** ڏوهياڻي، ڪٽياڻي، اشارو سسئي ڏانهن، جيڪا محمد ڪٽي جي گهر ۾ پلي وڏي ٿي هئي، (گ ـ پريَتِ).

سگ: مائٽي، ناتو، سنگت، لاڳاپو، نسبت، ساهرو مائٽ، (سن ـ سنگ).

١٠. **رنجور:** ف ـ بيمار، روگي.

١١. **ماءُ:** اي ماءُ.

١٢. **ويهان:** ويهن جي تعداد ۾، يعني ڪٺيون ، ڪيتريون.

نينهان: (واحد ـ نينهن) نينهن مان، پيار، عشق، محبت، (پرا ـ نيه، سن ـ سنيهه).

١٥. **روڏا:** (واحد ـ روڏو) ڪنجو، لسراٽ اٽ، ڪوٺرو، (پ- روڏا).

(ڪافي)

پڙيون: (واحد- پڙي) ادي، اڙي.

نروار: ظاهر ظهور، ڪلايو ڪلايو، (سن ـ نر: بنا، وار: پردو).

بهار: بهاري، خوشي، بهار جي موسم.

۲. **خبر**: خبر ، سڌ، سار، (سن ـ خلا).

مون کي پڇيائون: منهنجي خبر پڇيائون.

۴. **روء**: ف ـ سونهن، ڏيکاءُ، لقاءُ، روپرو، منهن سان.

واسيو: واسڻ، خوشبوء اڀارڻ، سرهو ڪرڻ. (سن ـ واسِتَ).

۵. **تاثير**: ع ـ اثر.

۶. **هُپ**: خوشبوء، هُڪار، (سن ـ واش).

۸. **ڪتوري**: (سن ـ ڪستُوري) خوشبوء، مشڪ، خوشي ناف.

هڪار: خوشبوء، (سن ـ واس).

۱۰. **بات**: ٻولي، ڳالهه، پيغام، سخن، ٻچر، (سن ـ وارتا).

مات: ع ـ جيتل، ماريل، نابود، فنا.

۱۱. **نسورو**: نج، خالص، صاف، نرمل.

۱۳. **راحت**: ع ـ خوشي، آرام، آسايش.

ساهت: ع ـ گهڙي، پلڪ، ٿوري دير.

۱۴. **ڪامل**: ع ـ ڪمالیت وارو، قابل، هوشيار، پورو.

۱۵. **محڪم**: ع ـ مضبوط، پختو، مستعد.

۱۶. **اوجر**: صاف، روشني، سوجهرو، (سن ـ اجول).

سپر: همت وارو، سگهارو، مضبوط، ٻل يا طاقت وارو.

۱۷. **نجهري**: بستي، گهر، جهوپڙي، اجهو، (سن- نواس+ رو).

۱۸. **ڪفايت** : ف ـ مروت، رعايت، ضمانت.

۱۹. **سعادت**: (ع ـ سعيد : نيڪ) نيڪي، نيڪ بختي.

۲۰. **تقويت**: ع ـ قوت، طاقت، ٽيڪ.

صفت: ع ـ تعريف، علامت، حال بيان ڪرڻ، ڳڻ، ڪنهن شي جو نشان.

پر ڪهين: ڪنهن ريت.

(كافي-١)

كيچين: كيچ وارن.

كولج: ڪولهڻ، ڳولهڻ، کولڻ.

لاڳاپو: واسطو.

ڏاهه: (ف ـ داهه) هانهي، داسي.

سنياهه: سنبهڻ، تيار ٿيڻ، سنپرڻ، سانياهو، (سن ـ سنپرُت).

صلاح: ع ـ مصلحت، راهپو، رضامندي، چڱائي، سچائي.

(كافي-٢)

قاصد: ع ـ پانڌي، پيغام آڻيندڙ.

ڏيل: بدن، بت، اندر، تن، دل، جسم، (هـ ـ ڏول).

غرض: ع ـ پرواهه، ڪاڻ، مطلب.

لنوان: لنوڻ، آلاپڻ، لات ڪرڻ، (سن ـ رَوَڻ).

داستان ڇهون

١. **سيندي:** واقف، سونهي، (سن ـ سنڌِ).

٢. **ضعيفه:** ع ـ عورت، زال، زائفا. زال ذات کي سندس ذاتي ضعيفائي ڪري انهيءَ نالي سان سڏيو ويندو آهي.

٥. **لانگها:** (واحد ـ لانگهو) لَکُ، لنگهڻ جو رستو، (سن ـ لنگهه).

لک: جبلن جا سنها پيچرا، (سن ـ لنگهه).

ڪهدان: (ڪوهه +دان) جبلن جي جاءِ يعني جبل ئي جبل.

٦. **مارڳ :** رستو، جاءِ، ماڳ، ماڳ تي، هنڌ تي، وٽ، منزل، (سن ـ مارگ).

ڇاهون: ڇا ڪئون.

اڳاهون: اڳتي، اڳيرو، پري، دور، (سن ـ اگرَ).

تاکيو: ٹکڻ، وڌڻ، پڄڻ، (سن ـ ترڻ).

٨. **جهاڳيو:** جهاڳڻ، پاڻيءَ مان لنگهڻ، تڪليف ڪرڻ، (سن ـ ڪُشپ).

٩. **جانارن:** جانورن، جاندارن، ساهوارن، (ف ـ جانور).

غفا: جبل جي غار، چر، (سن ـ گهَا).

نايون: بلائون، ممون، خاص جبلن ۾ رهڻ واريون آفتون.

سهايون: سهائڻ، برداشت ڪرڻ، (سن ـ سهن، سهـ، برداشت ڪرڻ).

١٠. **رلد:** پيچرو، رستو، پيرن جو نشان، (سن ـ رنڌر).

ڄجهن: سمجهڻ، پروڙڻ، سڃاڻڻ، معلوم ڪرڻ، پائڻ، (پرا ـ بُجهـ، سن ـ بُدْ).

١١. **فرسنگ:** ف ـ وڏو پنڌ، جهجهي جهاڳ، ٽن ميلن جو مفاصلو.

رقون: (ع ـ واحد ـ رق) بند، قيد، سختي، رڪاوٽ.

توهـ: مهرباني، پلائي، فضل، آسرو، راضپو، لطف، (سن ـ توش).

١٤. **تاميا:** اي نالي وارا، اي هاڪارا، (ف ـ نام+يو).

١٥. **سلهاڙڻ:** ڏور ٻڌڻ، جفت ڪرڻ، قطارڻ، گڏڻ، اٽڪائڻ، (گ ـ سروڑُن).

سانگي: سانگ سانگو، اتفاق، سبب، حيلو، (سن ـ سانگتڪ).

١٩. **دِقت:** ع ـ تڪليف، ڪشال.

تصديع: ع ـ آزار، تڪليف .

پي: پرين، محبوب، دوست، (سن ـ پريـ).

١٨. **وصال:** ع ـ وصلت، ميلاپ، ملاقات، گڏجڻ، منهن ڏسڻ، خواهش جي تڪميل، وحدت حقيقي.

يڪسان: ف ـ هڪ جهڙو.

يڪايڪ: ف ـ اچانڪ، هڪ ئي وقت، هڪ ٻي پويان.

١٩. **طلب:** ع ـ گهُر، چاهنا، لوچ، سڪ، ڳولها، ياد حق، حق جو خيال.

نوٽ: حديثن ۾ آيل آهي تـ:

١ـ خدا جي طلب سڀني کان مقدم يا اڳي آهي.

٢ـ خدا جي طلب سڀني فرضن جو مجموعو آهي، يعنيِ انهيءَ ۾ سڀ فرضَ اچي وڃن ٿا.

تڪرار: ع ـ بيشڪ، برابر، تاڪيد، وري وري چوڻ يا ڪرڻ.

(كافي)

جنجال: عذاب، ڏک، جنجل، (سن ـ جنجوال).

ڀاجهون: سواءِ، بن، (سرا ـ ڀاجهون، هـ ـ باج).

فراق: ع ـ وڇوڙو، جدائي.

واجهه وجهڻ: واجهائڻ، سکڻ، نهارڻ، جاچڻ، (سن ـ بنڊ).

وصال : ع ـ ميلاپ، ملاقات.

منجهڻ: مونجهه، تات، وائڙو ٿيڻ، (سن ـ مُجهَ).

جمال: ع ـ سونهن، حسن، خاص خوبي، صورت ۽ سيرت جي خوبي، نور اعظم.

راتيان ڏينهان الخ: خدا جي ديدار لاءِ رات ڏينهن منهنجي روح کي تات آهي.

داستان ستون

١. **وگ** (ورگ)، ولر، گلو، قطار.

لڳ : واسطي، لاءِ.

٤. **لکي:** لکن جو، امُلهه، (سن ـ لاکشا).

٥. **ڏولڻ:** ڳولهڻ، ڏورڻ، (سن ـ دولَ).

ڏيل: بت، بدن، اندر، (هـ ـ دِولِ).

٦. **چليس:** چلڻ، اڇلو ڏيڻ، ٽپو، ڊوڙ، ڊک، چل، کاهون، (سن ـ اڇلن).

٨. **عاجز:** ع ـ لاچار، جنهن کان کجهه به ٿي نه سگهي.

اڃاڻ: اڻڄاڻ، جنهن کي ڄاڻ يا سمجهه نه هجي، (سن ـ اَ : نـ + ججانَ، ڄاڻ).

٩. **لوڇ:** لوچڻ، ڳولڻ، سکڻ، طلب کرڻ، بي آرام رهڻ، (سن ـ لوچن).

ٻاٻل: بابو، چاچو، ٻيءُ.

١٠. **طالع:** ع ـ نصيب، بخت، چڙهندڙ ستارو، قسمت، سياڳ.

مڙهي: مڙهڻ، جڙڻ، گڏڻ، رکڻ، ڏرڻ، (سن ـ مردَنَ).

١١. **سڀئ:** ٻڌڻ ۾ ايندڙ (سڻڻ مان) (سن ـ شرُت).

١٢. **ملهي:** جلهي، ولهي، نڌڪي، مفلس، سکٽي، گيباڻي.

ارتو: رت جهڙو ڳاڙهو پاڻي، رت، (سن ـ آرکت، آ، ٿورو + رکت: ڳاڙهو).

١٥. **ٻُڌڻ:** ٻڌڻ، سڻن، وجڻ، آواز ڪرڻ، (سن- ور).

١٦. **پاهون:** پوٽي، پٽي، (سن ـ پر شٹتھ).

١٨. **ڏاهه:** (ف ـ داهم) ڄاڻي، گولي.

١٩. **ماڙ:** پلائي، مدد، (سن ـ مَدِ).

٢١. **سڏر:** سکر، گھٽو.

مِڙان: مڙڻ، ملڻ، گڏجڻ، (سن ـ مِلَنَ).

٢٢. **صحت:** ع ـ خوش، تندرست، چگو ٻلو.

٢٣. **ڪچ:** ڪچو ڪم، ڪوڙ، ڏوهه، (سن ـ ڪشنا).

پرچ: (پرچڻ مان) خوش يا راضي ٿيڻ، (سن ـ پرچن).

٢٤. **ڪامل:** ع ـ ڪمالات وارو، هوشيار يعني ڄاڻون.

٢٥. **موراثين:** موراثون: اصل، بنهه.

مديون: (واحد ـ مدي) (ف ـ بدي) بچڑايون، خامبون، بديون .

٢٦ . **چٽ:** لذت، چش، (سن ـ چاٹ).

چٽڪي: چٽڪا، زخم، ڏنگ، عذاب، (هير ـ چَٹکَو).

سرس: گھڻا، زيادهه.

سمير: جبل جو نالو، (سن- سُميرُ، س : چگو+ مير: جبل) .

سچلي: سچي.

چوهه: تيزي، تکائي، جلدائي، هڪدم، وَهه جو تِک، (سن ـ ڪُشد).

چٽڪي: (چٽڪڻ مان) چڑڻ، هلڻ، (سن ـ چَٹ).

لٽڪي: لٽڪڻ، لڙڪڻ، هٿ اٽڪائي چڑهڻ، (سن ـ لَٹَنَ).

٢٧ . **ڪينو:** بغض، ويڑ، دشمني، ڪروڌ، بخيلي، نگرتائي، (ف ـ ڪينہ).

ڪبر : ع ـ وڏائي، مغروري، شان، بزرگي.

(كافي)

ہاجھہ: رحم، مهر، دیا.

محتاج: ع ـ عاجز، مجبور، احتجاج وارو .

راج: لج، شرم، ننگ، (سن ـ لجا، لج = شرمائڻ).

راج: راج، ماڻهو، (پرا، راج، سن ـ راجہ).

ساج: مال متاء، ساج ڪاج، سامان، وسيلا، (ف ـ ساز).

حاج: ڪر ڪار، احتجاج، مطلب مدعا، خواهش، (ف ـ حاجت).

احتياج: ع ـ مطلب، مدعا، خواهش.

داستان الٹون

١. **گوندر:** غر، ڏڪ، (ف ـ غر و در).

٢. **هولي:** خوشي، هندن جو وڏو ڏينهن، (سن ـ هولڪا).

٣. **ماڙي:** ماڙ، ماڪ، احسان، پلائي، (سن ـ سِهڪا).

٥. **لچان، لچڻ:** ڦٽڪڻ، بي آرام، ٽيڙ.

اپائڪي: ماندي، اداس، سڪايل .

٨. **فرض:** ع ـ مطلب، پرواهہ، ڪاڻ.

فرض: ع ـ ديني فرض، خدا جو حڪم.

سنت: ع ـ رسول جو حڪم، رستو، عبادت .

٩. **واس:** خوشبوء، (سن ـ واس).

١٠. **مشعل:** ع ـ روشن، شمع، ڏيئو.

١١. **مهتاب:** ف ـ چنڊ.

١٢. **جيجان:** (واحد جيجل) ماء، امڙ.

١٤. **ڪاريام:** ڪيام، پورا ڪيام، (سن ـ ڪرت).

١٥. **تڪ:** اٽڪل، ڪٽ، تڪ تورڻ = ڪٽ ڪرڻ، (سن ـ ڪٽڻ).

١٦. **ڪهہ:** ہن، ڪڏ ہر، قربان، ڪوهہ ہر، (پرا- ڪوو، سن ـ ڪوپي = ڪوهہ).

گوش: ف ـ ڪن.

١٨. **سائيھہ**: وطن، ديس، ڈيھہ، گھر، (سن: سَوَديش).

١٩. **ٹوڪ**: ڪابہ قيمتي شي، ٽول، نعت، مطلب، مراد، اسباب، گھٽو (سن ـ ستوک).

٢٠. **سٽ**: عيوض، مٹا سٹا، سودو، (ڏن ـ ساهتيہ).

٢١. **آٽڻ**: زالن جي ويهي ڪٽڻ جي جاءِ، گھر، جاءِ، (سن ـ آيتَنَ).

أجارين: اجارڻ، اوجر ڪرڻ، صاف پاڪ ڪرڻ، (اَجولَ).

٢٤. **سونھانِ**: واقف، رهنما.

٢٦. **وھانءُ**: شادي، مجلس، وصال، پرٽو، (سن ـ و واهَ).

٢٧. **جڪ**: ايذاءُ، ڏک، درد، سوز، جهوري، (سن ـ جشُ).

ٽڪ: لئو، لاڳايو، پيچ، (سن ـ لكش).

لوري: جهوري، فكر، ڳڻتي، محبت، تير، ڪانُ، اڪير، (سن ـ لولا).

(ڪافي)

اولي: اولڻ، ڦاسڻ، ڏکڻ، اڇلڻ، (سن ـ ارتر).

داستان نائون

١. **قرار**: ع ـ آرامي، انجام، وعدو .

٢. **وڙ** : احسان، پلائي، قرب، لائق، (سن ـ ورت).

٣. **آجهي**: آسري، پناهہ هيٺ، اجهو، گھر، رهڻ جي جاءِ، (سن ـ آشريہ).

٥. **پساءِ**: پسائڻ، ڏيکارڻ، ڏسڻ، (سن ـ پشيہ).

٨. **سريوم**: پورو ٿيوم، حاصل ٿيوم، (سن ـ سرڻ).

١٠. **ڪري**: پوري، سچي، (م. هـ ـ ڪرا).

١٢. **ساس**: ساهہ، دم، (هـ ـ سانس، سن ـ شواس).

١٣. **صحت**: ع ـ چڱيلائي، تندرستي، خوشي.

١٤. **مچي**: مچڻ، خوش ٿيڻ، مستي ۾ اچڻ، (سن ـ مج = مٽي ٿيڻ).

١٧. **تنوار**: آواز، هتي هوا.

١٩. **ناءِ**: نہ آهي، (سن ـ نهہ).

٢٠. **جڙي**: جڙڻ، نهڻ، ملڻ، حاصل ٿيڻ، جوڙ ٿيڻ.

٢٤. **جيڪس**: شايد، متان.

٢٥. **ڏاکڙو**: تکليف، ڪشالو.

مت: سمجهه، صلاح، مصلحت، سبق، نصيحت، (سن ـ متي).

مهتان: (واحد ـ مهڻ) مهميز.

جِهت: محبت وارو، نيهن وارو، (ع ـ جهد).

رفيق: ع ـ ساڻي، مددگار واهرو، همراهه، سنگتي، همسفر.

٢٧. **روهه**: جبل، پهاڙ، متاهين زمين، (سن ـ روهه).

رهسو: رنگ.

وارو: گهڙي، ويرم، پلڪ، ويرَ، وقت، (سن ـ وار).

رت: رت گاڏڻان ڳوڙهو، (سن ـ رکتَ).

٣٠. **رتي**: (سن ـ رتيڪا) ڪاٻه ننڍي شئي، روح ـ رتي، (اسم مرڪب) روح کي وٽندڙ ڳالهه، ريجهه رهاڻ.

لتي: لَت، نوڪر، تڏو، (سن ـ لتا).

٣٢. **اڙانگا**: ڏکيا، مشڪل.

پپ: هالار جبل جي ڏاکڻي پاڳي کي "پپ" چوندا آهن.

٣٧. **جولان**: ع ـ جوش، جذبو، جوش سان ڊوڙڻ، ڪاوڙ.

٣٩. **يڪايڪ**: ف ـ اوچتو، هڪ ٻي پويان هتي يڪسان، گڏ، هڪ جهڙو.

چرا ۽ چون: ف ـ ڪڍهن ۽ ڪيئن، چو ۽ ڇالاءِ، رد، بدل، بحث.

بيچون: ف ـ بي مثال، بي مانند، جهن جو ڪو همسر نه هجي، يعني ڏٺي، خدا. (ڪافي)

اوريون: اورڻ، حال بيان ڪرڻ، حال وندڻ، آپياس ڪرڻ، مناجات ڪرڻ، وري وري چوڻ، ورونهن، (سن ـ آورتنَ).

سماءِ: سڌ، خبر، (سن ـ سڌي).

ساءِ: سواد، لذت، مزو، (سن ـ ف ـ سواد).

هلاءِ: اڪلاءِ.

۱. **هنجون هاڑڻ**: ڳوڑها يا لڙڪ ڳاڙڻ، (سن ـ آشروَ، پرا ـ آسوُ = ڳوڑها).

۲. **ڀاڪ ٽيڻ**: ماڳ ماڻڻ، (اصطلاح).

ڏاڪ: ٽاڙو، نڪاڙو ـ گهر، ماڳ، (سن ـ سڏ، هير ـ ڏگو) .

۲۲. **تاڻي**: تاڻڻ، ڇڪڻ، ڪشڻ، لنگهڻ، اکيڙڻ، (سن ـ تآن).

۵. **اولي**: ڏکي، اهنجي. (سن ـ آوَ = خراب+ ول = ڦرڻ ـ ورڻ).

ڏيکيو: ڏيکڻ، وڃڻ، پهچڻ، (سن ـ ڏيوڪَ) .

۱۲. **الدوهون**: ف ـ اندروهه مان، غم ڪٿي، فڪر مان .

۱۳. **اوهي**: اهي.

راهن: (واحد راهه)، رستو، دڳ، پيچرو، (ف ـ راهه).

۱۹. **ڪاپو**: پورهيو، ڪٽڻ جو ڪر.

ڪلو: اوکي مهل، جهيڑو، (سن ـ ڪلہ).

۲۴. **ڪوڪ**: رڙ، سڏ، (سن ـ ڪُوڪڻ).

۲۶. **چُپاتي**: چپ چپات، ماڻ ڪجهه ڳوهه ۾، (سن ـ چپ = ماڻ ڪرڻ).

۲۷. **ريچ**: امنگ، اڏمو، ريجهه، (سن ـ رچ).

۲۸. **ڪڙڪ**: آواز اڳواڻ خبر.

چيتان: (واحد ـ چيٽ) آواز، رڙ، (پرا. چيٽ سن. چيٹ)

۲۹. **سهلي**: سهيلي، (گ ـ ساهيلي، هير ـ ساهلي، سن ـ س= ساڻ+ اکي=سکي).

پهه پيچرا: دڳ، رستا، پهه: رستو، طريقو، پنڌ، مسافري، پيچرا، (ن ـ پا+چاره).

۳۰. **چنڇ**: (ف ـ ڪنج) غار، ڪند، چُر.

ناگهه: (ف ـ ناگاهه) اوچتو.

نِسَت: ست کان سواءِ، ڪمزوري، بي طاقت، ناتوان، (سن ـ نهشو).

۳۱. **لاکون**: لکين، بي شمار .

نبيرڻ: نبيرو ڪرڻ، ڇڏڻ، طئي ڪرڻ، (سن ـ نِورَتَن).

رق: ع ـ بند، قيد، سختي، رڪاوٽ.

حق: ع ـ مڙس، ٻيار معنيٰ خُدا.

غرضي: ع ـ مطلب، پروا، ڪاڻ .

۳۸. **لوهي:** لوهہ جهڙي سخت.

لاغرضي: ع ـ بي پرواهہ .

۳۹. **ويڇ:** ويڇڻ، وڪڙڻ، (سن ـ وڪري گ ـ ويچوَن).

۴۰. **ڪامڻ:** سهڻي زال، يعني سسئي، (سن ـ ڪامني).

شمہ: ف ـ ذور، ٽڪر، بوءِ.

شفق: ع ـ ڪاڙهاڻ جا صبح ۽ شام آسمان ۾ سج اپرڻ ۽ لهڻ مهل نظر اچي.

سرخيان: لالاڻ، (واحد ـ سرخ).

سنگ: ف ـ پٿر، جبل.

نسنگ : نِروار، ظاهر، بي خوف، امالڪ، (سن ـ نهہ شڪ).

سڪوت: ع ـ ماڻ ۾، صبر ۾، خاموشي ۾ .

۴۴. **رند:** رستو، پيچرو، پيرن جو نشان، (سن ـ رنڌر).

۴۶. **مصلحت:** ع ـ نيڪ صلاح يا تجويز، چگائي ڏيلائي.

۴۷ **روءِ:** ف ـ صورت، شڪل، حُسن، سونهن، لقاءِ .

خوءِ: ف ـ عادت، خصلت .

۵۰ . **الحال:** ع ـ في الحال، هن وقت.

هڏو: هيٺو.

۵۲ . **وهي:** (سن ـ ويس = عمر) جواني، ٽهي .

پرور: ف ـ پالينڌڙ، پالڻهار، خدا، (ف ـ پروردن = پالڻ).

۵۳. **اڃا:** اڃا وار.

اظهارن: (ع ـ ظاهر ٿيڻ، ڪرڻ= ڪوڙ) دليل، پرماڻ هڻي وار .

۵۴. **ڪارن:** ڪارن وارن .

ننگ: ف ـ لڄ، شرم عار، عزت .

۵۵ **جاڙ :** ڏاڍائي جٽ، زبردستي، غفلت سستي، پُل، (سن ـ جاڊيه).

ٻالا : ف ـ بلندي، چوٽي، مٿاهين، قد .

بلور: ف ـ سفيد پٿر، جرڪندڙ جبل .

چاڙ: چاڙهيون، چاڙهيڪا، (سن ـ چد).

ٻاڙ: سڪ، ڇڪ.

۵۷. **پروڙڻ:** سمجهڻ، ڇاڻڻ، پرجهڻ، (سن ـ پربد).

تر: ع ـ تمام، ختم، پورا.

۵۸. **پڙلاءِ:** پرلاءِ، سڌ، عڪس، پاڇو، سڌجو موٽي اچڻ، (سن ـ پرتي رو).

(ڪافي)

اسرار : (ع ـ واحد ـ سر) ڳجهه، پيد، راز.

نوري : ع ـ نور جي پيدائش.

ناري: ع ـ باهه جي پيدائش.

رب: ع ـ پالڻهار، خدا جو صفاتي نالو.

جبار: (ع ـ جبر : ڏاڍ) زور وارو، زبردست، خدا جو صفاتي نالو.

شاهي: بادشاهي (ف ـ شاهه= بادشاهه).

خمار: (ع ـ خمر: شراب) شراب جو نشو، مستي محبت جي.

صدق يقين: ع ـ دل جي ويساهه يا سچائيءَ سان.

(ڪافي-۲)

هلاڪي: هور، فڪر، ڳڻتي، انتظار، تڪليف، (ع ـ هلاڪ).

ويڑهو: گهر، پارو، (سن ـ ويشٽ).

سگ: ف ـ ڪتو.

جهولٹو

١. **صلاحي:** صلاح ڪندڙ، مصلحت ڪندڙ، (ع ـ صلاح).

راهي: مسافر، واٽهڙو، (ف ـ راهه = رستو، پيچرو، دڳ).

ڪاهي: ڪاهڻ، هلڻ، پنڌ ڪرڻ.

ڏاهي: سياڻي .

حب: نديءَ جو نالو جا ڪراچيءَ پرسان وهي ٿي، جا بلوچستان ۽ سنڌ جي ڏکڻ ـ اولهه سرحد آهي.

همراهي: ف ـ مدد، واهر.

ساهي: ساهه، دم، (هـ ـ سانس، سن ـ شواس).

اَمر: ع ـ فرمان، تقدير، خدا جو حڪم.

وهم: ع ـ اندر جا وهم ۽ وسوسا، اوديا، مايا، اڳيان، جُهل.

٢. **مور:** بنهه نـ.

مصلاتي: ع ـ صلاح ڪندڙ، (ع ـ ف ـ مصلحت).

ساتي: ساٿي، ساٿ ڏيڻ وارو، مددگار، (سن ـ سارٿ + ان + ڪ).

هاربون: (واحد ـ هاري) بيوقوف، نادان، موڳي، (سن ـ هرتُ، ف ـ هار).

روهه: جبل، ٽڪر، (سن ـ روهه).

راتي: راتو رات، (سن ـ راتر= رات).

جهاتي: ليئو، لڪي ڏسڻ.

ويلاتي: سويل، سوير، (سن ـ ويلي).

پڙ : ڏاهو، سياڻو، قابل، (پرا ـ پڊ، سن ـ پٽ).

ياتي: گهر جو فرد.

٣. **وائي:** ڪالهه، پچار، آواز، (سن ـ وارتا).

لنوَ: پيار، سڪ، محبت، ناتو، الفت، (سن ـ لَيَ).

تائي: تائڙ، تپائڙ، گرم ڪرڻ، (سن ـ تپ).

جاڙ : زوراوري، جٹ، زبردستي، پل، (سن ـ جاڊيَ).

جائي: سچ پچ.

ڀائي: مائي، گهر ڏياڻي، عورت، (گ. م ـ بائي، سن ـ پاريا).

ڊاهي: ڊپ واري، (سن ـ در= ڊڄڻ، ڊپ ڪرڻ).

سرت: هوش، سمجهه، هوشياري، يادگيري، (سن ـ سمرتي).

امر : ع : فرمان، تقدير، خدا جو حڪم.

ڏورون ڏي: پري کان، (ف ـ دور= پري، سن ـ دورات).

ڏهڪاري (ڏهڪائڻ): ڊيڄاڙيندڙ، (سن ـ دسيه + ڪاري).

۴. **آيل :** اي ماڻ، اي آئي، (سن ـ آريا).

سگ: مائٽي، ناتو، سنگت، لاڳاپو، (سن ـ سنگ).

شريڪت: ع ـ برابري، همسري، (ع ـ شرڪت).

چوهه: ع ـ چوهو، اٿاڻو واڻ، طوفان، (سن ـ ڪَشد).

گام: ف ـ قدم، وک.

مير: ف ـ سردار، (امير جو مخفف).

۵. **رهه:** ف ـ راهه، رستو، واٽ، دڳ.

ويڱ: سڃ، ويراني، بي ثمري، اُجاڙ، (سن ـ ويڱج).

پو: خوف، خطرو، (سن ـ پَيَه).

هيبت: ڊپ، (ع ـ هيبت).

هول: ع ـ خوف، ڊپ، اڌڪو، ڪٽتي، پور، فڪر.

هراست: ف ـ هراس، خوف، پو.

هو: پَو، خوف، (ع ـ هول).

ترس : ف ـ ڊپ، خيال، سڪائڻ، اڄ مارڻ، رحم، قياس، ترسڻ، انتظار، نهارڻ، واجهائڻ.

ٽڪ: ٽڪاوٽ، تڪليف، (هيمر ـ ٽڪ، گ ـ تاڪون، پرا-ٽڪ، سن ـ ستا+ڪر).

گهاري: گهارڻ: گذارڻ، بسر ڪرڻ، ڪاٽڻ.

٦. **آن :** اچي ڪري.

ريجهه: محبت، قرب، خوشي، (سن ـ رُدّ).

ڪي: ڪئي.

گهٽ: گس، رستو، پيچرو، (سن ـ گهٽ).

گهٽڪي: گهٽڪڻ: گهٽڪو ڪائڻ، ڳيتون ڏيڻ.

هجر: ع ـ فراق، جدائي.

جهٽ: پلڪ، ويرم.

پنيءِ ويل: فجر، پرهه ڦٽي وقت، (سن ـ وِيانِر + ويلا).

لٽڪي: لٽڪڻ: لڙڪڻ، هٿ اٽڪائي چڙهڻ، (سن ـ لَتَنَ).

فهم: ع ـ سمجهه، دانائي.

هٽڪا: هٿ جي اڳيان، وٽ، ڪا= ڪائي .

ڦٽڪي : ڦٽڪ: اٽڪ، روڪ، رڪاوٽ، (سن ـ شقاٽ + ڪر).

سٽڪي: سٽڻ : سٽڪڻ، ڏڪ هڻڻ .

٧. **پر :** دستور، رسم، ريت، (سن، پالي).

جلي: جلهي: ڪاهل، سست، ڍري، (سن- جَلَ).

پرجهڻ: سمجهڻ، پروڙڻ، (سن ـ پر بُد).

پپ: هالار جبل جي ڏاڪڻي پاڳي ڪي پپ چون ٿا.

وسهج: وسهڻ: اعتبار ڪرڻ، ويساهه ڪرڻ، (سن ـ وشواس).

واٽي: مڙهي، جوڙي، اٽي، (سن ـ وانَ).

ساٿي: واهرو، مددگار، ساٿي، (سن ـ سَر).

تانگهه: چڪ، طلب، رغبت.

تاٽي: تاٽڻ: گهلڻ، چڪڻ، ڪشش ڪرڻ، پنڌ ڪرڻ، (سن ـ تن).

خواب: ننڊ، .(ف ـ خوا بيدن= سمهڻ).

كائي: كامڻ، سڙي، كامڻ، (سن ـ كشام).

بام: ف ـ ڇت، ماڙي، منزل.

٨. **جيئي:** جيكي.

ساجهر: سويل، (سن ـ سويرا).

وَس: وسندي، وسنهن، آبادي، خوشي جي جاءِ، (سن ـ وس).

ريئي: انهن بنا، ريءَ، كانسواءِ، (سن ـ رتي).

پلو: پاند، (سن ـ پرانت).

كامڻ: جادو، جنتر، (سن ـ كارمڻ).

ويساري: غفلت ۾، ويسر = غفلت.

٩. **اڙانگا:** مشكل، ڏكيا.

ارڙا : وكڙ، پيچ، (سن ـ اَر).

بيدل : (ف ـ بي = سواءِ دل) دل كانسواءِ.

برڙا : ع ـ بر، بيابان، جهنگ، ميدان، پٽ، خشك زمين.

اوجهڙ : بيراهه ۾، توائي ۾، گمراهي، منجهيل رستو، (سن ـ اَوَتتَ).

كرڙا: وڏا، ڏكيا، زور، خوفناك، سخت، پوائتا، (سن كَرالَ = پيانڪ).

كرڙا: كرڙو، كڙ پڙ يا كلرائي زمين، خارش، لڳڻ جو پٽجڻ.

نار: عورت، زال يعني سسئي، (سن ـ ناري).

١٠. **ثابت:** ع ـ قائم، مظبوط.

واٽ: وهندڙ واٽ يا رستو، (سن ـ واٽ).

هڏ: هڏنهن، بلكل.

ور: وراكا، وكڙ، (سن ـ وَلَ).

ونگا: ڏنگا، پيچدار، (سن. وَنك)

دهداري: مضبوط، (ف ـ دهه دله).

كاري: ف ـ جٽ، تكليف، ظلم، سخت، گهائيندڙ، موتمار.

سكائي: سك واري، سكڻ، عشق جي جيي، عشق جي اساٽ، (سن ـ شكا).

ساري: سنياڻي، ياد ڪري، (سن ـ سمرڻ).

١١. **رڙندا:** رڙيون ڪندا، روئيندا، (سن ـ راٽ ، رٽ ، گوڙ ڪرڻ).

روڙي: روڙڻ، ڇڪڻ، پٽڻ، ڇنڻ، لاهڻ (ڪنهن وڻ مان هٿ وجهي ان مان گل يا پن وغيره لاهڻ، گ- روڙ وڻ).

ٽوڙي: ٽوڙڻ، پيڙ، ڇنڻ، لتاڙڻ، (سن ـ ترت).

مياڻي موڙي : اٽ ٻي ڦيري (سن ـ ميم = اٽ).

ڪرڪل: ڏمچر، گجگوڙ، گوڙ، هل، (سن ـ ف ـ ڪلڪل).

ماڳ: منزل ، ٽاڪ، هنڌ، (سن ـ مارگ).

١٢. **جائين:** جاءِ تي، (ف ـ جاي).

درس: (ف ـ درست) سچ پچ، برابر.

ميڙئين: ميڙڻ، ملائڻ، گڏ ڪرڻ، (سن ـ ميل).

ڪائين: ڪيئن ٻه ڪري.

ڀهون: گهٽو، ججهو، (سن ـ بهوٗ).

١٣. **لس:** هڪ ٻي پويان، سانڌهه، ڪاٻه لسي شئي.

لوڙا : آواز، هُل، رڙڪا، لڙ، (سن ـ روڙ ، آواز ڪرڻ).

ڇوهون: ڇوهه مان، تيزي سان، سختي سان، (سن ـ ڪُشد).

ڇپر: جبل، ڏونگر، (سن ـ ڇَنورَ).

ڇوڙا : پاسا، (هيم ـ ڇوڙ).

ٽوڙو: ڦاهو، رسو.

سهمناڪ: ف ـ خطرناڪ، خوفناڪ، هولناڪ.

سنڌا: پيچرا.

ڏرت : غم، ڏک، مصيبت، ڏورائو، (سن ـ درت).

ڏورڻ : ڳولڻ، ووڙڻ (سن ـ وهرڻ).

ڏوڙا : ڳرا، وڏا، ٻيڙا، ڏوٽا، (سن ـ دو+ڙا).

هارو : لس ٻيلي جي اولهندي طرف جبلن جي قطار جا مڪران جي سرحد تي آهي.

هزاري: هزارين.

۱۴. **چرڙين**: چرون، غارون، کڏون، (هـ .م ـ چرو).

مارِ: ماريندڙ.

ويچارا: بي وس، (ف ـ بيچارهـ).

شوڪارا: ٿڏا ساهـ، سيڪارا، (سن ـ ـ شيت : آواز+ڪر: ڪرڻ).

هاڪارا: مشهور.

جڪ : درد، جهوري، سوز، ايذاءِ، ڏک، (سن ـ جُش).

جارا: سوراخ.

واري : ورائي ڇڏڻي، دل تان لاهڻ، (سن ـ وارڻ).

۱۵. **ناڪا**: (ع ـ واحد ناقہ) اٺ، ڏاچي.

ڏاڪا: جبل جا چاڙهيڪا، چڙهڻ جي جاءِ.

لوهي: لوهڻ، ساڙڻ، جلائڻ، (سن ـ پلش).

لاڪا: لَکَ: پيچرو، جبل جو رستو، (سن ـ لنگهـ).

فلق: ع ـ نپاڳ، ڪمبختي، مصيبت، ڏک.

فاقا: (ع ـ واحد فاقو) بک، حاجت، غربت، لنگهڻ.

ونگن: (واحد ـ ونگ) ورَ، وکڙ، ونگائي، ڏنگائي، (ونڪ).

جهاڪا: جهڪون، گرم هوا جا جهونڪا.

پاتار: پاتال پر، تري پر، غرقي پر، (سن ـ پاتال).

۱۶. **سورج**: سج، (سن ـ سُوريہ).

ثاني: ع ـ مثُ، مثل، هڪجهڙو.

پاني: پاڻي، جل، (سن ـ پانيہ).

ٻاني: ٻولي، وائي، ٻاڻي، رنگ.

سالاني: سال بسال.

لوچ : لوچڻ، نهارڻ، ڳولهڻ، طلبڻ، پريشان ٿيڻ، ماندو ٿيڻ، (سن ـ لوچن).

اظهاري: ظاهر ظهور، ڪليو ڪلايو، (ع ـ اظهار).

١٧. **پوري**: اڇاڻ؛ اڀوجھ؛ پورڙي؛ وسوڙيل؛ سادي؛ (سڌ ـ پورو).

پرڻ: ڀرڻ، ورڻ، گڏجڻ؛ موٽڻ؛ پيرو ڪرڻ؛ ملڻ؛ پرين گھمڻ؛ (سن ـ پرمڻ).

پوري: پوري رنگ جو، پورو اٽ؛ پور (سن ـ پُرو).

ڪاذر: ف ـ ڪٽياڻي؛ ڏوبي.

توڙ: آخر، منزل، پڇاڙي تائين، پڇاڻي.

سري: سڪ، محبت، رستو، نشان.

جھورو: جھوراڻو، ڳڻتي، فڪر، (سن ـ ڪُشر).

ڪوڪاري: رڙيون ڪري، ڪوڪون ڪري، پڪاري، آواز يا ھل ڪري، (ڪُوڪَڻُ).

١٨. **ڪَھو**: چئو، ڪھڻ، چوڻ، (سن ـ ڪٽن).

ساتيون: پاڻ سان، ساڻ، (ساڻ : گڏ) (گ ـ ساڻ).

ڏاتيون: (واحد ـ ڏات) نعمت، عنايت، انعام، دان، فيض، (سن ـ دات).

جال: گھٽو، انداز، جھجھو، مَٹو، ڍڳ، ڍير، (سن ـ جالَ).

ڏاتر: ڏاتار، ڏيندڙ، داتا، سخي، يعني خدا (سن ـ داترو).

ھس: ھُيس.

أماري: (سن ـ اُورڈوَ : اُيو) اُيو ٽي ٻيھڻ، اُپرڻ، سانباھو، تياري، ڪاڍو، ڇڪ.

١٩. **ڪامڻ** : من موھڻي زال ، سھڻي، زال، (سن ـ ڪامني).

منت: منٽ، آزي، (ف ـ منت).

ورڇج ـ ورڇڻ؛ بي آرام ٿيڻ، ڦٽڪڻ، اٿلڻ پٿلڻ، (سن ـ وِدرُ).

درس : برابر، درست، سچ پچ.

ديھي: بدن ، جسم، (سن ـ ديھ، پرا ـ ديھو).

تڪراري: ع ـ وري وري چوڻ يا ڪرڻ.

٢٠. **ڪھڪي** (ڪھڻ = چوڻ)؛ چئي، (سن ـ ڪٽن).

ٽھڪي: ٽھڪڻ؛ ٽڙڻ، وڙڻ، خوش ٿيڻ، سھڻو لڳڻ.

ڏھڪي: (ڏھڪڻ = ڊڄڻ) ڊني؛ (سن ـ دسَم).

رهڪي: (رهڻ = ٽڪڻ) رهي، ٽڪي، (سن ـ ريهـ. راج).

ڦهڪي: (ڦهڪڻ = ڦيهڻ، ڦاڪون ڪرڻ)، ڦاڪون ٽيس.

نهڪي (نهڪڻ = چڏڻ) چڏيائين.

تهڪي: تهائڻ، هرڪائڻ، موهت ڪرڻ، دير وجهڻ، سيڙائڻ، راضي ڪرڻ، (سن ـ تُشْ).

اوجاڻ: (واحد ـ اوج) چاڙهي، بلندي، چوٽي، مرتبو.

اهڪي : اوڪي، ڏڪي، اٹائي.

٢١. **جهڪ:** واچ، واءُ، واءُ جو جهوٽو، (هـ ـ جُهونڪ).

جهولو: گرم هوا.

ڦلي: ڦولڻ، ڦولهڻ، کولڻ.

چولي: چلڻ، هلڻ، ڪاهڻ، ترڻ، چلکڻ، (سن ـ أچلن).

گهولي: (گهولڻ = گهورڻ)، گهوري، فدا ڪري، صدقي ڪري، (پر ـ گهول).

ڏرڙ : غارون، پر، ٽنگ، ڏرو، (سن ـ در).

ڪولي: ڪڏ ويجهو، پرسان، نزديڪ، (سرا ـ کول).

ٽاري: (ٽارڻ، پري ڪرڻ)، پري ڪري، (س ـ لٹلڻ).

ڪر ڳل: ڳالهـ ڪر.

الائين: چوين، ٻڌائين، (سرا ـ الاوڻ ، سن ـ الاپن).

سرت: يادگيري، سمجهـ، هوش، (سن ـ سمرتي).

آزاري: تڪليف يا درد ڏئي، (ف ـ آزار = ڏک، تڪليف).

٢٣. **پني ليل:** پريات، (پني = پريات، فجر + ليل = رت).

شتابي: (ف ـ شتاب= جلد، تڪڙو) جلدائي ۾.

ساڻ: جماعت، قافلو، ست مجلس، (سن ـ سارٹ، گ ـ ساڻ).

ثوابي: ع- ثواب، اجر، بدلو، عيوض (نيڪ ڪم جو).

ربابي: (ع ـ رباب = وڄائڻ جو ساز) رباب وڄائيندڙ.

اعرابي: ع ـ برپٽ ۾ رهندڙ عرب، بدوي، جهانگي، مارو.

خام: ف ـ اجايو، ڪچو، بي اصل.

عين: ع ـ نسورو، بلڪل، خود، بنهه، جنسي، خالص، محض.

عذابي: (ع ـ عذاب = ڏک، تڪليف) تڪليف يا ڏک ڏيندڙ.

آڙاهه: باهه جو مچ يا پنيٽ، کورو، اوڙاهه، (سن ـ آورت).

چڪي: ٽڪي، پُلي، ٽُني، (ک ـ چڪورون).

وس: اختيار، حيلو، زور، ڪوشش، (وش).

آتاري: ڏتاري، ريب ڏيئي.

٢٥. **هجر:** ع ـ جدائي، فراق.

هاري: هار، ويراني، ڪمزوري، پريشاني، (هار کاڏل ، جيتيل، نياڳي).

قراري: ع ـ آرامي.

هڏ: هڏنهن، اصل، بلڪل، مور ، ضرور، اڳئي.

اوتاري: اوتارو، گهر، جاءِ، تڪيو، منزل، (سن ـ اوتري).

٢٦. **آوڙي:** آڙڻ، پسند پوڻ، وڻڻ (سن ـ اهلاد).

رس: راس، پسند، درست، برابر، چڱو، پلو، (ف ـ راست).

وس: اختيار، حيلو، زور، ڪوشش، (سن ـ وش).

ڪسڪوئي: (ڪس = ساڻي، رفيق، ماڻهو + ڪوئي = ڪوبہ) ڪوبہ ماڻهو.

خاطر: ع ـ تسلي دل، لاڙو، خواهش، پسندي، سانگو، واسطو.

خس: ف ـ ڪڪ، ذرو، تنڪو.

ڪُوئي: (ف ـ ڪُو) ڳلي، ڪوچو.

اوساري (اوسارڻ= ماتم ڪرڻ ، روئڻ رڙڻ ، ياد ڪري روئڻ)، ماتم ڪري.

٢٧. **چوٽ:** ضرب، ڏڪ، صدمو، (سن ـ چُٹ).

ور : مُڙس، (سن ـ ور).

چاٽي: چاٽڻ، جهپو ڏيئي ڪٽي وڃڻ، هـ ـ چاٽ= چوش، عشق جي چاٽي، لذت، چشڪو.

توئي وائي: تو وٽان.

اورهائي: (اورهـائڻ = پورڻ، پـرڻ، انڈو ڪرڻ) پـوري، پري، انـڈو ڪـري، (سن: آورن).

گهٽ: ڏُڪ .

گهاٽو: گهرو، گهڻو، گهاڻي شراب منجهان.

آڳاتي: ازلي، اڳين.

لوهاڻي ـ لوهاٽ: ساڙڻ، جلائڻ، (سن : پلش).

اجهاري: آسري، آڏارتي، اجهي هيٺ، (سن ـ آشريہ : آجهو).

۲۸. **تقصيران:** (ع ـ واحد ـ تقصير) خطا، قصور، ڪوتاهي، ڪمي.

تڙ پيڙان: گهل گيندڙ، تڪڙ، گڙ ٻڙ.

بهيران: (ع ـ واحد ـ بهير) قطار، قافلو، ساٿ .

تدبيران: (ع ـ واحد ـ تدبير) اٽڪل، ڪوشش، اپاءُ، تدارڪ.

وڻجاري: سوداگر، واپاري، (سن ـ وڻج+ ڪار).

۲۹. **باب:** ع ـ سبق، ڪتاب جو ياڳو يا فصل.

ڏڙيائين: هنيائين، ڏنائين، (ڏڙڻ).

ڪڙيائين: ڪڙڻ، ڳنڍڻ، قطارڻ، پير ڪٽڻ.

جڙان: ميخون، ڪِليون، (پرا ـ جدا).

جڙيائين: جڙڻ، ڳنڍڻ، گڏڻ، هٽڻ، ٺهڪائڻ، (سن ـ جد بير).

رڙيائين: رڙڻ، دانهون ڪرڻ، رڙيون ڪرڻ ، (پرا ـ راٽ، سن ـ رٽ = رڙ).

مڙهائين: مڙهڻ، ٽڪڻ، جهڙ، (سن ـ مردن).

توڙون: توڙ ڪان، اصل ڪان، هرگز، بلڪل.

تڙيائين: تڙڻ، ڪيڻ، هڪالڻ، لوڏڻ، (سن ـ تد).

غير: خدا ڪان سواءِ ٻي شي، ٻيائي، دوئي.

هاڪاري: هاڪ واري.

۳۰. **ٻُڌي:** بيهوش ڪري (ٻڌڻ).

ڌُني: جدا ڪئي.

چُٹي: چٹڻ، نشانو ڪرڻ (سن ـ چَوتَن، چَد، چَود= هڪلڻ).

هونڪاري: هونڪر ڪري، آواز ڪري، هل ڪري، (سن ـ هُنڪار).

٣١. **چوڪو:** سچو، صاف، سٿو، شريف، چڱو، (سن ـ چوڪش).

پٽولو: پٽ جو ڪپڙو، پٽ جو چولو يا پيشگير، (سن ـ پٽ + اولو).

ڦوڙائي : فراق جي ماري، جدا ٿيل، (سن ـ سفٽ).

لتي: لنوڻ، لات ڪرڻ، هولڻ، آواز ڪرڻ، (س ـ لپن، لپ = ڳائڻ).

لولي: بدحال، جَليل، سڙيل، مُني، (س- لَنتَ).

تتي: تايل، گهايل، تپايل، تائڻ، (سن ـ تاپڻ ، پرا ـ تاوڻ).

متي مڇ: زور ۾ آئي، زور واري، مڇي، موج ۾ آئي، (سن ـ مڇ = مٿي ٽيڻ).

وتي: ورتي.

گهتي: گهٽڻ، وجهڻ، (سرا ـ گهٽڻ).

پتي: حصو، (سن ـ پتر+ ئي = پڇاڙي).

رتي: رچڻ، رڱڻ، رڱجڻ، ڳاڙهو ٽيڻ ، رتل، رڳيل لال (سن ـ رڪت).

اڇنگاري : دانهن ڪري روئي، (سن ـ اَچ + ڪار= روئڻ جي دانهن.

٣٣. **ڪرهڙا:** ڪرهو، اٽ (سن ـ ڪرپ).

ڪانئ: جلائڻ، ساڙڻ، (سن ـ ڪُشام).

چلنگهون ٽٽڻ: ڏار ڏار يا جدا ٽيڻ، ٽڙي پکڙي وڃڻ.

هوڪاري: هڪل ڪري.

٣٤. **هولي:** خوشي، شوق، (سن ـ هولِڪا).

حُبُون: حب مان، محبت يا سڪ مان، (حب = محبت، دوستي).

ڈولي: پالکي، ڪجاوو، (سن ـ دولڪا، پرا ـ دوليا).

ڦولي: (ڦولڻ = ڦولهڻ)، ڦولهي.

گهولي (گهولڻ = قربان ڪرڻ)، قربان ڪئي.

چولي: درياهه جي لهر، هٿ پاڻي، (ک ـ چور).

نال : ڳڏ، ساڻ (سر ـ نال).

قطاري: اڻن جي وڳ وانگر ٻڌي قطار ڪري وڃي.

۳۵. **نعرو:** زور جو آواز، دانهن، فرياد، روڄ راڙو، (ع ـ نعرهہ).

سير: ع ـ گس، پيچرو، گذرگاهہ، لنگهہ.

واري آڻي وارو: وري ورائي پيرو يا ڦيرو ڪرڻ، ٻيو پيرو.

اوهارو : هٻڪار، خوشبوءِ، ٻاڦ، بخار، (سن ـ اُشمن).

سرارو : وک، پرانگهہ، (سن ـ سرُو)، (سن ـ شلا + رو= پٿر، روهي، سر).

۳۶. **اندوهي:** ف ـ اندوهہ پر، غر ڏک، فڪر، انتظار، ڪٿي پر.

هلاڪي: فڪر، هور، ڪٿي، انتظار، (ع ـ هلاڪ).

ڪاري: ڪرائي، (ڪر= ڪرڻ).

۳۷. **ماد:** ع ـ مات.

رحماني: ع ـ رحم ڪندڙ جو بمعنيٰ خدا (ع ـ رحمان).

۳۸. **جند واري:** جند قربان ڪري، (سن ـ جيوش).

گهنگر: پريشاني، مونجهارو، غر، حيراني، ارمان، (سن ـ جهڪٽ، پرا ـ گهنگهل).

گهاري: (گهارڻ= گذارڻ) گذاري.

۳۹. **رمڪي ـ** رمڻ، هلڻ، وڃڻ، (سن ـ گمَ).

چمڪي: تجلو، چمڪاٽ، (پرا ـ چمڪ).

دمڪي (دمڪڻ= ڏڪڻ، ڏڃڻ) ڏني، ڏڪي، (سن ـ در= وڃڻ، ڏڪڻ).

جمڪي: گڏي.

تمڪي: ڪهٽ ٽئي، ختر ٽئي، (تر = ختر، پورو).

تانگهہ: ڇڪ، رغبت، طلب.

شوڪاري: شوڪارو، سڏڪو، ٽڏو ساهہ (سن ـ ساهہ).

شور: ف ـ غل، آواز، جنون، عشق.

۴۰. **چنج:** چُر، غار، ڏر، (ف ـ ڪُنج، سن ـ ڪجج)، چهنب (سن ـ چنچو).

اڙڪي: اڙي، اٽڪي، ڦاٽي، (اڙڻ، اٽڪڻ، ڦاسڻ) (سن ـ اَل = روڪ).

لڙڪي: لڙڪڻ، هٿ اٽڪائي چڙهڻ، لٽڪڻ، (س ـ لتن).

ڪڙڪي: ڪاهه ڪئي، (ڪڙڪڻ= ڪاهه ڪرڻ).

پڙڪي: پڙڪڻ: شعاءُ ڪرڻ، پنيٽ ڪرڻ، اچانڪ مارڻ، چال مارڻ، (سن ـ پڙڪٽي).

جهڙڪي: جهڙڪو: ضرب، جهڙپ، چپيٽ.

رنجي: رنج يا ڏک واري، (ف ـ رنج).

رڙڪي: رڙهي، (رڙهڪڻ = رڙهڻ).

سڙڪو: آواز، سٽڪو، ڪڙڪو.

ٽڙڪي: ٽڙڪڻ: ٽڙڻ، جاءِ تان سُري وڃڻ ، ڦرڻ).

۴۱. **ڪلان:** (واحد ـ ڪل) سڌڻ، خبر، سماءُ، پتو، (ف ـ ڪلہ، سن ـ ڪلا).

ڪهڪايون: ڏکويون، (**ڪهڪائڻ** = ڏکوئڻ، ستائڻ، آزارڻ، اثر هيٺ اچڻ).

پيان: پويان، پٺيان.

رايون: رانڻ: رگڻ، (سن ـ رنجن).

پايون: (ف ـ پاي = قدم، وک) قدم، وکون.

۴۲. **هوري:** سڪٽي، بي سامان، هلڪي، لوڪ جي لاڳاپن کان آجي، سبڪبار .

ٽوري: گهٽ ذات جو نالو، شڪارڻ، ٻاليشاهڻ.

لوري : جهوري، ڳڻتي، فڪر، (سن ـ لولا).

جهوري: (جهور= گهٽو زور) فڪر، جهوراٽو، گيسر، (سن ـ ڪُشر).

ڏوري: واڳ.

۴۳. **اٻاڻون:** اندر جا اُدما، (سن ـ اَڌ = مٽي + ورتن).

ڪاڻون: ڪنهن ڏينهن يا وقت.

لوح: ع ـ لوح قلم، لوح محفوظ، تختي، جا حفاظت سان عرش تي رکيل آهي، جنهن تي جيڪي دنيا ۾ ٿي گذريو آهي، جيڪي ٿئي پيو ۽ جيڪي ٿيندو، سو سڀ خدا ازل ۾ قلم سان لکي ڇڏيو آهي، تقدير، نصيب.

لاڻون: گهوٽ ڪنوار جي مٽي ميڙ، (لاڻون لهڻ، شادي ڪرڻ، يا پرٽجڻ).

تاڻون: تنهن ڏينهن کان.

نيائون: وڃي ويا، (نيڻ = وڃي ويڻ)، (سن ـ ني).

زيلان: فريادون، دانهون.

سَيائون: ٻڌائون، (سڌڻ = ٻڌڻ)، (سن ـ شروڻ، شر = ٻڌڻ).

ههڑس: سندس ههڙو.

تونگ: جبل، تنگ، (ف ـ تنگ).

۴۴. **چائي:** (سرا ـ چاوڻ) چائڻ، ڪٽڻ.

چائي: ڏوڙ، دز، مٽي، (سن ـ چايا).

تائي: تائڻ، تپائڻ، گرم ڪرڻ، (سن ـ تپ).

وائي: ٻولي، آواز، (سن ـ وارتا).

قلر گهمائي: قضا جي قلر رلائي (ع ـ قلر = قضا جو قلر).

پاري: (ف ـ پاره)تحفو، تبرڪ، يادگيريءَ جي سوڪڙي.

۴۵. **ڏوگهه:** ڏڪ، ڏڪيائي، سڃ، (سن ـ دُهک).

هنڌيئي: ماڳ تان.

غر تاري: غر گهٽائي.

۴۶. **دئي:** ف ـ ٻيائي، ٻه سمجهڻ.

اوجاري: (اوجر= صاف، روشن) صاف يا روشن ڪري، (سن ـ اُجول).

۴۷. **ڪل شئي:** سڀ ڪا شئي.

وهو عينها: ۽ پاڻ انهن جي جند آهي.

(خلق الاشياء وهو عينها = انهيءَ يعنيٰ خدا سڀني شين کي پيدا ڪيو ۽ پاڻ انهن جو جند آهي).

غير: ع ـ خدا کان سواءِ ٻي شي، ٻيائي، ڏئي.

وادي: ع ـ ديهي، ماڻري، ميدان، پٽ.

شادي: خوشي، خوشخبري، بشارت.

سري سرهه: (انسان) منهنجو ڳجهه آهي. سڃي ست آهي، الانسان سري و انا سِرهه (حديث)، يعنيٰ انسان منهنجو ڳجهه آهي ۽ آءٌ سندس ڳجهه آهيان.

اينما تولو: جيڏي اوهين منهن ڦيرائيندئو، اوڏي خدا جو منهن آهي (قرآن).

(اينمان تُولوا فثم وجه الله يعنيٰ)

احمد: ع ـ اسلام جي پيغمبر جو ذاتي نالو.

احد: (ع ـ واحد) هڪڙوئي هڪ يعني خدا تعالي.

اسراري: ڳجها، راز وارا (واحد ـ سر = ڳجهه، پيد، راز. (ع ـ سر).

۴۹. **عرفت ربي بربي:** مان پنهنجو رب پنهنجي رب جي وسيلي سڃاتو (حديث).

نوبت: ف ـ نغارو، وارو، وقت.

اناالحق: ع ـ مان خدا آهيان، آهر برهم.

اعظم شاني: ڪيڏو نہ وڏو شان آهي.

رمز: ع ـ اشارو، ڳجهه، اسرار، پوشيدگي، مام.

رلائي: گڏي، رلڻ: ملڻ، گڏجڻ. (سن ـ للن).

لوڪشف: ع ـ جڏهن کولیو ويندو. لوڪشف الغطاء ما آذت يقينا يعني جيڪڏهن کولیو ويندو پردو تہ توهين زياده يقين نہ ڪندا.

أجرائي: اچائي، صفائي، (اجول).

بلا ميم احمد: بنا ميم جي احمد يعني احد. آ احمد آهيان ميم کانسواء يعني احد (الله) (حديث).

يسمع ببصر: ع ـ (هو) ٻڌي ٿو، ڏسي ٿو.

اني اناالله: ع ـ توهان ۾ مان الله.

آگاهي: ف ـ واقفيت، معلوميت، ڄاڻ، خبر، سڃاڻپ.

مولائي: مولي وارو، مولي (خدا) جو طالب يا عاشق.

بالائي: مٿاهين، مٿي، (ف ـ بالا = مٿي).

عالم الله: عالم غيب.

اظهاري: ظاهر ٿيو، کليو، (ع ـ اظهار = ظاهر ٿيڻ ، کلڻ).

۵۰. **آئين:** آهين.

مڻ: خودي، مان جي ٻولي.

يولو: ٻُل َ، غلطي، گمراهي، وسوسو، هڪ جو ٻيو سمجهڻ، دڻي (سن ـ پرم).

کل شيء الخ: جيڪا شي ڳالهائي ٿي سا الله آهي (قول الفقرا)

غني: ع ـ خدا جو صفاتي نالو.

گفتاري: ڳالهائڻ وارو، (ف ـ گفتار).

سر سارنگ

داستان پهريون

سارنگ: هڪ راڳڻيءَ جو نالو، جا مينگهه راڳ جي شاخ آهي، جنهن جي ڳائڻ سان مينهن وسندو آهي. چون ٿا ته سارنگ هڪ پکيءَ جو نالو آهي، جنهن جي نڙڪهٽ هيٺان هڪ سوراخ آهي ۽ جڏهن هو پاڻي پيئندو آهي، تڏهن پاڻي انهيءَ سوراخ مان ٻاهر وهي ويندو آهي، تنهن ڪري هو پياسو رهندو آهي. قدرت وري انهيءَ سارنگ پکي جي آلاپ جو اهڙو اثر رکيو آهي، جو جڏهن هو سخت پياسو هوندو آهي ۽ آسمان طرف نماڻن نيٽن سان الاپي نهاريندو آهي، تڏهن يڪدم بارش جون بوندون برسي پون ٿيون ۽ بوندون جهٽي پياس ٻجهائيندو آهي. سارنگ جي ڳائڻ جو وقت ٽاڪ منجهند جو آهي. جهڙ، وس؛ (پرا-سن- سارنگ).

مينگهه: راڳڻيءَ جو نالو؛ بادل؛ ڪڪر؛ (سن ـ ميگھ).

ملهار: راڳڻيءَ جو نالو جا مينگهه راڳ جي شاخ آهي؛ مينهن وارا ڪڪر؛ برسات؛ جهڙ؛ (سن ـ ملار).

مينگهه ملهار: سانوڻ جي موسم؛ جُهڙ؛ برسات؛ مينهن وارا ڪڪر.

۱. **پريمان:** پريم مان؛ سڪ مان؛ (سن ـ پريم+ ان).

گرمک: (گر= گرُو؛ مرشد + مک = وڏو) مرشد؛ گرو.

پاڻي: چوٽي؛ بيان؛ واڻي؛ (سن ـ واڻي).

وس: بارش؛ وسڻون؛ آبادي؛ خوشي جي جاءِ؛ وسندي جتي مينهن جي وسڻ ڪري ساوڪ هجي؛ (سن ـ وس).

پلر: منهن جو پاڻي.؛ (سن پلول).

چر چر: چمڪڻ؛ چمڪي جو آواز؛ (سن ـ شنج).

چاڻي: (چاڻڻ) چٽڪاءُ ڪري، (سن ـ چالن).

ساڻي: ساڻي؛ مددگار؛ واهرو؛ (سن ـ سر).

٢. **اولو:** سايو، پردو، پناھ، آڏار، ٽيڪ، (سن ـ آرتر).

آسرو: اميد، آشا، آس، پروسو، (سن ـ آشريَ).

اوٽ: پناھ، جھلو، پردو، اولو، (سن ـ آورتن).

پرور: ف ـ پالينڊ، غريب پرور.

اجھو: گھر، رھڻ جي جاءِ، (سن ـ آشريَ).

ڏھلن: (واحد ـ ڏھيلو)، ڏکيو تکليف يا مشڪل ۾ آيل، نياڳو، (سن ـ دُھِٽ).

ڏجھو: ڏک، اھنج، ڏولائو، عذاب، ڏنپ، داغ، رولو، مصيبت، (پرا ـ دِجھ).

٣. **رعد:** ع ـ گجگو، گاج، گوڙ، ڪڪرن جو آواز، رعد ھڪ ملائڪ (فرشتو) جو نالو آھي جو مينھن وسائڻ تي مقرر ٿيل آھي.

پيٽي: حد پر، اجھو، پناھ، جاءِ، (س ـ پَوَن).

ڪٽڪان: رن زالون، بيوھون، وڏوائون.

ڪانڊين: مڙسن سان، (سن ـ ڪانت = مڙس).

٤. **ساڻ:** سڱڻ، خوشيون، مزو، واڌايون، (سن ـ سارڻ).

سائڻ: سڱڻ ساڻ ڪرڻ، روءِ مقابل ٿيڻ، (سن ـ شكَنَ، ف ـ شگون).

ناڻ: ڏيڪ، ڊول، بناوت، نمونو، (سن ـ سڏانرَ).

ويس: لباس، پوشاڪ، (سن ـ ويش).

٥. **ريج ڪرڻ:** ريجائڻ، زمين کي آبڻ يا پِجائڻ.

ياتون پات: قسمين قسمين، نموني نموني، (سن ـ پنتا).

پٽ : ميدان، پڌر، سنئين زمين.

٦. **گاج:** (گجڻ) گوڙ، گجگوڙ، گجڻ، (سن. گرج).

ھاج: ڪم ڪار، (ع ـ حاجت).

٧. **رنگ ڪيا:** موج يا وسڪارو ڪيو، برسات بھاري لاتي، (ف ـ رنگ= راحت، وندر، خوشي، رونق).

ٻاٻائن: ٻاٻاٽا، مٽ مائٽ، ڏاڏاٽا، اباٽا، (ف ـ بابا).

ڏيا: (ڏئڻ) ڏيءُ ڪيائون، ڏايا، پيٽ پريائون، (سن ـ ڏُرپ).

ڏرت: ڏولائو، ڏک، ڏِڪار، غم، (سن ـ دُرِتِ).

٨. **ساوا ٹيا:** سکيا ٹيا، آسودا ٹيا.

سنگهار: ڏنار، مالدار، مارو، (سن ـ سنگھ= ڏڻ + آر).

ڏلهي: پري (ڏلهڻ = پرڻ).

ڏڻ: کوبہ آنُ جو جهنگلي گاهن جي پيدائش هجي جهڙوڪ سائون، پرٽ، مکڻي، پيرون وغيرهہ.

ڏوڻين: ڏڻ تي گذران ڪندڙ.

ڏيار: (ف ـ ديار= ملڪ) ملڪ، ديس.

ترايون: (واحد- ترائي) هيٺاهين زمين، پٽن جا اهي ڪامان جيڪي مينهن جي پاڻي سان پرجي تلائن جو ڪم ڏين، ڊورو چشمو، (سن- تل).

تجل: رياست خيرپور جي ڏکڻ اوپر ہ هڪ ڳوٺ جو نالو جو نارا واهہ جي پَرينءَ پر آهي.

سوراهين: سوراهہ کي. سوراهہ خيرپور ضلعي ہ تعلقو آهي. سوراهہ جو ڳوٺ هڪ ٻيٽ تي واقع آهي، جو بلڪل غير آباد ءِ واريءَ جي پٽن جي وچ ہ آهي.

سٹائي: چڱائي، سولائي.

سنوار: (سنوارڻ= ٺاهڻ، جوڙڻ، سڏارڻ) سڏار، جوڙ، سينگار، (سن- سنوارڻن).

٩. **پورب:** اوپرندي جو ملڪ، اوپرندو، (سن ـ پُورَوَ).

ڪارونيار: (ڪال = ڪاراڻ + پار= ڏڳ) ڪارنهن جو ڏڪ، ڪڪرن جي ڪاراڻ، آسمان جي ڪاراڻ.

وجن: (واحد وڇ) وڇن سان ڪکر، (سن ـ وديت).

وڇڻ: گاج ڪرڻ، (سن ـ ود).

ايي: سنڌ ءِ پنجاب جي وچ واري ملڪ کي ايو سڏيندا آهن، جنهن ہ بهاولپور ءِ ان سان لاڳو ملڪ اچي وڃن ٿا.

آبيندي: (آب= پاڻي) پاڻي ڏيندي، وسائيندي، آلو ڪندي.

سارڻ: سنيار، سماڻ، هوش، سرت، سڌ، (سن ـ سمرڻ).

١٠. **سعي:** ڪوشش، تياري.

اجهاپي: اجهي جي جاءِ، گهر (سن ـ آشريَ).

(ڪافي)

سانوڻ: مينگهه ملهار جي موسم، (سن ـ شراوڻ).

چنچل: مينگهه ملهار، (سن ـ چنچل).

چيهل ـ چيهو: گاهه جو قسم.

برسي: (هـ- برسنا، سن ـ ورشڻ) وسي.

آگر: جهڙ، مينهن جو سعيو، (سن ـ آگر).

داستان ٻيو

١. **آپ وهايو:** ڳوڙها ڳاڙيا، رنو (ف ـ آب = پاڻي).

وڏڙو: سخت مينهن، زوردار برسات، هتِ برسات وانگر روڻ.

پرچن: راضي ٿين، ريجهن، خوش ٿين، (سن- پرچيم).

اوتڻ: هارڻ، پلٽڻ، ريلڻ، (گ.م ـ اوتڻي).

٢. **ويل:** وقت، مهل، (سن ـ ويلا).

اوهيڙن: (واحد ـ اوهيڙو) ڇوهو مينهن، وڏڙيون، وسڪارو، (سن ـ آوَسر).

لحظو: پلُ، پلڪ، ٿورڙي ويرم، (ع ـ لحظه).

٦. **اوڳاڻين:** اوڳاڻ: موڳو ڪرڻ، غافل ٿيڻ، (هيم ـ اوگيڻ).

٨. **ميڙيا:** گڏ ڪيا، (ميڙڻ = گڏ ڪرڻ)، (سن ـ مل).

١٠. **ريجهه:** رس، قرب، محبت، (سن ـ رَدَ).

١١. **تات:** پچار، ڳڻتي، يادگيري، ذڪر، طلب، (سن ـ ترا).

(ڪافي)

جهور: ڪٿو زور.

جهوري: ڳڻتي، فڪر، (سن ـ ڪشر).

جهجن: ڳرن، غم ڪرن، وجهلن، (سن ـ ڪشيم).

١. **بجلي**: وڃ، ڪنوڻ، (سن ـ ودیت، و= گھٹو+ دیت= چمڪڻ).

بادل ، ڪڪر، (سن ـ واردا، وار= پاڻي+ دا= ڏيڻ= پاڻي ڏيڻ وارو).

٢. **ريھ**: آواز گجگوڙ جو، (سن ـ ريش).

٣. **ريھن**: (واحد ـ ريھ) ڪوڪ، دانھن، رڙ، گجگوڙ سان، (سن ـ ريش).

ھيرون: (واحد ـ ھير) ٽڏي ھوا.

ھيج: شوق، خوشي، ذوق، محبت، (سن ـ ھرديہ).

گيج: گلدستا، گلن جا مچا، (پرا ـ گچئو).

سيج: شادي جي ڪٽ، خوشي جي جاءِ، پلنگ، (پرا ـ سجا، سن ـ شبيا).

٤. **واڃا**: (واحد ـ واڃو) آواز، چمڪاٽ، نغارن جو وڄڻ، (سن ـ وادیہ).

٥. **ھہ ھہ ڪندا**: چمڪندا، ٻھڪندا، ڪنوڻن سان ڪوندا، (سن ـ پاس).

ٻڪروال: پورب طرف ڪان ايندڙ مينھن، جو بلڪل سخت وسندو آھي، (سرا ـ ٻڪروال).

ڪڙڪاٽ: گوڙ، آواز، ھل.

مال: چوپايا جانور.

ڏاھي: ٽاھ ڪائي، ڇرڪي، ڏڪي، (ڏاھ= ڇرڪڻ، ڏڪڻ)، (سن ـ ترس).

آھن: (واحد ـ آھو) ھرڻ.

چونگن سندي چال: جڏھن ھرڻ چارئي پير گڏي ڇال ڏيندو آھي، تڏھن ان کي ھرڻ جون چونگون چوندا آھن. چونگن ۾ پوڻ ڪانپوءِ ھرڻ کي ڪوبہ جانور پھچي ڪونہ سگھندو آھي. اھڙي صورت ۾ شڪاري نا اُميد ٿي موٽيو اچن.

منداڻتي: مند جي مينھن، چوماسي مينھن.

مندل ڪيا: ماندائ ڪئي، جھڙي ڦڙي ڪئي، (س ـ مندل).

جر: پاڻي، برسات، لڙڪ، ھنجون، اکين جو آب، (سن ـ جل).

ڀھواڙن: ٻڪرارن، ڏنارن، (پرا ـ پھُو، سن ـ پشو= ٻڪري آر).

پلال : سارين جو ٿهڙ، (سن ـ پلال).

جهري پيون: ڏهي پيون، ضربجي پيون، ڪري پيون، (جهرڻ= ضربجڻ، پڄي پوڻ، ڪرڻ، ڳرڻ)، (پرا ـ جهرڻ، سن ـ ڪَشرڻ).

جهوپيون: (واحد ـ جهوپي) جهوپڙي، پنگو، (سن ـ جهوپا).

جهانگيڙا: جهنگ جا رهاڪو، مارون ماڻهو، اعرابي، (سن ـ جنگل+ ان+ ڪ).

اجهال : (س ـ اَ = نہ+ جهل= ٽيڪ) بنا جهل يا ٽيڪ جي.

ننگو: اگهاڙو، بي پردو، (سن ـ نگنُ).

ننگ پال : لڄ ۽ شرم جو رکندڙ، لڄون پالينڊڙ، (سن ـ نگن+ پال).

پرور: ع ـ پالينڊڙ، پالڻهار، خدا.

هڙا: هيٺا.

پت: عزت، لڄ، شرم، شان، مانُ، مرڪ، (سن ـ پرتيت).

٦. **ڪاهل**: ع ـ سست، پوئتي پيل، ضعيف، آلسي.

ڪهل: ديا، مهرباني، ترس، قياس، رحم.

٧. **گرڙ** (گرڊ)، هڪ پکي جو تمام وڏو ٽئي. سندس آواز تمام خوفناڪ ٽيندو آهي. هي پکي نانگ جو دشمن ٽئي.

وايوء: هوا، (سن ـ وايَہ ، پرا ـ واء).

وڏ ڏڙو: زوردار مينهنُ

٨. **ڪڪوريا**: رڳجي ريٽو ٽيا، لالائي ۾ رتا، ڳاڙها ٽيا، رنگارنگ ٽيا، چانيا (ڪڪورجڻ= ڳاڙهو ٽيڻ، رڳجڻ)، (سن ـ ڪڪر).

سوريا: سرايا، وڃايا، (سرائڻ= وڃائڻ= ڳائڻ).

سرمنڈل: رودن جي تارن جو ساز.

چنگ، ف ـ وات سان وڄائڻ جو لوهو ساز.

چوريا: چيڙيا، (چورڻ= چيڙڻ).

اوريا: اورڻ، دل جو حال بيان ڪرڻ، اپياس ڪرڻ، مناجات ڪرڻ، وري وري چوڻ، (سن ـ آورتن).

تيج: تک، تيزي، جوش، (سن ـ تيجس).

٩. **پنهون:** پنڻ، آلو ڪرڻ، پسائڻ.

پريون: (واحد ـ پر) ڪپر ، ڪنارو، پاسو، (سن ـ پر).

پٽاريون: (واحد ـ پٽاري) پلي، متاري، شريف، وهڻ کي پيار وچان پٽارو ڪري چوندا آهن. هتي اشارو مينهون يا ڪٿون (سن ـ پٽارڪ).

وٽاڻين: وٽاڻن تي، (واحد ـ وٽاڻ= ماڳ، جاءِ، آستان، مال جو ٽان يا پاڻ)، (سن ـ آوستان).

ڪمرن جون ڪريون: جهجهو ڪيرا، اڻ ميو ڪير.

١١. **ٽريون:** (واحد ٽري) ملائي، ڪير جي ٽر، (گ ـ ٽر).

پريون: پرڻ، ورڻ، موڙڻ، گڏجڻ، ڦرڻ، ملڻ، چڪر مارڻ، پيرو ڪرڻ، (سن ـ مل).

١١. **والي:** ع ـ سنياليندڙ يعني ڏٺي.

ٱلي: مينهن وسندي، ونو، ٱلو= آباد ٽيو، (سن ـ ورُ شٽ).

اوڏڙا: ويجها، اورپرا، اوري، منهنجي طرف، (سن ـ آوار).

١٢. **جوٽيون:** جوڙڻ، ٺاهڻ، شروع ڪرڻ، (سن ـ يُڪت ، يج = گڏجڻ).

پُر ٽيا: پرجي ويا، (ف ـ پرُ).

پولا ۽ پوليون: مٽاهين ۽ غير آباد زمين، هيٺاهين زمين، پٽن جا ويرا، ترايون، (سن ـ ..... پرا ـ پوت).

ولر: ميڙ.

١٥. **ويتر وترو:** اڳي کان اڳرو، وري تکو، گهٽو، زيادهه، اڳي کان، (سن- يهتر)

١٦. **چن:** چنا، چپر، منهه، پاڻ، وٽاڻ، (سن ـ چن).

چيڏ: سوراخ، چير، ٽنگ، (پرا ـ چيُر).

١٧. **ڪوڙهه:** چٽ، داغ، (سن ـ ڪُشٽ).

موڙ: گل ڦل، جهاڙا، مڪٽ، چٽ، سهرو، (سن ـ مُڪٽ).

لوڙهه: سوڙهه، گهٽ، تنگي، مهانگائي، (سن ـ لولَ).

١٩. **چمڪڻ:** وڃ، (پرا ـ چمڪ).

چمڪاٽ: تجلو، شعاع، (سن ـ چمتڪار).

لاٽ: شعلو.

ڦڙڪي: ڦڙڪڻ: هوا ۾ لڏڻ، لرزڻ، ٽڙڪڻ، (سن ـ سڦرڻ).

ڦاٽ: ڦاٽڻ: ڪلڻ، وسڻ، (سن ـ سڦاٽن).

گرگاٽ: ڪڙڪاٽ، آواز، هل، ڪڙڪو، (سن ـ گر گر+ آٽ).

مندل : ماندائ، جهڙ ڦڙ، مزو، بهاري، (سن ـ مندل).

٢٠. **سائي:** ساڃي.

جهڙڦڙ: برسات، مينهن وسڻ، جهڙ ٽيڻ.

گهيڙ: ٽڙ، درياهه ۾ گهرڻ لاءِ سولي جاءِ، پاڻي ۾ڙڻ جي جاءِ، (سن ـ گهٽ).

گهاٽ: گهڙڻ جي جاءِ تڙ، لنگهه، واٽ، (سن ـ گهاٽ).

اُساٽ: اڃ تاس، خشڪي، اڪند، پيار، (سن ـ اشڻ).

٢١. **رنگارنگي:** چتڪبري.

رس: ڏکهي ليک.

قزح: ع ـ رنگارنگي جنهن ۾ پيليون، سرخ ۽ سبز لڪيرون هجن، انڊلٽ، اوچائي، فرشتي جو نالو جو بادلن مٿان منتظم آهي.

نيل : ف ـ آسمان.

(ڪافي)

همراهه: (ف ـ هم= ساڃيو + راهه= رستو)، ساٿي، مددگار.

چاهه: چاءِ، محبت، خواهش، عشق، چاش، سڪ، (سن ـ اچڇا).

اُجهايو: اجهائڻ، وسائڻ، مائو ڪرڻ، (سن ـ ايني جيوت).

آڙاهه: باهه جو مڇ (اورت).

داناهه: ف ـ سياڻو.

ميڙي: ميڙڻ، ملائڻ، ميلاپ يا وصال ڪرائڻ (سن ـ مل).

سر راڻو

راڻي جي راڄڪيءَ جو سنگيتن ۾ ذڪر آيل ڪونهي، ڇاڪاڻ جو ڪوهياريءَ وانگر هيءُ قصو به سنڌ جي سر زمين جو آهي. تنهن ڪري ڪوهياريءَ جي راڄڪي وانگر هن راڄڪي کي به نج سنڌي راڄڪي جو فخر حاصل آهي. هي سر مومل راڻي جي قصي تي ٻڌل آهي. راڻو (حاڪر ، راءُ) مومل جو پتي هو. هو هندو ڌرم جو هو. سنڌ جي حاڪر هميـر سومري جو وزير هو. انهن حاڪمن جي ٿر ملڪ ۾ رهايش هئي. سندن گادين جو هنڌ عمر ڪوٽ هو.

مومل: (سن. مو= بنا+ مل= مَرُ) بنا مَرُ جي، پاڪ، صاف، سهڻي. مومل راجا نند جي ڌيءَ هئي. راجا نند مشهور گجر قوم جو هڪ اڳواڻ هو. سندس حڪومت ميرپور ماٿيلي جي سرزمين تي هئي. اهي هندو حاڪر سومرن جي سردارن جو سنگُ پريندا هئا.

مذڪور: ع ـ ذڪر، ڳالهيون، يادگيريون، پچار، مصلحتون.

داستان پهريون

۱. **ميهڻو:** عيب، طعنو، عتاب، ٽيڪ. نوٽ: راڻو مومل کي سومل سان گڏ ستل ڏسي سندس پير ۾ لکڻ نشانيءَ طور رکي ويو هو. اهو لکڻ گويا مومل لاءِ مخفي ميهڻو هو.

راءُ: راجا (سن ـ راجن).

ميڌرو: هيءَ راجپوتن جي هڪ سردار جو لقب هو. راڻي کي انهيءَ نالي سان به سڏيندا هئا.

۲. **ڪامل:** ع ـ ڪماليت وارو، پورو، هوشيار، قابل.

ڪاڪ: ڪاڪ اصل هڪ نڻن جو نالو آهي، جا جيسلمير جي اتر اولهه وارن ٽڪرن مان نڪري لوڊاڻي جي سرزمين مان وهندي هئي. هڪ انگريز مصنف ٽاڊ صاحب لکي ٿو ته انهيءَ نڻن تي هڪ ڪاڪ نالي ساڏو رهندو هو، جنهن جو نالو انهيءَ نڻن تي پيو. مومل جي ماڙيءَ جا ڊڻل نيشان انهيءَ ڪاڪ جي نڻن تي ايا تائين موجود آهن. مومل انهيءَ ماڙي جي چوگرد جادوءَ جي زور تي خوني درياه ۽ جهنگلي جانور رکيا هٿا ۽ اعلان ڪيو هٿائين ته جيڪو اهي لنگهي اندر ايندو سو مونکي ماڻيندو. هڪ ٻي مومل جي ماڙي ٻن ٽن ميلن جي پنڌ تي ڊڻل نظر اچي ٿي. ڪن جو چوڻ آهي ته اصلوڪي مومل جي ماڙي اها آهي، جتي راڻو روز رات جو مومل سان ملڻ ويندوهو، ڇاڪاڻ ته اها اڳين لوڊاڻي واري ماڙي عمر ڪوٽ کان ٻه ٽئي منزلون پري آهي ۽ راڻي جو هر روز رات جو اچڻ وڃڻ ناشدني هو. پر صحيح روايت آهي ته مومل اها ماڙي راڻي جي رسامي بعد، ڪيس پرچائڻ جي خيال سان ٺهرائي اچي ويئي هئي ۽ ڏاڪهه ٻه آتي چڙهي هئي.

٣. **جُوءِ:** جاءِ، مڪان، ديس، ماڳ، (ف ـ جا).

جوءِ: زال، (سن ـ جايا).

ڪوهه: ڇو، ڪيئن، ڇا لاءِ، عار، عزت.

٤. **ننگن:** (ف ـ واحد ـ ننگ= لڄ، شرم، (زال کي مرد جو ننگ يا شرم چون).

نثار: قربان، فدا.

٥. **رنگ:** ف ـ راحت، وندر، خوشي، رونق، ظاهري حالت.

زنگ: ف ـ ڪٽُ، ڪسُ، بغض، دل جي ڪدورت.

نامياڻ: نام وارا، نالي وارا، نام ڪڍيا (ف ـ نام+ يو).

٦. **ساءِ:** سڪ، ڪارڻ، لاءِ، واسطي، سبب.

ڪانگ اڏائڻ: اوسيڙي ۾ گذارڻ، انتظار ڪرڻ.

٧. **راز:** ف ـ ڳجهه، پردو، پيد، پوشيدهه ڳالهه.

٨. **ڏهارڻ:** ڏوهه واري، قصور وار، (سن ـ دوش= ڏوهه+ وار).

ڏاهه: (ف ـ داهه) ٻانهي، گولي.

بدراهه: (ف ـ بد= خراب + راهه= رستو) خراب راهه تي، بدڪار، عيبدار.

٩. **چڪي:** چڪيا تي، ڏاڳهه تي، (سن ـ چتا).

لار: لاڪاپو، لڙهه، لغار.

لکي: قسمت جي لکي، نصيب، انگ، (سن ـ لکن).

ڏاڳهه: ستي ٽيڻ، ساڙو، ڏنپ، ٽڪو، الزم، داغ، (سن ـ داهه، پرا ـ داگهه).

سر: ع ـ راز، ڳجهه، مام، اندر جو مطلب.

اولاڪ: باهه جو مچ، سوز، ساڙو، پَچَ، (سن ـ أتک).

١٠. **هيرو زهر:** هيري ڪائڙ سان ماڻهو مري ويندو آهي، تنهن ڪري ان کي زهر ڪري ليکيو وڃي ٿو.

١١. **نيبه:** نيائڻ، وفا ڪرڻ، جڻڻ، (سن ـ نرواهڻ).

١٢. **ڪارنهه لهندي ڪاڪ تان:** ڪاڪ (مومل جو ماڳ) تان اهو ٽڪو لهندو يعني مومل تان اهو بديءَ جو بار لهندو.

١٣. **ڏنڌ:** ڏنڊ، سزا، ڏک، عذاب، (سن ـ دند).

ڏهاڳ: مڙس جو زال تي رنج يا ناراضپو، مڙس جو وڇوڙو پوءِ ڪهڙي به سبب ڪري هجي، (سن ـ درپاڳيه).

ستاري: (ع ـ ستر= پردو، ڍڪ) پردي پوشي، ڍوهه ڍڪڻ.

١٤. **نڏر:** (نر= نه + آڌار) نڏڪي، جنهن کي پٺ نه هجي، بي وسيلي.

ولها: مڙس، پتار، محبوب، پرجهلو، ورُ، (پرا- ولهَ، سن ـ ولپ).

١٥. **ڏس:** ڏنگ (وڇوڙي جو).

وڇوه: غمگين، ڏکويل.

١٧. **مرڪ:** فخر، مرڪڻ جهڙي ڳالهه، عادت، وڏائي، شان لائق، (پرا- يل، سن ـ پدر).

١٨. **ولهي:** نڏڪي، گيباڻي، سکڻي، سڃي ڪنگال، رس ڪانسواءِ، بي رونق، خالي، (سن ـ ورهت).

پينگ: بي ثمر، اجاڙ، ويراني سڃ، (سن ـ پڱج).

ياڻا: واحد ـ ياڻو= ماڳ، رهڻ جي جاءِ، مڪان، منزل، وڻاڻ، (سن ـ اوستان).

٢٠. **آجي:** آزاد، (ف ـ آزاد، سن ـ آيت).

ڪوجهي: بدشڪل، ڪني، بيڄڙي، بدنام، (سن ـ .....).

٢١. **ڊٽ:** برپٽ، ريگستان، ٿر ملڪ ٿن پاڳن ۾ ورهايل آهي: اتر واري پاڳي ڪي ڪائر، ڏکڻ واري ڪي پائر ۽ ٻنهي جي وچ واري پاڳي ڪي ڊٽ چون.

ڪرهل: اٽ، (سن ـ ڪرپ).

ڪاڻي: ڪامڻ، سڙڻ، جلڻ، حسد ڪرڻ، سوزش، (سن- ڪشام).

٢٢. **سيتل:** سيتل راءِ ان وقت جو هڪ بيئل ماڻهو هو جنهن مومل جي حسن جو ٻڌي سندس سگ ڇڪايو هو. سيتل راءِ هيشه مومل سان ملڻ جي ڪوشش ڪندو هو. اها ڏاهه مينڊري جي ڪن پڙ پيل هئي.

٢٤. **رهائڻ:** راضي ڪرڻ، جڳائڻ، وڻن، جائز هڻڻ، (سن ـ آرهم).

تدبير: ع ـ اٽڪل، اپاءِ، تدارڪ.

توڙي: ڏاڇي، جنهن تي راڻو ڪاڪ ڏانهن روزانو ويندو هو، (پ ـ توڙي).

تڪبير: ع ـ ڪهڻ، الله اڪبر چوڻ، تڪبير وجهڻ. مسلمان جانور ڪهڻ وقت الله اڪبر چوندا آهن ۽ انهن لفظن چوڻ کي هو تڪبير چوندا آهن.

ڪڏو: خراب.

ڪبير: راڻي جي سهري جو نالو.

رڻ ٻير: جُنگ، بهادر، (سن ـ رڻ وير).

ڪهاري: وڇوڙو، جدائي، ڦوٽ، فراق، زخم، (وِڇهٽ).

(ڪافي)

رساما: رسڻ، (روشَڻ).

ميار: ڏوراپو، ڏوهه، قصور.

برهين: برهه جا، عشق جا، (سن ـ ورهم).

١. **سومل:** مومل جي ٻيڙ جو نالو.

سومل سان سمهڻ الخ: راڻي جي دير سان اچڻ ڪري هڪ رات مومل پنهنجي ٻيڙ سومل کي مردانو ويس ڪرائي پاڻ سان گڏ سمهاريو انهي لاءِ ته من ائين سمجهي ته منهنجو راڻو آهي ۽ اهڙي نموني دل کي آڻت اچي. اڌ رات بعد راڻو اچي ڏسي ته مومل سان گڏ ڪو ٻيو ستل آهي. پوءِ هو لکڻ نشاني طور ڇڏي ويو ۽ رسي ويو. تنهن تي مومل ٽي چوي ته نڪي سومل سان سمهان ها نڪو راڻو رسي وڃيم ها، ۽ نڪي ڏک ڏي ڏسان ها. نوٽ : هي اشارو نفس طرف آهي.

٢. **ڏولهان:** (ڏولڻ= ڳولهڻ، ڦولهڻ، ڏورڻ) ڏوريان ها، (سن ـ دولیہ).

٣. **مل:** ملهه، بهادر، پهلوان، جوڌو، (سن ـ مَل).

سل: سوراخ، (سن ـ شلیہ).

غير: ع ـ دئي، ٻيائي.

٤. **ريڌو:** ريجهڻ: راضي ٿيڻ، خوش ٿيڻ، (سن ـ رُدْ).

آٽڻ: زالن جي ويهي ڪتڻ جي جاءِ، جاءِ، گهر، مڪان، (آيتن).

اجهائي: اجهائڻ، وسائڻ، ٽڏو ڪرڻ، مائو ڪرڻ، (سن ـ ايپتي).

٥. **پرٽ:** ڪٽياڻي، عورت، اشارو مومل ڏانهن، (گ.م ـ هيم ـ پريٽ).

زالاڻو: زالن وانگر.

باطن: اندروني، ڳجهو، لکل، دل، (ع ـ باطن).

بلي: ف ـ واهه واهه، خوب.

٦. **ماهي:** ف ـ (ماهه = چند) چند جهڙو سهڻو، مڇي.

مٽيادار: مٽ وارو، نور وارو، سهڻو، (سن ـ مٽي، ف ـ دار).

ميار: ڏوراپو، قصور، ڏوهه.

سگ : مائٽي، ناتو، سنگت، لاڳاپو، (سن ـ سنگ).

٧. **لوڪين:** لوڪ ۾، ماڻهن ۾، (سن ـ لوڪ، پرا ـ لوگ).

پاڳين پلايو الخ : مونکي تقدير يا نصيب پلايو يعني مونکي پنهنجي پيڻ سومل سان سمهڻ نہ گهربو هو، پر منهنجي ڪرمن ۾ ائين لکيل هو. تون پڻ انهيءَ کان بي خبر هئين، تنهن ڪري تنهنجو به ڏوهه ڪونهي.

سکون: خوشيون، سکَ، (سن ـ سُک).

سهج: سک، آرام، خوشي، سينگار، لذت، (سن ـ سَهجا).

۱۰. **ڀڳڻ**: ڳٽڻ ڳڻن وارو، نيڪ، (سن ـ بهو= گهٽو+ڳڻ = خاصيت).

۱۱. **ناتر**: سومل جي ڀانهي جو نالو.

۱۲. **نائي**: نائن= نمائڻ، هيٺ ڪرڻ، نوڙائڻ، (سن ـ نَمَنَ).

۱۳. **ويرين**: (واحد ـ ويري) دشمن، (سن وَيَري) .

پائيءَ پاءِ: ڏوهه جو ثابت ٿيڻ، حساب يا منهن نڪرڻ .

۱۶. **ڪونر**: ڪنول جا گل، نيلوفر، (سن- ڪَمَلَ).

۱۷. **ڏولها**: اي ڏول، سڄڻ، محبوب، پٽار، (پرا ـ ڏولئو، سن ـ ڏَوَ + لو).

ويڳاڻي: بيگاني، موڙهيل، ڏاري، (ف ـ بيگانہ).

ويڙن: واحد ويڙ= عتاب، مهڻو، ٽوڪ، (پرا ـ ويڙ ، سن ـ وَچَن).

لڙون لڙ ٽٽن: پرزا پرزا، چيهان چيهان، (پرا. لتَ، سن ـ لَکتَک).

سائيهه: وطن، ملڪ، ديس، ڏيهه، گهر، (سن ـ سوديشَ).

۱۸. **اڌو ٻنڌ**: لانگوٽيا فقير، (سن ـ اَردَّ).

رسيا انهيءَ هنڌ الخ: هن مايا جي ٻيائيءَ وارن خيالن مان نڪري هيڪڙائيءَ واري خيال ۾ وڃي پيا.

"مون تون" ناهه ڪا: فنافي الله ٿيا، ذات ۾ ضم ٿيا، حق ٿيا.

۱۹. **لڌاڻو**: ملڪ جو نالو جيڪو جيسلمير جي اتر ڪان ماڙيلي جي ملڪ تائين پکڙيل هو. گاديءَ جي هنڌ جو نالو به لڌاڻو هوس. ڪاڪ جي نئن به لوڌاڻي مان وهندڙ هئي، جنهن تي سومل پنهنجي ماڙي اڏائي هئي. هيءَ ملڪ لوڌر قوم جي راجپوتن جو وسايل هو.

ڪاپڙي: سنياسي، جوڳي فقيرن جي هڪ ذات. هي لفظ اصل ڪاپڊي آهي، جنهن

جي معنيٰ آهي گيڙو پوش فقير. هن بيک جا فقير هميشہ سيلاني رهندا آهن.

ٽاڪ ٽيا: ٽاڪيا، ماڳ يا منزل تي پهتا، (ٽاڪ= گهر، نڪاٽو، ماڳ، جاءِ، منزل، (سن ـ سٽا).

۲۰. **لاهوتي:** ع ـ لاهوت جي منزل وارا. لاهوت سلوڪ جي چوٽين ۾ آخري منزل آهي، جنهن ۾ سالڪ فنافي الله ٿي وڃي ٿو.

هڏ: بلڪل، مور.

حَدون: ع- واحد- حد= بندش، مايا جو ٻنڌڻ، هي سرير، انتها، ڪنارو، مفاصلو، ٻن چيزن جو.

حدون ڀڃي هليا الخ: اهي نامياڻا نانگا فقير هن مايا جون اپاڌيون (ٻنڌڻ) ٽوڙي ۽ آزاد ٿي وڃي پنهنجي رب کي رسيا.

سرت: هوش، يادگيري، سمجهه، هوشياري، (سن ـ سمرِتي).

وصال: ع ـ ميلاپ، ملاقات.

۲۱. **ڊريا:** ڊرڻ، ڊرو ٿيڻ، لهڻ، (سن ـ ڏون).

۲۳. **مانجهي:** بهادر، سورهيہ (سن ـ ماڏيہَ) .

۲۴. **ڳجهاندر:** مخفي، تمام ڳوڙهو، (سن ـ گهيہ).

۲۶. **ڪلدار:** (ڪلا= جوت، ڏيا، روشي+ دار= وارا) نوراني شڪل وارا، ڏَيا وارا،

دود: ف ـ دونهون، جوش، تپت، تئو، ٻاڦ.

سوزان: سوز، سوزش، جلن، ساڙو، عشق جي باهه، (ف ـ سوز، سوختن= سڙڻ).

نڳيا: نڳڻ نڪرڻ، ايڙڻ، پيدا ٿيڻ، اپجڻ، (نرگمَنَ).

برخوردار: ف ـ نندا، ٻچا، نيڪبخت، مراد ماڻيندڙ، خوش، سر سبز.

پنيلها: پنيلجڻ، (گ ـ پَنيورَون ـ هير ـ پَنيي) موهجڻ، مست ٿيڻ بگڙي بيهڻ، بيهوش ٿيڻ، پريشان ٿيڻ، ڏکن ۾ پوڻ.

۲۷. **نڪامورت اڙي الخ:** سچل سرمست مومل جي عشق جي مجازي عشق سان پيٽ ڪئي آهي. هتڙي هو انهيءَ جاءِ جي پهچ ٿو ٻڌائي، جتي نڪا آهي صورت

نڪا آهي مورت، رڳو آهي نور. جڏهن اهو نور جو قطرو هن سرير ۾ سمايو، تڏهن هت اچي باصورت ٿيو يعني صورت ورتائين، نہ تہ اصل اهو ہي صورت آهي، جنهن کي "نرنڪار" سڏجي ٿو، جيڪو فنافي الله (الله ۾ فنا ٿيڻ) جو درجو آهي. هيءَ اها منزل آهي، جتي پهچڻ بعد نڪا هتان جي ڪا سمجهہ يا سرت ٿي رهي، نڪا ڪا يادگيري ٿي رهي، نہ ڪوئي فنا بعد هن کي انهيءَ ڏيهہ ۾ ڏسي ٿو سگهي.

۲۸. **بي خودي:** (ف ـ بي = سواءِ + خودي= هستي) سواءِ پاڻ يا خودي‌ءَ جي، بيهوشي. **روءِ رخسار:** ف ـ صورت شڪل.

الان ڪماڪان: ع ـ "ڪانَ الله ڪانَ الله لہ" يعني حيڪو شخص حق تعالي جو ٿي وڃي ٿو تہ پوءِ حق تعالي ہہ ان شخص جو ٿي وڃي ٿو.

همہ سان هڪ ٿيا: برهم يعني حق سان هڪ ٿي ويا. هي "همہ اوست" طرف اشارو آهي يعني "سڀ اُهو آهي." انهي کان هيٺين درجي وارا چون ٿا تہ:

"همہ ازو ست" يعني سڀ ڪجهہ انهي منجهان آهي.

(ڪافي ـ ۱)

ساهہ سڌير ٿيڻ: ساهہ سامت يا ۾ اچڻ يا خوش ٿيڻ.

سڪري: ڪل واري، فائدي مند، **ڪارائتي:** (سن ـ سَڪَلَ).

چوطاق: چارئي طرف، چارئي، عضوا.

اولاڪ: فڪر، ڳڻتي، ارمان، باهہ جو مچ، سوز، ساڙ، (سن ـ اَتَكَ).

چاڪ: ف ـ زخم، وڍ، چير، گهاءُ.

(ڪافي ـ ۲)

ولها: اي پتار، اي مرّس، (سن ـ وَلَهَ).

ساءُ: سواد، لذت، مزو، شوق، ذوق، (سن ـ سوادَ).

شريڪت: (ع ـ شرڪت) برابري، همسبري.

شانن: واحد ـ شاني= مَٹُ، ساڄي شان وارو، ثاني، (ع ـ ثاني).

ڪاءُ: ڪٿاءُ: ڪهڙي طرح، ڪيئن.

سرڪاريهر

داستان پهريون

ڪاريهر: ڪارو ناگ، واسينگ، راڪٽيءَ جو نالو. هن سُر کي ڪالسرو ۽ نانگ سرالي ب چون هيءَ ڪماچ ناٽ جو راڳ آهي. ڪاريهر جي ڳائڻ جو وقت پوياڙيءَ کان ڏيئي ٻرڻ جي مهل تائين آهي.

هير: چوچڪ سيال جي ڏيءَ هئي، جو ضلعي مظفر ڳڙهه جي هڪ ڳوٺ، رنگپور، ۾ رهندو هو.

رانجهو: هن جو اصل نالو..... هو مگر ذات جو رانجهو جت هو ۽ هو هزاري ملڪ جي حاڪر جو پٽ هو.

۲. **سنگهڻ:** ڏنگڻ، واس وٺڻ، (سن ـ سنگهيہ).

ڪر: سينو، ڦڙ، ڳاٽ، (سن ـ ڪَرَ).

ڈر: خوف، ڊڄڻ، (سن ـ دَرَ).

۴. **جڪ مارڻ:** اجائي بڪ ڪرڻ، اجايو مٿو هڻڻ (اصطلاح) (هير- جهنڪٽي= جڪي ٿو).

ڪک: نانگ.

سياگا: چڪي پاڻ وارا، (سن ـ سَوپاڪيہ، س = چڱو + پاڻ).

۵. **ڪنگال:** مفلس، سجو، غريب، (سن ـ ڪَنڪالَ).

۶. **تخت هزار:** رانجهي جو وطن ۽ تخت گاهہ.

جهنگ سيال: هير جو وطن.

۷. **ڈاجو:** ڏيج، شادي ۾ مليل سامان، تحفو، (سن ـ دايہ).

آجو: آزاد، (ف ـ آزاد).

درد: ف ـ غبار، غم، رنج، دونهون، ڪارنهن.

۸. **ڪاڻي:** ڪان = تير، ڪانُ.

سراپُ: پٽ، پاراتو.

لوح: ع ـ تختي، لوح قلم، نصيب، قسمت، لوحو محفوظ، اها تختي جنهن تي جيكي ڪجهه ٽيو آهي ٽئي پيو ۽ ٽيندو سو سڀ خدا لکي ڇڏيو آهي .

قرب: ع ـ ويجهڙائي، عشق، محبت، نزديڪي .

۹. **پنهنجو ديس:** روحن جو مڪان، عالم ارواح، زمان ماضي.

هير: رانجهي جي دلدادهه، هتي اشارو مايا طرف .

۱۰. **راءُ:** بادشاهه، راجا، (سن ـ راجَنَ).

سماءُ: سڌ، خبر، (سن ـ سماءُ).

گهورن: گهور، پُور، خيال، گهنڊ وجهي نهارڻ، چتائي ڏسڻ، گهري نظر، اکين جي تيز نظر، (سن ـ گهورڻن).

گهاءُ: زخم، ڏک، (سن ـ گهات).

۱۱. **پاڙڻ:** برابر ڪرڻ، مقابل ڪرڻ، پورو ڪرڻ، مجرا ڪرڻ، (سن ـ پار).

تقدير: ع ـ قسمت، لکيو.

تدبير: ع ـ اپاءُ، ڪوشش .

قيد الماءُ: ع ـ پاڻيءَ جو قيد، يعني جتي داڻو پاڻي لکيل هجي، نصيب، قسمت، تقدير. قيد الماءُ اشد من قيد الحديد (حديث) يعني داڻي پاڻي جو قيد لوهه جي قيد کان سخت آهي.

۱۲. **جوڳيا ويس:** جوڳين وارو ويس يعني گيڙو رتا ڪپڙا.

نيٺ: بلڪل، صفا، (سن ـ نِشيَتَ).

نراس: نا اميد، مايوس، (سن ـ نراش، پرا ـ ڀِراس، نر = نه + آشا= اُميد).

(ڪافي)

سامي: سوامي- الله لوڪ- فقير- (سُوامي)

ڪفني: ع- الفي

دست پهوڙا: هٿ پير وڌو چمڙو، دست پناهه.

مشعل: ع- شمع، روشن، ڏيئو.

موچارو: مڪ چارو (مڪ- منهن+ چارو سهڻو) سهڻو، سونهارو، سڳورو

انگ: عضوو، بدن جو پاڳو ۲ـ بخت جو ليکو، نصيب- پاڳ- قسمت، لکيو (سن- اَنکَ)

ويس: ويس- پوشاڪ لباس، نمونو (سن- ويش)

پيوت: مٽي- خاڪ، چار (ڳئون جي چيٽن جي چار جا شو مهراج جا پوڄاري پوڄي بدن کي پيوت لڳائيندا آهن)، (سن- وِبُوت)

وڻجارو: واپاري، سوداگر (سن- وانِجيہ + هارا)

داستان ٻيو

۱. **چوچڪ:** هير جي پيءُ جو نالو.

۲. **شاهہ هزاري:** هزاري ملڪ جو حاڪم، رانجهو.

عار: ع ـ شرم، حياءِ لڄ، عيب.

قريب: (ع ـ قرب= ويجهڙائي) نزديڪ، ويجهو، دل جي ويجهو، يعني سڄڻ، دوست.

۴. **ڪاڻ:** واسطي، خاطر، لاءِ، غرض، پرواهہ.

۵. **ميلي:** ميڙي، ميلاپ ڪرائي، وصال ڪرائي، (سن ـ مِلَ).

۶. **ڏولا:** واحد ـ ڏولو ڏک، تڪليف، رولڙو، مصيبت، پريشاني، (سن ـ دولا).

ڏيل: بدن، جسم، اندر، تَنُ، دل، (سن ـ دُولِ).

۷. **نورنگ:** هير جي مڙس جو نالو.

ڪيڙو: هير جي مڙس، نورنگ، جي ذات.

لوہ وجهڻ: ڪڏ ۾ وجهڻ، ڪهِ وجهڻ، بَنِ ڏيڻ، (سن ـ ڪُوپي= ڪڏ).

۸. **جهنگ:** جهنگ سيال، (هير جو وطن.)

جهيڙي: (جهيڙڻ= وڙهڻ، جهيڙو ڪرڻ) وڙهي يا جهيڙو ڪري.

۱۰. **چت:** من، اندر، دل، (س ـ چت).

پت: عزت، لڄ، مانُ شان، مرڪ، انجام، ويساهہ، اعتبار، وفا، (سن ـ پرَتيتِ).

۱۱. **ڪپڙتال:** فسادي، جنجل، مصيبت، (سرا ـ ڪپڙتال).

وڏون: رندڪون، پيڪڙيون، (سن ـ وڏا).

۱۲. **وجهلي:** بينسري، مرلي، (سن ـ ونَشي).

چاهون: چاهہ مان، شوق يا محبت مان، (سن ـ اچِچا).

چناهہ: چناب ندي جا پنجاب ۾ آهي.

۱۳ **لوء**: جُوء، ديس لوڪ، جاءِ، مڪان، (سن ـ لوڪ).

رمزدار: (ف ـ رمز= راز، مامر، ڳجهه، دار: وارو) ڳجهو، مامر يا راز وارو.

جاتي: پهري، جڙي، جوڙي، (هـ ـ جوڻن، سن ـ جودَنَ).

جنسار: سينگار، پوشاڪ، زيور، طرح طرح جي شي، (گ جٹس + آر، م ـ حنسوار، ع ـ جنس وار.

مٹيادار: (مٹيا = نور، تجلي + وار= وارو، رکندڙ) نور وارو، سهڻو، مٹدار .

۱۴. **الستي**: السٽ جو آواز، (ڏسو: معنيٰ ۽ شرح، سر گجري ـ داستان پهريون).

هردي: هردي اندر، دل ۾، (سن ـ هرديہ).

۱۵ **ڪتيل**: ع ـ ڪتل ٿيل، ڪٽل، مقتون.

گودين: گود ۾، جهولي ۾، (سن ـ ڪرودِ، ڪردِ= جمع ٿيڻ).

گودڙي: گودڙيءَ وارو، جوڳي، (سن ـ ڪَنٿا).

مَندڻ: وَسَ ۾ ڪرڻ، جادو وجهڻ، (سن : مُدرَڻ).

مَند: جادو، منتر، (سن ـ منترَ).

نسورا: خالص، نج .

نيل: ڪارا نانگ.

رسي: رس ۾ريل، سريلي، وٽندڙ، (سن ـ رَسِکَ + لو).

۱۷. **ڪنڊل**: والا، جيڪي جوڳي ڪن ۾ پائيندا آهن، (س ـ ڪُنڈَلَ).

جوڳيسر: جنهن جوڳ ڪيو هجي، (سن ـ يوگيشورَ).

راوي: ندي جو نالو، جا پنجاب مان وهي ٿي. نورنگپور جو شهر راوي نديءَ جي ڪناري تي آهي، جتي نورنگ ڪيڙي هير کي پرٽائي وڃي بند ڪيو هو.

روي: (ف ـ رفتن= وڃڻ، هلڻ) روانو ٿيو، ڪهي هليو.

۱۹ **ٽانيڪو**: هٿيڪو، هڪ هٿ، ٽانهر، (سن ـ ستَرَ).

ٽانگو: جوڳي (رانجهو).

۲۰ . **مرڪڻو**: مرڪڻ وارو، مرڪندڙ، ٻهڪندڙ .

ڪردار: (ڪر= ڪڻ+ دار= وارو، رکندڙ) ڪڻ وارو.

ناٿ: وڏو، مالڪ، جوڳيسر، جوڳين جو مرشد يا گرو، (سن ـ ناٿ).

۲۱. **مندڙا:** ڪن جا والا، جي جوڳي پائيندا آهن، ڪنڊل، (سن ـ مُدرا).

۲۲. **تنبون:** واحد ـ تنبي، ڪشتيءَ جو قسر، سوڙهي ڇڇي وارو ڪدوءَ مان جڙيل ٽانءُ، جي فقير پنڌ لاءِ ڪٽندا آهن، (سن ـ ٽنبَکَ).

۲۳. **نيٽي:** نوجوان ڪنواري ڇوڪري .

۲۴ **ڪاريا:** پورا ڪيا، (سن ـ ڪر = ڪرڻ).

ماندي: منڊ پڙهندڙ، جوڳي، رانجهو، (سن ـ منتري).

نوٽ: رانجهو هير جي لاءِ جوڳيءَ جو وس ڏڪي سندس ديس ۾ لڪيو ٽي ڦريو. هير اهو ٻڌي تال ڪيو تہ مونکي نانگ ڏنگيو آهي، ڪو جوڳي ڳولهي اڇو. انهيءَ مِنهنَ تي رانجهي ۽ هير جو ميلاپ ٿيو.

مِنهنَ: عذر، ڏونگ، مڪر ٻهانو، (سن ، مَشَ).

وهہ: زهر، (سن ـ وَشَ).

۲۵. **مگن:** ڇڪن، مست، خوش، محو، (سن ـ مگنَ).

لگن: لاڳاپو، لڳيو.

۲۶. **هُتي:** زمان ماضي، روحن جو عالم.

هِتي: زمان حال، هي دنيا.

سالم: ع ـ پورو، ثابت.

(ڪافي)

جتائون: وارن جون ڇڪون، وڻيل وار، جوڳين جا وڏا وار (سن- جٹا، پرا، جڙا).

بسمي: رک- خاڪ، ڇار (سن- بِسَمنَ)

پور: ويچار، ڳڻتي، فڪر (سن- پور)

ڇر ڇر: ويچار، ڳڻتي، فڪر (سن- شِنج)

سرءُ: رزا، ڳجهہ، اندر جو مطلب

سُر ڪليان

داستان پهريون

ڪليان: آنند، سک، آرام، شانتي، راڄڪٻ جو نالو.

ڪليان ديپڪ راڳ جي شاخ آهي. **ڪليان** رات جي راڳن جو منڊ آهي ـ بنتي تي وڻ چاڑهڻ جو وقت **ڪليان** جي ڳائڻ جو وقت آهي ۽ رات جو ۹ ڀجي تائين ڳائي سگهجي ٿو.

سمو: چار تماچي، جنهن سان هي قصو منسلڪ آهي، سو سنڌ جو حاڪر ٿي گذريو آهي ۽ سندس ذات سمو هئي. سما اصل جادَو ڪهراڻي جا راجپوت هئا، جن سومرن جي حڪومت جي خاتمي بعد سن ۱۳۲۳ع ڌاري پنهنجي حڪومت قائم ڪئي ۽ سن ۱۵۳۰ع ڌاري ارغونن هٿان سندن پڇاڙي ٿي.

ڪندري ـ ڪندرا: مهاڻن جي هڪ ذات (نوري پڙ ذات جي ڪندري هئي)، ڪني، بدبوءِ واري.

۱. **مي:** مهاڻن جي هڪ ذات.

شفقت: ع ـ مهرباني، مروت، رحم.

شُمار: ڳاڻاٽو، (ف ـ شُمردن = ڳڻڻ).

ڪاندر: مهاڻي، مهاڻن جي ذات.

عار: ع ـ عيب، شرم، حياءَ، لج.

مدار: بار، ذمو، پروسو، تعلق، جوابداري.

ڪينجهر: ڏنڊ جو نالو جو ٺٽي ۽ جهرڪن جي وچ ۾ هيلايا ٽڪري جي هيٺان آهي.

۲. **ڪاڻ:** پرواهه، فڪر، ڳڻتي، واسطي.

ڪڙم: ڪنبو، قبيلو، (سن ـ ڪُنبه).

٣. **لج رهائين:** عزت، آبرو ۽ شرم جي رکين، (سن ـ لَجا).

پلئو: پاند، لڙهه، دامن، (س ـ پَلَو).

٤. **اياڻي:** اڻ ڄاڻ، بي سمجهه، (سن ـ اَجِجانَ).

ڄارو: وڏي ڄاري، مڇين ڦاسائڻ جي، (سن ـ جالَ).

ڄارو ڄام ڪلهي ڪنيو: سمورو بار سرتي ڪنيو.

٥. سر، ڊورا، تلاءِ، تڙ، (سن ـ شَرَسَ).

ڇڇي: مڇيءَ جو اندريون گند، ڪليون پتو وغيره.

ككي: مڇي.

راءِ: راجا، (سن ـ راجَنَ).

راض: ع ـ راضپو، رضا، مرضي، اجازت، خوشي، (ع ـ راضي).

سيهاڻي: سيبائڻ، وٽڻ پسند پوڻ، سهائڻ، جڳائڻ، (سن ـ شوپنَ).

٦. **ڪلسا:** (ڪلس = چلڙ) چلڙ واري مڇي، (هـ ـ كَول).

ڪلوري: مڇي جو قسم .

ڪالوڙا: وڏا ڪُمَر، وڏيون پٺ جون پاڙون.

هوري: ڪمن واري ڪڏ ۾ گاه جي نموني پن ٽيندي آهي. ان جي مٿان گل ٽئي ٿو، جنهن ۾ زرد هورو ٽئي. اهو پٽي انجا مٽيا ٻڌي هوري تيار ڪندا آهن جا رنگ جي هيڊي ٽيندي آهي. (سن ـ هُورَ).

اڌوٻڌ: لانگوٽا، چوتيا.

قصوري: اڇا ۽ قيمتي ڪپڙا .

سالان: سالو جو سنهو ريشمي ڪپڙو، (ف ـ شال).

واسيو: واسڻ، سرهو ڪرڻ، خوشبو ڏيڻ يا اٽارڻ، سرهاڻ سان ڀرڻ، (سن : واسنَ).

ڪهنبو: ڇٽڪبرو رنگين ڪپڙو جو گهٽو ڪري شاديءَ جي وقت ڪنوار کي ڏيکائيندا آهن، (سن ـ ڪُسُنبَ).

ڪٿوري: مشڪ، خستوري، (سن: ڪَستُوري).

تار: پريل، تعلق، واسطو، بيحد، گهٹو، اونهو پاڻي .

اپر: مٹي، بي حد، بي نهايت، وڏيڪ، (سن ـ آپار).

عطوري: ع ـ عطر، خوشبودار.

سهاڳ: سک، سپاڳ، آرام، مڙس جو پيار، (سن ـ سَوُپاڳيہ).

۷. **پير مڙهن نيرا:** ڪارا ڪوجها.

چيرا: رنگين، رنگين لباس يا ڪپڑو، (سرا- چيرا، پرا- چِيرَ ، سن ـ چِيرَکَ).

ڪات: ڪاتيون، خنجر، (سن ـ ڪَرتَرِ).

ڪيرا: مال هڏڻ جا ڪلا، (سن ـ ڪَيلَ).

سگهڙ: چڱي گهڙ وارو، داناءُ، (سن ـ سن = چڱو + گهِنتَ).

۸. **وهين:** (واحد ـ وهم)چرپي (سن ـ وَسا).

وهل: مڇيءَ جون هوريون.

لپيون: واحد ـ لپي مڇي مان ڳڳ، (سن ـ لِپَ = چنبڙڻ).

ڏڻ ڏپ: ڪوبہ اَنُ جو گاهن جي پيدائش ٿئي، جهڙوڪ پيرون، پرٹ، سائون وغيره .

جهپير: مهاڻن جي ذات، (سن ـ جَهس+ ايِر).

۹ . **جهاڳيون:** جهاڳڻ، پاڻي مان لنگهڻ، (سن ـ ڪشپ).

جهاڳ: پاڻيءَ جو پنڌ

منجهر: ڏنڊ جو نالو، جا سيوهڻ تعلقي ۾ آهي.

مها: وڏي يا وڏو، (سن ـ مها).

لاڪيٹا: لکن جهڙا، خوبصورت، لکي، (سن ـ لشکا + ايٹو).

اجهاڳ: اڻ ميا، اڪٹ، بيحد بي شمار، جهاڳڻ ڪان باهر، (آگاڌ، آ = نہ + گاڌ= ترو)

لاگ: بخشش، دان، انعام، محصول، حق واسطو، آسرو، (گ- لاگو، سن- دولا).

ڏلين: ڏهيلن، ڏُکويل، ڏتڙيل، نياڳا، سڄا، (سن ـ دولا).

۱۰. **ڍول:** نمونو، شڪل، صورت، (هـ ـ ڈُول).

ڏونڊيون: ٻيڙين جو قسر، (سن ـ دروڻي).

ناپو: ڪُمن جي سڪل سفيد ڪَنِ .

ڦرها: (واحد ـ ڦرهو) ڪجي جا پن، ڪکن جو ٿهيل سينهو جو مهاڻيون مٿي تي رکي کارا ڪڍنديون آهن.

ڦريون: سنگريون.

موڙهيون (موڙي)، ننڍا گاهه جا گڏا، ويڙهيون، سينهو، (سن ـ موٽڪ).

ملاحيون: (ع ـ واحد ـ ملاح) مهاڻيون، مير بحرڻيون .

جوڙيون جوڙڻ: ڪاج پورا ڪرڻ، دل جون مرادون پڄائڻ، صنعت جي وسيلي جهان کي خلقڻ .

١١. **سهج:** آرام، خوشي، سک، (سن ـ سَهجا).

١٢. ٿوريون، واحد ـ ٿور) هلڻ، گهمڻ، (سن ـ تَورڻ).

ٽنڊيون: واحد ـ ٽنڊ= وڏائي، فخر، نخرو.

چونڊيون: چونڊ ڪيون.

١٣. **وٽ:** پر ٻر.

ميڙيون: واحد ـ ميڙ= منٽ (ف ـ منت).

اويڙيون: بي وڙيون، واهيات، بي ڍنگيون، (سن ـ اَ= نہ + وَرتِ = وڙ).

سهايون: (سهائڻ= وٽڻ، جڳائڻ، ٿهڻ) وٽيون، (سن ـ شُبَ).

١٤. **اميٽ:** پلٽ، پالوٽ، (سن ـ اَد = مٿي+ ورت = چرپر ڪرڻ).

لٽن: (سن ـ لوٽن = اَٽلڻ) پاڻي جي اٽل.

پار: طرف، (سن ـ پارَ).

١٥. **انڊ:** بي پرواهي، آکڙ، مغروري، (سن ـ اَنڈَ).

طولان: شان شوڪت، دٻدٻو، تونگري، (ع ـ طول).

هاڪون: واحد ـ هاڪ آواز، نعرو، آلاپ، پڪار، نالو .

سپ اندامين الخ: انهن مهاڻين جي هڪ هڪ عضوي ۽ سنڊ سنڊ ۾ جواهر جڙيل هٿا.

ڈولي: ڪٺ، پالکي، (سن ـ دولکا)

۱۶. **چالیهون:** واحد ـ چاٽي چشڪو، عشق جي چاٽي، سواد لذت، (سن ـ چشٽي).

ڪل: حرفت، رمز، ڍولبازي، (ع ـ فکر).

والیون: (واٽڻ= وندڻ، وراهڻ، ڏيڻ) وراهيون، وندڻ، وندڻيون، (سن ـ سٽوٽ).

فن: اٽکل، ڍولبازي، حرفت، (ع ـ فن).

(ڪافي)

اگهاڙي: قبول پئي، اگهڻ، (سن- آر گهبَ).

ڪناري ڪرڻ: پار لنگهائڻ، اصطلاح.

داستان ٻيو

۱. **مڪ:** ڪنهن به ميوي جي سنهي ڪڻ کي مڪ چوندا آهن. ڪمن جي اندرين ڪڻ کي به مڪ چئبو آهي. ڪبڙ جي سنهي بوندي کي به مڪ سڏيندا آهن.

ترارو: تارازي جو پڙ، تورو، (سن ـ تلا = تورڻ+ رو).

جال: جام، گهٽو انداز، بي شمار، (سن ـ جال).

مر ڪينجهر پر الخ: پل ڪينجهر جو سمورو راج آرامي هجي، چاڪاڻ ته انهن جو سمورو بار سمي جام، نوريءَ جي صدقي، پنهنجي سر تي کنيو آهي.

۲. **سجاڻ:** سمجهه وارو، داناءُ، چڱي جاڻ وارو، (سن ـ سجاڻ).

۴. **موڙا:** سينهو، (سن ـ مُوتڪ).

جهوڙا: واحد ـ جهوڙو= جهاپو، ٽونر، ڇڪو، (سن ـ جُت).

نهوڙا: (نه + پڙا، پڙڻ = برابر يا مَٽُ ٽيڻ). سمي جام جي سک ۽ آرام سبب انهن انگ اگهاڙن جو ڪوبه مَٽُ يا برابر نه هيو. (نه+ پٽ = پوئڻ : ساڻي قطار ۾ رکڻ).

ڪوڙيون: واحد ـ ڪوڙي= بيڙڻ وڙڻ واري، نالائق، ڪميني، عيبدار، (سن ـ ڪُورَ).

۵. **رويون:** (رو= شڪل) شڪليون.

درا ۾ دويون: مڇي جا قسم.

۷. **لوهائيون:** واحد ـ لوهائي= مڇي ماريندڙ، (سن ـ لوهني + اِڪ، لهـ= وڌڻ).

لوريون: واحد ـ لوري= بي شرم، ڪميني، ڪمذات، هڪ ذات جا لنگهن ۾ مڱڻهارن وارو ڪم ڪن، (سن ـ لمپتا).

۸. **وريون:** ورا، جي جاين ۾ پون.

ويريون: واحد- وري، پت، سنڊو.

سهج: سک، آرام، (سن ـ سهجا).

سيريون: واحد ـ سيري= اهـا زمين، جنهن تان بڻئي نه وڻڻ ۾ اچي، بڻئي معاف زمين.

تريون: (ف ـ تيرهـ = سياهـ) ڪاريون، گدليون.

۹. **گنيرا:** واحد ـ گنير= گهٽن گٽن وارو، (سن ـ گن + ايرـ= وارو).

ديرا: واحد ـ ديرو= ان جو ڏگ، جاء ، مڪان، (ف ـ دير).

۱۰. **ترڪو:** مڇيءَ جو قسم.

ڪڙهيون: واحد ـ ڪڙهي= مڇي ڦاسائڻ جو ڄار يا ڪنديِ (سن ـ ڪُنديل).

لڙهون: واحد ـ لڙهـ= مالها.

سريون: واحد ـ سري= هار، لڙهـ، تسبيح،

آهيڙين: واحد- آهيڙي= شڪاري، چهڙو، (سن ـ آڪيٽڪ).

۱۱. **ڪوئيون:** نيلوفر يا پپڻ جو مڪڙيون.

گرا: بدشڪل.

پاهان: پوئتي پير، (پاهون= پوئتي)، (پشچ).

۱۲. **رمـ:** ڪنهن شي جي ڦاسائڻ لاءِ ڏوري، ڪنديِ.

گوشائت: گمنام، گوشي نشين، (ف ـ گوشـ).

ڏم: شور، هُلُ غلغلو، ڏوم، ڏما ڏم، ڏوڪ ڏوڪ، ڪاهه، (سن ـ ڏوم).

۱۳. **احتياج:** ضرورت، گهرج، احتياط، اڳواٽ سنيال، خبرداري.

۱۵. **ميائيون:** واحد ـ ميائي= اها جاءِ جتي مهاڻا مڇي ماري ڏڪ ڪندا آهن.

ابواب نه انگ: نه محصول نه حساب.

اوڍن: پائڻ، پهرڻ، (گ ـ اوڍون ، سن ـ اُدوڍ).

اڃاڪ: بي پرواهه، ڏکيو، (سن ـ وڪر، هـ ـ اڙ+ بنگا).

۱۶. **ٽکر ٽلا:** سڄا سکٽا، خالي، (هير ـ ٽلو).

ٽر: هڪ هنڌ، گڏ، (سن ـ سُتين).

ٽلا: ٽلهو، ڏڳ، ڏير، (ع ـ تل).

لاڏڪيون: لاڏ ڪندڙ، ناز نخرو ڪندڙ، (لاڏ= ناز نخرو، انگل)، (سن ـ لاڍ).

رس: ميڙ، محبت، مصلحت، صلاح، (س ـ رسْ).

رلا: تکو گهمڻ، (جيئن گهوڙي جي قدم کي رلو چون).

ڪلا: مٽيا، جوت، روشني، سونهن، (سن ـ ڪلا).

اڳلا سڳلا: ميرا ڪوجها، گندا گدلا، (سن ـ آگهل).

۱۷. **حريران:** ع ـ حرير، ريشمي يا پٽ جو ڪپڙو.

حلا: لباس، پوشاڪ، وڳو، (ع ـ حُلو).

چوتيون: چوتو= چيلهه جو ڪپرو، گوڏ، لانگوٽ، (سن ـ چوتي).

چوڪلا: ريشمي تند سان سوتي ڪپڙو، (سن ـ چڪر + اڪا).

۱۸. **ڀور:** ڀيوت، چار، رک، مٽي، خاڪ، (سن ـ وِيوت).

سالو: شال، دوشال، (ف ـ شال).

سالور: ويس وڳا، سڳڙ سات، ڪپڙي جو قسم، ريشمي وڳو، هار سينگار، (گ ـ هـ ـ م ـ سالو+ ر، ف ـ شال).

حور: پري يعني نوري.

مذڪور: ع ـ يادگيريون، پچار، ذڪر.

حضور: حاضري، موجودي، روبرو، (ڏٺيءَ اڳيان حاضري، جام سمي جي دربار).

١٩. **لانگوٽيو:** لانگوٽي ٻڌل، (سن ـ لنگو سَتر).

وهه: چربي، (سن ـ وسا).

وهل: مچيءَ جون ٻوريون.

لاشيون: سادیون، **ڪوجهيون:** (واحد ـ لاشي)، (ف ـ لاشہ).

خاشيون: خاصيون، عمديون، چگيون، (واحد ـ خاشي)، (ع ـ خاصي).

ڪماشيون: ڪوٽون، گهٽتايون، (ف ـ ڪمي+ آشون).

مورائو: مچيءَ جو قسر.

حريص: (ع ـ حرص) لالچي.

مجليس: (ف ـ جلسہ) مجلس، صحبت، ميڙ.

اطليس: ع ـ اطلش جا ويڇوٽا.

سرسا: سرس، زيادتي، گهٽائي، (شريش).

هيس: سڌ، خواهش، شوق، (ع ـ هَوَسَ).

حديث: ع ـ گفتگو، خبر، ڳالهہ ٻولهہ، رسول صلعم جن جو قول.

اڻون: ءِ.

آسيس: دعا (آسيش ـ آ= ساڻ + شاس= حڪم هلائڻ).

٢١. **شغل:** ف ـ شادمانو.

ناٽ: مالڪ يعني جام سمو، (سن ـ ناٽ).

سهل: آسان، سهوليت وارو، سولو، (ع ـ سهل).

جهوپو: جهوپڙي، پکو، ٻنگو، (سن ـ جهوپا).

٢٢. **چٽ:** بوءِ، بانس، (هير ـ چَنٽو).

لاجو: رسو، نوڙي، هتي ٻڌڻ، (سن ـ رَجو).

سر لاجو سر پٽ: مٽي تي پٽ جا پٽڪا.

مشرو: (ف ـ مشروع) سٽ ءِ پٽ جو گڏيل ڪپڙو.

٢٣. **بافتن:** ڪپڙي جو قسر، (ف ـ بافتہ).

گندي: رلهي، ڪٽي.

گودڙي: فقيراڻي پوشاڪ، چتين لڳل پوشاڪ، (سن ـ ڪنٿا).

جوڙيون: ڪپڙي جو قسم.

رپو: روپو، چاندي، (سن ـ روپيم).

روڙيون: ٽڪرا، ايٽيون، (سن ـ لوشت).

پانور: ٽر جو ڏاڪڻ پاڳو، هٿي نوريءَ جو گهر يا پاسو، (سن ـ پراور= ويڑهه، جهنگ).

قناتون: ع ـ شاميانن جي پاسي چوڌاري ڪپڙي جا پردا.
(ڪافي)

ڪانڊ: اي پتار- مڙس، خاوند (سن- ڪانتَ).

پي در نہ ڪاميان: پي در تي نہ وڃان.

سگَ: مائٽي- لاڳاپو، ناتو، سنگت، ڀانهن، نسبت (سن- سَنگ).

پَا: پڪو، جهوپڙي، لَهر، (سن- پَڪشَ).

داستان ٽيون

١. **راج :** راض، راضپو، مهرباني، (ع ـ راض).

ڪڙم: قبيلو، مٽ مائٽ، (سن ـ ڪٽمب).

٢. **سام:** اجهو، پناهه هيٺ، امانت، بلي، (سن- شرام).

٥. **نيلن جا ناڻا:** اڻ ميا خزانا، نيل = سو ارب جو عدد).

نذر: ارداس، نذرانو.

٧. **طناب:** (ع) رسي، تنبو جي نوڙي.

ناد: بگل، (سن ـ ناد).

ناطقا: (ع ـ نطق = زبان، ڳالهه) ڳالهائيندڙ.

رود ـ رباب: ف ـ ع ـ وڄائڻ جا ساز.

پي مهاب: پي مروت، (ف ـ پي+ محابا).

تر: ع ـ ختر، پورو.

٨. **کاٹا:** (کائڻ = ساڑڻ، پچڻ) سڑيا، (سن ـ ڪُشام).

دمپختن: دم يعني هاڻ تي تيار ٿيندڙ کاڌو، (ف ـ دم+ پختن = پچائڻ، رڌڻ).

٩. **مکڑيون:** مکڑي= ٻيڑي، (سن ـ مگي).

جھونگا: واحد ـ جھونگو= ڪيو، (پرا ـ جُھک، سن ـ ڪشپ= ڪر).

١٠. **ڪاريون:** جنيون، ظلر.

١١. **ڏوڏا:** پيٽ جا سڪل ڏوڏا.

پاپوڙا: واحد ـ پاپوڙو= پيٽ جي پن ۾ ٽڪي، جنهن جا پن بلڪل ويڪرا ٿين جي پاڻ مٿان چانيل رهندا آهن، (سن ـ پدمني).

١٣. **ويل:** (سن ـ ويلا= وڃڻ، پرا ـ ويلا) وقت.

ميل: ميڙو، ميلاپ، (سن ـ مل = گڏ ٿيڻ).

سيلابين: پاڻي اندر رهندڙ، (ف ـ سيلاب= پاڻي جو وهکرو، پاڻي ۾ گھيريل).

زبونن: زبون ٿيل، بيوقوف، عاجز، خراب هالو پولو،نماٹو، (ف ـ زبون).

ڏيل: چيز جو اضافي پاڳو، (ف- دامن).

لالين لاڻو: لعل يا جواهر لڳائيندڙ. لعلين= هڪ خوشنما سرخ گل جو قسر.

جڙاؤ: موتين لڳل، جڙاءُ، جڙت ٿيل زيور، (هيرـ ـ ڏن- جديد).

١٥. **ٽيلر:** ف ـ قيمتي جواهر جو قسر.

قلابات: ع ـ زري پريل پٽ جو ڪپڙو.

چڪر: زردوزي جو ڪر، پرت جو قسر، (ف ـ چڪن).

١٧. **ڪکيرين:** مهاڻين (ککي= ميچي) کک هاڻيون.

آريون: آر= انگل، ناز، قرب، (سن ـ ارتي، م ـ آر).

ڪناريون: زريءَ جي ڪناري سان ريشمي شال.

زاريون: ف ـ واحد ـ زاري= عاجزي، روئڻ، ضعيفي.

١٨. **بي آب:** اب= آبرو، عزت بي عزت، بي آبرو.

جوڙ جواب: جنهن جو جواب نه هجي.

١٩. **لوڙهن:** واحد ـ لوڙهه پيٽ جي پاڙ، پيٽ جي پاڙ مان نڪتل گول ڪاري رنگ جو ميوو، جو کائڻ جي ڪر اچي، (سن ـ لوشت).

لڙهه: لالچ، طمع، ٹيڪ، آڌار.

لڙڻي: لڙو پاڻي، درياهه جو پاڻي، چڙيو پاڻي، (سن ـ لوڊن).

لڙهيون: لڙهڻ، ترڻ، تڙڪڻ.

ڪلالن: واحد ـ ڪلال= ڪوڙو، (سن ـ ڪ = خراب+ لل).

ڪونڊل: گهوڙو، گهوڙي، (ف ـ ڪوتاوال).

ڪڙهه: طنبيلو، (سن ـ ڪٺ).

ڇڪ ڇڙيون: آزاد گهمڻ، (سن ـ ڇٽ).

تازي: ف ـ تکي گهوڙي جو قسم.

٢٠. **هپيون:** هپ، ٽڪجڻ، ناااميد يا ملول ٿيڻ، تڪڙو ساهه ڪڍڻ.

پن: بيڙل پاڻي ۾ اُپريل گاهه، (سن ـ پرڻ).

ڇيهن: ڇيهو= نقصان.

لڏيون: لڏڻ، اڏائڻ، خرچڻ، ڦرڻ، (سن ـ لڏن، لٽ = ڦرڻ).

٢١. **لول:** بيوقوف، واهيات، چريا، بي حيا، (سن ـ لل ، ف ـ لول).

ڏڏي مڏي: مال ملڪيت، جاءِ جڳهه، (اصطلاح).

جهروڪين: جهروڪ: محل، ماڙي، جاءِ، ڳڙڪي، ڪٺهڙو، (گ ر ـ هـ ـ جهروڪا، سن ـ گوڪش = گٹونءِ جي اک).

جهول: جهولڻ، لڏڻ، خوشي ۾ ڪنڌ ڏوڻڻ، مزا ماڻڻ، (سن ـ دُل).

غلم: ف ـ گلم، غاليچو.

غاب: طشت، ٽالهه، خونچا.

طول: ع ـ وڏا وهاٽا.

غمزا: سخت نچوڙ، تنگ وڻڻ لڏڻ، اکين جا اشارا ڏيڻ، تهمت ڏرڻ، سخن چيني.

غول: ع ـ ديو، جن، انبوهه، ميڙ، گروهه.

اولجلول : احمق، بي سمجهه، ايڏنگو، (هـ ـ اولجلول).

الول: آکڙ، ٽاڻ، عيش، سک، (سن ـ اَ= ساڻ+ لول).

٢٢. **لس:** لسيون، ڪابه لسي شي.

چر: پاڻي جو متاڇرو، اٽل، ليٽ.

چُوٽيون ـ چوٽ، آزاد، معاف. (سن ـ چُٹ= چڏڻ).

ٽوٽيون: واحد ٽوٽ= چٽي، نقصان، (سن ـ ترٹ).

ڪري ڪوڙي: سچي ڪوڙي، (سن ـ ڪرا+ ڪو ٹک، ڪوٹ= ڪوڙ).

(ڪافي)

سونهاڻ: واقف- رهنما، واٽ جو ڄاڻندڙ.

حضور: حاضري- موجودي، ڏٺي اڻيان حاضري.

داستان چوٽون

١. **مرڪ**: فخر، وڏائي، دستور، لڄ، عادت، لائق، پاڻ کي چڱو سمجهڻ، (پرا ـ پل، سن ـ يدر).

طريل: ڪلنگي وارو، بادشاهه، (ع ـ طره+ ايل).

طريلُ: (ع ـ ف ـ طرير) خوبصورت مرد، خوش لقا.

٢. **اخلاص**: ع ـ سچائي، نيڪ نيتي، سچي دوستي.

واس: خوشبوءِ مڪڻ، ڏوپ ڏيڻ، (سن ـ واس).

زرباف: زري دار ڪپڑا، ڪيمخاب، (ف ـ زر+ بافتہ. بافتن = اُ ٹڻ).

٣. **جڙاؤ جوڙا**: موتين لڳل لٽا، جوڙو= سٽڻ ، قميص.

ڏوڙا: ٻيٽا، وڏا، ڳرا، (سن ـ دو = ٻہ + ڙا).

٤. **اروڙ**: ڏگ.

موڙ: سهرو، مڪٽ، ڳانا، جهاڀا، (سن ـ مول).

٥. **ماڻ**: توري، (پرا ـ ماڻ، سن ـ مان).

ڪاڻ: واسطي.

٧. **لڪڏين**: (ٹ= ٹئين+ ڪنڊ= ڏيهہ، ملڪ) ٹئين ڏيهہ (جهان)، يعني آخرت جا، جتي مرڻ بعد وڃڻو آهي.

١٠. **لولاكين:** رولاڪ، (سن ـ لل).

لوٽ: آڪڙباز.

لوٽ: لٽيل ڪم، (سڌ).

الوٽ: نشي ۾ چُور، مگن، (سن ـ آ= چوڌاري+ للت= ويڙهيل.

لک لوٽ: لک لٽائيندڙ، (پرا ـ لڪک، سن ـ لڪش، پرا ـ لنٽا، سن ـ لنٽا، لٽ= ڦرڻ).

بنوريون: واحد ـ بنوري= وني، ڪنواري ڇوڪري، ڪنوار، (هـ ـ بني).

سيل: ف ـ سير، تفريح.

سوٽ: سخت، (سن ـ س= چگو+ سوت = وٽيل).

هڪ ڪلهين الخ : هڪ ته ڪلهن ۾ ڪنول جا گل وجهي سير ڪن ۽ پيو پنهنجي سخت منهن ڪي لائن.

١١. **ڪُلين:** سمورا، (ع ـ ڪُلّ).

دشالا: ريشمي بوچڙ يا رڻو، (ف ـ شال).

سائين: واحد ـ ساڻي= مڃي وڪٽندڙ ۽ ماريندڙ، مهاڙو.

اپٽ: اپٽار: اپٽڻ، ڪولڻ، وائڪو ڪرڻ، پٽڻ، (آ= مٿي، پٽ = ڪولڻ).

اڪٽ: اڻ ڪٽندڙ، بي شمار، (ڪ ـ اَڪٽ، سن ـ ا = نہ+ ڪٽ = بس ڪرڻ).

١٢. **ماڳهين:** اصل ڪان، شروع ڪان، مورائين، اتي جو اتي (سن ـ مارگ+ اهير).

چوتي: چوتو، چيلهه جو ڪپڙو، گوڏ، چتڙ ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو، (سن ـ چوتي).

١٣. **زربادلي:** زردوزيءَ جو ڪم (ف ـ بافته).

چڪير: ڪلنگيءَ واري، طري واري، جوڏي، شهزادي، هتي اشارو نوري ڏانهن (سن ـ گچ + ايز). نوري زري ۽ زربادليءَ ۾ پري پئي آهي.

سهجون: سهج مان، خوشيءَ مان، (سن ـ سهجا).

هيجون: هيج مان، محبت يا شوق مان، (سن ـ هرديه).

ڳاڻاٽي نہ ڳڻي: بنا ڳڻڻ جي، (سن ـ گنن، گن = ڳڻڻ).

١٤. **طرا:** جواهرن جڙيل پٽڪا، (ع ـ طره).

زرا: نرباز، (ع ـ جرہ).

کرا: (ف ـ کرھ) گھوڑا، بھاٹ. .

۱۵. **جھپ:** جھپٹ، ولوڑٹ، گھمائٹ، (سن ـ کُشپ).

رپ: پٹڑو پت، (سن ـ دروَ).

۱۶. **گیرب گاء:** ھٹ، وڈائي، مغروري، فخر، (سن ـ گرب + گروَ).

۱۷. **پن:** رَچَ، چار.

۱۹. **دانایون:** سیاٹیون، (ف ـ دانا).

دعویٰ: ع ـ ھار، دم، حجت.

مضمون: ع ـ مقصد، مطلب، ارتَ، مراد.

رایون: رائٹ، ریجھائٹ، پرچائٹ، راضي کرٹ، (سن ـ رنجن).

چت: چتائي مان، (سن ـ چتر).

سایون: سموریون.

۲۰. **پکو:** جھوپڑي، مکان، اجھو، کوٹ، (س ـ پکش= پکو).

جُلي: جَلٹ، ھلٹ، (سرا ـ جَلٹ، سن ـ چلن، چل = گھمٹ).

منھین منھین: ھرھک منھن پر یا جھوپڑيء پر، (سن ـ منڈپ).

مَسندان: طول وھاٹا، گادیلا، تخت، (ع ـ مسند).

پاس: وٹ، پاسي پر، ڈانھن، پر پر، ویجھو، (پار شوَ).

جھلي: جھلٹ، جھولٹ، لڈٹ، (سن ـ دُلن، دل = لڈٹ).

چولي: لھر، موج، (گ ـ چور).

چُلي: چلٹ، چلکٹ، ھلٹ، ترٹ، لڈٹ، کاھٹ، (اچلَنَ).

مالک موتین الخ: ھیرا ءِ جواھر لھرن وانگر پیا لڈن.

سُر کنيات

داستان پهريون

کنيات : راڳڻيءَ جو نالو. گجرات جي اولهه ۾ کنيات جي نار تي کنيات جو شهر هڏل آهي، جنهن جو نالو هن سر تي پيل آهي. کنيات آڳاٽي سمي ۾ مشهور بندر هو، جنهن جو واپار ديسان ديس هلندڙ هو. هن سُر کي سُر ڪماچ ۾ چوندا آهن. هيءَ سُرَ رات جو ٻي پهر ڪان ڳائڻ شروع ڪبوآهي. هن سر ۾ سرمست سائين پنهنجي بيڪسيءَ ۽ بي وسيءَ جو پورو پورو فوٽو ڇڪي وري مارن سان ميلاپ جون اميدون ڏيکاري من کي ڏيرج ٻي ڏنو آهي.

۱. **مارن:** واحد- مارو جهانگي، ٺر جو رهاڪو. هتي مٽ مائٽ. (سن ـ مار، مر= برپٽ).

پکڑا: ڪکن جا گهر يا جهوپڙيون (سن ـ پکش).

جال: گهٽا، (س ـ جال).

پنهوار: (پهو= ٻکري + آر) ٻکرار، ڏنار، يعني مارو.

۲. **وس:** وسڻ، آبادي، آسودگي، وسندي جتي مينهن جي وسڻ ڪري ساول هجي.

واهٽين: (واهڻ= ڳوٽ) ڳوناٽا، ٺري، (سن ـ وَسَن).

پانور: ٺر جو ڏاڪٽو پاڳو جنهن کي پائر چون، (سن ـ پراور).

واسيائون: واسڻ، واس ڏوپ ڪائڻ، خوشبوءِ ڏيڻ، سرهو ڪرڻ، (سن ـ واسن).

ٺريحا: ٺر وارا، ديسي، ويڙهيچا، (سن ـ سنڌ + چا).

تائون: تنهن وقت کان.

اڪند: سڪ، اڪير، شوق، ذوق، (سن ـ أتكنت).

۳. **پاجهون:** سواء (سرا ـ پاجهون).

۴. **سنگهار:** (سنگهه= ڏڻ + آر) ڏنار، مارو، مالدار.

لڪ: لنگهه، جبل، درد، (سن ـ لنگهه).

اجڙ ڏار: (آجا= پڪري+ ڏار = ڏاريندڙ) ٻڪرار، ڏنار.

٥. **ويڙهيچا**: جهانگي، مارو، اعرابي، (سن ـ ويشٽ).

وريام: بهادر، سياڻو، (سن ـ ويريوان).

مدادم: ف ـ هميشه، لڳاتار، هروقت خيال، آسرو، ڪر.

سانگ : سانگو، سبب، اتفاق، (سنگتي).

سانگ وڃڻ: ڪنهن سانگي يا سبب ٻاهر وڃڻ.

تيلهان: تڏهن، تنهنڪري.

سچل چيئر

شاھ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور سنڌ

Printed By :
Indus Delta Communication.
Karachi. Tel : 5682384.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.